# ڳالهيون منهنجي سنڌ جون



سيد حسام الدين راشدي

غلام محمد لاکو

سنڌي ادبي بورڊ

# ڳالهيون منهنجي سنڌ جون

(مقالا، تقريرون، خط ۽ انٽرويوز)

سيد حسام الدين راشدي

مرتب:

غلام محمد لاکو

سنڌي ادبي بورڊ

ڄام شورو سنڌ

2007ع

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

[هن ڪتاب جا سڀ حق ۽ واسطا سنڌي ادبي بورڊ وٽ محفوظ آهن]

| | | |
|---|---|---|
| ڇاپو ٻھريون | سال 1992ع | تعداد ٻہ هزار |
| ڇاپو ٽيون | سال 2007ع | تعداد هڪ هزار |

قيمت: ٻہ سؤ رپيا

[Price Rs. 200_00]

خريداريءَ لاءِ رابطو:

**سنڌي ادبي بورڊ ڪتاب گھر**

تلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ

(Ph: 022_2633679, Fax: 022_2771602)

Email Address: sindhiab@yahoo.com

Website: www.sindhiab.com

---

هيءُ ڪتاب سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي ۾ ڇپيو ۽ اعجاز احمد منگي، سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ، ان کي پڌرو ڪيو.

# فهرست


چپائيندڙ پاران ........ 7

مقدمو ........ 9

(الف) **مقالا، تقريرون ۽ خط**

1. مغل شاهي زماني ۾ هندن جي فارسي تعليم ........ 31
2. غلام شاهہ راشدي ........ 38
3. فتاوي عالمگيريءَ جا ٻہ سنڌي مؤلف ۽ سندن بزرگ ..... 49
4. سنڌ جي تاريخ جا ماخذ ........ 62
5. مرزا شاهہ حسين ارغون ........ 71
6. سنڌ ۽ ايران جا لاڳاپا ........ 77
7. مير علي شير 'قانع' ٺٽوي ........ 115
8. قاهره ميوزم ۾ چند گهڙيون ........ 120
9. مولانا محمد شفيع لاهوري ........ 129
10. سنڌي ٻوليءَ کي للڪار ........ 145
11. سلطان محمود بکري ۽ شاهہ طهماسپ صفويءَ جا لاڳاپا ........ 148
12. سنڌ جا تاريخي ۽ سياسي خط ........ 162
13. منهنجو علمي ۽ فڪري سفر ........ 175
14. فردوسي ۽ شاهہ نامي جو سنڌ تي اثر ........ 178
15. اصفهان جي هڪ يادگار شام ........ 210
16. فقير عبدالغفور ........ 222
17. سچل سارو سچ ........ 226
18. هڪ يادگار تقرير ........ 235

19. سچل ڪان پوءِ ........ 243
20. چار خَطَ ........ 253

(ب) **پيش لفظ، مهاڳ**

1. تعارف ........ 259
2. گذارش ........ 262
3. شاهہ جو پيغام ........ 268
4. بہ اکر ........ 271
5. پيش لفظ ........ 273
6. حقيقت حال ........ 282
7. ديباچو ........ 286
8. مهاڳ ........ 292

(ت) **انٽرويوز**

1. خصوصي ملاقات ........ 301
2. پير حسام الدين راشديءَ ڪان انٽرويو ........ 311
3. اروڙ جي مٽيءَ جي سڳنڌ ........ 319
4. پير حسام الدين راشديءَ سان هڪ پريور انٽرويو ........ 338
5. سنڌ جي مٽيءَ جي خوشبو ........ 367


------

# ڇپائيندڙ پاران

ڪتاب "ڳالهيون منهنجي سنڌ جون"، سيد حسام الدين راشديءَ جي مقالن، تقريرن، خطن، انٽرويوز ۽ مختلف ڪتابن تي لکيل مُهاڳن تي جُڙيل آهي. بورڊ پاران سيّد حسام الدين راشديءَ جي پنجويهين ورسيءَ (1- اپريل 1997ع) تي هن ڪتاب جي ٻئي ڇاپي جي پڌرائي، اصل ۾ سنڌ جي هڪ تاريخ دان، عالم ۽ ڏاهي جي اُملهه پورهئي جي پڌرائي آهي. هن ڪتاب جي مواد جي سهيڙ ۽ نئين مواد حاصل ڪرڻ لاءِ بنيادي ڪم سنڌ جي نامياري تاريخدان محترم ڊاڪٽر غلام محمد لاکي جو ڪيل آهي، موجوده ڇاپي ۾ واڌارن ۽ سڌارن سان سموري سُوڌ سنوار سوڌو ڪتاب لاءِ مهاڳ نئين سر لکي ڏيڻ وارو اهم ڪم به ڊاڪٽر غلام محمد لاکي صاحب جو ڪيل آهي.

هن ڪتاب جا سمورا موضوع سنڌ جي تاريخ ۽ ادب جو هڪ ڀرپور جائزو پيش ڪن ٿا، ان لحاظ سان هن ڪتاب جي ٻئي ڇاپي جي پڌرائي منهنجي ايامڪاري ۾ ٿيڻ تي فخر محسوس ڪريان ٿو.

اميد آهي ته هي پورهيو سنڌ جي تاريخ ۽ ادب سان چاهه رکندڙن وٽ مان لهندو.

**اعجاز احمد منگي**
سيڪريٽري
سنڌي ادبي بورڊ

ڄام شورو سنڌ
ڇنڇر ۴- ربيع الاول ۱۴۲۸هه
بمطابق 24- مارچ 2007ع

# مقدمو

## (ٻيو ڇاپو)

سال 1972ع ۾ مون وڌيڪ تعليم لاءِ گورنمينٽ ڪاليج نواب شاهه ۾ داخلا ورتي. اهو سال سنڌ جي جديد تاريخ ۾ وڏي اهميت رکي ٿو. موري جو عبدالرزاق سومرو حيدرآباد ۾ شهيد ٿيو. ذوالفقار علي ڀٽي جي حڪومت نئين دستور جي تياري ڪئي. سنڌي زبان جو بل سنڌ اسيمبليءَ پاس ڪيو. سنڌ اندر زبان جي مسئلي تي پهريون ڀيرو زبردست ڇڪتاڻ پيدا ٿي. ان طرح ڪيئي ٻيا ننڍا ننڍا مگر اهم واقعا ٿي گذريا. ان صورتحال ۾ سوين رسالا، مخزنون ۽ ڪتابي سلسلا نڪري نروار ٿيا. سنڌ اندر موجود ان زبردست بي چيني ۽ پڻ نئين سجاڳيءَ جي پس منظر ۾، مون پنهنجي دوست غلام علي باگاٽيءَ جي صحبت ۾ ادب پڙهڻ شروع ڪيو. ان ريت سنڌي ساهت پڙهندي، رسالا ميڙيندي ۽ ڪتاب گڏ ڪندي، منهنجي ذهن کي مهميز لڳي ۽ آهستي آهستي سنڌ شناسيءَ (Sindhological Studies) طرف توجهه ويو جو اڄ سوڌو برقرار ۽ جاري آهي!

سنڌ شناسيءَ جي ان ابتدائي مرحلي وقت؛ جن اديبن، عالمن ۽ محققن سان شناسائي پيدا ٿي، بلڪ دلي ۽ روحاني سلسلو قائم ٿيو انهن اسڪالرن ۾ سيد حسام الدين راشدي مرحوم جو نالو سر فهرست آهي. تاريخ ڪلهوڙا تي سندس لکيل مهاڳ، پهرين لکت هئي جيڪا مون پڙهي. سنت پوءِ اپريل 1973ع ۾ "سنڌي پبليڪيشن" ۾ راشدي صاحب جو انٽرويو پڙهيم، جيڪو مسٽر خان محمد پنهور جو ورتل هو. ان بعد هن مثالي سنڌي مؤرخ ۽ اسڪالر جا ڪتاب، انٽرويو مقالا ۽ ڪڏهن ڪڏهن اخباري بيان: مطلب ته جو ڪجهه به ڏسبو هو سو خريد ڪري پڙهبو هو. يا وري ڪاليج ۽ پوءِ جي زماني ۾، يونيورسٽيءَ جي ڪتبخاني مان هٿ ڪري نظر مان ڪڍبو هو. 1976ع ڌاري خود مون به لکڻ لاءِ هٿ

پير هٿڻ شروع ڪيا[1]. تاريخ 27 آگسٽ 1977ع تي 60 الحمرا ڪراچيءَ ۾. راشدي صاحب سان پهريون ڀيرو مفصل رهاڻ ٿي. سال 1979ع ۾ سندن ڪتاب "مير محمد معصوم بکري" ڇپيو ته، ان تي مون هڪ تنقيدي تبصرو لکيو جو رسالي "مهراڻ" (1981/2ع) ۾ شايع ٿيو. جنهن کي خود مصنف به پسند ڪيو. ان طرح سنڌ جي هن برک عالم سان منهنجو باقاعده تعلق پيدا ٿيو. ميل ملاقات ۽ خط و ڪتابت، سندن زندگيءَ جي آخر تائين جاري رهي. منهنجو هڪ مضمون سنڌالاجيءَ جي رسالي ۾ ڇپجي نه سگهيو جو پاڻ رسالي سه ماهي "اردو" (2/ 1981ع) ۾ ڇپرائي ڏنائون. سال 1981ع جي پڇاڙيءَ ڌاري مون سندس ڪتاب "سنڌي ادب" سنڌي ترجمي، حاشين ۽ وضاحتن سان شايع ڪرايو. هي ڪتاب کين 28 ڊسمبر 1981ع تي پيش ڪيو ويو. هي اسان جي آخري ملاقات ثابت ٿي. سيد حسام الدين راشدي پهرين اپريل 1982ع تي وفات ڪئي ۽ هميشه هميشه لاءِ وڃي مڪليءَ جي تاريخي قبرستان ۾ آرامي ٿيو!

* * * * * *

يارهين صديءَ جي ابتدا ۾ سيد علي موسوي سنڌ ۾ داخل ٿيو. روايتن موجب هو اچي "لڪي" ۾ رهيو. علي ۽ لڪي، گڏجي "لڪعلوي" کي جنم ڏنو. سيد صاحب جي شادي دلوراءِ جي نياڻيءَ سان ٿي، جنهن مان جيڪو اولاد ٿيو ان کي "لڪياري" ساداتن جو نالو مليو. هن سيد جي ويهين پشت مان سن 1135هه/1722ع ۾، پير محمد بقا ڄائو هو. هن سنڌيءَ ۾ شعر چيو. سندس ڏوهيڙا اڄ به ملن ٿا. راهه ويندي سن 1190هه/1776ع ۾، پير صاحب چورن هٿان شهيد ٿي ويو. کيس هڪ پٽ پير محمد راشد جي نالي سان هو. جو سن 1170هه/1756ع ۾ ڄائو هو. هن علم ادب جي خدمت ڪئي ۽ متعدد ڪتاب ترتيب ڏنا. هن پير صاحب جو اولاد اڳتي هلي "راشدي" خاندان جي نالي سان مشهور ٿيو. محمد راشد سن 1223هه/1808ع ۾ وفات ڪئي. راشدي خاندان گذريل ٻن صدين کان، سنڌ جي تمدن، سياست ۽ علم ادب جي خدمت ۾ مصروف رهندو پيو اچي.

---

(1) منهنجي پهرين مختصر لکت "سنڌ جو ايران جي حوالي ٿيڻ" عنوان سان، حيدرآباد جي ڊيلي آفتاب 13 فيبروري 1976ع تي ڇپي هئي.

سنڌ جي هن محسن خاندان ۾ ويهين سيپٽمبر 1911ع تي، اسان جو نامور عالم ۽ مشهور محقق توڙي مؤرخ پيدا ٿيو جنهن جو نالو "حسام الدين" رکيو ويو. اڳتي هلي هي اعليٰ انسان ادبي تذڪرن ۽ تاريخن ۾، سيد حسام الدين راشديءَ جي نالي سان مشهور ٿيو. روايتي ڳوناٺي تعليم بعد ويهن سالن جي عمر ۾، پاڻ سکر پهتو ۽ "سنڌ زميندار" اخبار سان وابسته ٿي ويو. جنهن جو ان وقت ايڊيٽر، سندن وڏو ڀاءُ پير علي محمد راشدي هو. صحافتي دنيا ۾ رهندي اڳتي هلي ٻنهي ڀائرن "ستاره سنڌ" نالي پنهنجي اخبار پڻ سکر مان جاري ڪئي، جنهن جو ايڊيٽر سيد حسام الدين راشدي بڻيو. هت رهندي پاڻ علم ادب جي دنيا ۾ ٻه قدم رکيائون. ڀهريان شعر چوڻ جي مشق ڪيائون[1]. بعد ۾ فڪشن ۾ پڻ طبع آزمائي ڪيائون. اهڙا ڪجهه افسانہ "المنار" ۾ ڇپيا، جو حافظ عبدالحميد پٽي مرحوم ڪڍندو هو. 1947ع تائين سکر ۽ ڪراچيءَ ۾ صحافت ۾ سرگرم رهيا. سنڌ مسلم ليگ ۾ ٻہ ڪم ڪيائون. زميند اري ٻہ ڪيائون ۽ فڪشن سان گڏ نوس علمي عنوانن تي ٻہ قلم کنيائون.

قيام پاڪستان کان پوءِ سياست، صحافت ۽ زميندارىءَ جهڙن مشغلن کي ڇڏي، مستقل طرح ڪراچيءَ ۾ رهائش اختيار ڪيائون. ان طرح باقاعده تصنيف، تاليف ۽ تحقيق جي دنيا ۾ قدم رکيائون. پاڻ سنڌي ادبي بورڊ کان وٺي مرڪز تحقيقات فارسي اسلام آباد تائين، ڪيترن ئي ادبي، علمي ۽ تحقيقي ادارن لاءِ ڪم ڪيائون. ڪيترن ادارن جا باني رڪن ڏسجن ٿا. متعدد ادارن جي گورننگ باڊيءَ تي رهيا ۽ ملڪ جي مکيہ يونيورسٽين سان پڻ لاڳاپيل رهيا. راشدي صاحب جو ڪتابي ورثو فارسي، سنڌي ۽ اردو ٻولين ۾ موجود آهي. ٽنهي ٻولين ۾ مضمونن ۽ مقالن جو ٻہ وڏو تعداد ڇڏيو اٿن. سندن مطالعي جو خاص مرڪز سنڌ جا فارسي ماخذ، اوليائن ۽ شاعرن جا تذڪرا، سنڌ جي ادبي تاريخ جا سرچشما ۽ مکيہ مکيہ قديم آثار هئا. فارسي مطالعي ۾ سندن دائرو سنڌ کان ٻاهر هندوستان ۽ ايران تائين پکڙيل ڏسجي ٿو. سنڌ جي مؤرخ جي حيثيت ۾ ڪيئي ڪاميابيون حاصل ڪيائون، ۽ هڪ

---

[1] محترم حسين شاهہ جي روايت آهي تہ اهڙا ڪجهہ شعر وٽن محفوظ آهن.

تاريخدان جي حيثيت ۾ نون لکندڙن لاءِ نت نوان گس گهيڙ ۽ نقطا نروار ڪيائون. سندن تقريرن، تحقيق ۽ لکت ۾ سنڌ دوستيءَ جو عنصر نمايان ڏسجي ٿو. راشدي صاحب جي ادبي ڪاوشن جو دائرو ۽ خدمتون اڌ صديءَ تي پکڙيل آهن. سندن سوانح ۽ ساهتي سرمايي بابت هيل تائين، هي ڪتاب ۽ رسالن جا خاص نمبر ڇپجي چڪا آهن.

1. **پير حسام الدين راشدي نمبر:** سنڌي پبليڪيشن ڄام شورو، اپريل 1973ع، مرتب: خان محمد پنهور ۽ اعجاز سنڌي.

2. **پير حسام الدين راشدي نمبر:** ماهنامہ قومي زبان، انجمن ترقي اردو ڪراچي، ڊسمبر 1982ع، مرتب: جميل الدين عالي ۽ سيد شبير علي ڪاظمي.

3. **پير حسام الدين راشدي نمبر:** سه ماهي "مهراڻ" 1983/1ع، سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو، ايڊيٽر: نفيس احمد شيخ.

4. **پير حسام الدين شاهہ راشدي:** سووينئر بي ورسي، سنڌالاجي 1984ع، مرتب: مهتاب اڪبر راشدي.

5. **پير حسام الدين راشدي اور ان ڪي علمي ڪارنامي:** ڪراچي يونيورسٽي 1984ع، مصنف: مولانا صباح الدين عبدالرحمان هن ڪتاب جو سنڌي ترجمو امام راشديءَ ڪيو آهي.

6. **پير حسام الدين شاهہ راشدي:** سنڌ ثقافت ۽ سياحت کاتو ڪراچي، سال 1990ع، ليکڪا: فهميده حسين. هن ڪتاب جو اردو ترجمو همدرد فائونڊيشن پريس ڪراچي 1994ع ۾ ڇپيو آهي.

7. **پير حسام الدين راشدي نمبر:** سه ماهي "مهراڻ" 2/ 1997ع، سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو ايڊيٽر: نفيس احمد شيخ.

هي تہ اهي ڪتاب يا رسالا آهن، جي خاص مرحوم راشدي صاحب بابت آهن. سنڌ جي هن نامور اسڪالر ۽ اديب جي باري ۾، اهڙن سوين مضمونن ۽ مقالن جو پڻ پاڻ ڪي پتو آهي، جي مختلف رسالن، ڪتابي سلسلن ۽ اخبارن ۾ شايع ٿيا ۽ ٽڙيل پکڙيل حالتن ۾ موجود آهن[1]. ليڪن

---

[1]. پروفيسر محمد قاسم سومرو، اهڙي مواد جي ببليو گرافي تيار ڪري رسالي "مهراڻ" ۾ ڇپرائي آهي (نمبر 1، سال 1997ع).

نالي سان لکندا هئا[1]. سنڌي ساهت جي هن آڳاٽي ذخيري کي محفوظ ڪرڻ جي گهڻي ضرورت آهي. طويل افسانو "الزليخا" سن 2003ع ۾، ڊاڪٽر قريشي حامد علي خانائيءَ صاحب، نئين سر مرتب ڪري ڇپرايو آهي.

2. **اسلامي ڪتبخانه:** هي مختصر ڪتاب اطالوي خاتون مس اولنگا پنٽو پنهنجي زبان ۾ لکيو هو. ان جو پوءِ انگريزي ۾، پوءِ ان تان اردو ترجمو قاضي اختر جهوناڳڙهيءَ شايع ڪيو. ان اردو ترجمي تان بعد ۾ "ستاره سنڌ" اخبار جي مدير سيد حسام الدين راشديءَ، 7 جون 1937ع تي سنڌي ترجمو مڪمل ڪيو. هي ڪتاب سنڌ مسلم ادبي سوسائٽي حيدرآباد 1939ع ۾ ڇاپي پڌرو ڪيو. تازو رسالي "مهراڻ" 1984/2ع ۾ ان کي ٻيهر شايع ڪيو ويو آهي[2].

3. **سنڌي ادب:** هي ڪتاب اردو ۾ پاڪستان پبليڪيشن ڪراچي 1952ع ۾ ڇپيو. بعد ۾ ان جو روسي ترجمو مس ييگوروا رئيسه (Miss Yegorova Raissa) ماسڪو مان پڌرو ڪيو. مون "سنڌي ادب" جو سنڌي ترجمو سال 1981ع ۾، مصنف جي اجازت سان ڪيو ۽ ان کي گرامي پبليڪيشن دولت پور صفن شايع ڪيو. اردو ۽ روسي ايڊيشن ذريعي سنڌي ساهت جو اڀياس يورپ ۾ آسان ٿي پيو. ان کان علاوه سنڌي تذڪره نويسن به ان مان خوب استفادو ڪيو[3]. اپريل- مئي 1983ع جي ماهنامه "اظهار" ۾ اصل اردو ڪتاب وري ڇپيو آهي. سنڌي ترجمو 1996ع ۾ ٻيهر حيدرآباد مان ناز سنائي صاحب ڇپرايو.

4. **مهراڻ جون موجون:** سيد حسام الدين راشديءَ جي ترتيب سان، هن ڪتاب ۾ "نئين زندگيءَ" ۾ ڇپيل مضمونن، افسانن ۽ شعرن جو انتخاب ڏنل آهي. هي ڪتاب پاڪستان پبليڪيشن ڪراچي 1956ع ۾ ڇپيو. ان جو ٻيو ڇاپو 1964ع ۾ نڪتو.

---

[1] رشيد ڀٽيءَ جو مقالو هلال پاڪستان ميگزين، ص ص 69- 71، سيپٽمبر 1983ع، ڪراچي.
[2] اسلامي ڪتبخانه جو هڪ ايڊيشن سه ماهي "الرحيم" ۾ به ڇپيو آهي (ٻيو نمبر، بهار 1965ع).
[3] مون ان تي وڌيڪ روشني پنهنجي هڪ مقالي ۾ وڌي آهي (رسالو: سنڌي ادب، جلد9، سال 86-1985ع، سنڌالاجي).

5. **مثنوي چنيسر نامہ:** ادراڪي بيگلاري سنڌ جي عشقيہ داستان "ليلا چنيسر" تي مبني هي فارسي مثنوي 1010هہ/1601ع ۾ مڪمل ڪئي. هي ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ جي فارسي مطبوعات جي پهرين ڪڙيءَ طور 1956ع ۾ ڇپيو هو. سيد حسام الدين راشدي-مرحوم ان تي سنڌي زبان ۾ طويل مقدمو لکيو ۽ ان کي ايڊٽ ڪيو[1].

6. **مثنوي مظهرالآثار:** سيد جهانگير هاشمي هي فارسي مثنوي سن 940هہ/ 1533ع ۾ لکي. شاعر ارغون دور ۾ سنڌ آيو ۽ پوءِ حج تي ويندي ڪيچ مڪران وٽ 946هہ/1539ع ۾ مارجي ويو. مفصل فارسي مقدمي ۽ شاعر جي تصوير سان، هي مثنوي راشدي صاحب، سنڌي ادبي بورڊ ذريعي 1957ع ۾ شايع ڪئي.

7. **مقالات الشعرا:** فارسي گو شاعرن جي هي تذڪرو سنڌ جي مشهور اديب، مؤرخ ۽ شاعر، مير علي شير قانع سن 1174هہ/1760ع ۾ لکيو، جنهن ۾ 719 شاعرن جو احوال مليل ٿو. راشدي صاحب مفصل مقدمو فارسيءَ ۾ لکيو آهي. ان کان علاوه ڪتاب ۾ مفصل حاشيا ۽ چوٽيهہ عدد ناياب تصويرون بہ شامل ڪيل آهن. هي تذڪرو سنڌي ادبي بورڊ 1957ع ۾ شايع ڪيو.

8. **تڪملہ مقالات الشعرا:** مخدوم ابراهيم خليل ٺٽويءَ سنڌي جي فارسي شاعرن بابت، هي آخري تذڪرو سن 1307هہ/1890ع ۾ لکي تيار ڪيو. راشدي مرحوم ڪتاب ايڊٽ ڪندي، ان تي فارسيءَ ۾ مقدمو لکيو ۽ وڏي تعداد ۾ ناياب تصويرون، تعليقات ۽ فوٽ نوٽس شامل ڪيا. ابتدا ۾ مشهور ايراني اسڪالر آقاي سعيد نفيسيءَ جو پيش لفظ بہ هن ڪتاب جو سينگار بنيو آهي. سنڌي ادبي بورڊ هي تذڪرو 1958ع ۾ ڇپيو.

9. **تذڪرہ امير خاني:** سنڌ جي امير خاني سيدن بابت هي تذڪرو راشدي صاحب مرحوم سنڌيءَ ۾ لکيو آهي. مغل دور ۾ امير خاني سادات سنڌ جي سياست، تمدن ۽ ادب تي ڇانيل هئا. هن خاندان ۾ مير ابوالقاسم نمڪين، مير ابوالبقا اميرخاني ۽ ميرڪ يوسف تي

---

[1] ادراڪي بيگلاريءَ سنڌ جي تاريخ بابت مڪيہ ڪتاب "بيگلارنامہ" پڻ فارسي زبان ۾ لکيو هو، جنهن کي ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ايڊٽ ڪيو ۽ سنڌي ادبي بورڊ 1980ع ۾ شايع ڪيو.

گذريا، جن پنهنجي دور ۾ وڏي حيثيت ماڻي. هي منفرد تذڪراتي ڪتاب سنڌ جي تاريخ ۽ تمدن بابت معياري معلومات ڏئي ٿو جنهن جي آخر ۾ فوٽن جو پڻ وڏو تعداد شامل ڪيل آهي. سنڌي ادبي بورڊ "تذڪره امير خاني" سال 1961ع ۾ ڇپرايو. هن ڪتاب جو ٻيو ڇاپو 2005ع ۾ نڪتو جنهن ۾ راقم الحروف پاران لکيل واڌارا پڻ شامل ڪيا ويا. هن ايڊيشن ۾ پروف ريڊنگ جو احتياط نہ ڪرڻ سبب ڪيئي غلطيون رهجي ويون.

10، 11، 12، 13- **مثنويات و قصائد قانع:** هڪ جلد ۾ مير علي شير قانع جون چاره تصنيفون: مثنوي قضاوقدر، مثنوي محبت نامہ، مثنوي قصاب نامہ ۽ قصيدا منقبت شامل آهن. ابتدا ۾ راشدي صاحب طويل سنڌي مقدمو شامل ڪيو آهي ۽ بورڊ ان کي 1961ع ۾ شايع ڪيو.

14. **تاريخ مظهر شاهجهاني:** ميرڪ يوسف سنڌ جي تاريخ تي هي ڪتاب سن 1044هہ/1634ع ۾ لکيو، جنهن ۾ مغل دور بابت قيمتي معلومات ملي ٿي. سيد حسام الدين راشدي هن ڪتاب کي دريافت ڪيو ۽ ايڊٽ ڪندي ان تي اردو ۾ تفصيلي مقدمو لکيو ۽ آخر ۾ معلوماتي تعليقات شامل ڪيا. سنڌي ادبي بورڊ، تاريخ جو هي منفرد ڪتاب سال 1962ع ۾ ڇپيو. اداري ان جو سنڌي ترجمو پڻ 1979ع ۾ شايع ڪيو، جو نياز همايونيءَ جو ڪيل آهي[1].

15. **هشت بهشت:** هن ڪتاب ۾ مغل دور جي مشهور شاعر عطا جون اٺ فارسي مثنويون ڏنل آهن. مثنوين تي تاريخي توڙي ادبي نوعيت جو طويل سنڌي مقدمو سيد صاحب لکيو آهي جو پڙهڻ وٽان آهي. هي ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ 1963ع ۾ ڇاپي نروار ڪيو[2].

16. **منشور الوصيت و دستور الحڪومت:** والي سنڌ ميان نور محمد ڪلهوڙي هي مختصر رسالو سن 1163هہ/1749ع ۾ لکيو. اٺن

---

[1] هن ڪتاب جو انگريزي ايڊيشن "سنڌ انڊر دي مغلز" جي نالي سان، سال 1990ع ۾ اسلام آباد مان تاريخ ۽ تمدن بابت قومي اداري ڇپيو آهي. هي معياري ڇاپو ڊاڪٽر محمد سليم اختر جو آندل آهي.

[2] سنڌي ادبي بورڊ ان کان اڳ عطا جو فارسي ديوان بہ ڇپيو، جيڪو سيد محمد مطيع الله راشد برهانپوريءَ ايڊٽ ڪيو هو.

تاريخي ضميمن، وضاحتي سنڌي مقدمي ۽ ڪجھ تصويرن سان سينگاري، هي ڪتاب راشدي مرحوم سنڌي ادبي بورڊ لاءِ ايڊٽ ڪيو ۽ سال 1964ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو. سال 1996ع ۾ هن ڪتاب جو سنڌي ترجمو پڻ ڇپيو جو عبدالرسول قادري صاحب ڪيو. سنڌي ترجمو ٻيو ڀيرو 2005ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ ڇاپي پڌرو ڪيو آهي.

17. **ترخان نامہ:** هي ڪتاب سنڌ جي ترخان دور بابت آهي، جو ٺٽي جي سيد مير محمد سن 1065هـ/1654ع ۾ مڪمل ڪيو. راشدي صاحب ابتدا ۾ مفصل مقدمو فارسيءَ ۾ لکيو آهي ۽ آخر ۾ تاريخي نسب نامن ذريعي ڪتاب جي اهميت کي وڌايو آهي. سنڌي ادبي بورڊ ان کي 1964ع ۾ شايع ڪيو. مرزا عباس علي بيگ مرحوم جو ڪيل سنڌي ترجمو سنڌي ادبي بورڊ 1994ع ۾ ڇپرايو.

18. **ماڪ ڦڙا رابيل:** نئين زندگيءَ ۾ ڇپيل مضمونن ۽ مقالن جو انتخاب آهي، جنهن ۾ سنڌ جي تاريخ، ادب ۽ زبان بابت مستند معلومات ملي ٿي. پاڪستان پبليڪيشن لاءِ راشدي مرحوم هي ٻيو انتخاب ترتيب ڏنو جيڪو سال 1965ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو.

19. **مڪلي نامہ:** تاريخي قبرستان مڪليءَ تي مدفون نامور اميرن، بادشاهن ۽ وزيرن بابت، هي مختصر ڪتاب مير علي شير قانع، سن 1174هـ/1760ع ۾ فارسي نثر توڙي نظم ۾ لکي پورو ڪيو. ابتدا ۾ سيد حسام الدين راشدي مرحوم ان کي رسالي "مهراڻ" ۾ شايع ڪيو. بعد ۾ ڪتابي ايڊيشن تيار ڪندي، مٿس قيمتي حاشيا، تعليقات ۽ ضميما لکندي، فاضل ايڊيٽر "مڪلي نامہ" کي هڪ هزار صفحن تي شايع ڪيو. ان طرح هي ڪتاب نئوس تاريخي اهميت حاصل ڪري ويو جنهن ۾ سمن، ارغونن، ترخانن ۽ مغلن بابت وڏي معلومات ملي ٿي. هي سمورو ڪم سنڌي زبان ۾ ٿيل آهي. آخر ۾ تصويرن ۽ فوٽن جو وڏو تعداد بہ شامل ڪيل آهي. هي ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ 1967ع ۾ ڇاپي نروار ڪيو.

20. **مرزا عيسيٰ ترخان:** مڪلي نامہ ۾ مرزا عيسيٰ ترخان ثانيءَ بابت آيل مواد کي جدا گانہ ترتيب ڏئي، سال 1967ع ۾ راشدي مرحوم پاڻ ڇپرايو. هن ڪتاب جو انتساب سنڌ جي سپهہ سالار دولهہ درياخان ڏي ڪيل آهي.

21. **هفت مقالہ:** سہ ماهي اردو ۾ فارسي ادبيات متعلق ڇپيل مقالن جو هي انتخاب، انجمن ترقي اردو پاڪستان سال 1967ع ۾ شايع ڪيو. راشدي صاحب جي ترتيب ۽ پيش لفظ سان هي ڪتاب شايع ٿيو.

22. **حديقة الاوليا:** سنڌ جي اوليائن جو هي تذڪرو ٺٽي جي سيد عبدالقادر سن 1016هہ/1607ع ۾ لکيو هو. پير صاحب ايڊٽ ڪندي، متس سنڌيءَ ۾ طويل مقدمو لکيو آهي. هن تذڪري کي سنڌي ادبي بورڊ 1967ع ۾ شايع ڪيو.

23. **تذڪرہ شعراي ڪشمير:** انهن فارسي گو شاعرن جو تذڪرو آهي، جي ڪنهن نہ ڪنهن صورت ۾ ڪشمير سان لاڳاپيل هئا. هي ڪتاب مرزا اصلح سن 1161هہ/1747ع ۾ تيار ڪيو. اقبال اڪيڊمي 1967ع ۾ ڇاپي پڌرو ڪيو جنهن جو ٻيو ايڊيشن 1983ع ۾ ڇپيو آهي.

24. **تذڪرہ شعراي ڪشمير، جلد اول:** مٿئين تذڪري کي ايڊٽ ڪندي سيد حسام الدين کي هڪ وڏيڪ ڪتاب تيار ڪرڻ جو خيال آيو. سندن هن ڪاوش کي مرزا اصلح جو تڪملو سڏڻ بهتر ٿيندو. جلد اول اقبال اڪيڊمي 1967ع ۾ شايع ڪيو. جنهن ۾ 120 شاعرن (الف۔ ش) جو احوال ملي ٿو. 1983ع ۾ هي جلد وري ڇپيو آهي.

25. **تذڪرہ شعراي ڪشمير، جلد دوم:** هي ٻيو جلد آهي، جنهن ۾ وڏيڪ 54 شاعرن (ص۔غ) جو ذڪر ٿيو آهي. اقبال اڪيڊمي ان کي 1968ع ۾ ڇپيو. هي جلد ٻيهر 1982ع ۾ شايع ٿيو آهي.

26. **تذڪرہ شعراي ڪشمير، جلد سوم:** هن ٽئين جلد ۾ ڪشمير جي وڏيڪ 69 شاعرن جو (ف۔م) تذڪرو ٿيو آهي. پهريون ڇاپو 1968ع ۾، ۽ ٻيو ڇاپو 1982ع ۾ نروار ٿيو آهي.

27. **احوال و آثار ملڪ الشعراءِ ابوالفيض فيضي:** راشدي صاحب شعراي ڪشمير جي ٽئين جلد ۾ فيضيءَ بابت نهايت مفصل معلومات ڏني آهي. اهو سمورو مواد جداگانہ ڪتابي صورت ۾ ترتيب ڏئي، پاڻ سال 1968ع ۾ مٿئين عنوان سان شايع ڪيو اٿن. ڪتاب فارسي زبان ۾ آهي.

28. **تذڪره روضة السلاطين:** هي فارسي ڪتاب انهن اميرن، وزيرن ۽ بادشاهن بابت آهي، جي شاعر هئا. هن تذڪري کي فخري هرويءَ سن 958هه/1551ع ۾ ترتيب ڏنو ۽ شاهه حسن ارغون ڏانهن منسوب ڪيو. راشدي صاحب جي ايڊيٽنگ سان 1968ع ۾ شايع ٿيو. ان کان به سال اڳ "روضة السلاطين" تبريز مان ڊاڪٽر عبدالرسول خيامپور پڻ ڇپيو هو ليڪن اسان جي هن مانائتي عالم ان کي ناقص ايڊيشن سڏيو آهي.

29. **جواهرالعجائب:** سن 962هه/1554ع ۾ فخري هرويءَ ترتيب ڏنو ۽ مرزا عيسيٰ ترخان جي زال ماهه بيگم کي منسوب ڪيو. هن ۾ اهڙين عورتن جو ذڪر مليل ٿو جن شعر وشاعريءَ ۾ حصو ورتو. سال 1968ع ۾ ايڊٽ ڪري راشدي مرحوم ان کي ڇپرايو. ان کان اڳ به هن تذڪري جا ڪجهه ايڊيشن نڪتا هئا، جن کي ناقدين ناقص سڏيو آهي.

30. **ديوان فخري:** هي فارسي ديوان آهي، جو پڻ 1968ع ۾ پڌرو ٿيو. فخري هرويءَ جا هي ٽئي ڪتاب هڪ جلد ۾ مرتب ٿي ڇپيا آهن. فاضل ايڊيٽر نهايت قيمتي مقدمو اردو ۾ لکيو آهي ۽ آخر ۾ تعليقات ذريعي مفيد واڌارا پڻ ڪيا آهن جي فارسي زبان ۾ آهن. فخريءَ جا ٽئي ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ ڇپيا آهن[1].

31. **دود چراغ محفل:** اهڙن پنج شاعرن جو تذڪرو آهي، جي ڪنهن نه ڪنهن ريت مرزا غالب سان وابسته هئا. هي اردو ڪتاب غالب جي صد ساله جشن پيدائش تي 1969ع ۾ ڪراچيءَ مان ڇپيو آهي.

32. **تذڪره شعراي ڪشمير، جلد چهارم:** ڪشميري شاعرن بابت راشدي صاحب جي رٿيل تذڪري جو هي آخري جلد آهي، جنهن ۾ ڪل 130 شاعرن (ن-ي) جو احوال مليل ٿو. هي جلد اقبال اڪيڊمي 1969ع ۾ شايع ڪيو. مجموعي طرح سان چئن جلدن ۾ 373 شاعرن جو ذڪر ٿيو آهي. چارئي جلد به هزار صفحن تي مشتمل آهن، جن ۾ لاتعداد تصويرون، عڪس ۽ آخر ۾ فهرستون به ڏنل آهن.

---

[1] فخري هرويءَ بابت راشدي صاحب جو لکيل مقدمو ايران ۾ فارسي ترجمي جي صورت ۾ ڇپيو آهي. هي ترجمو محمد ظفر ڪيو ۽ دانشڪده ادبيات وعلوم انساني مشهد جي رسالي ۾ 1350هجري شمسيءَ ۾ شايع ٿيو.

33. **مرزا غازي بيگ ترخان اور اس کي بزم ادب:** سنڌ جي آخري ترخان حاڪم بابت هي ڪتاب، راشدي صاحب اردو ۾ لکيو آهي، جنهن کي انجمن ترقي اردو ڪراچي 1970ع ۾ ڇپيو. پهرئين حصي ۾ مرزا بابت احوال مليل ٿو ۽ ٻئين حصي ۾ اهڙن 35 شاعرن جو ذڪر ۽ شعر مليل ٿو جي مرزا سان وابسته هئا.

34. **ديوان بيرم خان:** مشهور سپهه سالار عبدالرحيم خانخانان جو والد بيرم خان نہ رڳو نامور امير هو، پر پنهنجي دور جو اعليٰ پايي جو فارسي ۽ ترڪي ٻولين جو شاعر پڻ هو. فارسي شعر راشدي صاحب ايڊٽ ڪيو ۽ ڊاڪٽر محمد صابر ترڪي شاعري ترتيب ڏني، جنهن کي ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ قائم انسٽيٽيوٽ آف سينٽرل اينڊ ويسٽ ايشين اسٽڊيز، سال 1971ع ۾ ڇاپيو. هن ديوان تي مقدمو ڊاڪٽر ايم.ايڇ. صديقيءَ لکيو جو انگريزي زبان ۾ آهي.

35. **تحفة الڪرام:** مير عِلي شير قانع جو هي ڇوٿون ڪتاب آهي، جو سيد حسام الدين راشديءَ ايڊٽ ڪيو. قانع "تحفتہ الڪرام" سن 1181هہ/1768ع ۾ مڪمل ڪيو. ڪتاب جو ٽيون جلد سنڌ جي تاريخ، مشاهيرن ۽ شهرن بابت آهي. فاضل ايڊيٽر هن جلد جو بہ تاريخ وارو حصو ايڊٽ ڪيو ۽ ان ۾ نهايت مستند ۽ معتبر تاريخي حاشيا، ضميما، تعليقات ۽ نسب ناما شامل ڪيا. گڏوگڏ تصويرن جو سهڻو سيٽ بہ شامل ڪيل آهي. هي ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ 1971ع ۾ ڇاپيو. رٿا موجب ڪتاب جي ٽئين جلد جا بہ ڀاڱا شايع ٿيڻا هئا، پر اهي آخر تائين منظر تي نہ آيا.

36. **تذڪرهہ مشايخ سيوستان:** هي مختصر تذڪرو سيوهڻ جي صوفين بابت آهي، جو عبدالغفور بن حيدر سيوستانيءَ سن 1039هہ/1629ع ۾ مڪمل ڪيو. ان جي اڪيلي ڪاپي رايل ايشياٽڪ سوسائٽيءَ ۾ موجود آهي، جتان راشدي صاحب فوٽو حاصل ڪري، ان کي رسالي "مهراڻ" ۾ شايع ڪرايو (3_4/1974ع).

37. **مثنوي مهر و ماهہ:** هندوستان جي مشهور شاعر جمالي دهلويءَ هي مثنوي سن 905هہ/1499ع ۾ مڪمل ڪئي. سنڌ جي هن

مانائتي عالم جي سعيي ۽ مقدمي سان، هي مثنوي مرڪز تحقيقات فارسي ايران و پاڪستان اسلام آباد 1974ع ۾ ڇپي آهي. مفصل مقدمو فارسي زبان ۾ آهي[1].

38. **تذڪره مشاهير سنڌ، جلد اول:** مرحوم مولانا دين محمد وفائيءَ جو لکيل هي ڪتاب سنڌ جي اڀياس ۾ وڏي اهميت رکي ٿو. راشدي صاحب جلد اول ترتيب ڏنو ان تي مقدمو لکيو ۽ وضاحتي حاشيا لکيا. هي جلد سنڌي ادبي بورڊ سال 1974ع ۾ ڇاپيو[2]. ان جو اردو ترجمو بہ هن اداري سال 1991ع ۾ ڇپيو آهي، جو ڊاڪٽر عزيز انصاري ۽ عبدالله ورياه جو ڪيل آهي.

39. **هو ڏوٽي هو ڏينهن:** راشدي مرحوم جي يادگيرين تي مشتمل هي ڪتاب، سنڌي ادبي بورڊ سال 1977ع ۾ ڇپيو آهي. هي ڪتاب ٻولي، مواد ۽ پيشڪش جي لحاظ کان وڏي اهميت رکي ٿو.

40. **تذڪره رياض العارفين، جلد اول:** سن 1300هه/1888ع ۾ آفتاب راءِ لکنويءَ هي تذڪرو پورو ڪيو جو فارسي گو شاعرن بابت آهي. مختصر اردو مهاڳ سان راشدي مرحوم ان کي، مرڪز تحقيقات فارسي ايران و پاڪستان اسلام آباد ذريعي 1977ع ۾ شايع ڪيو.

41. **مير محمد معصوم بکري:** سنڌ جي مشهور تاريخدان "مير محمد معصوم بکري" جي مفصل سوانح حيات، خدمتن، آثارن ۽ علمي ورثي بابت، هي ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ 1979ع ۾ شايع ڪيو. راشدي صاحب هي ڪتاب لکندي وڏي محنت ڪئي آهي. هن ڪتاب ذريعي پاڻ سنڌ جي تاريخ نويسيءَ کي بلڪل نئون موڙ ڏيندي، نون لکندڙن لاءِ هڪ راه هموار ڪيائون. ڪتاب جي آخر ۾ تصويرن جو عمدو سيٽ پڻ ڏنو ويو آهي.

---

[1] جمالي دهلويءَ جي ڪتاب "سيرالعارفين" جو اردو ترجمو ڊاڪٽر محمد ايوب قادري ڪيو جو مرڪزي اردو بورڊ لاهور 1976ع ۾ شايع ڪيو. ان تي پڻ مفصل مقدمو اردو زبان ۾ راشدي صاحب لکيو.

[2] پير صاحب جي وفات بعد "تذڪره مشاهير سنڌ" جا باقي ٻہ جلد بورڊ ڇپيا آهن. جلد ٻيو سال 1985ع ۾، ۽ جلد ٽيون سال 1986ع ۾ شايع ٿيو. جلد ٻيو ۽ ٽيون جو اردو ترجمو هڪ جلد ۾ 2005ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ ڇاپيو آهي.

42. **ڳالهيون ڳوٺ وڻن جون:** هي ڪتاب راشدي صاحب جي 43 مضمونن ۽ مقالن تي مشتمل آهي، جو انجمن تاريخ سنڌ 1981ع ۾ ڇاپي پڌرو ڪيو.

43. **تذڪره رياض العارفين، جلد دوم:** هي جلد سيد صاحب جي وفات کان پوءِ، مرڪز تحقيقات فارسي اسلام آباد سال 1982ع ۾ ڇپيو آهي. هن جلد تي فارسي زُبان ۾ سيد عارف نوشاهيءَ مهاڳ لکيو جنهن ۾ راشدي صاحب جي ايڊٽ ڪيل فارسي ڪتابن جو احاطو ڪيل آهي.

44. **مراة الجمال:** راشدي مرحوم جي پسنديده فارسي، سنڌي ۽ اردو شعرن جو انتخاب آهي، جو سنڌالاجيءَ سنڌن ٻين ورسيءَ جي موقعي تي 1984ع ۾ ڇاپي پڌرو ڪيو جنهن کي راقم الحروف مرتب ڪيو.

45. **ڳالهيون منهنجي سنڌ جون:** راشدي صاحب جي مضمونن ۽ مقالن جو هي ٻيو مجموعو آهي. هن ۾ پندرهن مضمون ۽ مقالا، چار عدد خط، چار انٽرويوز ۽ مختصر ڪتاب "تذڪره مشائخ سيوستان" جو سنڌي ترجمو پڻ ڏنو ويو آهي. هي ڪتاب 1992ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ شايع ڪيو.

46. **مقالات راشدي:** هن ۾ راشدي صاحب جا ايڪيهه اردو مقالا ۽ مضمون شامل آهن. هي ڪتاب ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ قائم، انسٽيٽيوٽ آف سينٽرل اينڊ ويسٽ ايشين اسٽڊيز، سال 2002ع ۾ ڇاپي پڌرو ڪيو. هي ڪتاب راقم الحروف ترتيب ڏنو ۽ راشدي صاحب جي اردو قلمي ڪاوشن جو مقدمي ۾ اختصار سان مگر جامع طور تي احاطو ڪيو ويو.

* * * * * *

مٿي ذڪر ڪيل ڪتابن کان سواءِ راشدي صاحب جي ڪجهه وڌيڪ ڪتابن جو پاڻ کي پتو پيو آهي. انهن ۾ ٻه درسي ڪتاب آهن. ٻين ڪتابن ۾ راشدي صاحب ساٿي مصنف (Co_Author)، يا ايڊيٽر جي حيثيت ۾ نمايان ڏسڻ اچي ٿو. انهن ڪتابن جو وچور هيٺ ڏجي ٿو:

47. **بنيادي اردو:** اردو زبان ۾ لغت جو هي مختصر ڪتاب ڊاڪٽر ابوالليث صديقي صاحب لکيو. هن ڪتاب جو سنڌي ترجمو جمال رند

ڪيو ۽ نظرثاني توڙي نگراني، سيد حسام الدين راشدي صاحب ڪئي. هي ڪتاب مرڪزي اردو بورڊ لاهور 1968ع ۾ ڇاپي نروار ڪيو.

48. **توزڪ جهانگيري:** مغل شهنشاهه جهانگير (وفات: 1627ع) جي فارسي زبان ۾ خود نوشته سوانح عمري آهي. سڀ کان اول سر سيد احمد خان هن ڪتاب کي ڇپرايو. بعد ۾ هن ڪتاب جا ترجما ٿيندا رهيا. ان هوندي به اردو زبان ۾ هڪ مستند ۽ معياري ترجمي جي ضرورت محسوس ڪئي وئي. ان پس منظر ۾ ترجمي جو ڪم مولانا اعجازالحق قدوسي صاحب جي حوالي ڪيو ويو. اُن ڪم جي نگراني راشدي صاحب ڪئي. ان سان گڏ نظرثاني ۽ حاشيا پڻ راشدي مرحوم لکيا. هي ترجمو ٻن جلدن ۾، جلد اول 1968ع، ۽ جلد ٻيو 1970ع ۾، مجلس ترقي ادب لاهور ڇپرايو.

49. **سماجي اڀياس:** هي هڪ نصابي ڪتاب آهي جو ائين جماعت ـلاءِ لکيو ويو جنهن ۾ تاريخ، جاگرافي ۽ شهريت شامل آهن. ڪرائون سائيز جي 228 صفحن تي مشتمل هي ڪتاب، اولهه پاڪستان ٽيڪسٽ بڪ بورڊ لاهور 1969ع ۾ ڇپرايو.

50. **سماجي اڀياس:** هيءُ ڪتاب پڻ درسي آهي جو شايد اولهه پاڪستان ٽيڪسٽ بڪ بورڊ لاهور لاءِ لکيو ويو. ڪرائون سائيز جو هي ڪتاب 134 صفحن تي آهي، جنهن کي اردو اڪيڊمي سنڌ 1969ع ۾ ڇپرايو.

51. **هفت زباني لغت:** بنيادي طرح هي هڪ اردو لغت آهي، جا اشفاق احمد، محمد اڪرام چغتائي ۽ فضل قادر فضلي تيار ڪئي. اردو سان گڏ وڌيڪ ڇهن ٻولين: بنگالي، بلوچي، پشتو پنجابي، سنڌي ۽ ڪشميري ٻولين جي مترادف لفظن تي مشتمل هي لغت، مرڪزي اردو بورڊ لاهور 1974ع ۾ ڇپرائي.

سنڌي لفظن (لغت) لاءِ، سيد حسام الدين راشدي، نياز همايوني ۽ محمد انور بلوچ ڪم ڪيو.

52. **طبقات ناصري:** منهاج سراج هي تاريخي ڪتاب فارسي زبان ۾ 658هه/1260ع ۾ لکيو. فارسي ايڊيشن افغان دانشمند عبدالحي حبيبي افغاني، مرتب ڪري ٻن جلدن ۾ ڇپرايو. اڳتي هلي هن ڪتاب جو اردو ترجمو مولانا غلام رسول مهر ڪيو. مهر صاحب 1971ع ۾ فوت ٿيو. بعد ۾

سيد حسام الدين راشدي صاحب، پنهنجي نگراني ۽ نظرثانيءَ سان اردو ترجمي کي ڪامل بنايو. هي ڪتاب ٻن جلدن ۾ مرڪزي اردو بورڊ لاهور 1975ع ۾ ڇپرايو. هن ڏس ۾ مولانا اعجاز الحق قدوسي ۽ ڊاڪٽر محمد ايوب قادريءَ کان پڻ مدد ورتي وئي.

53. **سنڌي زبان جي بنيادي لغت:** هي ٽن مختصر ترين لغتن جو هڪ مجموعو آهي. هي ڪم سنڌي زبان جي نامور عالمن جي هڪ ڪميٽيءَ مڪمل ڪيو جن ۾ سيد حسام الدين راشدي صاحب جو نالو نمايان ڏسجي ٿو. هي لغت وزارت تعليم حڪومت پاڪستان پاران، سنڌي ادبي بورڊ سال 1976ع ۾ ڇپرائي پڌري ڪئي.

54. **تذڪرة الشعرا:** فارسي شاعرن بابت هي مختصر تذڪرو شهنشاهه جهانگير ڏي منسوب آهي. هي تذڪرو تاجڪستان جي اسڪالر پروفيسر عبدالغني ميرزايوف مرتب ڪيو. بعد ۾ راشدي صاحب، ميرزا يوف جي تحقيق تي نظرثاني ڪئي، مفصل حاشيا لکيا ۽ پيش لفظ به لکيو. ان ريت هي تذڪرو ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ قائم، انسٽيٽيوٽ آف سينٽرل اينڊ ويسٽ ايشين اسٽڊيز سال 1976ع ۾ شايع ڪيو.[1]

* * * * * *

فهرست نگارن پير صاحب جي "ڪتابن جي سروي ڪندي، ڪجهه مضمونن ۽ مقالن کي به سندن ڪتابي ورثي ۾ شمار ڪيو آهي. هن ڏس ۾ "ڏهين صدي هجريءَ سنڌ" (سدي علي رئيس) ۽ "ٺٽي جي تاريخي جاگرافي" جو ذڪر اڪثر ٿيندو رهي ٿو. حقيقت ۾ هي ٻئي مقالا رسالي "مهراڻ" ۾ ڇپيا، پوءِ سندن مقالن ۽ مضمونن جي ڪتاب ۾ به شامل ٿيا[2]. ڊاڪٽر محمد ايوب قادري صاحب "مولانا محب علي سنڌي" کي. سندن هڪ اردو ڪتاب لکيو آهي[3] حقيقت ۾ هي هڪ طويل اردو مقالو آهي، جو سه ماهي "اردو" جي آڪٽوبر 1950ع واري پرچي ۾ شايع ٿيو هو[4]. ان دور

---

[1] ڪتاب نمبر 47 کان 54 تائين لاءِ ڏسجي راقم جو مضمون، ڇپيل مجله "تاريخ و ثقافت پاڪستان" اپريل- سيپٽمبر 2006ع، اسلام آباد

[2] ڳالهيون ڳوٺ وڻن جون، ص 367- 408، ص 43- 142.

[3] ماهنامه قومي زبان، ص 82 - 90، ڊسمبر 1982ع.

[4] سيد سرفراز علي رضوي (اشاريه اردو ص 42، انجمن ترقي اردو پاڪستان ڪراچي، 1976ع)، لکيو آهي ته. راشدي صاحب جو هي مقالو سه ماهي "اردو" ۾ آڪٽوبر 1951ع ۾ ڇپيو هو. هي معلومات درست ڪونهي.

۾ قاضي احمد ميان اختر جي تقريب (بہ اکر) سان، هن مقالي جا ڪجھ آف پرنٽس بہ نڪتا. اسان مٿي راشدي صاحب جي لکيل، ايڊٽ ڪيل ۽ مرتب ڪيل ڪتابن جي فهرست ڏني آهي. ان هوندي بہ هي امڪان آهي تہ ڪن شين جو پاڻ کي پتو نہ هجي يا وري ڪي ڪتاب اڌورا ۽ اڻ ڇپيل حالت ۾ رهجي ويا هجن.

❊ ❊ ❊ ❊ ❊ ❊

**ڳالهيون منهنجي سنڌ جون:** راشدي مرحوم جي مضمونن، مقالن، تقريرن، انٽرويوز ۽ ٻئي متفرقه مواد جو ٻيو مجموعو آهي. هن کان اڳ سندن حياتيءَ جي بنهہ آخر ۾، ان نوعيت جو پهريون مجموعو "ڳالهيون ڳوٺ وڻن جون" نالي سان 1981ع ۾ ڇپجي ظاهر ٿيو، جنهن ۾ ڪل ٽيتاليهہ مضمون، مقالا ۽ تقريرون شامل آهن.

هن مجموعي جا ٽي حصا ڪيا ويا آهن. پهرئين حصي ۾ ويھ مضمون، مقالا ۽ تقريرون اچن ٿيون ۽ چار يادگار خط بہ ڏجن ٿا، جي مرحوم پير صاحب، هن مجموعي جي مرتب ڏانهن 1980ع ۽ 1981ع ۾ لکيا هئا. ٻئي حصي ۾ اٺن ڪتابن تي پير صاحب جا لکيل مهاڳ ۽ پيش لفظ ڏنا ويا آهن، جي پهريون ڀيرو سهيڙجي شايع ٿي رهيا آهن. ڪي لکتون مختصر آهن تہ ڪجھ تحريرون جامع ۽ مفصل آهن. ڪتاب جي ٽئين حصي ۾ پنج انٽرويو شامل ڪيا ويا آهن. هن جلد ۾ شامل پهريون مضمون 1937ع جو آهي، جڏهن تہ آخري انٽرويو ۽ تقرير 1981ع جي ڏسجي ٿي. ان جو مطلب تہ هن ڪتاب ۾ شامل مواد، مصنف جي چوئيتاليهن سالن جي ذهني توڙي قلمي پورهئي جو احاطو ڪري ٿو.

هن ڪتاب جي ترتيب وقت هرهڪ مقالي يا مضمون جو ذريعو مهڙ ۾ ڄاڻايو ويو آهي؛ تہ ٻئي طرف ان جو سنہ ڪرانالاجيڪل سلسلي تحت رکيو ويو آهي. ڪجھ مضمون پراڻي ۽ روايتي طرز تحرير جي عڪاسي ڪن ٿا. انهن ۾: مغل شاهي زماني ۾ هندن جي فارسي تعليم؛ غلام شاهہ راشدي؛ فتاوي عالمگيريءَ جا بہ سنڌي مؤلف؛ مرزا شاهہ حسين ارغون؛ ۽ مير علي شير قانع- جهڙا مضمون اچن ٿا. ان بعد بہ مضمون: سنڌ جا تاريخي ۽ سياسي خط؛ ۽ سنڌ جي تاريخ جا ماخذ-

سنڌالاجيڪل اسٽڊيز ۾ وڏي اهميت رکن ٿا ۽ هن مجموعي ۾ شامل آهن. آخري مضمون ۾ سنڌ بابت عربي ڪتابن جي باري ۾ گفتگو ڪيل آهي[1]. سنڌي ساهت ۽ سماج توڙي فن ۽ فڪر جي اڀياس ۾: سنڌي ٻوليءَ کي للڪار، فقير عبدالغفور، سچل سارو سچ، هڪ يادگار تقرير ۽ سچل ڪان پوءِ- جهڙا مضمون اسان جي رهنمائي ته ڪن ٿا، ليڪن حقيقت ۾ انهن جي مطالعي ذريعي، راشدي صاحب جو هڪ سنڌ دوست دانشور ۽ اديب وارو روپ پڻ اجاگر ٿئي ٿو. سنڌن ادبي سفر ۽ سوانح جي ڪجهه وڏي رُخن تي، هن ڪتاب ۾ ڏنل خطن ۽ پڻ "منهنجو علمي ۽ فڪري سفر" عنوان واري تقرير، ڪارائتي روشني وجهن ٿا. سنڌ ۽ ايران جو تعلق هزارين سالن تي پکڙيل آهي. عنوان تي سنڌ جي هن قابل صد احترام مؤرخ پهريون پيرو سنجيده تحقيق ڪئي. هن جلد ۾ شامل ٿي مقالا: سنڌ ۽ ايران جا لاڳاپا، سلطان محمود بکري ۽ شاهه طهماسپ صفويءَ جا لاڳاپا، فردوسي ۽ شاهنامي جو سنڌ تي اثر- ڏنا وڃن ٿا. جن ذريعي ڪيئي مکيه تاريخي ۽ ادبي واقعن تي روشني پوي ٿي. اصل ۾ اهي مقالا پاڻ ايران ولايت ۾ مختلف ڪانگريسن ۾ پڙهيا هئائون[2]. جيتوڻيڪ "اصفهان جي هڪ يادگار شام" عنوان واري مضمون جو سنڌ سان ڪو خاص تعلق نه ٿو ڏسجي. ان هوندي به راشدي صاحب جي ايران جي تاريخ ۽ قديم آثارن ۾ دلچسپي ۽ احساسن کي نيڪ طرح سان، هن مضمون ذريعي محسوس ڪري سگهجي ٿو[3]. هونئن ته ايران ۽ سنڌ جي تعلق تي، گهٽي ڪم ڪرڻ جي گنجائش آهي، ليڪن "سيد حسام الدين راشدي ۽ ايران جو تعلق" به هڪ اهم عنوان آهي، جنهن تي پڻ توجه ڏيڻ جي ضرورت آهي. راشدي صاحب جا ٻه مضمون: قاهره ميوزم ۾ چند گهڙيون ۽ مولانا محمد شفيد لاهوري- نهايت دلچسپ ۽ معلوماتي آهن.

---

[1] راشدي صاحب جو هڪ مضمون، سنڌ جي فارسي ماخذن بابت پڻ ڇپيل آهي (ڳالهيون ڳوٺ وڻن جون، ص 724_ 756).

[2] هن ڏس ۾ سنڌن چوٿون مقالو "اصفهان ۽ سنڌم سنڌ سونهاري" عنوان سان پڻ موجود آهي. (ڳالهيون ڳوٺ وڻن جون، ص 424_434).

[3] ايران جي حوالي سان راشدي صاحب جو هڪ وڏيڪ علمي ڪم اردو زبان ۾ ايران بابت مواد" ايرج افشار پنهنجي ڪتاب "ناموارہ دکتر محمود افشار" جلد ستين ۾، تهران مان 1993ع ۾ ڇپيو آهي.

هي بہ مضمون اسان جي هن مانائتي عالم جي اسڪالرن، ڪتبخانن ۽ ڪتابن سان محبت، عقيدت ۽ پروقار روين جي خوب عڪاسي ڪن ٿا.

هن جلد جي ٻئي حصي ۾ انن ڪتابن تي، راشدي صاحب جي لکيل پيش لفظن ۽ مهاڳن کي ٻهريون ڀيرو گڏ ڪري شايع ڪيو پيو وڃي. ممڪن آهي تہ ان ڏس ۾ اجا بہ وڌيڪ مواد هجي، جنهن جو پاڻ کي پتو نہ هجي. مولانا دين محمد وفائي مرحوم جي ڪتاب "شاهہ جي رسالي جو مطالعو" تي لکيل، سندن پيش لفظ جي لطيفيات ۾ خاص اهميت آهي. هي لکت بار بار ۽ مختلف عنوانن سان ڇپجندي رهي آهي.

ڪتاب جي ٽئين حصي ۾ سيد حسام الدين راشدي مرحوم جا پنج انٽرويو ڏجن ٿا. ادبي دنيا ۾ انٽرويوز جي وڏي اهميت آهي. انٽرويو ڏيندڙ جي ذاتي سوانح، ادبي سفر، ڪتابي ذخيري، ساهتي لڳ لاڳاپن، همعصر ليکڪن ۾ مليل مان مرتبي، ۽ وڏي ڳالهہ تہ متعلقہ شخصيت جي علمي ادبي سوچ ۽ فڪر جي اپياس ۾ انٽرويوز تمام گهڻي مدد ڪن ٿا. انهن ذريعي اصل ۾ ڪيئي گم ٿيل تاريخي ڪڙيون ۽ اُلجهيل مسئلا نبرن ٿا. پر هڪ محقق جڏهن انٽرويو ڏيندڙ جي سوانح بابت ڪم ڪري ٿو تہ، هو پنهنجي تحقيق لاءِ بہ انهن مان گهڻي مدد وٺي ٿو. هت ڏنل انٽرويوز مان ٻهريون، ٻيو ۽ پنجون مختصر آهن: ۽ ٽيون ۽ چوٿون طويل ۽ مفصل آهن. اميد تہ انهن جو اپياس پير صاحب جي ذاتي ۽ علمي زندگيءَ کان علاوه، خود سنڌ متعلق پڻ مطالعي جي ڪيئي پهلوئن ۾ مددگار ثابت ٿيندو.

سيد حسام الدين راشدي مرحوم تي ڪم ڪندڙ ڪجهہ اديبن، سندن 300 سنڌي، 20 اردو ۽ 5 عدد فارسي مقالن جو ذڪر ڪيو آهي. منهنجو خيال آهي تہ سنڌيءَ جي حد تائين اهو اندازو درست ڪونهي. هن جلد ترتيب ڏيندي هڪ تہ منتشر سنڌي مواد جمع ڪيو ويو آهي، ۽ ٻئي طرف سنڌ بابت فارسي يا اردو مقالن کي بہ، ترجمن ذريعي گڏ ڪيو ويو آهي. انهن مضمون ۽ مقالن جا حوالا اڪثر ڪري، راشدي صاحب پنهنجي ڪتابن ۾ ڏيندو رهندو هو. تاهم بہ مقالا: بلگرامي ساداتن جو سنڌ تي اثر ۽ پوراڻي ساداتـ هن جلد ۾ اچڻ کپن ها، پر باوجود تلاش جي اهي هٿ نہ اچي سگهيا. ڏسڻ ۾ ائين ٿو اچي تہ مذڪوره مقالا يا تہ لکجي نہ سگهيا، يا وري

ڪتي ڇپجي سگهيا. مون هر ممڪن طرح ڪوشش ڪئي آهي تہ تحريرن ۽ تقريرن جي هن جلد کي مڪمل بنايو وڃي. چوويهن سالن جي تلاش بعد جو ڪجهہ ملي سگهيو ان کي پڙهندڙن جي خدمت ۾ پيش ڪجي ٿو. اميد تہ هي مواد هڪ طرف سنڌ، تہ ٻئي طرف خود اسان جي هن سدابهار عالم جي، سوانح ۽ ادبي اثاثي جي اڀياس ۾ مددگار ثابت ٿيندو!

❊ ❊ ❊ ❊ ❊ ❊

**ڳالهيون منهنجي سنڌ جون**: پهريون ڀيرو 1992ع ۾ ڇپيو هو. ڪمپوزنگ، پروف ريڊنگ ۽ اشاعت جو ڪم ڪراچيءَ ۾ ٿيو جنهن تي منهنجو ڪوبہ اختيار نہ هو. ان پس منظر ۾ ڪتاب ۾ لاتعداد غلطيون رهجي ويون. سورنهن- سترهن سالن کان پوءِ، هي ڪتاب ٻيهر ڇپجي رهيو آهي. ان وچ ۾ وڌيڪ مليل مواد کي بہ هن ۾ شامل ڪيو ويو آهي. ان ريت هن ڪتاب جو هي ڇاپو وڌيڪ وسعت سان نروار ٿي رهيو آهي. ان پس منظر ۾ "مقدمو" پڻ نئين سري سان لکيو ويو آهي. پهرئين ڇاپي ۾ "مشايخ سيوستان" جو سنڌي ترجمو شامل ڪيو ويو هو. هن ايڊيشن مان ان کي خارج ڪيو ويو آهي. هن ڪتاب تي (مشايخ سيوستان) جداگانہ ڪم ٿي رهيو آهي. اميد آهي تہ ان کي بہ ٿوري عرصي ۾ ڇپرائي پڌرو ڪيو ويندو. جناب حسين شاهہ راشديءَ جو آءٌ خاص طرح ذڪر ڪندس. سائين حسام الدين راشدي صاحب جي علمي ڪمن جي تڪميل ۽ سهيڙجڻ واري ڪم ۾، مون کي هميشه حسين شاهہ راشدي صاحب جي تائيد حاصل رهي. ڪتاب جي هن ٻئي ايڊيشن جي طباعت ۾، سنڌي ادبي بورڊ جي سيڪريٽري اعجاز احمد منگي صاحب خاص دلچسپي ورتي. بورڊ جي ٻين اهلڪارن بہ هن ڪم ۾ مون سان دلي تعاون ڪيو. ان لاءِ آءٌ سڀني دوستن جو شڪرگذار آهيان.

مارچ 2007ع — پروفيسر غلام محمد لاکو

ڄامر شورو — سنڌ يونيورسٽي

# مقالات، تقريرات در خط

# مغل شاهي زماني ۾ هندن جي فارسي تعليم

[هي يادگار مضمون ماهواز اخبار تعليم جي جلد 37، نمبر 1، اپريل 1937ع واري پرچي ۾ شايع ٿيو هو. ان جو فوٽو اسٽيٽ عزيز دوست بشير احمد هيسباڻيءَ موڪلي ڏنو. هي مضمون ڏسندي خبر پوي ٿي ته راشدي صاحب مرحوم، ان وقت سيد فدائي الراشديءَ جي ادبي نالي سان لکندا هئا]

مغلن کان اڳي (توڙي) هندن سان فارسي دان قومن جو ميل جول، سلطان محمود غزنويءَ جي حملن کان اڳ به ٿورو ٿيو هو چاڪاڻ ته فارسي دان مڪراني ماڻهن جو هندن سان لاڳاپو هو ۽ پڻ يعقوب صفار جي زماني ۾ به سنڌين سان ايرانين جا تعلقات هئا، ته به هندو فارسيءَ سان گهڻو راهل مائل غزنويءَ جي حملن کان پوءِ ٿيا. سلطان محمود جي دربار ۾ هڪ هندو فارسي عالم "تلڪ" نالي هو جنهن جهڙو فارسي دان ان زماني ۾ مشڪل ٿي مليو.

سڪندر لوڌيءَ هندن ۾ فارسيءَ جي تعليم ۽ لکپڙهه جو رواج پکيڙڻ چاهيو مگر ايتريقدر ڪامياب ٿي نه سگهيو جيترو چاهيائين ٿي. شيرشاهه جي حڪومت ۾ به اهو سلسلو هلندو آيو مگر سواءِ ڪن ٿورن فارسي دانن جي وڌيڪ هندو پيدا ٿي ڪين سگهيا. ديوان توڏرمل ڪتري جيڪو اڪبراعظم جي زماني تائين هو سو ان زماني ۾ نهايت عالم ۽ فاضل هو. سندس جهڙو خوش نويس ته ڪو ورلي هوندو. ڪشمير ۾ سلطان زين العابدين جي بادشاهيءَ ۾ هندن ۾ فارسي تعليم جو آغاز ٿيو. مگر اهڙو نه جهڙو سندس دل چاهيو ٿي. بودي ڀٽ فارسي دان پيدا ٿيو. شاهنامه جو حافظ هو ۽ نهايت مٺي آواز سان شهنشاهه اڳيان شاهنامي جا شعر پڙهندو هو.

گرونانڪ صاحب جنهن سان مسلمان صوفين جا نهايت نيازمندانه ۽ گهرا تعلقات هوندا هئا، فارسيءَ کان واقف هو. گرنٿ صاحب مان معلوم

تئي ٿو تہ هو صاحب ڪجهہ فارسي شعر بہ چئي ڄاڻندو هو. تاريخ ۾ مغل شاهي زماني کان اڳ ئي فارسي دان هندو معلوم ٿين ٿا. انهيءَ مان اندازو ڪري سگهجي ٿو تہ، مغلن جي اچڻ کان اڳ فارسي تعليم هندن ۾ ڪيتري قدر هئي.

## اڪبر جون ڪوششون:

اسان مٿي لکي چڪا آهيون تہ سڪندر لوڌيءَ هندن ۾ فارسيءَ کي رواج ڏنو. مگر سندس ڪوششون ڪامياب ٿي نہ سگهيون ۽ مغلن جي وقت تائين، سواءِ خاص هندن جي ٿورو ڪو بہ فارسيءَ جو ڄاڻو ڪونہ هو.

مغلن جي آمد کان پوءِ فارسيءَ جيڪو هندن ۾ رواج پاتو اهو اڳ ڪڏهن ڪونہ هو. اڪبر اعظم جڏهن سلطنت جو مالڪ ٿيو تڏهن هن پنهنجو سمورو خيال انهيءَ طرف صرف ڪيو. ابتدا ۾ راجا ٽوڊر مل حڪم ڪڍيو تہ دفتري زبان ۽ لکپڙهہ سموري فارسيءَ ۾ ٿئي، جيڪا اڳ گهڻو ڪري هنديءَ ۾ ٿيندي هئي. نتيجو اهو نڪتو جو ان زماني ۾ هندو گهڻو ڪري سرڪاري نوڪرين تي قائم هئا ۽ ٿيندا رهيا ٿي. تنهنڪري بلڪل ٿوري عرصي اندر منجهن فارسيءَ جو ايترو مايو ٿي ويو، جو بلو خمن لکي ٿو تہ 18 صديءَ تائين هندن ۾ فارسي تعليم جي ترقي مسلمانن کان بہ وڌيڪ ٿي وئي. منجهن انشاء پرداز، شاعر، نثر نويس، فلاسفر اهڙا اهڙا پيدا ٿي ويا، جو مسلمانن کي بہ مٿان رشڪ ايندي هئي.

## تعليم جو انتظام:

هندوستان ۾ پراڻي زماني کان وٺي تعليم جو انتظام پئنچاتن جي هٿ ۾ هوندو هو. مڪتب جو مکيہ سنياليندڙ پنڊت هوندو هو جيڪو پنهنجي جاءِ يا ڳوناٽن ماڻهن جي ڏنل ڪوٺيءَ ۾ ويهي ٻارڙن کي تعليم ڏيندو هو. سندس خوراڪ ۽ پوشاڪ جو بار ڇوڪرن جي مائٽن تي هوندو هو.

مغلن کان اڳي اسلامي مدرسا تمام گهٽا هوندا هئا. جن ۾ ابتدائي تعليم حاصل ڪرڻ بعد، ڇوڪرا اوچي تعليم جي تحصيل وڃي مرڪزي مدرسي ۾ ڪندا هئا. جو ڪنهن وڏي شهر ۾ هوندو هو. مغلن کان پوءِ بہ اهو رواج بدستور قائم رهيو ۽ ان کي زور وٺرايو ويو. اڪبر جي

زماني ۾ تہ مدرسن ۽ مڪتبن جي اها حالت هوندي هئي، جو جيڪڏهن پتر اڇلبو تہ اهو بہ ڪنهن مدرسي ۾ وڃي ڪرندو هو. اهي مدرسا ۽ مڪتب نہ ڇڙو مسلمانن لاءِ مخصوص هئا، پر مسلمانن وانگر هندو بہ ان ۾ باقاعده پڙهڻ ايندا هئا. هندن ۽ مسلمانن جي برادرانہ تعلقاتن جي اها حالت هئي جو مسجدن ۾ بہ جيڪي مدرسا هئا، جن جو ان زماني ۾ عام رواج هوندو هو انهن ۾ بہ هندو ڇوڪرا بنان روڪ ٽوڪ عام جام پڙهڻ ويندا هئا.

مدرسا يا مڪتب اڄوڪن ڪنڊرگارٽن ۽ ملا سڪولن جهڙا نہ هئا، مگر هاءِ اسڪولن جهڙا آباد ۽ منظم هوندا هئا. انهن ۾ فارسي تعليم جو وڌيڪ ۽ خاص طرح رواج هوندو هو جيڪو مغلن جي آخري زماني تائين پوري بندوبست سان هلندو آيو. مگر خدا ڀلو ڪري زماني جي گردش جو جڏهن هندستان جنت نشان ۾ مغربي ڏارين لوڪن جو سياڳو قدم پيو ۽ سنڌن سلطنت تي قبضو ٿيو تڏهن هنن هندوستاني بدبختن جي تعليم جو جهونو سلسلو بند ڪري ڇڏيو جنهنڪري فارسي تعليم پوئتي پئجي وئي. پر انهن جي اها ذهنيت گهڻو وقت قائم نہ رهي ۽ وارن هيسٽنگس آخر فارسي تعليم جو وري سلسلو جاري ڪيو پر تڏهن بہ اهو اوج وري حاصل نہ ٿي سگهيو جيڪو اڳ هو. آڦي باقي پارسيءَ جا پساھ سن 1835ع ۾ لارڊ ميڪاليءَ ڪيڍي ڇڏيا ۽ رفته رفته سن 1844ع تائين ان جو نالو نشان بہ نہ رهيو.

## نصاب تعليم:

فارسيءَ جي ابتدائي تعليم لاءِ ڳالھ ٻولھ، خط و ڪتاب ۽ اخلاقي آڪاڻين جا ڪتاب نصاب ۾ داخل هئا. جهڙوڪ پندنامہ عطار، ڪريما، ما مقيمان، دستور الصبيان، نصاب الصبيان ۽ اخلاص محسني- جيڪي اڄ بہ گهڻو ڪري انهيءَ لاءِ مروج آهن ۽ اوچي تعليم لاءِ گلستان، بوستان، زليخان، انشاءِ خليفہ، انشاءِ ماڌورام، سہ نثر ظهوري، پنج رقعہ، اخلاق ناصري، بهاردانش، انوار سهيلي، سڪندر نامہ ۽ شاهنامہ وغيرھ ڪتاب هئا.

بندرابن داس خوشگو پنهنجي تذڪري ۾ لکي ٿو تہ "مان ۽ لالہ حڪيم چند ندرت هڪ ٻئي جا گهاٽا سنگتي هوندا هئاسين ۽ ٻئي گڏ

ميان محمد عابد وٽ اخلاق ناصري پڙهندا هئاسين." راج چندر پانداس پنهنجي فرزند خواجه تيج پانداس کي هڪ خط ۾ لکي ٿو ته تون: گلستان، بوستان، اخلاق جلالي ۽ اخلاق ناصري هميشه پنهنجي مطالعي ۾ رک:

## هندن جو ذوق:

جيئن ان زماني ۾ مسلمان سون ڪوهن جو سفر ڪري وچي مرڪزي مدرسن ۾ سالن جا سال رهي تعليم جي تحصيل ڪندا هئا، تيئن هندو طالب العلم به گهران اتو پڌي انهيءَ ڏورانهين سفر تي تعليمي ذوق پوري ڪرڻ لاءِ ٻاهر نڪرندا هئا. ڪين فارسي تعليم جي شوق سان گڏ گهڻو ڪري عربي تعليم جو ذوق به هوندو هو. لاله لڇمي سنگهه غيوري نهايت قابل عربي دان هو. تحرير اقليدس ۽ شرح چغمني ڪيس پوريءَ طرح ياد هئا. لڇمي نارائڻ دهلوي عربيءَ سان گڏ منطق ۽ فلسفي جو به وڏو عالم هو.

18 صديءَ کان پوءِ حساب دانيءَ جو تمام گهڻو رواج پئجي ويو ۽ هندن جي طبيعت جو انهيءَ طرف قدرتي لاڙو هو جيئن اج تائين آهي. تنهنڪري ان فن ۾ منجهائن ڪيترا ئي ماهر بلڪل ٿوري عرصي اندر پيدا ٿي پيا. ديوان ڪاهني، رتن سنگهه زخمي، منولال، پجو لال ۽ تمڪين وغيره زبردست حساب دان هئا.

طب ۽ فلسفي ۾ به هندن جي گهڻي هٿ پچندي هئي. رتن سنگهه زخمي، ديواني سنگهه قتيل، منولال فلسفي نهايت قابل طبيب ۽ فلسفي دان هئا.

سلطنت مغليه جي زماني ۾ هندو عام طرح نوڪرين ۾ هوندا هئا، تنهنڪري هنن ۾ پنهنجو گهڻو توجهه انشاء، واقع نگاري، حساب داني ۽ خوش خطي سکڻ تي ڏنو. چاڪاڻ ته انهن ئي فنن جو ان زماني جي دفترن ۾ رواج هوندو هو. جيتوڻيڪ خوش خطي مسلمانن جو خاص فن هو، مگر هندن به ان ۾ قابليت پيدا ڪرڻ سان ڪين گهٽايو. آرنولڊ صاحب به پنهنجي ڪتاب "مسلمانن جي مصوري" ۾ ان ڳالهه جي تائيد ڪئي آهي. منشي لڇمي نارائڻ دهلوي خوشخطيءَ ۾ نهايت قابل هو. ان کان سواءِ شعر، فلسفي، طب، ادب، تاريخ ۽ انشاءِ ۾ به ماهر هو.

## هندو استاد:

گهڻو ڪري مدرسن مڪتبن ۾ مسلمان ماستر يا معلم هوندا هئا، جن وٽ هندو ڇوڪرا بہ نهايت پريم ۽ يگانت سان تعليم حاصل ڪندا هئا. پر تڏهن بہ ڪيترا مثال ملندا جن ۾ مسلمان شاگردن جا استاد هندو عالم بہ هئا. 18 صديءَ جي مشهور استاد ۽ عالم لالہ چنبي داس ذره ڪيترا هندو ۽ مسلمان پاڻ وٽ پاڙهي عالم فاضل بڻايا. مفتي لطف الله صاحب مرحوم جو فارسي استاد منشي سوهن لال آنجهاني هو. جعفر علي حسرت جو استاد راءِ سرب سنگهہ ديوانہ هو. اهو ئي سبب آهي، جو بلوخمن (ترجمہ آئين اڪبري، ص 351) چيو آهي تہ "18 صديءَ جي ختم ٿيندي ئي هندو فارسي زبان ۾ مسلمانن جا ماستر بڻجي پيا."

## هندو شاگردن جا مسلمان معلم:

ملا عبدالحڪيم سيالڪوٽي هڪ زبردست عالم هو جنهن وٽ هزارن ڪوهن تان طالب العلم هلي اچي تعليم پرائيندا هئا. منشي چندر ڀان برهمن جيڪو زبردست مصنف ٿي گذريو آهي، سو سندس ئي شاگرد هو جنهن کي شهنشاهہ شاهجهان پيار وچان "هندو ۽ فارسي دانُ" سڏيندو هو. "عمل صالح" جو مصنف ملا محمد صالح لکي ٿو تہ برهمن ابتدائي تعليم مولوي صاحب وٽ ورتي، تنهن کان پوءِ بنوالي داس ولي سان گڏ ملا شاهہ بدخشيءَ وٽ پڙهڻ ويو. وليءَ جو صوفيانہ لٽريچر شايد ملا شاهہ صاحب جي ئي تعليم ڪري ظاهر ٿيو.

ولي هندو برهمن لاءِ اهو معلوم ٿي نہ ٿو سگهي تہ هن شعر شاعريءَ ۾ ڪهڙو استاد ورتو ڇاڪاڻ تہ ان جو ڪٿي بہ ذڪر لکيل اسان جي نظر مان نہ گذريو آهي.

شهنشاهہ عالمگير جي زماني ۾ مولانا محمد انضل سرخوش تمام وڏو عالم ۽ فاضل هو. انهيءَ وٽ هندن جي سڀ کان وڏي فلسفي ۽ شاعر ڀوپتراءِ بيراڳيءَ تعليم ورتي. ان کان پوءِ بندرا بن داس خوشگو بہ انهيءَ صاحب جو شاگرد هو.

انهيءَ کان پوءِ جي زماني ۾ ميرزا عبدالقادر بيدل ۽ شيخ سراج الدين علي آرزو بہ وڏا عالم هئا، جنِ جا هيٺيان هندو شاگرد هئا:

منشي امانت راءِ امانت. شوارام حيا. سکراج سبقت. سري گوپال تميز. حضوري ۽ ندرت. سراج الدين خان علي آرزو پنهنجي ڪتاب "مجمع النفائس" ۾ پنهنجي هينين هندو شاعر شاگردن جو تذڪرو ڪيو آهي: بابو بالمڪند شهود. پنڊت جي ڪرشن عشرت. راءِ انند رام مخلص. بندرا بن داس خوشگو ۽ ٽيڪچند بهادر. ديوان بهادر اهڙو تہ زبردست عالم فاضل ٿي گذريو. جو هو آخر پنهنجي استاد آرزوءَ جي قولن تي بہ نڪتہ چينيءَ ڪرڻ ريءَ ڪين رهيو. سندس فارسي لغت "جامع لغات" جي نالي سان اڄ بہ مشهور آهي.

مير محمد علي رائج سيالڪوٽي انهيءَ صدي جو نهايت وڏو استاد ليکيو وڃي ٿو. سندس شاگردن مان مشهور هندو محقق حضرت وارستہ سيالڪوٽي هڪ هو. ڪشن چند خلوش (اخلاص؟). نشاط ۽ ميرزا عبدالغني قبول پڻ مشهور ٿي گذريا آهن.

بساون لال بيدار. سرب سنگهہ خاڪستر ۽ ثروت. مولانا مظهر الدين جان جانان جا شاگرد هئا. سکن جي زماني ۾ پنجاب ۾ مولوي نوراحمد چشتي بلند پايي جو عالم هو. ڪيترا هندو صاحب بہ ان جا شاگرد هئا. "ظفر نامہ رنجيت سنگهہ" جو مصنف ديوان امرناٿ اڪبري ان جو شاگرد هو.

## مسلمان استادن جي هندو شاگردن سان محبت:

اسان مٿئين باب ۾ فقط مختصر حال ان ڪري ڏنو آهي تہ. انهيءَ زماني جي هندو مسلمانن جي هڪ ٻئي سان محبت ۽ يگانت جو اندازو ٿي سگهي. اڄ ڪلهہ جي نفاق کي ڏسندي اڳيون وقت جڏهن ياد ٿو اچي تہ ڳچ ڳري ٿا پون. آهہ! هندوستان جون گذريل صديون بهشت مثل هيون. نہ هندن ۾ مسلمانڪي هئي نہ مسلمانن ۾ هندڪي. ٻئي قومون پائرن جان گذاريندڙيون هيون.

مسلمان استادن جو قرب هندو شاگردن سان بہ اهڙو هو جهڙو مسلمان شاگردن سان. خان آرزو "مجمع النفائس" ۾ پنهنجي هندو شاگردن جو هن ريت محبت وچان ذڪر ڪري ٿو:

"شهود تخلص اٿس. نهايت مهذب جوان آهي. قوم بہ شريف جو آهي. منهنجي ساڻس ملاقات ۽ واقفيت عزيزالقدر خوشگو (بندرابن داس) جي خط آڻڻ ڪري ٿي. تمام سٺي سياءَ جو نظر اچي ٿو. اڃا سيڪڙائو آهي. جيڪڏهن زماني ساڻس ساٿ ڏنو تہ بهترين شاعر ٿيندو (انشاء الله). عشرت نوجوان ڪشميري آهي. خدا مٿس نگهبان هجي. ويچارو نهايت وفادار ۽ غريب آهي."

اهڙيءَ طرح سوين مثال آهن, جن مان هندو شاگردن لاءِ, مسلمان استادن جي محبت جو دليل ملي سگهي ٿو. خان صاحب جي مٿين ڪارن اکرن وارن فقرن مان پنهنجي هندو شاگردن لاءِ ڪهڙي نہ محبت ۽ الفت ٽپڪي ٿي.

## هندو شاگردن جي مسلمان استادن سان محبت:

نہ فقط مسلمان استادن ڪي هندو شاگردن سان ايتري الفت هئي, مگر هندو شاگردن کي بہ ساڻن ايتري ئي عقيدت ۽ محبت هئي.

بندرابن داس پنهنجي ڪتاب "سفينہ" ۾ جتي بہ خان آرزوءَ جو ذڪر ڪيو آهي, تہ نهايت ادب ۽ احترام سان کيس "قبلہ ڪعبہ من" جي نالي سان سڏيو آهي.

انندرام مخلص پنهنجي چمن ۾ بہ انتهائي خلوص ۽ عقيدت سان پنهنجي استاد آرزوءَ کي خطاب ڪيو آهي. شفيق اورنگ آباديءَ پنهنجي تصنيفن ۾ جتي بہ استاد آزاد بلگراميءَ جو ذڪري ڪيو آهي, تہ کيس مير صاحب, قبلہ و ڪعبہ برحق, پير مرشد جي خطاب سان مخاطب ڪيو اٿس, ۽ پاڻ کي "غلام" جو لقب ڏنو اٿس.

اهڙا هزارين مثال موجود آهن. ڪهڙا لکي ڪهڙا لکون. خدا گذريل زماني تي رحمت ڪري, ۽ هن زماني لاءِ سڌاري جا دروازا ڪشادا ڪري.

اهو آهي مغل شاهي زماني جي هندو مسلمانن جي هڪ ٻئي سان مني تعلقات جو مختصر خاڪو ۽ هندن جي تعليمي بندوبست جي هڪ ڏنڌلي تصوير.

-------

# غلام شاهہ راشدي

(سنڌ جو هڪ باڪمال شاعر)

[هي مضمون مشهور رسالي "سنڌو" ۾ نومبر 1937ع ۾ ڇپيو هو. مضمون جي فوٽو ڪاپي ڊاڪٽر انور فگار هَڪڙي ڏني]

غلام شاهہ سنڌ جي مشهور علمي خاندان راشديہ جو هڪ بلند پايہ شاعر ۽ باڪمال بزرگ هو. سندس والد بزرگوار جو نالو پير علي ذوالفقار شاهہ هيو.

هو پير صاحب پاڳاري (سيد صبغت الله شاهہ) جو پٽ ۽ پير صاحب محمد راشد (روضہ واري) جو پوٽو هيو. غلام شاهہ جي تعليم ۽ تربيت پير ڳوٺ ۾ ٿي، جتي فارسي ۽ عربيءَ جي تعليم پير صاحب جي مدرسي ۾ ورتائين. انگريزي بہ اعليٰ درجي جي ڄاڻندو هيو مگر اهو معلوم نہ آهي تہ اها تعليم ڪٿي ورتائين. بهرحال انهن زبانن جي لٽريچر جو ڪافي مطالع ڪيو هيائين ۽ بحث مباحثہ ۾ بہ بلڪل برک هيو.

پير صاحب حزب الله شاهہ (پير پاڳاره) جي زماني ۾ رشتي دارن جي بد سلوڪيءَ سببان، پير ڳوٺ کي خيرباد چئي، بدين تعلقہ جي ڳوٺ گولاڙيءَ ۾ وڃي مقيم ٿيو ۽ پوءِ مرندي مهل تائين موٽي پير ڳوٺ ڪونہ آيو. گهر ڪان نڪرڻ وقت وٽس پاڙي ڪان مٿي پائي بہ ڪانہ هئي. مگر لاڙ ۾ پهچڻ ڪان پوءِ ايڏو بخت بلند ٿيس جو وڏي ملڪيت جوڙي ويو ۽ ايڏو رسوخ حاصل ڪيائين جو اڄ بہ لاڙ جي ٿر تاڪن تي سندس ڏونڪو وڃي رهيو آهي.

پير صاحب رهڻي ڪهڻيءَ ۾ نهايت سادو ۽ خوراڪ پوشاڪ ۾ ڏاڍو سنئون سنواٽو هيو. ململ جو ڪشادو چولو ۽ چڱن والن جي ننڍي سٿڻ پائيندو هيو. پيرن ۾ سنڌي جتي ۽ مٿي تي سرائڪي ٽوپي پائيندو هيو. سياري خواهہ اونهاري اها پوشاڪ هيس. ڪڏهن ڪڏهن اندر باهر ويندو هيو تہ ڪوٽ ۽ بوٽ جي تبديلي ڪندو هيو. ورنہ عام طرح ڪنهن بہ

ڪيس نٿ ٿانگر ڪونہ ڏنو. انهيءَ سادگيءَ ۾ بہ مزاج شاهانہ رکندو هيو. تمام آزاد ۽ لا اُبالي هيو. ڪڏهن پٿر جهڙو سخت هيو نہ ڪڏهن وري هڪ مهجور عاشق جي ڳوڙهن کان بہ وڌيڪ نرم ٿي ويندو هيو.

سموري حياتي، خوشحالي، فارغ البالي ۽ آزاد خياليءَ ۾ گذاري 60 ورهيہ کن جي چمار ۾ 2 يا 3 تاريخ ذوالحج 1319 هہ جي پنهنجي ڳوٺ گولاڙيءَ ۾ وفات ڪري ويو. کيس "ذات الجنب" جي بيماري ٿي جنهن ۾ ڪل 7 ڏينهن کن مبتلا رهيو موت کان هڪ ڏينهن اڳ چون ٿا تہ سندس زبان تي بار بار هيٺيون مصرع هيو:

"ڇنيسر جي ڇت ۾ هن کان اڳي هو
نيٽن سندو مامرو تهان پوءِ ٿيو."

بزرگ جي مزار گولاڙيءَ ۾ سندس ڪوٽ جي اوبر طرف ڇتائين ڪوٺيءَ ۾ آهي، جتي هر سال سندس عقيدت مند ميلو لارائيندا آهن.

(2)

غلام شاه جي شاعرانہ زندگيءَ جي حقيقي ابتدا، وطن جي وڃڻ ڇڏڻ بعد ٿي، وطن ڇڏڻ کان ٿورو اڳ سندس بيبي ۽ والده بہ وفات ڪري ويون، جن جي انتقال بہ سندس طبيعت ۾ هڪ تغير پيدا ڪيو. توڙي جو انهيءَ فن جو ازل واري استاد کان ئي سبق سکيو هئائين مگر انهن واقعن کان پوءِ سندس سچا پچا جوهر کلي پيا. لاڙ ۾ وڃڻ کان پوءِ ٿر جي فطري رنگينن بہ سندس اداس طبيعت تي سوز گداز جو پرتو وڌو.

سيد بادشاه هر وقت شعر ڪونہ چوندو هيو ڪڏهن ڪڏهن ڪن خاص حالتن ۾ سندس ملڪا کلي پوندا هيا ۽ مصرائون موزون ٿي وينديون هيس. جڏهن اٺ تي چڙهي ٿر جو سفر ڪندو هيو ۽ وڃي پٽن تي چڙهندو هيو اتي ساوڪ ڏسندو هيو آسمان تي جهڙ ٿيندو هيو ۽ سنهي سنهي بوند هلڪي هير سان ملي پٽن جي سبزه زار تي موتن جان ڪرندي هئي، ان وقت مٿس مستي طاري ٿيندي هئي ۽ يڪدم اٺ تان لهي پوندو هيو ۽ شعر چوندو هيو. يا وري جڏهن راڳ ٻڌندو هيو ۽ مٿس وجد طاري ٿيندو هيو ان مهل بہ مصراعون موزون ٿي وينديون هيس.

ان کان سواءِ جڏهن ڪنهن خاص واقع ڪري غم ۾ هوندو هيو اهو وقت بہ سندس شعر چوڻ جو هيو.

راڳ سان سندس خاص ذوق هوندو هيو. جڏهن ڪو ڪن تي هٿ رکي "الو ميان" ڪندو هيو يا ڪو ڏنار چانڊوڪي رات ۾ جهنگ ۾ بين وڄائيندو هيو ان وقت غلام شاھہ مدهوش ٿي ويندو هو. جهومندو بہ هيو ۽ زارون زار رئندو بہ هيو. هڪ ڌفع والد مرحوم کيس بہ ٽي مصراعون ٻڌايون. مٿس ايتري مستي چڙهي جو ڪافي ختم ٿيڻ بعد بہ ڪيترو وقت اکين مان لڙڪ نہ ٿي بيٺس. پوءِ پاڻ بہ ڏاڍي سوز منجهان پنهنجي ڪافي ڇپائين. عيد براد جي موقع تي جڏهن مٽ مائٽ ۽ وطن ياد پوندو هيس تڏهن ڏاڍو سوز گداز پيدا ٿيندو هيس. هڪ دفع عيد جي موقع تي نماز کان اڳ جماعتن جي مجلس ۾ ڪافي چيائين:

"اتم اميدون اجان اجان، مان تہ پاند پائيندس پنهل پرچائيندس."

ڪافي ايترو تہ سمان پيدا ڪيو جو ٻڌندڙ ۽ ٻڌائيندڙ سڀ ٽي رنا، اهو سارو ڏينهن سيد کي سوز نہ ڇڏيو. تر جي سفر ۾ جيڪا ڪافي ٺاهيندو هو ان ۾ خاص طرح اثر هوندو هو. حاجي صالح ڳالھہ ٿو ڪري تہ هڪ دفع تر جي سفر ۾ هياسين. واٽ ويندي اوچتو آسمان تي ڪڪر ڇانئجي آيا، سنهي ڦڙ ڦڙ پوڻ لڳي، بهار جي موسم هئي، ۽ منداڻتا گاھ پٽن تي چالر هيون پيا هئا. موسم جي اها مستي ڏسي غلام شاھ اٺ ڪٽي جهڪايو. سبزه زار تي گهمڻ لڳو ۽ جهونگارڻ لڳو. ان وقت هينئن ڪافي راس ڪيائين:-

ساٽيھہ جي ميان سومرا! آهي سڪ سچي،
ويڙهيچا وانجهن ۾ واهہ واهہ وس چرو.
قوت جني جو ڪونڌير، ٻگرا، ٻوهہ، ٻرو.
گولون گولاڙن ۾ پيڙيون سي پچي،
ساٽيھہ جي ....
ميها، موگر، مکٽيون، موٺون مانڌاٽان،
کهہ کوماٽا کنيون، سائون ساماٽان،
ويڪر ولهارن ۾ پيڙا سي پچي.
ساٽيھہ جي........

حاجي صالح محمد چوي ٿو تہ هڪ لڳا "برهان واري تڙ" تي لٿل هياسين. رات جو مولوي قطب. اشرف شاھ جي هيٺين ڪافي چيءِ:-

منهنجـــي ســـرتين ۾ ڪـــا سـنيال،

آءٌ تـــي ونجـــهلان ويـــڙهيچن لئـــا!

1. اُن انهـــن جـــو آ جـــڪو مثـــن لويـــون لال
2. انـــڙا مينهـــن مليـــر تـــي، مـــارو چـــارن مـــال
3. مينهـــن مانـــڌاٽا ڪيـــا، چپـــر وســـي شـــال
4. اشـــرف شـــاھ چـــوي آيـــا، مـــارو ڪـــاهي مـــال

منهنجـــي ســـرتين ......

پير صاحب کي اها ساري رات ننڊ نہ آئي، ڪڏهن رنو ٿي ۽ ڪڏهن بسترو چڏي هيڏي هوڏي گهميو ٿي، آخر اسر ويل جو هيٺين ڪافي موزون ڪيائين:-

سـڪندي تيـڙم سـال، آءٌ تـي ڏکيـا گـذاريان ڏينهـڙا

1. وجـــهيو ويئـــي ونـــدرائي، قـــوڙائي جـــي فـــال

آءٌ تي ڏکيا.......

2. ويهي مون سان واعدا ڪيائون، ڪالهہ ڪالهوٽيءَ ڪال
3. اُن انهـــن جـــو آ جـــڪو لويـــون مثـــن لال
4. آءٌ غـــلام شـــاھ انهـــن کـــي، جـــئري گڏجـــان شـــال

آءٌ تي ڏکيا.......

انهن واقعن مان معلوم ٿئي ٿو تہ شاعر جي طبيعت تمام احساس ۽ سوز گداز جو مخزن هئي، پور پوندو هيس تہ شعر والهانہ انداز ۾ خود بخود زبان مان نڪري پوندو هيس. ورنہ اجوڪن ڪاٽڪو شاعرن جيان پراوا ڪلام پڙهي، قافيہ ۽ خيال اڏائي، قلم مس کڻي ڪڏهن ڪجهہ ڪونہ چيائين. ڪنهن حڪيم جو قول آهي تہ "نيچرل شاعر جي شاعري هيٺين اسبابن تي منحصر ٿيندي آهي: رات جو سناٽو. صبح جي هير ۽ رنگيني. برسات جي گهڻ. طيور جو ترنم. درياھ جي رواني. چنڊ جي چانڊاڻ. پرڪيف تغير. سرسبز باغ. اهي آهن قدرتي شاعر جي هيجان طبيعت جا

اسباب، جيسين انهن مان ڪابہ شي موجود نہ هوندي تيسين شاعر جو فڪر شعر ڪان معذور هوندو". غلام شاهہ جي بہ اها حالت هئي، برسات جي بوند، ٿر جي سفر، پٽن جي ساوڪ، وطن جي ياد، راڳ ۽ غم سندس شاعريءَ جا اسباب هيا. تنهن ڪري سمجهڻ گهرجي تہ سندس ڪلام جو گلدستہ طويل راتين ۽ عميق افڪارن جو نتيجہ نہ آهي، مگر چند قليل مصروفيتن جي مختصر لمحن جو هڪ رنگين مجموعہ آهي.

(3)

شاعر جو شعر جيئن اسان مٿي ڏيکاري آيا آهيون، ڇاڪاڻ تہ فطري ۽ بي اختيارانہ آهي، تنهنڪري منجهس تصنع يا بناوٽ اصل ڪانہ آهي. زمين سادي، مطلب سٺائو ۽ الفاظ بلڪل مختصر آهن. شاعرانہ خصوصيتون بہ شعر ۾ ملن ٿيون، مناظر ڪشي، اسلوب بيان، جذبات ۽ رواني وغيرهہ موجود آهن. مثال لاءِ مناظر ڪشيءَ جو ڪمال ڏسو جو هڪ مصرع ۾ ٿر جي ساوڻيءَ واري موسم جو مڪمل منظر ڇڪي ڇڏيو اٿائين:-

موسم تي مينهن اُنا، پاٽي تيڙا پلر
ڏٿ ڏيهائن جو لنب لاٿا ۽ للر
لوءِ ياريں سين، وجي لوءِ لٺان!

اسلوب بيان ۽ اظهار جذبات جو طريقہ هيٺين مصراعن ۾ ڏسو جڻ هڪ ٻئي سان منهون منهن پئي گفتگو ٿئي:-

1. ڪلي وينيءَ ڪٿ ٿي تون تہ، پر سسئي، ڀاڻ پرائي،
ٿاريلين ٿر ڇاين ڪي، ڪيئن لقب وڌو تو لائي.
2. سوين سنگهاريون راج ۾، ڇو عمر اهي نہ اتڪائي،
منڙو ريڏئي مارئي نہ تہ باند نہ ٻئي ڪنهن پائي.
3. ورڻ وس نہ پنهنجي، رهڻ تو نہ رهائي
ڪڙم اباڻي ڪير ريءَ، تہ بہ جيڻ تو نہ جڳائي.

مائي مارئي کي ٽا مارون ميارون ڏين تہ "تون پرائي پرس سان ڪٿن تي خوش ٿي وينيئن، ٿر ڇاين کي لقب لائي وڌئي، تنهنجو پنهنجو من ريڏو نہ تہ بيون بہ تو جهڙيون سوين سنگهاريون راج ۾ آهن انهن کي عمر باند نہ

ازين قسم فن شعر جي جنهن بہ اسلوب تي ڏسنڌؤ تہ غلام شاھ جو شعر ضرور ليندو، شعر گداز سادگي ۽ سلاست خاص طرح آهن. آخر ۾ بندش ۽ رواني‌ءَ جي خوبي‌ءَ جو بہ نمونہ ڏسو:-

ميها، موگر، مڪٽيون، مرٽون، مانڊاٽا
ڪھ ڪوماٽان، ڪُنييون، سائون، ساماٽا

ديڪر ولهارن ۾ پيڙا سي پڇي

غلام شاھ جي ڪلام ۾ ٿر جي ٻوليءَ جا اڪيچار لفظ ڪم آيل آهن، جيئن تہ ديڪر، ڪونڊير، ٻُوهہ، ٻرو، گولون، ويڙهہ، ٽِٽان، پيڙي، پلر، ڦانڊون، ٻانڊوٽا، لوءِ، لوءِ يارين، ڪتيرن، پرسئي، ڪيڙ نائي، سانيهہ، ساروٽي، ڪيڻ، ڏيج، اوچڻ، ڪوارينڊيس، اُڪنڊ وغيره وغيره.

(4)

غلام شاھ جو ڪلام لاڙ ۾ عام جام چيو وڃي ٿو، باوجود ايتري پذيرائيءَ جي بہ اهو گهڻي حد تائين محفوظ رهي ڪونہ سگهيو آهي ۽ جيئن جيئن وقت ويو آهي گذرندو تيئن تيئن اهو ويو آهي ميٽبو. جنهن وقت مان سندس ڪلام گڏ ڪرڻ شروع ڪيو ان وقت سندس صحبتي باقي ٿي جٽا بچيا هئا.

هڪ سومار ٻيو محمد صالح، ٽيون طيب. اهي ٽئي سندس خاص خليفہ هئا ۽ انهن کي جيڪو ڪلام ياد هو اهو ۽ ڪجھ پنهنجن ڪتابن مان اتاري گڏ ڪيو اٿم. سندس سمورو ڪلام ٽن حصن ۾ آهي: (1) مارئي (2) سرائڪي زبان ۾ (3) متفرق. هن هيٺ سندس بہ ٽي ڪافيون نموني خاطر ڏيان ٿو:-

جام عمر آن جائي مهڻن خاطر مارئين.

1. مربا، ماڪيون، مصريون، ڪيڻ هر ڪائي-
ساڪڙ جو سانيهہ جو ماروئڙن جي منائي.
2. اوچڻ آءٌ نہ وڃائجي، طولن آهيان تپائي-
ڏيج اسان جو ڏوڙا کهنبن جند ڪپائي.
3. وطن اسان جو ويڙهہ ۾ ڪوٽن دلڙي ڪنبائي-
سا ڪيئن مرڪي ماڙئين، جيڪا چارن پر جائي.

4. ساروٽي تنهن ساٿيهہ جي سورن دل سجهائي۔
گوندر منجهہ غلام شاهہ چوي ويڙي عمر اجائي.

(1)

عمـــر اباڻــا ڏوٿـــي ڏاڏاڻــا۔

الا وسـئون آئـون نـہ وسـارينديا

1. مينڊن ۾ ميان عمر مر پيو چيڙهہ چڪي
ساهہ سنگهارن کي سارين روز سڪي
ڳوٺاڻن ڪئون ڳتون ڏر نہ ڏوارينديا.
2. باغ باغيچا بنگلا مير ڏسي ماڙيون.
ڪيئن وهان ڪوٺن ۾ واهن تنهنجون واڙيون
جهانگيئڙن جا جهوپا ڪيئن ڪوارينديا.
3. هينئڙي جن سان هيرون سي منهنجا تر تيا.
محلاتن ۾ مئيءَ کي جن ريءَ پهر پيا
ان ري غلام شاهہ چوي گهڙي نہ گهارينديا.

سرائڪي زبان جي ڪلام جو نمونو هي آهي:۔
رمزان لاڪي رانجهن نال، بيوس تي آن بيحال
صـورت معنـي عشــق اوهـان جـو

ڪـيتس قـرب ڪمـال
بيــــوس تـــي آن......

محــبت تيــڏي متيــان منجــهايان،
عشــق وجايــا افعــال
بيــــوس تـــي آن......

ڪـر ڪـر نــاچ مارينــان تاڙيـان،
آڪي غـلام شـاهہ ڪلال
بيــــوس تـــي آن......

متفرقات ۾ هيٺين قسم جو ڪلام آهي:-

دلــڙي ديــواني ڪــري وئيــن يــار
پــوءِ ساجــن مُـئي جـي لـڌئي نـہ سـار

1. اڌر ڪيـــا نتـــل ڪـــڏهن اينـــدا،
دوســـت دلاســـو دل کـــي ڏينـــدا
ڪانگـــل ڪـــج تـــون خبـــر چـــار.

2. پـــل نـــہ ســـري مـــون جـــنهن پـــر ريءَ،
تنهـــن جـــا تـــب ڪئـــون جـــدا جـــئري
ڪنهـــن پـــر ڪـــج نـــہ ڏٺيـــم ڏار

3. تون منهنجو سائين آءُ تنهنجي ٻانهي،
اڳـــڻ آســـروند جـــي آءُ تـــون جـــاني
ســـوڏل لـــڳ جـــبار

4. سڪ سدا تنهنجي آهي ساهہ کي،
آهي آسا بند اهو غلام شاهہ کي
گهـــڙي گهـــڙي گفتـــار
دلـــــڙي ديـــــواني......

(2)

ساجـن وچ نـہ سـفر وقـت وڃـڻ جـو
هـا واٽـو هلـڻ جـو تـو مـاري مئـي کـي
قـــدم ڪـــرم جـــا ڌر تـــون ڏٺـــيءَ لـــڳ ميـــان
ذوســـــــت اســـــــان جـــــــي در الا -
هـــــاواٽو.......
رٺـان رهـڻ نـہ سـپرين ميـان پـليان ڪهـڙي پـر الا -
هـــــاواٽو.....
ورهہ وڇوڙو تو ماري مئي کي ميان ڪا تہ ملڻ جي ڪر الا!
هـــا واٽـــون......

رهـــــ اجـــوڪي راتــــڙي تـــــون ميـــــان گهــــوٺ
غـــــلام شـــــاهه جـــــي گهــــــر الا_ هــــــاواٺو.....

(3)

هڪ هڪ نيڻن جي ناز تئون سؤ سؤ پيرو صدقي ٿيان
جيڪي پرين پر ۾ پهيو هينئڙو ڳڻن تن سان گهيو
ايڏا سورڙا جيءَ ۾ سهيو ناحق جيڏيون آءَ ٿي جيان
هـڪ هـڪ........
جـــن لئـــي تـــي مچتـــائون مچـــان اينــــدا ڪنــــديس
ڳـــالهيون ڳچـــان
ڪـــو ڏينهـــن اٺـــي بـــاقي اجـــا_
ملنـــــدئي نــــ تـــي هيٺـــون هيـــان
هـــڪ هـــڪ......
پـــري نـــــ ڪيـــــڙس بـــــره برپينـــــر پهـــرايم ذوق ذرو
انهيءَ عشق جي سودي ۾ سر_ ڪو هڪ ڏني آءَ ڏهـ ڏيان
هـــڪ هـــڪ.......

(4)

اٺم اميدون اجان اجان،
مان تہ پانڌ پائيندس، پنهل پرچائيندس!
دعا ڪريو جيڏيون جي جانب آيو
پنون مٺيءَ جي روح جو رايو
سرتيون اوهان کي ٿي سنجان سنجان،
آءَ ڪنڌون ڪارائيندس وٺون ورهائيندس،
اٺم اميدون....
جنيون ڦنيون پتين پٺڪا،
تنهنجي ڪارڻ تعنا ٽُنڪا،

سر سيئي مون مچيان مچيان،
آءُ ڪوهہ لڪائيندس، ڇاڪون ڇپائيندس!
اٿم اميدون....
درد ونديءَ ڪي دم دم دلبر،
درد فراق جا دل تي دفتر،
ڳالهين جا اٿم ڳچان ڳچان،
آءُ ڳجهو ڳالهائيندس، ساري سٽائيندس!
اٿم اميدون.....
سڄڻ هليا مون کي منهہ ٽيو
پرين ڏاران ويهڻ وهہ ٽيو
وهان ڪيئن آءُ وچان وچان،
ويا ورائيندس، موٽا ٿي آٽيندس!
اٿم اميدون.....
سوين سالن ورهن ويهان،
آکي غلام شاهہ راتيان ڏينهان،
پاڃ اهي وينّي پچان پچان،
آءُ گهر گهرائيندس گهورون گهمائيندس!
اٿم اميدون.....

اهو نيٺ سنڌي نمونہ جو ڪلام آهي، جيڪو سر ۽ ساز سان مزو ڪندو آهي. شايد اڄوڪن تڪ بازن کي ان مان لطف ڪونہ اچي، مگر حقيقت ۾ تہ اڄوڪيءَ تڪ بازيءَ کان لک دفعا هي سادو سڌو ۽ سنئون ڪلام سٺو آهي.

------

# فتاويٰ عالمگيريءَ جا ٻه سنڌي مؤلف ۽ سنڌن بزرگ*

[راشدي صاحب مرحوم جو هي مضمون مشهور اردو رسالي "معارف" جي پرچي نمبر6، جلد 59، سال 1947ع ۾ شايع ٿيو هو. مذڪوره پرچو شاهه ولي الله اڪيڊمي حيدرآباد جي ڪتبخاني ۾ موجود آهي، جتان هن پيپر جو فوٽو اسٽيٽ حاصل ڪري، ان جو ترجمو ڪيو ويو جو رسالي "مهراڻ" 1990/2ع ۾ ڇپجي ظاهر ٿيو]

مغل بادشاهه اورنگزيب (1658-1707ع) جي حڪم سان، فقه جو هڪ مستند ۽ جامع ڪتاب عربي زبان ۾ تيار ڪيو ويو. هي ڪتاب پوءِ فتاويٰ عالمگيري جي نالي سان مشهور ٿيو. هن علمي ڪم جي پورائي لاءِ شيخ لاءِ شيخ نظام الدين برهانپوريءَ جي سربراهيءَ ۾ عالمن جي هڪ ڪميٽي جوڙي وئي. ساڻس گڏ چار وڏا عالم: قاضي محمد حسين جونپوري، سيد علي اڪبر سعدالله خاني، ملا حامد جونپوري ۽ محمد اڪرم لاهوري شريڪ ڪار رهيا. هرهڪ عالم سان گڏ ڏهه معاون عالم مقرر ٿيا، جن ۾ سيد نظام الدين ٺٽوي ۽ قاضي ابوالخير ٺٽوي به شامل رهيا. فقه جو هي جامع ڪتاب اٺن سالن ۾ تيار ٿيو ۽ ان تي عالمگيري سڪي جا ٻه لک رپيا خرچ ٿيا. مترجم

معارف جي ڊسمبر 1946ع ۽ جنوري 1947ع وارن پرچن ۾ فتاويٰ عالمگيري ۽ ان جا مؤلف عنوان سان جو مضمون ڇپيو آهي، تنهن ۾ سنڌ جي ٻن بزرگن سيد نظام الدين ٺٽوي ۽ قاضي ابوالخير ٺٽويءَ جا نالا به ڪنيا ويا آهن، جن کي هن جامع فتاويٰ جي مؤلفن ۾ شامل هجڻ جو شرف حاصل آهي، صاحب مضمون هنن ٻنهي بزرگن جي باري ۾ مولانا رحمان عليءَ جي "تذڪره علماءِ هند" کي پنهنجو ماخذ بڻايو آهي، جنهن

---

* ترجمو: عبدالرسول قادري.

۾ ٻن ٽن سٽن ڪان وڌيڪ سندن سوانح حيات موجود ڪانهي. هيٺ پنهي بزرگن بابت وڌيڪ ڄاڻ ڏجي ٿي.

## (1) سيد نظام الدين ٺٽوي

### نسب:

سيد صاحب جو نسب هن ريت آهي: "سيد نظام الدين بن سيد نورمحمد بن سيد نظام الدين اول بن سيد نورمحمد بن سيد شڪرالله ثاني بن سيد ظهيرالدين والاسلام عرف سيد جادم اول بن قاضي سيد شڪرالله اول بن سيد وجيه الدين بن سيد نعمت الله بن سيد عرب شاه بن سيد امير نسيم الدين محمد المعروف ميرڪ شاه بن امير عطاءُ الله جمال الدين المحدث بن سيد فضل الله بن سيد مير عبدالرحمان بن سيد عبداللطيف الحسيني الاسڪني شيرازي."

### وطن:

سندن وڏا شيراز ۾ رهندا هئا. جتان پوءِ هرات ۾ اچي رهڻ لڳا. هتان ئي قاضي سيد شڪرالله اول بن سيد وجيه الدين سن 906هه ۾ قنڌار ۾ پهتو.

### سنڌ ۾ اچڻ:

قاضي سيد شڪرالله قنڌار ۾ 21 سالن تائين رهيو. ان بعد مرزا شاه بيگ ارغون جي چوڻ تي، واپار سانگي سن 927هه ۾ سنڌ ۾ آيو ۽ اچي ٺٽي ۾ رهائش اختيار ڪيائين. هو صاحب علم ۽ فضل سان گڏ، وڏو متقي ۽ ديندار هو. مرزا شاه بيگ کان پوءِ جڏهن مرزا شاه حسن ارغون بادشاه بڻيو، تڏهن قاضي صاحب کي ٺٽي جي قضا جي مسند تي فائز ڪيو ويو.

هڪ ڀيري شاه حسن ڪجهه واپارين کان چند گهوڙا خريد ڪيا ۽ ڏوڪڙن ڏيڻ ۾ جاٽي واٽي ايتري سستي ڪئي، جو واپاري مايوس ٿي قاضي سيد شڪرالله جي عدالت ۾ دعويدار ٿيا. قاضيءَ، بادشاه کي جوابدار جي حيثيت ۾ عدالت ۾ طالب ڪيو ۽ جڏهن هو آيو ته، ڪيس

فرياڊين سان گڏ ٻيهڻ جو اشارو ڪيائين. ڪيس هليو تہ بادشاھ دعوي جي درست هجڻ جو اقرار ڪيو ۽ فريادين کي رقم ڏئي راضي ڪري ورتائين. بعد ۾ قاضي مسند تان اٿيو ۽ اڳتي وڌي سلطنت جا آداب بجا آڻي، بادشاھ کي پنهنجي مسند تي آڻي ويهاريائين. مرزا شاھ حسن پنهنجي قبا ۾ لڪل اگهاڙي تلوار ڪڍي، قاضي صاحب جي سامهون رکي ۽ چيو تہ: "اچ جيڪڏهن اوهين فيصلي کان اڳ سلطنت جا آداب بجا آڻيو ها ۽ مون کي منهنجي درجي کي ڏسي، دعويدارن سان گڏ نہ ٻيهاريو ها تہ، هن تلوار سان اوهان جو سر قلم ڪيان ها." تنهن تي قاضي پڻ مسند هيٺان رکيل اگهاڙي تلوار ڪڍي. ڏيکاري تہ مون پڻ اهو خيال ڪيو هو تہ متان بادشاھ شريعت جي خلاف هلت ڪري ۽ انهيءَ وقت ڪوبہ ماٺهو ويجهو اچڻ جي جرئت نہ ڪري تہ، مان پاڻ هن ترار سان شرعي سياست بجا آڻيندس. ڪجهہ عرصي کان پوءِ سيد صاحب استعفا ڏني ۽ شاھ حسن، سندس جاءِ تي محمد اڇيءَ کي مقرر ڪيو.

صاحب تحفة الڪرام لکي ٿو تہ: "قاضي شيخ محمد اڇي آل جعفر ڏي منسوب ۽ وقت جي مشهور عالمن مان آهي. پهريان هرات کان اچ پهتو هو. ڄام نظام الدين جي ڏينهن ۾ جڏهن سيد ميران محمد جونپوري ٺٽي آيو ۽ وقت جي عالمن مٿس ڪفر جي فتوي ڏني، تڏهن هن قاضيءَ ان ولي اڪمل جي تڪفير سان تعلق رکندڙ ظاهرپرست عالمن جي دليلن کي نهايت مناسب رد ڏنو. ڇاڪاڻ تہ هيءُ پاڻ حقيقت جو ڄاڻو ۽ حال جي صاحبن جي درجي کان واقف هو. سيد ميران محمد هن جي حال ڏي توجهہ فرمائي، سندس اولاد ۾ خوشحالي ۽ بزرگيءَ جي دعا ڪئي. ان ڪري هن خاندان تي ڪنهن بہ حادثي جو اثر نہ ٿو ٿئي. بعد ۾ اچ ۽ ملتان کان پوءِ سکر ۾ رهيو پر پهرين مشهوريءَ ڪري اڇ ڏي منسوب رهندو آيو. جيئن اڳ ذڪر ٿي آيو تہ ٺٽي جي قضا تان قاضي سيد شڪرالله استعفا ڏني، تڏهن مرزا شاھ حسن، مٿئين قاضي جنهن سان هن جا اڳئين وطن هرات کان ئي خانداني لاڳاپا هئا، ۽ انهن تعلقات کي برقرار رکڻ لاءِ هت پڻ هڪ ٻئي جي پرسان، رهائش ۽ واسطو پيدا ٿي پيو هون،

جي رٿ موجب ڪين گهرائي (شيخ محمد کي) انهيءَ معزز عهدي تي فائز ڪيو. ميران سيد محمد جونپوريءَ جي دعا جي برڪت ۽ قديمي نجابت سبب، هي عهدو موروثي طور تي سندس اولاد لاءِ وقف ٿيل آهي. مرزا عيسيٰ جي حڪومت جي شروعاتي زماني ۾ فوت ٿيو. ٻه عالي گوهر پٽ ڇڏيا اٿس. ان بعد سندس اولاد جو تذڪرو اچي ٿو(1).

## وڏا بزرگ:

سيد شڪرالله ٺٽي جي انصارين مان شادي ڪئي، جنهن مان سيد ظهيرالدين پيدا ٿيو. سيدظهيرالدين جي باري ۾ "تحفة الڪرام" جي صاحب لکيو آهي ته: "والد بزرگوار جو جاءِ نشين ٿيو. هو فضيلت ۽ چڱي حالت جو مالڪ هو. ظاهر ۽ پرهيزگاري، شريعت جي پابندي ۽ درس تورڙي تدريس ۽ باطن ۾ فقيريءَ جي وات ۽ وڏن جي طريقي تي هلڻ ۾ مشغول هو(2).

تاريخ طاهريءَ جو مصنف ڪيس هن ريت ياد ڪري ٿو: عزت ۽ سيادت جي درياءَ جو موتي، فصاحت ۽ بلاغت جي کاڻ، سيني علمن ۽ معنائن جو جامع مير ظهيرالدين(3). ڪيس ٻه پٽ ٿيا. هڪ سيد شڪرالله ثاني، ٻيو سيد عبدالرحمان. سيد شڪرالله بابت "تحفة الڪرام" ۾ آهي ته: پيءُ ۽ ڏاڏي جي وصفن سان سينگاريل هو ۽ زماني ۾ نالي ۽ نيڪيءَ سان گذاريائين." هڪ يادگار مسجد ٻه پنهنجي محلي ۾ ٺهرايائين. ڪيس چار پٽ ٿيا. سيد محمد حسن، سيد نورمحمد، مير سيد ظهيرالدين جادم ثاني، ۽ سيد لطف الله.

سيد نورمحمد بابت "تحفة الڪرام" ۾ آهي ته پنهنجي وقت ۾ علم ۽ معرفت جو پورو پورو مظهر ۽ دين ۽ يقين وارن جو مرجع هو. ڪيس هڪ پٽ سيد نطام الدين ٿيو جو تحفتہ الڪرام موجب علم ۽ ڪمال ۾ منظم ۽ حال تورڙي قال ۾ توفيق جو صاحب هو، ڪيس چار پٽ ٿيا: سيد نعمت الله، سيد نورمحمد ثاني، سيد فضل الله ۽ سيد محمد شفيع.

## سيد نظام الدين ثاني:

سيد نورمحمد ثانيءَ کي ٻه پٽ ٿيا. سيد ابوالقاسم ۽ سيد نظام الدين ثاني. هيءَ سيد نظام الدين ثاني "فتاوي عالمگيري" جي مؤلفن مان

هڪ آهي. مير علي شير قانع سنڌس متعلق لکي ٿو: سيد نظام الدين ثاني فقه ۾ سيني کان وڌيڪ توفيق وارو ۽ ٻين علمن ۾ وڏو عالم سڳورو پيدا ٿيو. طبيعت جي جذبي جي وس ٿي جهان آباد (دهلي) ڏي هليو ويو. اتي ٻين عالمن جون "فتاوي عالمگيري" بابت ڪيئي مشڪلاتون حل ڪيائين. بادشاه کي خبر پئي تہ کيس عهدي قبول ڪرڻ جي آڇ ڏنائين. چاڪاڻ تہ بادشاه جي قاعدي موجب علم وارن کي نوڪر جي نالي سان نہ سڏيندا هئا. سيد ان عهدي وٺڻ کان انڪار ڪيو. تنهن تي بادشاه وظيفي قبول ڪرڻ جي تڪليف ڏني، تہ بہ سيد راضي نہ ٿيو. نيٺ جلد ئي اتي آخرت جو سفر اختيار ڪيائين.(4)

## سيد نظام الدين ثانيءَ جو اولاد:

ڪيس ٻہ پٽ ٿيا. هڪ سيد عرب شاه ۽ ٻيو سيد احمد. سيد عرب شاه پڇاڙيءَ ۾ مجذوب ٿيو ۽ ڪوبہ اولاد نہ ڇڏيائين. سيد احمد کي هڪ پٽ سيد عطاءُ الله ٿيو جنهن شادي ڪئي ۽ اولاد وارو بہ ٿيو. ليڪن عين جوانيءَ ۾ هي بہ مجذوب ٿي ويو.

## پويان بزرگ:

سنڌس پوين بزرگن ۾ امير نسيم الدين ۽ عطاءُ الله جمال الدين ۽ پڻ سنڌس چاچي بزرگوار مير اصيل الدين جو تذڪرو قاضي نورالله شوستري "حبيب السير" جي حوالي سان "مجالس المؤمنين" ۾ ڪيو آهي. وڌيڪ هي تہ "روضة الصفا" ۽ "هفت اقليم" ۾ بہ سنڌن ذڪر آيو آهي. ٻئين جلد ۾ "تحفة الڪرام" جي صاحب بہ انهن حوالن سان سنڌن حالات بيان ڪيا آهن.

(1) امير جمال الدين عطاءُ الله بن فضل الله المحدث الاسڪني الشيرازي، سيد نظام الدين ثانيءَ جو ٻارهون ڏاڏو آهي. سنڌس متعلق "تحفة الڪرام" ۾ اچي ٿو: عقلي ۽ شرعي علمن سان سينگاريل. علم حديث جو ڄاڻو: تحفة الاحباءَ، رياض السير ۽ روضة الاحباب۔ سنڌس لکيل ڪتاب آهن(5).

اڳتي هلي "حبيب السير" جي حوالي سان لکي ٿو: هيءُ بزرگ پنهنجي چاچي امير اصيل الدين وانگر زماني ۾ علم حديث جو بي مثال ڄاڻو سيني ديني ۽ يقيني علمن جو بين کان وڌيڪ ماهر ۽ پنهنجي چاچي جو شاگرد آهي. ڪجھ سال مدرسه شريفيه سلطانيه جي گنبذ ۾ جتي حضرت خاقان منصورهه جو دو قبو آهي، ۽ ان کان پوءِ خانقاه خلاصيه ۾ درس ۾ مشغول رهيو. هفتي ۾ هڪ ڀيرو جامع هرات ۾ وعظ ۽ نصيحت جي مجلس به ڪندو هو. سلطان ۽ حاڪم سندس خدمت ۾ وڃڻ کي واجب ڄاڻندا هئا(6).

هفت اقليم ۾ امين رازي لکي ٿو ته: سيد اصيل الدين، عبدالله جو پاٽتيو آهي. پنهنجي وقت جي اڪابرن ۾ نالي وارو هو. سندس دل، ڪتاب الاهي ۽ حضرت رسالت پناه ﷺ جي حديث مبارڪ سان روشن آهي.

زبانش مظهر اسرار تحقيق
ضميرس مظهر انوار توفيق
جمال دين مزين ز اهتمامش
علوم شرع واضحُ ز ڪلامش

مطلب ته ان جي زبان تحقيقي اسرار جو مظهر آهي. سندس دل به توفيق جي نور جو مظهر آهي. سندس ئي ڪوشش سان دين جي سونهن آهي. سندس ڪلام مان شرعي علم چٽو آهي. سندس ڪتابن مان "روضة الاحباب" زماني ۾ مشهور آهي(7).

(2) امير نسيم الدين، اميرجمال الدين جو پٽ ۽ سيد نظام الدين جو يارهين پيڙهيءَ ۾ ڏاڏو آهي. ان جي لاءِ مير علي شير لکيو آهي ته، حديث جي علم ۾ زماني جو وڏو ماهر هو پنهنجي والد بزرگوار جي مسند تي ٿئين مدرسي ۾ مقرر هو. سندس پٽ سيد عرب شاه والد وارين صفتن سان سينگاريل هو. ان بعد سيد وجيه الدين سندس قائم مقام ۽ يادگار آهي. سندس پٽ شڪرالله شيرازي ٿيو. جنهن جو احوال "تحفة الڪرام" جي ٽئين جلد ۾ ٺٽي جي بيان ۾ آيل آهي(8).

هي اهو ٿي قاضي سيد شڪرالله شيرازي هو جو سن 906هہ ۾ هرات کان قنڌار ۾ آيو ۽ سن 927هہ ۾ قنڌار کان سنڌ پهتو.

(3) امير جمال الدين عطاءُ الله جي چاچي سيد الجليل امير اصيل الدين عبدالله الحسيني الاسڪني الشيرازيءَ جي سلسلي ۾ ”تحفة الڪرام“ جو مصنف لکي ٿو تہ: علم تفسير، حديث، انشا ۽ تاليف ۾ سندس ڪو بہ ثاني نہ هو. پاڻ سلطان ابوسعيد جي زماني ۾ (855-872هہ) شيراز کان هرات ۾ اچي رهيو هر هفتي هڪ ڀيرو مدرسي مهد عليا گوهر شاد آغا ۾ خلق کي وعظ ڪندو هو. ان طرح سال ربيع الاول مهيني ۾ حضرت رسول الله ﷺ جي مجلس بيان ڪندو هو. سندس تصنيفات مان: شرح درج الدرر برسير سينه خيرالبشر ۽ مزارات هرات- اهم آهن. تاريخ 17 ربيع الاول سن 803هہ ۾ فوت ٿيو. کيس بہ ناليرا پٽ: صفي الدين محمد ۽ برهان الدين محمد آهن(9).

ساڳئي سيد جي باري ۾ ”هفت اقليم“ جو صاحب لکي ٿو تہ: سيد صاحب شرافت ۽ جلالت جي حقيقت ۾ مشهور هو. علم تفسير ۽ حديث ۾ بہ بي مثل هو. سلطان ابوسعيد جي زماني ۾ شيراز کان لڏي، هرات ۾ اچي ٽڪيو. هفتي ۾ هڪ ڀيرو بادشاهہ جي تحريڪ تي وعظ ڪندو هو. سندس لکيل ڪتاب- درج الدرر برسير سينه خيرالبشر ۽ مزارات هرات- جڳ مشهور آهن(10).

هن خاندان جي ڪجھ ٻين بزرگن جو تذڪرو بہ آيو آهي. مير اصيل الدين جي سوٽ سيد الحڪماء امير صدرالدين محمد شيرازيءَ جي باري ۾ ”هفت اقليم“ ۾ اچي ٿو تہ. طبيعت جي رواني ۽ ذهني فراوانيءَ جي ڪري، سيني متبحر عالمن ۽ پوئين دور جي فاضلن ۾ ممتاز ۽ نالي وارو هو. تعليم کان فارغ ٿيڻ بعد، درس تدريس شروع ڪيائين. ان بعد تصنيف ۽ تاليف تي همت ۽ ڪوشش ڪيائين. سندس هيٺيان ڪتاب مشهور آهن: رسالہ تحقيق علم واثبات واجب، حاشيہ شمسيہ ۽ مطالعہ وحاشيہ تجريد. سندس وفات سلطان يعقوب جي وفات کان پوءِ سگهو ئي ٿي(11). هن ڏس ۾ ”تحفة الڪرام“ ۾ پڻ ساڳي عبارت آرائي ٿيل آهي(12).

امير صدرالدين جي پٽ خاتم الحڪماء، غوث العلماءَ، امير غياث الدين منصور شيرازيءَ جي لاءِ "هفت اقليم" جو صاحب لکي ٿو ته: هو چنڊ جي روشني ۽ وڻ جو ميوو آهي. پيءُ کان پوءِ علم ۽ فضل ۾ ڪمال حاصل ڪيائين. سندس حڪمت ۽ رياضيءَ جي علمن جي مهارت جو غلغلو ويجهي ۽ پري جي عالمن جي ڪنن تائين پهتو ۽ پڻ سندس علم و فضل جو آواز به هرطرف گونجڻ لڳو.

وصف خورشيد از نگويد هوشمند

فيض نـور او بـود مـــد حش پسند(13).

هن متعلق وڌيڪ تفصيل "تحفة الڪرام" ۾ اچي ٿو: سندس ولادت سن 900هه ۾ ٿي. پنهنجي والد بزرگوار امير صدارالدين کان علم جي تحصيل ڪيائين. چوڏهن سالن جي عمر ۾ علامه دوانيءَ سان مناظرو ڪيس. ويهن سالن جي عمر ۾ سيني علمن کان فارغ ٿيو. ڪجهه وقت صدارت جو عهدو ماڻيائين. عراق کان مجتهد الزمان شيخ علي بن عبدالعالي تختگاه ۾ آيو ته، ڪن فسادين شيخ ۽ سيد جي وچ ۾ منظارو ڪرائي وڌو. بادشاهه مجتهد الزمان جي حمايت ڪئي ۽ سيد صاحب ناراض ٿيو. ان بعد صدارت جو عهدو ڇڏي شيراز هليو ويو جتي سن 948هه ۾ فوت ٿيو(14).

تحفة الڪرام ۾ حبيب السير جي حواليَ سان سندس تصنيفات جي هڪ ڊگهي لسٽ موجود آهي. حبيب السير جي صاحب سندس هي تصنيفون ڏنيون: ڪتاب حجة الڪلام، ڪتاب محڪمات شرح هياڪل انوار شرح رساله الثبات واجب، ڪتاب تعديل الميزان يعني منطق شفا جو خلاصو ڪتاب معيار الافڪار خلاصه تعديل الميزان، ڪتاب لوامع، معارج علم هيئت ۾ (هي ڪتاب سترهن سالن جي عمر ۾ لکيائين)، ڪتاب تجريد برحڪمت، رساله معرفت قبله، معالم الشفا طب ۾، معالم الشفا جو خلاصو شافيه، سفرو يه هيئت، حاشيه بر الاهيات شفا، حاشيه براشارات، حاشيه برحڪمت العين، رساله در باب خلافت فرزند مير صدرالدين محمد، رد برحاشيه تهذيب، رد حاشيه شمسيه علامه دواني، رد

حاشيہ خلاصتہ التحقيق، رد برانموذج، رسالہ در تحقيق جهات، رد بررسالہ زدار(؟)، رسالہ مشارق در اثبات واجب، ڪتاب اخلاص مغفوري، حاشيہ براوائل ڪشاف، تفسير سورہ، ڪتاب مقامات العارفين (هي رسالو تصوف ۽ اخلاق ۾ پنهنجي پٽ مير شرف الدين عليءَ لاءِ لکيائين)، رسالہ قانون السطنت. هنن ڪتابن کان علاوہ هي ڪتاب بہ سندس چيا وڃن ٿا: رياض الرضوان، ۽ ڪتاب اساس در علم هندسه وغيرہ. حبيب السير جي ليکڪ پڻ سندس ڪتابن جو تفصيل آندو آهي(15).

سيد غياث الدين کي بہ پٽ ٿيا. هڪ سيد شرف الدين. ٻيو سيد مير صدرالدين. هن خاندان جي ٻين ٻن بزرگن جو "تحفة الڪرام" ۾ ذڪر آيو آهي. يعني سيد نظام الدين احمد ۽ مير حبيب الله. هي ٻئي بزرگ بہ علم ۽ فضل جي لحاظ کان زماني ۾ بي مثال هئا.

## شڪر الاهي سيد:

قاضي سيد شڪرالله شيرازيءَ جي نسبت سان، مير نظام الدين جو خاندان، ٺٽي ۾ شڪر الاهي شيرازي سيدن جي نالي سان مشهور ٿيو. هن خاندان جا گهڻو ڪري سڀ ماڻهو علم و فضل ۾ ديني مرتبي جي ڪري، زماني ۾ مشهور ٿيندا آيا آهن. اڄ بہ هي خاندان پنهنجي قديم محلي ۾ آباد آهي. موقعي جي مناسبت سان آءُ هن خاندان جي چند بزرگن جو بہ ذڪر ڪندس، تہ جيئن اندازو ٿئي تہ هن گهراڻي جي مختلف ماڻهن، سنڌ ۾ اچڻ کان پوءِ علم ۽ ادب توڙي مذهب جون ڪهڙيون ڪهڙيون خدمتون سرانجام ڏنيون.

## سيد شاهہ ولي:

سيد شاه ولي بن سيد ابوالقاسم بن سيد علي اڪبر بن سيد عبدالواسع بن سيد محمد حسين بن سيد شڪرالله ثاني. علامہ مخدوم رحمة الله جهڙي مشهور بزرگ جو شاگرد هو. هو املا، انشا، ۽ شعر ۾ صاف طبيعت جو ۽ ڪافي ذهنيت جو مالڪ هو(16).

"تحفة الڪرام" جو صاحب، ميرعلي شير قانع مقالات الشعرا ۾ سندس ذڪر هن ريت ڪري ٿو: تقوي، پرهيزگاري ۽ علمي ڪمالات جي

فنن سان سينگاريل، پنهنجو وقت ڪتابن جي اپياس ۾ گذاريندڙ ۽ طالبن کي درس ڏيندڙ هو. وڏن جي پيرويءَ تي پورو ۽ بزرگيءَ سان سينگاريل، حسن خلق ۾ وڏن ننڍن ۾ مصروف هو(17).

سيد شاهه ولي "تحفة المجالس" نالي هڪ ڪتاب لکيو آهي. شوال جي 13 تاريخ سن 1150هه رات جي وقت، پنهنجي جاگير جڳت پور تعلقي ڪڪرالي (سنڌ) ۾ وفات ڪيائين. سندس لاش اتان آڻي، 15 تاريخ سندس اباڻي قبرستان ۾ دفن ڪيو ويو. ان جي هڪ شاگرد لطف الله قدفات في عشقه (يعني هو الله جي عشق ۾ وفات ڪري ويو)، مان هن جي وفات جي تاريخ ڪڍي آهي.

سندس ٻه فارسي شعر "مقالات الشعرا" ۾ نموني طور ڏنل آهن. "تذڪره علماءِ هند" ۾ صفحي 250 تي ٻه سندس ذڪر ملي ٿو. ڪيس ٻه پٽ ٿيا، هڪ سيد محمد ناصر ۽ ٻيو سيد محمد سراج الدين.

## مير سراج الدين:

هي ٻه سٺو شاعر ٿي گذريو آهي. تاريخ گوئيءَ ۾ ان کي خاص ملڪو حاصل هو. "تحفة الڪرام" ۾ آهي ته، وڏن جي وصفن سان سينگاريل، وڏن جو يادگار ۽ جاءِ نشين، سهڻن اخلاقن جو مالڪ آهي.....طبيعت ۾ شعر جو چڱو جذبو هوس ۽ تاريخ ڪڍڻ ۾ وڏي مهارت رکندو هو(18).

## سيد غلام اوليا:

سيد غلام اولياءَ بن عنايت الله بن سيد اسد الله بن سيد عنايت الله بن سيد عبدالرحمان بن سيد ظهيرالدين والاسلام عرف مير جادم بن سيد شڪرالله اول. هي سيد تمام وڏو بزرگ ۽ اهل دل انسان ٿي گذريو اهي. ان بابت مير علي شير لکي ٿو ته: سيد غلام اوليا ڦوهه جوانيءَ ۾ ظاهري توڙي باطني علمن جي تحصيل ڪري، تقوي ۽ پرهيزگاريءَ ۾ وڏو درجو حاصل ڪري، هميشه جي دستور موجب هر روز سيد عبدالله جي زيارت تي ويندو هو ۽ پنهنجو برڪت ڀريو وقت چڱن ڪمن ۾ صرف ڪندو هو. هو ڪرامتن جو صاحب ٻه هو ۽ ڦوهه جوانيءَ ۾ هن فاني دنيا کي رخصت

چئي، مريدن جي خاص جماعت پٺيان چڏيو ويو. هر مهيني جي 21 تاريخ سندس وفات جي تاريخ تي، مريدن جي جماعت مزار جي زيارت تي پهچي، ختمو خيرات ڪري مشڪل حل ڪرائيندي آهي(19).

## سيد محمد ناصر:

سيد محمد ناصر بن سيد عطاءُ الله بن سيد نعمت الله بن سيد نظام الدين بن سيد نورمحمد بن سيد شڪرالله ثاني بن سيد ظهيرالدين بن سيد قاضي شڪرالله اول. هي سيد زهد ۽ تقوي ۾ زماني ۾ عجوبو هو. تحفة الڪرام ۾ آهي ته، هن ڪڏهن به ڪنهن عورت جو منهن نه ڏٺو. ايتري تائين پاڪ هو جو جانورن ۾ نر ۽ ماديءَ ۾ فرق نه ڪري سگهندو هو. پاڻ نقشبندي سلسلي ۾ ڪامل هو. سندس پوئلڳن جي گهڻائي هئي، جن جي حاجت روائي ڪندو رهندو هو.

هڪ ڀيري ٺٽي ۾ اڃي ڏڪار پيو. ماڻهو ڏاڍا پريشان ٿيا ۽ مهانگائي ۽ مصيبتن ۾ گرفتار ٿي، وڃي ولين جي قبرن تي دعائون گهرڻ لڳا. ڪنهن ماڻهو خواب ۾ ڏٺو ته، جيڪڏهن ڪو اهڙو پرهيزگار جنهن عمر ڀر ڪنهن عورت جو منهن نه ڏٺو هجي، سو ٻاهر مينهن لاءِ نماز پاڙهيندو ته، پوءِ دنيا تي رحمت جي مينهن جي پالوٽ ٿي سگهندي. ماڻهو هن سيد وٽ پهتا. پنهنجي والد جي چوڻ تي، ٽي ڏينهن باران نماز پڙهائي دعائون گهريائين. رحمت جو ڪڪر جوش ۾ آيو. آخر مينهن وسيو.

سيد نظام الدين جي ٻئي ڏاڏي يعني سيد نورمحمد جي ڀاءُ سيد ظهيرالدين جادم ثانيءَ جي اولاد مان گهڻا ڪمال وارا بزرگ پيدا ٿيا.

## سيد محمد ڪاظم:

سيد محمد ڪاظم بن سيد محمد مقيم بن سيد ظهيرالدين ثانيءَ بابت تحفة الڪرام ۾ آهي ته، سيد محمد ڪاظم عجيب حالتن جو مالڪ هو. ٻه ٻه، ٽي ٽي ڏينهن ننڊ ۾ جنهن ڪي عين بيداري سمجهڻ گهرجي، خلوت ۾ پيو هوندو هو ۽ ماڻهو هن جو قلبي ذڪر ٻڌندا هئا. آخر پاڻهي جاڳندو هو. اهڙيون ٻيون به ڪيتريون ڪماليتون هيس جن جو شمار مشڪل آهي(20).

## تحفة الڪرام جو صاحب:

ميرعلي شير بن سيد عزت الله بن سيد محمد ڪاظم بن سيد محمد مقيم بن سيد ظهيرالدين بہ هن سلسلي جو هڪ چمڪندڙ موتي هو. پاڻ: تحفة الڪرام ۽ مقالات الشعرا۔ ۽ ٻيا بہ ڪيترا ئي يادگار ڇڏيا اٿس. پاڻ خاص ڪري ذڪر ڪيل هي ٻہ ڪتاب نہ لکي ها تہ. اڄ اسين سنڌ جي سياسي ۽ ادبي تاريخ کان بلڪل بي خبر هجون ها.

## مير عظيم الدين:

هن خاندان جي ٻي هڪ عظيم شخصيت مير عظيم الدين جي آهي. سندس سلسلو هن ريت آهي: سيد عظيم الدين بن سيد يارمحمد بن سيد عزت الله بن سيد محمد ڪاظم بن سيد محمد مقيم بن سيد ظهيرالدين ثاني. هي سيد بہ وڏي درجي وارو شاعر ۽ اديب هو. هڪ ديوان، هڪ مثنوي هير رانجهو ۽ هڪ منظوم تاريخ "فتح نامه" سندس يادگار آهن.

مطلب تہ سيد نظام الدين مؤلف "فتاوي عالمگيري" جو سڄو خاندان شيراز هرات ۽ قنڌار کان وٺي سنڌ تائين، ڪيئي صديون برابر علم جو درياءَ وهائيندو ۽ دين جي خدمت انجام ڏيندو رهيو.

## (2) قاضي ابوالخير ٺٽوي

سيد نظام الدين ٺٽويءَ کان پوءِ "فتاوي عالمگيري" جي مؤلفن ۾، قاضي ابوالخير ٺٽويءَ جو نالو اچي ٿو. هي بزرگ سنڌ جي مشهور مردم خيز ۽ تاريخي شهر ٺٽي جو رهاڪو هو. پاڻ ٺٽي جي مشهور عالم ۽ بزرگ علامہ مخدوم فضل الله جو فرزند هو. جنهن بابت "تحفة الڪرام" ۾ آهي تہ پاڻ فضيلتن جو جامع، انساني علمن جو ماهر پرهيزگاري ۽ تقوي جي زيور سان سينگاريل هو. هميشه علم پاڙهڻ ۾ مشغول رهندو هو(21). ٿوري ڦيرڦار سان تاريخ معصومي(22)، ۽ ماثر رحيمي(23) ۾ بہ سندن ذڪر اچي ٿو. پاڻ مرزا عيسي ۽ مرزا باقي ترخان جو همعصر هو. هن فضل الله جي فرزند مخدوم ابوالخير ٺٽويءَ (فتاوي عالمگيريءَ جي مؤلف) جي لاءِ "تحفة الڪرام" جو مصنف لکي ٿو تہ. پنهنجي وقت ۾ هڪڙو ڪامل طالب علم پيدا ٿيو. فتاوي عالمگيري جي مسئلن جي چونڊ ۾ شريڪ رهيو(24).

تحفة الڪرام موجب سنڌس پٽ ملا اسحاق بہ ڪمالات جو صاحب هو. سنڌس هڪ پٽ ڪمال الدين هو جنهن کي ڪو بہ اولاد نہ ٿيو.

## حوالا ۽ حاشيا:

(1) تحفة الڪرام, قلمي, ص 615.
(2) تحفة الڪرام, قلمي, ص 543.
(3) طاهري, قلمي, ص 11.
(4) تحفة الڪرام, قلمي, ص 543.
(5) تحفة الڪرام, جلد 2, ص 71, مطبوعہ بمبئي.
(6) تحفة الڪرام, جلد 2, ص 71.
(7) هفت اقليم, مطبوعہ بنگال, ص 261.
(8) تحفة الڪرام, جلد 2, مطبوعہ بمبئي, ص 71.
(9) تحفة الڪرام, جلد 2, مطبوعہ بمبئي, ص 70.
(10) هفت اقليم, ص 261, مطبوعہ بنگال.
(11) هفت اقليم, ص 261, مطبوعہ بنگال.
(12) تحفة الڪرام, جلد 2, ص 71.
(13) هفت اقليم, ص 259 ۽ 260, مطبوعہ بنگال.
(14) تحفة الڪرام, جلد 2, ص 72.
(15) تحفة الڪرام, جلد 2, ص 72 ۽ 73.
(16) تحفة الڪرام, جلد 3, ص 195, مطبوعہ بمبئي.
(17) مقالات الشعراء, قلمي, ص 304.
(18) تحفة الڪرام, جلد 3, ص 196, مطبوعہ بمبئي.
(19) تحفة الڪرام, جلد 3, ص 196, مطبوعہ بمبئي.
(20) تحفة الڪرام, قلمي, ص 556.
(21) تحفة الڪرام, قلمي, ص 620.
(22) تاريخ معصومي, ڊاڪٽر عمر بن محمد دائودپوٽہ, ص 217.
(23) ماثر رحيمي, ص 328, مطبوعہ بنگال.
(24) تحفة الڪرام, قلمي, ص 620.

# سنڌ جي تاريخ جا ماخذ*

[هن مضمون ۾ راشدي صاحب خاص طرح سان انهن عربي ڪتابن جو ذڪر ڪيو آهي، جيڪي سنڌ جي تاريخ لکڻ ۾ اسان جي مدد ڪن ٿا. هي مضمون اصل ۾ اردو زبان ۾ لکيل هو ۽ پوءِ ان جو سنڌي ترجمو ماهنامه "نئين زندگي" جي سيپٽمبر 1952ع، ۽ نومبر 1952ع وارن پرچن ۾ ڇپيو هو. علمي دنيا کي هن تاريخي تحرير جي گهٽ ڄاڻ رهي آهي]

(1)

تاريخ سنڌ جي ماخذن جي جيڪڏهن فهرست لکڻ ويهنداسين ته، اسان کي چئن ڀاڱن ۾ تقسيم ڪرڻو پوندو. 1- جاگرافي 2-ملڪي تاريخ، 3- علمي ۽ تمدني تاريخ 4- تاريخ آثار قديم. تنهن کان پوءِ وري اسان کي سڀ ڪنهن ڀاڱي جي ماخذن کي جدا جدا عنوانن جي ما تحت لکڻو پوندو.

## جاگرافي

جڏهن اسان جاگرافي جي تاريخ مرتب ڪنداسين، تڏهن ان وقت اسان کي ٻن قسمن جي ڪتابن کان مدد وٺڻي پوندي.

(1) **سفرناما:** ان عنوان جي ماتحت انهن سمورن سفرنامن کي ٻوليءَ جي لحاظ کان جدا جدا لکڻو پوندو جن ۾ سنڌ جو ذڪر ڪيو ويو آهي. انهيءَ سلسلي ۾ اسان کي عربي ۽ انگريزي ۾ وڏيڪ ڪتاب ملندا.

(2) **جاگرافي:** انهيءَ عنوان جي هيٺ اسان کي اهي سمورا جاگرافيءَ جا ڪتاب ڳولڻا پوندا، جيڪي سنڌ جي متعلق آهن. جن ۾ ضمناً سنڌ جو ذڪر آيو آهي تن جي تقسيم به ٻوليءَ جي اعتبار سان ڪرڻي پوندي، جيئن ته عربي، فارسي ۽ انگريزي جدا جدا ڏيکارڻا پوندا.

* ترجمو: شمشاد احمد جوڻيجو.

انهيءَ سلسلي ۾ اسان کي عربي، فارسي ۽ انگريزيءَ ۾ گهڻو مواد ملندو. اردو ۽ سنڌي ۾ شايد ڪي ٿورڙا ترجما ملندا نہ تہ ڪو خاص ڪتاب انهيءَ موضوع تي نہ ملندو. انهيءَ عنوان هيٺ اسان کي انگريزيءَ جا اهي سمورا رسالا، مخزن ۽ جرنل بہ ڏسڻا پوندا، جن ۾ خاص سنڌ جي جاگرافيءَ تي مضمون شايع ٿي چڪا آهن.

## ملڪي تاريخ

عام ملڪي تاريخ لکڻ جي سلسلي ۾ جڏهن ماخذن کي گڏ ڪرڻو پوندو تہ ان وقت فهرست هيٺين عنوانن تي ورهائبي:

(1) **سنڌ تي خاص ڪتاب:** انهيءَ عنوان هيٺ تاريخ جا اهي سمورا ڪتاب درج ڪرڻا پوندا، جيڪي خاص طرح سنڌ تي لکيا ويا آهن. انهيءَ سلسلي ۾ اسان کي فارسيءَ ۾ ڪي ٿورڙا ليڪن انگريزيءَ ۾ گهڻا ڪتاب ملندا. انگريزي ڪتابن جا ماخذ بہ چند فارسي تاريخ جا ڪتاب آهن، جيڪي انهيءَ عنوان هيٺ اسين لکنداسون. ليڪن آخري دور لاءِ انگريزيءَ ۾ خاص طرح سان سنڌ تي وڏي ڪثرت سان ڪتاب آهن، جيڪي اسان کي انهيءَ فهرست ۾ شامل ڪرڻا پوندا. انگريزن، ڪلهوڙن جي حڪومت، ٽالپرن جي صاحبيءَ ۽ پنهنجي راڄ جي باري ۾ انگريزيءَ ۾ گهڻو ڪجهہ لکيو آهي.

(2) **عام تاريخون:** انهيءَ عنوان ۾ اهي سمورا تاريخ جا ڪتاب اچن ٿا، جن ۾ ضمناً سنڌ جو ذڪر آيو آهي. انهيءَ باري ۾ عربي ۽ فارسي تاريخن جو تت تيار ڪبو ۽ انگريزي تاريخن جا نالا لکڻا پوندا. اها فهرست بہ ٻوليءَ جي لحاظ سان ورهائڻي پوندي.

(3) **رسالا ۽ مخزن:** انگريزي زبان ۾ اسان کي اهڙا رسالا ۽ مخزن ڪثرت سان ملندا، جن ۾ سنڌ تي خصوصيت سان نهايت اهم مضمون لکيا ويا آهن ۽ اهي سمورا مضمون نهايت قيمتي ۽ ناياب مواد جا حامل آهن. عربي ۽ فارسي ۾ انهيءَ عنوان تي ڪجهہ بہ ناهي. اردو ۾ البتہ چند مضمون ممڪن آهي تہ ملي وڃن.

(4) **سياسي رهبرن جون سوانح عمريون:** انهيءَ عنوان هيٺ اسان کي سنڌ ۽ هندوستان جي سياسي رهبرن ۽ سرڪاري عهدي دارن جي سوانح عمرين تي لکيل ڪتاب، فهرست ۾ شامل ڪرڻا پوندا. انهيءَ عنوان تي فقط انگريزيءَ ۾ اسان کي ڪتاب ملندا.

(5) **سياسي خطوط:** انهيءَ سلسلي ۾ اسان کي اهي سمورا خط پنهنجي فهرست ۾ شامل ڪرڻ پوندا، جيڪي سنڌ جي سياسي ۽ ملڪي انتظام جي سلسلي ۾ ايسٽ انڊيا ڪمپني پاران پنهنجي نوڪرن کي لکيا ويا هئا يا وري ڪمپني جي نوڪرن، ڪمپني ڏانهن خط لکيا آهن. انهن خطن ۾ ڪي نادر ترين تاريخي شيون ملن ٿيون، جيڪي عام تاريخ جي ڪتابن ۾ نہ ٿيون ملن. ليڪن انهيءَ قسم جا ڪتاب انگريزن جي صاحبيءَ سان تعلق رکن ٿا. عربي ۽ فارسيءَ ۾ انهيءَ موضوع تي مواد نہ آهي.

## علمي ۽ تمدني تاريخ

تمدن و تهذيب ۽ سنڌ جي علم و ادب جي تاريخ جي سلسلي ۾ اسان کي جن ڪتابن کان مدد ملي سگهي ٿي، تن کي هيٺين ستن عنوانن ۾ تقسيم ڪري سگهجي ٿو.

(1) **علمي مڪتوبات:** انهيءَ عنوان هيٺ ولين بزرگن جا مڪتوبات ۽ ڪي علمي مڪتوبات درج ٿيندا. انهيءَ قسم جا مڪتوبات گهڻو ڪري فارسي ۽ سنڌي ٻوليءَ ۾ آهن.

(2) **ملفوظات:** انهيءَ سلسلي ۾ اسان کي اولياءَ ڪرام ۽ اڪابر اسلام جا ملفوظات درج ڪرڻا پوندا. ملفوظات جا ڪتاب گهڻو ڪري فارسيءَ ۾ آهن ۽ سنڌيءَ ۾ بلڪل گهٽ آهن.

(3) **علمي سوانحات:** انهيءَ هيٺ اهي سمورا ڪتاب شامل ڪرڻا پوندا. جيڪي ڪنهن مصنف يا عالم جي سوانح عمري جي متعلق لکيا ويا آهن. انهيءَ قسم جا ڪتاب عربي، فارسي، انگريزي ۽ سنڌي ٻوليءَ ۾ آهن.

(4) **تذڪرا ۽ طبقات:** انهيءَ سلسلي ۾ اسان کي ڪثرت سان ڪتاب ملندا. ڪي عام تذڪره آهن. جن ۾ ضمناً سنڌي مشاهيرن جو

بيان آيو آهي ۽ ڪي ڪتاب خاص سنڌي مشاهيرن جي سلسلي ۾ لکيا ويا آهن. عربي، فارسي، اردو انگريزي ۽ سنڌي ۾ ڪافي ڪتاب انهيءَ موضوع تي موجود آهن.

(5) **ديوان:** انهيءَ سلسلي ۾ اسان ڪي اهي سمورا فارسي، عربي ۽ سنڌي ديوان گڏ ڪرڻا پوندا، جيڪي سنڌي شاعرن مرتب ڪيا آهن ۽ اهڙن ڪتابن جو تعداد سون تائين وڃي پهچي ٿو.

(6) **سنڌين جون تصنيفون:** جڏهن اسان علم وادب جي تاريخ مرتب ڪنداسون تہ اسان ڪي سنڌي بزرگن جي تصنيفن تي هڪ نگاهہ وجهڻي پوندي ۽ اهي تصنيفون اسان ڪي علم و ادب توڙي مذهب جي متعلق ملنديون. عربي، فارسي ۽ سنڌيءَ ۾ انهيءَ موضوع جا هزارن جي تعداد ۾ ڪتاب موجود آهن.

(7) **فنون لطيفہ:** انهيءَ عنوان هيٺ بہ گهڻا ئي ڪتاب اسان ڪي فهرست ۾ شامل ڪرڻ پوندا.

## قديم آثار

قديم آثارن جي سلسلي ۾ اسان کي ٽي عنوان قائم ڪرڻا پوندا. ملڪي توڙي علمي تاريخ انهيءَ وقت تائين مڪمل نہ ٿي سگهندي، جيسين اسان سنڌ جي آثار قديمه کان استفادي نہ ڪنداسون.

(1) **آثار قديمہ جي کاتي جون رپورٽون:** هند سرڪار جي آثار قديمہ جي سلسلي ۾ اسان کي اهي سموريون ساليانہ رپورٽون گڏ ڪرڻيون پونديون، جي انگريزن جي صاحبي ۾ مرتب ٿيون آهن.

(2) **ڪتاب:** ساليانہ رپورٽن کان سواءِ انگريزيءَ ۾ سنڌ جي آثار قديمه تي خاص طرح سان گهڻا ڪتاب لکيا ويا آهن، تن کي بہ فهرست ۾ شامل ڪرڻو پوندو.

(3) **رسالا:** گذريل ڏيڍ سو ورهين ۾ يورپ توڙي هندوستان مان انگريزي رسالن ۾ سنڌ جي آثار قديمه تي گهڻا مضمون شايع ٿي چڪا آهن، ۽ اهي سيئي ڪنهن نہ ڪنهن طرح استفادي جي اعتبار سان گهڻي قدر ضروري ۽ اهم آهن. سنڌ جي تاريخ انهيءَ وقت تائين نامڪمل

رهندي، جيستائين انهن مضمونن کي نهايت اونهي نظر سان مطالع نہ ڪيو ويو آهي. انهيءَ قسم جا مضمون سون جي تعداد ۾ آهن. انهن رسالن جو اڄڪلهہ ملڻ بلڪل مشڪل آهي.

هيءُ هو تاريخ سنڌ جي ماخذن جو ذڪر، نئين زندگي جي آئنده اشاعت ۾ عربيءَ جي جاگرافي ۽ سفرنامن جي فهرست پيش ڪئي ويندي.

## جغرافيہ ۽ سفرناما

1. **ابن خوردازبہ:** هيءُ سڀ کان پهريون (250هجري) عرب جغرافيہ نويس آهي، جنهن پنهنجي ڪتاب "المسالڪ والممالڪ" ۾ هندوستان ۽ سنڌ جو ذڪر ڪيو آهي. خليفہ معتمد جي زماني ۾ ابن خوردازبہ پوسٽ آفيسن ۽ خفيہ اطلاعات کاتي جو آفيسر هو. جيتوڻيڪ هو پاڻ سنڌ ۽ هندوستان ۾ نہ آيو هو ليڪن سندس لکيل احوال سچو آهي. سندس ڪتاب 1889ع ۾ بريل ليڊن ۾ شايع ٿيو. ڊي جيوجي (De_Geoji) ڪتاب کي ايڊٽ ڪيو آهي.

2. **سليمان تاجر:** 237هجري ۾ هيءُ سڀ کان پهريون تاجر هندوستان جي ساحلن تي واپار جي سلسلي ۾ پهتو هو. 237هجريءَ ۾ هن پنهنجو سفرنامو تيار ڪيو هو. اهو سفرنامو 1845ع ۾ پيرس ۾ ڇپجي ويو آهي. سنڌ ۽ هند جي متعلق انهيءَ ۾ نهايت بيش بها معلومات آهي.

3. **ابوزيد سيرافي:** (264هہ) سيراف ايران ڪاريءَ جو هڪ مشهور بندرگاهہ هو. ابو زيد انهيءَ شهر جو باشندو هو. 264هجري سندس ڪتاب ۾ ڏنل آهي. عرب جو مشهور سياح مسعودي 300هجري ۾ هن سان سيراف ۾ مليو هو. هن 25 يا 30 ورهين کان پوءِ ان ڪتاب جو تڪملہ لکيو. ابو زيد پاڻ تہ ڪڏهن بہ هندوستان ۾ نہ آيو ليڪن ابوزيد انهيءَ بندرگاهہ جي باشندي هئڻ سبب سنڌ ۽ هند جي مسافرن سان ملندو رهندو هو ۽ سنڌ جي متعلق احوال معلوم ڪندو رهندو هو ۽ انهن کي لکندو ويندو هو. مسعودي جنهن انهيءَ سفرنامي کي پڙهي ان جو تڪملہ لکيو هو ڪيترا دفعا هندوستان آيو هو. تنهن ڪري سيرافيءَ جون جغرافيائي چڪون بہ مسعوديءَ جي نظرثاني سان درست ٿي ويون. هيءُ ڪتاب پيرس مان 1845ع ۾ "سلسلہ التواريخ" ۾ شايع ٿي چڪو آهي.

4. **ابودلف مسعر بن مهلهل ينبوعي:** (331هہ) انهيءَ عرب سياح جو زمانو 331هہ کان 377هہ تائين هو. هي سڀ کان وڏو سياح آهي. بغداد کان روانو ٿي، ترڪستان پهتو ۽ اتي شاهه بخارا، نصربن سامان (المتوفي 331هہ) سان مليو. اتان وري چيني ايلچيءَ سان چين ڏانهن روانو ٿي ويو. وري چين کان ڪابل، تبت ۽ ڪشمير مان ٿيندو ملتان پهتو ۽ اتان سنڌ ۽ هند جي ڏاکڻي ساحل (ڪولم) تائين پهتو. انهيءَ ڪتاب جو هڪ حصو 1845ع ۾ برلن ۾ ڇپيو ۽ ان جا ڪي ٽڪرا ابن نديم پنهنجي "الفهرست" ۾، ياقوت "معجم البلدان" ۽ قزويني "آثارالبلاد" ۾ ڏنا آهن. غالباً هيءُ پهريون عرب سياح آهي، جو خشڪيءَ جي رستي سنڌ پهتو.

5. **بزرگ بن شهريار:** (300هہ) هيءُ هڪ جهازران هو جو پنهنجي دريائي سفرن جي ذريعي عراقي بندرگاهن کان وٺي هندوستان جي ساحلن تائين ان کان پوءِ چين ۽ جاپان تائين پهتو. هن "عجائب الهند" جي نالي سان هڪ ڪتاب عربي ۾ لکيو هو جو 1886ع بريل پريس ليڊن کان شايع ٿيو آهي. انهيءَ ڪتاب جو فرينچ ۽ انگريزيءَ ۾ ترجمو بہ اتان ئي شايع ٿيو چڪو آهي. انهيءَ ڪتاب ۾ سنڌ ۽ هند جي سلسلي ۾ عجيب و غريب واقعا ملن ٿا.

6. **مسعودي ابوالحسن علي:** (303هہ) هن مصنف جا بہ ڪتاب دستياب ٿيا آهن ۽ شايع بہ ٿي ويا آهن. هڪ آهي "مروج الذهب و معادن الجواهر" ۽ ٻيو آهي "التنبيه والاشراف". ٻئي ڪتاب ليڊن مان شايع ٿي چڪا آهن ۽ پڻ مصر کان بہ ان ڪتاب جا متعدد ايڊيشن ڇپجي پڌرا ٿيا آهن. التنبيه والاشراف_ جي هڪ ڀاڱي جو اردو ترجمو دارالترجمہ حيدرآباد دکن مان شايع ٿيل آهي.

مسعودي هڪ بلند پايہ مؤرخ، جغرافيہ نويس ۽ سياح هو. هن پنجويهہ ورهيہ مختلف ملڪن جي سياحت ۾ گذاريا. هيءُ سياح سنڌ ۽ هند ۾ بہ آيو هو. سندس ٻنهي ڪتابن ۾ سنڌ جي باري ۾ نهايت قيمتي معلومات درج آهي. مروج الذهب_ مسعودي پنهنجي سيروسفر ختم ڪرڻ کان پوءِ 332هہ ۾ لکيو هو. هيءُ ڪتاب فرينچ ترجمي سان نون جلدن ۾ پيرس کان بہ شايع ڪيو ويو.

7_ **اصطخري:** (340هہ) ابواسحاق ابراهيم بن محمد فارسي پورو نالو اٿس. هو اصطخر نالي شهر جو باشندو هو، تنهن ڪري هو اصطخري مشهور ٿيو. هيءُ سياح 340هہ ۾ سنڌ ۽ هند ۾ آيو ۽ پنهنجي معاصر سياح ابن حوقل سان اتي ئي مليو هو. علم جغرافيہ تي سندس ٻہ ڪتاب آهن. هڪ ڪتاب "الاقاليم" جو 1839ع ۾ گوٿا ڪان شايع ٿيو: عرب، ايران، ماوراءَ النهر، ڪابلستان، سنڌ ۽ هند جو هن سفر ڪيو ۽ پنهنجن ڪتابن ۾ ڪي حالات لکيا. سنڌ تي هن هڪ خاص باب لکيو. جنهن ۾ هن تفصيلي حالات لکيا آهن.

8_ **ابن حوقل:** (331هہ/943ع_358هہ/979ع). ابوالقاسم ابن حوقل النصيبي بغداد جو واپاري هو. 331هہ/943ع ۾ هن بغداد ڇڏيو. يورپ، آفريقا، ايشيا، اسپين، سسلي ۽ هندوستان جي سياحت ڪيائين. هيءُ سڀ کان پهريون جغرافيہ نويس آهي، جنهن سنڌ جو نقشو پنهنجي ڪتاب ۾ ڏنو آهي. هن هندوستان جي طول ۽ عرض ٻڌائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. سندس ڪتاب ۾ سنڌ تي هڪ جدا باب آهي، جو معلومات سان ڀريل آهي. هيءُ ڪتاب ليڊن کان ٻہ دفعا سال 1938ع ۽ سال 1939ع ۾ شايع ٿيو آهي ۽ ڪتاب جو نالو "صورت الهند" آهي.

9_ **بشاري مقدسي:** (375هہ) شمس الدين محمد بن احمد بشاري بيت المقدس جو باشندو هو. هن پنهنجو ڪتاب "احسن التقاسيم في معرفة الاقاليم" 375هہ ۾ لکي راس ڪيو. هن اسلامي ملڪن جو سفر ڪيو ۽ هند و سنڌ ۾ بہ آيو هو. بشاري پنهنجي ڪتاب ۾ هند ۽ سنڌ جا نقشا ڏنا آهن ۽ سنڌ جو هڪ جدا باب بہ ڏنو آهي. هي ڪتاب بہ دفعا 1906ع ۾ ليڊن کان شايع ٿيو.

10_ **البيروني:** (400هہ) البيروني پنهنجي مشهور تصنيف "ڪتاب الهند" سببان مشهور آهي، تنهن ڪري تفصيلي حالات لکڻ جي ضرورت ناهي. محمود غزنوي سان هندوستان ۾ آيو هو. "ڪتاب الهند" ۽ "قانون مسعودي" سندس بہ عالمگير مشهوريءَ جون تصنيفون آهن، جن ۾ هند جا تفصيلي حالات ۽ سنڌ جا حالات مختلف ذڪرن جي صورت ۾ ملن ٿا. ڪتاب الهند_ عربي، انگريزي ۽ اردو ۾ متعدد بار ڇپجي چڪو آهي.

انگريزيءَ جو ترجمو مسٽر سخاؤ ڪيو آهي ۽ البيروني جا تفصيلي حالات لکيا آهن. سخاؤ جي شهرت البيروني جي ترجمي سببان ٿي. "ڪتاب الهند" جو اردو ترجمو تازو انجمن ترقي اردو پاڪستان طرفان شايع ٿيو آهي.

11. **ابن بطوطہ:** (779ھ/1377ع) مراڪش جو مشهور سياح هو. هن کي پنهنجي سفرنامي سببان غيرفاني مشهوري حاصل ٿي. سندس سفرنامي جو نالو "عجائب الاسفار" آهي. هي ڪتاب عربيءَ ۾ آهي. هن ڪتاب جا يورپ جي مختلف ٻولين ۾ ترجما ٿي چڪا آهن. اردو ۾ بہ هن ڪتاب جو ترجمو محمد حسين ڪيو آهي. هي ڪتاب ڪيترا دفعا ڇپيو آهي. اردو ۾ هي ڪتاب ٻن جلدن ۾ آهي. ابن بطوطہ محمد تغلق جي عهد حڪومت ۾ هندوستان آيو. جتان سنڌ ۾ پهتو. هن سياح سنڌ جو اکين ڏٺو احوال لکيو آهي. اهو احوال نهايت قيمتي ۽ دلچسپ آهي.

مطلب تہ جغرافيہ جا ڪتاب ۽ سفرناما، جن ۾ سنڌ جو احوال ملي ٿو ڪثرت سان ملن ٿا، جن جو تفصيلي بيان طوالت جو سبب ٿيندو تنهن ڪري بعض ڪتابن جا اسان فقط نالا ڏيون ٿا.

12. **ابن رستہ:** (290ھ). اعلاق النفيسه ليڊن جو ڇپيل آهي.

13. **قدامہ بن جعفر:** (296ھ).

14. **ادريسي:** (560ھ/ 1165ع) نزهة المشتاق.

15. **ياقوت الحموي:** (627ھ/1229ع). معجم البلدان.

16. **ذڪريا قزويني:** (682/1282ع) آثار البلاد.

17. **صوفي دمشقي:** (728ھ/1326ع) عجائب البر والبحر.

18. **ابوالفدا:** (732ھ/1331ع) تقويم البلدان.

19. **نويري:** (733ھ/1331ع) نهايت الارب في فنون الادب.

20. **شهاب الدين العمري:** (748ھ/1346ع). مسالڪ الابصار وممالڪ الامصار. هن ڪتاب جو انگريزي ترجمو لاهور مان شايع ٿيو آهي.

21. **سيد علي رئيس:** (1553-1556ع). ترڪي اميرالبحر هو. همايون جي عهد ۾ سنڌ ۽ هند آيو هو. هن ڪتاب جو انگريزي ترجمو ويمبري 1899ع ۾ لنڊن مان شايع ڪيو.

هي سمورا جغرافيہ جا ڪتاب ۽ سفرناما، تاريخ سنڌ جي سلسلي ۾ سنگ ميل جو درجو رکن ٿا. ترتيب مان معلوم ٿيندو تہ 25هجري کان وٺي اٽڪل ڏهين صدي هجري تائين انهيءَ پوري زماني تي پکڙيل آهن. ڪن سياحن ۽ جغرافيا نويسن سنڌ جي بيان ۾ جدا جدا باب پنهنجن ڪتابن ۾ ڏنا آهن. ڪيترن مختلف عنوانن هيٺ يا هندوستان جي حالات ۾ مختلف هنڌن تي سنڌ جي شهرن، دريائن، رستن ۽ ملڪي پيداوار، آب و هوا ۽ ٻين ضروري شين جي متعلق نهايت قيمتي معلومات ڏني آهي. جيڪڏهن جغرافيہ جي انهن ڪتابن ۽ سفرنامن جو نهايت غور سان مطالعو ڪبو تہ انهن صدين جا حالات اسان کي نهايت سولائي سان ملي سگهندا.

---

# مرزا شاهه حسين ارغون

[هي مضمون ماهنامه "نئين زندگي" جي جون 1956ع واري پرچي ۾ شايع ٿيو هو جتان ان کي اتاري هن ڪتاب ۾ شامل ڪيو ويو آهي]

صدين جي نهيل نڪيل، مضبوط ۽ مستحڪم ڪامياب ۽ ڪامران، سمن جي سلطنت جو زوال ان وقت ٿيو جڏهن 914هه ۾ انهي گهراڻي جي آخري بلند اقبال سلطان ڄام نظام الدين، هن جهان مان لاڏاڻو ڪيو.

زوال ۽ بربادي جي عام دستور مطابق، سندس پوين ۾ تخت ۽ تاج لاءِ جهيڙا ۽ جهڳڙا شروع ٿيا. هڪ طرف ڄام نظام الدين جو مدينه ماڇياڻيءَ جي پيٽ مان ڄاول، ناعاقبت انديش پٽ فيروز هو ۽ ٻئي طرف ساڳئي خاندان جو هڪ ٻيو شهزادو صلاح الدين هو. ٻنهي وچ ۾ نزاع پيدا ٿيو جهيڙا ٿيا، جنگيون لڳيون ۽ سمورو ملڪ خانه جنگيءَ جي باهه ۾ ٻرڻ لڳو. ويڙهه جي ڄر ۽ ڄڀيءَ، سڄي سلطنت جي بنياد کي ساڙي رک ڪري ڇڏيو.

صلاح الدين گجرات جي سلطان کان مدد وٺي سنڌ تي لشڪر چاڙهي آيو ۽ فيروز قنڌار ۽ سيويءَ جي ارغون حاڪم ميراز شاهه بيگ جو ڪنڌ ڪهرائي اچي پهتو. ٻئي لشڪر ڏاريا، ٻنهي کي ملڪ سان ڪا همدردي ڪانه. ٻنهي ڌرين جي مددگار لشڪر سنڌ جي سرزمين کي تهه و بالا ڪري ڇڏيو. ڄام صلاح الدين شڪست کاڌي. ليڪن فيروز به فتحمند ٿي نه سگهيو. ڇاڪاڻ ته شاهه بيگ ارغون لوور سنڌ جو ڪجهه حصو سندس حوالي ڪري، باقي سموريءَ سنڌ تي پنهنجو قبضو ڪيو. صلاح الدين ۽ فيروز جي خانه جنگي 914هه کان شروع ٿي ۽ 928هه ۾ متئين نتيجي تي اچي ختم ٿي. يعني صلاح الدين ختم، فيروز سنڌ جي ٿوري ٽڪري جو شاهه شطرنج، باقي سڄو ملڪ ارغونن جي حوالي.

شاهه بيگ ارغون، امير ذوالنون جو پٽ هو انهيءَ خاندان جو تعلق تيموري خاندان جي عظيم المرتبت حڪمران سلطان شاهه حسين بايقرا

جي دربار سان هو. جنهن جي دور ۾ اهو گهراڻو ڪابل، قنڌار ۽ ان جي آس پاس وارن علائقن جو حاڪم ٿيو. سلطان حسين بايقرا 912هه ۾ انتقال ڪيو جنهن کان پوءِ انهيءَ گهراڻي جو بہ زوال شروع ٿيو. ان وقت ايران اندر ٽي نيون طاقتون ظهور ۾ آيون. شاهه اسماعيل صفوي، محمد خان شيباني ۽ امير تيمور گرگان جي دود مان جو بلند اقبال نوجوان بابر. ٽئي هڪ ئي وقت ايران جي سرزمين تي پنهنجي قيام ۽ بقاءَ لاءِ جدوجهد ڪري رهيا هوا.

امير ذوالنون ارغون جو تعلق سلطان حسين بايقرا جي دربار سان هيو انهيءَ گهراڻي جي ختم ٿيڻ بعد هن بہ حق نمڪ ادا ڪندي، سندس شهزادن جي طرفان مقابلا ۽ معرڪا ڪندي. محمد خان شيبانيءَ هٿان پنهنجي جان، جان آفرين جي حوالي ڪئي. ڪانئس پوءِ سندس پٽ شاهه بيگ ارغون ڪابل ۽ قنڌار جو حاڪم ٿيو جنهن هرات جي مرڪز ختم ٿيڻ بعد، پنهنجي گورنريءَ کي نيم آزاد سلطنت جو رنگ ڏئي ڇڏيو.

شاهه بيگ اگرچہ خودمختيار هيو ليڪن پنهنجي خود مختياري قائم رکڻ جي منجهس طاقت ڪانہ هئي. "شيباني"، "صفوي"، ۽ "بابر" هڪ وقت سندس سامهون هئا. ڪجهہ وقت تہ هن پنهنجي حڪمت عمليءَ سان پاڻ کي محفوظ رکڻ جي ڪوشش ڪئي، ليڪن آخر بابر ڪامرانيون ۽ ڪاميابيون حاصل ڪندي، اچي سندس ويجهو پيو هيو.

شاهه بيگ اگرچہ پاڻ کي قائم رکڻ لاءِ جدوجهد ڪري رهيو هيو ليڪن پنهنجو مستقبل کيس آخرڪار غير محفوظ ۽ تاريڪ ڏسڻ ۾ آيو جنهن ڪري ڪنهن نئين ملڪ هٿ ڪرڻ ۽ ان ۾ رهي پاڻ کي مضبوط بنائڻ لاءِ سوچڻ لڳو. سيويءَ تائين هن جو قبضو هيو ليڪن اهو معمولي خطو سندس گهراڻي جو بار ڪيئن کڻي سگهيو؟ سيوي سنڌ سان متصل هئي، تنهنڪري هن جون اکيون ان تي هيون.

سنڌ ان وقت پنهنجي گهرو لڙائيءَ ۾ مصروف هئي. بخت جو ڪنهن جو ڦاٽ ڪائي تہ ان کي ڪير روڪي سگهي ٿو. ڄام فيروز عين ان وقت کيس سنڌ ۾ اچڻ جي دعوت ڏني، جڏهن هن کي پاڻ بہ اچڻ جي آرزو ۽ خواهش هئي. سيوي سندس مرڪز هو دعوت ملڻ تي فوراً هليو آيو.

صلاح الدين جو تہ هن اچڻ سان خاتمو ڪيو. ليڪن عملي طرح فيروز کي بہ حڪومت نصيب ڪانہ ٿي. 927هہ جي شروعات ۾ شاھ بيگ سنڌ ۾ داخل ٿيو ۽ ورنڌڙ سال جي آخر ۾ هن سنڌ ۾ انتقال ڪيو[1]. مرزا شاھ حسين ڪانئس پوءِ سندس وارث ٿيو جنهن تخت نشين ٿيندي ئي پهريون ڪم اهو ڪيو جو لوور سنڌ جو جيڪو حصو فيروز جي حوالي هو سو بہ کانئس کسي، کيس گجرات ڏانهن اماڻي سمي خاندن جي ايائن صدين جي حڪومت جو ڏيو هميشه هميشه لاءِ اجهائي ڇڏيو.

شاھ حسين ارغون 22 شعبان 928هہ تي سنڌ جي تخت ۽ تاج جو وارث ٿيو ۽ ڪم و بيش 35 سال سنڌ تي حڪمراني ڪري 12 ربيع الاول 962هہ تي هي جهان ڇڏي ويو.

شاھ حسين جا اهي 35 ورهيہ ئي سنڌ اندر جدوجهد ۾ گذريا هڪ پل بہ هو واندو ڪونہ ويٺو. ابتدائي چند سال تہ هن کي سنڌ جي اندروني بغاوتن کي ختم ڪرڻ ۾ لڳا. ان ڪان پوءِ هن پنهنجي سلطنت کي نہ فقط مضبوط ۽ مستحڪم ڪرڻ طرف توجهہ ڏنو بلڪ هيءُ بہ ڪوشش ڪيائين تہ سنڌ جي حڪومت جون حدون چوڙاري وڌائي ڇڏي. سيويءَ تائين جو علائقو اڳ ئي سندس قبضي ۾ هيو. 933هہ ۾ هن ملتان تي ڪاھ ڪئي، اچ کي فتح ڪري هن ملتان تي بہ وڃي قبضو ڪيو ۽ اتي جي لانگاھ حڪومت کي ختم ڪري، ملتان جي دروازي تي هن پنهنجو جهنڊو کوڙيو. اتان جڏهن واپس وريو تہ سڌو ڪڇ تي ڪاھ ڪري هليو ويو. اتي پڻ هن فتح ۽ نصرت حاصل ڪئي. ان ڪان پوءِ گجرات ڏانهن رخ رکيائين. جتي بہ هن ڏاڍا معرڪا ڪيا، ليڪن ڪن ضروري سببن ڪري کيس سنڌ ڏانهن واپس ٿيڻو پيو.

شاھ حسين جي دور جو وڏي ۾ وڏو واقعو آهي، شيرشاھ کان شڪست کائي همايون بادشاھ جو سنڌ ۾ اچڻ. شاھ حسين جي دانشمندي، فهم ۽ فراست جو وڏي ۾ وڏو امتحان انهيءَ زماني ۾ ٿيو. همايون 28 رمضان 947هہ کان 7 ربيع الاول 950هہ تائين برابر اڍائي سال

---

[1] 22 شعبان 928هہ جو انتقال ڪيائين. "شهر شعبان" مان سال وفات نڪري ٿو.

سنڌ ۾ ڦرندو رهيو. ليڪن نہ شاهہ حسين ساڻس مليو ۽ نہ ڪيس سنڌ اندر ڪٿي پير ڪوڙڻ جو موقعو ڏنائين. اگرچہ ننڍا ننڍا معرڪا ٿيا، ليڪن همايون ڪي هڙ حاصل ٿي ڪانہ سگهي. نيٺ هو تنگ ٿي، پاڻ کي بيوس، لاچار ۽ مجبور سمجهي، سنڌ مان ڪوچ ڪري ايران طرف هليو ويو. همايون هتي رهڻ واري زماني ۾ حميدہ بانو بيگم سان پاٽ جي شهر ۾ نڪاح ڪيو ۽ هتي ئي عمرڪوٽ ۾ 5 رجب 949هہ جو سندس بلند اقبال پٽ ۽ هندوستان جي مغل گهراڻي جو عظيم ترين بادشاهہ اڪبر اعظم پيدا ٿيو.

شاهہ حسين ۾ حڪومت ۽ حڪمرانيءَ جا سيئي گڻ موجود هوا. ۽ اهوئي سبب هو جو هن سنڌ جي ڌارئي ملڪ تي ڪاميابيءَ ۽ ڪامرانيءَ سان حڪومت ڪئي. نہ فقط ايترو پر هن جون حدون وڌائي ملتان، بلوچستان ۽ ڪڇ تائين پهچائي ڇڏيون. نہ ڇڙو همايون جا ادائي سالن جي جدوجهد بعد بہ هتي پير کپي نہ سگهيا، بلڪ شير شاهہ جيڪو لاهور تائين همايون جو پيڇو ڪندو آيو سو بہ سنڌ کان پاسو ڪري ٽري هليو ويو.

شاهہ حسين، سلطان بايقرا جي دربار ۾ اڪيون کوليون هيون ۽ انهيءَ ۾ ئي هن پرورش حاصل ڪئي هئي. جنهن دربار جا ميرعلي شيرنوائيءَ جهڙا فاضل اجل وزير، مولانا جاميءَ جهڙا لافاني شاعر ۽ بهزاد مصور جهڙا عظيم ترين فنڪار رڪن رڪين ۽ زيب زينت هئا. هارون ۽ مامون جي دربار کان پوءِ اها هڪ اهڙي دربار هئي، جنهنجي علمي اوج ۽ اقبال جو اڄ تائين علمي طبقي جي دلين تي سڪو ثبت آهي.

مرزا شاهہ حسين جو ڏاڏو امير ذوالنون ارغون بلند درجي جو عالم ۽ فاضل هو. سندس پيءُ شاهہ بيگ نہ فقط عالم ۽ اديب هو بلڪ پنهنجي دور جو بي مثل شاعر بہ هو[1]. اهڙيءَ طرح شاهہ حسين بہ نہ ڇڙو شمشير زن، سپاهي ۽ باتدبير حڪمران هيو بلڪ بي مثل عالم، اعليٰ درجي جو اديب، بهترين مصور ۽ فارسي ۽ ترڪيءَ جو شيرين بيان شاعر هو. "سپاهي" سندس تخلص هو. سندس شعر جو ڪوبہ مجموعو هن وقت

---

[1] سندس تخلص "نفسي" هيو.

تائين دستياب ٿي ڪونہ سگهيو آهي. البتہ سنڌس منتشر اشعار تاريخن ۽ تذڪرن ۾ منقول آهن. سنڌس شعر جو رنگ ڍنگ هن طرح آهي:

چو سبزہء ترت از برگ ياسمين برخاست،
هزار فتنہ بقصد دل از ڪمين برخاست،
ز آتشين رخ او خط عنبرين برخاست،
بجان زد آتش و دود از دل حزين برخاست،
فشاند زلف معنبر بروي چون مصحف،
شعار ڪفر ازان رو ز اهلِ دين برخاست.

❊ ❊ ❊ ❊ ❊ ❊ ❊

عشقت ڪہ بود مايہء ارباب سلامت،
از وي نہ بود حاصل ما جز بہ ندامت،
آن ڪس ڪہ بتيغ ستم عشق تو ميرد،
نبود هوس زندگيش روز قيامت،
عمريست ڪہ اي سرو خرامندہ گذشتي،
غائب نشد از ديدہء من آن قد و قامت،
چه تير بود، ڪہ آن چشم نميخواب انداخت،
ڪہ مرغ جان و دلم را در اضطراب انداخت.

سنڌ ۾ اگرچہ ڪيس گهٽي حد تائين دربار آرائيءَ جو موقعو ملي نہ سگهيو ليڪن ان هوندي بہ هن علمي سرپرستيءَ ۾ ڪوتاهي ڪانہ ڪئي. ايران جا ڪيترا عالم ۽ شاعر وطن ڇڏي وٽس اچي رهيا ۽ ڪيترا سنڌي عالم ۽ اديب سنڌس صحبت ۽ علمي مجلس ۾ شريڪ رهيا. مولانا جاميءَ جو خاص دوست ۽ شاگرد، شاهہ جهانگير هاشمي، پنهنجي اباڻي وطن کي خيرباد چئي هت اچي پهتو. ايران جو بي مثل شاعر حيدر ڪلوچ سنڌس ئي قرب ڪري کهي هتي آيو. فخري هروي بہ هرات مان لڏي سنڌ اندر سنڌس ئي داد و دهش سبب اچي پهتو هيو. اهڙيءَ طرح ڪيترن ئي اهل علم بزرگن جي موجودگي، سنڌس دربار ۾ تاريخ جي وسيلي اسان کي معلوم ٿئي ٿي. جهڙوڪ: شيخ عبدالواهاب پوراني، شاهہ قطب الدين هروي، مخدوم محمود نخر پوٽو مولانا عبدالعزيز ۽ اثير الدين ابهري، قاضي ڏتو سيوهاڻي، مخدوم

رڪن الدين عرف مخدوم متو مخدوم ميران، مولانا ضياءُ الدين راهوتي، قاضي عبدالله دربيلائي، شيخ الاسلام قاضي محمد اوچي، مولانا مصلح الدين لاري، شاه حسين تڪدري ۽ شاه مسعود صدر وغيره.

شاه حسين جي وقت ۾ فارسي زبان ۽ ادب سنڌ ۾ ڏاڍو عروج ۽ فروغ حاصل ڪيو. فارسيءَ جا ڪيترا ڪتاب انهيءَ دور ۾ سنڌ اندر تصنيف ٿيا: مثنوي مظهر الآثار ديوان حيدر ڪلوچ، فتاوي پوراني، شرح اربعين، شرح ڪيداني، شرح شمائل نبوي، حاشيہ تفسير بيضاوي، شرح منطق وغيره انهيءَ دور جا يادگار ڪتاب آهن. اهڙيءَ طرح تذڪرة روضة السلاطين بہ انهيءَ ئي زماني جو بي مثل تذڪرو آهي. سنڌي زبان جو ادب اگرچہ قديم آهي، ليڪن شاه حسين کان اڳ جو ڪوبہ شعر ۽ نوشتو اسان کي ملي ڪونہ ٿو سگهي. شاه حسين جي دور جو ئي اهو ڪرشمو آهي ۽ برڪت، جو قاضي قاضن جا سنڌي ڏوهيڙا رهجي ويا، جيڪي اڄ سنڌي ادبي تاريخ ۾ اسان کي رهبريءَ ۽ رهنمائيءَ جو ڪم ڏين ٿا.

شاه حسين کي نرينہ اولاد ڪونہ ٿيو. فقط هڪ نياڻي چوچڪ بيگم نالي هيس، جيڪا بابر جي پٽ ۽ همايون جي ڀاءُ مرزا ڪامران کي پرڻائي ڏنائين. جيڪا پڻ مڙسس جي اکين نڪرڻ بعد، ان سان گڏ هتان هجرت ڪري مڪہ معظمہ ڏانهن هلي وئي ۽ اتي وڃي فوت ٿي. تنهن ڪري 962هہ ۾ جڏهن مرزا انتقال ڪيو تڏهن سندس حڪومت ٻن حصن ۾ سندس ٻن اميرن جي مابين ورهاجي ويئي. اپر سنڌ سلطان محمود بکريءَ جي حصي ۾ آئي ۽ ان جو مرڪز بکر ٿيو. لوور سنڌ تي مرزا عيسيٰ ترخان قبضو ڪيو جنهن ٺٽي جو درالسلطنت قائم رکيو.

مرزا شاه حسين اگرچہ ڏورانهين ڏيهہ کان آيو هو ۽ ڌاريو بادشاه هيو، ليڪن سنڌ ۾ پهچڻ بعد هن پنهنجي قديم وطن سان سمورا لاڳاپا ٽوڙي پاڻ کي هتان جو وطني بنائي ڇڏيو. جيترو وقت هتي رهيو هتان جو ٿي رهيو. نہ هن پاڻ کي ڌاريو سمجهيو، نہ سنڌين سان هن ڌارين وارو سلوڪ ڪيو. قرب محبت ۽ پيار واري طور ۽ طريقي سان هن سنڌين جو انهيءَ حد تائين اعتماد حاصل ڪري ورتو، جو هڪ گهڙيءَ لاءِ بہ سنڌين ڪيس ڌاريو. پرائو ۽ پرڏيهي نہ سمجهيو.

# سنڌ ۽ ايران جا لاڳاپا*

[هي طويل تاريخي مقالو سنڌ جي مايہ ناز عالم سيد حسام الدين راشدي مرحوم، تهران ۾ منعقد ٿيل ايران شناسن جي پهرين بين الاقوامي ڪانگريس (31 آگسٽ- 6 سيپٽمبر 1966ع) ۾ پڙهيو هو. ان موقعي تي راشدي صاحب کي نہ رڳو مقرر ڪيل پنجن ڪميٽين (ادبيات، آرڪيالاجي، تاريخ، زبان شناسي، ۽ فلسفو)، مان هڪ ڪميٽي (تاريخ) تي نامزد ڪيو ويو، پر ڪين "ايران شناسن جي بين الاقوامي ڪانگريس جي مستقل ڪميٽي" تي پڻ نامزد ڪيو ويو (ڏسجي: اورينٽل ڪاليج ميگزين، لاهور نومبر 1966ع). اصل مقالو فارسي زبان ۾ هو، جو پوءِ اردو رسالي "نقوش" ۾ شايع ٿيو (آڪٽوبر-ڊسمبر 1966ع). مون کي هن مقالي جو فوٽو اسٽيٽ ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌيءَ مهيا ڪيو. ڇاپي متن ۾ لاتعداد غلطيون هيون، جن کي علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي صاحب ۽ ڊاڪٽر محمد ايوب قادري مرحوم جي مدد سان درست ڪيو ويو. قادري صاحب سان 25 نومبر 1983ع تي صبح جو رهاڻ ٿي ۽ ان ڏينهن شام جو پاڻ هڪ حادثي ۾ فوت ٿي ويو. خدا مٿس رحمت ڪري. سنڌي ترجمو رسالي "مهراڻ" 1984/4ع ۾ شايع ٿيو. متن جي هيٺان ڪجھ حاشيا آهن، جي مترجم جي طرفان سمجهيا وڃن]

---

* ترجمو: غلام محمد لاکو.

سنڌ هن وقت پاڪستان جو هڪ اهم حصو آهي. مون کي پڪ آهي تہ سندس قدامت ۽ شاندار تمدني توڙي علمي ماضيءَ کان ڪوبہ پڙهيل لکيل اڻ واقف ڪونهي. موهن جي دڙي واري ان جهوني سرزمين ۽ ايران جي وچ ۾ تاريخ جي ابتدا کان ئي گهرن لاڳاپن جا نشان ملن ٿا(1). تاريخي ڪنڊرن مان مليل شيون، سماجي ۽ واپاري لاڳاپن جو پتو ڏين ٿيون. قديم تخت گاهہ بهمن آباد (برهمڻ آباد) (2)، ساساني ساخت وارو رني ڪوٽ، جيڪو ديوار چين جو ننڍڙو نمونو آهي(3)، يا خود پنهنجي تاريخي ڳوٺ "بهمن" جي نالي ذريعي، اڄ بہ ان ڳالهہ جي شاهدي ملي ٿي، تہ آڳاٽي زماني کان اسان جا سياسي لاڳاپا ڪيترو نہ گهرا پي رهيا آهن. ان کان سواءِ بهرام گور ۽ شنگل (راءِ چڱل؟) جو واقعو(4)، سنڌ تي بهرام جو اثر ۽ هتان کان هزارن لورن (مڱڻهارن) جو ايران وڃڻ ڪنهن کي معلوم ڪونهي! فردوسيءَ جا هي شعر ڪنهن نہ پڙهيا هوندا.

بنزديک شنگل فرستاد کس
چنين گفت اي شاهہ فرياد رس
ازان لوليان (لوريان) برگزين دهہ هزار
نر و مادهہ بر زخم بربط سوار
کہ استاد بر زخم دستان بود
در آواز او رامش جان بود!

(2)

اسلام کان پوءِ ايران ۽ سنڌ جا لاڳاپا ايترو تہ ويجهو ۽ مستحڪم رهيا آهن، جو چوڏهن سؤ سالن ۾ هي سلسلو ڪڏهن بہ ٽٽل نہ ٿو ڏسجي. سياسي يا ثقافتي، ادبي يا فني، بهرحال ڪنهن نہ ڪنهن روپ ۾، هي روابط هر دور ۽ هر وقت قائم ۽ مستحڪم پي رهيا آهن(5). انهن لاڳاپن جي تاريخ کي تعلقات جي گوناگون صورتحال ۽ مواد جي ڪثرت توڙي پکڙيل واقعن جي ڪري، آءُ ڪٿان شروع ڪيان، ڪهڙن ڪهڙن عنوانن هيٺ بيان ڪيان ۽ وري ڪيئن بيان ڪيان، منهنجي لاءِ حيران ڪن ڳالهہ آهي.

سر اين رشته ندانم، ز کجا بکشائم!

داستان طويل ۽ وقت گهٽ آهي. لهذا هتي آءٌ ان دلچسپ حڪايت جو فقط هڪ مختصر خاڪو پيش ڪندس.

اوهان سڀني کي خبر آهي تہ، سنڌ ۾ اسلام ايران ذريعي پهتو. اگرچہ تاريخي رستن ۽ راهن جي ذريعي اسان جي وچ ۾ واپاري آمد و رفت آڳاٽي وقت کان موجود هئي(6)، پر شيراز کان ابن قاسم سان گڏ ايراني لشڪري جڏهن سنڌ ۾ وارد ٿيا، تڏهن عام نوعيت جي تعلق مذهبي رشتي جي صورت ورتي ۽ عربن سان گڏ ايرانين جون بستيون پڻ نئين سر سنڌ ۾ آباد ٿيون. سيستان جي طاهر ذواليمينين (205ـ 259هـ) يا يعقوب بن ليث صفار (253ـ265هـ) جي زماني ۾، ايراني ڪارندن ۽ حاڪمن جي اچڻ وڃڻ جا، تاريخ ۾ چٽا نشان موجود آهن(7).

عربي دور حڪومت ۾ جتي عربي زبان کي سياسي بناءَ تي،سنڌ ۾ قدم ڄمائڻ جو موقعو مليو اتي هي قدرتي امر آهي تہ تجارتي تعلقات ۽ ايندڙ ويندڙ قافلن(8)، يا انهن ايرانين جي ڪري جيڪي عربن سان گڏ سنڌ ۾ آباد ٿيا، ايراني اثر سان گڏ ايراني زبان کي بہ هتي متعارف ٿيڻ جو موقعو مليو هوندو(9). جيتوڻيڪ عرب جاگرافيدانن هن ڳالھ کي غيرضروري سمجهي بيان نہ ڪيو آهي. پر ان جو سبب بہ سمجهڻ جوڳو آهي. ايران ۽ ايراني ٻولي ان وقت غلام هئا، ان جي اثرن جو چٽائيءَ سان ذڪر نہ ڪرڻ، ڪا غير معمولي ڳالھ نہ آهي.

سنڌ جي فارسي زبان سان واقفيت ۽ ان سان دلچسپي، جيڪڏهن پهريان کان پيدا ٿيل نہ هئا، تہ پوءِ عربي زبان جي حاڪميت ختم ٿيڻ بعد، فارسي زبان جو پوءِ جي زمانن ۾، سندس جڳھ وٺڻ ڪهڙيءَ طرح ممڪن هو!

(3)

مختصر مدت جي طوائف الملوڪيءَ بعد عربن کان حڪومت جي واڳ، سنڌ جي هڪ مقامي قبيلي سومرن جي حوالي ٿي. ان دور ۾ قرامطين جو اقتدار(10). هن ڳالھ جو پتو ڏئي ٿو تہ ان زماني جو ايراني فڪر ۽ اثر سنڌ تي تمام گهٽو هو. محمود جڏهن ملتان (401هـ) ۽

منصوره (416ه) کي غلام بنايو تڏهن ظاهر ۾ قرامطي (11) وجود کي هن شرعي سبب طور استعمال ڪيو هو.

محمود غزنويءَ جي لاڳيتن حملن ۽ سندس سنڌ ۽ پنجاب تي حڪومت قائم ڪرڻ سبب، سنڌ ۾ ايراني اثرن ۽ ان جي ادب ۾ تازگي پيدا ٿي پئي. ان دور جي ڪيترن ئي شاعرن، سنڌ کي پنهنجي شعرن ۾ مختلف صورتن ۾ ياد ڪيو آهي، جي سنڌ ۽ ان ۾ رهندڙن سان سندن گهري واقفيت ۽ دلچسپيءَ جو پتو ڏين ٿا. دقيقي (وفات قبل 384هه)، فرخي (وفات 429هه)، عنصري (وفات 431)هه، قطران تبريزي (وفات 466هه)، ناصر خسرو (وفات 481هه)، مسعود سلمان (وفات 515هه)، عسجدي مروزي (وفات 514هه)، امير معزي (وفات 21_ 518هه) ۽ مختيار غزنوي (وفات 535هه) جا شعر هن سلسلي ۾ پڙهڻ جوڳا آهن(12).

غزنوي اثر واري زماني ۾ فارسي شاعرن ۽ ليکڪن جي اچ وڃ سبب، سنڌ ۾ جو ڪجهه پيدا ٿيو اسان کي ڏک آهي ته زماني جي هٿ چراند اهي سڀ آثار ڪجهه اهڙيءَ ريت ختم ڪيا، جو اڄ اسين انهن علمي يادگارن مان ڪجهه به پيش نه ٿا ڪري سگهون. بهرحال هي ته اسين اندازو ڪري سگهون ٿا، ته ملتان ۽ منصوره تي تسلط سبب علمي تخليقون لازمي ٿيون هونديون.

(4)

غزنوين جي دور (401_441هه) جي علمي اثاثي گم ٿيڻ جو اسين ذڪ چو ڪريون، جڏهن ته اسان وٽ ان دور کان پوءِ ناصرالدين قباچه جي زماني (602_625هه) جو عِلمي ذخيرو به محفوظ نه رهي سگهيو. ناصرالدين ۽ سندس علم پرور وزير عين الملڪ اشعريءَ جي علمي سرپرستيءَ ڪري، تاتارين جي غارتگري ۽ خونريزين سبب هجرت ڪندڙ، متعدد عالمن ۽ ناميارن شاعرن کي پنهنجي دربار ۾ آڻي گڏ ڪيو(13).

مولانا قطب الدين ڪاشاني (14)، قاضي شرف الدين اصفهاني (15)، سيد الندماءَ تاج النضلاء فخرالقدماءَ شمس الدين محمد بلخي (ڪي بزرگ هن شاعر جو نالو هن ريت به لکن ٿا_ شمس الدوله سيد الندماءَ تاج النضلاءَ فخرالقدماءَ محمد الڪاتب بلخي_ سنڌيڪار)، فخرالشعرا ضياءَ

الدين سجزي، منهاج سراج قاضي (624هـ)، سديدالدين عوفي (617هـ)، "بفروش" شاعر ۽ فضلي ملتاني (16)، جا چند نالا آهن، جيڪي محفوظ رهجي اتفاق سان اسان وٽ پهتا آهن. جن جو نالو گم ٿي ويو اهي نہ ڄاڻ ڪيترا هوندا، جيڪي هن درٻار ۽ دور سان واسطيدار هئا. "جامع الحڪايات"، "الفرج بعد شدة" جو ترجمو "طبقات ناصري" جي تاليف جو آغاز ۽ "چچ نامه" (613هـ)، هن سونهري دور جا اهي علمي يادگار آهن، جي خوشقسمتيءَ سان زماني جي هٿ چراند کان بچي اسان تائين پهتا آهن. "چچ نامه" جو فارسي مترجم سنڌ جي هڪ عالم مولانا ڪمال الدين اسماعيل جي لاءِ، جنهن وٽان ڪيس "فتح نامه" جو عربي متن مليو لکي ٿو تہ: هو فارسي علم ۽ فن ۾ بي مثال هو (17). هي بزرگ اروڙ جو هو جيڪو شهر سنڌ جي اڳين بادشاهن جو تختگاهہ هو.

محمد بن عليءَ جي هن قول مان سنڌ ۾ فارسي علم جي ترويج جو اندازو ڪري سگهجي ٿو. هي فارسي مترجم پاڻ بہ شاعر هو. "چچ نامه" ۾ بہ سندس شعر موجود آهن(18).

هيءَ تعجب ۽ فخر جي ڳالهہ آهي تہ فارسي شاعرن جو سڀ کان پهريون تذڪرو جنهن کي "ديوان" سڏيو ويو آهي (19)، سنڌ جي سرزمين تي مرتب ٿيو ۽ پوءِ ٻئي قديم ترين تذڪري "لباب الالباب" جي تڪميل جو شرف بہ سنڌ کي ئي حاصل ٿيو.

هن دور جي فارسي شاعريءَ جو نمونو اسان کي "لباب الالباب" ۾ ملي ٿو. خود عوفيءَ جو اهو قصيدو جيڪو بکر جي قلعي جي فتح تي هن لکيو اسان وٽ هڪ قيمتي ادبي اثاثو آهي(20).

بهرحال هي سڀ علمي آثار ۽ نشان غزنوي دور کان پوءِ جو بچي ويل سرمايو آهن. جيڪو ڪجهہ ختم ٿي ويو ان جو نقصان نہ فقط سنڌ جي لاءِ، پر فارسي ادب جي تاريخ لاءِ هڪ ابدي نقصان جي حيثيت رکي ٿو.

شيخ بهاءُ الدين ذڪريا ملتاني (وفات 666هـ)، هن دور جو جيد صوفي ۽ صاحب حال بزرگ هو. وٽس سماع جو رواج هو جتي اڪثر ڪري فارسي شعر پڙهيا ويندا هئا (21). هڪ ڀيري هن شعر شيخ کي ڏکي عرصي تائين وجد جي حالت ۾ بي حال رکيو:

مستان کہ شراب ناب خوردند
از پهلو ئي خود کباب خوردند (22).

شيخ بهاءُ الدين ذڪريا وٽ، فخرالدين عراقي (وفات 688هہ) وارد ٿيو. سندس غزل:

نخستين بادہ کاندر جام کردند
ز چشم مست ساقي وام کردند

۽ هي غزل:

در کوئي خرابات "کسي را کہ نياز" است
هوشياري و مستيش همہ عين نماز است

هتي جا ياد گار آهن (23).

شيخ عثمان قلندر لعل شهباز مروندي، جنهن جي خانقاہ سنڌ جي تاريخي شهر سيوهڻ ۾ اڄ تائين زيارتگاہ بنيل آهي. پاڻ مرند کان سنڌ، بلبن جي دور ۾ پهتو، جڏهن خان شهيد ملتان جو حاڪم هو (668-683هہ). ڏانهس ڪيئي فارسي غزل منسوب آهن (650هہ) (24).

هي ياد رکڻ گهرجي تہ جلال الدين خوارزم شاهہ جو اچڻ ۽ سڄو سال سنڌ ۾ رهڻ (18-619ه) يا ديبل جي اردگرد جامع مسجد ٺاهي وڃڻ، بحث هيٺ آيل دور جي شروع جو اهم سياسي واقعو آهي.

(5)

سنڌ تي تغلقن جا حملا 752هہ/1351ع کان شروع ٿيا، جڏهن تہ هتي سومرن جي جاءِ تي، سمن جو گهراڻو حاڪم ٿي چڪو هو.

هن دور ۾ فارسي شعر چوڻ جو مقامي طور تي رواج جو اهڃاڻ پڻ ملي ٿو. هن سلسلي ۾ اسان وٽ ان فارسي شعر جي هڪ مصرع ثبوت جي لاءِ موجود آهي، جا سنڌي نسل سنڌ جي حاڪم، فيروز تغلق آڏو پڙهي هئي.[1]

شاہ بخشندہ توئي بندہ شرمندہ منم (25).

---

[1] نئين تحقيق موجب هي سٽ امير حسن سجزي (603-738هہ) جي هڪ غزل جي آهي (ڳالهيون ڳوٺ وٽن جون، صہ 413).

ملتان جي حاڪم عين الملڪ ماهرو جي خطن جو مجموعو "انشاي ماهرو" جي نالي سان موجود آهي، جيڪو هن ڳالهه جو ثبوت آهي ته، هن دور ۾ فارسيءَ کي سرڪاري زبان جي حيثيت حاصل هئي ۽ سنڌ جي سلسلي ۾، لکپڙهه لاءِ به "فارسي" کان ڪم ورتو ويندو هو. هن ڪتاب ۾ سنڌ جي بادشاهن جي نالي جيڪي خط آهن، اهي هن ڳالهه جي شاهدي ڏين ٿا. (26).

سنڌ ۾ هي رواج به ان زماني ۾ ڏٺو وڃي ٿو ته، ماڻهو پنهنجن بزرگن جي مقبرن تي فارسي ڪتبا ۽ شعر لڪائي نصب ڪندا هئا. چنانچه حاجي ترابيءَ جي مقبري تي ڪتبو 782هه (27). ۽ محمد تغلق جي عارضي قبر تي سيوهڻ جا ڪتبا (28). هن ڳالهه جي شاهدي ڏين ٿا.

ننڍي کنڊ ۾ ڪلام پاڪ جا به پهريان فارسي ترجما به سنڌ ۾ ٿي تيا آهن، جن مان مخدوم جهانيان جهان گشت (وفات: 785هه) جو ترجمو (29). هن دور جو يادگار آهي، ۽ ٻيو (جيڪڏهن شهاب الدين دولت آباديءَ جي تفسير "بحر مواج" کي تفسير جي حيثيت ڏجي ته پوءِ) ڏهين صدي هجريءَ ۾ مخدوم نوح هالائيءَ جو ڪيل فارسي ترجمو آهي، جو هند ۽ پاڪ جي سيني فارسي ترجمن ۾ اڳاٽو آهي (30).

اگرچه اها ڳالهه موضوع کان ٻاهر آهي، پر هڪ عجيب اتفاق جو هتي ذڪر ڪرڻ دلچسپ هجڻ سبب، منهنجي خيال ۾ برو نه ٿيندو. هي عجيب اتفاق آهي ته، ڪلام پاڪ جو پهريون ترجمو جو ڪنهن به غير ٻوليءَ ۾ ٿيو اهو به سنڌ ۾ ٿي هتي جي ٻوليءَ ۾ ٿيو آهي (31).

(6)

اٺين صدي هجريءَ ۾ يا ان کان پوءِ، اسان کي ڪيترا ئي علمي گهراڻا اهڙا ملن ٿا، جن ايران کي ڇڏي سنڌ ۾ مستقل رهائش اختيار ڪئي، جن جي اٿي ويٺي مجلسن ۽ صحبتن جي ڪري، سنڌ ۾ فارسي زبان جي اشاعت ۽ اضافي کي وڏي تقويت حاصل ٿي.

هن سلسلي ۾ شيراز جي انجوي ساداتن جي هڪ شاخ جي بزرگ سيد محمد جو نالو ڪٺي سگهجي ٿو جيڪو 786هه ۾ شيراز کان نڪري سنڌ ۾ اچي رهيو. خاندان جي تاريخي ڪتابن مان معلوم ٿئي ٿو ته،

حافظ شيرازي هن سيد محمد جو بي حد معتقد هو ۽ ان بہ ساڻس گڏ وطن ڇڏيو. تاريخ ۾ اچي ٿو تہ حافظ:

"گريہ ميڪرد و ميرفت"(32).

هن دور ۾ دارالسلطنت ٺٽي ۾ توڙي سنڌ جي ٻين وڏن وڏن شهرن ۾، ڪثرت سان مدرسا موجود هئا (33)، جن ۾ عربيءَ سان گڏو گڏ فارسي ڪتاب بہ پڙهايا پي ويا.

(7)

خراسان جو آخري تيموري سلطان حسين بايقرا (863-912هہ) ۽ سنڌ جو والي ڄام نظام الدين (866-914هہ) نہ فقط همعصر هئا، بلڪ هم ذوق بہ هئا. علمي ۽ ادبي سرپرستيءَ ۾ هڪ جهڙا هئا، جنهن ڪري هرات ۽ ٺٽو هڪ ئي وقت ۾ شاعرن ۽ عالمن جو ڳڙه بنيل هئا (34)، ۽ سندن درميان هڪ جهڙائيءَ جو هي بہ هڪ عجيب اتفاق آهي تہ، جنهن وقت تيمورين جي هن آخري سلطنت جي طاقت ختم ٿي، تہ عين ان وقت سنڌ ۾ سمن جي سلطنت جو ڏيئو بہ گل ٿي ويو. آزاد سنڌ حڪومت جو هي آخري ادب پرور بادشاهہ ڄام نظام الدين سمون نہ فقط علم دوست ۽ هنر پرور هو، ليڪن خود بہ فارسيءَ جو شاعر هو. هي رباعي سندس آهي:

اي آنڪہ ترا نظام دين مي خوانند
تو مفتخري که مرا چنين مي خوانند
گر در رهہ دين از تو خطائي افتند
شڪ نيست که ترا ڪافر لعين مي خوانند(35).

مولانا عبدالعزيز ابهري پنهنجي خاندان سان گڏ، هن دور ۾ ئي سنڌ پهتو ۽ مستقل طور هتي ٽڪي پيو (36). هن هتي علم جي اشاعت ۽ واڌاري لاءِ، هڪ وڏي مدرسي جو بنياد رکيو. علامہ جلال الدين دواني (908هہ) بہ، هن سلطنت جي علم پروريءَ جي هاڪ ٻڌي هتي اچڻ ٿي گهريو ليڪن سندس بہ شاگرد مير شمس ۽ مير معين، سلطان نظام الدين ڪان سفر جو خرچ وٺي جيسين اتي پهتا، ان ڪان اڳ علامہ دواني آخرت جي سفر تي روانو ٿي چڪو هو (37).

901هہ ۾ مشهد مقدس کان سيد يعقوب ۽ سيد اسحاق هت پهتا، جن جو خاندان "مشهدي سادات" جي نالي سان ٺٽي ۾ اچا هلندو اچي(38). مشهدين جو ٻيو گهراڻو ٻن ڀائرن سيد احمد ۽ سيد محمد ولد سيد عباد مشهديءَ تي مشتمل هو سو 906هہ ۾ اچي هتي پهتو (39).

مڪليءَ جي قبرستان ۾ خواجہ شرف الدين شيرازيءَ جي قبر بہ ان دور جو يادگار آهي، جنهن تي هي ڪتبو موجود آهي:

وفات مرحوم الواصل الي رحمتہ الله
خواجہ شرف الدين شيرازي
في تاريخ شهر جمادي الاول سن 911هہ(40).

هي بزرگ بہ انهن ايندڙن مان هڪ آهي، جن کي نظام الدين جي علم نوازي ايران کان سنڌ گهلي آئي.

ٺٽي ۾ مغلپوره هن سلطان جو يادگار آهي. هي محلو ان ڪري سرڪاري خرچ سان ٺاهيو ويو تہ، جيئن ايران مان ايندڙ مشاهير ۽ عالم آساني ۽ آرام سان، اچڻ شرط هتي آباد ٿي وڃن. هي ياد رکڻ گهرجي تہ هن دور ۾ ايرانين جي لاءِ "مغل" ۽ "ولايت زاد" لفظ استعمال ڪيا ويندا هئا. مغل لفظ شايد ان ڪري ايرانين جي لاءِ مشهور هو ڇو تہ ان زماني ۾ ايران جا مختلف ٽڪرا، تيموري مغلن جي قبضي ۾ هئا.

ڏهين صدي هجريءَ جي شروعات جهڙيءَ ريت ايران لاءِ ڏک ۽ ڏاڍيڙ جو سبب بڻي، اهڙيءَ ريت سنڌ جي لاءِ بہ. هن صديءَ جي ابتدا مستقبل جي، مستقل سياسي نياڳ جو سبب بڻي. ايران ۾ تيمورين جو ڏيئو گل ٿيڻ شروع ٿيو هو. شيباني، صفوي ۽ بابري ٽوتون هڪ ٻئي خلاف ميدان ۾ هيون. هتي سنڌ ۾ سلطان نظام الدين جي وفات خانداني جهڳڙي جو اهو سلسلو پيدا ڪيو جنهن سنڌ جي آزاد مستحڪم ۽ وسيع سلطنت جون پاڙون پٽي ڇڏيون.

ايران شاهہ اسماعيل (906_930هہ) صفويءَ جي ذريعي، جلد ئي نہ فقط هڪ مستقل گهراڻي جي هٿ ۾ انتشار ۽ طوائف الملوڪيءَ جي تباهہ ڪارين کان بچي ويو، پر نئين سر آزادي حاصل ڪري پنهنجي ٽڙيل

پڪڙيل حصن کي گڏ ڪري، مستقل بادشاهت جو بنياد وجهي صحيح رستي تي گامزن ٿي ويو. ليڪن سنڌ جي حالت نيڪ نہ ٿي سگهي. ڇو تہ ٽن چئن ماڻهن تي مشتمل ارغون گهراڻو جيڪو سلطنت هرات جي پاران قنڌار ڪابل، بست ۽ زمين داور تي نيابت ڪندو هو اهو بابر جي قنڌار ۽ ڪابل، تي قبضي ڪرڻ بعد. سنڌ جي ان گهرو جهڳڙي مان فائدو وٺي، سنڌ تي قبضو ڪري ويٺو.

اڃا گهرو لڙائي هلي رهي هئي تہ، هرات جي تيموري بادشاهت جو پتڪيل شهزادو بديع الزمان (41). سنڌ ۾ آيو ۽ ڄام فيروز وٽ پناهگير بڻيو (18_919هہ). ليڪن پوءِ جلد ئي هتان ترڪيءَ ڏي راهي ٿيو.

(8)

هر معاملي جا ٻہ پهلو ٿين ٿا. ارغوني تسلط جي تصوير جو سياسي پهلو جنهن جي تاريخ (927هہ) "خرابي سنڌ" مان نڪري ٿي (42). بلاشڪ اونداهو نہ پر تاريڪ تر رهيو. ليڪن ٻيو پهلو جيڪو خاص علمي ۽ ادبي هو اهو روشن بلڪ روشن تر گذريو.

جيتوڻيڪ سنڌ گذريل دور ۾ ئي فارسي زبان کي درباري ۽ علمي زبان قبول ڪري چڪي هئي، ليڪن هن خاص فارسي گو گهراڻي جي تسلط بعد ايران سان اسان جا لاڳاپا زيادهہ مضبوط ٿي ويا. شيراز مشهد، سبزوار ۽ ٻين ايراني شهرن مان سوين روحاني ۽ علمي گهراڻا سنڌ ڏي لڏي آيا. جنهن ڪري فارسي ٻوليءَ ۽ فارسي تمدن جي جهڙوڪر، هڪ مڪمل دنيا سنڌ ۾ پيدا ٿي پئي.

هن زماني ۾ غياث الدين منصور دشتڪيءَ جي گهراڻي مان سيد شڪرالله شيرازي (43). سنڌ ڏي لڏي آيو جنهن جي گهراڻي سنڌ ۾ ڪيترن ئي ناميارن عالمن، فارسي گو شاعرن، طريقت جي صاحبن ۽ اهل قلم فاضلن کي جنم ڏنو. شيرازي ساداتن جو ٻيو خاندان سيد ڪمال ۽ سيد جمال نالي بن ڀائرن تي مشتمل. سيد شڪرالله سان گڏ نئي پهتو. جنهن جي گهراڻي بہ ڪيئي مشاهيرن کي پيدا ڪيو(44).

مولانا جامي رحہ جي دوست ۽ روحاني رفيق شيخ جلال الدين بايزيد پورانيءَ کان هر اهو پڙهيل لکيل واقف آهي، جنهن "نفحات الانس" پڙهيو

آهي. هن شيخ جلال الدين پورانيءَ جو ڏوهٽو ميرڪ شيخ محمود سنڌ ۾ هن زماني ۾ پهتو (45). ۽ ٻن سون سالن تائين سندس خاندان سنڌ ۾ عالمن، شاعرن ۽ ليکڪن کي پيدا ڪندو رهيو. سنڌ ۾ هي گهراڻو عرب شاهي سبزواري ميرڪ سيد جي نالي بہ مشهور آهي ۽ پوراني سادات پڻ سڏائي ٿو.

مير غياث الدين محمد معروف، سلطان رضائي عريضي سبزواري صاحب "حبيب السير" يعني خواند مير جو ڏوهٽو هو (46). هي بہ پنهنجي اولاد کي وٺي هن دور ۾ لڏي آيو. سندس سنڌي اولاد بہ سنڌ ۾ فارسيءَ جا ڪيئي پائدار علمي آثار ڇڏيا آهن. هي معلوم هجڻ گهرجي تہ "حبيب السير" واري ليکڪ جا ارغون گهراڻي سان تمام ويجها ۽ گهاٽا لاڳاپا رهيا آهن. خواند مير پاڻ هتي آيو هو پر پوءِ هندوستان ويو ۽ اتي ئي وفات ڪيائين(47).

مولانا مصلح الدين لاري (48)، مولانا عبدالخالق گيلاني (49)، مولانا يارمحمد ياري هروي (50)، ۽ مولانا يونس سمرقندي (51) بہ هن دور ۾ آيا ۽ حيدر ڪلوچ بہ هن دور ۾ سنڌ ۾ آيو ۽ هتي ئي فوت ٿيو (52).

شاه جهانگير هاشمي ڪرمانيءَ جي مثنوي. "مظهرالآثار" (940هہ) (53)، فخري هرويءَ جو تذڪرو "روضة السلاطين" (958هہ) (54)، شاعريءَ جي فن ۾ "صنايع الحسن" (55) ۽ خواتين شاعرن جو تذڪرو "جواهر العجائب" (56)، يا وري "فتاوي پوراني" (57) ۽ "آداب المريدين" (58)، هن دور ۾ اسان جي مٿي ذڪر ڪيل خاندانن جون چند علمي نشانيون آهن.

هيءَ ڳالهہ ياد رکڻ گهرجي تہ "روضة السلاطين" فارسي شاعرن جو ٻيو جهونو تذڪرو آهي، جيڪو سنڌ ۾ لکيو ويو ۽ ان ريت فخري هرويءَ جو "جواهر العجائب" خواتين شاعرن جو پهريون تذڪرو آهي، جيڪو هتي لکيو ويو.

هند جي مغل بادشاه همايون جو ايران وڃي پناه وٺڻ، هن دور جو مکيہ سياسي واقعو آهي. هن ڏس ۾ هي ياد رکڻ گهرجي تہ اهو شاه حسين ارغون ئي هو، جنهن سنڌ ۾ همايون کي (47- 950هہ) رهڻ نہ ڏنو ۽ پنهنجي سمورين ڪوشش ناڪام ٿيڻ بعد، ٻيو رستو نہ ڏسي هو ايران

ڏي "صراط مستقيم" (950هـ) ذريعي روانو ٿيو (59). شاهه طهماسپ صفويءَ کي همايون بادشاهه جيڪو خط لکيو ان ۾ شاهه حسن ارغون جي سياست ڪاريءَ ڪري، ڪيس پهتل تڪليفن جو اشارو هن ريت ڪيو آهي: "از فضائي سواد اعظم هند، بتنگنائي ظلم سندهہ رسيدهہ شد."

بگذشت از سرما آنچہ گذشت
چہ بدريا و چہ کهسار و چہ دشت(60).

(9)

ارغونن کان پوءِ (962هـ) سنڌ کي، خاندان جي ٻن اميرن تقسيم ڪيو، هيٺين سنڌ (ٺٽو) مرزا عيسيٰ ترخان ۽ اتر سنڌ (بکر) سلطان محمود بکريءَ جي حصي ۾ آئي.

هي اهو ئي مرزا عيسيٰ ترخان آهي، جنهن جي زال ماهه بيگم جي نالي فخري "جواهر العجائب" منسوب ڪيو هو ليڪن جڏهن اڪبر تخت تي ويٺو (963هـ)، تڏهن معمولي امير جي زال جي پيٽ ۾، هڪ وڏي بادشاهه جي دائي ماهم انگہ جي نالي، هن پنهنجي انتساب کي تبديل ڪري ڇڏيو.

ميرزا عيسيٰ ۽ سندس پوين (962-1000هـ) جا لاڳاپا، ايران سان اهڙيءَ ريت نيڪ رهيا، جهڙيءَ ريت اسان ارغوني دور جو اپياس ڪيو. هن دور ۾ ٻہ ڪيئي ايراني خاندان، پنهنجي جنم ڀومي ڇڏي سنڌ پهتا، سيد بدرالدين مازندراني (61)، هن دور ۾ لڏي ايندڙن مان هڪ آهي. تاريخ "نگارستان" جو مؤلف قاضي احمد غفاري قزويني، هن زماني ۾ سنڌ ۾ پهتو ۽ هتي ئي فوت ٿيو (975هـ) (62).

مشهد (آستان قدس) سان، ميرزا عيسيٰ ترخان جي گهري وابستگي هئي. چنانچہ عقيدت جي اظهار طور هن خاص اهتمام سان سنڌي مشعل نهرائي، اوڏانهن موڪلي ڏنا. ميرزا عيسيٰ سياسي طور تي بہ ايران سان لاڳاپي جي لاءِ مجبور هو. هو سنڌ ۾ هڪ پاسي بکر جي حاڪم سان سلطان محمود بکريءَ کان ڊنل هو تہ ٻئي طرف اڪبر کان بہ ڪيس خوف هو. جيڪو نئون نئون فتوحات جي تازي جذبي ۽ ارادي سان تخت نشين

ٿيو هو. لهذا ميرزا جي لاءِ بيحد ضروري هو تہ هو پنهنجي پاڙيسري سلطنت بلڪ عظيم تر مملڪت يعني ايران سان لاڳاپو پيدا ڪري. ليڪن سندس مشهد ڏي لاڙو پڪ آهي تہ سياسي نوعيت جو هو.

محمود بکري جنهن جو نالو اسان هاڻي ڪنيو آهي، سو ان وقت نہ رڳو لاثاني بهادر ۽ جنگجو امير هو بلڪ سياست ۽ ڏاهپ ۾ بہ پنهنجو مثال پاڻ هو. ايران ڏي ميرزا عيسيٰ جو لاڙو ڏسي، هن بہ پنهنجا سفير موڪلي شاهہ طهماسپ سان پنهنجا تعلقات پيدا ڪري ورتا هئا(63).

ميرابوالمڪارم بن غياث الدين سبزواري، جنهن جي خاندان جو ذڪر مٿي ڪيو ويو آهي، محمود بکريءَ پاران ۽ تردي بيگ يا حق بردي بيگ ايراني دربار مان سنڌ ايندا ويندا رهيا (967هہ) (64). شاهہ طهماسپ نہ رڳو پاڻ ڪيس "خان" ۽ "سلطان" جو لقب ڏنو بلڪ محمود جي ئي درخواست تي، اڪبر کي بہ خط لکيو تہ محمود کي پنهنجي دربار مان بہ "خان خانان" جو خطاب ڏنو وڃي. هندوستاني دربار ۾ جيئن تہ هڪ وقت ۾ صرف هڪ "خان خانان" هوندو هو ۽ ان وقت منعم خان هن منصب تي فائز هو لهذا اڪبر، شاهہ طهماسپ کي معذرت جو خط لکيو (65).

(10)

ارغون ۽ ترخان ڏهين صديءَ تائين سنڌ تي حڪومت ڪندا رهيا. ۽ سال 1000هہ ڌاري سنڌ، هندي مغلن جي سلطنت جو حصو بنجي وئي، جن ايندڙ ڏيڍ سؤ سالن تائين هتي پنهنجو تسلط قائم رکيو.

يارهين صديءَ جي ابتدا ۾ جيڪو سفير ايراني دربار ۾ پهتو سو هڪ سنڌي هو يعني اڪبر جو مشهور امير، مؤرخ ۽ شاعر مير معصوم بکري "نامي" هو. سندس پاران (11- 1013هہ) شاهہ عباس ڪبير صفويءَ (985-1038هہ) جي دربار ۾ پهتو. هن نہ رڳو سفارتي ڪاميابي حاصل ڪئي، بلڪ ذاتي طور تي بہ ايران ۾ پنهنجا مستقل تاريخي ۽ ادبي يادگار ڇڏيا. حڪيم شفاعي اصفهاني (وفات 1027هہ) (66)، محمد رضا فڪري ۽ تقي اوحديءَ جهڙن شاعرن سان سندس صحبتن ۽ مشاعرن جو ذڪر، ايران ۽ سنڌ جي ادبي لاڳاپن جو هڪ مستقل عنوان آهي (67). اصفهان جي مسجد علي جو ڪتبو (68)، ڪاشان ۽ مورچہ (مورچئہ خورت) جي

وچ ۾ ڪاروان سراءِ عباس جو ڪتبو (69)، يا احمد جام زنده پيل جي مزار جو ڪتبو (70)، هي ۽ ٻيا ڪي ڪتبا جيڪي مير معصوم ايران ۾ هرهنڌ هنيا، سي اڄ بہ موجود آهن. مير معصوم (وفات 1014هہ) فارسيءَ جو بهترين شاعر، "تاريخ سنڌ" جو مؤلف (1009هہ)، صاحب ديوان ۽ هڪ "خمسہ" جو مصنف آهي. خواجہ نظام الدين "طبقات اڪبري" (1003هہ)، سنڌس ئي تحرڪ ۽ مدد سان لکي هئي(71).

سنڌ ۽ ايران جي سياسي لاڳاپن کي قائم رکڻ وارو ٻيو سنڌي امير ترخاني گهراڻي جو آخري حاڪم ميرزا غازي وقاري هو جنهن جي شخصيت نہ فقط دلچسپ آهي، بلڪ رنگا رنگ خوبين جي ڪري ٻي انتها دلڪش پڻ آهي. جڏهن هو قنڌار ۾ مغلن جو نائب هو (1017-1021هہ)، ان وقت سندس ذاتي دربار سندس غير معمولي علم پروريءَ ۽ شخصي ڪشش جي ڪري ايراني شاعرن سان ڀريل هئي. طالب آملي پهريان سندس دربار جو شاعر هو جنهن سندس مدح ۾ ايڏا تہ سٺا قصيدا لکيا، جو ڪيس (طالب آملي) "ملڪ الشعرا" بنائڻ کان پوءِ بہ جهانگير کي اهڙا قصيدا نصيب نہ ٿيا. شمساي زرين رقم، مرزا فصيحي هراتي، ملا شاني تڪلو مير الاهي اسد آبادي، سنجر ڪاشي، محوي اردبيلي، بزمي کوزي مير نعمت الله وصل شيرازي، ملا اسد قصه خوان، شيدا اصفهاني، مرشد بروجردي، عتابي تڪلو مولانا صوفي مازندراني صاحب بتخانہ، سروري يزدي، مير عبدالباقي "قصه خوان"، حڪيم فغفور لاهيجاني (72)، مرزا غازيءَ جي بزم ادب سان واڳيل ۽ سندس مدح خوان هئا.

ميرزا غازيءَ جا شاهه عباس ڪبير سان گهرا لاڳاپا هئا. ٻنهي جي وچ ۾ ايلچي نياپو نڙو ڪٽي ايندڙ هئا. مرزا غازيءَ جي ڀاران، سيد عبدالله سلطان عريضي سبزواري هي فرض بجا آڻيندو رهيو (73).

پهريان تہ سياسي لاڳاپا رهيا پر وري جلد ئي شاهہ ء ميرزا جي وچ ۾ شخصي تعلقات پيدا ٿي ويا ۽ اهي ان حد تائين وڌيا، جو جهانگير وانگر شاهه عباس بہ پنهنجي خطن ۾ مرزا کي "فرزند" جي لقب سان مخاطب ٿيڻ لڳو. مرزا غازيءَ، شاهه عباس جي مدح ۾ جيڪي قصيدا لکيا آهن، ان مان هڪ قصيدي جو هڪ ئي شعر اسان تائين پهتو آهي.

فرزند کيس پاڻ پٽي جي حد کان ٻاهر ڪيو، معرفت جي دنيا ۾ پهچايو هو. اهو ترڪ نہ پر هندو ٻچو "ابي چند" هو جنهن لاءِ سرمد چيو هو:

خدا ئي کيست اي سرمد! درين دير
نمي دانم ابي چند است، يا غير!

ايران ۾ فارسي زبان توڙي ادب جو اثر صدين جي ڳانڍاپي جي ڪري، سنڌ ۾ ان حد تائين داخل ٿي چڪو هو ۽ سنڌي فطرت جو حصو بنجي ويو هو. جو هن ٻارهين صديءَ ۾ جڏهن رضائي ٺٽوي پنهنجي مثنوي "زيبانگار" (1053هـ) لکي، تڏهن هن عشق جو پورو مواد جيتوڻيڪ سنڌ مان کنيو ليڪن عاشق ۽ معشوق جا مقامي نالا ان ڪري بدلائي ڇڏيا، ڇو تہ فارسيءَ جي نرم فطرت انهن نالن جي ڏاڍيائپ واري وزن کي پهچي نہ ٿي سگهي. باوجود ان جي تہ هو پنهنجي مادري زبان سنڌيءَ کي بهترين ۽ شيرين سڏي ٿو:

زبان سنده شيرين است شيرين
بجاي خويش رنگين است رنگين!

.....

نمي سازم بيان را سندهي آميز
نيام از زبان سنده پرهيز!

.....

ز ملک پارس آدم پرنيان را
بيو شانم عروس داستان را
چو حرف از عاشق و معشوق دانم
بلفظ فرس هريک را بخوانم
بگويم نام هريک تابداني
بہ هنگام کہ اين دفتر بخواني
چو در معشوق حسن و زيب ديدم
پي او نام "زيبا" بر گزيدم!

.....

همان شهري ڪہ مي باشد مقامش
زادم شـــهـــر حسن آبـــاد نامش
"نگار" از بهر عاشق ساختم نام
ڪہ نقش اوست زيب لوح ايام(80).

(11)

ٻارهين صدي هجريءَ ۾ سنڌ مان مغل تسلط جي پڄاڻي ٿي ۽ ڪلهوڙن جو مشهور سنڌي نسل گهراڻو حڪومت جي گاديءَ تي ويٺو. جيتوڻيڪ هي خالص سنڌي هئا ۽ سندن دور سنڌي زبان ۽ ادب جو سونهري دور سڏجي ٿو پر جيئن تہ فارسي گو مغلن کان تازو ڇوٽڪارو حاصل ڪيو هئائون، ان ڪري فارسي زبان ۽ ادب کي هنن باقاعدي پنهنجي سيني سان سانڍي رکيو. ان ڪري ان دور ۾ سنڌ ۾ نہ صرف فارسي زبان ۾ سيني علمن تي قابل قدر ڪتاب لکيا ويا، بلڪ ڪيئي صاحب ديوان شاعر اهڙا پيدا ٿيا، جن جو درجو ان دور ۾ هند ۾ رهندڙ شاعرن کان ڪنهن ريت بہ گهٽ نہ هو. "تحفة الڪرام" ۽ "مقالات الشعرا" وغيره، هن دور جون اهم ترين علمي نشانيون آهن.

نادر شاه جو دهليءَ کان موٽندي سنڌ ۾ اچڻ، هن دور جو ايران جي حوالي سان مکيہ سياسي واقعو آهي (1152ـ1153هہ). ميان نورمحمد (1132ـ1167هہ) 'ساليانو ڏن ڏئي، ايران سان پنهنجن لاڳاپن کي ناهيو ۽ نادري تلوار جي رتوچاڻ کان پنهنجي وطن ۽ وطن واسين کي بچائي ورتو. جيڪا محمد شاه جي اڻ ڄاڻائيءَ ڪري دهلي ۽ دهليءَ وارن کي ڏسڻي پئي!

سنڌ ۾ نادر شاه جي آمد مستقل علمي ۽ ادبي آثار ڇڏيا آهن. هي علمي آثار سنڌ جي حاڪم ميان نورمحمد جي تصنيف "منشور الوصيت" (81)، ۽ تاريخ تي متعدد ڪتابن تي مشتمل آهن ۽ ادب ۾ اهي مخالف توڙي موافق قصيدا آهن، جيڪي نادر شاه جي آمد تي سنڌ جي شاعرن چيا آهن. سنڌي شاعرن تلميح جي طور تي بہ نادر شاه کي پنهنجي شعرن ۾ ياد ڪيو آهي. مثال طور:

کرد غـارت دهلي دل آن شهہ، مهہ پيکران۔
شوخ من اندر ستم کمترز نادرشاه نيست (82).

ان دور ۾ سرڪاري يا غير سرڪاري طور تي ايران جا ڪيئي امير، عالم ۽ شاعر سنڌ ۾ داخل ٿيا، جن مان عاشق اصفهاني (83)، مرزا جعفر شيرازي (84)، ۽ ٻيا ڪيئي شاعر ۽ حڪومتي ڪارڪن آيا، جن جو ذڪر "مقالات الشعرا" ۽ "تحفة الڪرام" ۾ موجود آهي. شيخ علي حزين (85)، ۽ ايران جو مشهور مرثيہ گو شاعر ملا مقبل (86) (وفات گجرات، 1158هـ) پڻ ان دور ۾ سنڌ پهتا هئا.

نادرشاه 11 محرم 1153هـ تي سنڌ مان ايران لاءِ موٽندي ميان نورمحمد کي "شاه قلي خان" جو خطاب ڏنو جنهن جي تاريخ سنڌي دربار جي شاعر هن ريت چئي:

اي آنکہ تو ئي بملک دولت قائم
از خوان تو افطار کند هـر صائم
تا مملکت "سند" شهنشاهت داد
تاريخ تـو شـد "شاه قـلي خان دائم" (1152هـ) (87).

جيسين نادرشاه جيئرو هو ايران سان اسان جا سياسي لاڳاپا برابر قائم رهيا. سنڌ جا سفير ۽ خود سنڌ جي ڪلهوڙي حاڪم جا ٻہ پٽ مستقل طور تي نادرشاه جي قتل (1160هـ) تائين ايران ۾ رهيا. جڏهن محمد مراد (1164هـ) سنڌ واپس پهتو تہ شاعرن سندس آمد جي موقعي تي قصيدا ۽ تاريخون چيون. مثال طور:

با مژده رسيد، خان عالي بہ وطن (جعفر)
بافضل خدا، خـان جوان بخت رسيد
از راه خراسان، بہ وطن باز رسيد (محسن) (88).

شيخ غلام محمد پڻ ايلچيءَ طور نادري دربار ۾ آخر وقت تائين رهيو (89). مير ابراهيم شاه حيدرآبادي ٻيو سفير هو جو سنڌ مان ايراني دربار ڪيئي ڀيرا آيو ويو (90).

سنڌ جي والي ميان نورمحمد ڪلهوڙي جي ايران پرستيءَ جو هڪ بيو مستحڪم ۽ مقدس نشان پڻ آهي، جو اڄ بہ اسان کي انهن ڏينهن جي ياد ڏياري ٿو. هي مشهد مقدس جي ڪتبخاني جي ميوزم ۾ اهو لاثاني ڪلام مجيد آهي، جيڪو هن نادرشاه جي اچڻ کان اڳ (1148هہ) "مقدس آستان" ڏي موڪليو هو. جنهن جي سينگار ۽ سونهن جو مثال شايد ئي دنيا جي ڪتبخانن ۾ ملي (91).

(12)

تيرهين صديءَ هجريءَ ۾ "ٽالپور" نالي هڪ بيو مقامي قبيليو حڪمران (1198_ 1258هہ) هو. خود "ٽال پور" جي لفظي ترڪيب ايراني ۽ سنڌي لاڳاپن جي هڪ علامت آهي. ايران سان هن گهراڻي جو تعلق ان حد تائين ڳنڍجي ويو جو انهن ايران دوستيءَ ۾ نہ فقط ان کي پسند ڪيو، بلڪ سنڌن طور طريقا، حڪمرانيءَ جا قاعدا ۽ ضابطا، رهڻ سهڻ، لباس ۽ کائڻ پيئڻ توڙي عمارت سازيءَ تي ايراني اثر غالب ڏسجي ٿو. قاچاري بادشاهن سان، سندن گهرا لاڳاپا هئا. وڪيلن جي اچ وڃ ۽ سوکڙين پاکڙين جي ڏي وٺ آخر تائين جاري رهي. مرزا محمد عليءَ کي سفير طور 1214هہ ۾ ايران موڪليو ويو. جيڪو واپسيءَ تي فتح علي شاه قاچار جي سفير مرزا اسماعيل کي پاڻ سان وٺي آيو. هنن سفيرن جي اچ وڃ جون تاريخون مقامي شاعرن جي ديوانن ۾ موجود آهن (92).

سنڌ جو مشهور مرثيہ گو شاعر سيد ثابت علي شاه 1219هہ ۾ ايران جي سفارت تان واپس پهتو جنهن جي تاريخ مير مائل چئي آهي. مير غلام محمد ٺٽوي سفارت تان 1225هہ ۾ واپس ٿيو تہ سندس آمد جي تاريخ چئي وئي (93).

ٽالپور حاڪم پاڻ فارسيءَ جا مصنف ۽ صاحب ديوان شاعر هئا، چنانچہ نظم ۽ نثر ۾ هنن حڪمرانن ڪيئي ڪتاب ڇڏيا آهن. سندن دربار فارسي شاعرن ۽ خاص طرح ايراني شاعرن سان پريل رهندي هئي. ڪتبخانہ ناهڻ جو کين خاص شوق هو. هر بادشاه ۽ حرم اندر هر عورت جو ڪتبخانو الڳ الڳ هوندو هو. جن ۾ فارسيءَ جا مکيہ ڪتاب موجود هئا. هي سڀ ڪتاب خاص طور تي شاهي ڪتبخانن لاءِ لکيا ويندا هئا ۽ اڪثر ڪاتب ايراني هئا (94).

هي ڪتبخانہ انگريزن سنڌ غضب ڪرڻ وقت 1843ع ۾ ويران ڪيا. روس کان پيرس ۽ لنڊن کان جرمنيءَ تائين، مختلف ڪتبخانن ۾ انهن جا جزا موجود آهن. هن وقت بہ جيڪي ڪتاب اسان وٽ بچيا آهن، اهي پنهنجي جاءِ تي بيحد قيمتي آهن. گهڻا ڪتاب اهڙن ايراني ڪاتبن جا ترتيب ڏنل آهن، جيڪي گهڻو ڪري ايران ۾ اڻ ڄاتل آهن ۽ پنهنجي دور جي "خطاطن جي تاريخ" ۾ اهي قيمتي واڌاري جو باعث بنجي سگهن ٿا. وصال شيرازيءَ جا لکيل ڪيترا ئي ڪلام مجيد موجود آهن. مولانا جاميءَ جو مڪمل "خمسہ" سندس پنهنجي اکرن ۾ لکيل موجود آهي. ماضيءَ جي ٻين هندي بادشاهن کان سواءِ شهنشاهہ آريہ مهر جو دستخط پڻ موجود آهي، جو سنڌ جي آخري دارالسلطنت حيدرآباد ۾ سندس آمد جي موقعي تي يادگار طور هنيو ويو هو.

ٽالپور دور جو هڪ ٻيو يادگار بہ اسان وٽ موجود آهي، ۽ اهو آهي معاصر شاعرن جو تذڪرو، جيڪو سيد مير حسن الحسيني شيرزاي "زبدة المعاصرين" (95)، جي نالي سان، ٽالپور بادشاهن جي لاءِ (1240هہ) تاليف ڪيو هو. هن تذڪري ۾ گهڻو ڪري اهڙن ايراني شاعرن جو ذڪر ملي ٿو، جن کان خود ايران جا ادبي عالم بہ واقف نہ هوندا[1].

هن ڪتبخاني ۾ (ٽالپوري لائبريري حيدرآباد) ٻيا قيمتي ڪاغذات، جي ايران ۽ سنڌ جي لاڳاپن سان تعلق رکن ٿا ۽ ايراني بادشاهن جا موڪليل تحفا بہ شامل آهن. اسان مٿي چيو آهي تہ هتي جي اٽي ويهي ۽ عمارت سازيءَ تي بہ ايراني اثر غالب هو. هن هڪ جهڙائيءَ جي آخري نشاني حيدرآباد جي قلعي ۾ اها ننڍڙي عمارت اجا بہ زبون حالت ۾ موجود آهي، جيڪا اصفهان جي "علي قاپو" جو نقل ڏسجي ٿي.[2]

---

[1] هن دور ۾ هڪ ٻيو تذڪرو بہ تيار ٿيو. محمد صالح شاملوي خراساني سن 1252هہ ۾ حيدرآباد آيو ۽ هن شهر ۾ رهندي "محڪ شعراءِ" نالي شاعرن جو تذڪرو لکيائين. ان وقت مير نورمحمد ٽالپور مسند نشين هو (مرتب جو مقالو، ڇپيل رسالو "مهراڻ" ص 186، 4/ 1985ع).

[2] علي قاپوءِ بابت پروفيسر مقبول بيگ بدخشاني لکي ٿو: "هي عمارت شاهہ عباس اعظم ٺهرائي ۽ هڪ دروازي جو ڪم ڏئي ٿي. هتان ئي ٽن ميلن تي پکڙيل شاهي محلات ڏي رستو وڃي ٿو. "چهل ستون" پڻ هن محل جو ڀاڱو هو. علي قاپوءَ سان گڏ. باغ. بادشاهہ جي بيٺڪ ۽ ديوان پڻ هئا. صفوي بادشاهہ هتي غير ملڪي مهمانن جو استقبال ڪندا هئا ۽ هتي ئي ويهي پولو راند ڏسندا هئا. هي عمارت سٺ وال اوچي آهي. ست منزلون اٿس. هر منزل جي ديوارن ۽ دروازن تي چٽساليءَ جا بهترين نمونا ڏسجن ٿا (تاريخ ايران. جلد 2، ص 410، مجلس ترقي ادب لاهور. سال 1971ع).

(13)

تيرهين صديءَ جي وچ ڌاري پهريائين هندوستان ۾، ۽ پوءِ سنڌ ۾ انگريز ۽ سندن قبضي جا آثار گهرا ٿيندا ويا. مسلمانن کي ان جو ڪافي احساس هو ليڪن مسلم حاڪم ان حد تائين ڪمزور ٿي چڪا هئا ۽ مغل سلطنت جي وحدت ان حد تائين ختم ٿي چڪي هئي ۽ ننڍين ننڍين ٽڪرن ۾ تقسيم ٿي وئي هئي، جو ڪنهن ٻاهرئين تازه دم قوت جو مقابلو ڪرڻ سندس لاءِ ناممڪن هو. هن دور جا رسالا، ڪتاب ۽ شاعرن جا ديوان هن ڳالهه جي شاهدي ڏين ٿا ته، هند جو خواهه سنڌ جو مسلمان، هر وقت ايران جي طرف واجهائيندو هو. کين يقين هو ته ايران ضرور هن ڏکئي وقت ۾ مدد ڪندو.

هن دور جو هڪ هندي شاعر ظهورالله "نوا"، جنهن جا وڏا ستين صديءَ هجريءَ ۾ ايران کان هند پهتا هئا (96)، سو سنڌ ۽ هند جي هن حالت کان متاثر ٿي ايران جي طرف ويو ۽ اتي پهچي، هن "تاريخ جهانڪشائي نادري" جي مؤلف مرزا مهديءَ جي ڏوهٽي مرزا ذڪيءَ آڏو هي شعر پڙهيو:

تنگ دل، بيمار جان برلب، به ايران آمدم
اندريــن "دارالشفاءَ" مـحتاج درمان آمدم

هي فتح علي شاهه قاچار (1797_1834ع) جو دور هو. مرزا ذڪي شاهي دربار جي شاعر فتح علي خان "صبا" تائين ڪيس پهچايو ۽ ان جي ذريعي "نوا" جڏهن شاهه جي آڏو پهتو ته هند ۽ سنڌ جي ڏک ڀري حالت تي هن هڪ دردناڪ قصيدو پڙهيو جنهن جي شروعات هن فرياد سان ٿئي ٿي:

در هند از بد گوهران، آفت پديدار آمده!
سبز نـسخـل فتنها، ظلم و بلا بار آمده!

۽ اڳتي هلي چوي ٿو:

احوال هندوستان زمن، کن گوش اي شاه زمن
در هند و سند و هم دکن، رايت نگونسار آمده!

"نوا" قصيدي ۾ چيو آهي ته: اي دوست جنهن ڏينهن پيغامبر هي خوشخبري ڏيندو ته، شاهه ايران هندوستان جي ارادي سان قنڌار تائين پهتو آهي، ان وقت اسين زبان سان سندس شڪر ادا ڪنداسين:

سازد ز قندش پر دهن، گويد چو منهي ناگهان،
ياران! پــي هندوستان، شاهم بقندهار آمده!

قنڌار، ايران ۽ مرڪزي ايشيا جي طرف ويندڙ رستي کي صاف ڪرڻ لاءِ، بهرحال انگريزن هي ضروري سمجهيو تہ پهريائين سنڌ تي قبضو ڪجي. چنانچہ دهليءَ تي تسلط (1857ع) ڪرڻ کان چوڏهن سال اڳ هنن (1843ع) سنڌ تي قبضو ڪيو.

آزاد سنڌ جي حڪومت ۽ ايراني مملڪت جي لاڳاپن جي آخري نشاني، اسان وٽ يادگار طور تي اهو لاجواب ڪلام مجيد آهي، جيڪو ٽالپورن جي آخري آزاد سلطان مير محمد نصير خان 1258هہ ۾ مشهد مقدس جي لاءِ سنڌ کان موڪليو هو. جيڪو اڄ بہ اتي جي ميوزم جي زينت بنيل آهي. هي ڪلام مجيد (97)، ان قرآن پاڪ کان، جيڪو هڪ سؤ سال اڳ سنڌ کان موڪليو ويو هو، سينگار ۽ سونهن ۾ ڪنهن ريت بہ گهٽ ڪونهي.

بــزرگ خطۂ هــنـد و امـيـر کشور سند
کہ نام نامئي او خود علي مدد خان شد
بزرگواريٰ کــز عــقــل و دانــش و تدبير
بدهر غيرت اغشي و رشــک حسّان شد
پس آنگہ از پئي تــاريخ ايــن زيارت مير
خرد "بعرصۂ فـــکــر و خيال" پويان شد
زهوش "فرصت آورد سر" پس آنگہ گفت
علي مدد مددش از علــي عمران شد!(98).

1294=5+1289هہ

جيتوڻيڪ انگريزن جي تلسط بعد سنڌ ۽ ايران جا لاڳاپا ظاهر ۾ ختم ٿي ويا، پر روحاني ۽ ادبي لاڳاپا، صدين وانگر برابر قائم ۽ جاري رهيا. هن وقت سنڌ، پاڪستان جو حصو آهي. پاڪستان ۽ ايران جي سٺن لاڳاپن جي صورتحال، ڪنهن رسمي تعارف جي محتاج ڪونهي.

[ڪراچي 2-8-1966ع]

## حوالا ۽ حاشيا:

(1) ص ص 162_148، 47، 38 J.B. 38

(2) رشيد: ص 23_49.

(3) قصص : ص Smith P 118,107

(4) عزر: ص 563، مسعودي: ج 2، ص 191_ 200.

(5) E.I.P 38

(6) خان: ص 12_14، خرد: ص 62، مسعودي: ج 1، ص 349.

(7) تاريخ: ص 134_136_216_233، خل: جلد3، ص 343، سيد: ص 241.

(8) ايران جي ماڻهن ۽ قافلن جو ذڪر عربي ڪتابن ۾ موجود آهي. مثال طور: مسعودي (346هہ)..... "وبلاد الهند متصلہ ببلاد خراسان والسند مماثل المنصوره والمولتان والقوافل المتصلہ من السند الي خراسان" (ج1، ص 157)، ۽ ادريسي (560_493هہ) لکيو آهي تہ خراساني ۽ ايراني بلخ جي بختي نسل توڙي سمرقندي نسل جي وڌائڻ لاءِ سنڌ کان اٺ خريد ڪيا هئا. "اهل يرغب فيها اهل خراسان و غيرهم من اهل فارس و شبائها النتاج البخت البلخيه والنوق السمرقنديہ" (ص 21). ان ريت ابن بطوطہ (734هہ) بادام متعلق لکيو آهي تہ...... "از خراسان بادام وارد مي کردند زيرا کہ در اينجا (درسند) درخت بادام وجود نداشت." عالمن ۽ شاعرن جي آمد رفت جو حال بہ عربي ڪتابن ۾ اچي ٿو. چناچہ مقدسي (تاليف 375هہ) شيراز ۾ هڪ عالم سان ملاقات ڪئي، جو مدت کان سنڌ ۾ ٽڪيل هو. ۽ هن کيس سنڌ جي حالتن کان واقف ڪيو هو. هڪ وڏيڪ فاضل سان بہ مقدسيءَ جي ملاقات ٿي هئي، جيڪو ابوالهشيم نيشاپوريءَ جي دوستن مان هو ۽ هن سرزمين سنڌ جي ڪيئي علائقن کي ڏٺو هو..... "وسائلت رجلا من اهل العلم الحكمه وكان يجلس بشيراز والاهواز ويقص عليهم و يعرف بالزهد وقد اقام بتلک البلدان مدة مديدة (ص 477)...... وكذالک سالت فقيها آخر من اصحاب ابي الهشيم النيشابوري وہ وطي تلڪ النواحي وعرف اسبابها فصح عندي من قولها (ص 477).

مقدسي انهن سفيرن سان بہ مليو هو. جي منصورہ جي حڪومت پاران، عضدالدولہ (283_338هہ) جي دربار ۾ مقرر هئا..... "و رايت رسولهم قدواني. الي ابنه ونحن بشيراز" (ص 285).

جنهن وقت ابن بطوطہ (734ھ) بکر پهتو هو تہ، ان وقت هن شمس الدين بن محمد شيرازيءَ سان ملاقات ڪئي هئي. هنن لاڳاپن کي ڏسي چئي سگهجي ٿو تہ عربن جي دور ۾ پڻ سنڌ ۽ ايران جا گهرا لاڳاپا قائم هئا.

(9) اگرچہ عرب جغرافيہ نويسن منصورہ ۾ فارسي زبان جي رواج جو ذڪر نہ ڪيو آهي، تاهم انهن مڪران ۽ ملتان جي باري ۾ لکيو آهي تہ اتي جا ماڻهو فارسي ڳالهائيندا هئا. بلڪ وڏيءَ حد تائين مڪران سرزمين سنڌ جو حصو هو ۽ ملتان بہ ان وقت منصورہ کان جدا ٿي چڪو هو. ليڪن جغرافيہ ۽ تاريخ جي خيال کان سنڌ جو هڪ حصو خيال ڪيو ويندو هو. اصطخري هند ۾ 534ھ ۾ پهتو سو لکي ٿو: "ولسان اهل مکران فارسي و مکراني" (ص 40). اهو بہ چيو وڃي ٿو تہ انهن جو لباس بہ ايراني هو. ڏسو: اصطخري (ص 177). ان ريت مقدسي (تاليف 375ھ) ملتان متعلق لکيو آهي. "............ و فارسية مفهومة" (ص 480).

اگر ملتان ۽ مڪران ۾ فارسي رائج هئي، ۽ ماڻهو هن زبان ۾ ڳالهہ ٻولهہ ڪندا هئا، تہ پوءِ هي ڪيئن ٿو چئي سگهجي تہ سنڌ فارسي زبان کان محروم هئي، جڏهن تہ منصورہ ۽ ديبل وڏا واپاري مرڪز هئا.

E.R.E:P. 223 (10)

(11) زين: ص 70, سنڌ ۽ ملتان جي اسماعيلين لاءِ وڌيڪ ڏسو سيد: ص 305_329, 341_355, ۽ فرشتہ: ج 1, ص 17 ۽ 27, ڪامل: ص 132. هن ڏسي ۾ عنصري چوي ٿو:

نہ قلعہ ماند کہ نکشاد و نہ سپہ کہ نزد
نہ قرمطي، کہ نکشت و نہ گبر نہ کافر (ديوان: ص 111).

(12) دقيقي:

شه بربرستان وشاهان هند
گرينش بدارند و شاهان سند (ديوان، ص 80)

فرخي:

(جڏهن هو محمود سان گڏ سفر ڪري رهيو هو)
شنيده ام کہ فرامر زرستم اند سند
بکشت مار و بدان فخر کردبيش تبار (ديوان، ص 53)

کز آن تو شود آنجا بجنگ یک چاکر (ص 73)
زنده پیلان کز در دریاي سند آورده اي
مال دیگر بگز رانـي ازلب دریائي نـیل (ص221)
رایت توسایہ افگنده است بر دریائي سند
کہ بود شاها کہ سایہ افگند بر کوه شام
سند و هند از بت پرستان کرد پاک
رفته زید سرتا بدریاي روان (ص، 263)

عنصري:

بسند و هند زعکس رخ هزیمنیان
مزارغوان را نتوان شناختن ز زید (ديوان، ص 37)
بسند و ناحیت هند شهر یار آن کرد
کجا بمردم خیبر نکرده بُد حیدر (ص 111)
هم اندرین مہ کاید حرب کرد و رفت بسند
بحرب کوره و تارا چوگیر کان کبر (ص 112)

قطران:

اگرچہ زاءِ تو این جا و گرچہ جاي تو ایدر
بتو ترسانند اندر سند و چین اطفال رامادر (ديوان، ص 174)

ناصر خسرو:

از پارسي و تازي و از هندي و از ترک
و ز سندي و رومي و ز عبري همہ یکسر (ديوان، ص 174)
پیغمبر عرب یکسر مشرف گشت و فراد
ز ترک و رومي وهندي و سندي گیلي و دیلم (ص 269)
بعلم هند سریر کشیدي
بسند و هند اطراف خراسان (ص 213)
بسند انداخت گاهم گهہ بمغرب
چنین هرگز ندید ستم فلاخت (ص 311)

مــن همــي نــازش بــال حيدر و زهرا کنم
تو همي نــازش ســنــد و هند بد گو هر کني

* * *

بنده اي را سند بخشي پيشکاري را طرازا
کهتــري را بــرزمــيــن خــاوران مهتر کنــي (ص 423)
بخواهــد خــورد مــر پروردگان خويش را گيتي
نخواهد رستن از چنگال او سندي و نــ هندي (ص 493)
چو فضل دين احمد را ز فضل خويش بفگندي
چو باشـــد فضل سوي او بر هنـــدي وسندي (ص 494)

مسعود سعد سلمان:

رايان هنـــد را هز بران سند را
در بيشها بيان و بکجا نثار کن (ديوان، ص 437)

عسجدي:

(جڏهن محمود سان سنڌ ۽ گجرات ۾ هو)
تا شاه خسروان سفر سومنات کرد
کردار خويش را علم معجزات کرد

(ديوان، ايڊٽ طاهري شهاب)

امير معزي:

بر زمين هند و سند از هيبت شمشير او
شير غرند نگردد يکزبان غـــائب ز غائب (ديوان، ص 66)
از نــاحــيه ســنــد کنو تــا بدر هند
بس کس کہ ازين رنج بدر دست و بيمار (ص 202)
خصم ملک از گريزي صد لشکر آورده بهم
از حــد کالنجر و قـــنـــوج و ســـند و مولتان (ص 520)

مختار غزنوي:

(جيڪو سرهنگ خطيبي ۽ مسعود سعد سلمان جي ملڻ لاءِ سنڌ ۾ آيو هو. مقدمہ: ص 95).

ترا بحاکمي سند تهنيت چہ کنم
کہ گشت از هنرت هنرور زمانہ سمر
همہ ممالک مشرق سپردهہ گير بتو
چو هند برتو نوشتند سند راچہ نظر (ديوان، ص 39).

(13) ناصريءَ ۾ لکيل آهي تہ: "چون ممالک سند بروي (ناصرالدين) قرار گرفت در حوادث کفار چين اکابر خراسان وغور وغزنين بسيار بخدمت او پيوستند و او درحق همگنان انعام و اکرام فرمود" (ج 1، ص 419).

(14) مملوڪيہ: ص 60 (بحوالہ فرشتہ).

(15) بزم: ص 93.

(16) لباب: ص 764، مملوڪيہ: ص 39، ميگزين، ص 93، نومبر 1938ع. هي عبارت گل رعنا (شفيق تان کنيل آهي. "فضلي ملتاني ملقب بتاج الفضلا از علماءَ ملتان بود در خدمت ناصرالدين قباچہ بسرمي برد".

(17) چچ نامہ، ص 11.

(18) ناصرالدين قباچہ جي مدح ۾ چيو اٿس:
خسروا ملک بر تو خرم باد
نخل گيتي ترا مسلم باد!

وڌيڪ ڏسو: چچ نامہ، ص 7.

(19) عوفي: جلد2، ص 418، ميگزين: ص 19 (نومبر 1938ع)، قانع: ص 27 (مقدمہ)

(20) عوفي: ص 24.

(21) بزم: ص 104 (بحوالہ فرشتہ).

(22) بزم: ص 102 (حوالو فوائد الفوائد، ص 137).

(23) بزم: 157.

(24) 9_1 P.P.S:P.P، مظهر: حاشيہ عثمان،لب: ص 8_6 "در دربار خان شهيد (683_668هہ) شعر و ادبيات فارسي رونق خاصي داشت اشعار فردوسي، سنائي، خاقاني و نظامي قرائت مي شد. و مورد بحث قرارمي گرفت". برني لکي ٿو: و در ميان او شاهہ نامہ و ديوان سنائي وديوان خاقاني و

خمسہ شيخ نظامي خوانندي و در اشعار بزرگان مزکور دانايان درپيش او بحث کردند... (ص 67). جنهن دور ۾ شيخ مرندي هن سرزمين تي رهيل هو خان شهيد بہ پيرا شيخ سعديءَ (691هہ) کي ملتان گهرائڻ جي ڪوشش ڪئي، پرشيخ پيريءَ سبب انڪار ڪري ڇڏيو. برني لکي ٿو.....شيخ عثمان مرندي کہ بزرگوار بود در ملتان رسيد..... خان شهيد..... او ابا فراط تواضع کرد.... وخان شهيد..... دو کرت از ملتان در طلب شيخ سعدي قاصد او عائد اکسان و خرج در شيراز فرستاد. شيخ را در ملتان طلب کرد. و خواست کہ بجهت او در ملتان خانقاه سازد و دران خانقاه ده ها وقف کند خواجہ سعدي از ضعف پيري نتوانست آمد وهر دو کرت يکان سفينہ غزل بخط خود، نزد خان فرستاد وعذر نيامدن خود در قلم آورد......(ص 68).

(25) عفيف: ص 246.

(26) عفيف: ص 406، ماهرو: مڪاتيب نمبر 1 (ص 2)، 8 (ص 19)، 46 (ص 100)، 99 (ص 186)، 134 (ص 229) ۽ مڪلي نامہ (حاشيہ)، ص 137_176.

(27) مڪلي: (حاشيہ) ص 87_107، ميگزين: فيبروري 1935ع، ص 140.

(28) ميگزين: فيبروري 1935ع، ص 142_156.

(29) ايوب: ص 262 ۽ 263، قلمي نسخو ذاتي ملڪيت ڊاڪٽر معين الحق ڪراچي.

(30) قلمي نسخو خانقاه مخدوم نوح هالا [طبع سنڌي ادبي بورڊ، 1401هہ].

(31) بزرگ: ص 3

(32) مڪلي: (حاشيہ) ص 41_72، معارف: ص 195، تک: ص 186.

(33) رحيمي: ج، 1 ص 273.

(34) رحيمي: ج1، ص 273، معصومي: ص 74_75.

(35) قانع: ص 816.

(36) معصومي: ص 76، 199، جيب ج 4، ص 349، هاشمي: راقم الحروف جو مقدمو رحيمي: جلد1، ص 275، تک: ج 3، ص 141.

(37) رحيمي: جلد1، ص 274، معصومي: ص 75. علامہ دوانيءَ کي محمود گاوان وزير بہ دعوت ڏني هئي تہ هو بيدر ۾ اچي رهي. ڏسو گاوان: مکتوب نمبر 41، ص 172.

(38) تک: ج 3، ص 191.

(39) تک: ص 192.

(40) مکلي: (حاشيہ) ص 550.

(41) حبيب: ج 4، ص 390 تا 494، ترخان: شجرو ايل، مکلي (مقدمو).

(42) فرشتہ: ج 2، ص 620، طاهري: ص 61.

(43) تک: ج 3، ص 193، قانع: راقم الحروف جو مقدمو پڻ ص 531، قصائد: راقم الحروف جو مقدمو سنڌي: مير قانع جي زندگيءَ جو خاڪو از راقم الحروف.

(44) تک: ج 3، ص 198.

(45) معصومي: ص 91-92-181، تک: ج 3، ص 300 ۽ پوراني.

(46) معصبومي: ص 44-46-47-52-112-215-225-239، تک: ج 3، ص 202.

(47) شيخ نظام الدين دهلوي مکي خانقاہ ۾ دفن ٿيو. قبر اج بہ موجود آهي.

(48) معصومي: ص 204.

(49) معصومي: ص 44، 204، 217 ۽ 239.

(50) معصومي: ص 204.

(51) تک: ج 3، ص 141.

(52) معصومي: ص 206.

(53) ڇاپو سنڌي ادبي بورڊ، ايڊٽ راقم الحروف.

(54) زيرطبع، ايڊٽ ۽ مقدمو راقم الحروف (هاڻي شايع ٿيل).

(55) نسخو قلمي بانڪي پور جو ڪتبخانو. ان جو عڪس مون وٽ آهي.

(56) مطبوعہ: نولڪشور لکنو 1880ع. ٻيو ڇاپو نولڪشور لکنو 1903ع، ٽيون ڇاپو: ماهنامہ اردو: اورنگ آباد جولاءِ 1928ع. ۽ راقم جو قلمي نسخو.

(57) ناياب.

(58) راقم جو قلمي نسخو.

(59) قانع: ص 862, معصومي (ص 180) لکيو آهي- "پل بر نهر مقابل قصبہ جون بستند و تاريخ مصالحہ و پل بستن را بادشاهہ (همايون) "صراط مستقيم" يافته اند". پڻ ڏسو بيگم: ص 63.

(60) RAY:P. 65, عباسي: ص 97.

(61) تک: ج 3, ص 199.

(62) قانع: ص 71.

(63) قانع: ص 465, تک: ج 3, ص 203.

(64) معصومي: ص 225 ۽ 239.

(65) عباسي: ص 116, اڪبر: ج 2, ص 237, (روملو: ص 422, اهو خط جيڪو شاه طهماسپ لکيو هو "عالم آراي عباسي (برٽش ميوزم Add: 7654 f. 173a) جي قلمي نسخي جي ڪناري تي هڪ غير معلوم شخص جي هٿ سان لکيل موجود آهي. راقم کي ان جو اطلاع ڊاڪٽر رياض الاسلام ڏنو جنهن لاءِ سندس شڪريو ادا ڪجي ٿو.

(66) تقي: ورق 483-486, روز: ص 679, نشتر: ورق 327, مخزن: ص 1401-1406.

(67) معاني: ص 523-524.

(68) زخمي: ورق 254, هنر: ص 377, آثار: ص 73.

(69) هنر: ص 359.

(70) سير: ص 169, معاني: ص 116 (حوالو عرفات).

(1) مرشد نامي شيخ گرامي احمد جامي عمر برهہ
سال وفاتش گر تو بجوي احمد جامي قدس سرهہ

(2) 536

(3) حررهہ محمد معصوم

(4) بکري نامي

(5) 1012

راقم الحروف 13 سيپٽمبر 1966ع تي هي ڪتبو ڏسڻ ۽ ان جو عڪس پاڻ ونڻ ويو. ڪتبو احمد جام تربت جي پٿرائين ڪٽهڙي جي مٿين ڪناري تي نصب ٿيل آهي.

(71) عباسي: 647_663, اڪبر ج 3, ص 825, بکري: خط جيڪو مير معصوم شاه عباس جي نالي ڪٽي ويو هو اهو جامع المرسلات ۽ فياض القوانين (برٽش ميوزم O.R.9617) ۾ موجوّد آهي. ۽ پڻ اڪبر: ج 3, ص 836.

(72) ترخان: ص 85, معاني: ص 293, 294, 325, 437, 453, 477, 555, 576, 598, 603, 605.

(73) تک: ج 3, ص 85_138, ترخان: ص 91, ماثر: ج 3, ص 346.

(74) ذخيره: ص 162.

(75) عباسي: ص 450.

(76) ذخيره: ص 286, ماثر: ج 3, ص 485, مڪلي (حاشيه), ص 267_276, تزڪ: ص 129.

(77) مڪلي (حاشيه) ص 277_280, تزڪ: ص 350_356, 359.

(78) قانع: ص 130_759.

(79) قانع: ص 300.

(80) راقم جو قلمي نسخو: ص 51.

(81) وصيت: مقدمو از راقم الحروف.

(82) مهراڻ: ص 145.

(83) قانع: ص 390 (حاشيه).

(84) قانع: ص 150.

(85) حزين: ص 732, قانع: ص 168, سفينه: ص 1_54, آزاد: ص 193.

(86) قانع: ص 766, روئداد: ص 384.

(87) محسن: ص 487.

(88) وصيت: ص 12.

(89) وصيت: ص 23

(90) مهراڻ: ص 180.

(91) نمبر 255 (مشهد مقدس جو ميوزم، ورق: 4/36X23=606).

(92) مهراڻ: ص 179، ڊاڪٽر برنس لکي ٿو تہ ٽالپور ايراني اثر هيٺ شيعا مذهب ۾ داخل ٿيا:

The Talpurs were originally Soonnees Like Balochees and Sindhians in general. But their connection with Persia has infected the Court with the heresies of that Kingdom, and with the exception of Murad Ali and Sobdar, who are Still attached to the orthodox doctrines, they have become Sheah's or follwers of Ali (p.81).

جڏهن محمد علي وڪيل، سلطان فتح علي شاه قاچار جي وڪيل سان گڏ، ايران مان سنڌ پهتو تہ ميرمائل مبارڪباد جي هڪ قطعي ۾ چيو:

بنازم کز ايران دگر در وطن
محمد علي ميرزا آمده
چو هنگام رفتن دعا خواه بود
خدا کرد با مدعا آمده
ز سلطان ايران گرفته وکيل
باقبال شاهان ما آمده
خوش آمد که خوشنودي طبع من
ز بشنيدن اين صدا آمده
دل من بشکرانهء اين نويد
بشارت ده مرحبا آمده
بحمدالله کاين مسلم پاک دين
سلامت بفضل خدا آمده
فبلغ دعاي الي من لنه
نويد حصول رجا آمده
فبلغ تساليم شوقي اليه
پيامم به پيک صبا آمده

ببزم شهان باروي سُرخرو
ز 'مائل' بحق ايـن دعـا آمـده

هڪ ٻيو قصيدو ميرزا محمد اسماعيل ايراني، شاهي وڪيل جي سنڌ اچڻ وقت مير مائل هن ريت چيو هو:

مژده اي دل کاين زمان از حضرت خاقان و شاه
مژده تشريف مرزاي بما خوش آمده
مرزايم سيد اسماعيل ذوالمجد و شرف
بارک الله خير مقدم مرحبا خوش آمده
خوش زسمت شاه ايران جانب شاهان سند
از صداقت آن وکيل باصفا خوش آمده
در قدوم پر نشاط آن نشاط افزاي دل
گفت از شادي دلم صبح و مسا خوش آمده
از صداقت شاد دل آمد ز ايران چون بسند
شاديءِ دوران بکارم اصدقا خوش آمده
سال تشريف شريفش زان مکان در ملک سند
چون زدل جستم بگفتا "ميرزا خوش آمده"
(1214هه)
باد دائم فضل حق بر مدعايش کام بخش
ازدل "مائل" بحق عرض دعا خوش آمده"!

مهراڻ، ص 179.

(93) مهراڻ: ص 156.

(94) موج: مقالو احسن ڪربلائي.

(95) هي تذڪرو ڊاڪٽر محمد باقر لاهور کان ڇپيو آهي (1966ع).

(96) بدايون: ص 18-25.

(97) مشهد مقدس ميوزم. شمارو 3.

(98) ديوان فرصت: ص 427، تهران، 1337 شمسي.

# ببليو گرافي


※ ادريسي: نزهة المشتاق، شريف ادريسي، تصحيح مقبول احمد، علي ڳڙه.

※ اصطخري: الممالڪ و المسالڪ، الاصخطري، ليڊن 1927ع.

※ اڪبر: اڪبر نامہ، جلد 3، ابوالفضل، ڪلڪتو 1877ع.

※ ايوب: شرح حال مخدوم جهانيان جهان گشت، محمد ايوب قادري، ڪراچي 1963ع.

※ آثار: مجلہ آثار ايران، تهران 1937ع.

※ آزاد: خزانہ عامرہ، غلام علي آزاد، نولڪشور لکنو 1900ع.

※ بدايون: بدايون 1857ع مين، سليمان بدايوني، ڪراچي 1960ع.

※ برني: تاريخ فيروز شاهي، ضياءَ الدين برني، ڪلڪتو 1892ع.

※ بزرگ: عجائب الهند، بزرگ بن شهريار، اسدي تهران.

※ بزم: بزم صوفيہ، صباح الدين عبدالرحمان اعظم ڳڙه 1949ع.

※ بطوطه: رحلہ، جلد 3، ابن بطوطه، مصر 1938ع.

※ بکري: مير معصوم بکري، اردو تاليف سيد حسام الدين راشدي (هي ڪتاب سنڌيءَ ۾ سال 1979ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ ڇپيو آهي).

※ بيگم: همايون نامه، گلبدن بيگم، بيورج، لنڊن 1903ع.

※ پوراني: سنڌ ۾ پوراني سادات، تاليف: سيد حسام الدين راشدي (اڻ ڇپيل).

※ تاريخ: تاريخ سيستان (بهار ايڊٽ)، 1314 شمسي تهران.

※ ترخان: ترخان نامه، سيد محمد ٺٽوي، ايڊٽ: سيد حسام الدين راشدي، سنڌي ادبي بورڊ 1965ع.

※ تزڪ: تزڪ جهانگيري، جهانگير بادشاه، نولڪشور لکنو.

※ تقي: خلاصة الاشعار، تقي ڪاشي، خطي مانچسٽر 312 نمبر.

※ تڪ: تحفة الڪرام، مير علي شير قانع، مطبع ناصري دهلي.

※ تيموريہ: بزم تيموريہ (اردو)، سيد صباح الدين عبدالرحمان، اعظم ڳڙه 1948ع.

※ جامع: جامع القوانين، قلمي نسخو برٽش ميوزم.

※ چچ نامه، فتح نامه (چچ نامه)، علي ڪوفي، ايڊٽ دائودپوٽو حيدرآباد دکن، 1939ع.

※ حبيب: حبيب السير، خواند مير، تهران 1333شمسي.

※ حزين: سوانح شيخ علي حزين، بيلفور 1830ع.

※ خرد: المسالڪ والممالڪ، ابن خردازبه، ليدن 1989ع.

※ خل: تاريخ ابن خلدون، جلد 3، مصري ڇاپو.

※ ذخيرة: ذخيرة الخوانين، فريد بکري، قلمي نسخو ملڪيت حسام الدين راشدي.

※ رحيمي: ماثر رحيمي، جلد 1، عبدالباقي نهاوندي، ڪلڪتو 1925ع.

※ رشيد: مقالو ڪرنل رشيد، اقبال رويو اپريل 1965ع، ڪراچي.

※ روز: روز روشن، مظفر حسين صبا، ڀوپال، 1297هه.

※ روملو: احسن التواريخ، حسن روملو تصحيح بڙودا، 1931ع.

※ روئداد: اداره معارف اسلاميه، جلد دوم 1936ع، لاهور 1938ع.

※ زخمي: انيس العاشقين، رتن سنگ زخمي، قلمي دانشگاه پنجاب.

※ زين: زين الاخبار گرديزي، برلن 1928ع.

※ سفينه: سفينه حزين، مقدمه از مهاراج ڪشن پرشاد، حيدرآباد دکن 1930ع.

※ سنڌي: تحفة الڪرام (سنڌي)، سنڌي ادبي بورڊ 1957ع.

※ سيد: عرب و هند کي تعلقات (اردو)، سيد سليمان ندوي، الله آباد 1930ع.

※ سير: سير ايران، اردو محمد حسين آزاد لاهور.

※ طاهري: تاريخ طاهري، طاهر محمد نسياني، سنڌي ادبي بورڊ 1964ع.

※ عباسي: عالم آرائي عباسي، تهران.

※ عزر: تاريخ عزر والسير، الثعالبي اسدي، 1963ع.

※ عظيم: ديوان عظيم، ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ خان 1962ع.

* عفيف: تاريخ فيروز شاهي، سراج عفيف، ايڊٽ ولايت حسين، 1890ع.
* عوفي: جوامع الحڪايات، عوفي، ايڊٽ ڊاڪٽر محمد معين، تهران 1335 شمسي.
* غازي: مرزا غازي بيگ اور اس ڪي بزم ادب، سيد حسام الدين راشدي، ڇاپي هيٺ (هي ڪتاب 1971ع ۾ انجمن ترقي اردو پاڪستان ڪراچي شايع ڪيو).
* فخري: تذڪره روضة السلاطين، فخري هروي (راشدي صاحب ايڊٽ ڪيو ۽ 1968ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ ڇاپيو).
* فرشتہ: تاريخ فرشتہ، جلد 2، هندو شاه فرشتہ، بمبئي 1833ع.
* فياض: فياض القوانين، شمارو O.R.9617 برٽش ميوزم.
* قانع: مقالات الشعرا، مير علي شير قانع، ايڊٽ: حسام الدين راشدي، 1957ع.
* قصائد: قصائد و مثنويات، مير علي شير قانع، ايڊٽ: حسام الدين راشدي 1964ع.
* قصص: مجمل التواريخ والقصص، بتصحيح بهار، تهران، 1308 شمسي.
* ڪامل: ڪامل، جلد 9، ابن اثير، ليڊن.
* گاوان: رياض الانشاءَ، محمود گاوان، مرتبہ شيخ چاند.
* لب: لب تاريخ سند، خداداد خان، امرتسر 1900ع، حيدرآباد سند 1959ع.
* لباب: لباب الالباب، عوفي، سعيد نفيسي، تهران 1334 شمسي.
* ماهرو: منشات ماهرو، شيخ عبدالرشيد، لاهور 1965ع.
* مائل: ديوان مائل، غلام علي ٺٽوي، سنڌي ادبي بورڊ.
* مآثر: مآثرالامراءَ، جلد ٽيون، مرزا اشرف علي، ڪلڪتو 1309هه.
* محسن: ديوان محسن ٺٽوي، سنڌي ادبي بورڊ 1963ع.
* مخزن: مخزن الغرائب، سنديلوي، قلمي، پنجاب يونيورسٽي.
* مسعودي: مروج الذهب، مسعودي، مصر 1948ع.

* مظهر: تاريخ مظهرشاهجهاني، ميرڪ يوسف، ايڊٽ: سيد حسام الدين راشدي.

* معارف: معارف الانوار ملا ذڪريا ٺٽوي، راقم جو قلمي نسخو.

* معاني: تذڪره ميخاني، عبدالنبي فخر زمان، گلچين معاني، تهران 1340 شمسي.

* معصومي: تاريخ سند، ايڊٽ ڊاڪٽر دائودپوٽه، بمبئي 1938ع.

* مق: احسن التقاسيم، المقدسي، ليڊن 1906ع.

* مڪلي: مڪلي نامه، مير علي شير قانع، بتصحيح: سيد حسام الدين راشدي (هي ڪتاب 1967ع ۾ ڇپيو آهي).

* مملوڪيه: بزم مملوڪيه، سيد صباح الدين عبدالرحمان، اعظم ڳڙهه 1954ع.

* موج: مهراڻ جون موجون، تاليف حسام الدين راشدي، ڪراچي.

* مهر: تاريخ ڪلهوڙا، جلد 1، اردو غلام رسول مهر 1958ع.

* مهراڻ: شرح حال مير مائل ٺٽوي، مقالو حسام الدين راشدي، رسالو مهراڻ، بهار 1955ع.

* ميگزين: اورينٽل ڪاليج، شمارو فيبروري 1935ع.

* ميگزين: اريئنٽل ڪاليج، شمارو نمبر 1938ع.

* ميگزين: اورينٽل ڪاليج، شمارو فيبروري 1939ع.

* ناصري: طبقات ناصري، استاد حبيبي، ڪابل 1342هه.

* ندوي: هندوستان عربون کي نظر مين، معين الدين ندوي، اعظم ڳڙهه 1962ع.

* نشتر: نشتر عشق، قلمي پنجاب يونيورسٽي.

* هاشمي: مثنوي مظهرالآثار شاهه جهانگير هاشمي، سيد حسام الدين راشدي، 1957ع.

* وصيت: منشورالوصيت، ميان نورمحمد ڪلهوڙو، ايڊٽ: سيد حسام الدين راشدي، سنڌي ادبي بورڊ 1964ع.

* هنر: گنجينه آثار اصفهان، ڊاڪٽر هنرفر، تهران 1344ش.

⁂ E.I: Encyclopedia of Islam, V_II

⁂ E.R.E: Encyclopaedia of Religion and Ethics, V_III, 1953.

⁂ J.B: Foreign influence on ancient India, R.A. Jairaz Bhoy N.Y. 1963.

⁂ Khan: Indus Valley and Early Iran, Dr. F.A. Khan, Karachi, 1964.

⁂ P.P.S: Persian Poets of Sind, Dr. Sadarangani, Sindhi Adabi Board, 1956.

⁂ RAY: Humayun in Persia, Sukamar Ray, R.A.S. of Bengal, Caluctta 1948 (Monographic Series volume vi).

⁂ Smith: the Early History of India, V.A Smith, Oxford, 1962.

# مير علي شير "قانع" ٺٽوي

[مير علي شير قانع جي سوانح ۽ تصنيف و تاليف- راشدي صاحب مرحوم جي مستقل اڀياس هيٺ رهيا. پاڻ مير صاحب جي مفصل سوانح عمري کان علاوه سندس چار ڪتاب پڻ ايڊٽ ڪيائون. هي مختصر مضمون پڻ ان سلسلي جي هڪ ڪڙي آهي، جو سه ماهي "الرحيم" حيدرآباد جي 3-1967/4ع واري پرچي ۾ شايع ٿيو]

هن بزرگ مؤرخ جو پورو نالو غلام علي شير آهي ۽ سندس نسب جو سلسلو قاضي سيد شڪرالله تائين پهچي ٿو جيڪو شاه بيگ ارغون جي دور ۾ (927-928هه) شيراز کان سنڌ ۾ آيو ۽ سندس نسبي سلسلو هن طرح آهي:

غلام علي شير بن مير عزت الله (وفات 1161هه) بن مير محمد ڪاظم بن مير محمد مقيم بن مير ظهير الدين دوم (وفات 1037هه) بن سيد شڪر الله دوم بن مير ظهيرالدين (اول) بن قاضي سيد شڪر الله (اول) نزيل سنڌ (وفات 966هه کان اڳ).

مير غلام علي شير "قانع" جي ولادت 1140هه ۾ ٿي ۽ "خلق انسانا من السلالة" مان سندس تاريخ ولادت نڪري ٿي.

مير علي شير ٺٽي ۾ پنهنجي وقت جي جيد عالمن کان تعليم پرائي. مقالات ۾ انهن بزرگ استادن مان هيٺيان نالا ٻڌايا اٿس: ميان نعمت الله، ميان محمد صادق، آخوند محمد شفيع ٺٽوي، آخوند ابوالحسن "بي تڪلف" ٺٽوي ۽ مرزا محمد جعفر شيرازي.

قانع کي شاگرديءَ جي دور کان ئي شعر و سخن سان چاهه هو. ٻارهن سالن جي ڄمار ۾ سال 1152هه ۾ شعر چوڻ شروع ڪيائين ۽ انن هزارن بيتن جي مجموعي جو هڪ ديوان مرتب ڪيائين، جو ڪن سببن ڪري ان کي درياءَ جو ٻک ڪري ڇڏيائين.

سال 1155هه ڌاري وري ڪيس شاعري لاءِ جوش جاڳيو. مير حيدرالدين ابو تراب ڪامل جي ڏيک ويک ڪيس جوش جاڳايو ۽ شاعريءَ ۾ هن استاد جي شاگردي قبول ڪيائين. شروع ۾ "مظهري" تخلص سڏائيندو هو پر پوءِ "قانع" کي پسند ڪيائين ۽ آخر عمر تائين انهيءَ تخلص سان مشهور رهيو.

هي خاندان مختلف دورن ۾ هميشه عزت ۽ احترام سان رهيو آهي ۽ هتي جي هر حڪومت هن خاندن جي افراد کي مجموعي طور يا ڪن خاص فردن کي خاص وظيفن ۽ انعامن سان نوازيندي آئي. هن لاءِ ڪي سندون يا شاهي فرمان جيڪي مون وٽ موجود آهن, انهن مان مٿين ڳالهه تي پوري روشني پئي ٿي.

سنڌ جي والي ميان غلام شاهه ڪلهوڙي جي دور (1170_1186هه) ۾ قانع کي هن خاندن جي تاريخ لکڻ تي رکيو ويو هو. هن بادشاهي فرمان پٺاندر ٻه تاريخون لکيون, جن مان هڪ نظم ۾ شاهنامه جي وزن تي ۽ ٻي نثر ۾ لکڻ شروع ڪئي, پر اهو معلوم نه ٿي سگهيو آهي ته هو ڪهڙن سببن ڪري انهن تاريخن جي تڪميل نه ڪري سگهيو. گهڻو ڪري هڪ ٻن سالن کان پوءِ نوڪريءَ کي ڇڏي واپس ٺٽي آيو. جو ته سن 1180هه ۾ اسين ڪيس ٺٽي ۾ "تحفة الڪرام" جي لکڻ ۾ سرگرم ڏسون ٿا.

سندس حالات مان (جن کي ان پاڻ لکيو آهي) پتو پوي ٿو ته "قانع" پنهنجي سڄي ڄمار ۾ سورت, ڪڇ, احمد آباد ۽ جهونا ڳڙهه جي سفر کان سواءِ ٻيو ڪيڏانهن به نه ويو آهي ۽ سڄي ڄمار ٺٽي ۾ گذاريائين ۽ تصنيف و تاليف ۾ مشغول رهيو. ٻارهن سالن جي عمر کان (1152هه) وفات جي سال 1203هه تائين, سندس قلم لکڻ کان نه بيٺو ۽ انهيءَ ڊگهي مدت ۾ سنڌ لاءِ علم ۽ ادب جو هڪ لافاني خزانو ورثي ۾ ڇڏي ويو جي هاڻي اسان وٽ اهو املهه وٿ نه هجي ها ته هوند اسين ملڪي ۽ سياسي تاريخ جي هڪ وڏي ڀاڱي کان هٿ ڌوئي ويهون ها ۽ ڪيترن مشهور هستين ۽ فارسي جي نثر و نظم جي عالمن کي نه سڃاڻون ها.

مير قانع اڪيچار ڪتاب لکيا آهن, جن مان گهڻن جي ته اسان کي سڌ نه رهي آهي ۽ اهي شهه پارا گردش زماني ڪري اسان کان کسجي ويا

آهن. پر مقالات الشعرا ۾ ڪتب خاني ٺٽي جي فهرست ۾ ٻين ذريعن مان يا جن ڪتابن کي اسان ڏٺو آهي، ان مان پتو پئي ٿو تہ انهن تاليفن جو تعداد 43 تي پهچي ٿو. ان کان سواءِ سندس ڪي تاليفون نامڪمل ۽ اڻ پوريون رهجي ويون، هو پاڻ لکي ٿو:

"گهڻا مسوده جتي هئا اتي ئي رهجي ويا."

سن 1152هہ ۾ اٺ هزار بيتن جي ديوان کي پنهنجي هٿن سان درياءَ ۾ لوڙهي ڇڏيائين. سن 1174هہ ۾ جڏهن "مقالات الشعرا" لکي رهيو هو تہ پاڻ ئي چئي ٿو تہ جي پنهنجي اشعارن کي گڏ ڪيان ها تہ اهي ٽيهہ هزار ٿي وڃن ها.

مطلب تہ اهو پورو پتو نہ پئجي سگهيو آهي تہ ان جي مسودن مان ڪيترا تڪميل تي پهتا ۽ ڪيترا نہ پهتا يا انهن مان ڪيترا ضايع ٿي ويا. هيستائين اسان کي سندس تاليفات مان هيٺيان ڪتاب معلوم ٿي سگهيا آهن:

1. ديوان علي شير، سال تاليف 1152هہ. درياهہ ۾ ٻوڙي ڇڏيائين.

2. مثنوي شمه از قدرت حق (سال تاليف 1167هہ). اهو ڪتاب بہ رڳو نالي وجي رهيو آهي، هن جو نسخو ڪٿي بہ ڏسڻ ۾ نہ ٿو اچي. هن مان نموني طور ڪي بيت "مقالات" ۾ آيل آهن.

3. مثنوي قضا و قدر (سال تاليف 1167هہ). هن ڪتاب کي آقا رضا نگهت شيرزايءَ جي چوڻ تي لکيو هئائين. هن جو هڪ خطي نسخو سنڌي ادبي بورڊ جي لائبرري ۾ موجود آهي.

4. نو آئين خيالات (1169هہ). اهو تاريخي نالو آهي ۽ ان مان سن تاليف نڪري اچي ٿو. هي ڪتاب نثر ۾ هو. هي ڪتاب بہ ناپيد آهي. هن جا ڪجهہ جملا "مقالات" ۾ آيل آهن.

5. مثنوي قصہ ڪاموپ (1169هہ). هي ٽن هزارن بيتن تي مشتمل مثنوي هئي، هن جو نسخو بہ موجود نہ آهي. نموني طور ڪجهہ شعر "مقالات" ۾ آيل آهن.

6. ديوان ٿال غم (1171هہ). هن ۾ نو هزار بيت. غزل، قصيدهہ، مخمس، ترجيع وغيرهہ تي پهچن ٿا. هي ڪتاب بہ ناپيد آهي.

7. ساقي نامه (1174هہ). غير موجود. مقالات ۾ هن جا ڪجهہ اقتباسات آيل آهن.

8. واقعات حضرت شاهہ. هڪ هزار بيتن تي مشتمل. هي بہ ناپيد آهي.

9. چهار منزلہ (1174هہ). هڪ هزار بيتن جو مجموعو. هن جو ڪو بہ نسخو نہ ٿو ملي.

10. تزويج نامه حسن و عشق (1174هہ) نثر ۾. هي بہ اڻ لڀ آهي.

11. اشعار متفرقه در صنايع و تاريخ (1174هہ). هن جو ڪو نسخو باقي نہ رهيو آهي. هن ۾ هڪ هزار بيت هئا ۽ "مقالات" ۾ هن جو بيان آيو آهي.

12. بوستان بهار: معروف مڪلي نامه (1174هہ). نظم ۽ نثر ۾. هن جي تاليف جو سال "بوستان بهار تازهہ دل" مان نڪري ٿو. هڪ ننڍڙو رسالو آهي، جو مڪليءَ جي قبرستان بابت آهي. هن جو قلمي نسخو ادبي بورڊ جي لائبريريءَ ۾ محفوظ آهي. جنهن کي راقم الحروف حواشي سان، سنڌي رسالي "مهراڻ" 1956ع جي، 2-4 شماري ۾ شايع ڪيو آهي.

13. مقالات الشعراءَ. 1174هہ.

14. تاريخ عباسيہ. هي نامڪمل رهجي ويو.

15. تاريخ عباسيہ. 1175هہ. نثر. نظم ۾ (1175هہ) نامڪمل.

16. تحفة الڪرام ٽن جلدن ۾. مشهور ڪتاب آهي. جنهن جو سنڌي ۽ اردو ۾ ترجمو پڻ شايع ٿي چڪو آهي.

17. مثنوي اعلان غم (1192هہ). هي مثنوي نظر مان نہ گذري آهي. معلوم ٿئي ٿو تہ اهل بيت جي مصيبتن بابت لکي وئي آهي.

18. زبدة المناقب (1192هہ).

19. مختار نامه (1194هہ).

20. نصاب البلغاءَ. هي ڪتاب ڏاڍو ڪارائتو آهي، جو انساني زندگي جي مصلحات تي مشتمل آهي. هن کي قاموس سڏي سگهجي ٿو.

21. مثنوي ختم السلوڪ (1199هہ). ختم السلوڪ مان هن جي تاليف جو سال نڪري ٿو. تصوف جي رمزن ۽ نڪتن تي مشتمل آهي، هن ۾ هڪ مقدمو 21 مقالا ۽ هڪ خاتمو آهي.

22. طومار سلاسل گزيدهہ (1202هہ). سنڌ ۾ صوفين جي طريقت جي سلسلن جي هڪ تاريخ آهي. هن جو مصنف جي خط سان هڪ نسخو سنڌي ادبي بورڊ جي لائبريريءَ ۾ موجود آهي.

23. شجره اطهر اهل بيت (1202هه). هن جي نالي مان سن تاليف نڪري ٿو.

24. معيار سالڪان طريقت (1202هه). مير قانع "تحفة الڪرام" ۾ مشاهيرن جي سال ولادت يا وفات جو ذڪر نه ڪيو آهي، ان ڪري ان مان انهن جي دور جو تعين ڏاڍو ڏکيو آهي. هن ڪتاب ۾ ان نقصان جي تلافي ڪئي وئي آهي. اٽڪل روءِ هڪ هزار مشاهيرن جو احوال وفات جي سن سميت هن ۾ آندو ويو آهي.

25. روضة الانبياء: منظوم.

26. زينت الاخلاق. منظوم.

27. غوثيه. منظوم سلوڪ ۽ معرفت ۾.

28. مثنوي قصاب نامه.

29. ميزان الافڪار. منظوم

30. تهذيب طباع.

31. سرفراز نامه.

32. حديقته غلبا. مجموعه اشعار فارسي.

33. مثنوي ڪان جواهر.

34. ميزان فارسي.

35. رساله معما مع شرح. نظم و نثر.

36. لب تاريخ ڪلهوڙه.

37. بياض محڪ الشعراءَ.

38. ديوان اشعار.

39. قصائد و منقبت.

40. انشاءَ قانع.

41. مثنوي محبت نامه.

مير علي شير، نقشبندي طريقت جو طالب ۽ شيخ عبدالاحد جو ريد هو. هن خاندان جا ٻيا افراد به نقشبندي سلسلي جا مريد هئا. هن 63 سالن جي عمر ۾ سن 1203هه ۾ وفات ڪئي ۽ پڇاڙي تائين تصنيف ۽ اليف ۾ مشغول رهيو.

# قاهره ميوزيم ۾ چند گهڙيون *

[ هي مضمون تہ ماهي "الزبير" ڪتبخانہ نمبر، جلد 11، سال 1967ع ۾ شايع ٿيو. سنڌي ترجمو "سنڌي ادب" (سنڌالاجي) ۾ سال 1995ع ۾ ڇپيو]

مان ڪجھ ڏينهن اڳ بہ قاهره جي هن عظيم الشان عجائب گهر کي ڏسي چڪو هوس پر تڏهن مون سان پاڪستان جو صحافتي وفد بہ گڏ هو. اِها قوم (صحافين جي) تہ ڄاتل سڃاتل آهي. هي لکن تہ رات ڏينهن پيا پر ڪتاب جنهن شيءِ جو نالو آهي سو نہ ڪڏهن پڙهن ۽ نہ ئي شايد هو ان لذت کان آشنا آهن. سو جڏهن اسان پندرهن ويهہ ماڻهو انهن ڪمرن ۾ پهتاسون تہ هُل مچي ويو. چڱيءَ طرح ڏسڻ ۽ ان ۾ دلچسپي وٺڻ تہ پري جي ڳالهہ هئي پر رڳو ڪتابن جي ميناڪاري ۽ ڪتابن تي سون ۽ چانديءَ جي جڙاوت جو ڪم ڏسي سنڌن وات ڦاٽي ٿي ويو. هيءَ ڏنائون، هو ڏنائون، هيڏانهن پِيا، هوڏانهن پِيا. مطلب تہ ڪلاڪ ڏيڍ ائين ئي وڃائي واپس ٿياسون. انهن مان ڪن غيري معمولي دلچسپي ڏيکارڻ ۽ پنهنجو شغف ڏيکارڻ لاءِ پاڻ سان ڪاغذ ۽ پينسل بہ ڪنئي تہ جيئن ڪجھ نوٽ ڪن ۽ انهن (ڪتابن) جي تاريخي اهميت لکن. ليڪن جڏهن ڪتابن جا نالا ۽ انهن جي هجي ڏنائون تہ غالباً نوٽ ڪرڻ جو خيال لاهي ڇڏيائون ۽ پوءِ ڪنهن ڪجھ نہ لکيو.

مان ڪجھ ڏينهن کان پوءِ اڪيلو ويس تہ جيئن هڪ دفعو چڱيءَ طرح ان املهہ ذخيري کي ڏسي وٺان. سو دروازي تي رکيل ڪتاب ۾ پنهنجو نالو پتو لکيم. ڊاڪٽر اُڪري پهرين تہ وڃي دارالڪتب جا ڇپيل ڪتاب خريد ڪيم. ان کان پوءِ سانءِ سنيءَ سان ميوزم ۾ پهچي هڪ هڪ ڪتاب ڏسڻ شروع ڪيم. شيشي جا ڪيترا ئي ڪٻٽ سليقي سان رکيل هئا. پٽين تي خطاطي جا نمونا ۽ وصليون ٽنگيل هيون. تصويرون پڻ پٽين ۾ ٽنگيل هيون.

---

ترجمو: محمد صديق منگيو.

منهنجي اڳيان سوين نوادرات ڪليل رکيا هئا. ڪن ڪتابن تان نوٽ ورتم. پهرين تہ چڱيءَ طرح غور سان ڏسڻ شروع ڪيم ليڪن جڏهن ڏٺم تہ شايد وقت گذري وڃي ۽ مان هڪ بہ ڪمرو نہ ڏسي سگهان. ان ڪري مون سرسري جائزو وٺڻ شروع ڪيو ۽ گڏوگڏ خاص خاص ڪتابن جي فهرست بہ مرتب ڪندو ويس. ان مٿاڇري مطالعي ۾ بہ مون کي پنج ڪلاڪ لڳا ۽ جڏهن هيٺ لٿس تہ ان وقت شام ٿي چڪي هئي، ڪتب خانو بند ٿي ويو ۽ ڪلرڪ ڪڙا ۽ آفيسر پنهنجو پنهنجو ڪم ڪلائي ٽڪل ٽٽل هيٺ اچي رهيا هئا.

ان وقت مون جيڪا فهرست مرتب ڪئي هئي اها هتي پيش ڪري رهيو آهيان تہ، جيئن پڙهڻ وارن کي بہ هن عجائب گهر جي نوادرات جو ٿورو گهڻو اندازو ٿئي.

**صحيفا:**

1. بخط ابي سعيد الحسن البصري (ڪتابت سن 77هہ).
2. فوٽو گراف ڪاپي مصحف سيدنا عثمان رضہ.
(هي ننڍي تختيءَ جي حمائل جا بہ صفحا هئا).
3. بخط احمد بن الاسڪاف الوراق. (ڪتابت رمضان سن 360هہ).
4. بخط امام جعفر صادق (المتوفي 148 هہ).
5. بخط علاؤالدين محمد الحسيني (ڪتابت سن 1140هہ).
6. بخط قاري، فارسي نسخو (ڪتابت سن 1267هہ).
7. بخط محمد بن محمد بن جعفر فارسي نسخو (ڪتابت سن 1222هہ) سلطان فتح علي شاه قاچار جي فرمائش تي لکيو ويو.

ڪي ڪلام مجيد مطلاء، مذهب ڪلان ۽ خورد تقطيع، جا نهايت خوشخط وڏي ڪمري ۾ رکيل آهن جن جي ڪتابت جا سال هن ريت آهن.

704هہ_ 841هہ_ 885هہ_ هڪ ڪلام پاڪ ارغون شاهہ جي ملڪيت جو جيڪو انتهائي ڏسڻ وٽان هو رکيل هو. ارغون شاهہ جي وفات سن 750هہ ۾ ٿي. ڪن جي ڪتابت هيٺ ڏنل سالن ۾ ٿي هئي:

713هہ _ 873هہ _ 560هہ _ 912هہ _ 944هہ _ 957هہ _ 969هہ _ 845هہ_876هہ. لاهور جي هڪ مشهور خطاط حافظ روح الله جا لکيل بہ ٿي

ڪلام مجيد بہ موجود هئا. ڪن جي تختي وڏي سائيز ۾ ۽ هڪ جهڙي هئي. حافظ جو پورو نالو هن طرح لکيل هو. حافظ روح الله بن حافظ محمد حسين لاهوري.

ڪن جو خَطُ ٿلهو ۽ ڪن جو سنهو ليڪن ايڏو دل کي وڻندڙ ۽ ڏسڻ وٽان هو جو ڏسڻ سان اکيون روشن ٿيون ٿي. ڪتابت جا سال هن ريت هئا 1107هہ_ 1109هہ_ 1108هہ.

هڪ ڪلام مجيد بخط قطب الدين 1197 هہ بہ ان ئي ڪٻٽ ۾ رکيل هو جنهن ۾ حافظ روح الله جا ڪتابت ٿيل ڪلام مجيد رکيل آهن.

هي سڀ ڪلام مجيد مختلف سائيزن ۾ مختلف قسمن جي ڪاغذن تي لکيل هئا. خَطَ جي سونهن، طلاڪاري ۽ چٽ سازي جي تعريف ڪرڻ لاءِ لفظ ڪٿان آڻيان. بس اهو ڏسڻ سان ئي تعلق رکي ٿو.

ترڪيءَ جي سلطانن جي ڪتب خانن يا سندن خاص مطالعي جا ڪلام مجيد بہ وڏي تعداد ۾ رکيل آهن، جن مان ڪن جا نالا هن طرح آهن:

(1) مصحف بخط ياقوت 690هہ.

(2) مصحف بخط ياقوت 689هہ.

(3) مصحف بخط ياقوت (سَن لکيل نہ آهي).

(4) مصحف بخط ياقوت الياس محمد الياس 720هہ.

(5) مصحف بخط ياقوت عبدالرحمـن بن ابي الفتح فرغ 599 هہ (سلطان سليم لاءِ لکيو ويو).

(6) مصحف بخط ياقوت، فارسي نسخو ڪاتب محمد بن احمد التبريزي 988هہ.

(7) سوره الفتح، فارسي نسخو بقلم شاه محمود النيشاپوري 965هہ.

(8) مصحف بهاءُ الدين محمد بن ابي الفضل لاهجاني 1097هہ.

## عربي ڪتاب:

اُن وڏي ڪمري ۾ جنهن ۾ ڪلام مجيد رکيل آهن، ڪي ڪٻٽ اهڙا بہ آهن جن ۾ عربي زبان جا اهڙا ڪتاب رکيل آهن جيڪي يا تہ مصنف جي پنهنجي خط ۾ آهن يا ڪنهن باڪمال ڪاتب يا مصنف جي ڪنهن همعصر جا ڪتابت ٿيل آهن. هر صديءَ لاءِ جدا جدا ڪَٻٽ

مخصوص ڪيو ويو آهي. ان ترتيب مان اهو بہ اندازو ٿئي ٿو تہ خط ۾ ڪتابت جي فن ڪهڙيءَ طرح ارتقائي منزلون طئہ ڪيون آهن. ڪن ڪتابن جي فهرست پيش ڪريان ٿو جنهن مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو.

1ـ المجالتہ وجواهر العلمہ ـ شيخ ابي بڪر احمد بن مروان الدينوري بخط علي بن محمد المعروف بسخاوي بتاريخ 636هہ.

2ـ تاريخ بغداد و الخطيب ـ بخط عبدالقادر بن ابي صالح الجبلي بتاريخ 531هہ.

3ـ مقامات حريري ـ ابي محمد القاسم الحريري البصري بخط مصنف بتاريخ 504هہ.

4ـ مختارات اشعار العرب ـ لابن الشجري المتوفي 542 هہ. بخط مصنف.

5ـ مختصر المسند الجامع الصحيح للامام مسلم. ڪتابت 647هہ.

6ـ التحرير في شرح الجامع الڪبير الجز السابع ـ جمال الدين محمود بن احمد بن عبدالسيد الحصيري البخاري. المتوفي 636 هہ. بخط مصنف بتاريخ 616 هہ.

7ـ الجامع البهي لدعوات النبي ﷺ ـ شيخ ابي الڪريم عبدالسلام بن احمد الاندر سباني. بخط مصنف. بسال 564هہ.

8ـ المختصر المحتاج اليہ من تاريخ بغداد ـ الذهبي المتوفي 748هہ. بخط مصنف 704هہ.

9ـ مصباح المجتهد و ڪفاية المنفرد ـ محمد بن الحسين التنوفي. بخط مصنف. سال 569 هہ.

10ـ شرح الڪافيہ ابن الحاجب ـ تاليف رضي الدين محمد بن الحسن الاسترآبادي المتوفي 686 هہ. بخط عماد الدين يحيٰي ابن القاسم الصنعائي شارح الڪشاف. سال 732 هہ.

11ـ نسيم الرياض في شرح شفاء القاضي عياض ـ شهاب الدين احمد بن محمد الخفاجي المصري. المتوفي 1069هہ. بخط مصنف سال 1058هہ.

12ـ طبقات الڪبري لابن السبڪي ـ بخط مصنف.

13ـ المواهب اللدنيہ بالمنح المحمديہ ـ شهاب الدين ابي (العباس احمد بن محمد القسطلاني. المتوفي 923 هہ. بخط مصنف. سال 904هہ.

14ـ المنن والاطلاق في بيان وجوب الحدث بنعمة الله علي الا طلاق شيخ عبدالوهاب بن احمد بن علي المعروف بالشعراني، المتوفي 973هہ. بخط مصنف سال 960هہ.

15ـ الالقاب، لابن حجر عسقلاني، المتوفي 802هہ. بخط مصنف.

16ـ طالع انوار من مطالع الانظار للبيضاوي، المتوفي 685 هہ. بخط ابي عبدالله محمد المعروف بابن جماعت، سال 809 هہ.

17ـ مغفراللبيب عن كتب الاعاريب ـ جمال الدين عبدالله بن هشام الانصاري، المتوفي 761. بخط حافظ ابن هشام، شهاب الدين احمد بن عبدالرحمن بن عبدالله، سال 835 هہ.

18ـ مشكل القرآن ـ ابي محمد عبدالله بن مسلم المعروف بابن قتيبہ الدينوري، المتوفي 376هہ. بخط محمد بن احمد بن يحيٰ، كتابت 376هہ.

19ـ درالحكم الاثعالبي نيشابوري، المتوفي 429هہ. بخط ياقوت مستعصمي كتابت 681 هہ.

20ـ كتاب الاغاني الجزء الرابع ـ ابوالفراح الاصفهاني، المتوفي 356هہ. بخط محمد ابي طالب البدري كتبہ 614 هہ.

21ـ المدونة الكبري ـ مالك بن انس رضہ. المتوفي 179. ٻن صفحن جا فوٽو گراف رکيل آهن، اهي ان نسخي تان ورتا ويا آهن جيڪو مراڪش جي سلطان جي ملڪيت هو ۽ جنهن جي ڪتابت 438هہ ۾ ٿي هئي. هي ان ڪتاب جو سڀ کان قديم نسخو آهي.

22ـ الجامع الصحيح للامام بخاري، المتوفي 256. بخط بن احمد بن عبدالله القزويني، ڪتابت 731هہ.

23ـ الجامع الصحيح للامام بخاري، المتوفي 256هہ. هن نسخي جي حاشين تي سال 424هہ جا نوٽ آهن، جنهن مان معلوم ٿئي ٿو تہ هن جي ڪتابت ان کان بہ اڳ ٿي هئي.

### فارسي ادب:

فارسي ادب ۽ زبان جا بہ گهڻا اڻ لڀ مخطوطا ڪتبن جي سونهن بڻيل آهن. نقش و نگاري، طلاڪاري ۽ خط جي گلڪاري پري کان ڏسڻ وارن کي پاڻ ڏانهن ڇڪي ٿي. هڪ خاص ڪمرو انهن شين لاءِ

مخصوص آهي جنهن ۾ 10-12 ڪپڙ مخطوطن سان پريل آهن. پٽين تي مختلف خطاطن جون وصليون ۽ مصوري جا نمونا ٽنگيل آهن. شاهنامہ، خمسہ نظامي، جامي، حافظ ۽ مثنوي مولانا روم جا بيشمار نسخا ۽ مطلا نسخا رکيل آهن. ڪن نسخن جي فهرست هن ريت آهن. هي سڀ نسخا هر لحاظ کان نادر روزگار هئا. اکيون ڪيريون ٿي ويون ٿي.

1- ديوان حافظ، مصور مُذهب، منقش 973هہ ۽ 1091هہ.

2- خمسہ نظاميءَ جا مصور نسخا يارهين صدي ۽ ان کان اڳ جي صدين جا.

3- ديوان قاسم الانوار

4- ديوان جامي.

5- جواهر التفسير التحفة الامير ملاڪاشفي.

6- بوستان سعدي- بخط مير علي الحسين الڪاتب السلطاني.

7- ديوان محمد اصفهاني 1241 هہ.

8- انتخاب شعرا فارسي، پٽ ۾ لڳل ڪپڙ ۾ رکيل هو. بيحد سهڻو ۽ منقش. هي هندوستان ۾ لکيو ويو آهي. هڪ صفحي تي هڪ تصوير آهي جنهن ۾ چند مشهور شاعر هڪ ٻئي کي شعر سخن ٻڌائي رهيا آهن. ان مرقع ۾ هي شاعر آهن: جامي، متين، سيد، نويد نظمي حيا، ملا عطا الله هما، موئد. جامي سفيد ريش، خوبصورت ۽ وجيهہ آهي. ان طرح هر شاعر کي حسين ۽ جميل بنايو ويو آهي. جامي کان سواءِ سڀ شاعر جوان آهن ۽ مڙني جي مُنهن تي ڏاڙهيون آهن ۽ مَٿن تي پٽڪا. هي نسخو 921هہ ۾ لکيو ويو آهي. ٻئي صفحي تي سيد ۽ شائق جا هم وزن ۽ هم قافيہ غزل آهن. غالباً سموري ڪتاب ۾ چونڊ جو طريقو اهو ئي هوندو. سيد جي غزل جو مطلع هيءُ آهي:

هر آنڪس خانہ از بهربودن مختصر گيرد.
چو زنبور عسل او شهد راحت ڪام برگيرد.

مقطع:

مهاراجہ چو خورشيد جهان تابست اي سيد.
چہ ڪم گردد ازوگر ذرهہ را از خاڪ برگيرد.

شائق جي غزل جو مطلع هيءُ آهي:

عطا ڪن نالئہ يا رب ڪہ رنگ از اثر گيرد،
و گر دست دعائي دهہ ڪہ دامان سحر گيرد.

9ـ بوستان سعدي المتوفي 691هہ بخط سلطان علي الڪاتب سال 893، هن نسخي جون تصويرون بهزاد جي قلم جي نوڪ مان نڪتل آهن.

10ـ سلسلة الذهب جامي المتوفي 898، ڪتابت 958هہ.

11ـ ديوان عرفي المتوفي 998، ڪتابت 1073هہ.

12ـ ديوان خسرو دهلوي المتوفي 720هہ بخط منعم الدين الاوحدي الحسيني سن 921هہ.

13ـ ڪليات سعدي المتوفي 691هہ. گڏ ڪيل علي بن احمد بن ابي بڪر المتوفي 726 هہ. ڪتابت 949هہ.

14ـ تحفة الاحرار جامي، بخط علي سن 911هہ.

15ـ المواهب العلية حسين واعظ ڪاشفي المتوفي 906 هہ، بخط علي بن محمود الڪرماني 904 هہ.

16ـ تحفة الاحرار جامي، ڪتابت 989.

17ـ هفت اورنگ جامي، ڪتابت تورڪ باقر سن 978.

18ـ خمسه نظامي المتوفي 596، ڪتابت 983.

19ـ خمسه خسرو دهلوي، ڪتابت 1102 هہ.

20ـ ديوان حافظ، المتوفي 792هہ، بخط علاؤالدين لذهہ، ڪتابت 976هہ، مصور.

21ـ ديوان گلشني، شيخ ابراهيم بن محمد بن ابراهيم المعروف بگلشني المتوفي 940هہ.

22ـ ڪليلہ و دمنہ، مصور.

23ـ مثنوي مهرو مشتري، احمد عصار، ڪتابت 898هہ.

24ـ شاهنامہ فردوسي المتوفي 416هہ، بخط صفي قلي بن الفرهاد، ڪتابت 1066هہ.

25ـ شاهنامہ فردوسي المتوفي 416هہ بخط نامعلوم، 905هہ.

26ـ شاهنامہ فردوسي المتوفي 416هہ، بخط السمرقندي معيني، 844هہ.

27- شاهنامہ فردوسي المتوفي 416هہ بخط صفي لطف بن عيسيٰ شيرازي، ڪتابت 796هہ.

شاهنامہ جا هي چار ئي نسخا مصور مطلا ۽ دلفريب خط ۾ آهن.

28- ماني ۽ بهزاد جي تصويرن جا البم بہ پتين جي ڪپڙن ۾ رکيل آهن ۽ ڪئين خوبصورت ۽ خوشخط وصليون پتين تي ٽنگيل آهن. جن ۾ ڪجهہ وصلين تي آيتون آهن ۽ ڪن تي شعر لکيل آهن.

29- انتخاب شعراءِ فارس: هيءَ انتخاب سلطان عليءَ جي خط ۾ آهي ۽ ڪتابت جو سن 901 هہ آهي. هيءَ سلطان ابوالنصر بايزيد لاءِ لکيو ويو هو. انتخاب هنن شاعرن جو آهي: حافظ، امير خسرو، خواجہ خسرو، شيخ ڪمال، خواجہ سلمان، جامي، ثنائي، عصمت بخاري ۽ ناصر بخاري.

30- منتخب ڪلام شاهيس: پهرئين صفحي جي لوح تي فتح علي شاه قاچار جي سونهري مهر لڳل آهي. ڪاتب معزالدين محمد الحسين آهي ۽ سن ڪتابت 987هہ.

پهرئين صفحي تي هي شعر آهن.

اي نقش بستہ نام خطت با سرشت مان،
اين حرف شد ز روز ازل سرنوشت ما.
ڪارم بسينہ تخم وفائي تو ڪشتن است،
خود عقل خندهہ مي زند ازڪار دشت ما.
ماشرمسار ماندهہ ز تقصير هائي خويش،
لطف تو خود نمي نگرد خوب و زشت ما.

صفحو ٻيو:

اي شيخ شهر اگر بہ خرابات بگذري،
رشڪ آيدت بڪلبلئہ همچون بهشت ما.
بگذر بسوئي تربت شاهي ڪہ بشتوي،
بوئي ونا ز طينت عنبر سرشت ما
بتقصير عيبم مڪن ڪز آب چشم من،
هنوز اندر وهم تخم وفا ميرديد از گل ها.
گراز گردون مَلائي باشدت برعشق املاڪن،
ڪہ عشق آمد درين شڪل مدد رحل مشڪل ها.

ان ڪمري سان لڳولڳ هڪ ننڍڙو ڪمرو آهي جنهن جي دروازي جو عنوان آهي "ڪمره الاوراق البريتہ" ان ۾ پئپيرس (PAPYRUS) تي لکيل قديم ترين خط ۽ مڪتوب شيشن جي ڪبٽن ۾ رکيل آهن. ڪي خط ثابت آهن ۽ ڪي بلڪل بوسيده تي چڪا آهن. مَسُ ڦِڪي تي چڪي آهي. انهن خطن جا سن هن ريت آهن. 142هہ_ 178هہ_ 186هہ_ 236هہ_ 241هہ_ 264هہ_ 285هہ_ 272هہ_ 299هہ_ 347هہ_ 450هہ_ 459هہ. هتي هڪ ڪتاب ٻيو بہ ڏسڻ ۾ آيو.

الجامع الحديث، تاليف ابي محمد عبدالله بن وهب الفهري القريشي. هن مصنف جي پيدائش سال 124هہ_ 125هہ ۾ تي آهي. هي ٽين صديءَ جي مُنڍ ۾ ڪتابت ڪيو ويو آهي.

هڪ خط وليد بن عبدالملڪ (86_ 96هہ ) جي زماني جي ساڳئي ڪاغذ تي يوناني ۽ عربي زبان ۾ لکيل رکيو هو. هڪ خط ٻيو بہ وليد جو سندس ڀاءُ عبدالله بن عبدالملڪ جي نالي آهي جيڪو ان وقت مصر جو گورنر هو. انهن خطن متعلق دارالڪتب المصريہ انگريزي زبان ۾ ٽن جلدن ۾ هڪ ڪتاب ۽ عربي زبان ۾ هڪ جلد جو ڪتاب ڇپيو آهي.

وڏي ڪمري ۾ جتي ڪلام مجيد جا قديم نمونا ۽ مصنفن جا هٿ جا لکيل ڪتاب موجود آهن، اتي ڪجهہ ڪبٽ اهڙا بہ آهن جيڪي ترڪ سلطانن جا ڪلام مجيد ڏسڻ ۾ اچن ٿا. انهن ۾ ترڪي زبان جا مخطوطا آهن. مير علي شير نوائي جي ترڪي ديوان جا چند بهترين نسخا بہ ڪبٽن ۾ ڪليل پنهنجي حسن ۽ زينت جي بهار پيا ڏيکارين.

اُن ڪمري جي هڪ حصي ۾ چند ڪبٽ رکيل آهن جن ۾ علامہ مرحوم تيمور بادشاهہ جي ذاتي استعمال جون شيون آهن مثلاً قلمدان، انڊ پين، پيپر ويٽ، خوردبين، مس ڪُپڙي، هٿ جون ڪاتيون، چانهہ جا پيالا، ڪاڻي جون پليٽون وغيرهہ وغيرهہ. غالباً اهي ئي قلم ۽ مس هوندا جن جي ذريعي هن بي مثل عالم عربي ادب ۽ تاريخ تي اعلهہ مضمون ڪاغذ تي لکيا هوندا.

علامہ تيمور بادشاهہ جو ڪتب خانو بہ دارالڪتب جي حوالي ڪيو ويو آهي جنهن جي فهرست ڇاپي پئي وڃي ۽ خزانہ تيموريہ جي نالي سان چار جلد هن وقت تائين ڇپجي بہ چڪا آهن.

# مولانا محمد شفيع لاهوري *

[خانبهادر پروفيسر ڊاڪٽر مولوي محمد شفيع جي شخصيت علمي دنيا ۾ ڪنهن بہ رسمي تعارف جي محتاج نہ آهي. مولانا محمد شفيع صاحب سن 1934ع ۽ 1937ع ۾ بہ ڀيرا سنڌ جو علمي سفر ڪيو ۽ نتيجي ۾ جيڪي تحقيقي مقالا لکيا، اهي سلسليوار "اورينٽل ڪاليج ميگزين" (سن 1935ع ۽ 1937ع) جي اشاعتن ۾ شايع ٿيا. اڳتي هلي سن 1970ع ۾ انهن مقالن کي سهيڙي ۽ ترتيب ڏئي، سندس لائق فرزند احمد رباني صاحب "صناديد سنڌ" جي نالي سان ڪتابي صورت ۾ شايع ڪرايو. پير حسام الدين راشدي مرحوم جا مولانا محمد شفيع مرحوم سان گهرا علمي ناتا هئا، جن جو اندازو پير صاحب جي هن اهم مضمون مان بخوبي لڳائي سگهجي ٿو جيڪو مولانا محمد شفيع جي انتقال کان پوءِ مشهور سہ ماهي رسالي "اردو" (ڪراچي) جي جنوري 1968ع ۾ شايع ٿيو جنهن جو سنڌي ۾ ترجمو پڙهندڙن لاءِ پيش ڪجي ٿو. ترجمو رسالي "مهراڻ" نمبر 2، سال 1995ع ۾ شايع ٿيو]

جڏهن شعور وارين اکين کليون، تڏهن ڏٺم تہ علمي دنيا ۾ مولانا محمد شفيع جو سڪو جميل ۽ رعب ڇانيل هو. سندس منفرد ۽ نوس تحقيق، عميق نظر ۽ ان جو علمي مرتبو ۽ مقام ان دور جي مڃيل حقيقت هو.

اُهي ڏينهن اُهي شينهن هئا، جڏهن اورينٽل ڪاليج لاهور علمي لحاظ کان نہ فقط اهم ادارن ۾ ليکيو ويندو هو پر احترام جي نظر سان بہ

* ترجمو: سلمي لوهر.

ڏنو ويندو هو. ڇاڪاڻ تہ مولانا محمد شفيع جهڙو محقق ۽ مدبر ان ۾ موجود هو ۽ ان وقت ڪاليج مان شايع ٿيندڙ رسالو ۽ خاص طور تي ان جو فارسي ضميمو سندس علمي جاکوڙ ۽ جستجو سبب عالمي شهرت جو سبب بنيو. جنهن جو واحد سبب اهو ئي هو تہ مولانا جي تحقيق ان ۾ اشاعت هيٺ ايندي هئي. "دانشگاهہ پنجاب" بہ انهن ڏينهن ۾ ئي علم و دانش جي دنيا ۾ غير معمولي شهرت ۽ عزت حاصل ڪئي، جو ان مان ڪيترا ئي اهڙا علمي نوادرات شايع ٿي منظر عام تي آيا هئا، جن جي گهٽي عرصي کان علمي دنيا جي اڪابرن کي ڪمي پي محسوس ٿي. رشيدالدين جا خط تہ گهٽو پوءِ آڏو آيا، مگر انهن کان اڳ ۾ "فهرست عقدالفريد"، "مطلع السعدين"، "تتمہ صوان الحکمہ"، "دره الاخبار"، "تذڪره ميخانہ"، "غياث الدين جو چين جو سفرنامو" ۽ "اقتباسات آداب الحرب و الشجاعت" جهڙا نادر ڪتاب علمي هستين جي هٿن تائين پهتا هئا. عنصري جي "وامق و عذرا" جي دريافت ۽ ان تي تحقيق ئي اهڙو غير معمولي انڪشاف هو جنهن پڙهيل لکيل طبقي ۾ ترٿلو مچائي ڇڏيو. سموري علمي دنيا کي اهو بخوبي علم هو تہ لاهور علمي لحاظ کان وڏي مان ۽ مرتبي وارو شهر آهي ۽ ان جو ادارو "دانشگاهہ" حقيقت ۽ ڏاهپ جو هڪ اهڙو ئي سرچشمو هو جو دنيا جي ڪنهن بہ وڏي علمي ۽ ادبي اداري کان گهٽ نہ هو.

مولانا جو وجود نهايت ئي خير ۽ برڪت جو باعث هو. سندس مردم شناسي، قدرداني، شخصي ڪشش ۽ ذاتي صفتن جي ڪري جتان ڪتان جا محقق ۽ مجيل علمي هستيون وٽس اچي گڏ ٿينديون هيون. اهو ئي سبب هو جو "دانشگاهہ پنجاب" کي بہ سندس ئي نسبت سان اهميت، افاديت ۽ فضيلت حاصل هئي. سچ تہ "دانشگاهہ پنجاب" جو اهو ئي دور اوج ۽ عروج وارو دور هو. انهيءَ سمي مولانا عبدالعزيز الميمني بہ اتي ئي رهندو هو. حافظ محمود خان شيراني مرحوم جو بہ اهو ئي زمانو هو ۽ شيخ محمد اقبال مرحوم ۽ ڊاڪٽر شيخ عنايت الله بہ ان دور جا مشهور ۽ معروف استاد هئا. حقيقت ۾ اسان جي بزرگ شخصيت سيد محمد عبدالله جو بہ اهو ئي سهانو سمو هو. اهي سڀ بزرگ هڪڙي ئي حلقي جا

رڪن، هڪ ئي سلسلي جا موتي ۽ هڪ ئي محفل جا چراغ هئا. انهن سيني برگزيده شخصيتن گڏجي سموري ملڪ ۾ تحقيق ۽ تجسس، علم ۽ عمل، قلم ۽ ڪتاب جي اهڙي فضا قائم ڪري، علمي ماحول کي ايڏي بلند مرتبي تي رسايو هو جو هن دورنگي دنيا جڏهن انهي سحر کي ٽوڙيو ۽ سندن ماڳن کي مٽايو تڏهن کان وٺي هي اکيون هميشه واجهائينديون ئي رهيون آهن.

مولانا محمد شفيع صاحب، شاهه حسين بايقرا جا حالات پڙهيا ۽ هرات جي نئين اوج ۽ عروج تي لکندي، پنهنجي شهر ۽ ملڪ کي قريباً انهيءَ ئي مقام تي رسائي ڇڏيو. علمي ذوق ۽ شوق جو شباب هو. لکڻ، پڙهڻ ۽ ايياس ڪرڻ ذات جي صورت تي اختيار ڪئي. خالص علمي ۽ ٺوس تحقيقي ڪتابن جي گهرج وڌندي وئي. لاهور جون بازارون علم سان هردم ڀريون رهيون. هونءَ به بازار ۾ انهي ئي سودي جي سرسي هوندي آهي، جنهن جا خريدار گهڻا هوندا آهن. ڪتابن جي خريداري ۽ سموري ملڪ ۾ قلمي نسخن جي تلاش ۾ پنهنجن وڏڙن جي ورثي جي حفاظت انهيءَ زماني ۾ مقدس فرض جاتو ٿي ويو. لاهور هر پڙهيل ڳڙهيل کي اهو فرض ضرور سرانجام ڏيڻو پوندو هو. شيراني جا نوادرات، پروفيسر آذر جي ڪليڪشن ۽ خود مولانا جو ڪتبخانو انهيءَ سونهري دور جا يادگار آهن.

مولانا صاحب اهو پهريون بزرگ هو جنهن اهو معلوم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ته ملڪ ۾ يا ملڪ کان ٻاهر مشرق ۽ مغرب ۾ علمي نوادرات ڪٿي موجود آهن ۽ ڪهڙن ڪتبخانن جي زينت بڻيل آهن. "دانشگاهه" ۾ موجود ڪتابن جا فوٽو ۽ فلم به ان ئي زماني جا يادگار آهن. پنهنجي ذاتي ذوق شوق ۽ شخصي تلاش ۽ تحقيق جي ڪري ئي هن بزرگ "دانشگاهه" ۾ اهي نه مٽجندڙ نشان ڇڏيا، جن جي اڳوڻي ساک ۽ نقش نگاريءَ جي ڪري ئي پري پري کان پڙهيل ڳڙهيل اچي وارد ٿين ٿا.

مولانا سان شخصي ڏيٺ ويٺ ته غالباً پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ ان وقت ٿي هئي، جڏهن سيد هاشمي فريد آبادي مرحوم. راقم لاءِ پنهنجي لاهور واري رهائشگاهه تي دعوت جو اهتمام ڪيو هو ۽ مولانا صاحب کي

پڻ ان ۾ شرڪت لاءِ مدعو ڪيو هو. جيئن مٿي لکيو ويو آهي ته سندس روحاني شرف يابي ته ايامن کان ئي حاصل هئي، جنهن کي آءٌ سندس تحريرن، مقالن ۽ ڪتابن ۾ چڱي طرح پروڙي چڪو هوس.

ان رات جڏهن پاڻ تشريف فرما ٿيا ۽ تعارف ۽ گفتگو ٿي، تڏهن جيتوڻيڪ پهرين ملاقات هئي، ان هوندي به مون سندس شخصيت جو چڱيءَ طرح جائزو ورتو ۽ ڪيس دل سان ڏٺو. پورو پنو قد، مضبوط هائي، جسم پريل ۽ ڪليل ڪٽڪ رنگو چهرو پُروقار پيشاني ۽ روشن ننڍيون اکيون، جن جو تيزتاب سهڻ نهايت ئي مشڪل ۽ ناممڪن هو ته انهن ۾ وري گهوري ڏسڻ جي ڇا مجال! شهپر مناسبت موجب وڏيل، جي ان دور جي يادگيري ڏياري رهيا هئا، جڏهن مرد مردائي ڏِکَ ڏيندا هئا. سندس سچو منهن دلڪش ۽ ڪاڏي سهڻي ۽ جاذب نظر ٿي لڳي. سندس مٿي جا وار ڪسي چڪا هئا. سندس آواز ائين سنهو ۽ نرم هو جيئن ريشمي ڪپڙو نرم ۽ نازڪ هجي. پلا اهو آواز تلخ ڇو ٿئي؟ هي ته سراسر پيار ۽ پاٻوهه مان دلين کي ڪشش ڪندڙ هو. مان ڏاڍو خوش هيس ته اڄ ان شخصيت جي آڏو آهيان جنهن کي ڏسڻ جي تمنا ۽ آرزو گهڻي عرصي کان هئي.

نـازم بچشـم خـود، کـه جـمال تـو ديـده اسـت،
افتـم بپـائي خـود، کـه بکـويت رسـيده اسـت.

مولانا پهريون شخص هو جنهن سنڌ جو علمي سفر ڪيو هو. سکر، روهڙي، حيدرآباد، ٺٽي ۽ سيوهڻ پهچي اتان جا تاريخي آثار ڏٺا ۽ جتي به ڪيس ڪتبا نظر آيا، اهي نقل ڪيا ۽ ڪجهه اهم ڪتبن جا فوٽو به ورتا. پراڻن خاندانن وٽ ويو، جتي قلمي ڪتاب، بياض ۽ تاريخي تحريرون ڏٺائين. جيڪي خريد ڪري، سگهيو اهي خريد به ڪيائين ۽ باقين جي فهرست تيار ڪري ورتائين.

ان تاريخي سفر جا حالات جڏهن اورينٽل ڪاليج ميگزين جي مختلف اشاعتن ۾ ڪتبن سميت شايع ٿيا ته، مون کي چڱيءَ طرح ياد آهي ته سنڌ جا علم دوست ماڻهو ڇرڪ پري اٿيا. ڇاڪاڻ ته ڪيترين تاريخي حقيقتن ۽ علمي تحقيق اهڙي سهڻي سليقي سان پهريون دفعو

انهن جي سامهون آئي. پهريون دفعو ڪين انهن جي خبر پئي ته مقبرا ۽ خانقاهون پوڄا پاٺ کان سواءِ به ڪا اهم حيثيت ۽ افاديت رکن ٿيون.

مولانا انهن مضمونن جي ذريعي علمي دنيا آڏو اهو اهم تاريخي انڪشاف ڪيو هو ته سلطان محمد تغلق جڏهن ٺٽي جي پرسان مئو ته، ان جو لاش پهرين سيوهڻ ۾ دفن ڪيو ويو ۽ پوءِ دهليءَ ڏانهن منتقل ڪيو ويو. ان عارضي مدفن تي جيڪي ڪتبا لڳايا ويا هئا، اهي مولانا صاحب سيوهڻ شريف مان دريافت ڪيا هئا ۽ انهن جا فوٽو مذڪوره مضمونن جي سلسلي سان گڏ ڇاپي، لکڻ وارن لاءِ اهم تحقيقي موضوع ظاهر ڪيو هو.

گهڻي وقت جي ڳالهه آهي ته منهنجو وڏو ياءُ محترم پير علي محمد شاهه راشدي ٺٽي وڃي "تحفة الڪرام" جو مصنف جي هٿ اڪر لکيل نسخو سندس پوين کان ڪجهه ڏينهن لاءِ استفادهه ڪرڻ لاءِ وٺي آيو هو. ڇپيل ۽ قلمي نسخي جي تقابلي مطالعي کان پوءِ جيڪي اضافا ۽ اختلاف آڏو آيا، تن کي ترتيب ڏئي پنهنجي روزانه اخبار "ستارهه سنڌ" جي ڪيترن ئي اشاعتن ۾ شايع ڪيائين. اها هڪ ڳالهه هئي، جا آئي وئي. نه "ستارهه سنڌ" رهي. نه اهي پرچا محفوظ رهيا ۽ نه وري اهو ئي معلوم ٿيو ته انهيءَ قلمي نسخي جو ڇا ٿيو ۽ ڪٿي پهتو؟

انهيءَ صحبت ۾ ٺٽي متعلق تاثرات بيان ڪندي، مولانا صاحب اهو به انڪشاف ڪيو ته "تحفة الڪرام" جو اهو ئي نسخو پاڻ خريد ڪيو هئائون ۽ هاڻي اهو وٽس محفوظ آهي. اهو ٻڌي مان خوشي مان ڇرڪي اٿيس ۽ منهن ۾ مهڪ پيدا ٿي. گڏو گڏ اهو اطمينان به ٿيو ته اهم ۽ نادر ڪتاب مولانا صاحب وٽ پهچي ضايع ٿيڻ کان بچي ويو.

مون ماڻهن کان ته اهو ئي ٻڌو هو ته مولانا صاحب ڏاڍو بخشڪ طبيعت جو مالڪ آهي، جنهن ڪري منهنجي دل تي اهو ئي خوف ويٺل هو. پر جڏهن ڪيس ڏٺم ۽ ساڻس گفتگو ڪيم، تڏهن بلڪل ان جي برعڪس لڳو. ڏاڍو دلچسپ، شفيق ۽ نرم مزاج هو.

ان رات واري صحبت ۾ مزيدار ڳالهين ۽ حوصلو ڏيندڙ شفقت سبب هن هڪدم مون کي پنهنجو ڪري ورتو. شروع ۾ فقط ان جي علمي جاهه

ڄلال کان مرعوب هئس. پر ملاقات کان پوءِ سندس سهڻي سلوڪ جي ڪري سندس ذات ۽ شخصيت مون لاءِ وڌيڪ جاذب ۽ دلڪش بڻجي وئي. جيئن جيئن منهنجون ساڻس ملاقاتون وڌنديون ويون، تيئن تيئن سندس طور طريقا ۽ طبيعت منهنجي آڏو وڌيڪ واضح ٿيندا ويا. مون محسوس ڪيو ته جيڪي ماڻهو کانئس گهبرائيندا هئا، سي سندس طبيعت جي ڪري نه، بلڪ پنهنجي ڪم علميءَ سبب ئي کانئس پري رهڻ لاءِ مجبور هوندا هئا. جيڪڏهن ڪو ڪنهن سان خشڪ رويو ۽ ٿڌائيءَ وارو سلوڪ اختيار ڪندو آهي ته پاڻ ان ۾ بلڪل حق بجانب آهي. آخر ايترو فضول وقت ڪٿان آڻي. جي ائين وقت وڃائڻ لڳي ها ته اهو سڀ ڪجهه جيڪو پاڻ ڪيو هئائون اهو ڪيئن ڪري سگهي ها.

حقيقت اها آهي ته مولانا صاحب جيڪڏهن سخت ۽ خشڪ هو ته فقط علمي معاملن ۽ تحقيقي مسئلن ۾ هو. اهڙن معاملن ۾ هو سخت گير کان سخت گير هو. سطحي لکت کي برداشت ڪري نه سگهندو هو. لکڻ وارا اڪثر سطحي لکڻ جا عادي هئا. مولانا صاحب ان عمل کي علم جي لاءِ بي عزتي ۽ پنهنجي ملڪ لاءِ باعث ندامت سمجهندو هو. مولانا صاحب جو اهو خيال بلڪل صحيح هو ته اهڙن لکندڙن کي ساراهيو ويو يا کين درگذر ڪيو ويو ته ملڪ مان حقيقي علم جو اختتام ٿي ويندو. استاد ۽ عالم جي حيثيت سان مولانا پنهنجي هن عادت ۽ عمل تي سختيءَ سان ڪاربند رهيو. سندس اها خواهش ۽ ڪوشش رهي ته ملڪ ۾ تحقيق جو معيار پنتي پوڻ نه گهرجي ۽ قلم مان جيڪي ڪجهه نڪري اهو حقيقت تي مبني هجي. سطحي ۽ سڪڻو نه هجي. مولانا صاحب جي اها ڪوشش ڪيتري قدر ڪامياب ٿي يا سندس آرزو ڪيستائين تڪميل تي پهتي، ان جي بيان ڪرڻ جو هي موقعو ۽ محل نه آهي. مولانا صاحب جي اها گرفت راڳو عام لاءِ نه هئي. پر مجيل عالمن ۽ قلم ڌڻين جي لاءِ به ساڳيو ئي دستور العمل هو. اهڙن ماڻهن جي لکڻي به جيستائين لفظ به لفظ ڪري نه پڙهندو ۽ پرکيندو هو، تيستائين ممڪن ئي نه هو ته پاڻ مطمئن ٿئي.

هڪ ڏينهن جي ڳالهه آهي ته صبح سوير اسان جو دوست جناب عبدالحي حبيبي افغاني آيو. هو نهايت ئي پريشان حال هو. چاڪاڻ ته

مولانا صاحب جي فرمائش تي پاڻ هڪ مقالو لکي، سنڌس خدمت ۾ پيش ڪيو هئائين. مولانا صاحب ان مان هڪ حوالي جي تصديق ڪرڻ ٿي گهري. بظاهر ڳالهہ تہ تمام معمولي هئي، پر سنڌس گهبراهٽ جو ڪارڻ فقط اهو ئي هو تہ حبيبي صاحب اها ڳالهہ ڪنهن ڪتاب جي حوالي جي بدران پنهنجي يادگيري ۽ ذهانت جي پروسي هيٺ قلمبند ڪري ڇڏي هئي. اهو اتفاق چئجي يا مولانا صاحب جي دور نظري. جو ڏسندي ڏسندي سنڌس نظر اتي ئي وڃي رڪي ۽ طبيعت تي وڃي اٽڪي، جتي تحقيقي اصول موجب ڪا ڪمزوري رهجي وئي هئي. گهڻيءَ دير کان پوءِ ڪيترن ئي ڪتابن جي اٿل پٿل کان پوءِ جڏهن گهربل حوالو ملي ويو. تڏهن محسوس ڪيم تہ گويا حبيبي صاحب جي مٿان وڏو بار هو جم خدا جي فضل سان لهي ويو. پوءِ پاڻ اطمينان جو ساهہ کڻي پيشانيءَ تان پگهر اگهي سگريٽ دکائي مرڪي چيائين تہ: "پير صاحب! واقعي اهو شخص صاحب نظر آهي. قدرت جو اوهان تي وڏو احسان آهي." مون ورندي ڏيندي کيس چيو تہ: "حبيبي صاحب! آخر انَ ۾ ايڏي پريشاني جي کهڙي ڳالهہ آهي؟" فرمايائين تہ: "توهان چئو ٿا تہ پريشاني! صاحب! منهنجي تہ علمي حيثيت چو واٽي تي پيل هئي!" اهو ئي پاڻ حوالي وارو ڪاغذ کڻي دلي اطمينان ۽ ذهني سڪون سان تڪڙا قدم کڻندو نيو ٽائون پوسٽ آفيس طرف ويندو رهيو.

گهڻيءَ دير تائين مان دروازي ڏانهن ڏسندو ۽ سوچيندو رهيس تہ واقعي اها اسان جي خوش بختي آهي، جو هڪ اهڙو شخص اسان ۾ موجود آهي. ان وقت مون کي اهو بہ خيال آيو تہ ڪجهہ ماڻهن جو ڪاوڙجڻ ڪو ايڏو غلط نہ آهي. مولانا صاحب جي تحقيق جي طلب انهن جي پهچ کان مٿاهين آهي ۽ انهن جي ظرف کان بعيد.

مولانا صاحب جي علمي تحقيق جي دنيا محدود نہ هئي، بلڪ گهڻي وسيع ۽ لامحدود هئي. سنڌس گهري سوچ ۽ فڪري پهچ ڪيترن ئي ملڪن کي پنهنجي گرفت ۾ آڻي ڇڏيو هو. هتان جا ماڻهو تہ پنهنجي آسپاس جي شين کان اڳتي وڌڻ جا عادي ئي نہ هئا. اهو مولانا صاحب ئي هو جنهن هڪ خاص پد تي پهچي نوس ۽ اعليٰ تحقيق جو بنياد وڌو ۽

انوکن موضوعن ۽ وسيع علمي مسئلن جي مٿان پردو ڪنيو جو ٻهريون دفعو ٻاهرين دنيا اسان جي ملڪ جي تحقيقات مان فائدو وٺڻ تي مجبور ٿي پئي. خطاطي، مصوري، ادب، شعر، تاريخ، سوانح، ڪتبا، مقبرا ـ مطلب تہ علم ۽ قلم جي ڪا بہ اهڙي شاخ يا شعبو نہ هو جنهن تي مولانا صاحب جي تحقيق ۽ مرتب ڪيل نتيجن علمي دنيا ۾ ڪو مقام حاصل نہ ڪيو هجي!

وچ ايشيا جي تاريخ، ادب يا فنونِ لطيفہ تي اسان وٽ سڀ کان اول مولانا صاحب جي ئي نظر پئي ۽ پاڻ ئي ان کي پنهنجي جستجو ۽ تحقيق جو موضوع بنايو. تيمورين جي تاريخ هجي يا انهن جي معارف پروري، مولانا صاحب جي ئي قلم سڀ کان پهريائين انهن کي اجاگر ڪيو. انهن جي تاريخي اهميت کان نہ صرف اسان کي متعارف ڪرايو پر دنيا جي مختلف حصن ۾ جيڪي بہ عالم ان موضوع تي تحقيق ڪري رهيا هئا، تن کي پيش ايندڙ مشڪلاتن کي بہ دور ڪيو. اهو ئي سبب هو جو ٻاهرئين دنيا جا عالم اسان وٽ نہ صرف مولانا صاحب جي ذات کي سڃاڻندا هئا ۽ انهن جي علمي مجلسن ۽ محفلن ۾ مولانا صاحب کي ئي برابريءَ وارو بلڪ بلند مقام ۽ برتريءَ وارو درجو حاصل هو. جڏهن "ارمغان علمي" جو اعلان ٿيو تڏهن ٻاهرئين دنيا جي ڪيترن عالمن ان ۾ حصو وٺڻ محض ان ڪري پنهنجو فرض ڄاتو جو مولانا صاحب جي شخصيت سندن آڏو نهايت ئي محترم ۽ معتبر هئي. ان ئي موقعي تي استاد محترم آقاي بديع الزمان فروزانفر فرمايو هو تہ

دهــر و دوران کــم آورد فرزنــد
چــون محمــد شــفيع دانشــمند

۽ اهو بہ سچ چيو هئائين:

خــاک لاهــور ازو فــزوده شــرف
پــدر فضــل را بهينــه خلــف

مولانا صاحب جي شخصيت پنهنجي ڪردار عمل ۽ علم جي لحاظ کان اسان لاءِ نہ فقط مثالي پر مشعل راهہ بہ آهي. ڪين پنهنجي موضوعات سان نہ رڳو دلچسپي هئي، پر عشق جو اهو عالم هو تہ گهمندي

ڦرندي، اٿندي ويهندي انهيءَ جي ئي کوجنا ۾ لڳل رهندو هو. علم جي اها صورتحال هجي جو گهر جي ٻاهر، سفر هجي يا حضر هميشه ۽ هر وقت ڪنهن نـ ڪنهن مسئلي جي تحقيق ۽ تلاش ۾ ڪوشان رهندو هو. اهو سڀ ڪجهه ڪنهن ڏيک ويک جي لاءِ نـ. پر علم جي ئي حصول لاءِ هو. ان ۾ ڪوبہ ذاتي مفاد يا مطلب ڪونہ هو ۽ نـ ئي وري.روزيءَ جو سهارو ڄاڻائون. مولانا پنهجي علم کي ڪنهن بہ بازار ۾ سودي بازيءَ لاءِ نـ آندو ۽ نـ ئي ان لاءِ ڪو واڪ ڏنو.

مولانا جي زندگي نهايت باضابطہ زندگي هئي. سندس هر لمحو قيمتي ۽ ڪارائتو هو. هن جو هر قدم منزل جي طرف وڌندڙ هو. پاڻ وقت جو نهايت ئي قدردان هو ۽ هر ساعت سجائي ڪندي ڪجهہ نـ ڪجهہ ڪندو رهندو هو. وقت وڃائڻ سندس نظر ۾ گناهہ کان بہ بدتر هو. هو ان وقت پنهنجي وقت کي سجايو سمجهندو هو. جڏهن ڪا نئين معلومات حاصل ڪندو هو يا ڪا نئين تحقيق ڪندو هو. گهر ۾ پنهنجي ڪتنب سان ڪڏهن ڪا هتان هُتان جي ڳالهہ ڪئي هونداين. ليڪن جيستائين مان ڄاڻان ٿو تہ ٻاهرئين دنيا ۾ ڪڏهن بہ پنهنجي واتان ڪو بي مقصد گفتو ادا نـ ڪيائين. سندس سڄي ڄمار اول کان آخر تائين ڪنهن خاص سانچي ۾ پلٽيل هئي. اهو ئي سبب آهي، جو مولانا جي زندگي قيمتي ۽ ڪارائتي گذري. پاڻ تمام گهڻو علمي ڪم ڪيائين ۽ اهي نشان ڇڏي ويو جن تي ڪنهن طاقتور هٿ کي بہ ڪڇڻ جي مجال نـ آهي. هڪ شخص جي سموري حياتي مسلسل عمل رهي، جو رهندي دنيا تائين نـ رڳو دانش گاهہ يا شهر پر پوري ملڪ کي مانائتو بنائي ويو.

انسائيڪلوپيڊيا جي ترتيب ۽ تدوين جي سلسلي ۾ يورپ ويندي هڪ دفعي مولانا صاحب ڪجهہ ڪلاڪ ڪراچي ۾ پنهنجي.نياڻي وٽ ترسيو. آغائي عبدالحي حبيبي صاحب ۽ هن خاڪسار کي جيئن ئي اها خبر پئي، تيئن ٻئي ڄڻا گڏجي سندس خدمت ۾ پهتاسون. پاڻ ڏاڍو خوش ٿيو ۽ اهڙو گرمجوشيءَ سان آڌرڀاءُ ڪيائين. گويا سندس ئي من جي مراد پوري ٿي هجي ۽ پاڻ اسان جو ئي انتظار ڪري رهيو هجي. انهي زماني ۾ مولانا صاحب بازيدي فرقي تي تحقيق ڪري رهيو هو. ويهڻ سان ئي ان

موضوع تي گفتگو ڪندي، مسئلن جي شروعات ڪيائين. حبيبي صاحب سان مخاطب ٿيندي ٿي مولانا جا سوال هئا ۽ حبيبي صاحب جا جواب. تقريباً ٻه اڍائي ڪلاڪ لاڳيتو دنيا وما فيها کان بي خبر، يورپ جي سفر لاءِ ضروري سڀني کان بي پرواهه. سفر جي تياري ۽ ضروري ڪاغذات وغيرهه جي درستيءَ کان بي نياز، نهايت اطمينان ۽ سڪون سان "بازيدين" جي متعلق تحقيق ۽ تفتيش ڪندو رهيو. مان سوچيندو ٿي رهيس ته هي انسان آخر آهي ڇا؟ يورپ وڃي رهيو آهي نه ڊالرن جو فڪر نه پائونڊن جي پرواهه! نه نياڻي کان ٿو پڇي ته ڇا آڻجي ۽ نه نياڻيءَ کان ٿي ڪا فرمائش جي فهرست ٿو لکائي. نه اها پڇا ڳاڇا ٿو ڪري ته لنڊن مان ڪهڙي شيءِ آڻجي، جا هتي وڪڻي ڪرايي سان گڏ نفعو ڪمائجي. ريفريجريٽر ڪهڙو بهتر ٿيندو آهي؟ ٽيپ رڪارڊر ڪهڙي ڪمپني جو هجي جو وڻجي. موٽر ڪار ڪهڙي موزون رهندي؟ نه ڪسٽم وارن جي روڪ ٿام ۽ پڇا. نه اهڙو اهتمام ته واپسيءَ وقت سامان بغير گلڻ جي گهر پهچي وڃي.

اسان ٻئي جڏهن واپس هلياسون، تڏهن اهو سوچيندي ۽ چوندي گهر پهتاسون ته سبحان الله! علمي عشق ۽ اُن جي عالم جو ڇا ته عالم آهي!

مولانا اورينٽل ڪاليج مان رٽائر ٿيو ته انسائيڪلوپيڊيا جي اردو ترجمي جي نظرداري واري ڪم ۾ اهڙي ته انهماڪ سان جنبي ويو جو صبح ۽ شام، رات ۽ ڏينهن هڪ ڪري ڇڏيائين.

مولانا صاحب جي ڪتبخاني جي لان ۾ ڇٽيءَ نما هڪ خيمو نهيل هو جنهن ۾ سردين ۾ وهندو هو ۽ گرمين ۾ ڪمري ۾ ئي ڪم ڪندو هو. مولانا جو اهو ڇٽيءَ نما خيمو ڪتبخاني جي اڱڻ جو هڪ نمايان ڪردار بنجي چڪو هو جنهن ۾ ننڍي ڪرسي ۽ ٽيبل پيل هئي ۽ آسپاس ان ڏينهن ڪم ايندڙ ڪتابن جا ڍير ۽ فائيل موجود هوندا هئا، جن ۾ ترجمو ٿيل مقالن جا انبار پيل هوندا هئا.

مون کي ان خيمي ۾ ڪيترا ڀيرا مولانا جي خدمت ۾ حاضر ٿيڻ ۽ ملاقات ڪرڻ جو موقعو مليو، هر واري ملاقات جو موقعو رکو ان ڪري ٿي ملندو هو ته آءُ ڪراچيءَ کان ڪهي ايندو هوس، نه ته ڪم [illegible] وقت

مولانا سان ملاقات ڪرڻ ناممڪن هئي. ملاقات برائي ملاقات کي مولانا گناهہ ڄاڻندو هو بلڪ قومي بد اخلاقي سمجهندو هو.

مولانا صاحب جو اتي بہ ساڳيو ئي مخصوص طريقہ ڪار رهيو. مضمون کي آڏو رکي، لفظ لفظ کي ڏسندو هو. هڪ هڪ سن سال ۽ نالي جي جيستائين پاڻ تحقيق ۽ تصديق نہ ڪندو تيستائين مضمون اشاعت لاءِ ڪونہ موڪليندو هو. تصحيح جي سلسلي ۾ هميشه ڪيس پاڻ کي ئي تڪليف ڪرڻي پوندي هئي. ترجمہ نگارن کي تہ علمي ترجمي جي عادت ڪو نہ هئي ۽ نہ اها ڄاڻ هئي تہ جاگرافيائي لحاظ کان نالن، مهينن ۽ سالن جي اهميت ڪيتري آهي. عبارت ۽ جملن جي درستگي بہ مولانا کي خود ئي ڪرڻي پوندي آهي.

مون ڪيترا ڀيرا اخبارن ۾ اهي شڪايتون پڙهيون تہ اداره دانشگاھ جا مالڪ ڏاڍا بيزار ٿيا آهن. ڇاڪاڻ جو مواد تمام گهڻو سست رفتاريءَ سان اشاعت هيٺ پيو اچي. انهن کي اهو اندازو تہ ڪونہ هو تہ ترجمي کان پوءِ پريس تائين پهچڻ ۾ هڪ هڪ مقالي کي ڪهڙن ڪهڙن تحقيقي ۽ علمي مرحلن مان گذرڻو تو پوي.

آخري دور ۾ مولانا جي طبيعت نيڪ نہ رهندي هئي. دل سُجي وئي هيس ۽ جگر بہ ڪمزور ٿي پيو هوس. پري کان ئي ماڻهو محسوس ڪندو هو تہ مولانا بيمار آهي، پر جيئرو رهندي پاڻ ڪڏهن بہ پنهنجي ڪم ۾ ناغو نہ وڌائين ۽ نہ اهو برداشت ئي ڪيائين. روزانو اچي هر شيءِ جي نظرداري ڪندو هو ۽ ڪڏهن بہ ائين نہ ٿيو تہ پاڻ وقت کان اڳ گهر موٽي. همَيشه دير سان گهر موٽندو هو.

اڇي رنگ جي شلوار، ميرانجهڙي رنگ جي شيرواني ۽ ڳاڙهي ترڪي ٽوپي ۾ ملبوس، اسٽڪ جي آڌار تي موٽر مان لهي پير پير ڪٽي خيمي ۾ پهچي هڪ دفعو ويهي قلم هٿ ۾ کڻندو تہ ڇاجي بيماري ۽ ڇاجي صحت. نہ ڪمزوريءَ جو خيال نہ ناتوانيءَ جو احساس. دنيا و ما فيها کان بي خبر. لفظن ۽ عبارتن جي دنيا ۾ گم سم ٿي ويندو. ڪيئي ڏينهن ۽ راتيون ۽ ڪيترا مهينا ۽ سال مولانا ائين ئي گذاري ڇڏيا!

ڏهين مارچ 1963ع جي آچر ڏينهن ڪنهن دوست پڇيو تہ ڪيڏانهن وڃڻو اٿو؟ مون وراڻيو مولانا صاحب ڏانهن. هلندؤ؟ وچ ۾ ٻئي دوست دخل ڏيندي چيو تہ ڪيڏانهن ٿو وڃين دوست! هي ماڻهو تہ ويهي ڪندا قبرن جون ڳالهيون. ڪوليندا مردن جا داستان ۽ پراڻن ڪتابن جا قصا. اوهين وهو تہ ڪريون ٿا پاڻ ۾ گپ شپ. هونءَ ٻئي آچر جو ڏينهن موڪل جو ڏينهن بہ آهي.

منهنجا ٻئي دوست عرف عام ۾ "لکيل پڙهيل" هئا. هڪ پي.ايڇ.ڊي ۽ ٻيو ڊبل گريجوئيٽ. غالباً ٻئي لنڊن مان تربيت حاصل ڪيل هئا.

سيارو ختم ٿي چڪو هو ۽ بهار جي موسم هئي. لارينس گارڊن جا ڪي گل ڪڙي چڪا هئا ۽ ڪن تي مکڙين جا پوش باقي هئا. ان ڏينهن صبح جي خنڪي ختم ٿي تہ مان 24 ميسن روڊ تي پهتس. مولانا ورانڊي ۾ هڪ ڪڙي تڙي ڪرسيءَ تي ويٺل هو. سندس ساڄي ڪاٻي ڪجهہ ڪرسيون ۽ هڪ اڌ ٽيبل پيل هئي. جنهن تي ڪجهہ ڪتاب هڪ ٻئي مٿان رکيل هئا. 'بروڪليمان'، 'انسائيڪلوپيڊيا'، 'سارٽن'، 'قاموس الاعلام' ۽ 'ڪشف الظنون' پنهنجي ضخامت جي ڪري نمايان هئا. ڪي مسودا بہ آڏو رکيل هئا ۽ هڪ مسودي تي ڪنڌ جهڪائي تصحيح ۾ مشغول هو. مون کي هڪدم خيال آيو تہ هي بہ هڪ آچر آهي ۽ موڪل جو ڏينهن آهي.

مون کي ڏسي ٻهڪي پيو! خوشدلي ۽ خندہ پيشانيءَ سان گرمجوشيءَ مان اٿي مليو. هونءَ تہ مولانا هميشه اهڙو برتاءُ ڪندو هو. پر اڄوڪو سلوڪ ڪجهہ غير معمولي ۽ سَرسُ سَوايو هو. خوشيءَ مان منهنجو رت بہ وڌي ويو ۽ ذرو ڄڻ آفتاب بنجي پيو!

وهڻ شرط مون کان منهنجي دل جي تڪليف بابت پڇا ڳاڇا ڪرڻ لڳو. مان ڏسندو رهيس تہ خود سندس حالت ابتر ٿي چڪي آهي. منهن ڦيڪو اڇو ڳل سڄيل. اکين جو اهو تاب گهٽجي چڪو هوس. پيرن تي سوڄ. ڄڻ هڪ هڪ پير مڻ مڻ جو ٿي لڳو. سوڄ پنين کان مٿي چڙهي چڪي هئي. مون حيرت مان ڪانئس پڇيو تہ مولانا هي ڇا آهي؟ ها هون ڪندي، منهنجي ڳالهہ کي ٽاريندي مون کي ئي منهنجي صحت جي حفاظت لاءِ هدايتون ڏيڻ شروع ڪيائين.

مون موقعو ڏسي ڪيس چيو تہ مولانا! آچر جي ڏينهن بہ اوهان آرام نہ ٿا ڪريو. وراڻيائين ادا! جيڪڏهن ڪم نہ ٿو ڪريان تہ ڏينهن ئي نہ ٿو گذري. هونءَ بہ ڪم تمام گهٽو آهي. ماڻهن جي اها حالت آهي جو لکڻ تہ بجا خود ترجمو ڪرڻ بہ ڪونہ ٿا ڄاڻن. هر ڪا شيءِ مون کي ئي ڏسڻي پوي ٿي.

صحت جي اهڙيءَ حالت ۾ فرض شناسيءَ جو اهو عالم ڏسي آءٌ دنگ رهجي ويس، ليڪن مون کي سندس حالت تي ڏاڍو ڪهڪاءُ اچي رهيو هو.

تقريباً ڏيڍ ڪلاڪ مان سندس خدمت ۾ ويٺو رهيس. دل کولي ڳالهايوسين ۽ گهڻيون ئي ڳالهيون ٿيون.

مولانا 'طاهر آشنا' جي ديوان جي ڳالهہ ڪئي تہ پاڻ پيرس مان ان جو فلم گهرايو هئائين، مگر ڪاغذ جي اٺاٺ سبب فوٽو اسٽيٽ تي نہ سگهيو. مون چيو تہ مولانا مون کي ڏيو آءٌ پرهينءَ ڪراچي وڃڻو آهيان ۽ اتان ئي ٺهرائي ڪٺي ايندس. وراڻيائين تہ سياڻي آفيس مان فلم موڪلي ڏيندس.

محمد حسين آزاد مرحوم متعلق پاڻ حيرت انگيز ڳالهيون ٻڌايائين ۽ ان تي لکيل پنهنجو هڪ تازو مضمون بہ عنايت ڪيائين. مفتي صدرالدين آزرده تي بہ انهن ڏينهن ۾ لکيل پنهنجو هڪ مقالو اندران آڻي ڏنائين. منهنجي عادت آهي تہ مان اهڙين شين تي آٽو گراف وٺي ڇڏيندو آهيان. ليڪن مولانا جي شخصي رعب ۽ اثر سبب مون کي اها همت نہ ٿي تہ آءٌ ڪجهہ ڪيجي سگهان. پوءِ تہ مان اڄ ڏينهن تائين پڇتائي رهيو آهيان، تہ جيڪر صحيح ڪرائي ڇڏيان ها تہ غالباً اها سندس زندگيءَ جي آخري صحيح هجي ها.

منهنجي ٻنهي دوستن جو لنوائڻ بجا هو. اسان پاڻ ۾ اڏوهي کاڌل ۽ ٿاٽل پراڻن ڪتابن جون ڳالهيون ڪيون. مولانا شڪايت ڪئي تہ سندس لئبرريءَ ۾ رکيل هڪ قلمي نسخو اڏوهيءَ جو لقمو بنجي چڪو آهي. هاڻي ياد نہ آهي تہ هڪ ٻن ٻين قيمتي ڪتابن جا بہ نالا ورتائين، جي اڏوهيءَ جو کاڄ ٿي چڪا هئا. اهڙيءَ طرح پاڻ پنهنجي لئبرريءَ مان هڪ اڏو کاڌل ڪتاب ڪڍڻ بہ ويو پر ان وقت اهو کيس نہ لڌو. ڳالهين

ڪندي مولانا اهو ٻه ٻڌايو تہ نيشاپوري نظيريءَ کان سواءِ ٻہ هندوستان ۾ هڪ نظيري شاعر ٿي گذريو آهي جو صاحب ديوان شاعر هو. سندس ديوان تي مير مومن استرآبادي جي مهر بہ لڳل آهي ۽ اهو وٽس موجود آهي. مولانا هڪ پيرو وري اتي لئبريءَ ڏانهن ويو تہ مون کي ڏاڍي شرمندگي ٿي، ڇاڪاڻ تہ سندس حالت اهڙي نہ هئي تہ پاڻ هر هر اتي اندر وڃي. مون محسوس ڪيو تہ ڪرسيءَ تان اٿندي ئي سندس سهڪو وڌي ٿو وڃي.

اسلامڪ ريسرچ انسٽيٽيوٽ جي ڊئريڪٽر مون کي ڪراچيءَ ۾ چيو هو تہ آءُ مولانا کان اهو معلوم ڪريان تہ جيڪڏهن هو پنهنجي لئبرري وڪڻڻ چاهي تہ قيمت مقرر ڪريان. ان سلسلي ۾ مون کي ڪجهہ چوڻ جي جرئت تہ نہ ٿي، پر جڏهن پاڻ اڌوهي کاڌل ڪتابن جو ذڪر ڇيڙيائين تہ مون ڏکيل ڳالهہ ڪندي مسئلو ظاهر ڪيو. ورائيائين تہ ائين ڪيئن ٿو ٿي سگهي. اڃا تہ پنجن سالن تائين ڪم ڪرڻ جو خيال آهي. ڪجهہ ڪم اڌورا بہ پيا آهن. ڪتابن کان سواءِ گذارو بہ تہ ڏکيو ٿو ٿئي.

مولانا جو اهو پنجسالہ منصوبو ٻڌي مان هڪو ٻڪو ٿي ويس. سندس منهن کي ڏسي، سندس تندرستيءَ جو جائزو ورتم ۽ پيرن جي سوڄ ڏانهن نظر ڪري چيم الله اڪبر! هي انسان ڪيڏي عزم ۽ پختي ارادي جو مالڪ آهي!

ڪنهن کي ڪهڙي خبر تہ هاڻي زندگي ۽ موت جي وچ ۾ رڳو ٻن ڏينهن جو وقفو باقي آهي.

چوڏهين مارچ خميس جي ڏينهن صبح ٿيندي جيئن ئي آفيس اچي ويٺس، تيئن ئي فون جي گهنٽي وڳي. اهو رازي (مرحوم) جو آواز هو جو گهبرايل ۽ هيسيل منهنجي ڪن تائين پهتو تہ مون چيو خير تہ آهي؟ چيائين: مولانا انتقال ڪري ويو. ڪڏهن؟ رات ٻارهين وڳي! انالله وانا اليه راجعون.

مان سڄو سُن ٿي ويس. ٽي ڏينهن اڳ ۾ مان سندس خدمت ۾ حاضر ٿيو هئس. منهنجي ٽيبل ڊائري ۾ ڏهين تاريخ آچر جي ڏينهن وارو ورق ڪليل ئي هو. جنهن تي منهنجو مولانا جي خدمت ۾ حاضر ٿيڻ جو پروگرام مون واري "جنن جي لپيءَ" ۾ لکيل هو.

منهنجي ذهن ۾ انهيءَ آخري ملاقات جا سمورا واقعا هڪ هڪ ٿي آڏو ايندا ويا. جيڪي بہ ڳالهيون ٿيون هيون، اهي سڀ ياد اينديون ويون ۽ بار بار سندس ڳالهايل جملا منهنجن ڪنن ۾ گونجندا رهيا. "... اڃا تہ مون کي پنجن سالن تائين ڪم ڪرڻو آهي!... ڪيترا ئي ڪم اڌورا پيل آهن!... ڪتابن کان سواءِ ڪيئن گذارو ٿيندو!..."

آچر جو ڏينهن خير سان گهر گذريو هئس. سومر ڏينهن معمول موجب آفيس ويو ۽ ڪم ڪار ڪري گهر موٽي آيو. اڱاري ڏينهن مولانا جڏهن آفيس پهتو تہ هلڪو بخار محسوس ڪيائين ۽ واپس گهر هليو آيو. رات جو سندس طبيعت وڌيڪ خراب ٿي وئي تہ اسپتال پهتو. اربع جي ڏينهن ٻهرپان بہ پهر خيريت سان گذريا ۽ جيئن جيئن ڏينهن لهندو ويو تيئن تيئن سندس طبيعت بگڙندي وئي. شام جو جيئن سج لهڻ لڳو تيئن مولانا جي نبض جو تحرڪ بہ گهٽبو ويو. اڌ رات جو اسپتال جي گهڙيال جيئن ٻارهن وڄائي ان ڏينهن ۽ تاريخ کي الوداع ڪيو ۽ تاريخ جو ورق ورايو تيئن هيڏانهن ملڪ الموت بہ مولانا محمد شفيع جي زندگيءَ جو ورق ورائي ڇڏيو. هي هڪ شخص جي زندگيءَ جو ورق نہ هو جو ورپو پر پوري قوم جي علمي وقار جو ورق هو جو اُن ڏينهن ۽ تاريخ تي هميشه لاءِ ورايو ويو. هي اهو سانحو هو جنهن جي اذيت عارضي نہ پر دائمي هئي. اها اذيت هڪ خاندان ۽ قبيلي يا شهر تائين محدود نہ هئي، پر پوري ملڪ ۽ ملت لاءِ هڪ جهڙي هئي:

تــو آگهـــي ڪـــ مـــرا از غـــروب، ايـــن خورشـــيد،
چـــ گنجـــهائي ســـعادت، زيـــان جـــان آمـــد

لئبرريءَ جي ٻوپان نئيءَ لان ۾ علمي دنيا جي هن اڳواڻ ۽ رهنما جو لاش آخري سفر لاءِ تيار رکيو هو. سندس عزيزن ۽ قريبن کان سواءِ شهر جا معزز ۽ علمي شخصيتون بہ موجود هيون. جسٽس رحمان صاحب، حميد احمد خان صاحب، حامد علي خان صاحب، مولانا صلاح الدين (مرحوم)، ڊاڪٽر سيد محمد عبدالله صاحب، ڊاڪٽر محمد عبدالله چغتائي، شيخ محمد اڪرام صاحب ۽ سيد محسن شاه صاحب جن هئا. انهن کان سواءِ يونيورسٽي جا ڪيترا ئي استاد بہ آيا هئا. جيترا بہ

ماٺهو موجود هئا. غمزده ۽ سوڳوار بيٺا هئا. سيني جي منهن تي اداسي ڇانيل هئي. سيني کي ان نقصان ۽ زيان جو اندازو ۽ احساس هو.

آخري ديدار کان پوءِ چار وڃي پنجن منٽن تي ڪفن جون ڏوريون ٻڌيون ويون. اسان ڏٺو ته هڪ مؤمن جو منهن هو جو ڏاڍو مطمئن ۽ پرسڪون ٿي لڳو. مولانا وڏي اطمينان سان هن دنيا کي ڇڏي وڃي رهيو هو.

بنده ام پاڪ روي را ڪه، درين دير ڪهن
تا زيد باڪ زيد، چون برود پاڪ رود

پوري سادي پنجين وڳي خاڪي جسم کي خاڪ جي سپرد ۽ خالق جي حوالي ڪري، سندس عزيزن ۽ عقيدتمندن جو اهو ننڍڙو قافلو ڦرجي ويل قافلي وانگر اَچرهه جي قبرستان مان ٻاهر نڪتو ۽ ٿوري دير کان پوءِ هرڪو پنهنجي پنهنجي گهر هليو ويو. مولانا کي اسين رخصت ته ڪري آياسون، مگر:

گيرم ڪه شدي زديده، مستور
از سينه من، ڪجا شوي دور

--------

# سنڌي ٻوليءَ کي للڪار

[محترم عبدالغفور "الستي" ميمڻ "ملير ڊائجيسٽ" حيدرآباد ۾ "سنڌي ٻوليءَ کي للڪار" جي عنوان سان بحث جو هڪ سلسلو شروع ڪيو هو. ان مباحثي جي موٽ سڀ کان اول، راشدي صاحب هڪ خط جي صورت ۾ ڏني، جو مذڪوره پرچي ۾ جولاءِ 1972ع ۾ ڇپيو هو. هي مختصر مگر يادگار تحرير پوءِ "سنڌي ٻوليءَ کي للڪار" نالي ڪتاب ۾ پڻ شايع ٿي. ايڊيٽر جي نوٽ سان گڏ هي تحرير هيٺ ڏجي ٿي]

اسان سڀ کان اول هن مضمون ۾ سنڌ جي مشهور عالم، مؤرخ، محقق، مقرر ۽ مختلف ٻولين جي وڏي ڄاڻوءَ جناب پير حسام الدين شاه راشدي جو هڪ خط ڏئي رهيا آهيون، جيڪو ويجهڙائيءَ ۾ "ملير ڊائجيسٽ" اداري کي سندن طرفان پهتو آهي. پير صاحب جن جو هي خط نہ فقط پنهنجي منڙي ۽ مادري ٻوليءَ سان بي پناه محبت ۽ عقيدت جو اظهار آهي، پر ساڳئي وقت اسان سڀ جيڪي سنڌي ٻوليءَ جي ڀلائي چاهيون ٿا، انهن لاءِ رهنمائي جي حيثيت رکي ٿو.

هي سلسلو شروع ڪرڻ وقت اسان ٻولي جي عام ڄاڻن کان سواءِ، ٻولي جي خاص ڄاڻن کي بہ اها اپيل ڪئي هئي تہ هو اسان جي هن سلسلي ۾ رهنمائي ڪندا رهن ۽ پير صاحب بہ انهن خاص ڄاڻن مان هڪ هئا، جن کي اسان اپيل ڪئي هئي. جيئن تہ پاڻ ان اپيل جو جواب اسان کي موڪليو اٿن، تنهنڪري اسان هن مهيني جي سلسلي ۾ "چئلينج جو جواب ڏيندڙ" ڪين ٿي سڏيو آهي ۽ چئلينج کي قبول ڪرڻ ۽ ان جو جواب ڏيڻ لاءِ سندن ٿورائتا آهيون.

هن کان پوءِ باقي جيڪي بہ صاحب خاص ڄاڻن مان رهن ٿا، انهن کي وري اسان جي چوٿون دفعو اپيل آهي تہ هو پنهنجي ڄاڻپ سان اسان

جي اڻ ڄاڻائيءَ کي دور ڪندا رهن. هن طرح بہ پنهنجيءَ ٻوليءَ جي هن خدمت ۾ اسان جي رهنمائي ڪن.

--------

محترم عبدالغفور صاحب، السلام عليڪم. عرض تہ خط ڪيترن ڏينهن کان پهتل هو. پر جواب ۾ دير ٿي، جنهن لاءِ اميد تہ بخش ڪندا، سنڌيءَ جي سلسلي ۾ منهنجي راءِ آهي تہ:

1. سنڌي اخبارون خبرن ۽ عنوانن ۾ زبان کي خراب ڪري رهيون آهن. لکندڙ اردو اخبارن تان ترجما ڪري يا اردو لٽريچر ۽ اخبارون پڙهي ٻوليءَ ۾ جيڪي لفظي ترڪيبون يا محاورا ڪتب آڻي رهيا آهن، سي ڪنهن صورت ۾ زبان ۾ نهڪي نہ ٿا بيهن. اوهان هر رسالي ۾ مهيني جي اخبارن ۾ ڪتب آيل ترڪيبون، عنوان، لفظ ۽ محاورا گڏ ڪري ڇاپيندا رهو. جيئن اخبار نويسن کي خبر پوي تہ سنڌي زبان جي ڄاڻ يا اڻ ڄاڻائيءَ سبب هو ڪيئن ٻولي جي ٻيڙي ٻوڙي رهيا آهن. جڏهن اهڙي فهرست گڏ ڪندا تہ پوءِ اوهان کي انهيءَ ڪلور جي خبر پوندي.

2. فارسي ۽ عربي اکر گهٽي ۾ گهٽا ڪتب آڻڻ علم جي نہ بلڪ جهالت ۽ پنهنجي زبان کان اڻ ڄاڻائيءَ جي نشاني آهي. آءٌ 1928ع کان 1937ع تائين اخبارن ۾ ابوالڪلام ۽ ظفر علي خان جي پوئواري ۾ فارسي ۽ عربي جا وڏ ڦڙا وسائيندو هوس. ليڪن اڄ جڏهن اهي مضمون پڙهان ٿو تہ نہ ڇڙو غلطي محسوس ڪريان ٿو. پر شرم ۾ ڪل اچي ٿي.

3. آسان ۽ نج زبان لکڻ نهايت ڏکيو ڪم آهي. غالب، سر سيد ۽ عبدالحق اردو کي تمام سليس لکيو ۽ خاص طرز پيدا ڪئي. سنڌيءَ ۾ مرحوم گربخشاڻي، ڄيٺ مل پرسرام، پروفيسر شاهاڻي، مولانا فتح محمد سيوهاڻي، مولانا وفائي ۽ دائود پوٽي مرحوم سليس، روان ۽ صاف سنڌي لکي آهي. اڄ بہ اوهين اهي لکتون پڙهو، جڻ لذت پئي ايندي.

4. ڳالهائيندڙن ۾ آءٌ مرحوم علامہ قاضي صاحب جي سنڌيءَ جو قائل آهيان. جڏهن سائن سنڌيءَ ۾ ڳالهائبو هو تہ جواب ۾ ڪوبہ لفظ ڌارين زبان جو ڪتب ڪو نہ آڻيندا هئا.

شهرن ۾ رهي رهي ڏارين سان اٿي ويهي اسان ماڻهن جي زبان خراب ٿي وئي آهي. سچ پڇو ته اسان کان پنهنجي زبان وسري وئي آهي. اڳتي هلي جنهن جا نتيجا ڏاڍا ڏکوئيندڙ نڪرندا. سنڌي زبان جي صورت بدلجي ويندي ۽ اهو هاڃو اسين پنهنجو پاڻ ڪري رهيا آهيون. جنهن لاءِ آءٌ گهڻي ۾ گهڻو جوابدار سنڌي اخبارن کي سمجهان ٿو ڇاڪاڻ ته پنهنجي زبان ۾ سنڌين مطالعو ڪونه آهي. اردو اخبارون پڙهن ٿا. جڏهن لکڻ ويهن ٿا تڏهن اها ئي زبان استعمال ڪن ٿا. جيڪا هنن صبح جو اردو اخبارن ۾ ڏٺي آهي. تڙ تڪڙ ۾ اهي ئي عنوان ۽ لفظ سنڌن دماغ سوچي ٿو.

ڪراچي واري "هلال پاڪستان" ۾ ٻولي جي صفائي جو بيحد خيال ڪيو وڃي ٿو. سنڌس روش کي پنهنجو ڪرڻ هرهڪ لکندڙ جو فرض آهي.

5. اوهان جيڪي مقابلي ۾ لفظ ڏئي رهيا آهيو تن کي اجا آسان ڪرڻ گهرجي، اهي ٺهڪن نه ٿا.

6. سنڌي زبان جهڙي شاهوڪار زبان ۾ ڌارين ٻولين جا لفظ آڻڻ آپگهات ڪرڻو آهي. غلط آهي، ناجائز آهي، گناهه آهي ۽ آخر ۾ اهو طريقو لکندڙ لاءِ ۽ زبان لاءِ گهاتڪ ٿيندو.

-------

# سلطان محمود بکري ۽ شاهه طهماسپ صفويءَ جا لاڳاپا*

[هي پيپر محترم سيد حسام الدين راشدي سال 1972ع ۾، ايران شناسن جي بين بين الاقوامي ڪانگريس تهران ۾ پڙهيو هو. جو تازو اسلام آباد مان نڪرندڙ رسالي "دانش" نمبر: 9 (بهار 1366 شمسي هجري) ۾ ڇپيو آهي. نظريئہ ضرورت تحت رسالي جي اهلڪارن هن مقالي جو عنوان تبديل ڪري "ايراني دربار ۽ سنڌي جي دربار جا ڏهين صدي هجريءَ ۾ تعلقات" موضوع سان ان کي ڇاپيو آهي. هن مقالي جو سنڌي ترجمو "مهراڻ" 1988/1ع واري پرچي ۾ شايع ٿيو آهي]

ڏهين صدي هجري (قمري) ۾ بخرا ڪان دهليءَ تائين، قديم گهراڻا ختم ٿيا ۽ بين خاندانن انهن جي جاءِ والاري. قديم حڪومت ختم ٿيون ۽ نيون قوتون نسري نروار ٿيون. شيبانين جو خاتمو (906هہ/1500ع)، صفوي سلطنت جو قيام (907هہ/ 1502ع)، هرات جي تيموري خاندان جو زالن ۽ اولاد جي ڪثرت سبب گل ٿيڻ (913هہ/ 7ـ1506ع)، بابر جو فرغانہ کان ڀڄي ڪابل ۽ قنڌار تي قابض ٿيڻ (928هہ/1521ع)، شاهہ بيگ جو قنڌار ۾ بابر هٿان شڪست کائڻ ۽ سنڌ طرف اچي سمن جي خاندان کي ختم ڪري نئين حڪومت ناهڻ (927/1520ع)، شير خان سوريءَ هٿان همايون جي شڪست ۽ سنڌ ۾ پناهہ نہ لهڻ (1 رجب 947هہ/2 نومبر 1540ع- 9 ربيع الثاني 950 هہ/ 17 جولاءِ 1543ع)(1). ۽ شاهہ طهماسپ جي دربار ۾ پهچي، تخت ۽ تاج جو هن بادشاهہ جي مدد سان واپس وٺڻ. هي سڀ واقعا ڏهين صدي هجريءَ جي ابتدائي چوٿائيءَ ۾ ٿي گذريا، ان ڪري ايران جون قديم سياسي، ملڪي ۽ علمي حالتون. توڙي هند پاڪ

---

* ترجمو: غلام محمد لاکو.

نئيڪنڊ جو نقشو بہ بدلجي ويو. اهو ئي سبب آهي جو پوءِ نئي ڪنڊ تي، صدين تائين ايران جي برتري جاري رهي. هتانَ جي ملڪي ماحول ۽ اجتماعي سياست کي جن بہ اميرن، عالمن ۽ مدبرن تشڪيل ڏنو ۽ نئين زندگي بخشي، اهي يا تہ ايراني يا وري توراني هئا.

سلطان محمو بکري ۽ سندسن خاندان بہ انهن ماڻهن ۾ شامل آهي، جن ڏهين صديءَ جي ابتدا کان وٺي آخر تائين هرات، ڪابل ۽ قنڌار توڙي سرزمين سنڌ تي مهمون سرانجام ڏنيون. امير ذوالنون ارغون ۽ شاه بيگ جي وقت سلطان محمو جو پيءُ مير فاضل ڪوڪلتاش ڪابل، قنڌار بست ۽ زمين داور تي قائم رهيو (2). ان بعد هي ان ملڪ مان تڙيا ويا ۽ اچي سنڌ تي قابض ٿيا. هن خاندان جي ڪجھ ماڻهن خاص ڪري والد جي موت کان پوءِ سلطان محمود ملڪي معاملن جي لاهن چاڙهن ۾ اڻ مٽ نشان ڇڏيا(3). شاه حسن ارغون جي وفات (962هہ/1555ع) تي جڏهن سندس ڪو وارث نہ رهيو سلطان محمود اتر سنڌ ۾ سيوهڻ کان سبيءَ تائين پنهنجي الڳ سلطنت جو بنياد رکيو.

سلطان محمود جا وڏا خوارسڪان جا هئا. جيڪو اصل ۾ تحصيل "جي" جو هڪ ڳوٺ هو (4). مير محمد معصوم بکري پنهنجي "تاريخ سنڌ" ۾ سندس خانداني سلسلو هن ريت لکيو آهي: "سلطان محمود بن مير فاضل بن مير عادل بن احمد خواجہ"(5). وڌيڪ لکي ٿو تہ: احمد خواجہ جو واسطو ٽن پيڙهين ذريعي ملڪ محمود نان دھہ (ماني ڏيندڙ) سان لڳي ٿو. جو اصفهان ۾ پهچ ۽ سخا جي ڪري مشهور هو. جنهن وقت امير تيمور اصفهان کي تاراج ڪيو (789هہ/1387ع) (6)، ان وقت محمود جو وڏو ڏاڏو احمد خواجہ، امير ذوالنون ارغون جي پيءُ امير حسن جي هٿ چڙهيو ۽ ان وقت کان شاه حسن ارغون (پوٽو امير ذوالنون) جي وفات تائين هي خاندان ساڻن گڏ رهيو.

ارغونن سان گڏ ترخان بہ سنڌ ۾ آيا جن جو تعداد گهٽ هو. جڏهن تہ مير فاضل ڪوڪلتاش. جو خاندان چند ماڻهن تي مشتمل هو(7). ان جي باوجود بہ ڏسڻ ۾ اچي ٿو تہ. ترخانن جي دشمني ۽ رقابت هوندي بہ. سلطان محمود اڌ سنڌ تي مسلط ٿي ويو. ونس جانباز ۽ وفادار سپاهي هئا.

جنهنڪري پاڻ ترخانن تي حاوي رهيو. پاڻ مشڪل ڪمن کي سمجهڻ ۽ مسئلن حل ڪرڻ ۾ وڏي مهارت رکندو هو. سندس شخصيت نهايت دلچسپ هئي. سنڌ جي تاريخ ۾ جهڙس سياسي بصيرت جو مثال گهٽ ملي ٿو.

پاڻ جنهن وقت حڪومت جي واڳ ورتائين، اهو دور خطرن سان پر هو. ٺٽي جو حاڪم مرزا عيسيٰ ترخان سندس سخت دشمن هو ۽ سندس وجود کي ختم ڪرڻ جي ڪِد هو. هندوستان ۾ همايون بادشاهه، شاهه حسن جي موت کان هڪ مهينو اڳ (9 جمادي الاول 962/10 اپريل 1555ع)، لاهور تي قبضو ڪيو هو (3 ربيع الاخر 962هه/24 فيبروري 1555ع)، ۽ ٽي مهينا پوءِ (2 شعبان 962هه/22 جون 1555ع)، سرهند وٽ سورين کي شڪست ڏئي، ٻيو ڀيرو سرزمين هند تي مغلن جو جهنڊو کوڙيائين. همايون بادشاهه پڻ سلطان محمود جو دشمن هو. جڏهن هو شير شاهه سوريءَ هٿان شڪست کائي، سنڌ پهتو هو (28 رمضان 947هه/24 فيبروري 1541ع- 7 ربيع الثاني 950هه/17 جولاءِ 1543ع)، تڏهن سلطان محمود پنهنجي ولي نعمت، شاهه حسن ارغون جي حڪم موجب، هرجاءِ تي سندس مزاحمت ڪئي هئي ۽ کيس ڪٿي به آرام ڪرڻ نه ڏنائين. ايتري تائين جو مجبور ٿي کيس ايران وڃڻو پيو. مير معصوم موجب، سلطان محمود هٿان جيڪا شڪست بادشاهه همايون کي آئي، ۽ سندس بهترين امير ڪتب آيا، ان ڪري هو سنڌ ڇڏي ايران طرف پناهه وٺڻ لاءِ مجبور ٿيو (8).

ان ۾ ڪو به شڪ نه آهي ته سلطان محمود خان پنهنجي اباڻي وطن سان نسبت برقرار رکي. شاهه حسن جي دور ۾ (930هه/1524ع- 962هه/1555ع)، جڏهن پاڻ اجا بکر جو نائب حاڪم هو، ايرانين ۽ خاص ڪري ديني بزرگن سان رستو پيدا ڪري، خط و ڪتابت جو تبادلو جاري ڪيائين. جڏهن ارغونن ۽ ترخانن ۾ ٺٽي ۾ شاهه حسن جي پڄاڻيءَ ڏاري بغاوت جو جهنڊو بلند ٿيو (محرم 962هه نومبر 1554ع)، تڏهن سلطان محمود بکر مان فوجي جٿا ساڻ ڪري، پنهنجي ولي نعمت جي مدد لاءِ خود روانو ٿيو. سيد جعفر مشهدي ٻي منزل تي اچي سائس

مليو ۽ روضءَ رضويہ جي نقيبن پاران، نقارن جو هڪ جوڙو پيش ڪيائين (9). ان ڪي پنهنجي حڪومت لاءِ سٺو سوڻ سمجهي وڏي احترام سان قبول ڪيائين.

جنهن وقت سلطان محمود ايران سان لاڳاپا پي وڌايا، تڏهن پاڻ هن حقيقت کان غافل نہ هو تہ جيسين همايون بادشاهہ جي دل ۾ ڪدورت باقي هوندي، تيسين پاڻ اطمينان سان حڪومت نہ ڪري سگهندو. مرزا شاهہ حسن جي وفات وقت اتفاق سان، ترڪ اميرالبحر سيدي علي رئيس بہ موجود هو سو عيسيٰ ترخان جي بجاءِ سلطان محمود جي ويجهو اچي ويو. سلطان محمود بہ هن لاڳاپي مان فائدو ورتو ۽ جڏهن اميرالبحر هندوستان جو ارادو ڪيو، تڏهن کيس صورتحال کان واقف ڪري صلح جي درخواست ڪيائين.

سلطان محمود سان بخت ياوري ڪئي. سيدي علي رئيس کيس بادشاهي مهر سان خوشنوديءَ جو فرمان موڪلي ڏنو (10). ان وقت موجود خطرو ٽري ويو ۽ چند مهينن کان پوءِ همايون بادشاهہ بہ فوت ٿي ويو (10 ربيع الاول 963هہ/28 جنوري 1556ع).

سلطان محمود ان دوران شاهہ طهماسپ کي پنهنجو مددگار ۽ دوست سمجهي، چند ڀيرا پنهنجو سفير موڪلي بخشش ۽ لقب حاصل ڪيو. مير معصوم جي تاريخ سنڌ ۾ اچي ٿو تہ سال 965هہ (57-1558ع) ۾ شاهہ ايران، سلطان محمود کي "خان" لقب عطا ڪيو (11). هن لقب کي گورگاني (مغليہ) مؤرخن سطحي سمجهي اهميت نہ ڏني، ۽ هميشه کيس سلطان محمود بکري ڪري لکيو اٿن. سنڌ ۾ هي لقب سندس نالي جو حصو بنجي ويو ۽ سڀني سنڌي تاريخ دانن کيس سلطان محمود خان بکري طور ياد ڪيو آهي. هن لقب سان گڏ کيس علم، نقاري، سروپاءِ ۽ ٻين تحفن سان نوازيو ويو (12).

همايون جي وفات سان ختم ٿيل خطرو وري موٽي آيو. سندس جاءِ نشين اڪبر جوان بلڪ نوجوان هو. جڏهن همايون جي لاءِ سلطان محمود خان تڪليف پيدا ڪئي، تڏهن عمر ڪوٽ ۾ اڪبر ڄائو (5 رجب 949هہ/15 آڪٽوبر 1542ع). هي ٻار ڇهن مهينن جو هو تہ

همايون سنڌ ڇڏي ايران ۾ پناهه ورتي. جيتوڻيڪ پيءُ هن واقعي کي وساري ڇڏيو ليڪن پٽ ان کي فراموش نہ ڪيو هو. هو انتقام وٺڻ لاءِ تيار هو. انهن خاص ماڻهن جي اڪثريت اڃا زنده هئي، جن تڪليفون ڏنيون هيون ۽ اهي ڳالهيون ڪري سندس (اڪبر) ياد کي تازو ڪندا هئا. اڪبر جو استاد سپهہ سالار خانخانان بيرم خان ۽ اڪبر جي ڦڦي گلبدن بيگم انهن ڏينهن جا ڏکويل زنده هئا. ان ڪري مصيبت اچڻ جو خطرو هر وقت موجود هو.

سلطان محمود خان اهي خطرا ڏسي، ڏاهپ ڪري خانخانان بيرم خان جي هڪ عزيز، تردي بيگ جي ڌيءَ گوهر تاج خانم سان شادي ڪري ورتي. مير معصوم لکي ٿو: عجيب طريقو رٿي شهر ۽ بازار ۾ هڪ دستور سان قبا تيار ڪرايائون ۽ متعدد مجلسون ڪري قسمين قسمين مزا ورتائون(13). ظاهر آهي تہ ڪو ماڻهو ستهٺ سالن جي عمر ۾ شاديءَ جو اهڙو جشن نہ ٿو ڪري. ڪيس نہ تہ مباشرت جي ضرورت هجي ٿي ۽ نہ وري نبوي سنت جو طريقو پورو ڪرڻ مقصد هو. هن واسطيداري پيدا ڪرڻ جو هڪ ئي سبب هو تہ جيئن بيرم خان تان ناگوار ۽ اڻ وڻندڙ صورتحال کي دفع ڪجي. اڪبري دربار جو هي پراڻو ملازم جڏهن عتاب ۾ آيو ۽ منصب تان معزول ٿيو ۽ ڪعبتہ الله جي زيارت تي سنبريو تڏهن ڪجهہ وقت بکر ۾ تڪڙ گهريائين ٿي. سلطان محمود خان موقعي جي نزاڪت ڏسي، متي مائٽيءَ جو واسطو ترڪ ڪري، ٻيرلوءِ جي "چهار باغ" کي ويران ڪرائي ڇڏيو تہ جيئن بيرم خان ان سرسبز ۽ شاداب جاءِ تي رهي نہ پوي (14). همايون بادشاهہ بہ ان جاءِ کي گهڻو پسند ڪيو هو. هي عمل سندس حالت سمجهڻ جو هڪ وڏو دليل آهي.

اڪبر سان گهڻي ويجهڙائيءَ کي سلطان محمود خان پسند نہ ٿي ڪيو. ڇو تہ ان ريت پنهنجي حڪومت وڃڻ جو امڪان هئس. هن ڪان پري ٿيڻ بہ نہ ٿي چاهيائين، جنهن ۾ پڻ حڪومت وڃڻ جو خطرو ڏٺائين ٿي. ان ڪري سياسي طرح شاهہ ايران کان، خاص عنايتون حاصل ڪرڻ جي راهہ هموار ڪيائين.

محمود کي "خان" لقب عطا ٿيڻ بعد، شاهه طهماسپ جو ايلچي حق بردي بيگ هيرن جو هار تاج، جڙاءَ دار ڪمربند، قيمتي سروپاءَ، چٽ، اتاغہ، جيغئہ زلف، عقار ۽ ٻيون قسمين قسمين نوازشون ۽ بادشاهي انعام کڻي بکر ۾ حاضر ٿيو (15). سفير جو جوڳو استقبال ڪري، سلطان محمود کيس گهڻي عزت ڏني. هي عمل بادشاهه اڪبر جي ڏيکاءَ کان علاوه پنهنجي پراڻي دشمن مرزا عيسيٰ ترخان تي رعب وجهڻ لاءِ پڻ هو. مير معصوم لکي ٿو: حق بردي بيگ سڄو سال بکر ۾ رهيو ۽ جڏهن واپسيءَ جو ارادو ڪيائين، تڏهن سلطان محمود خان ساڻس گڏ سيد ابوالمڪارم سبزواريءَ کي سفير ڪري موڪليو (16). هن صفوي دربار ۾ مهربانيون حاصل ڪيون. سال 971هہ/1563ع جي باري ۾ صاحب عالم آراي عباسي لکي ٿو: "سن نو سؤ ايڪهتر ۾ سلطان محمود خان بکر ۽ سنڌ جي حاڪم پنهنجي سفير ابوالمڪارم کي موڪليو. هن گهڻي وفاداري، عقيدت ۽ موروثي سچائي ڏيکاريندي، قيمتي تحفا بہ موڪليا هئا. (17).

شاهه طهماسپ ٻيو ڀيرو بہ حق برديءَ کي سلطان محمود خان جي دربار ۾ موڪليو ۽ مير معصوم موجب هن ڀيري کيس "خانخاني" لقب عطا ڪيو ويو. هو لکي ٿو: "ٻيو ڀيرو حق برديءَ کي مير ابوالمڪارم سان گڏ ڏياري موڪليو. سلطان محمود خان کي "خان خاني" لقب ۽ طرحين طرحين نوازشن ۽ مهربانين سان نوازيو (18). سلطان محمود خان وٽ حق برديءَ جي اچڻ ۽ هن لقب ملڻ جو سال مقرر ڪرڻ ذرا مشڪل آهي، ڇو تہ مير معصوم واقعاتي تسلسل ۽ تاريخن جي درستگيءَ ۾ لاپرواهہ ڏسجي ٿو. هن ڏس ۾ "تاريخ معصومي" سن 970هہ/1563ع لکي ٿي (19). جڏهن تہ "عالم آر اي عباسي" سال 971هہ/ 1563ع ڏنو آهي. مير ابوالمڪارم جي واپسي "احسن التواريخ" پڻ هن سال ۾ ڄاڻائي ٿي. جيئن اچي ٿو تہ: سن نو سو ايڪهتر ۾ شاهه عالم پناهہ جي دربار ۾ قاصد ۽ سوکڙيون موڪليائين. سلطان محمود خان بکر جي حاڪم ابوالمڪارم هٿان تحفن جا ڪئين قسم موڪليا..... شاهه دين پناهہ قاصدن (سفيرن) کي قيمتي خلعتون بخشي واپس موڪليو (20).

بهرحال سلطان محمود خان لقب "خانخاني" سان مشهور نہ ٿيو (21). ۽ اهڙو اشارو بہ ايراني تاريخن ۾ نہ ٿو ملي. حقيقت ۾ هي لقب ايراني نہ هو. بلڪ خاص گورگاني (مغليہ) دربار جو هو. هن ڏس ۾ مير معصوم غلطي ڪئي آهي. اهو سلطان محمود خان ئي هو جنهن گهريو ٿي تہ بيرم خان جي وفات بعد, گورگاني دربار جو هي اعليٰ ترين لقب کيس ڏنو وڃي. سندس خيال هو تہ ان لقب ملڻ سان, هو پاڻ کي پنهنجن داخلي داشمنن, مرزا عيسيٰ ترخان ۽ پوءِ سندس پٽ مرزا محمد باقيءَ کان محفوظ رهندو. ان ريت ان منظوريءَ لاءِ مير ابوالمڪارم (22), کي صفوي دربار ۾ موڪلي ڏنائين. ايراني بادشاهه وٽان سفير حق برديءَ جي منزل اڪبري دربار ڏي هئي. هو چند ڏينهن بکر ۾ رهي پوءِ اڪبري دربار ڏي روانو ٿيو ڏسجي ٿو.

اسان کي خبر آهي تہ شاهه طهماسپ ۽ اڪبر بادشاهه ۾, قنڌار جي معاملي ڪري رنجش موجود هئي. ان هوندي بہ ٻنهي بادشاهن ۾ چڱا تعلقات هئا. هي اندازو شاهه طهماسپ کي موڪليل جواب مان ٿئي ٿو جيڪو ابوالفضل "اڪبرنامہ" ۾ محفوظ ڪيو آهي. هو لکي ٿو: سن 972هہ/1564ع ۾ شاهه طهماسپ جو ايلچي يڪجهتيءَ جي گلدستي ۽ هن دربار جي تحفن سان گڏ پهتو. سلطان محمود خان بکري پانهپ جو اظهار ڪيو ۽ سندس خواهش هئي تہ هو خانلرخاني يعني "خانخاني" جو لقب هن درگاهه مان حاصل ڪري. اڳ ۾ منصب, روڪڙ ۽ سفارش تي ملندا هئا پر جڏهن اڪبر مسند تي ويٺو تہ هن اهي لقب اهليت جي بنياد تي ڏيڻ شروع ڪيا ۽ سفارش کي رد ڪيو ويو. ان صورتحال ۾ جڏهن هي لقب منعم خان کي مليل هو انهيءَ ڪري عذر ڪيو ويو ۽ ايلچيءَ کي واپس موڪليو ويو (23). هن عبارت مان اڪبر ۽ طهماسپ جي لاڳاپن جي صورتحال سامهون اچي ٿي.

منهنجي تحقيق موجب حق بردي هي پيغام آندو ۽ ابوالمڪارم سان گڏ بکر پهچي پوءِ اتان اڪبري دربار ڏي ويو. هن سفارت کي مير معصوم صحيح طرح نہ سمجهيو ان ڪري شاهه طهماسپ جي سفارش جي حوالي سان گفتگو ڪندي, هن لقب ڏيڻ کي مذڪوره بادشاهه ڏي منسوب ڪيائين.

شاهه طهماسپ کي اڪبر جي پهتل جواب مان ظاهر ٿئي ٿو تہ سلطان محمود کي اڪبر "اعتبار خان" جو لقب ڏنو هو ۽ مستقبل ۾ پڻ وڏيڪ نوازشن جو واعدو ڪيو (24). هن حوالي کان سواءِ اهڙو ٻيو ڪوبہ ماخذ هن لقب جو ذڪر نہ ٿو ڪري، تاريخ مير معصوم، اڪبر نامہ ابوالفضل ۽ ٻوين ڪتابن مان تذڪرة الامرا ڪيولرام؛ سيئي هن متعلق خاموش آهن. پويون ڪتاب خاص انهن اميرن بابت آهي، جن کي بادشاهن وٽان لقب مليل هئا. ان ۾ بہ سلطان محمود خان کي "اعتبار خان" جي لقب سان ياد نہ ڪيو ويو آهي. ڇئي نہ ٿو سگهجي تہ بادشاهه اڪبر جي خط ۾ ڇو ۽ ڇا لاءِ اهڙو اشارو ٿيل آهي؟

ميرزا عيسيٰ ترخان سن 973هہ/1565ع ۾ وفات ڪئي ۽ سندس ظالم ترين پٽ مرزا محمد باقي مسند نشين ٿيو (25). جنهن کي سلطان محمود سان دشمني پنهنجي پيءُ کان ورثي ۾ ملي ۽ هن بہ ان کي برقرار رکيو.

سلطان محمود خان ۽ شاهه طهماسپ ۾، سن 973هہ/1565ع کان پوءِ تاريخن ۾ سفيرن جي اچ وڃ جو احوال ڪونہ ٿو ملي. پر ان زماني جي واقعن مان اهڙا اشارا ملن ٿا، تہ سلطان محمود جو ايران سان خاص تعلق آخر تائين برقرار رهيو. مرزا باقي سن 974هہ/1566ع ۾ اڪبر بادشاهه کي هڪ درخواست موڪلي ۽ شڪايت ڪئي تہ سلطان محمود، سندس حدن ۾ قنڌار جي قزلباشن جي لشڪر سان، دخل اندازي ڪري ٿو جنهن لاءِ کيس تنبيهہ ڪئي وڃي (26). هن مان ظاهر ٿئي ٿو تہ سلطان محمود، جو شاهه طهماسپ جي پائٿي قنڌار جي والي سلطان حسين ميرزا (984هہ/1576ع) ولد بهرام ميرزا سان ويجهو واسطو هو.

پرآشوب ۽ پر خطر زندگيءَ جا اسي سال پورا ڪرڻ بعد، هاڻي سلطان محمود خان ڪمزور ۽ ٿڪل هو. پيري مٿس حاوي ٿي چڪي هئي. کيس پٽاٽو اولاد نہ هو، جو ڪانئس پوءِ حڪومت جي واڳ سنڀالي. هڪ نياڻي "بکري بيگم" نالي هيس، جا سال 980هہ/1572ع ۾ اڪبر کي نڪاح ۾ ڏنائين (27)، ۽ گهريائين تہ باقي حياتي آرام ۽ سڪون سان گذاري. ليڪن موت کيس ٻن سالن کان وڌيڪ مهلت نہ ڏني ۽ 8 صفر 982هہ / 30 مئي 1574ع تي جلندر جي مرض وگهي چوراسي سالن جي

عمر ۾ فوت ٿي ويو (28). بہ سال پوءِ 984هہ/ 1576ع ۾ سندس مربي ۽ محسن شاه طهماسپ بہ مري ويو. اهڙيءَ ريت خير سان هنن ٻن شخصن جا لاڳاپا بہ پورا ٿيا.

سلطان محمود جي تعريف ڪندي مير معصوم لکي ٿو تہ: گهڻين صفتن جو مالڪ هو بهادر ۽ سخي هو سندس همت مشهور آهي ۽ سندس طبيعت ۾ ڏاڍي تکائي هئي. جڏهن ڪاوڙبو هو تہ آپي مان نڪري ويندو هو خونريزيءَ کان بہ ٽارو نہ ڪندو هو بلڪ ٿوري وهم ۽ بدگمانيءَ تي ماڻهن جو گهربار برباد ڪري ڇڏيندو هو. اهڙي شخص جي تاريخ وفات بہ "در بهشت آسود" مان لڌائين (29).

982هہ

## حوالا ۽ حاشيا:

(1) همايون اِن پرشيا، ص 1ـ 49، ڪلڪتہ، 1948ع.

(2) ڏسو 920هہ جو ڪتبو جيڪو مير فاضل ڪوڪلتاش، بابا حسن ابدال (بابا ولي) قنڌاريءَ جي مزار تي نصب ڪيو (مجلہ آريانا، ڪابل، ش 10، سال 6) ۽ تحفة الڪرام (حصہ اول، ص 95ـ 192)، راقم الحروف جو مرتب ڪيل (1971ع). پڻ ڏسو مولانا صبحي جي حڪايت، جنهن مان ظاهر ٿئي ٿو تہ، مير فاضل 'ڪزيو' زمين داور جو جڏهن صوبيدار هو ان وقت ايترا تہ ظلم ڪيائين جو ماڻهو دانهون ڪرڻ لڳا (بدايع وقايع واصفي، ماسڪو، ص 57ـ 1156، ۽ تحفة الڪرام، ص 495).

(3) شاهہ بيگ جي دور ۾ سلطان محمود بکر جو عملدار هو (مير معصوم، ص 122). شاه حسن جي وقت ۾ محمود جي حدن ۾ بکر، سبي ۽ شال (ڪوئيٽہ) شامل هئا (طاهري، ص 72). سبي 950هہ ۾ سندس تحويل ۾ آئي (مير معصوم، ص 220). محمود ثالي سان بکر جي نسبت ان ڪري تي جو سندس سمورو دور هتي گذريو. تاريخ طاهري لکيو آهي تہ. شاه حسن ملتان جي فتح (933هہ) کان پوءِ ملڪ جو هي حصو پوري طرح سندس عملداريءَ ۾ ڏئي ڇڏيو: بکر پهتو. محمود خان بن فاضل ڪوڪلتاش کي اتي جو (بکر) قائم مقام ڪري، سيوهڻ جي سرحد کان ملتان ۽ سبي ۽ گنجاواه تائين جوڻ مهمون کيس سپرد ڪيائين (ص 72).

(4) خوارسڪان (فرهنگ جغرافياي ايران، جلد 10، ص 216_80)، (گنجينہ تاريخي اصفهان، ص 303)، اصفهان ۽ يزد جي رستي تي واقع آهي. خراسگان بہ لکيو ويو آهي (فرهنگ آباد هاي ايران، ص 170). جَي (فرهنگ جغرافياي ايران، جلد 10، ص 216_60، فرهنگ آباد هاي ايران، بخش اول، ص 126). جَي، اصفهان سان لاڳو هڪ ديهہ جو نالو آهي. شعر ۾ هن ريت آيو آهي:

چهار شهر عراقش هميشہ باد مقام
بہ چار فصل کہ نبود زوالش اندر پي
ربيع در قم و هنگام صيف همدان
خريف در جَي فرخنده و شتا در ري

قابوس نامہ جي تي ختم ڪيو ويو آهي:

نوشت دفتر قابوس نامہ بخطي
چو آفتاب هويدا و در نظر چو جدي
بروز بيست و هفتم ز ماه زيقعده
سال شش صد و هفتاد وسہ بخطۂ جَي

ان ريت "ڪليلہ ودمنہ" جو قديم نسخو (673هہ) جَي ۾ ڪتابت ٿيو:

بسال ششصد و هفتاد و سہ بخطۂ جي
کہ شد تهي ز بد انديشي و جفا کيشي

(از سعدي تاجامي، ص 45_ 144)

جي جو قصبو راقم الحروف مارچ 1974ع ۾ ڏٺو ۽ ان تي هڪ مقالو بہ لکيو (هلال پاڪستان، ڪراچي)، اصل ۾ هي عبارت غلط لکي وئي آهي ۽ ڪتابت جي غلطي آهي. ساڳي غلطي "منتخب التواريخ" اتڪي کان بہ ٿي آهي: اصل ايشان از ملوک جره من اعمال اصفهانست (قلمي). جره جي جاءِ تي جي هجڻ کپي. تاريخ سنڌ، مير معصوم ۾ عبارت هن طرح غلط ٿي وئي آهي: موضع خراسان و اصل ايشان از ملوک چين من اعمال دارالسطنت اصفهان (ص 218). جڏهن تہ ٿيڻ ائين کپي: موضع خراسکان واصل ايشان از ملوک جَي من اعمال دارالسطنت اصفهان.

(5) تاريخ سنڌ، مير معصوم، ص 218.

(6) عراق ۽ عجم تي تيمور جو هي ٻيو حملو هو (798هه - 1387ع)، جنهن ۾ اصفهان جي سيني باشندن کي نشانو بنايو ويو (هسٽري آف دي ارغونس اينڊ ترخانس آف سنڌ، ص 251، 1972ع، ايم.ايچ.صديقي، بحوالہ: توزڪ تيموري، ظفرنامہ، روضتہ الصفا، حبيب السير).

(7) سلطان محمود جو سلسلو هن ريت آهي:

احمد خواجہ

789هہ

عاقل خواجہ اتڪ — عادل خواجہ

مير فاضل وفات 928هہ — امان سلطان بيچہ

شاه بيگ سان گڏ سنڌ آيو

شاهہ بابا ولد ارشد وفات 928هہ — سلطان محمود بکري (سبي ۽ بکر جو حاڪم) — مير عبدالفتاح — امير سلطان — مير عبدالواحد

محمد قلي بيگ — بکري بيگم (اڪبر جي نڪاح ۾ آئي)

تفصيل لاءِ ڏسو تاريخ معصومي، تحفتہ الڪرام، راقم الحروف جو ڇاپو (ص 200). اهي چند ماڻهو هئا جن تي هي سلسلو پورو ٿيو. سکر يا بکر ۾ ڪنهن جي قبر يا مدفن گاهہ جو پتو نہ ٿو پوي. ڪنهن دور ۾ مير معصوم شاهہ جي مناري جي سامهون، جتي ڊاڪٽر مس الفريڊ جو مڪان هو ۽ اولهہ طرف فوجي عمارتون هيون، ڪاشيءَ سان سينگاريل هڪ خوبصورت قبر موجود هئي. ان کي سلطان محمود جي قبر سڏيو ويندو هو. پر هاڻي نوان مڪان ٺهڻ سبب اها بہ گم ٿي وئي آهي.

(8) همايون ۽ شاهہ حسن ارغون ۾ جون جي وچهو خونريز جنگ ٿي، جنهن ۾ سلطان محمود جي هٿان همايون جا اڪثر نامور امير مارجي ويا، مير

معصوم جي لکت موجب: از حدوث اين امر خاطر پادشاه بغايت محزون گرديد...... لاجرم دل از سند سرد ساختہ راه توجھ بجانب قندھار مصمم ساختند (ص 179). تاريخ طاهري، محمود جي ان ماراماريءَ تي سندس لاءِ لکيو آهي تہ: محمود نامسعود، اوباش، بدمعاش کوکلتاش (ص 74).

(9) تاريخ سنڌ، مير معصوم، ص 189.

(10) ڏسو "مرات الممالک" سدي علي رئيس (1313 جو ڇاپو). سنڌ واري حصي کي راقم ترجمي ۽ حاشين سان رسالي "مهراڻ" نمبر 1، سال 1971ع ۾ شايع ڪيو آهي. سدي علي رئيس سنڌ ۾ 20 ربيع الاول کان ڪري اڌ شعبان 962ھ تائين رهيو (پنج مهينا ۽ پنج ڏينهن).

(11) خان جي لقب لاءِ ڏسو: انسائڪلو پيڊيا آف اسلام، جلد 2، ص 898-897. صفوين جي دور ۾ ننڍي صوبي جي حاڪم کي سلطان چوندا هئا. سلطان، خان جو زيردست هوندو هو جو ان کان وڏي صوبي جو والي هوندو هو (بارتول). تيموري ترڪن وٽ خان جو لقب سلطان کان وڌيڪ اهم هوندو هو ۽ وڏن وڏن اميرن کي ڏنو ويندو هو. لقب خان ازبڪن وٽ بادشاه جو متبادل خيال ڪيو ويندو هو. ان ريت صفوي بادشاه 'خاني' جو لقب فقط اهم ترين اميرن کي ڏيندا هئا يا ولايت جي حڪمران يا والي جي لاءِ مخصوص هوندو هو. (دائرة المعارف، غلام حسين، جلد 1، ص 879). وڌيڪ تفصيل لاءِ ڏسو "لغت نامہ دهخدا" (س اکر ص 152).

(12) تاريخ سنڌ، مير معصوم، ص 223، متن ۾ لفظ "اقوا" ڪتابت جي غلطي آهي. اصل ۾ هي اکر قور آهي جنهن جي ترڪيءَ ۾ معني آهي: جبہ ۽ سلاح.

(13) تاريخ سنڌ، مير معصوم، ص 223.

(14) مير معصوم لکيو آهي تہ: سال 966ھ ۾ هي خبر پهتي تہ بيرم خان، مڪي وڃڻ لاءِ سنڌ مان گذرڻ وارو آهي. سلطان محمود خان ٻيرلو جي چهار باغ کي ويران ڪرائي ڇڏيو. کيس خيال آيو تہ هي خِطو همايون کي گهڻو پسند هو ۽ هو هتي گهڻو وقت ٽڪي پيو هو...... ممڪن آهي تہ بيرم خان بہ هتي ٽِڪي پوي. ولي بيگ سان محمود خان جي رشتيداري هئي. ان ڪري واقعي بيرم خان جو ارادو هن رستي سان اچڻ جو هو. پر جڏهن بربادي جي خبر ٻڌائين تڏهن پٽڻ گجرات جو رستو اختيار ڪيائين (ص 224). مير

معصوم حسب دستور سال غلط لکيو آهي. 966هه بجاءِ هي واقعو 968هه ۾ ٿيو جڏهن هو اڪبر کان ڏکوئجي مڪي معظم وڃي رهيو هو تڏهن گجرات ۾ مارجي ويو (مقالات الشعرا، ص 99، راقم الحروف جو ڇپرايل).

(15) تاريخ سنڌ، مير معصوم، ص 225.

(16) ساڳيو حوالو.

(17) عالم آرائي عباسي، جلد 1، ص 116، طبع ايران.

(18) تاريخ سنڌ، مير معصوم، ص 225.

(19) ساڳيو حوالو.

(20) احسن التواريخ (ڇاپ بڙودهه، ص 422، 1931ع).

(21) بيورج جو قول آهي تہ: خان خانان، جو لقب بابر جي دور کان هند ۾ رائج ٿيو. پهريون شخص جو "خان خانان" جي لقب سان سرفراز ٿيو اهو دولت خان پٽ دولت خان (؟) هو. هي لقب هندي مغلن لاءِ مختص هو ۽ سندن ايجاد ڪيل هو (انسائيڪلو پيڊيا آف اسلام، جلد 2، ص 898). "لغت نامہ دهخدا" ۾ "انندراج" ۽ ٻين ڪتابن جي حوالي سان آيو آهي تہ: چين جي بادشاه وٽ بہ خان لقب هو. نظاميءَ جو شعر آهي:

خان خانان روانہ گشت ز چين
تا شود خانہ گير شاه زمين

هر ترڪي قبيلي جو جدا جدا سردار هوندو هو ۽ وري انهن سڀني سردارن جو هڪ وڏو سردار هوندو هو، جنهن جي تابع اهي هوندا هئا. هن سردارن جي سردار کي "خان خانان" چوندا هئا (رودڪي، سعيد نفيسي). مقدم ۽ اميرن کي "گورخان" چون ٿا. يعني خان خانان (جهان ڪشائي جويني). ذڪر ڪيل دولت خان کي دلاور نالي ڪوبہ پٽ نہ هو ۽ نہ وري منهنجي ڄاڻ موجب، هن نالي واري ڪنهن شخص کي "خان خانان" جي لقب سان نوازيو ويو هو.

(22) مير ابوالمڪارم ولد مير غياث الدين محمد سبزواري، ميرزا شاه حسن ۽ پوءِ سلطان محمود جي اميرن ۾ شامل هو. محمود خان کيس شاه طهماسپ بادشاه جي خدمت ۾ سفير ڪري موڪليو هو. بادشاه کيس "سلطان" جي لقب سان نوازيو هو. گهڻو خوش طبع ۽ علمي ڪمالات

سان سينگاريل هو. شعر بہ چوندو هو (مير معصوم، ص 239). مقالات الشعرا، مان ظاهر ٿئي ٿو تہ ابوالمڪارم "سلطان" جو لقب محمود خان لاءِ ڪٺي آيو هو: برسم رسالت...... فرستاد، تا از برائي وي بانواع نوازش و خطاب سلطان مراجعت كرد (ص 17). ان ريت متضاد بيان ملن ٿا. ليڪن درست هي آهي تہ پاڻ سلطان جو لقب محمود خان لاءِ آندائين (ڏسو ٻيا ڪتاب: ماثر رحيمي، 2، ص 337- 489، تحفة الڪرام، قديم ڇاپو 3، ص 28- 127، عالم آرائي عباسي ۽ احسن التواريخ روملو). جتي ابوالمڪارم جو ذڪر آيو آهي، اتي لقب "سلطان" جو اشارو بہ ڪونهي. هن لقب جي تنزل لاءِ ڏسو: دائرة المعارف، غلام حسين (1، 22-1323، ڇاپو 1345).

(23) اڪبرنامه: 2، 237، تحفة الڪرام، ص 197، راقم الحروف جو ڇاپو.

(24) رياض الاسلام: انڊو پرشين رليشنس، ص 49-50، بنياد فرهنگ ايران، 1970ع. عالم آرائي عباسي، جي ورق 178 تي خط جو متن لکيل آهي. عالم آرائي عباسي، جو هي نسخو برٽش ميوزم ۾ Add 7654 موجود آهي. خط جو پورو متن مون پهريون ڀيرو "تحفة الڪرام" ۾ ڇاپي ڇڏيو آهي. (ص 495).

(25) تاريخ سنڌ، مير معصوم، تاريخ طاهري، حاشيا مڪلي نامه، تحفة الڪرام.

(26) اڪبرنامه، 2، 79-278، ڪلڪتو. بدايوني، 2، ص 91، ڪلڪتو 1931ع. عبارت هي آهي: درين ولا سلطان محمود والي بهكر بمعاونت قزلباش كه در قندهار ميباشند، اطراف ولايت بنده را مزاحمت ميرساند (پڻ ڏسو: تحفة الڪرام، ص 495).

(27) 15 رجب 980هہ تي بکر مان رواني ڪيائين (تاريخ سنڌ، مير معصوم، ص 230).

(28) تاريخ سنڌ، مير معصوم، ص 235؛ بدايوني 2، ص 76-135.

(29) تاريخ سنڌ، مير معصوم، ص 237.

--------

# سنڌ جا تاريخي ۽ سياسي خط*

[سنڌ جي مايہ ناز عالم سيد حسام الدين راشدي مرحوم، هي پيپر اردو زبان ۾ پاڪستان هسٽري ائنڊ ڪلچر ڪانگريس، منعقده اسلام آباد يونيورسٽي سال 1973ع جي هڪ بيٺڪ ۾ پڙهيو هو. ان ڪانفرنس ۾ پڙهيل مقالن جو پهريون جلد، ساڳي يونيورسٽي سال 1975ع ۾ شايع ڪيو. جنهن کي ڊاڪٽر احمد حسن داني ايڊٽ ڪيو هو. هن مقالي جو سنڌي ترجمو ته ماهي مهراڻ، 1987/1ع ۾ شايع ٿيو آهي]

تاريخ جي سلسلي ۾ خط، دستاويز، درخواستون ۽ فرمان، اهميت جي لحاظ کان عالمن کان ڳجها نہ آهن. اسان جي تاريخن ۾ واقعن کي گهڻي حد تائين وقتي ضرورتن تحت خاص خيال کان لکيو ويو آهي، جنهن ڪري واقعن ۽ حالتن جو اصل رخ پڙهندڙ جي اڳيان چٽو نہ ٿو ٿئي ۽ حادثن جي اصلي سببن جو صحيح علم نہ ٿو ٿيئي.

تاريخ جا هي نقص تڏهن ختم ٿي سگهن ٿا، جڏهن اسين ان جي ترتيب ۽ تياريءَ لاءِ خطن کي بہ پنهنجي آڏو رکون ۽ انهن کي تاريخ جو ماخذ سمجهي فائدو وٺون. اسان خطن کي "انشا" جو درجو ڏئي درس ۾ تہ داخل ڪري ڇڏيو. پر انهن ذريعي تاريخي فائدو حاصل ڪرڻ کان پاسو پي ڪيو آهي. هن ننڍي کنڊ جي خطن يا "انشا" جا جيڪي بہ ڪتاب تيار ڪيا ويا آهن، انهن متعلق منهنجي نظر مان بہ تفصيلي مضمون نڪتا آهن.

1. "انڊو ايرانيڪا" ۾ ڊاڪٽر مؤمن محي الدين خان جو مضمون چند اشاعتن ۾ ڇپيو آهي.

2. "هنر و مردم" تهران ۾ "دبيري و نويسندگي" جي عنوان سان آقاي دانش پژوه جو چوڏهن قسطن ۾ مقالو جنهن ۾ "انشا" جي ٽي سؤ ڇاهٺ

---

* ترجمو: غلام محمد لاکو

ڪتابن جو ذڪر ڪيو ويو آهي. هي مقالو تيار ٿيل انهن سمورن فارسي خطن متعلق آهي، جيڪي ترڪيءَ کان ڪري هندوستان تائين ترتيب هيٺ آيا-آهن.

جيڪي ڪتاب فهرستن ۾ داخل نہ آهن ۽ اجا تائين ذاتي ڪتبخانن ۾ موجود آهن. ظاهر آهي تہ آقاي دانش پزوھ جي مقالي ۾ انهن جو ذڪر ڪونهي. مثال طور سنڌ ۾ خطن جا جيڪي ڪتاب ملن ٿا، اهي اجا تائين اهل علم جي نظرن کان پري آهن، حالانڪ اهي مجموعا تاريخي مواد جي لحاظ کان ايران، افغانستان، سنڌ، ملتان، دهلي ۽ پنجاب تائين جي تاريخي واقعن ۽ حالتن جو گهيرو ڪيو بيٺا آهن ۽ ڪيترن ئي اهم واقعن ۽ حادثن جو پس منظر ۽ تفصيل انهن ۾ موجود آهي.

خوش قسمتيءَ سان سنڌي ادبي بورڊ سنڌ جي تاريخ جا اهم ماخذ تہ ڇاپي ڇڏيا آهن، پر خطن جي ذخيري کي اجا ڇهيو بہ نہ آهي. خود تاريخ بابت بہ ڪتاب اجا قلمي حالت ۾ ايتري تہ گهٽائيءَ ۾ آهن، جو جيڪڏهن رقم هجي ۽ ڪم ڪندڙ ملي وڃن تہ سالن جا سال هي ڪم ختم نہ ٿو ٿي سگهي. ان صورتحال ۾ هي ڳالهہ امڪان کان خارج آهي تہ، خطن جي انهن ڪتابن کي سنڌي ادبي بورڊ ڇاپي سگهندو. سنڌي انشا نويسن جي مرتب ٿيل ڪجهہ مجموعن کي دنيا ڄاڻي ٿي، ڇو تہ مختلف ڪتبخانن جي فهرستن ۾ انهن جو ذڪر اچي چڪو آهي. مثال طور:

1. منشات نمڪين....... از ابوالقاسم نمڪين بکري.

2. رقائم ڪرائم.......... از محمد اشرف پٽ امير عبدالڪريم امير خاني سنڌي.

3. آداب عالمگيري......... از شيخ ابوالفتح قابل خان ٺٽوي.

هنن ٽن ڪتابن کان سواءِ سنڌ ۾ مرتب ٿيل خطن جا جيترا بہ مجموعا آهن، اهي سڀ جا سڀ تاريخ دانن جي نظر ۾ نہ آيا، جيئن تہ هن ڪانفرنس کي ارڙهين صدي عيسوي تائين محدود رکيو ويو آهي، ان ڪري آءُ صرف انهن تاريخي خطن جي جلدن جو ذڪر ڪندس، جيڪي هن دائري ۾ اچن ٿا. في الحال آءُ انهن خطن، رپورٽن، دستاويزن ۽ شاهي فرمانن کي ڇڏي ڏيندس، جيڪي "انشاءِ ماهرو" کان ڪري عالمگير جي آخري

دور تائين ترتيب هيٺ آيا آهن. خطن جي هنن ڪتابن جو ذڪر ڪرڻ کان اڳ هي حقيقت آڏو رکڻ گهرجي تہ انهن جو واسطو جنهن صديءَ سان آهي، ان صديءَ ۾ اسان جي ۽ اسان جي پاڙيسرين جي سياسي صورتحال ڪهڙي هئي؟ عالمگير جي موت کان پوءِ هندوستان ۾ مغل سلطنت جو زوال، متعدد شهزادن جو تخت تي ويهڻ ۽ ٿوري وقت ۾ ئي ڦاسي يا تلوار جي نوڪ تائين پهچڻ، سنڌ جو 1151هہ ۾ مغلن جي قبضي مان آزاد ٿيڻ. عالمگير جي وفات کان ڪري سنڌ مان مغلن جي بستري ويڙهڻ تائين، يعني 1118هہ کان 1151هہ تائين ڪل ٽيٽيهن ورهين جي ٿوري وقت ۾، سترهن صوبيدارن جو سنڌ ۾ اچڻ ۽ پوءِ هڪ ٻئي پٺيان خوار خراب تي ناڪام واپس موٽڻ. سنڌ جي پنهنجي هڪ خاندان "ڪلهوڙن" کي سنڌ حوالي ڪري وري پنهنجي قبضي ۾ رکڻ. هوڏي ايران ۾ صفوي گهراڻي جو زوال، افغانستان ۾ مير ويس ۽ محمود خان جو ايرڻ، خراسان ۽ اصفهان جو انهن جي هٿان برباد ٿيڻ، لٽ مار جو مال ۽ قيمتي سامان سنڌ جي ڪلهوڙا بادشاهن ۽ اميرن وٽ آڻي وڪڻڻ، هن زوال جي نتيجي ۾ نادر شاهہ افشار جو ظاهر ٿيڻ، ايران تي قبضو دهليءَ تي نادرشاهہ جي لشڪر ڪشي ۽ سنڌ کي ڏن ڀرو بنائڻ. سنڌ مان هيرا، جواهر، خزانو ۽ شاهي ڪتب خانو ٻارڻ سان ايران کڻي وڃڻ. سنڌ جي حڪومت کي هميشه گهرو ويڙهہ ۾ رکڻ ۽ ڪمزور ڪرڻ لاءِ بهاول خان کي سنڌ جو هڪ ٽڪرو ڏئي الڳ رياست نهرائڻ. نادر جي قتل کان پوءِ احمد شاهہ ابداليءَ جو افغانستان ۾ هڪ الڳ ۽ مستقل حڪومت قائم ڪرڻ، سندس پنجاب ۽ هندوستان تي لاڳيتا ۽ تباهہ ڪن حملا. سنڌ جي ڌرتيءَ تي افغانن جو قبضو. ڊل جي نالي ۾ خزاني کان سواءِ هيرا ۽ جواهر وري اچي لٽڻ. شڪارپور کي مستقل طرح افغانستان جي قبضي ۾ ڏيڻ. سنڌ جي اصلي عوام کي اقليت ۾ آڻڻ لاءِ افغان قبيلن کي ڌڙا ڌڙ شڪارپور ۽ ان جي آس پاس آڻي وسائڻ. مدد خان افغان جو سنڌ ۾ پهچي هر شهر، هر بستي، هر ڳوٺ ۽ هر واهڻ کي برباد ڪري سڀ ڪجهہ لٽي کڻي وڃڻ. بهاولپورين جي هشيءَ تي ڪلهوڙا خاندان اندر گهرو ويڙهہ. ٽالپور خاندان جيڪو اصل ۾ ڪلهوڙن سان لاڳاپيل ۽ درباري اميرن جو گهراڻو هو انهن

جو ڪلهوڙن سان اختلاف ۽ جهيڙو جنهن جو نتيجو هنن ٻنهي گهراڻن جي وچ ۾ خونريزيءَ جي شڪل ۾ ظاهر ٿيو. آخر ۾ ٽالپور خاندان جو ڪلهوڙن کي ختم ڪري پاڻ تخت ۽ تاج تي ويهڻ، ان بعد ٽالپور گهراڻي ۾ جهيڙو جنهن سبب سنڌ کي ٽڪرا ٽڪرا ڪري ٽن حصن تي پنهنجي الڳ الڳ حڪومت قائم ڪرڻ. ڪلهوڙا خاندان جي آخري دور ۾ انگريزن جو ٺٽي ۾ واپاري ڪوٺي قائم ڪرڻ، ٽالپوري عهد جي شروع ۾ افغانستان تائين پهچڻ لاءِ دريائي ۽ زميني رستا حاصل ڪرڻ لاءِ سنڌ ۾ پنهنجو اثر پيدا ڪرڻ ۽ آخرڪار پوري سنڌ تي قبضو ڪرڻ.

سياسي صورتحال جو هي سرسري خاڪو آهي، جيڪا ارڙهين صديءَ عيسويءَ ۾ موجود هئي ۽ سنڌ ۾ جيڪي واقعا ظاهر ٿيا، ان جي لپيٽ ۾ ايران، افغانستان، هندوستان، ملتان ۽ مرڪزي ايشيا جا ٻـ سڀ علائقا اچي وڃن ٿا. هن صديءَ جي تاريخ ايسين اڌوري ۽ نامڪمل رهندي، جيسين، خطن جا هي ڪتاب "انشا" مان خارج ڪري، تاريخي ماخذ جي حيثيت ۾ استعمال نـ ڪيا ويندا.

خطن جي جن ڪتابن جو ذڪر آءٌ ڪري رهيو آهيان، انهن ۾ اهو سمورو مواد موجود آهي، جيڪو هن صديءَ جي سيني واقعن جي اصل سببن ۽ اندروني معاملن بابت حيرت انگيز حد تائين روشني وجهي ٿو.

### 1. گلدسته نورس بهار:

هي شيخ عبدالرؤف سيوهاڻي (وـ 1140هـ) جا لکيل سرڪاري خط آهن ۽ عالمگير جي حڪومت جي آخري سالن کان ڪري 1140هـ تائين جي سياسي واقعن ۽ حالتن تي روشني وجهن ٿا. هي صاحب ميان يارمحمد ۽ ميان نورمحمد جو منشي هو ۽ شيخ موصوف جي وفات کان پوءِ سندس پٽ شيخ محمد وفا سيوهاڻي، انهن خطن کي "گلدسته نورس بهار" جي نالي سان گڏ ڪيو. هي مجموعو ٽن لطيفن تي مبني آهي.

لطيفو پهريون: بادشاه، اميرن ۽ راجائن جي خدمت ۾ عريضيون.

لطيفو ٻيون: جاگيردارن، سيدن، عالمن ۽ معزز ماڻهن ڏي خط.

لطيفو ٽيون: وڪيلن ڏانهن خط.

پهرئين حصي ۾ اٺهٺ خط آهن، جنهن ۾ عالمگير جي وفات کان ڪري ميان يار محمد ۽ ميان نورمحمد جي شروعاتي دور تائين جيڪا سرڪاري لکپڙهہ ٿي اها شامل آهي. عالمگير جي وفات تي سنڌ ۾ جيڪو رد عمل ٿيو ان جي ذڪر کان سواءِ، ڪجهہ شهزادن جي تخت سنڀالڻ جون خبرون، ٺٽي، سيوهڻ ۽ بکر ۾ صوبيدارن جي مقرري ۽ معزوليءَ جا واقعا، ميرويس غلزئيءَ جي افغانستان تي قبضي، قنڌار، قلات، بلوچستان، ملتان ۽ هندوستان ۾ پيدا ٿيل حالتن ۽ انهن واقعن جي حوالي سان شخصيتن جي سڃاڻپ ۽ ملتان، سيوهڻ، بکر، بلوچستان ۽ ٺٽي جي صوبيدارن جا نالا ۽ انهيءَ دور ۾ ٿيل جنگين جو ذڪر هنن خطن ۾ ملي ٿو.

ٻئي لطيفي ۾ ٻہ سؤ خط آهن، جن ذريعي هندوستان جي وزيراعظم، سپهہ سالارن، صوبيدارن ۽ ٻين واسطيدارن اميرن کي واقف ۽ حالتن کان باخبر ڪيو ويو آهي. هنن خطن ۾ ڪيئي ڇاتل سڃاتل ۽ اڻ واقف مگر اهم ماڻهن جي نالن ۽ ڪارنامن جو ذڪر ملي ٿو.

ٽئين لطيفي ۾ درباري وڪيلن جي نالي خط آهن. انهن خطن ۾ ان وقت جي مکيہ تاريخي واقعن جي لڪل ڪڙين تي روشني پوي ٿي. ان کان سواءِ مکيہ ڪردارن ۽ ماڻهن جي ڄاڻ بہ ملي ٿي، جن جي نالن ۽ ڪارنامن کان تاريخ جا پنا بلڪل خالي آهن. هي حصو اناويهن خطن تي مدار رکي ٿو.

هن ڪتاب جا ٻہ نسخا منهنجي ڪتبخاني ۾ موجود آهن، جن کي آڏو رکي مون هن ڪتاب جو متن تيار ڪيو آهي، ۽ انتظار آهي تہ تاريخي حاشين ۽ ڇنڊاڻ سان ان کي ڇاپيو وڃي.

## 2. خلاصة المكتوبات:

هي خط سنڌ جي ٻن وڏن منشين ميان هارون ۽ منشي عبدالرؤف جا لکيل آهن. هي جلد حقيقت ۾ انهن خطن جي چونڊ آهي، جن کي انشا نويسيءَ جي خيال کان تيار ڪيو ويو آهي، ليڪن هر خط ڪنهن نہ ڪنهن تاريخي حيثيت ۾ اهم آهي.

خط گهڻو ڪري جيوند ابڙي، تخت مل مهتي، نواب بختيار خان ۽ مير عبدالله بروهيءَ جا آهن. هن جلد مان سنڌ جي ڪيترن ئي عالمن،

اميرن ۽ ان دور جي مشاهيرن جا نالا معلوم ٿين ٿا، جن مان ڪيئي نالا اسان جي لاءِ بلڪل نوان آهن. محمود خان، جنهن کي هنن خطن ۾ "نامحمود قنڌار" لکيو ويو آهي، ان سان جنگ ڪرڻ بابت بہ هڪ خط هن مجموعي ۾ شامل آهي. هڪ خط 1139هہ جو لکيل آهي جنهن ذريعي اصفهان ۽ افغانستان جي جهڳڙن تي روشني پوي ٿي. هڪ خط انهيءَ هرات جي حاڪم سلطان محمود خان افغان جو رياست پناهہ مير عبدالله خان آنگہ جي نالي آهي. ٻيو هڪ حڪم نامو آهي جيڪو سلطان محمود خان 1135هہ ۾، امير عبدالله خان جي نالي لکيو آهي.

هن خطن جي جلد ۾ محمود خان جو هڪ عهد نامو بہ آهي، جيڪو نهايت اهم آهي. هن عهدنامي ۾ محمود خان افغان، اصفهان، افغانستان، سنڌ ۽ پنجاب جي باري ۾ نهايت اهم معلومات داخل آهي. هنن خطن مان اصفهان جي گهيري، هرات، مشهد وغيرهہ ۽ پڻ افغانستان ۽ موجوده پاڪستان جي سرحدن متعلق وڏي قيمتي ڄاڻ حاصل ٿئي ٿي.

افغانن ۽ صفوين جي وچ ۾ جيڪو جهڳڙو ڪڙو ٿيو ۽ جنگيون ٿيون ۽ جنهن جي نتيجي ۾ نادرشاهہ افشار جو ظهور ٿيو ان موضوع تي جيڪي ڪتاب منهنجي نظر مان نڪتا آهن، جيڪڏهن هنن خطن مان فائدو ورتو وڃي ها تہ هوند انهن جي تاريخي اهميت اڃا بہ وڌيڪ ٻنجي ها.

مون وٽ هن ڪتاب جو جيڪو نسخو آهي، ان تي هڪ مهر لڳل آهي، جنهن جا هي لفظ پڙهي سگهجن ٿا. بندهہ؟ محمد 1163هہ. گويا هي ان دور کي هڪ ويجهو نسخو آهي.

### 3. انشاءِ نورالحق مشتاقي:

هي سنڌ جي ناماري انشانويس، شاعر، عالم ۽ سرڪاري منشي ميان نورالحق مشتاقي سيوهاڻيءَ جي لکيل سرڪاري رپورٽن (مراسلن) جو هڪ نسخو آهي، جيڪو بکر، سيوهڻ ۽ ٺٽي جي سياسي، مالي ۽ ٻين تاريخي واقعن جي سلسلي ۾ نهايت قيمتي ۽ مکيہ ڄاڻ مهيا ڪري ٿو.

مثال طور:

محمد عطا منصبدار سرڪار سيوستان،

ٺٽي جي ڏل متعلق هڪ خط.

عبدالرحيم (؟) نتي جي صوبيدار جا پنج خط.

سميجن جي وڳوڙ کي ختم ڪرڻ لاءِ ابوالمعاليءَ کي ڪيل درخواست.

### 4. انشاءِ عطارد:

منشي شيوڪرام عطارد، ميان غلام شاھ ۽ ميان سرفراز ڪلهوڙي شهيد جو درباري شاعر ۽ منشي هو. هو مکيہ امير بجار خان ٽالپور سان بہ لاڳاپيل هو. هن جيڪي سرڪاري خط لکيا هئا، اهي سندس وفات کان پوءِ سن 1212ھ ۾، اصل راءِ اروڙا جمع ڪيا هئا. مون وٽ جيڪو نسخو آهي، اهو 1282ھ جو آهي.

هي ڪتاب "گلدستہ نورس بهار" کان پوءِ خطن جو اهم ترين ذخيرو آهي، جنهن ۾ ارڙهين صدي عيسويءَ جي واقعن بابت پرپور جاڻ ملي ٿي. ڪل پنجاسي خط آهن. آخري خط مير بجار خان شهيد جو آهي، جنهن کي ڪلهوڙي حاڪم ميان عبدالنبيءَ شهيد ڪرايو هو ۽ جنهن جي شهادت ڪلهوڙا خاندان جي پڇاڙي ۽ ٽالپوري حڪومت جي ابتدا جو سبب بني.

مسقط جي شيخ، ايران، قلات، جوڌپور، سنڌ ۽ ملتان جي اتڪل روءِ سيني اميرن ۽ سلطنت جي مهندارن جا نالا، خطن جي هن ڪتاب ۾ ملن ٿا ۽ انهن ذريعي تاريخ جا ڪيئي گوشا اسان جي آڏو روشن ٿين ٿا.

### 5. مجموعہ مڪاتيب دانشگاھ سنڌ:

هي سنڌ جي اميرن ۽ حاڪمن جي خطن جو هڪ اهم مجموعو آهي، جيڪو سنڌ يونيورسٽيءَ جي ملڪيت آهي. هن مجموعي ۾ سنڌ جي ملڪي معاملن ۽ سياسي حالتن متعلق قيمتي خط موجود آهن.

### 6. مجموعہ رقعات دانشگاھ سنڌ:

هي تاريخي خط قاضي عبدالرسول ۽ منشي جان محمد سيوهاڻي (وفات: 1123ھ) جا لکيل آهن ۽ سنڌ جي گوناگون سياسي، انتظامي، سماجي ۽ علمي حالتن جي چٽائي ڪن ٿا. هن صديءَ جي سياسي ۽ سماجي تاريخ هنن خطن جي اڀياس کان سواءِ اڌوري ۽ اڻ پوري رهندي. مغلن جي آخري دور ۾ سنڌ ۾ جيڪا لاقانونيت ۽ بد انتظامي پکڙي هئي، انهن خطن مان ان تي روشني پوي ٿي. ڪن خطن جو مطلب پيش خدمت آهي.

نواب عبدالصمد خان، نواب خان دوران، دل قوم جا ماڻهو دل قوم جي ماڻهن جو قتلام، نورمحمد ڪلهوڙو نثو، شيخ مبارڪ جو خط، سيد عبدالجيل بلگراميءَ جو مخدوم عيسيٰ ولد مخدوم عباس هڱورجي جي نالي خط، مير يعقوب بکري، سنڌ جي امن امان جي تباهيءَ تي عبدالواسع جو خط، ٺٽي جو ميوو ۽ آب و هوا، ٺٽي جو ڪپڙو ميان عبدالرؤف ۽ ابوالقاسم، ملان الله ڏنو بوبڪائي، مخدوم عبدالرحيم ٺٽي ۽ ڪابل جو ناظم، بکر جو قانون گو ميان عبدالواسع رسول پوري، شهزادو محمد اعظم، بکر سرڪار ۾ ڏڪار بدحالي ۽ قرضداري، روهڙي ۽ سکر قلعي جي قضا، بکري جو وڏو خزانچي، تامي جو ڪارو سڪو دربيلي، الور ۽ ڪاڪڙي پرڳڻن جو انتظام، شيخ فيض الله، ملان نجم الدين بوبڪائي کي مدد معاش ويهه هزار دام، ارسلا خان، قلعي بکر جي خاص دربار روهڙي، باغ ۽ ميوو اولاد مخدوم عثمان دربيلوي، قاضي نصيرالدين صدر سرڪار بکر ۽ سيوهڻ، خوشحال بخشي وقائع نگار سرڪار بکر، سيوهڻ سرڪار جا قانون گو بومئي جي ماڻهن سان انهن جي بدسلوڪي، شيخ عبدالرؤف، مادي هاتي، ۽ سوکڙين جي باري ۾ نواب عبدالصمد خان جي نالي خدايار خان جو خط.

## 7. گلدسته باغبان:

هي خطن جو نهايت اهم ڪتاب آهي. هن ۾ قدوت السالڪين مخدوم قاضي محمد رحيم، مخدوم محمد پناهه، قاضي محمد شاڪر ۽ قاضي عبدالجليل وينل شهر نصرپور جا لکيل خط آهن. جن کي ميان قاضي محمد حافظ (پاءُ قاضي محمد اڪبر) بن قاضي ميان خميسو نصرپوريءَ مرتب ڪيو آهي.

خطن جو موضوع افغانستان جي سنڌ ۾ ڦرلٽ، مدد خان جي سنڌ ۾ آمد، انگريزن جي اچڻ تي سنڌ جي رهاڪن ۽ صاحب فڪر بزرگن جي ڳڻتي، شڪارپور تي افغانن جو قبضو، پنهنجن عملدارن جي مقرري ۽ خراسان، ايران ۽ افغانستان جا سياسي مسئلا ۽ معاملا آهن. هن مجموعي ۾ ڪو بہ ديباچو ڪونهي. ان جي شروعات هڪ خط سان ٿئي ٿي. جنهن ۾ محمد رحيم خان بارڪزئيءَ جي شڪارپور بدر ٿيڻ ۽ عاليجاهه مدد

خان پٽ عاليجاه غفور خان کي شڪارپور جي حڪومت ملڻ جو حال درج آهي. هي ڪتاب 223 صفحن تي ۽ هر صفحي تي چوڏهن سٽون آهن.هي مجموعو سنڌ، افغانستان ۽ ننڍي کنڊ ۾ انگريزن جي اثر متعلق تاريخ جو هڪ اهم ماخذ آهي.

## 8. انشاءِ ابري (دفتر اول):

خطن جو هي ڪتاب ٻن دفترن تي مشتمل آهي. مؤلف جو نالو ابراهيم بن حافظ نصرالله خان بن عبدالڪريم احمداڻي سيوهاڻي انصاري آهي. سندس تخلص "ابري" هو. هي پهريون دفتر 1204هه ۾ مڪمل ٿيو جيڪو پنجن فصلن ۾ تقسيم ٿيل آهي.

در خطوط جانب عزيزان و خويشان.

در مڪاتيب ياران دوستي نشان.

در تحرير پروانہ جات و پرزه جات، هي ٻن قسمن ۾ آهي.

در استحصال دستکات کار و دستکات طالب سرڪار.

در عرائض حضور و امراءَ عظام و خوانين عالي مقام و در عرائض دربار معلي.

## 9. انشاءِ ابري (دفتر دوم):

هي دفتر 1207هه ۾ مرتب ٿيو ۽ ٻن قسمن ۾ ورهايل آهي.

در تحرير اخلاص نا مجات شوق انگيز آتش ريز.

در نوشتن مڪتوبات آميز، و يڪ فرد فرمان درگاه فلڪ بارگاه ڪہ تيمناً و تبرڪا ثبت نموده شد.

ٻنهي دفترن ۾ ڪجھ ذاتي خط آهن. باقي سياسي خط آهن، جيڪي مغل، ڪلهوڙا، افغانستان ۽ ٽالپورن جي دور جي واقعن تي روشني وجهن ٿا. مون وٽ 1268هه جو نسخو آهي .

## 10. منهاج الشعور (ابراهيم ابري سيوهاڻي):

هن نالي سان ابري ٽيون مجموعو مرتب ڪيو آهي. هن جلد جي پهرئين حصي ۾ اعزازي عبارتون آهن، جي ان دور ۾ دوستن، اميرن، عزيزن يا سرڪاري ملازمن جي خطن جي لاءِ سنڌ ۾ رائج هيون. ٻئين حصي ۾ تاريخن دستاويز، درخواستون ۽ خط آهن. هي حصو بي حد قيمتي آهي.

ڪلهوڙن ۽ ٽالپورن درميان خطن جي مٿاسنا، ايران ۽ افغانستان ۾ لکيڙهه سنڌ ۾ صوبيدارن جي مقرريءَ جا پروانہ ۽ بهاولپور جي پهرئين حاڪم بهاول خان جي سلسلي جا خط ٻئين حصي ۾ شامل آهن. هن جا ٻہ نسخا مون وٽ آهن، جن مان هڪ 1216هہ جو مخطوطو آهي.

### 11. تاريخي انشاءَ:

هي مجموعو بياض جي صورت ۾ آهي. گڏ ڪندڙ يا مرتب جو نالو معلوم ڪونهي. پهريون خط شهزادي مراد جي نالي احمد نگر جي وڳوڙ متعلق ابوالفضل جو لکيل آهي. ٻيا خط سنڌ، ملتان، دهلي، بلوچستان ۽ افغانستان جي اهم معاملن ۽ مسئلن تي آهن. مغلن ۽ ڪلهوڙن جي دور جي باري ۾ هن مجموعي ۾ تمام مکيہ واقعا آيا آهن، جن جو اڃا تائين تاريخ ۾ ذڪر نہ ٿيو آهي. ڪل پنجتيهہ خط آهن.

### 12 انشاءِ خبرت:

هي مجموعو سلطاني مل تخلص خبرت جو ملتان ۾ ترتيب ڏنل آهي. ان جو تاريخي نالو رقعات ماني نگار 1143هہ آهي. هن مجموعي جا ڪجهہ خط تاريخي ۽ سماجي پس منظر ڪري اهم آهن. مون وٽ 1265هہ جو قلمي نسخو آهي.

### 13. انشاءِ منشي محمد سعيد:

هي نسخو چند خطن تي مشتمل آهي ۽ آخر ۾ ناقص آهي. هي خط آخري مغل دور جي سنڌ جي باري ۾ اهم ڄاڻ ڏين ٿا.

### 14. رقعات امام الدين:

خطن جو هي جلد امام الدين هالائيءَ جو مرتب ڪيل آهي. مون وٽ جيڪو نسخو آهي، اهو مؤلف جي پنهنجي هٿ سان لکيل آهي. ان جي ڪتابت جو سال 1265هہ آهي. هي خط جيتوڻيڪ تاريخي خيال کان اهميت نہ ٿا رکن، پر سنڌ ۾ فارسي عبارت نگاريءَ جو هڪ سهڻو نمونو آهن.

### 15. انشاءَ:

هن مجموعي جي مؤلف جو نالو معلوم نہ ٿي سگهيو. مون وٽ ان جو جيڪو نسخو آهي، اهو دولت راءِ 10 جمادي الاول 1126هہ تي پورو ڪيو. هن ۾ سنڌ ۽ هند جي معاملن جو ذڪر ملي ٿو.

### 16. مجموعہ شاهي اسناد و فرامين:

هن مجموعي ۾ ارغون، ترخان، مغل، ڪلهوڙا ۽ ٽالپور حاڪمن جون سندون ۽ فرمان گڏ ڪيل آهن ۽ تاريخي اهميت رکن ٿا. ٺٽي جي مغل گورنرن جي تاريخن طئہ ڪرڻ ۾، هن جلد مان وڏي مدد ملي ٿي. ان کان سواءِ هن مان سلطنت جي اميرن، قاضين، ساداتن، عالمن، شاعرن ۽ سندن وارثن ۽ پوئيرن جي وظيفي جي باري ۾ بہ سٺي ڄاڻ ملي ٿي، جنهنڪري عالمن ۽ قديم خاندانن جي حالتن، عهدن ۽ سلسلن جو بہ پتو پوي ٿو. هي سندون سڀ جون سڀ ٺٽي جي رهاڪن ۽ ٺٽي جي اميرن جي نالي جون آهن. هي نسخو مون قاضي علي محمد ٺٽوي مرحوم جي نسخي تان نقل ڪرايو آهي.

### 17. مجموعہ اسناد و فرامين:

هي مجموعو ترخان، مغل، ڪلهوڙا ۽ ٽالپور حاڪمن جي اصلي حڪمن، فرمانن ۽ سندن تي مشتمل آهي ۽ سنڌي ادبي بورڊ جي ذخيري ۾ موجود آهي. فرمان ٽن حصن ۾ گڏ ڪيا ويا آهن.

پنج فرمان: عيسيٰ خان اول، باقي بيگ ترخان، جاني بيگ ترخان ۽ غازي بيگ ترخان جا آهن.

ٽي فرمان: شاهجهان ۽ عالمگير جا آهن.

عالمگير جي آخري ڏينهن کان ڪري مير نصير خان تائين، مغل صوبيدارن ۽ سنڌ جي ڪلهوڙا ۽ ٽالپور حاڪمن جا تيرهن فرمان آهن. هي آخري حصو ارڙهين صدي عيسويءَ جي تاريخ ۾ ڪم اچي سگهي ٿو. مون وٽ انهن فرمانن جا نقل موجود آهن. ڪجهہ فرمانن جا فوٽو مون تحفة الڪرام ۾ بہ ڇپيا آهن.

### 18. مڪتوبات قانع:

هي خط سنڌ جي نامياري تاريخدان مير علي شير قانع جا لکيل آهن. هي تاريخ دان ڪلهوڙن جي آخري ڏينهن ۾ سرڪاري منشي هو. خطن جي هن جلد ۾ چند ذاتي ۽ سرڪاري مراسلا آهن. هي مجموعو سنڌي ادبي بورڊ جي تحويل ۾ آهي.

### 19. مڪتوبات مير عظيم الدين:

مير عظيم الدين ٺٽوي ٽالپورن جي پهرين دربار جو اڳواڻ شاعر هو. مثنوي "فتح نامہ" ۽ هڪ ديوان سندس يادگار آهي. هي خط ڪلهوڙا خاندان جي آخري زماني ۽ ٽالپور گهراڻي جي شروعاتي دور جي ڪيترن ئي مکيہ واقعن تي روشني وجهن ٿا.

### 20. مڪتوبات مير نصيرخان ٽالپور:

مير محمد نصير خان سنڌ جو آخري ٽالپور حڪمران هو جنهن کان 1843ع ۾ انگريزن سنڌ جو اقتدار کسيو ۽ ٻين ٽالپور صاحبزادن سان گڏ کيس بہ ڪلڪتي ۽ هندوستان جي ٻين شهرن ۾ نظربند رکيو ويو. مير صاحب جلاوطني جي زماني ۾ جيڪي خط پنهنجن زالن، اميرن ۽ ٻين عزيزن کي لکيا، هي انهن جو هڪ مجموعو آهي، جنهن ۾ 292 خط آهن. آخري خط مير صاحب جي ڏيءُ، هڪ درخواست جي شڪل ۾ راڻي وڪٽوريا جي نالي لکيو آهي.

جنهن زماني ۾ سنڌ جو هي حڪمران ڪلڪتي ۾ جلاوطنيءَ جي حياتي ڪٽي رهيو هو انهن ڏينهن ۾ واجد علي شاهہ بہ مٽيا برج (ڪلڪتي) ۾ غريب الوطنيءَ جا ڏينهن گهاري رهيو هو. ان دور م واجد علي شاهہ پنهنجي زالن جي نالي خط لکيا آهن. جن جا ڪيئي جلد ڇپجي چڪا آهن.

مير نصير خان جا هي خط جتي ڪيئي تاريخي فائدا رکن ٿا، اتي سماجي ۽ تهذيبي لحاظ کان وڏي اهميت ۽ حيثيت رکن ٿا. واجد علي شاهہ جي خطن جي جيڪڏهن مير نصير خان جي خطن جي عبارت ۽ مفهوم جي خيال کان ڀيٽ ڪئي وڃي تہ، واجد علي شاهہ جي خطن جون عبارتون، انهن جو مطلب ۽ انهن خطن ۾ بيان ڪيل عاشقاڻا جذبا نهايت گهٽ، عامي ۽ ڪريل نظر اچن ٿا. جڏهن تہ ان جي ڀيٽ ۾ مير نصير خان جا خط نهايت شائستہ، مهذب ۽ باوقار آهن. صاف ڏسڻ ۾ اچي ٿو تہ مير نصير خان جي خطن جو لهجو هڪ سڌريل ۽ سنجيده بادشاهہ جي جذبن جو عڪس آهي، جنهن ۾ شاهي حرم جي عزت ۽ ناموس توڙي ان جي عظمت ۽ تقدس جو پورو پورو احترام رکي، محبت جي جذبن کي

ظاهر ڪيو ويو آهي. هڪ جملو به ڪريل ۽ پست ڪونهي. ان ذريعي جتي لکنو دربار جي سماجي ذلت جو پتو پوي ٿو اتي سنڌ جي بادشاهن جي تهذيبي برتريءَ جو چٽو اظهار ٿئي ٿو.

جيئن شروع ۾ چيو اٿم، مون هتي فقط تاريخي خطن جو ذڪر ڪيو آهي جيڪي معلوم ٿيل آهن. انهن سيني خطن کي نظرانداز ڪيو ويو آهي، جي صوفين ۽ عالمن جا لکيل آهن، جن ذريعي سنڌ جي مذهبي معاملن، مذهبي معرڪن ۽ ديني توڙي تصوف جي نقطن تي روشني پوي ٿي. ملڪي ۽ سياسي تاريخ ۾ جيتوڻيڪ هي مجموعا ڪم نه تا ڏئي سگهن. پر ارڙهين صدي عيسويءَ ۾ سنڌ جي سماجي صورتحال، مذهبي حالتن ۽ صوفياڻن لاڙن جي خبر انهن ذريعي ضرور پوي ٿي.

ايران ۾ اڄڪلهه تاريخي خط ڇاپڻ جي طرف ڌيان ڏنو وڃي ٿو ۽ اٽڪل روءِ پندرهن ويهه مجموعا منهنجي نظر مان گذريا آهن. زنده قومون پنهنجي تاريخي اثاثي ۽ تهذيبي ورثي کي سيني سان سانڍين ٿيون. ڪاش اسان وٽ به هن قومي سرمايي جي بچاءَ جو احساس پيدا ٿئي ۽ اسين به هوش ۾ اچون ۽ تاريخي خطن جا قدم به قدم اهڙا مجموعا گڏ ڪرڻ ۽ ڇاپڻ شروع ڪيون، جنهن ذريعي اسان جي تاريخ جون گم ٿيل ڪڙيون ملي وڃن ۽ دلچسپ اندروني معاملا ۽ مسئلا معلوم ٿين، جن جو اڄ تائين اسان کي علم نه ٿي سگهيو آهي.

-------

# منهنجو علمي ۽ فڪري سفر

[6 مارچ 1974ع تي تهران يونيورسٽي، راشدي صاحب مرحوم کي ڊاڪٽريٽ جي اعزازي ڊگري ڏني. هن اعزاز ملڻ تي پاڪستان نيشنل سينٽر حيدرآباد طرفان، سنڌن مان ۾ 14. اپريل 1974ع تي هڪ پر وقار ادبي تقريب جو بندوبست ڪيو ويو. ان موقعي تي همعصر اديبن ۽ عالمن کين پرپور خراج عقيدت پيش ڪيو. هت ان تقرير جو متن ڏجي ٿو جا پاڻ دوستن آڏو ڪيائون. هن تقرير ذريعي سنڌن علمي ۽ ادبي سفر تي خاص روشني پوي ٿي. جلسي جي روئداد رسالي "مهراڻ" 1 / 1974ع واري پرچي ۾ ڇپيل آهي]

وچ ايشيا ۾ عربي زبان کان پوءِ فارسي زبان اٺن سون ورهين تائين علم جو ذريعو رهندي آئي آهي. انهيءَ سڄي دور ۾ سنڌ جون جيڪي بہ تاريخون لکيون ويون آهن، سي زياده تر فارسي زبان ۾ آهن. مون کي سنڌ جي تاريخ جي مطالعي ۽ تصنيف ۾ انهن تاريخن کي ڏسڻو پيو. چنانچہ، مون فارسي زبان ۾ متعدد ڪتاب ايڊٽ ڪيا، جن ۾ اڪثر سنڌي ادبي بورڊ طرفان شايع ٿيا. انهن ڪتابن وسيلي سنڌ ٻاهرينءَ دنيا ۾ متعارف ٿي، ڇو تہ اڳ ۾ جيڪي قلمي ڪتاب هوندا هئا، سي چند ماڻهن جا ڏٺل يا پڙهيل هوندا هئا. خود ايران جي محققن ۽ عالمن کي بہ پوري ڄاڻ نہ هئي تہ. سنڌ ۾ ڪيترو فارسي ادب ۽ علمي سرمايو موجود هو. حڪومت ايران فارسي زبان ۽ ادب جي خدمت جو قدر ڪندي مون کي دنيا جي انهن ڏهن چونڊ عالمن ۽ ماهرن ۾ شامل ڪيو. جن کي سندن سڄيءَ عمر جي علمي ڪم جي اعتراف طور تهران يونيورسٽيءَ طرفان ڊاڪٽريٽ جون افتخاري ڊگريون ڏنيون ويون. ان کان علاوہ ايران سرڪار مون کي ٻيا بہ اعزاز ڏنا آهن. مثلاً: پهلوي لئبرري. جنهن جي سرپرست ايران جي

راڻي آهي، تنهن جا جيڪي ڇهه امين مقرر ڪيا ويا آهن، انهن ۾ مون کي بہ شامل ڪيو ويو آهي. آءُ انهن مڙني مهربانين لاءِ ايران سرڪار جو شڪر گذار آهيان. پر مون جيڪو بہ علمي ۽ ادبي ڪم ڪيو آهي، اهو بنيادي طرح علم سان حب ۽ پنهنجي وطن جي خاڪ پاڪ سان محبت جي جذبي هيٺ ڪيو آهي. هن وقت منهنجي عمر چوهٺ سال آهي. مون کي ان ڳالهہ تي خوشي ۽ فخر آهي تہ مون عمر عزيز جو وڏو عرصو علمي خدمت ۾ گذاريو آهي. مولانا قاسمي مون لاءِ چيو تہ آءُ ننڍي لاءِ کان روايت کان بغاوت ڪندو رهيو آهيان، ۽ سنڌي اديبن جي ذهن ۾ قوميت جي جذبي جو ٻج پوکيو اٿم. درحقيقت، سنڌي ادب ۾ قوم پرستيءَ جي تحريڪ جو معمار محمد ابراهيم جويو آهي. آءُ شروع کان تاريخ جو طالب علم رهيو آهيان. مون ڏٺو تہ سنڌ جون جيڪي بہ قديمي تاريخون لکيون ويون آهن، سي سنڌ جي فاتحن جي ثنا ۽ ساراهہ ۾ لکيون ويون آهن ۽ انهن ۾ سنڌ جي ماڻهن کي نيچ ۽ ڪم ذات ڪوٺيو ويو آهي. انهيءَ گناهہ ۾ غير سنڌي ۽ سنڌي مؤرخ ٻئي شامل هئا. اهي تاريخون فارسيءَ ۾ لکيون ويون، ڇاڪاڻ تہ فارسي، عربي کان پوءِ سنڌ جي ارغونن، ترخانن ۽ ٻين فاتحن جي زبان هئي. انگريزن جي صاحبيءَ ۾ جڏهن سنڌيءَ کي تسليمي ملي ۽ ان ۾ تاريخ جا ڪتاب لکيا ويا تہ، سنڌي مؤرخن ساڳي پراڻي غلطي ڪري فارسي تاريخن جي نقالي ڪئي ۽ سنڌ جي فاتحن کي "ظل الله" جي خطاب سان سڏيو.

منهنجي خدمت اها آهي تہ مون سنڌ جي تاريخ جي سمورن مجرمن، سياهہ ڪارن، باغين ۽ خونين کي اگهاڙو ڪري ڇڏيو آهي ۽ هنن سنڌ ۽ اهل سنڌ جي مٿان جيڪو ظلم ۽ تشدد ڪيو تنهن کي پنهنجين تصنيفن ۾ آشڪار ڪيو اٿم. ان لحاظ کان مون سنڌ ۾ تاريخ نويسيءَ کي نئون موڙ ڏنو آهي. جنهن تي مون کي بجا طور فخر ۽ خوشي آهي. اڄ جو نوجوان، جيڪو وطن جي جذبي سان سرشار آهي، اهو منهنجي سالن جي تاريخ جي مطالعي ۽ سوچ موجب صحيح راهہ تي هلي رهيو آهي. آءُ نوجوانن کي عرض ڪندس تہ هو تعليم ۾ چاهہ وٺن. مون کي افسوس آهي تہ اڄ جي شاگردن ۾ علم سان انس گهٽ آهي ۽ استاد بہ ڪي قدر

فرض ادائيءَ ۾ ڪوتاهي ڪري رهيا آهن. جنهن قوم وٽ علم ۽ عالم لاءِ مان نہ آهي، اها اڳتي وڌي نہ سگهندي. جرمنيءَ جڏهن روس تي حملو ڪيو تہ روسي پنهنجي عالمن کي لڏائي، محفوظ هنڌن ڏانهن وٺي ويا. جڏهن ان تي عوام جي هڪ طبقي طرفان اعتراض ٿيو تہ ان کي، حڪومت جواب ڏنو تہ عام ماڻهو روزانہ ڄمن ۽ مرن ٿا پر عالم روزانہ پيدا ڪونہ ٿا ٿين. اهي پوريءَ قوم جي ميراث آهن ۽ انهن جو تحفظ ۽ سلامتي، علم ۽ هنر جو تحفظ ۽ سلامتي آهي، جنهن کان سواءِ اسان جي قوم اڳتي وڌي نہ ٿي سگهي. عالمن وانگر علمي ادارن جو پڻ احترام هڪ لازمي امر آهي. ڪابہ سجاڳ قوم پنهنجن علمي ادارن کي زوال پذير ڏسڻ نہ گهرندي آهي. سنڌي ادبي بورڊ جيڪو علمي ڪم ڪيو آهي، انهيءَ سنڌ کي يورپ، وچ ايشيا، وچ اوير، روس ۽ آمريڪا ۾ شهرت بخشي آهي. اميد تہ سنڌ جا اديب، شاعر ۽ دانشور مسلسل محنت ۽ مشقت ڪري سنڌ جي علم ۽ ادب کي اوج تي رسائيندا.

-------

# فردوسي ۽ شاهه نامي جو سنڌ تي اثر*

[جناب سيد حسام الدين راشدي مرحوم جو هي پيپر اسلام آباد مان نڪرندڙ رسالي "دانش" نمبر 11 (سرءُ، 1366هـ.ش) ۾ ڇپيو آهي. اصل ۾ هي مقالو مشهد شهر ۾ ٿيل فردوسي ڪانفرنس (14-18 جولاءِ 1975ع) ۾ پڙهيو ويو هو. راقم الحروف جي ڪوشش سان ان جو سنڌي ترجمو رسالي "مهراڻ" 1989/2ع ۾ شايع ٿيو]

سنڌ صدين کان فارسي ٻوليءَ ۽ ادب جو مرڪز پي رهي آهي. شعر ۽ سخن، تصنيف ۽ تاليف جو به فارسي زبان ۾ گهڻو رواج هلندو رهيو. عام ماڻهن جي زندگيءَ تي به فارسيءَ جو گهڻو اثر رهيو آهي. اڪثر ڪري علمي گفتگو سوال جواب، خط و ڪتابت توڙي بحث مباحثا به فارسيءَ ۾ ٿيندا هئا. ايران ۽ ٻين ملڪن وانگر سنڌ ۾ به سعدي، رومي، فردوسي ۽ حافظ جو وڏو رتبو ۽ اثر رهيو آهي. ايتري تائين جو انگريزن جي تسلط کا اڌ صدي پوءِ به انهن شاعرن جو نالو ۽ ڪلام محفلن ۽ مجلسن جو سينگار هو. جيتوڻيڪ زمانو بدلجي ويو آهي ۽ ماڻهو به فارسي نه ٿا ڄاڻن، پر اڄ به سنڌ ۾ انهن ادب جي استادن جو نالو وڏي ادب ۽ احترام سان ورتو وڃي ٿو.

سعدي، مولوي (رومي)، نظامي، جامي ۽ حافظ جو سنڌ ۾ ڪيترو اثر آهي، اهو هڪ اهڙو سوال آهي، جنهن مان هر هڪ تي جدا جدا گفتگو ڪري سگهجي ٿي. بهرحال اڄ هن مجلس ۾ سنڌ تي فردوسي ۽ سندس شاهنامي جي اثر متعلق ڳالهه ٻولهه ڪبي.

سنڌ جا ماڻهو بهادر، جنگجو، غيرت مند ۽ پنهنجي تاريخ جا دل سان عاشق آهن. انهن جي تاريخ ئي سندن جنگي داستانن سان ڀرپور آهي ۽ ڏيکاري ٿي ته انهن دشمن جي آڏو وطن جي خاڪ جو ڪيئن دفاع

---

* مترجم: عبدالرسول قادري.

ڪيو پر سنڌن شعر پسنديءَ ۽ لوڪ ادب ۾ تاريخي داستانن سان پريل آهي، جنهن ۾ به تيرن، تلوارن ۽ هٿيارن پنهوارن جو ذڪر آهي. انهن داستانن ۾ بهادرن جي يادگارن مان ظاهر آهي ته سنڌن ذهني ۽ فڪري پرورش به ساڳي ريت ٿيل آهي. اها به فخر جي صورت آهي ته اهڙي علمي ادبي ذوق شوق سان گڏ هن ملڪ جا ماڻهو پنهنجي تاريخ ۽ روايتن کي عزيز رکن ٿا ۽ گڏو گڏ فردوسي ۽ سندس شاهنامي کي پنهنجي لاءِ مشعل راهه سمجهن ٿا ۽ سندس شاعري ۽ روايتن مان فال به ڪڍن ٿا.

هاڻي ڪان ڪجهه وقت اڳ ڪيترن ئي اهل سخن کي شاهنامي جو ڪو حصو ياد هوندو هو. ان جي رزم آرائيءَ جون ڳالهيون ڪندا ۽ داد شجاعت ڏيندا هئا. انهن مان ھڪڙا جنگي داستان سنڌي ٻوليءَ ۾ پڙهندا هئا ته ٻيا وري شاهنامي جا فارسي شعر ياد پڙهندا هئا. اهڙيءَ ريت پنهنجي بهادري ۽ دفاعي طاقت کي ياد ۾ زنده رکندا هئا. سخن دان ته سڄو فارسي شاهنامو ياد ڪندا هئا. ادبي تاريخ ۾ انهن کي "شاهنامي جا حافظ" جي لقب سان به ياد ڪيو ويو آهي. ٺٽي شهر ۾ فارسي گو شاعر لاله آسا رام کي سڄو شاهنامو ياد هو (1). شاهنامي جو بحر خوش رنگ ۽ وڻندڙ آهي، ان ڪري هي وزن سنڌ ۾ تمام گهڻو پسند هو. ٺٽي جي هڪ ٻئي عالم ابوالبقا وري سعديءَ جي فارسي ڪتاب گلستان کي متقارب مثمن مقصور بحر ۾ آندو هو (2).

سن 999هه عبدالرحيم خانخانان سنڌ ۾ آيو هو ته جيئن ان کي ترخانن جي قبضي مان آجو ڪري، اڪبر جي بادشاهيءَ ۾ شامل ڪري. علامه ابوالفضل، اڪبر بادشاه جو وزير ۽ گهاٽو دوست هو. جن ڏينهن ۾ جنگ جاري هئي، تڏهن ابوالفضل جا ڪجهه خط پهتا، جن ۾ تاڪيد ٿيل هو ته ان وقت شاهنامي جو اڀياس ضروري هو (3). انهن مان هڪ خط ۾ ابوالفضل لکي ٿو:

"توهان جي مجلسن ۾ ظفرنامه، شاهنامه ۽ چنگيزنامه جو ذڪر هجي. جنگ وقت اخلاق ناصري، مڪتوب شيخ شرف منيري، خاقاني ۽ حديقه پڙهڻ جي ضرورت ڪانهي. ڇو ته انهن ڪتابن ۾ دنيا جي ترڪ ڪرڻ جي گفتگو ڪيل آهي ۽ اسان جو واسطو وري دنيا جي بزم ڪثرت......" (4).

ظاهر آهي تہ لڙائيءَ جي ڏينهن ۾. ۽ جنگ جي وقت شاهنامي کي پڙهڻ لازمي سمجهيائون ٿي. ان جو سبب اهو ئي آهي تہ شاهنامي جي پڙهڻ سان احساس ۾ جوش ۽ ارادي ۾ پختگي پيدا ٿئي ٿي. شاهنامو بهادرن کي بہ جرئت ڏياري ۽ همٿ وڌائي ٿو.

حقيقت ۾ سنڌ جي علمي، ادبي ۽ شخصي محفلن جي رونق وڌائڻ ۽ مجلسن مچائڻ ۾ شاهنامي جو مکيہ ڪردار آهي. اهي محفلون ۽ مجلسون سومهڻي نماز کان پوءِ اڌ رات تائين متل هونديون هيون. ڪڏهن سعدي ۽ ڪڏهن حافظ، پر زيادہ ۽ گهڻو ڪري ڪچهرين جو موضوع شاهنامو ئي رهندو هو. البتہ صبح جي وقت روميءَ جي مثنويءَ کي قرآن مجيد جي تلاوت کان پوءِ وڏيءَ عقيدت ۽ محبت سان پڙهندا هئا.

ٽالپور حڪرانن جون محفلون تہ گهڻو ڪري شاهنامي سان ئي آباد هيون. مير فتح علي خان ٽالپور، جنهن سنڌ جي حڪومت ڪلهوڙن سان جنگ ڪري ورتي هئي، پنهنجي جنگي ڪارنامن کي شاهنامي جي حڪمرانن ۽ ڪارنامن جي برابر ٿي سمجهيو ۽ پنهنجي ملڪ ۾ شاهنامي جي پڙهڻ کي رواج ۾ آندو (5). جيسين "فتح نامه" لکجي تيار نہ ٿيو هو، سندس مجلس ۾ شاهنامو ئي پڙهيو ويندو هو. مير فتح علي خان ٽالپور جي فتح ۽ ڪاميابين کي، جڏهن مير عظيم الدين ٺٽوي شاهنامي جي بحر ۾ "فتح نامه" نالي ڪتاب لکيو تڏهن بہ شاهنامي جو پڙهجڻ پنهنجي جاءِ تي اهم هو. ان بعد شاهنامو ۽ فتح نامه ئي موضوع سخن بنيا رهيا. ڊاڪٽر برنس لکي ٿو:

"پاڻ شاعر کي مقرر ڪيائين...... تہ سندس ڪارنامن کي فردوسيءَ وانگر شعر ۾ آڻي ۽ "فتح نامه" کي ان جهڙو شاهڪار جاودان سڏيو..... هاڻي دربار ۾ فتح نامو پڙهجي ٿو ۽ ڪي درباري ان مان وٽندڙ شعرن کي بر زبان ياد بہ ڪن ٿا" (6).

جنهن وقت ٽالپورن جو حڪمران گهراڻو سٺ سالن جي حڪومت کان پوءِ 1843ع ۾ انگريزن هٿان زوال پذير ٿيو، تڏهن شاهنامي پڙهڻ جو وڌيڪ رواج وڌي ويو. ڇو تہ نا اميدي ۽ پريشانيءَ جي حالت ۾ شاهنامي جا قصا تنهائي دوران دلجاءِ ۽ قرار ڏيندڙ هئا. ايران جي دليرن جي ڪارنامن،

ميرن کي دلداري ٿي ڏني، تہ هڪ ڏينهن هٿ مان ويل حڪومت وري موٽي ملندي. قيد ۾ بند ٿيل مير صاحبان، جي اڃا حال حيات هئا، سي شاهنامو ٿي پڙهندا هئا. هيءُ سلسلو ڳچ وقت هليو.

## ڪجهہ روايتون:

سنڌ جي تاريخ ۾ فردوسي ۽ شاهنامي جي باري ۾ ڪجهہ روايتون ملن ٿيون. انهن جو احوال هيٺ ڏجي ٿو.

مير نصير خان ٽالپور تخلص جعفري (وفات 1261هہ) (7). فردوسيءَ جي هن بيت:

هر آنکس که شهنامہ خواني کند
اگر زن بود، پهلواني کند

(جيڪڏهن عورت شاهنامو پڙهي تہ بهادري ڪرڻ لڳندي) جي جواب ۾ چيو آهي:

هر آنکس که خود پهلواني کند
چه حاجت که شهنامه خواني کند (8).

(بهادر انسان کي شاهنامي پڙهڻ جي ضرورت ڪانهي).

مير صاحب جي طرز فڪر ۽ روانيءَ کي هن مان ئي ڏسڻ گهرجي، جو پاڻ شاهنامي جيڏو ضخيم ڪتاب "مختيار نامه" جي نالي سان 1241هہ ۾ تصنيف ڪيائين (9).

سيد ثابت علي شاه (وفات 1225هہ) ٽالپوري دربار جو مرثيہ گو شاعر هو. خليل ٺٽويءَ جي قول موجب، پاڻ فردوسيءَ جي هن شعر:

سپر بود پشت شه ڪامياب
چو ابرسيه مائل آفتاب

(ڪامياب بادشاھ جي پٺ تي ڍال ائين آهي، جيئن ڪارو ڪڪر سج جي سامهون اوٽ هجي)، جي جواب ۾ ان طرز جو شعر چيو ۽ گوءِ کٽي ويو:

سپر بود بر پشت زوجِ بتول
چو مهر نبوت بدوش رسول (10)

(حضرت علي عليہ السلام (زوج بتول) جي پٺ تي ڏال ائين هجي، جيئن رسول ڪريم ﷺ جي ڪلهي تي نبوت جي مهر).

خبر ناهي تہ همعصر ايراني اديبن هن بيت کي ڪهڙيءَ نظر سان ڏٺو پر سنڌ ۾ هيءَ خبر پهتي جا خليل جي زباني ٻڌو: "جڏهن هي ماٺهو ايران پهتو تہ انهن کي حيرت ورني وئي. چيائون تہ سنڌ جو ڇاٺو ڪيئن فردوسيءَ جي رتبي کي پهتو؟" (11).

سچ يا ڪوڙ پر هن عبارت مان ظاهر ٿئي ٿو تہ فردوسيءَ سان برابري جيتوڻيڪ هڪ بيت ۾ آهي، پر ڪمال جي ڳڻي سگهجي ٿي. ان ريت ٻين شاعرن بہ هن ميدان ۾ طبع آزمائي ڪئي آهي. خليل ٺٽويءَ "يد بيضا" مان صائب، شفائي ۽ مير محمد مراد هنديءَ جي تتبع جا مثال ڏنا آهن. آخر ۾ پاڻ بہ فردوسيءَ جي پيرويءَ ۾ هي بيت چيو آهي:

بفرمود تا بر فرس زين كنند
دام اندر دم ناي زرين كنند (فردوسي).

بگفتا كہ بر اسب زيـن را نهند
نہ زين، بلكہ كشتي بدريا نهند (خليل) 12).

ٽالپورن کان اڳ ۾ بہ اهو رواج هو ۽ سنڌ جي ادبي تاريخ ۾ فردوسيءَ جي پيروي لاڳيتو هلندڙ هئي. جنهن وقت ميان نورمحمد ڪلهوڙو گذاري ويو ۽ سندس پٽ محمد مراد ياب خان تخت تي ويٺو. تڏهن منشي چترڀوج (وفات 1171هہ) ماده تاريخ فردوسيءَ جي هن مصرع مان ڪڍيو:

تقلب نيست در مصرع فردوسي
كه مرگ خرد بود سگ را عروسي (13).

ابراهيم خليل مؤلف "تڪلمہ مقالات الشعرا" جي، مقدمي ۾ فردوسيءَ بابت هڪ لطيفو بيان ڪري ٿو: "شاهنامي" جي مقدمي ۾ نقل ٿيل آهي تہ. ڪنهن بزرگ فردوسي طوسيءَ کي خواب ۾ ڏٺو تہ هو بهشت جي باغن ۾ گهمي رهيو آهي. ان بزرگ ڪانئس پڇيو تہ هي شرف ڪيئن مليو اٿئي؟ فردوسيءَ چيو الله تعاليٰ جي حمد ۾ بيت چيو هوم. جو رب پاڪ جي بارگاه ۾ قبول پيو ۽ هي فائدو پيو ۽ اهو هن ريت آهي:

جهان را بلندي و پستي تو اي
ندانم چه اي هرچه هستي تو اي

(جهان جي بلندي ۽ هيٺاهين تون ئي آهين. نہ ڄاڻان ڇا آهين، سڀڪجهہ تون ئي آهين). ٻئي ڪتاب ۾ ڏنم تہ فردوسي هي بہ حمد جا بيت پڙهيا هئا:

ستايش كنم ايزد پاک را
كه گويا و بينا كند خاک را
بموري دهد مالش نره شير
كند پشه بر پيل جنگي دلير

شايد جدا جدا خواب آهن، جو هڪ ۾ هو بيت پڙهيائين ۽ ٻئي ۾ هي بہ بيت چيائين (14).

جيتوڻيڪ سنڌ جي شاعرن ڪجهہ مثنويون شاهنامي جي بحر کان سواءِ ٺاهيون آهن، پر هرجاءِ تي انهن فردوسيءَ جو نالو ادب ۽ احترام سان ورتو آهي. مثال طور مير عظيم الدين ٺٽوي پنهنجي مثنوي "هير رانجهو" جداگانہ بحر ۾ ٺاهي آهي. چوي ٿو:

گر از فردوس آيد روح طوسي
به بزم دل درين جشن عروسي
خط تهنيتش در محفل شاهہ
نويسانم به مهر مهر تاماهہ(15)

سنڌ جي ليکڪن پنهنجن ڪتابن ۾ فردوسيءَ جي شعرن کي تضمين ۽ مثال طور بہ آندو آهي، جنهن مان ظاهر ٿئي ٿو تہ سنڌ جي شاعرن ۽ مصنفن جي فڪر تي فردوسي ڪهڙو نہ اثر ڇڏيو آهي. تنهن کان پوءِ هي سڀ مثال ان جو دليل آهن تہ ليکڪن ۽ شاعرن جا بجاءِ پنهنجي تائيد لاءِ شاهنامي مان شاهد طور مثال ڏنا آهن. "مظهر شاهجهاني" سنڌ جي سياسي تاريخ "سياست نامه" وانگر آهي. ان جي پهرئين جلد ۾ ملڪداري ۽ سلطنت جا آداب ڏنل آهن. مصنف ڪيترين جاين تي فردوسيءَ جي شعرن مان بہ استفادو ڪيو آهي.

**فردوسيءَ جي طرز جي پيروي:**

سنڌ جي شاعرن فردوسيءَ جي نموني ۽ تتبع تي گهڻيون مثنويون چيون آهن، جي گهڻو ڪري ڪلهوڙن جي دور کان انگريزن جي اوائلي زماني تائين جون آهن. هن ئي دور ۾ هت فارسيءَ جو گهڻو رواج هو. جيتوڻيڪ گهڻيون مثنويون زماني جي ڏاڍاين کان محفوظ نہ رهيون آهن، البت جن تائين اسان جي رسائي ٿي سگهي آهي، انهن جو تذڪرو هيٺ ڪجي ٿو.

(1) **نامہء نغز (1155ھ) از باغ علي خائف:** هن مثنويءَ ۾ 6473 بيت آهن. ميان نور محمد خدا يار خان عباسي ڪلهوڙي جي زماني ۾لکي وئي ۽ ان ۾ نادر شاه جي سنڌ ۾ اچڻ جا اکين ڏٺا واقعا تفصيل سان ڏنل آهن. هي مثنوي تاريخي واقعن سان سينگاريل آهي. هن مثنويءَ ۾ نادرشاھ جي باري ۾ جيڪي شعر آهن، اهي مون "منشور الوصيت" ۾ ضميمي طور شامل ۽ شايع ڪري ڇڏيا آهن. مثنويءَ جي ابتدا هن ريت آهي:

خدايا تواي آفريننده جان
تو داننده آشڪار و نهان
ز تو شادماني ز تو غم بود
ز تو بر فزوني ز تو ڪم بود

پڇاڙي هن ريت آهي:

زمين را ز اسپان ز غم در ستوه
زسم ستوران دزم دشت وڪوه
عنان سپه گر به ايران ڪنم
بلشڪر، زمين، ڪوه ويران ڪنم

۽ فردوسيءَ بابت هن ريت چيل آهي:

چو ديدم بمردانگي استوار
دلاوردم از ڪار او در نگار
ڪه بندم به نامش يکي نامه يي
گرانمايه گوهر چو "شهنامه" يي

چه گفته است داناي ديرينه طوس
بيا راست "شه نامه" چون نو عرس
بدور سپه دار محمود شاه
که او بود باتاج و تخت و کلاه
شه غزنوي شاه نيکو نهاد
ز هي نام محمود فرخ نژاد
پژوهندگي را بيا راست کار
به............. هوشمندان ديار
بگيتي نهان دوست بودش يکي
نشان کيان دادش آن بي شکي
و را بود از مويدان سال خرد
يکي چند اجزايي پيشش ببرد
چو ديد آن خردمند روشن نهاد
گذشته زمان را زسر کرد ياد
بگوهر شرفنامه را کنده کرد
عجم را بدين پارسي زنده کرد
ازو گشت روشن دلي هوشمند
که بر خواند ديرينه اجزايي چند
سخن را بسنجند از هر دري
ز هر مويدان و ز هر کشوري
بسي رازهاي نهان کرد باز
پراکنده گفتار را داد ساز
چه گفت آن گرانمايه شيرين سخن
به شهنامه فردوسي راي زن
نخستين خديوي که کشور گشود
سر تاجداران کيومرث بود

***

سخنگوي فردوسي هوشمند
بلندي گرفته ز راي بلند
پسنديده هر گوهر و لعل و دُر
ببرد آن شرفنامه را کرد پر
گرانمايہ گوهر بتاراج برد
پس افتاده بر ديگران بر سپرد
بگفت آن که بودش سخن دلپذير
بخوانند گان گشت ور بينظير

***

پس آن گه شد اين نامهء ارجمند
کزو گشت خوانند گان فيض مند
مرا آرزو در دل آمد يکي
که سازم يکي نامهء بي شکي
چو "شهنامه" ديدم سکندر دگر
پسند آمدم در دل پر هنر
که بندم يکي نامه يي از نگار
بنام خدايار خان نامدار
بدين داستان شغل را ساختم
يکي "نامہ نغز" پرداختم
بعهد خدا يار خان شيرنر
سپه دار عباسي نامور
هزار و صد و سال و پنجاه و پنج
کشيدم سه سال اندرين نامه رنج(16).

هي ڪتاب جيتوڻيڪ شاهنامي جي تتبع تي لکيل آهي، تاهم ان جي فارسي ڪمزور ۽ شعر ڪچو آهي.

**(2) حملۂ حسيني (1163هہ) از محسن ٺٽوي (وفات 1163):** حقيقت ۾ هي مثنوي حملۂ حيدريءَ جو تڪملہ يا ضميمو آهي ۽ ڪربلا جي سانحي کي نظم ۾ آندو ويو آهي. هن مثنويءَ جو ٻيو نالو "اعلام ماتم" آهي. هن مثنويءَ جو بحر شاهنامي جو بحر متقارب آهي.

ابتدا:

سپاس خرد صانع پاڪ را
همان جان دهي پيڪر خاڪ را

(پيدا ڪندڙ پروردگار جو شڪر آهي، جنهن مٽيءَ جي بوتي کي جان بخشي).

پڇاڙي:

ڪه تا ڪرد مختار ثقفي خروج
ڪنون حال اورا ببخشم عروج

(مختيار ثقفي خروج ڪيو. هاڻي ان جي حال کي عروج بخشيم).

مختيار جي داستان جو آغاز اڃا مس ٿيو هو تہ پاڻ شاعر هن جهان مان موڪلائي ويو ۽ هن اڌوري مثنويءَ کي مير علي شير قانع ٺٽويءَ "مختارنامه" جي نالي سان پورو ڪيو. حملہ حسينيءَ ۾ 9 هزار بيت آهن (17).

**(3) نادرنامه شاهنامه نادري (1172هہ):** هيءَ مثنوي فردوسيءَ جي شاهنامي جي طرز تي چيل آهي ۽ ان جو شاعر معلوم ڪونهي. ساڳئي نالي سان هڪ وڏيڪ "شاهنامہ نادري" محمد علي طوسيءَ جو بہ لکيل آهي، جيڪو انجمن آثار ملي ايران طرفان ڇپيل آهي. شاعر جو مختصر احوال "مقالات الشعرا" ۾ آيل آهي (18).

هن منثويءَ ۾ نادر جي حملن، سنڌس آغاز ۽ پڇاڙي تفصيل سان منظوم ٿيل آهي (19). هن نسخي جو پهريون صفحو گم آهي، البتہ ٻئي صفحي جو پهريون بيت هن ريت آهي:

جهان خيزد از جا به رقص و سماع
چو آن اختر از مهر در آرد شعاع

اڳين شاعرن جو ذڪر ساقي نامي جي شعر سان شروع ڪيل آهي ۽ انهن جي تعريف ڪيل آهي. فردوسيءَ متعلق چوي ٿو:

ز گفتار فردوسي نامدار
دو بيتي به وصف سخن گوشدار
که کافيست مارا درين انجمن
همان چار مصرع به وصف سخن
"بناهاي آباد گردد خراب
زباران واز تابش آفتاب
سخن را بنايي برافگن بلند
که از باد و باران نگردد نزند
نخستين که از فيض ارزندگي
قلم رزدم از چشمهء زندگي
ز اعجاز فردوسي نکته سنج
سر مار کلک، از سخن ريخت گنج
ازو بود، چرخ سخن را مدار
ازو پايهء نظم شد استوار
زبان دار گلشن به دست شکوه
به "شهنامه" ميزد دم از تيغ کوه
کسي را نيامد برون از زبان
ازان دور تا حال نظمي چنان
به بزم سخن تا مقدم نشست
که منصوبهء کس چنان کم نشست
به بحر تقارب درين داوري
براو، ختم باشد سخن پروري
ازو نام محمود شوکت مدار
بهر صورتي مانده در روزگار
ازو گرنمي يافت يکره گزند
همين شد به نيکيش نام بلند

ان بعد پنھنجي شاعريءَ جو ذڪر ڪندي چوي ٿو تہ مثنوي "شاهنامہ ۽ فردوسي" جي بحر ۾ چيل آهي:

ز ايام فردوسي نامدار
که گرديد آسان سخن استوار
عزيزان پيشين ز بستان فکر
همه چيده گلهاي مضمون بکر
بتاراج رفته است گل هاي باغ
ازان مي کشان خشک مانده اياغ

***

شد از کلک فردوسي پر هنر
در ايام رستم چنين نامور
شد از مشرق کلک آن آفتاب
جهانگير خورشيد افراسياب
ازان نکته پرداز شيرين کلام
ملوک عجم را بلند است نام

***

بعرض يکي سال فرخنده فال
سراينده أز راستي اين مقال
همانا که ابياتش اندر شمار
که از هفده باره بود يک هزار
به شهنامه فردوسي نکته سنج
که سي سال در نظم آن برد رنج
نه بد پيشتر شصت باره هزار
که از کلک او بر ورق شد نگار
دوباره هزار از زبان قلم
بسالي فزون تر نکرده رقم (20).

هن نسخي ۾ 289 صفحا آهن ۽ هر هڪ صفحي تي 52 بيت آهن (21).
هي مثنوي سيال ڪوٽ جي نظام الدين جي مثنوي "شهنشاه نادري" جا 1162هه ۾ لکي وئي، ان کان ڏهه سال پوءِ تصنيف هيٺ آئي.

**(4) مختار نامه (1194هه) از مير علي شير قانع:** هن نظم ۾ نانع ست هزار بيت "تڪمله حمله حسيني" نالي سان آندا آهن.

به نام جهان داور کرد گار
که بر قدرت اوست مختار کار

پڇاڙي:

بماني به اين حشمت واعتلا
به حق محمد به آل عبا (22).

**(5) فتح نامه (1199هه) مير عظيم الدين ٺٽوي:** شاعر مير فتح علي خان ٽالپور جي دربار سان لاڳاپيل هو. هن ۾ ان جنگ جو داستان آهي، جنهن ۾ ميرن ٽالپورن، ڪلهوڙن کان حڪومت کسي پاڻ هٿ ڪئي هئي. ان جنگ بابت هي پهريون ڪتاب آهي. ابتدا:

بنام خداوند هر دوجهان
شه هفت گيتي و نه آسمان
خداوند کم گير و بسيار بخش
خرد بخش و دل بخش و ديدار بخش

(ٻنهي جهانن جي مالڪ جي نالي سان شروع، جو نون آسمانن ۽ ستن زمينن جو بادشاه آهي. رب پاڪ گهٽ وٺندڙ ۽ گهڻو بخشيندڙ آهي).

خاتمو:

خداوند عالم نگهدار شان
به هر دو جهان ياور و يارشان
به شان باد دايم دعاي عظيم
تو بشنو بفضل، اي خداي عظيم

(جهان جو مالڪ نگهبان ۽ ٻنهي جهانن جو مددگار آهي. اي خدا، تون فضل ۽ ڪرم سان ٻڌي دعا قبول ڪر).

فردوسيءَ بابت چوي ٿو:

به فردوس من بين، چه خوش منظر است
که هر مصرعه اش موجئه کوثر است
به اين حجت امروز فردوسيم
و ليکن، نـ فردوسي طوسيم
که او بود مردي بسا نامدار
به شعر معاني نکو شهزيار
بلند آمدش در سخن دستگاه
قلم راند بر صفحه مهر وماه
به بزم سخن قدرت نام داشت
زبان يک درخشنده صمصام داشت
ميان من و اوست، بسيار فرق
چه فرقيکه دارد بهم غرب و شرق
که او عقل بستود من عشق پاک
سلامت پسنديده او، من هلاک
گرفت آن خردمند سر در سپر
من بي خرد تيغ را داده سر
بڊامان کشتي زد او دست خويش
نه چون من به دريا بپيوست خويش

***

مضامين شهنامه اش ديده ام
در افشاني خامه اش ديده ام
چه گويد ز فردوسي و نظم او
که عزمم کجا و کجا عزم او
وي آراست، اکليل از گوهران
ببزم خسيسان بي جوهران
به عهد لواي سخن بر فراشت
که عهد سلاطين، وفايي نداشت

ز مسکين گرفتند گنج گهر
ندادندش اندر عوض مشت زر
وفا کرد شان وعدهٔ زر و سيم
نه گشتند بر وعدهٔ خود کريم
چو گنج سخن ديد آن سيم را
به آرنده ها داد زان نيم را
دگر نيم داده بگرما به آن
که در خدمتش گرم بود آن زمان
عجب شاه دل مرد درويش بود
که درهمت از شاه خود بيش بود
دل بند. باري چوبيدار شد
خداوند خود را خريدار شد
نه محمود ماند و نه سيم و زرش
نه آن تخت ماند و نه آن افسرش
مگر سستي عهد او يادگار
بمانده است برصفحهء روزگار (23).

(6) **شاهنامه (1249هـ) محمد عالم:** هن مثنويءَ ۾ جنگ جو احوال آهي، جا خيرپور جي والي مير علي مراد خان ۽ شاهه شجاع افغانيءَ جي وچ ۾ ٿي هئي. حملي آور شاهه شجاع شڪست کاڌي هئي. هن جنگ جي باري ۾ سنڌي زبان ۾ بہ ڪجهہ مثنويون چيل آهن. محمد عالم ان کي 340 بيتن ۾ آندو آهي. سندس شعر البتہ ڪچو آهي.

ابتدا:

سپاس است مر حضرت ذوالجلال
کريم الرحيم است تا در کمال

خاتمو:

همان دم بخوان باعث حفظءِ!
به تصديق او را ولي خمسءِ!

هن مثنويءَ کي مير علي مراد خان لاءِ ڪاتب، فتح چند پٽ ديوان ٺهلرام سيوستاني ڪتابت ڪيو آهي. ڪتابت جي تاريخ 29 رمضان المبارڪ ڏينهن آچر سن 1286هه آهي. شاعر فردوسيءَ کي هن ريت ياد ڪيو آهي:

عجب عالما تست خوش جامه يي
چو شهنامه تست شهنامه يي
نہ شهنامه او است پيشينگان
که فردوسي اش گفت وصف شهان
بمن است شهنامه شاهزاد
چوشهنامه، شهنامه نامش نهاد

(7) **فتح نامه (1254هه) مير صوبدار خان:** هن مثنويءَ جو شاعر مير فتح علي خان ٽالپور جو فرزند مير صوبدار خان آهي. شاعر هي مثنوي ڪلڪتي ۾ تڏهن لکي هئي، جڏهن هو وطن کان پري هو. هيءَ مثنوي تاريخ جو هڪ ماخذ آهي. مير فتح علي خان جي سوين ۾ ڪلهوڙن سان ڪيل لڙاين بابت، هن مثنويءَ ۾ 16300 بيت آهن ۽ "جنگ نامه" جي نالي سان بہ مشهور آهن.

آغاز:

بنام خداوند فتح و ظفر
فزاينده عقل و بخت و هنر
خداوند مهر و خداوند ماه
خداوند جان و جهان را پناه

خاتمو:

بيا مطربا لحن دل کش بباغ
به مضراب بيفروز چون شب چراغ
سرودي ڪه باشد پر از رنگ و بو
چو داود نرم آهن آيد ازو
پس از هجرت مرسل کرد گار
هزار و دو صد رفت و پنجاه و چار

که شد نظم این نوبهار شگرف
بمعني پراز در چو دریاي زوف (24).

(8) **سفرنامه (1260هہ) مير نصير خان ٽالپور:** مير نصير خان جنهَن پنهنجو تخلص "جعفري" رکيو هو ۽ شاهنامي جي بحر جو دلداه هو. جيتوڻيڪ سندس شعر جو موضوع جنگ نہ هو، پر ان وزن ۾ مثنويون چوندو هو. انگريزي تسلط بعد جڏهن ڪلڪتي ۾ وطن کان پري هو تہ پريشانين ۽ سفر جي تڪليفن سبب هي مثنوي چيائين.

بنام خدايي که جان آفريد
ازو گشت سختي و نرمي پديد
فرستاد از لطف پيغمبران
که گمراه نگردند تا انس و جان

(خدا جي نالي سان شروع جنهن ساه پيدا ڪيو. ان کان ئي ڏک سک ظاهر ٿين ٿا. لطف سان پيغمبرن کي موڪليائين، تہ جيئن انسان ۽ جن گمراہ نہ ٿين).

پڇاڙي:

بکن جعفري شکر صبح و مسا
که مولي علي هست مشکل کشا
که آسان کند مشکل ما تمام
سخن ختم کردم و این والسلام (25).

(جعفري صبح ۽ شام شڪر ڪر، مولا علي مشڪل ڪشا آهي، سو اسان جون سڀ مشڪل آسان ڪندو).

(9) **مثنوي سفرنامه (1260هہ) مير نصير خان ٽالپور:** هي سفر بابت ٻي مثنوي آهي، ان جو موضوع ۽ بحر ساڳيو آهي. ابتدا:

بنام خدايي کزونقش بست
درون دو عالم هر آنچه که هست
پس از حمد يزدان جان آفرين
کنم نعت پيغمبر پاک دين

***

کنون باز گويم همه حال خويش
بيان سازم اکنون، ز احوال خويش
ازين پيش گفتم يکي داستان
نمودم در او مختصر هم بيان

انگريزن جنهن وقت ميرن کان تاج ۽ تخت ورتو ۽ شاهي خزاني مان ارڙهن ڪروڙ روپيا لٽيا، ان بابت شعر چوي ٿو:

بوقتي که از ما بگرديد هور
بغارت ببردند هزده کرور
و هم ملک و ناموس ما سر بسر
ببردند در دوستي بيخبر

(اسان کان جڏهن زمانو ڦريو، ملڪ، ناموس ۽ ارڙهن ڪروڙ روپيا لٽيائون. اسين بيخبر رهياسون، اهو سڀ ڪجهه دوستيءَ ۾ لٽيائون).

پڇاڙي:

بکن جعفري شکر هردم مدام
به آل محمد عليه السلام (26).

(جعفري سدائين شڪر ڪر، آل محمد عليہ السلام ئي بهتر آهي).

(10) جدائي نامه (1260هـ) مير صوبدار خان: هي مثنوي بہ مير صوبدار خان وطن کان پري عزيزن جي ياد ۾ چئي:

ابتدا:

خدا يا شب هجر را ساز روز
ز داغ جدايي دل من مسوز
بيفروز چون صبح صادق چراغ
گل جان من بشگفان باغ باغ

(اي خدا، هجر جي رات کي ڏينهن ڪر، جدائي جي داغ کي منهنجي دل مان نہ پار، صبح صادق وانگر ڏيئو ٻار، منهنجي جان جو گل باغ وانگر کول).

پڇاڙي:

بيا مطربا! زخمه بر زن بعود
بياراي مجلس ببانگ سرود
سرودي که از زيد خوشتر بود
شکر خا چو گفتار دلبر بود (27).

**(11) مثنوي مؤمن (1271هه) مير عباس علي خان مؤمن (وفات 1273هه):** هي ٻياسي بيتن واري مثنوي مؤمن هڪ واقعي جي تعريف ۾ چئي آهي.

ابتدا:

بنام الاهي کہ گردان سپهر
بر افراخت و افروخت ناهيد و مهر

فردوسيءَ جو ذڪر:

ز فردوسيءِ طوسيءِ پاک دين
بيارم دو ابيات با آفرين
چنين است رسم سراي فريب
گهي بر فراز و گهي برنشيب

*

چو مي گويد آن مرد داناي طوس
که نظمش سراسر بود چون عروس
درختي که تلخ است ويرا سرشت
گرش در نشاني بباغ بهشت
ور از جوي خلدش بهنگام آب
به بيخ، انگبين ريزي و شهد ناب
سر انجام گوهر بکار آورد
همان ميوهٔ تلخ بار آورد
ز بد گوهران بد نباشد عجب
نشايد ستردن سياهي ز شب

ز ناپاک زاده مدارید امید
که زنگي بشستن نگردد سفید
زید اصل چشم بهي داشتن
بود خاک در دیده انباشتن
چه خوش گفت رستم به اسفند یار
دران دم که بودند، در کار زار
که در راه من برستیزه مریز
که من خود یکي مایه امر درستیز (28).

**(12) رزم نامه نادر شاهہ (قبل 1271هہ) مير محمد علي بهرور (وفات 1278هہ):** هن مثنويءَ ۾ هڪ سؤ ڇهہ بيت آهن. ڪرنال جي جنگ ۽ نادر شاهہ طرفان دهلي فتح ڪرڻ جو احوال "جهانڪشاي نادري" تان ورتل آهي (29).

**(13) رزم نامه شير (1271هہ) مير محمد علي بهرور:** هي مثنوي بہ بهرور ڪلڪتي ۾ رهڻ وقت چئي. ان ۾ شينهن جي شڪار جو بيان آهي.

آغاز:

سپاس آن خدایي که شیر آفرید
پي رزم شیران، دلیر آفرید

فردوسيءَ بابت چوي ٿو:

کند مور بر شیر نر چیره دست
زپشه دهد مالش پیل مست
درین باب فردوسيءِ نیک نام
چه خوش گفت بیتي به حسن کلام
ز موري دهد مالش نره شیر
کند پشه بر پیل جنگي دلیر

پڇاڙي:

بماند همین نسخه در روزگار
ز میر محمد علي یادگار (30).

(شال مير محمد عليءَ جو هي نسخو زماني جو يادگار رهي).

**(14) شاهنامه سنڌ (1310هـ) مير حسن علي ٽالپور (وفات 1324هـ):** هي مير صوبيدار خان جي فتحنامي جو سنڌي ترجمو آهي ۽ شاهنامي جي بحر ۾ آهي. جيڪي واقعا فتحنامي ۾ نہ آهن، اهي بہ هن ۾ اچي ويا آهن. ترجمو آزاد ۽ موزون آهي (31).

**(15) شهنشاهہ نامه (1318هـ) مير حسن علي خان:** هي حملہء حيدريءَ جو شاهنامي جي بحر ۾ سنڌي ترجمو آهي (32).

**(16) قادري نامه (1326هـ) پير علي اصغر راشدي (وفات 1354هـ):** هن جو مصنف اسان جي راشدي خاندان جو بزرگ هو. پاڻ راشدي خاندان جي تاريخ کي شاهنامي جي بحر ۽ نظم ۾ آندو اٿس. سنڌي ۽ فارسي شعر چوندو هو ۽ خوشنويس بہ هو. مثنويءَ ۾ چار هزار بيت آهن. سندس هٿ اکرين اڻ پورو نسخو مون وٽ موجود آهي.

ابتدا:

تو قادر ترا قدرت و قادري
تو مي آفريني، تو مي پروري

(تون قادر توکي ئي قدرت ۽ قادري آهي. تون پيدا بہ ڪرين ٿو ۽ پالين بہ ٿو).

فردوسيءَ جي پيروي هن ريت ڪئي اٿس:

عرب را بجايي رسانيد کار
که گشتند دهقانها شهر يار
کسي قصر کسري بکسر آوريد
کسي پاي برمسند روم ديد
يتيم آمد و شهرياري گرفت
نه امداد از کس، نہ ياري گرفت

(عرب جو اهڙو ڀاڳ وريو جو ديهاتي بدو بہ بادشاهہ بنيا. ڪنهن ڪسري جي محلات تي ڀڳي تہ ڪنهن روم جي تخت تي پير تي ڏريا. جيتوڻيڪ يتيم آيو ۽ بادشاهي ورتائين، تہ بہ ڪنهن کان مدد نہ ورتائين).

مرا از بسي سال بود اين خيال
بہ تحرير چيزي کشم از مقال
و ليکن، نہ چو طوسيءِ پاکزاد
ز کاووس وکسري کنم قصه ياد

❊

چه حاجت که شاهان ستايي کنم
نہ من مفلسم تا گدايي کنم

(بادشاهن جي تعريف ڇوڪريان. سڃو ناهيان جو پنندو وتان).

به طمع زر از بادشاهان عهد
شرنگ آوريدند بر جايي شهد

❊

همه فکرتم را تو صائب نما
چو فردوسيءِ طوسيم دل گشا (33).

## (17) تاريخ حڪمرانان لس بيلہ (1341هہ) محمد سليمان:

هي لس بيلي جي مختصر تاريخ شاهنامي جي نموني ۽ بحر ۾ آهي (34).

آغاز:

بنام خداييکه سلطان اوست
خلايق همه زير فرمان اوست
خداييکه او قادر مطلق است
خداييکه او رازق برحق است

(الله جي نالي سان شروع جو بادشاه آهي. سڀ مخلوق سندس حڪم جي ماتحت آهي. اهو خدا قادر مطلق آهي. اهو خدا رازق برحق آهي).

پڇاڙي:

به بين قدرت قادر ذوالجلال
چنين بخت و دولت پذيرد زوال

(قادر ذوالجلال جي قدرت ڏسو جيڪو ئي بخت ۽ دولت کي زوال ڏئي ٿو).

ڪتاب جي لکجڻ جو سال:

بده سيزده صد فزون چهل يکي (1341هہ)

شده ختم اين داستان اند کي (35).

**(18) شاهنامہ (1347هہ) محمد عاقل:** فردوسيءَ جي شاهنامي جو سنڌي نثر ۾ ترجمو آهي. پير صبغت الله راشديءَ جي حڪم سان، هيءَ ترجمو مولوي محمد عاقل عاقلي ڪيو تہ جي ماڻهو فارسي نہ ٿا ڄاڻن، اهي هن شاهڪار جي مطلب ۽ مقصد کان محروم نہ رهن. دراصل عاقلي ان کي ائن جلدن ۾ پورو ڪرڻ ٿي گهريو ليڪن اڃا ڇهريون جلد تيار ٿيو هو جو پير صاحب ۽ مولوي عاقلي ٻئي جهان ڇڏي ويا. ڪتاب جو قلمي نسخو سنڌي ادبي بورڊ ۾ موجود آهي.

## شاهنامي جا ڪجهہ قلمي نسخا:

سنڌ ۾ شاهنامي جي مقبوليت ۽ عظمت جو احوال مٿي ٿي آيو. جنهن مان ظاهر آهي تہ سنڌ کي شاهنامي جي قلمي نسخن سان مالا مال هجڻ کپي، پر ائين نہ آهي جو ان جا ڪجهہ سبب آهن.

جنهن ڏينهن کان فارسيءَ جو رواج گهٽيو ۽ نئون نسل مشرقي علمن کان بيگانو رهيو تڏهن سوين ڪتاب ۽ ذاتي علمي خزانا فارسي نہ ڄاڻڻ ۽ توجه نہ هجڻ ڪري، برباد ٿي ويا ۽ اها علمي تباهي شاهنامي سان بہ لاڳو رهي.

شاهنامي جي تتبع بابت جن تاريخي شاهدين جو ذڪر ڪيو اٿئون، انهن مان بہ معلوم ٿئي ٿو تہ سنڌ ۾ شاهنامي جي مقبوليت جي ڪري، ايراني واپارين کي بہ شوق جاڳيو تہ اهي قلمي نسخا سنڌ مان خريد ڪري، اميرن ۽ بادشاهن کي سوکڙي ڪري ڏين ۽ انعام وٺن. جنهن وقت هند جا تيموري بادشاهہ سنڌ تي مڙهجي ويا ۽ پنهنجا والي مقرر ڪيائون، تہ انهن والين مان هرهڪ پنهنجي دور ۾ اها ڪوشش ٿي ڪئي تہ، وقت جي بادشاهن کي بهترين سوکڙين جي ذريعي خوش رکن. ان ڪري جنهن جي بہ نظر تي ڪا اهڙي چيز چڙهي تہ، اها آگري ۽ دهلي تي موڪليائون. ظاهر آهي تہ شاهنامي جا نسخا ان چڪر جي ور چڙهي ويا. اهڙن اميرن مان هڪ جي باري ۾ جهانگير لکي ٿو:

"جمادي الاول 1013هه، مصطفيٰ خان ٺٽي جي حاڪم شاهنامو ۽ شيخ نظاميءَ جو خمسو تصويرن سان، جيڪي تصويرن ماهر استادن ناهيون، ٻين تحفن سان گڏ سوکڙي ڪري موڪليا ۽ منهنجي نظر مان گذريا" (36).

جنهن وقت اصفهان کي افغانن تاراج ڪيو جو ڪجهه به انهن کي هٿ لڳو بنا ڪنهن ڏپ جي پاڻ سان کڻي ويا. گهڻو پوءِ اهي هٿ آئي، سنڌ جي اميرن کي وڪرو ڪري ڏنائون. اهڙن ذخيرن ۾ شاهنامو به هو. انهن مان هڪ نسخو اصفهان کان آيو جو اڄ به حيدرآباد ۾ ٽالپوري ڪتبخاني ۾ موجود آهي.

اهڙي لٽيل مال مان گهڻو سون، چاندي ۽ جواهرات ۽ نوادرات، ميان نورمحمد خدايار خان سنڌيءَ خريد ڪيا. جنهن وقت نادرشاه، ميان جي خزاني کي ضبط ڪيو ۽ نوادرات هٿ ڪيا ته، انهن مان ايران جو به گهڻو سامان سڃاتو ويو. بيان واقع، ۾ آهي ته:

"هن افساني جو لکندڙ سامان ۽ مال جي محاسبي وقت حاضر هو. گهڻيون چيزون صفوي بادشاهن جون هيون سي سڃاتيون ويون. جانچ کان پوءِ خبر پئي ته قنڌار جا افغان جنهن وقت ايران جا حاڪم هئا، انهن اهي اڻ لڀ شيون ۽ سوکڙيون چوڌاري وڪرو ٿي ڪيون" (37).

گلدسته نورس بهار به ان ڳالهه جي تصديق ڪئي آهي:

"بهترين ۽ ناياب شيون هنن ڪميڻن جي هٿ لڳيون ته، اهي هندوستان ملڪ جي حدن ۾ آئي اڌ قيمت ۾ وڪڻي ٿي ڇڏيائون" (38).

نادرشاه به ميان نور محمد ڪلهوڙي جو ڪتبخانو زوريءَ کڻي ويو ۽ جنهن جو پاڻ مرڻ گهڙيءَ تائين افسوس ڪندو رهيو ۽ "منثور الوصيت" ۾ به ان جو ذڪر ڪيو اٿس (39). خبر ناهي ته هن علمي ذخيري جون ڪهڙيون شيون پاڻي لنگهندي گم ٿيون ۽ ڪهڙيون ايران پهتيون (40).

ان ريت سنڌ جا ڪتبخانا هر دور ۾ تباهه ۽ برباد پي ٿيا آهن. ارغونن (927_962هه) سنڌ جي تختگاهه ٺٽي ۽ ٻين شهرن کي جي علمي مرڪز هئا لٽيو ۽ ساڙيو ۽ سومرن توڙي سمن جي ذخيري کي تباهه ڪري ڇڏيو. ترخانن جي دور (962_1001هه) ۾ پرتگالين جي هٿان ۽ ان کان پوءِ

گهرو لڙاين ۽ هندوستان جي تيمورين ۽ ترخانن جي ڪشمڪش سبب ۽ جو ڪجهه ارغونن ۽ ترخانن پاڻ سان علمي ذخيرو هرات ۽ بخارا مان آندو هو اڳين تباهي کان پوءِ جو ڪجهه بچيو هو سو اسان جي هٿن مان نڪري ويو. ان کان پوءِ ميرن ٽالپورن جا ڇهه يا ست بهترين گڏ ڪيل ڪتبخانہ انگريزن جي ور چڙهيا يا وري اهي ولايت کڻي ويا.

اڄ بہ سنڌ جي ٻهراڙين جي ڳوٺن واهڻن ۾، جيڪي علمي مرڪز هئا، فارسيءَ جو ذخيرو موجود آهي، پر جيئن تہ ان علمي ذخيري جي ڳولا ۾ دلچسپي نہ ورتي وئي آهي، ان ڪري ان متعلق پوري ڄاڻ نہ ملي سگهي آهي. ڪنهن وقت اهڙي ذخيري تائين رسائي ٿئي تہ بيشڪ شاهنامي جا ڪيئي ناياب نسخا ملي سگهن ٿا. هت شاهنامي جي چند نسخن جي لسٽ ڏجي ٿي، جن کي سرسري طور تي ڏنو ويو آهي[1]

(الف) ڪراچيءَ جي قومي عجائب گهر جي ڪن نسخن جو احوال:

1. شمارو NM.1957_913/3_ شاهنامي جو آخري اڌ آهي. صفحا 196، ڪتابت جي تاريخ 2 محرم 752هہ ۽ ڪاتب محمد بن عبدالڪريم بن محمد بن ابوالحسن الفقيري تبريزي. پهرئين اڌ جي خبر نہ ٿي پوي. ڪيفيت هن ريت آهي.

(الف)

الله اکبر. از ثايب اموال نواب غفران پناه ابوي داخل عاريت خان شد_ حرره احسن الله بن ابوالحسن المخاطب بظفر خان (41).

(ب) عبارت وسطي:

....... وديره صاحب محمد عمر خانجيو از دست خود هشت صد بوجه تمام اموال سرکار کرده ديگر زحمتي که رفته در شمار نياورده تا بغايت هيفدهم ذي الحج 1192 هجري.

(ج) مالکه. مهر. کتاب شاهنامه معرفت مولوي محمد الياس صاحب بقيمت مبلغ پنجاه روپيا خريد نموده شد در 1276......

(هہ) دو مهر بالا و دو پايين و درميان آنها. در حاشيہ بيضي اين نوشة

[1] هن مقالي ۾ ذڪر هيٺ آيل قلمي نسخن جو هت مختصر ذڪر ڪجي ٿو. تفصيل سان دلچسپي رکندڙ دوستن کي ڏسڻ گهرجي: دانش نمبر11، سرءُ 1366هہ. ش. ص 82_ 84، اسلام آباد.

نصف دوم از کتاب شاھنامه از گفتار سلطان الشعرا فردوسي عليه الرحمة.

2. شمارو 181، NM ـ ڪاتب فقير مير علي مشھدي، ص 576، تاريخ 995ھ ھيءُ نسخو اصل قومي عجائب گھر جي ملڪيت آھي، ليڪن ھن وقت عارضي طور لاھور جي قلعي ۾ آھي.

3. شمارو 23/3ـ1958ـNM ـ صفحا 680 ڪاتب علي رضا تھپايي. ڪتابت 20 ربيع الثاني 1077ھ. نسخو مڪمل آھي.

4. شمارزو 881ـ1957 NMـ صفحا 536ـ ڪن جاين تان ڪٽل آھي. ھن نسخي ۾ ٻئي ڪنھن ڪاتب لکيو آھي تہ ھيءُ ابوالقاسم فردوسي طوسيءَ جو شاھنامو شھنشاھ نورالدين جھانگير بادشاھ جي دور ۾ پورو ٿيو. بقلم عبدالله ڪتاب شاھي 1029ھ.

5. شمارو 31، NMـ صفحا 634ـ ھن نسخي تي ٻئي ڪنھن صاحب لکيو آھي تہ ھي نسخو ماه رمضان سن 746ھ ۾ ملڪ ايران جي شھر شيراز ۾، ڪاتب احمد خان جي ھٿان لکجي پورو ٿيو. شاھنامي تي خان حفظ الله جي فرمائش تي ٻہ سؤ روپيا خرچ ٿيو.

6. شمارو 126ـ1962ـNMـ513 صفحا، 53 تصويرون، ھي نسخو گھٽو سينگاريل آھي.

(ب) سيد الله بخش شاھ ٽنڊي محمد خان واري جو ذخيرو.

ڪنھن وقت ھتي زبردست علمي خزانو ھو پر ھاڻي زماني جي دستبرد ان ذخيري کي برباد ڪري ڇڏيو آھي. سيد الله بخش شاھ انھن مان ڪجھہ قلمي نسخا پاڻ وٽ محفوظ ڪيا آھن. شاھنامي جو ھڪ اڻ پورو نسخو وٽس موجود آھي.

(ج) ميرن جو ذخيرو:

حيدآباد جي اميرن ٽالپورن جي باقي بچيل علمي ذخيري ۾ ڪجھہ ڪتاب آھن. ھي ذخيرو خاندان جي پونير ڊاڪٽر مير نورمحمد خان ٽالپور، استاد شبہ شعبہ رياضي سنڌ يونيورسٽيءَ وٽ محفوظ آھي (42). ھن ڪتبخاني ۾ بہ شاھنامي جو ھڪ نسخو آھي، جنھن ۾ ڪل 1111 صفحا آھن. مينا ڪاري ۽ نقش نگاري ۾ بي مثل آھي. ان جو واسطو تيموري عھد سان آھي. گمان آھي تہ ھي نسخو اصفھان کان لتجي وڪري لاءِ ھت پھتو، جو تہ منجھس ھڪ جاءِ تي دارالسطنت اصفھان چٽو لکيل آھي.

(د) انجمن ترقي اردو ڪراچي

(1) شمارو 3ـ ق. ف 255، صفحا 1232، ڪتابت سن 11 هجري.

(2) شمارو 3ـ ق. ف 256، صفحا 474، منڍ ۾ پڇاڙي ڪٽل اٿس. گهٽ ۾ گهٽو ڪري 12 صدي هجريءَ جو نسخو آهي.

(هـ) ڊاڪٽر حميده کهڙو.

ڊاڪٽر حميده کهڙي جي ذخيري ۾ بہ شاهنامي جو خط نستعليق ۾ هڪ سينگاريل نسخو موجود آهي. تاريخ ڪتابت نامعلوم.

## حاشيا ۽ وڌارا:

(1) مقالات الشعرا، ص 77.

(2) ايضاً، ص 78.

(3) تحفة الڪرام، ص 296 (راشدي ايڊيشن).

(4) ايضاً، ص 301.

(5) مهراڻ جون موجون، ص 67.

(6) Employed a Poet… to record them in verse like Ferdozi, and called the book in rival distinction to his immortal work the Shah Nameh, the Futteh Nameh. The Futteh Nameh is rehearsed in durbar, and many of the courtiers mark their adulation, by committing the most fulsome passages to the memory. (A visit to the court of Sind, P. 47, footnote).

(7) مير نصير خان قرآن مجيد جا بہ نسخا آستانہ قدس رضويہ (مشهد) ۾ رکايا جي خطاطي ۽ ميناڪاريءَ جي لحاظ کان بي مثال آهن. ڏسو: رهنمائي گنجينه قرآن گلچين معاني، ص 311. انگريزن کان شڪست کائي مير نصير خان کي بمبئي ۽ بنگال ڏي جلاوطن ڪيو ويو هو.

(8) تڪملہ مقالات الشعرا، ص 105.

(9) ايضاً، ص 105.

(10) ايضاً، ص 94.

(11) ايضاً، ص 94.

(12) ايضاً، ص 666، ص 667

(13) مقالات الشعرا، ص 163.

(14) تڪملہ مقالات الشعرا، ص 3.

(15) ديوان عظيم، ص 207 (طبع سنڌي ادبي بورڊ 1962ع).

(16) سنڌي ادبي بورڊ ۾ نسخو آهي، جنهن تي سال 1166هہ لکيل آهي.

(17) سن 1261هہ جو لکيل نسخو سنڌي ادبي بورڊ ۾ آهي. ان ۾ 187 صفحا ۽ هر صفحي تي 50 بيت آهن. ڪاتب غلام حسين بن غلام حيدر سبزپوش.

(18) مقالات الشعرا، ص 494. هي شاعر نادرشاهہ سان گڏجي سنڌ ۾ آيو هو.

(19) نادر جي حملي بابت شعر "منشور الوصيت" ۾ ڏسو (ص 89 - 96).

(20) مثنويءَ جي شعرن مان معلوم ٿئي ٿو تہ امير حسن خان لزڪي نسب جي حڪم سان احمد شاهہ دُرانيءَ جي دور ۾ لکيا ويا. چوي ٿو:

ز تاريخ نادر شه نامدار
دلش خواست نظمي شود استوار
به فرمان آن سپهر پر هنر
کهن خامه فکر افکنده سر

***

بسر بردم اين داستانِ دراز
بہ اقبال آن داور سرفراز
زصناع شاهان صفوي نژاد
پي خامه قاسمي کرده ياد
"شهنشاه نامه" بان آب وتاب
شد از نور توصيف او چهر تاب

***

سخن سنج خان عدالت شعار
که باشد به دولت خراسان مدار

چو از قدرداني درين انجمن
شکوهش در آورد روي بمن

***

چو زد قرعه نظم اين داستان
بنام من آن سرور راستان
در اقصاي ايران بنظم سخن
مرا يافت ممتاز ازين انجمن

حسن خان ڏي اشارو ڪندي چيو:

بفرمايش خان لزکي نسب
که شد نظم اين داستان را سبب
زلزکي نژاد آن ملک فراه (کذا)
بزرگي سزاوار تخت و کلاه
بيکدست تيغ و بدستي قلم
ز دولت بملک خراسان علم

***

خراسان از و يافته زيب و زين
بدولت سرفراز نامش حسين
ز ايوان شه صاحب اختيار
بملک خراسان رعيت مدار

***

بتحرير اين داستان شگرف
اساسي بر افگند از صوت و حرف
درين روزگار فراغت گداز
کزين نظم شد خامه ام سرفراز
به هر هفته بيشتر ازسه روز
بپروردم از فکر شب را به روز
ازين پيش در معرض ماه وسال

سپهر ستمگر ندارم مجال
بدين ضابطه چار ده ماه پيش
بکردم کنون صرف اوقات خويش

❊❊❊

بشکرانه امر بخش جام نبيد
که "تاريخ نادر" به پايان رسيد
پس از الف وصد چونکه هفتاد دو
نورديد اين جرگه چار سو
بماه ربيع نخست اين مقال
بسر برد اين کلک فرخنده حال

(21) قومي عجائب گهر ڪراچيءَ جو نسخو آهي، جنهن جي آخر ۾ سن 1184هه ۽ 1192هه جون مهرون لڳل آهن.

(22) هي نسخو سنڌي ادبي بورڊ جي ڪتبخاني ۾ آهي. ان ۾ 103 صفحا ۽ هر صفحي تي 32 ۽ 33 بيت آهن.

(23) مطبع سنڌي ادبي بورڊ، ص 16-17.

(24) يوسف نالي شاعر مير صوبدار جي دربار سان لاڳاپيل هو. هن "فتح نامه" جي ماده تاريخ هن ريت چئي آهي:

کنون فتح نامه بنظم آوريد
برنگين مضامين و طرز حسن
امير زمان صوبدار جهان
که چون او نباشد شهي در زمن

❊❊❊

همه جنگ هاي پدر شرح وار
بيان کرد يکسر ز سر تابه بمن

❊❊❊

پي سال تاريخ تصنيف او
خرد خواستم رهبر آمد بمن

(41) احسن الله خان، ظفر خان، تخلص احسن (وفات: 1073هـ)، پٽ ميرزا ابوالحسن تربتي (وفات 1042هـ)، شاعر صائب جو سرپرست ۽ ممدوح توڙي ٻين شاعرن جو محسن. ديوان جو صاحب ۽ ڪجهه مثنوين جو مصنف. ڏسو: شعراي ڪشمير، ص 26- 75 (جلد 1، ڪراچي 1967ع).

(42) افسوس جو ڊاڪٽر مير نورمحمد خان ٽالپور اتليءَ ۾ 20 مئي 1975ع تي دل جي دوري پوڻ ڪري گذاري ويو. جنهن جي وفات جو راقم کي دلي صدمو پهتو آهي.

--------

# اصفهان جي هڪ يادگار شام *

[پير حسام الدين راشديءَ جو هيءُ مضمون اسلام آباد مان سال 1977ع ۾ ڇپيل ڪتاب "پيوندهاي فرهنگي ايران و پاڪستان" ۾ شايع ٿيو هو. هن مضمون جو سنڌي ترجمو "مهراڻ" نمبر 1، سال 1997ع ۾ شايع ٿيو]

جهان را اگر اصفهاني نبود
جهان آفرين را جهاني نبود

ايران جي آرٽ، عمارتسازيءَ جي فن ۽ ٻين فنونِ لطيفه کي ٻه محسن اهڙا مليا آهن، جن انهيءَ جي تحفظ ۽ ان جي تحقيق ۾ ان کي ابد تائين زنده رکڻ ۾ پنهنجي سڄي عمر صرف ڪئي آهي. هڪڙي سڄي ايران کي پنهنجي دامن ۾ گڏ ڪيو ۽ ٻئي رڳو هڪ ئي شهر يعني "اصفهان نصف جهان" تي لکڻ کي پنهنجو فرض ڄاتي، ان جي هڪ هڪ عمارت ۽ هڪ هڪ گهٽي ۽ پاڙي کي ڏٺو. بربادين ۽ آبادين جي تحقيق ڪئي ۽ انهن جي تاريخي نوعيت کي معلوم ڪري سنڌن تاريخ کي هميشه هميشه لاءِ متجي وڃڻ کان محفوظ ڪيو.

## اوپم پوپ:

پهريون اوپم پوپ (Arthur Upham Pope) هو. جنهن 90 ورهين جي وڏي ڄمار ماڻي ۽ شعور کان وٺي آخري دم تائين پوري زماني ۽ وڏي عمر ۾ ايران جي خاڪ ڇاڻي ۽ تاريخي آثار ۽ عمارتون، خط، نقش نگار، ڪتبا ۽ ٻين سجاوٽي آرٽ تي ٻارنهن ضخيم جلدن ۾ هڪ ڪتاب (Survey of Persian Art) يعني "تاريخ هنر ايران" لکي. جڏهن حياتيءَ جي آخري پساهن ۾ موت جي ويجهو پهتو تڏهن هن وصيت ڪئي ته کيس اصفهان ۾ "زند د رود" جي ڪناري دفن ڪيو وڃي، جيئن

---

* ترجمو: امام راشدي.

سرڻ ڪان پوءِ بہ "زند ہ رود" جون موجون ۽ لهرون مدفن جي دامن کي چمنديون رهن. اڄ هن جو خوبصورت مقبرو، جنهن جڳهہ تي هن چاهيو هو، انهيءَ هنڌ تي ايران حڪومت ٺهرائي، هڪ طرف هن مرحوم جي روح کي تسڪين پهچائي آهي تہ، ٻئي طرف پنهنجي بزرگواري ۽ علمي قدردانيءَ جو زنده مثال قائم ڪيو آهي.

انهيءَ پوڙهي بزرگ سان آخري ڏينهن ۾ منهنجي بہ چار سجاڻ ۽ ملاقاتون رهيون. وفات کان ڪجهہ مهينا اڳ هن جي طرفان شيراز ۾ منعقد ٿيندڙ هڪ ڪانفرنس جو دعوت نامو آيو ليڪن ڪانفرنس ٿيڻ کان اڳ ۾ هن جو انتقال ٿي ويو ۽ ڪانفرنس بہ ملتوي ٿي وئي.

بهت شوق سي سن رها تها زمانہ،

همين سو گئي داستان کهتي کهتي.

## لطف الله هنرفر:

ٻيو عالم آهي ڊاڪٽر لطف الله هنرفر، جنهن "گنجينئہ آثار تاريخي اصفهان" جي نالي سان هڪ هزار صفحن ۽ سون تصويرن تي مشتمل ڪتاب لکي شهر اصفهان ۽ ان جي پسگردائيءَ وارن آثارن ۽ ثقافتي ورثي کي هميشه جي لاءِ روشن ۽ محفوظ ڪري ڇڏيو. هي حضرت بہ منهنجو عزيز دوست ۽ عنايت فرما آهي. اصفهان يونيورسٽيءَ ۾ تاريخ جو پروفيسر ۽ انهيءَ شعبي جو سربراه آهي. هن جو صبح يونيورسٽيءَ ۾ گذرندو آهي ۽ سندس شام اصفهان جي آثارن کي ڳولڻ، ڏسڻ ۽ انهن جي تحقيق ۾ گذرندي آهي. هن جون راتيون لکڻ پڙهڻ ۾ گذري وينديون آهن. جوانيءَ جي ڏهاڙن کان وني اڄي مٿي ٿيڻ تائين هن جو ڏينهن رات اهو ئي معمول ۽ مشغول رهيو آهي. هڪ ضخيم ڪتاب ۽ ٻين ڪيترن ئي مضمونن لکڻ جي باوجود سندس خيال آهي تہ اصفهان تي اڃا ڪجهہ نہ لکيو ويو آهي ۽ گهڻو ڪجهہ لکڻ اڃا باقي آهي.

گمان مبرکہ بپايان رسيد کار مغان،

هزار باده ناخورده، در رگ تاک است.

## هاٽي ڇا ڏسڻو آهي:

مان ڪيترا ڀيرا اصفهان ويو آهيان، مشهور جايون، مسجدون، بازاريون ۽ مقبرا بار بار ڏٺا آهن. ليڪن اصفهان حقيقت ۾ پورو جهان نہ تڏهن بہ "نصف جهان" واقعي آهي. موٽي اچي جڏهن پڙهندو آهيان تہ معلوم ٿيندو اٿم تہ هي آثار هئا، هي مقبرا هئا ۽ هي تاريخي ڪتبا هئا. جي ڏسڻ ڪان رهجي ويا ۽ اجا گهڻو ڪجهہ آهي جنهن کي ڏسڻ ضروري آهي.

هن ڀيري مارچ (1974ع) ۾ بہ اڌ ڏينهن هن "نصف جهان" ۾ رهڻ نصيب ٿيو. سترهين تاريخ جي ٻن پهرن جو پهتس ۽ ٻئي ڏينهن يعني ارڙهين تاريخ ٽن پهرن ڪان پوءِ اتان روانو ٿيس. هن ڀيري پڪو ارادو هو تہ ڏٺل جايون نہ ڏسندس. بلڪ انهن بجاءِ.

1. نظام الملڪ طوسي جي مزار
2. ملڪ شاه سلجوقي ۽ ان جي خاندان جو مدفن
3. ۽ مسجد لنبان

ڏسڻا آهن. تنهنڪري جهاز مان لهندي ئي پنهنجي دوست ڊاڪٽر هنرفر کي مون ٻڌائي ڇڏيو تہ هاٽي مشهور هنڌن کي ڇڏي فقط ماضيءَ جي تاريخي جهروڪن ۾ ڏسنداسين.

زماني جي رسم کي پورو ڪرڻ ضروري هو. يوربي ملڪن جا اٺ "ايران شناس" ساڻ هئا. پهرين اسان ميدان شاه، عالي قاپو، مسجد شاه، مسجد لطف الله، چهل ستون ۽ ٻيون قابدل ديد عمارتون ۽ هنڌ ڏٺاسين. هي اهي هنڌ آهن جن جي ڪري اصفهان کي شهرت حاصل آهي ۽ هر ايندڙ انهن کي ڏسڻ، اصفهان جي سفر کي حاصل مقصد سمجهندو آهي.

## مدرسہ ملڪ شاه سلجوقي:

اصفهان جي هڪڙي محلي جو نالو "احمدآباد" آهي. ان ۾ هڪ گهٽي آهي جنهن کي "دارالبطيخ" چوندا آهن ۽ عوام جي زبان تي ان جو بگڙيل نالو "دالبيتي" يا "دالبتي" چڙهي ويو آهي. اها گهٽي تاريخ آهي. سلجوقين جي دور ۾ هي محلو، جنهن جو قديم نالو "محله ڪران" آهي، ڏاڍو وسندڙ ۽ علم و فن جو مرڪز هو. ملڪ شاه سلجوق جو جوڙايل

وڏو مدرسو بہ انهيءَ محلي ۾ واقع هو جنهن ۾ ڏورانهن ملڪن جا طالب علم اچي علم پرائيندا هئا. انهن جو ۽ استادن جو خرچ وغيرهہ حڪومت طرفان ادا ڪيو ويندو هو.

مدرسي جو نالو نشان متجي ويو آهي. ۽ محلو بہ پنهنجو پراڻو رنگ ڍنگ، بناوت ۽ نقشو وڃائي چڪو آهي. نوان گهر، سڌيون گهٽيون ۽ جديد طرز جا محلا وجود ۾ اچي ويا آهن. محلي جو پراڻو نالو ماڻهن وساري ڇڏيو آهي. هاڻي "ڪران" جي جاءِ تي ان کي "احمدآباد" چون ٿا. تاريخي آثارن ۾ ملڪ شاه سلجوق جو قبرستان ۽ سندس مشهور عالم وزير نظام الملڪ طوسي جي مزار هڪ ئي احاطي ۾ هڪ ئي ڇت جي هيٺان باقي رهجي ويا آهن.

## سلجوق سلاطين:

سلجوق سلاطين جون پنج شاخون، اسلامي ملڪن جي پنجن مختلف حصن تي حڪمران هيون. بنيادي شاخ اها هئي جيڪا ايران تي حڪمران هئي. ٻي شاخ عراق تي حڪومت ڪندي هئي، ٽين شاخ ڪرمان تي حاڪم هئي ۽ چوٿين شاخ اها هئي جيڪا روم ۽ رومي سلطنت جي قبضي هيٺ يعني ترڪي تي قابض هئي. پنجون سلسلو شام تي مسلط هو.

ايران جي بنيادي شاخ کي تاريخ ۾ "سلاجقہ بزرگ" جي نالي سان ياد ڪيو ويندو آهي. انهيءَ سلسلي ۾ ئي سلاجقہ جا نالي وارا بادشاهہ ٿي گذريا آهن.

## سلاطين جو مدفن:

هي بادشاه هڪ شهر يا هڪ ئي هنڌ مدفون نہ آهن. مختلف شهرن ۾ مدفن ٿيا ۽ زماني جي لاهن چاڙهن ڪيترين ئي قبرون اجاڙي ڇڏيون ۽ ڪيترن جي مقبرن جو نالو نشان مٽائي ڇڏيو. هن بنيادي "سلاجقہ بزرگ" جا سلاطين هن طرح دفن ٿيا آهن:

1_ طغرل بيگ بن ميڪائيل (429_465) ري (طهران).

2_ الپ ارسلان بن چغري بيگ (455_465) مرو.

3_ ملڪ شاه بن الپ ارسلان (465_485) اصفهان.

4ـ برڪيارق بن ملڪ شاهہ (487ـ498) اصفهان.
5ـ محمد بن ملڪ شاهہ (498ـ511) اصفهان.
6ـ محمود بن محمد بن ملڪ شاهہ (511ـ525) اصفهان.
7ـ سنجر بن ملڪ شاهہ (511ـ552) اصفهان.

عراق جيئن تہ ايران جو حصو هو ان ڪري اتان جا سلجوق گهڻو ڪري 'همدان' ۽ 'ري' ۾ دفن ٿيا. جن جي فهرست هي آهي:

1ـ طغرل بن محمد بن ملڪ شاهہ (526ـ527) مدرسہ طغرل همدان.
2ـ مسعود بن محمد بن ملڪ شاهہ (527ـ547) مدرسہ طغرل همدان.
3ـ محمد بن محمود بن محمد بن ملڪ شاهہ (548ـ554) همدان.
4ـ سليمان بن محمد بن ملڪ شاهہ (554ـ556) همدان.
5ـ ارسلان بن طغرل بن محمد بن ملڪ شاهہ (556ـ573) همدان.
6ـ طغرل بن ارسلان بن طغرل بن محمد (573ـ590) مقبرو طغرل بيگ ري.

## مسجد لنبان:

مون کي هن دفعي هڪ تہ ملڪ شاهہ ۽ نظام الملڪ جون قبرون ڏسڻيون هيون ۽ ٻي "مسجد لنبان." ڊاڪٽر لطف الله هنرفر پهريان "مسجد لنبان" جو رخ ڪيو. ميدان شاهہ کان نڪري "چهار باغ" جي شاهي رستي کي پار ڪري خيابان شيخ بهائي جي ذريعي اسان جي موٽر "مسجد لنبان" جي دروازي تي اچي بيٺي.

مسجد لنبان، صفوي دور ۾ خدا جي گهر کان علاوه هڪ سماجي ۽ ثقافتي مرڪز جي حيثيت بہ رکي ٿي. هي پراڻو محلو اصفهان جي شروعاتي آباد ٿيندڙ محلن مان آهي، ان ڪري ٻاهران هر نئون ايندڙ مسافر هن مسجد جو هڪ بہ ڦيرو ضرور ڏيندو هو. شهر جا پڙهيل لکيل عالم، اديب ۽ شاعر روزانو هت اچن. انهن جو محفلون ڄمن، مباحثا ٿين ۽ شعر و سخن جون مجلسون برپا ٿين. ٻئي هنڌ ملاقات نہ ٿي سگهي تہ هتي ملاقات يقيناً ٿئي. جڻ تہ سڄي اصفهان جو ثقافتي ۽ سماجي مرڪز هي هو.

طاهر نصرآباديءَ پنهنجي مشهور "تذڪرہ شعرا" (1083هہ) ۾ هن مسجد ۽ مسجد ۾ ميل ملاقاتن جو ڏاڍو ذڪر ڪيو آهي. هي ميرزا طاهر

اهو ئي آهي جنهن جو جد امجد ميرزا صادق مينا [1] هندوستان ۾ اچي رهيو ۽ ٻه نهايت اهم تاريخون لکيائين: "صبح صادق"، جنهن کي هن 1048هه ۾ مڪمل ڪيو ۽ شهزادي شجاع جي نالي منسوب ڪيو. ٻي تاريخ آهي "شاهد صادق"، جنهن کي 1056هه ۾ مڪمل ڪيو. مان جنهن زماني ۾ "تذڪره شعراءِ ڪشمير" مرتب ڪري رهيو هوس ته ان وقت "تذڪره نصرآبادي" ۾ اڪثر شاعرن ۽ عالمن جي محفلن ۽ دلچسپ مجلسن جو ذڪر پڙهيو هئم ۽ ائين لڳو ته هي مسجد اصفهان جو هڪ نهايت اهم علمي مرڪز هو. قدرتي طور مون کي هن جي ڏسڻ جو خيال ٿيو ۽ ان وقت تائين ان خواهش کي نپائيندو رهيس.

"لنبان" هڪ سڄي محلي جو قديم نالو آهي. اصل ۾ هي شهر کان ٻاهر هڪ ديهه جو نالو هو ۽ جڏهن شهر وڌيو ته اها ديهه اصفهان جو هڪ محلو ٿي وئي. ان جي دروازي جو نالو "دروازه لنبان" هو. هن محلي ۾ ڪيترا ئي عالم، صوفي، درويش، اديب ۽ شاعر رهندا هئا، جن جو ذڪر تاريخ ۾ انهيءَ محلي جي مناسبت سان درج آهي. چوٿين صدي هجريءَ جا محدث ۽ عالم "لنباني" نسبت سان مشهور ۽ معروف آهن. "تذڪره عرفات العاشقين" جو مؤلف اوحدي (973-1030هه) هن ئي محلي جو هو جيڪو هندوستان ۾ آيو ۽ هتي رهي پنهنجو مشهور تذڪرو لکيائين.

مسجد لنبان اٺين صدي هجريءَ ۾ جمال الدين وزير ديلمي نهرائي. مسجد جي هينئر اها پراڻي عمارت نه رهي آهي. وقت بوقت ٿيندڙ مرمت هن جي اصل شڪل کي بدلائي ڇڏيو آهي. هن وقت اها بلڪل جديد عمارت آهي. فقط گچ جي ديوار جو هڪ حصو صفوي عهد جي ڪاشي ڪاريءَ جا چند نمونا ۽ انهيءَ دور جا ڪجهه تاريخي ڪتبا يادگار طور رهجي ويل آهن. البت اڱڻ ۾ هڪ وڏو ۽ گهاٽو وڻ اٺين صديءَ جي ياد ڏياري رهيو آهي. هي چنار جو وڻ آهي، جنهن سڄي اڱڻ ۾ ڇانوَ پکيڙي ڇڏي آهي. مسجد جي هال جي هيٺان هڪ نهر وهي ٿي، جنهن ۾ حاجت مند پنهنجون مرادون ۽ ضروريات جا عريضا لکي لوڙهي ڇڏيندا آهن.

---

[1] هن مصنف تي منهنجو مضمون پڙهو "پارس" ڪراچي. جلد اول. شمارو اول.

انهن جو عقيدو آهي ته سنڌن مرادون پوريون ٿي وڃن ٿيون. اهڙيءَ طرح اهو به مشهور آهي ته هن مسجد ۾ حضرت امام حسن نماز پڙهي آهي. مسجد جو منبر "منبر صاحب الزمان" جي نالي سان مشهور آهي. جيڪو اصفهان جي منبرن ۾ پنهنجي خوبصورتيءَ سبب نفيس ترين منبر شمار ڪيو ويندو آهي ۽ ان تي 1114 هه سال لکيل آهي.

"رساله محاسن اصفهان" جو فارسي مترجم بنياد رکڻ وقت پاڻ به موجود هو ۽ هُن "عمارت جمال الدين" جي نالي سان ان کي ياد ڪيو آهي ۽ باني جو نالو لکيو آهي: "صاحب معظم، قدوت اعاظم الامم، جلال الوزراء، جمال الدولة والدين، محمد ديلم دستجردي الاصفهاني."

سعيد هروي انهيءَ زماني جو شاعر هو هُن ان جي تعريف ۾ شعر لکيا آهن:

از پئي ذوق و تفرج، گر به لنبان ميروي
مسجدي بيني مروح، بر سر آب روان
در جوارش صاحب "صاحب قدم" رابقعه
کز لب تعظيم بوسد، آسمانش آستان
صاحب عادل جمال الدين محمد، کا ورد
سبز خنگي آسمان را، حکم او در زير ران

ڪاشيءَ جي قديم ڪتبن ۾ به ڪتبا محمد رضا الامامي الاصفهاني (1080هه) جا آهن ۽ هڪ ڪتبو محمد باقر شيرازي (1256هه) جو آهي. هن ڪتبي جي مٿان دروازي جي بلڪل پيشانيءَ تي تذڪره مصنف محمد طاهر نصرآبادي جا شعر، رضا اماميءَ جي خط ۾ ڪاشيءَ جي تختي تي لکيل آهن:

در زمان دادور گيتي ستان بحر دل
آفتاب دولت مشرق، سليمان پادشاه
پادشاهي، کز براي کسب اقبال و شرف
فتح در ظل همائي رايتش گيرد پناه
يافت تعمير اين بنا از لطف آن گردون شکوه

شـامل حـال شـريفش بـار الطـاف الـه
تـا بـود مسجـد بـرائي سجـدهٔ اهـل ورع
آسـتانش پادشـاهان جـهان را سجـده گـاه
خـامہ بهـر سـال تـاريخش، عبـارت زد رقـم
نـو شـد ايـن مسجـد، ز امـر عـادل عالـم پـناه

نصرآباديءَ پنهنجي تذڪري ۾ اهي شعر ڏنا آهن. اندر ٻاهر، گنبذ، مناري، درن ۽ ديوارن تي ڪاشيءَ جو بهترين ڪم ٿيل آهي. جڏهن وقت اسان اتي پهتاسين تہ ان وقت بہ مناري جي مرمت ٿي رهي هئي. مسجد جي ڏاڍي خوبصورت اڱڻ ۽ عمارت وڻندڙ ۽ محلو اهڙي هنڌ واقع آهي جو هر ايندڙ ويندڙ جو گذر هتان ضرور ٿئي ٿو.

معاشرو بدلجي ويو آهي. محفلن جي مرڪزن جي نوعيت بہ مختلف ٿي وئي آهي ۽ اسان جي تهذيب بہ وقت جي تبديليءَ سان بدلجي وئي آهي، ان ڪري هاڻي مسجدون تهذيبي ۽ ثقافتي مرڪز نہ رهيون آهن، سواءِ تاريخي اهميت جي. خود مذهبي معاشري ۾ بہ انهن کي ڪو خاص مقام حاصل نہ رهيو. مسجدن ۾ اڪثر چوڪيدار ويٺل آهن ۽ سياح هيڏانهن هوڏانهن فوٽو ڪڍندي ڏسجن ٿا.

جڏهن اسان مسجد لنبان ۾ داخل ٿياسين تہ ڪير بہ ڪونہ هو. تقريباً هڪ ڪلاڪ اسان ان کي ڏسندا رهياسين ۽ جڏهن ٻاهر نڪتاسين تہ ان وقت بہ ڪو اچڻ وارو نہ مليو.

## دارالبطيخ:

مسجد لنبان مان نڪري اسان جي موٽر هاڻي ميدان شاهہ طرف هلي. خيابان حافظ کان ٿيندي محلہ احمد آباد جي هڪ گهٽيءَ ۾ مڙي پئي گهٽين ۾ هيڏانهن هوڏانهن ڦرندي چنار جي گهاٽي وڻ جي ويجهو اچي بيٺي.

ان وقت موسم ڏاڍي خوشگوار هئي. ڪڪرن جا ننڍا ننڍا ٽڪرا سج سان گڏ اک ٻوٽ ڪيڏي اس ۽ ڇانوَ جو سمو پيدا ڪري رهيا هئا.

گهٽي آباد هئي، ڪرياني جا دڪان کليل هئا. عورتون ڪارا برقعا پائي ڪاڏي پيتي جو سامان خريد ڪري رهيون هيون ۽ گهٽيءَ ۾ ڪم تي ويندڙ مردن جي اچ وڃ مسلسل جاري هئي.

هي چنار جو وڏو وڻ بينو آهي، انهيءَ ڪري ان حصي کي "مقبره پائي چنار"، "تڪيہ پائي چنار" ۽ "تربت نظام" چيو وڃي ٿو. هي چنار ڊاڪٽر هنرفر جي تحقيق مطابق انهيءَ "مدرسہ ملڪ شاہ" جو باقي بچيل يادگار آهي.

ان قسم جا ڪجهہ قديم وڻ اصفهان ۾ موجود آهن، جن کي پنهنجي قدامت سبب تاريخي حيثيت حاصل آهي. مثلاً، "چنار امام زادہ اسماعيل"، "چنار دستگرد" ۽ "چنار باغ زرشڪ".

انهيءَ جڳهہ کي "دارالبطيخ" ان ڪري چوندا آهن، جو قديم دور ۾ هتي منڊي هئي، جنهن ۾ سبزي کان علاوہ هر قسم جا ميوا، خاص ڪري اعليٰ قسم جا گدرا، گهڻي مقدار ۾ ايندا هئا.

هتي ملڪ شاہ سلجوقيءَ مدرسو قائم ڪيو هو ۽ وسيع باغ ان جي پرسان لڳرايو هو. انهيءَ باغ جي هڪ ڪنڊ ۾ خواجہ نظام الملڪ طوسي کي دفنايو ويو. جنهن کان پوءِ هي حصو "تربت نظام" جي نالي سان سڏجڻ لڳو. سال 724هہ ۾ هن جاءِ کي انهيءَ نالي سان ڪتابن ۾ لکيو ويو.

## گورستان:

هتي، برصغير ۾ عبدالرزاق ڪانپوري مرحوم پهريون شخص هو جنهن نظام الملڪ طوسيءَ جي مفصل ۽ مستند سوانح عمري لکي، هن جي عظمت ۽ هن جي ڪارنامن جي اسان کي ڄاڻ ڏني. پڙهيل لکيل طبقو ان کان بعد ئي هن جي شخصيت سان متعارف ٿيو. نظام الملڪ جي حياتي تي غالباً ان قسم جو مفصل ڪتاب ڪنهن بہ ٻوليءَ ۾ اڄا تائين نہ لکيو ويو آهي.

خواجہ نظام الملڪ طوسي، سلطان ملڪ شاہ سلجوقي سان گڏ بغداد وڃي رهيو هو تہ نهاوند جي حدن ۾ منزل "سحنہ" تي هڪ باطنيءَ درخواست جي بهاني ويجهو اچي کيس خنجر هڻي ماري وڌو. هي 12 رمضان 485هہ جو واقعو آهي. هي تمام وڏو حادثو هو. جنهن تي عالم اسلام ماتم ڪيو. سندس لاش کي اتان کڻي اچي اصفهان جي هن محلي ۾ "مدرسہء ملڪ شاهي" جي باغ ۾ دفن ڪيو ويو.

هن چنار جي وڏي وڻ جي سامهون هڪ معمولي دروازي مان اسان هڪ چار ديواريءَ جي اندر داخل ٿياسين. ننڍي اڱڻ کان پوءِ چار فوٽ مٿي هڪ ٿلهو هو جنهن تي ڇت هئي. ڪليل اڱڻ جي وچ ۾ ڪجهه ميويدار وڻ هئا، جيڪي هر ايرانيءَ جي گهر جي سونهن پڻ آهن.

انهيءَ ٿلهي تي مقبرن جو اهو مجموعو آهي، جنهن ۾ خواجه بزرگ جي قبر کان سواءِ ڪجهه سلجوقي سلاطين به مدفون آهن. انهن سلجوقين ۾ سلطان سنجر کان بعد ملڪ شاهه سڀ کان گهڻو نالي وارو بادشاهه ٿي گذريو آهي، ليڪن خواجه نظام الملڪ جهڙي نامور وزير، عالم ۽ اديب جي پرسان دفن ٿيو انهيءَ ڪري سندس نالو دٻجي ويو ۽ خلق جي زبان تي "قبر نظام" نالو رهجي ويو. خواجه بزرگ جي اوچتي مارجي وڃڻ جو واقعو ايترو ته وڏو هو جو ان کان هڪ مهينو پوءِ جڏهن ملڪ شاهه جي لاش کي ڪٿي اچي هن هنڌ دفن ڪيو ويو ته سندس مدفن کي ڪنهن به اهميت جي قابل نه سمجهيو ويو.

## خواجه نظام الملڪ جي مزار:

ٿلهي تي ايندي ئي پهرين قبر خواجه جي اچي ٿي. مزار تي لڳل تختي سنگ مرمر جي، ڪنارا چٽيل ۽ قرآني آيتن سان سجيل، مٿي ڪنارن تي آيتون آهن ۽ سيرانديءَ کان گهٽن هنڌن تان ڊٺل ڪتبو آهي جنهن جي عبارت هن طرح آهي ۽ هيٺن پڙهي وڃي ٿي:

"واصل گشت بجوار مرحمت و غفران، و فايز شد
بغرفات جنان و روضئہ رضوان، حضرت مغفرت
مآب قيام بصفت رحمة ديان..... المفاخر و افتخار
الاکابر و اعاظم الوزرا..... خواجه..... الملک"

مون کي ڊاڪٽر هنرفر ٻڌايو ته هي ٻين قبرن جا پٿر صفوي دور جا ڏسجن ٿا. موجوده عمارت ويجهڙائيءَ واري دور جي ٺهيل آهي.

انهيءَ قبر جي آس پاس خواجه جي پٽ ابوبڪر عبيدالله مؤيدالملڪ جي قبر به هئي، جنهن کي سلطان برڪيارق پنهنجو وزير بنايو ۽ پوءِ 494هه ۾ پنهنجي هٿن سان سندس سسي اڏائي ڇڏي. هاڻي اها قبر ظاهر ناهي. مرمت ۽ زماني جي لاهن چاڙهن ۾، ٻين قبرن سان گڏ هيءَ قبر به مٽجي وئي آهي.

مان، انهيءَ عظيم الشان شخصيت جي تاريخي قبر جي چوڌاري هر هر ڦريس ۽ حيرت مان پٿر جي ان نشان کي ڏسندو رهيس جنهن جي هيئان گمان آهي تہ نظام الملڪ جهڙي عظيم شخصيت ابدي ننڊ ۾ سُتل آهي. تصويرون ڪڍيم ۽ قدم اڳتي وڌايم.

## ملڪ شاهہ سلجوقيءَ جي قبر:

چند قدمن جي فاصلي تي بہ قبرون هڪ ٻئي سان گڏ آهن. ٻنهي جي مزار جو پٿر سنگ مرمر جو آهي. هڪ چٽسالي ۽ آيتن سان سجيل آهي ۽ ٻي ان جي پيٺ ۾ گهٽي نقش نگاريءَ سان آراستہ آهي. ٻنهي تي نالا نہ آهن. گمان آهي تہ جيڪا گهٽ نقش دار قبر آهي، اها سلطان ملڪ شاهہ سلجوقيءَ جي آهي، جيڪو خواجہ نظام الملڪ جي شهادت کان هڪ مهينو بعد، شوال 485هہ ۾ جمعي جي ڏينهن بغداد ۾ مري ويو. ملڪ شاهہ جي درباري شاعر امير معزي ان واقعي تي هي شعر چيا هئا:

رفت در يک مہ بہ فردوس برين، دستور پير
شاہ برنا، از پس او رفت، در ماہ دگر
کرد ناگہ قهر يزدان، عجز سلطان آشکار
قهر يزداني ببين و عجز سلطاني نگر

سلطان جو لاش پهريان امانت طور بغداد ۾ "شونيز" جي قبرستان ۾ دفن ڪيو ويو. جتان سندس پٽ محمود شاهہ کڻي اچي اصفهان جي هن "مدرسہ ملڪ شاهي" ۾ خواجہ نظام الملڪ جي پرسان دفن ڪيو.

## ترڪان خاتون:

ترڪان خاتون ملڪ شاهہ جي عظمت واري ملڪ هئي. جهڙو عظيم مڙس هو اهڙي ئي هيءَ بيگم هئي. سال 487 هہ ۾ مڙس جي وفات کان تقريباً بہ سال پوءِ اصفهان ۾، ۽ هتي ئي سلطان جي پرسان دفن ٿي. قبر چئني پاسن کان چٽيل آهي. ان تي نالو لکيل نہ آهي. فقط قرآني آيتون نقش ٿيل آهن.

## سلطان برڪيارق – سلطان محمد:

هي ٻئي ملڪ شاهہ جا پٽ هئا. زندگيءَ ۾ هي ٻئي ڀائر هڪ ٻئي جا سخت مخالف ۽ جاني دشمن هئا. ليڪن جڏهن هي جهان ڇڏيائون تہ سندن قسمت ۾ ٻيروسيءَ. ٻنهيءَ کي هڪ ٻئي جي پرسان جڳهہ ڏني

چڙهي. ملڪ شاهہ جي سيرانديءَ کان بہ ادائي فوٽ مٿاهينءَ تي ٻن قبرن جا نشان آهن ۽ اهي ٻئي قبرون انهن ٻنهي ڀائرن جون ٻڌايون وڃن ٿيون.

انهيءَ سڄي ڍڪيل ايوان جو فرش ۽ ديوارون سائي رنگ جي ٽائيلن جون آهن. سلطان برڪيارق جي قبر جو صندوق نما تلهو انهن ساين ٽائيلن جو ٺهيل آهي. ڪا بہ چٽسالي يا ڪتبو لڳل نہ آهي. روايت اها ٿي آهي تہ اها قبر برڪيارق ۽ محمد جي آهي.

**ٻيون قبرون:**

معلوم ٿئي ٿو تہ "مدرسہء ملڪ شاهي" جي باغ جي هيءَ ڪنڊ، جنهن ۾ پهرين نظام الملڪ کي دفن ڪيو ويو بعد ۾ "سرڪاري قبرستان" جي شڪل اختيار ڪري ويو. اصفهان سلجوقي سلاطين جي هن شاخ جو دارالسلطنت رهيو. انهيءَ ڪري جو سلجوق سلطان فوت ٿيو سندس دفن گاهہ بہ اها ئي ڪنڊ بڻي. بعد جي دورن ۾ ٻيا ماڻهو بہ دفن ٿيا آهن. ڪجهہ قبرون نائين ۽ ڏهين صديءَ جون بہ موجود آهن، جن جي شخصيتن جي تاريخي حيثيت معلوم نہ آهي. نالا ۽ سال انهن تي لکيل آهن. اسان انهيءَ عبرت گاهہ تي تقريباً بہ ڪلاڪ گذاريا ۽ قبرن جي پاسي بار بار گهمندا رهياسين. بحث ڪندا رهياسين ۽ انهن جي قتل ۽ ظلمن جا داستان ياد ڪندا رهياسين.

تاريخي شخصيتن جو آغاز ۽ انجام ۽ پوءِ هيءَ ڪسمپرسي واري حالت ڏسي، دنيا ۽ دنيا وارن جي بي ثباتي تي ملامت ڪندي اسان چار ديواريءَ کان ٻاهر نڪري آياسين، ۽ انهيءَ قديم چنار جي شاخن ۽ ٿڙ کي هڪ دفعو غور سان ڏسندا موٽر ۾ سوار ٿي "مهمان خانہء شاهہ عباس" طرف هلياسين. موٽر هلندي رهي ۽ منهنجي ذهن ۾ خاقانيءَ جو هي شعر ڦرندو رهيو:

ملک شہ، آب وآتش بود، رفت آن آب و مرد آتش
کنون، خاکستر و خاک است مانده، در صفا هانش

سلطان ملڪ شاهہ خوش قسمت هو جو خواجہ نظام الملڪ جي پرسان دفن ٿيو ۽ ان نامور وزير، منشي ۽ مصنف جي ڪري سندس قبر اڄ تائين قائم رهندي آئي آهي. جيڪو پڙهيل لکيل نظام الملڪ جي زيارت لاءِ ويندو آهي، اهو هن عظيم سلجوقي بادشاهہ جي قبر کي بہ حيرت مان ڏسندو آهي.

(ڪراچي 6-8-1974ع)

# فقير عبدالغفور*

(سنڌي موسيقيءَ جو سينگار)

[03 جون 1978ع تي، حيدرآباد ۾ پاڪستان نيشنل سينٽر، سنڌ سرڪار جي ثقافت کاتي ۽ سنڌ گريجوئيٽس ايسوسئيشن جي گڏيل سهڪار سان، سنڌ جي نامور فنڪار فقير عبدالغفور سان هڪ شام ملهائي وئي. ان محفل جو خاص مهمان وطن عزيز جو مايہ ناز عالم ۽ دانشمند پير حسام الدين راشدي صاحب هو. ان موقعي تي پير صاحب جي ڪيل تقرير ڪي ڊيلي "عبرت" 10 جولاءِ 1978ع تي شايع ڪيو]

جناب حميد آخوند، جناب فقير عبدالغفور، جناب حسين بخش خادم ۽ معزز خواتين و حضرات،

مان خدا کي حاضر ناظر ڄاڻي، دل جي گهراين سان اهو اظهار ٿو ڪريان، تہ اوهان مون کي اڄ سنڌ جي هنن ٻن وڏن فنڪارن جي وچ ۾ وهاري منهنجي وڏي عزت افزائي ڪئي آهي. مان پاڻ کي ان اعزاز جو مستحق نہ ٿو سمجهان ڪيو ان هوندي بہ مان منتظمين جو نهايت ٿورائتو آهيان. حقيقت اها آهي تہ اها مٿاهين جاءِ فقط هنن ٻن فنڪارن (عبدالغفور ۽ حسين بخش) کي سونهي ٿي، جي پنهنجي فن جي لحاظ کان سنڌ جي تاريخ ۾ اهم مقام وارين ٿا.

جيئن ممتاز مرزا پنهنجي تقرير ۾ هينئر اسان کي ٻڌايو تہ فقير عبدالغفور پنهنجي جوانيءَ جي زماني ۾ حيدرآباد شهر جو ڏاڍو مڙس هو. شهر جي دادائن کان آنڪي چڏائيندو هو ۽ تڪري هلائي نال بہ وصول ڪندو هو وغيره، تہ دوستو! اهو فقير عبدالغفور جي مجاز جو زمانو هو.

---

* ترتيب : نفيس احمد شيخ.

توهان کي خبر آهي تہ مجاز کان پوءِ حقيقت جو ڏاڪو اچي ٿو ۽ هاڻي اسان جو فقير حقيقت جي ڏاڪي تي آهي. فقير نال تڏهن بہ ڇڏائيندو هو ۽ هاڻي بہ ڇڏائي ٿو. اڳي پيسن جو نال ڇڏائيندو هو ۽ هاڻي "دلين" جو نال ڇڏائي ٿو. اڳ فقط حيدرآباد شهر تائين سندس نالو محدود هو پر هاڻي ان جو دائرو سنڌ ۽ سموري فضا تائين وسيع آهي، جتي جتي سندس وڻندڙ آواز اچ بہ هر ٻڌندڙ کان "دل" جو نال ڇڏائي رهيو آهي.

دوستو! فقير عبدالغفور سنڌي موسيقيءَ جي هڪ "اسڪول" سان تعلق رکي ٿو جيڪو سچل سرمست جي درگاه مان ۽ نج سنڌي تصوف سان وابسته آهي. اهو سلسلو پنهنجيءَ حقيقت جي حيثيت سان نهايت جامع، وسيع ۽ همه گير آهي. انهيءَ سلسلي سنڌ ۾ جيڪا روح پرور ڪيفيت پيدا ڪئي آهي، سا اسان جي سماجي زندگيءَ تي حاوي آهي. هن دور ۾ انهيءَ سلسلي جو واحد نمائندو فقير عبدالغفور ئي اسان وٽ باقي آهي.

دوستو! فقير عبدالغفور سان شام ملهائڻ جو اهتمام ڪري اسان پنهنجي فرض ادائي ڪئي آهي. دراصل اسان فقير جو تمام دير سان قدر ڪيو آهي، جنهن احترام ۽ قدرشناسيءَ جو هو مستحق آهي، تمام دير سان اسان محسوس ڪيو آهي، ڇو تہ اسان سنڌي بدقسمت آهيون!

حسين بخش خادم پنهنجيءَ تقرير ۾ شڪايت ڪئي آهي تہ اسان فنڪار مالي لحاظ کان تنگدستيءَ جو وقت گهاري رهيا آهيون ۽ هن انهيءَ نقطي تي زور ڏنو آهي تہ سنڌي فنڪارن جي مالي خوشحاليءَ طرف توجهہ ڏنو وڃي، ان ڏس ۾ هن ريڊيو ۽ ٽيليويزن جو حوالو ڏنو آهي.

دوستو! اها شڪايت فقط فنڪارن تائين محدود ڪانهي. اسان، جيڪي قلم جا فنڪار آهيون، تحرير جا فنڪار آهيون اسان کي پڻ ساڳي شڪايت آهي. اسان اديبن ۽ شاعرن جي شڪايت، فنڪارن جي شڪايت کان مختلف ڪونهي. زماني جون حالتون اکين اڳيان آهن. اسان سنڌي، هڪ پيڙهيل ۽ نپوڙيل قوم جا بدقسمت فرد آهيون، ان ڪري اسان کي شڪايت کان پرهيز اختيار ڪرڻ گهرجي.

اسان کي بهرحال پنهنجي فرض جي ادائگي ڪرڻي آهي، اسان کي پنهنجو قلم وهائڻو آهي ۽ گلي مان سرن جي ورڪا ڪرڻي آهي. اسان کي

سنڌ جي خدمت ڪرڻي آهي. سنڌي ادب کي زنده رکڻو آهي، سنڌي موسيقيءَ کي برقرار رکڻو آهي ۽ سنڌي ثقافت جي شان کي قائم ڪرڻو آهي. اها فرض ادائي اسان تي ان حد تائين لازمي آهي، جو توڙي بک هجي، ڏک هجي، سک هجي، اسان کي هر حال ۾ خدمت ڪرڻي آهي. اسان کي الله تعاليٰ جيڪا صلاحيت بخشي آهي، سا غير مشروط سنڌ جي خدمت جي خاطر بروءِ ڪار آڻڻي آهي. سنڌ جي هن مانائتي فنڪار فقير عبدالغفور جي خدمت ۾، مان سنڌ جي اديبن جي طرفان "سلام" ٿي پيش ڪريان ٿو چو تہ اسان وٽ ٻي ڪابہ شئي ڪانہ آهي.

دوستو! مغليہ شاهي فوجن جي مهندار مرزا عبدالرحيم خانخانان جڏهن سنڌ فتح ڪئي، تڏهن هتان جي مفتوح فرمان روا مرزا جاني بيگ ترخان کي پاڻ سان گڏ دهليءَ وٺي ويو ۽ اڪبري دربار ۾ پيش ڪيائين. اڪبر، سنڌ جي معزول سلطان کي پستيءَ جي احساس ڏيارڻ خاطر اها ست ستي جو عظيم فنڪار تانسين کي وٽس موڪليائين. تانسين جاني بيگ وٽ پنهنجي فن جو مظاهرو ڪيو. مفتوح ۽ معزول سلطان وٽ رکيو ئي ڇا هو جو تانسين جي قدرداني لاءِ سندس خدمت ۾ هديو رکي! خالي هٿين جاني بيگ، راڳ ختم ٿيڻ کان پوءِ ست دفعا تانسين جي چوڌاري پاڻ کي گهوري ڇيو تہ "اي عظيم فنڪار! غريب الوطني ۾ مون وٽ ڪجهہ بہ نہ آهي، لهذا مان پاڻ کي تو مٿان گهوري رهيو آهيان. منهنجو اهو هديو قبول ڪر!"

سو، دوستو! اڄ سنڌ سڪڻي آهي، هٿين خالي آهي. هن وٽ ڪابہ شئي ناهي عبدالغفور کي هديي ڏيڻ لاءِ. لهذا اڄ سنڌ پاڻ کي عبدالغفور جي مٿان گهوري رهي آهي. شال اهو جذبو اسان جي هٿان هن فنڪار کي قبول پوي.

حميد آخوند ۽ ممتاز پنهنجين تقريرن ۾ ٻڌايو تہ اسان جي نج سنڌي موسيقيءَ جا املهہ سر اسان جي نئين نسل کان وسرندا پيا وڃن ۽ باقي ڪي ٿورا سر اسان وٽ بچيا آهن. دوستو، ان جو سبب اها خلا آهي، جا ٻن نسلن کي منقطع ڪري رهي آهي. اسان پنهنجي ننڍپڻ ۾ جيڪي ڪافيون ٻڌيون، تن جا سر اڄ ناپيد آهن. ان وقت ۾ ۽ هاڻوڪي وقت جي درميان وڏو فرق اچي

ويو آهي. تمام ٿورا سر اهڙا آهن، جي باقي آهن. اسان تي فرض آهي تہ اسان انهن سرن کي پنهنجي عظيم ڪلاسيڪي ورثي کي بچايون، سنڀاليون ۽ محفوظ ڪريون. ائين ڪرڻ سان ئي اسان سنڌي موسيقي کي بچائي سگهنداسون ۽ اها سنڌ جي وڏي خدمت ٿيندي.

ڪجھ وقت ٿيو تہ حميد آخوند ۽ ممتاز مرزا مون سان ملڻ آيا. مون کين ٻڌايو تہ "بابا! زندگيءَ تي ڪو ڀروسو ڪونهي ٻہ سال بيماري ۾ گذاريا اٿم ۽ باقي عمر جو پتو ناهي. ڪم ڪندي عمر گذري چڪي آهي، صحت جو حال ڏسو پيا، هاڻي تہ ڪجھ وندر وروندهن جو سامان پيدا ڪريو ۽ ڪجھ وقت روح ريجهائجي، دل گهري ٿي تہ عبدالغفور کي ٻڌجي. هنن دوستن منهنجي خواهش جي پورائي ڪندي اڄ عبدالغفور کي ٻڌڻ جو اهتمام ڪيو آهي، ان لاءِ مان سندن ٿورائتو آهيان.

ان موقعي تي مان سنڌ جي نئين نسل کي هڪ عرض ڪندس تہ عبدالغفور خادم ۽ ٻيا ڪجھ فنڪار اسان جي نج سنڌ موسيقي جا ٿورا نمائندا وڃي بچيا آهن. اهي فنڪار روز روز ڪونہ پيدا ٿيندا انهن جو دم غنيمت آهي. اهي فنڪار سنڌ جو شان آهن، سنڌ جو سينگار آهن، سنڌ جي تاريخ آهن، سنڌ جي تهذيب ۽ ڪلچر آهن، اهي سنڌ جي ساک آهن ۽ وقار آهن. انهن جي قدرداني ۽ فن شناسي اسان تي لازم آهي.

-------

# سچل سارو سچ

[24 جولاءِ 1980ع تي درازا ۾ سچل سرمست جي عرس جي موقعي تي هڪ ادبي ڪانفرنس ٿي، جنهن ۾ پير حسام الدين راشدي هي يادگار صدارتي تقرير ڪئي. اها تقرير سروري پبليڪيشن هالا جي ڪتاب "واريءَ تي مورت" ۽ "سرمست" 1982/2ع ۾ ڇپيل آهي. ٻنهي ڪتابن جي تقابلي اڀياس ذريعي تقرير جو هي متن تيار ڪيو ويو آهي]

دوستو عزيزو اها حقيقت آهي تہ هن درگاه تي مان ٻھريون دفعو حاضر ٿيو آهيان ۽ اها منهنجي سعادت آهي، جو پنهنجي زندگيءَ ۾ مان هتي پهچي سگهيس. مانهنجو دوست تنوير عباسي چوي ٿو تہ مان پرپور نموني ۾ پنهنجا معروضات پيش ڪيان. عرض هي آهي تہ وقت تمام گهٽو ٿي ويو آهي ۽ پرپور نموني ۾ يا مختصر نموني ۾ جيڪي گذارشون ڪرڻيون آهن انهيءَ منجهئون گهٽن تي تہ توهان سڀ منهنجا دوست روشني وجهي ويا آهيو. خصوصاً منهنجي دوست حامي صاحب جيڪي ڪجهہ فرمايو اُن سان مان بيحد متفق آهيان ۽ اهو ضروري ٿو سمجهان. اسان جي قاضي علي اڪبر صاحب جو مسئلو عشق آ ۽ جتي عشق هجي اتي بحر طويل ۽ بحر هجز جو جيڪو ويجهو آ. سو نہ ايندو آ. اهو بحث ڪٽ ۽ ويچار ڪئون مٿي آ، پر جن سنڌ جي فڪر ۽ ذهن کي موڙيو، جن تاريخ پيدا ڪئي، جنهن پنهنجو مقام پيدا ڪيو اُهي فقط ٻہ آهن: هڪڙو شاه ۽ ٻيو سچل سرمست.

جيڪي ڪجهہ مانهجا دوست هتي چئي ويا آهن، انهن سڀني شين کان سچل مٿي آهي، سچل بيحد ارفع ۽ اعليٰ آهي. مانهجي دوستن نہ حلاج پڙهيو آهي، نہ عطار کي پڙهيو ٿن، نہ انهن جي تعليم جو ڪو مطالعو ڪيو اٿن. فقط سچل چئي ويو. ان جي شعر ۾ ڏنئون. ان کان پوءِ جو ڪو بہ انهن مطالعو نہ ڪيو آهي. مقصد منهنجو هي آهي تہ فقط

سچل جو ديوان، مانکي ڪل ايندي آهي، جڏهن مان اخبارن ۾ پڙهندو آهيان تہ "شاعر هفت زبان." بابا شاعر هفت زبان جو مطلب ڇا آهي؟ اڄ يورپ جون ڇوڪريون ويهين ۽ پنجويهين ورهين جون، سورهن زبانون ڄاڻن ٿيون پيون ۽ ان ۾ لکن ٿيون پيون. هفت زبان ڪابہ شئي دنيا ۾ اڄ نہ ٿيندي آ. تنهن ڪان پوءِ سچل سواءِ سنڌي زبان جي باقي جيڪي ڪجهہ چيو اُهو خام آهي. تنهنڪري هن کي 'هفت زبان" چئي ان جي مقام کي توهان هيٺ ٿا ڪيو. اسان جي ڊاڪٽر شميل آ، جنهن سچل تي بہ لکيو آ ۽ شاهہ تي بہ. سورنهن زبانون ڄاڻي ٿي پئي ۽ سورنهن ۾ ئي لکي ٿي، جنهن جو مطلب اهو آ ڇا تہ ڊاڪٽر شميل سچل سرمست کان مٿي آ. سچل ستن زبانن ۾ چوي يا سترهن زبانن ۾، سچل جو مقام جيڪو آهي، سو انهن سيني کان بالا آهي. هن جو ڪنٽريبيوشن فقط اهو فڪر آ، اهو فلسفو آ، اهو پيغام آ، جيڪو هن ڏنو آ پنهنجي ڪلام ۾. انهيءَ کي ٿي اسان کي سوچڻ، پروڙڻ ۽ پرجهڻ کپي. مونکي معلوم آ. توڙي جو مان هتي ڪڏهن حاضري نہ ڏني آ. ليڪن مونکي معلوم آ، تہ پاڪستان کان اڳ ۾ هيءَ درگاهہ روشن هئي. هن تي ٻارنهن ئي مهينا منڊل متو پيو هوندو هو. سيني مذهبن، سيني عقيدن، سيني فرقن جا ماڻهو هتي سجدو ڪندا هئا. هر هندوءَ ۽ مسلمان جي گهر سخي قبول محمد جي تصوير لڳل هوندي هئي. اهو ڇا هو؟

هاڻي مان هتي مزار ڏني آهي نماڻي فقير جي، جيڪا هندو مائي هئي. جنهن سچل سرمست جو رسالو هندوستان ۾ مرتب ڪيو. اتئون لاش ڪٽايو اٿئين ۽ هتي پاڻ پورايو اٿئين. اهو ڇاهي؟ اهو ڪهڙو فلسفو اها ڪهڙي شئي ۽ ڪشش هئي، جنهن نماڻي فقير کي هتي دفن ڪرايو؟

جيسين ايهو فلسفو جنهن نماڻي فقير کي هت دفن ڪرايو آ، اهو اسان جي سنڌ جو فلسفو زنده آهي ۽ انهين جي پيغام کي توهان زندهہ رکيو آ، تيسين هي ياد رکو تہ سنڌ زنده آهي.

سنڌ جي افاديت ۽ سنڌ جو مختلف هجڻ ٻين جي مقابلي ۾ اهو فقط انهن شين ۽ علامتن منجهئون معلوم ٿئي ٿو پيو سنڌ کي پنهنجو مخصوص هڪڙو پيغام آ. سنڌ کي هڪڙو فڪر عطا ٿيو. جيسين اها

شئي توهان کي حاصل نہ ٿي آ. انهين نہ سوچيو ۽ سمجهيو ۽ انهين کي فروغ يا انهين کي نہ پکيڙيو آهي، تيسين توهان جو فرض ۽ توهان تي جيڪي وطن جي طرفان ۽ پنهنجي اديبن ۽ شاعرن جي طرفون ۽ هن درگاهہ جي طرفون جيڪي فرائض عائد ٿين ٿا سي پورا ڪين ٿا ٿين. توهان جو فرض آ. توهان ماڻهو اديب آهيو. توهان پڙهيل آهيو. هن دور جا مهندار آهيو. توهان جو فرض آ تہ جيڪي ضرورتون ادب جون آهن. جيڪي توهان جا اسان جا بزرگ ڇڏي ويا آهن. انهن سڀني جو شرح، ان جو استحڪام توهان ڪيو. ائين تہ نہ ڪرڻ کپي تہ ڪجهہ وقت تي اچي پهتئو ۽ چار لفظ ڳالهايو. تنهن کان پوءِ ختم ٿيو قصو.

مون کي معلوم آهہ تہ سچل سرمست جو رسالو ايڊٽ ڪونہ ٿيو آ. تصحيح بلڪل ڪانهي ڪا. غلط آ جيڪو رسالو مرحوم انصاريءَ جو ڇپيو. يا جنهن جو ٻيو ايڊيشن هاٿي محمد ابراهيم جويي ڇپيو. اهو سؤ فيصد غلط آ. سرائڪيءَ ۾ جيڪو سنڌي ادبي بورڊ مولوي محمد صادق کان رسالو ڇپرايو سو ٻي جعل آ. حامي صاحب جيڪي چئي ٿو سو بلڪل صحيح آ. عشق جو مسئلو الڳ آ تہ عشق ۾ ڪابہ شئي نظر نہ ايندي آ. صحيح ۽ غلط جي ڪا بہ پرورڙ عشق ۾ ڪانہ ايندي آ. اهو مقام ارفع ٿون اعليٰ آهي. ليڪن جيڪڏهن حقيقتون اسان کي ڏسڻيون آهن ۽ جيڪڏهن واقعي ڪنهن مقام کي واقعي ڪنهن پڙهلين ڪڙهلين جي محفل ۾ ۽ مجلس ۾ سچل کي متعارف ڪرائڻو آ تہ فقط "هفت زبان شاعر" چئي اسان کي متعارف نہ ڪرائڻ کپي، ڇاڪاڻ تہ اها ڪابہ ڪريڊٽ ڪانهي ڪا. اسان کي هن جي تعليم هن جون جيڪي شاعري جون خوبيون آهن يا جيڪو فلسفو آ. عطار ڇا هو؟ حلاج ڇا آهي؟ اهي سڀ هڪڙا پيغام آهن. اهي فلسفا هن. اهي دائمي قيامت تائين رهندڙ پيغام آهن. سچل اسان وٽ انهن جو شارح آ. ۽ سچل مان سمجهان ٿو تہ ڪيترين ڳالهين ۾ اسان جي شاهہ عبداللطيف ڀٽائي کان تمام گهڻو مٿي آ. هن لحاظ کان مٿي آ تہ شاهہ پنهنجو پيغام فقط پاڻ تائين محدود رکي ٿو ۽ پاڻ ئي ان جو شارح ۽ پاڻ ئي ان تي تڪميل ٿئي ٿي پئي. ليڪن سچل پنهنجي زماني کئون وٺي ويندي اڄ تائين، ۽ مون کي يقين آ تہ هن

ڪان پوءِ بہ جيڪو سنڌي شاعري ڪندو اهو سچل جي پيغام کي اڳتي وڌائيندو. توهان جا ڪنڌڙي وارا، بيدل، بيڪس، بيڏڙو فقير، فتح پورا وارا يعني ڪهڙو شاعر آهي، سچل کان پوءِ جيڪو سچل جي تابعي نہ آهي، سچل جي فلسفي ۽ فڪر کي هن پنهنجو نہ ڪيو آ.

تنهن ڪري منهنجا دوستو! خبر ناهي تہ پاڻ ۾ ملون يا نہ ملون، مان توهان کي اهو ئي عرض ڪندس، مانهنجو پنهنجو تجربو اهو آهي تہ سچل تمام وڏو شاعر آهي. سچل جي لاءِ توهان کي- شاهہ تي- پي ڪو ڪم ڪونہ ٿيو آ. پر هن جو ڪم از ڪم هڪڙي ايڊيشن جو هڪڙو حصو مرحوم گربخشاڻي اهڙو اسان کي ڏئي ويو آ، جنهن تي اسان انحصار ڪري سگهون ٿا. يقين ڪري سگهون ٿا. انهيءَ کي مستند اسان چئي سگهون ٿا پيا. ليڪن سچل مرحوم جو ڪو بہ ايڊيشن ڪوبہ حصو ڪوبہ جزو صحيح ڪونهي ڪو. تنهن ڪري ادبي بورڊ جو چيئرمين هجي يا اسان جي سنڌالاجي جو ڊئريڪٽر هجي. بهرحال انهن سيني جي خدمت ۾، انهن تي منصبي فرض آ، جن جن عهدن تي اهي آهن انهن جو فرض آهي تہ اهي شيون جيڪي قومي آهن ۽ جيڪي شيون لازمي آهن ۽ هن وقت جي تقاضا آهن، انهن کي پورو ڪن. اُهي ڪم هو ختم ڪرائين.

مان نهايت اڪير ۽ نهايت محبت سان هن سرزمين ۾ حاضر ٿيو هوس، مون کي اهو چيو ويو تہ هتئون جو ڊپٽي ڪمشنر صاحب، ميمڻ صاحب، انهين ۾ ذوق شوق وڌي ٿو پيو، هن جي نسبت، هو پاڻ اهل قلم ٿي رهيو آ، رسالي جو ايڊيٽر ٿي رهيو آ. انهين نسبت سان مان هتي آيس، نہ تہ هونءَ ڪهين بہ ڊپٽي ڪمشنر يا ڪمشنرن جي فرمان ۽ حڪم تي آءُ نہ ايندو آهيان. پر مان ڏٺم تہ هي مانهنجو ڪنهن زماني ۾ هم قلم سنگتي هو. جيڪڏهن هو ڪم ڪرڻ گهري ٿو تہ خيرپور ۾، هڪڙي ڦٽل درگاهہ کي وري آباد ڪرڻ گهري ٿو پيو ۽ هڪڙو پيغام جيڪو وسري ويو آ ماٺهن ڪئون، ۽ ممڪن آ جيڪڏهن اهو تساهل ۽ ايهو ويسارو رهيو تہ گهٽي حد تائين انهيءَ پيغام کي نقصان پهچڻ جو انديشو آهي ۽ ياد رکي ڇڏيو جيڪڏهن سچل جي پيغام کي ۽ فڪر کي ۽ فلسفي کي نقصان پهتو تہ اهو انسان ذات جو هاڃو آهي، اهو انسان ذات جو نقصان آ، سچل

معنيٰ انسان ذات آ. سچل سچو اسلام آ. جيڪڏهن اسلام سلامتيءَ جو مذهب آ، جيڪڏهن ان ۾ انسان جي واسطي امن ۽ سلامتي ۽ راحت ۽ يڪسانيت آ تہ اهو سچل جو مذهب آ ۽ اهو اسلام آهي.

تنهن ڪري منهنجا دوستو! مان هتئون جي نوجوان ۽ زندهہ دل ڊپٽي ڪمشنر کي عرض ڪندس تہ جناب عالي ڪيترا ڊپٽي ڪمشنر آيا ۽ ويا. توهان ڪنئون پوءِ ايندا ۽ ويندا. هميشه جيڪي ڪم ماڻهو يادگار طور ڪري ويندو آ، اهو ئي ياد رهندو آ. ماڻهو اچڻا وڃڻا آهن. اچن ٿا وڃن ٿا اها ڪا بہ وڏي شئي ڪانهي ڪا. اسان وٽ حيدرآباد ۾ نياز مرحوم فوت ٿي ويو. ليڪن اسٽيڊيم نهرائي ويو. ٻيا ڪم ڪري ويو. اهي اڄ ڏينهن تائين ياد آهن. اسان جو ڊاڪٽر رضي الدين صديقي ڪنهن زماني ۾ اتي هيو وائيسر چانسلر. سنڌالاجي توهان کي ڏئي ويو ٿاهي. اڄ اها ياد اسان کي اچي ٿي پئي. تنهن ڪري منهنجا دوست توهان ممڪن آ تہ هتي گهڻو وقت رهو. خدا ڪري گهڻو وقت رهو. پر صبحاڻي ويندوءَ بہ هليا. توهان کي محسوس ٿيڻ کپي تہ هتي ڪهڙين شين جي ضرورت آهي. توهان بہ محسوس ڪيو هوندو مان پڻ محسوس ڪيو. هي مانهنجو وطن آهي. هن وقت سينٽر جيڪو آهي اسان جي سنڌ جو سو حيدرآباد اتفاق سان ٿي ويو آهي. تنهن ڪري سڄي علمي، ادبي ۽ جيڪا بہ طباعتي ايڪٽوٽي اسان جي آ، يا جيڪو عمل سو انهيءَ طرف ٿئي ٿو پيو، ۽ هتي هي جيڪو اپر سنڌ آ سو سڄو ويران ٿي چڪو آ، ثقافتي لحاظ سان، ۽ اپر سنڌ اسان جي ادب ۽ اسان جي ڪلچر ۽ اسان جي سياست ۽ اسان جي ٻين اقتصادي مسئلن ۾ وڏي ۾ وڏو پارٽ پلي ڪيو آهي، تنهنڪري هتئون جو ويران ٿيڻ ۽ نابود ٿيڻ مان سمجهان ٿو پيو تہ سنڌ جي بربادي آهي.

تنهنڪري، توهان کي، مانهنجو عرض اهو ئي آهي تہ خيرپور ۾ توهان کي اڪيڊمي ٺاهڻ کپي، ۽ اها انهيءَ بنياد تي ٺاهڻ کپي، جنهن ساڻ تعلق اوهان جي ريڊيو اسٽيشن جو بہ هجي ۽ توهان وٽ مان ٻڌو آ تہ يونيورسٽي بہ ٺهي آ، يونيورسٽي جاتي هوندي آ اتي علم جو مرڪز هوندو آ. اها ڳالهہ الڳ آ تہ اسان جي حيدرآباد واري يونيورسٽي بدعمليءَ ۽ جهالت جو مرڪز ٿي پئي آهي. اها ٻي ڳالهہ آهي، پر يونيورسٽي جو

وجود علم جو دليل ٿيندو آهي، تنهنڪري توهان وٽ يونيورسٽي آهي، انهين کي پيي فعال بڻايو. جاتي يونيورسٽي ۾ ريڊيو اسٽيشن هجي اُتي ڇو نہ محفلون ۾ مجلسون ٿين، ڇو نہ علم وڌي، ڇو نہ شاعر پيدا ٿين. ڇو نہ نوجوانن ۾ هڪ قسم جي جان ۾ زندگي پيدا ٿئي، ۽ تنهن کان پوءِ خدا توهان کي وڏي قوت ڏني آ. اقتدار توهان جي هٿ ۾ آهي، عمل توهان جي هٿ ۾ آهي. مان سمجهان ٿو جيڪڏهن توهان کان پيو ڪو نہ ڪو تڏهن بہ قدرت پڇا ڪندي تہ توهان ڇا ڪيو خرپور ۾، ۽ توهان تي ايهو ايمانداريءَ ساڻ ٿو مان چوان تہ بلا ڪنهن هن جي تہ توهان تي فرض آهي. هن لحاظ کان تہ توهان پاڻَ لکندڙ ٿي رهيا آهيو ۽ اوهان کي قدر هوندو ۽ توهان کي محسوس ڪرڻ کپي تہ لکندڙن جي تقاضا ڇا ٿيندي آهي. هنن جون خواهشون ڇا ٿينديون آهن، هنن جي تعريف ڇا آهي، انهي نسبت ۾ انهي رعايت ۾ انهي لحاظ سان توهان کي مان عرض ڪندس، گهڻو وقت ٿي ڇڪو آهي تنهنڪري زيادهہ تفصيل ۾ مانکي وڃڻ جي ضرورت ڪانهي ڪا. توهان گهڻو ڪجهہ ٻڌي ڇڪا آهيو. بهرحال سچل تي ڪم ٿيڻ جي ضرورت آهي. سچل ساڻ متعلق جيڪي بہ شاعر هتان جا رهيا آهن. مان سمجهان ٿو تہ ڪنهن وقت اسان جي علي اڪبر درازيءَ تي بہ تحقيق اسان کي ڪرڻي پوندي، ڇاڪاڻ تہ هيءَ بہ هڪڙي شخصيت آهي، جنهن جو تعلق آهي سچل جي درگاهہ سان. مطلب هي آهي تہ، انهن سڀني تي تحقيق ٿيڻ کپي. ٿيسزون اچڻ کپن. انهن جا ديوان. توهان کي هڪڙو يقين ٿو ڏياري ڇڏيان تہ سنڌي ادبي بورڊ ۾ جان نہ پوندي، هڪڙو دفعو جيڪا شيءِ مري ڇڪي هجي يا مري ٿي وڃي انهين ۾ وري مٽل کي مڙهہ کي مکڻ لائڻ سان بہ ساهہ نہ ٿيندو تنهن ڪري اهو نہ ٿي سگهندو. تنهنڪري توهان کي، نئين سر هتي مقامي حالتن کي مد نظر رکندي.....

مان سکر کان وٺي ويندي خيرپور تائين بي انتها کجين جا باغ ڏنا آهن، ۽ انهن ۾ ايترو ڦر ڏنو اٿم جو جيڪڏهن کجيءَ جي هڪ وڻ تي توهان هڪ هڪ رپيو عشر ۽ خمس جيڪڏهن ۽ پيو ڇا آهي؟ زڪوات، تہ توهان هڪڙو ٿيون بہ پنهنجي هي ڪيو. آخر جڏهن تہ اهو اسلام ايتري

قدر وڌي هليو آهي تہ توهان بہ هڪڙي ڪجيءَ جي هڪڙي وڻ تي جيڪڏهن هڪڙو رهيو رکو تہ مان ڀانيان ٿو سيئي توهان جون علمي ضرورتون جيڪي آهن، سي پوريون ٿي سگهن ٿيون پيون. ۽ ياد رکو تہ هڪ هڪ ڏينهن جيڪو اسان جو اسان سڀ وڃڻ وارا آهيون، عمريون اسان جون اچي پوري ٻني تي لڳيون آهن. نئون نسل پيدا ٿي رهيو آهي، هتي ٻن نسلن چو آهي، هڪڙو وڃي رهيو آهي، ٻيو اچي رهيو آهي، هن وقت بي انتها ضروري آهي تہ توهان هر مسئلي ۾ الرٽ رهو ۽ هر شئي کي توهان پنهنجو ڪري ۽ انهين کي وڌايو.

خيرپور توهان کي معلوم هجڻ کپي تہ سنڌ جي سياست بلڪ هندوستان جي سياست ۾ نمايان حيثيت رکي ٿي. هتان جا وزير، هتان جا امير تشڪيل ڏيندا هئا سنڌ جي سياست کي. هندوستان جي سياست کي. توهان اسان جي ڪتابن ۾ منهنجي ياءُ جي ڪتابن ۾، شيخ عبدالقادر جون يا ٻين وزيرن جون يا ٽالپورن جون ڪيفيتون پڙهيون هونديون. سچو توهان جو سنڌ محمدن ايسوسئيشن، سنڌ جو بمبئي کان جدا ٿيڻ، مسلم ليگ،هي سڀ تحريڪون، انهن جي رهنمائي خيرپور ڪئي آهي. ادبي تحريڪون، توهان کي تعجب لڳندو "دين الاهي" جي تحريڪ بہ هتان ئي هلي هئي. مولوي محمد صادق مرحوم اسان جي مير علي نواز جي لاءِ تيار ڪيو هو تصو ايهو. بهرحال اهي سڀ شئي ۽ عشق جو تہ وڏي ۾ وڏو مرڪز خيرپور رهي آهي. سچل سرمست، مرحوم بالي، علي نواز ناز، اهي سڀ شيون اُهي هن جيڪي سنگ ميل هن اوهان جي ڪلچر ۽ تهذيب جو. توهان انهن کي وساري نہ ٿا سگهو پيا، يا جيڪڏهن توهان گهرو ٿا پيا تہ انهن سڀني کي پاسي ڪري ۽ تنهن کان پوءِ توهان ڪا حيثيت ۽ شخصيت قائم رکو تہ مطلقاً نہ. قومن جي وطن جي شهرن جي شخصيت چند اصولن ۽ چند بنيادن تي انحصار رکي ٿي پئي، ۽ اهي اُهي بنياد آهن جيڪي اسان جي تهذيب اسان جي تمدن ۽ اسان جي ڪلچر جا آهن. ۽ توهان جنهن صورت ۾ حڪومت جا نمائنده آهيو ۽ ظاهر تہ اسان جا پيءُ، تہ توهان تي فرض اهو آهي تہ توهان مهرباني ڪري هتي سوسائٽي، اڪيڊمي قائم ڪريو ۽ انهي ۾ پروگرام رٿيو جيڪي

سيني جو شڪر گذار آهيان. مايوس توهان جي حالتن کي ڏسي ضرور ٿيٽو تو پوي.

مطلب هي آهي تہ خدا ڪندو ملندا رهندا سي، ميڙا ٿيندا رهندا، پر بهرحال هر ملاقات کي هميشه مسلمان کي گهرجي تہ آخري ملاقات سمجهي. ممڪن آ پوءِ وري ملي يا نہ ملي، تنهنڪري گذارش اها ئي آ، جيڪي مان توهان کي عرض ڪيا آهن، تہ تنوير عباسي يا اسان جي ٻين دوستن تي پي، پر مان سمجهان ٿو پيو تہ توهان جي هٿ ۾ اختيار ۽ اقتدار آهي، توهان چئن ٻين کي سڏي جيڪڏهن انهي محفل جي تشڪيل ڪندؤ ڪوبہ انڪار ڪونہ ٿيندو ۽ مان سمجهان پيو تہ جيڪو اوهان سيمينار شايد ڪرڻ ٿا گهرو پيا، سيپٽمبر يا آڪٽوبر ۾. انهي اڪيڊمي تيار ڪرڻ کان پوءِ انهين سيمينار کي توهان گهرايو. توهان هتان جي وائيس چانسلر کي بہ جنجهوڙيو آخر يونيورسٽي آ، آخر پنهنجي زندگيءَ جو ثبوت چو نہ تي ڏي اچا، حيدرآباد جي جيڪا اسان جي يونيورسٽي آهي، انهي جو خدا ڪري ڪنهن کي مثال نہ بڻجڻ گهرجي. انهي جي تقليد ڪا بہ يونيورسٽي نہ ڪري، هن کي توهان جدا لائينس تي هلايو ۽ يونيورسٽي ۾ بہ جان وجهو ۽ توهان جيترو وقت رهو تہ معلوم ٿئي تہ هتڙي نوجوان رهي ٿو پيو.

انهن لفظن سان مان توهان سيني جو شڪريو ادا ڪيان ٿو پيو ۽ ايمانداريءَ جي ڳالهہ تہ مان پنهنجي سعادت سمجهان ٿو جو هن سرزمين تي توهان مانکي گهرايو مانکي هن درگاهہ جي زيارت ڪرائي آهي، اهو مانهنجي لاءِ وڏو اعزاز ۽ سعادت آهي. خدا توهان سيني کي خوش رکي، الله توهان کي خوش رکي.

-------

# هڪ يادگار تقرير*

[سر ڳواسي گرداس واڌواڻيءَ جي ڪتاب "جيڪي ڏٺو مون" جي مهورتي تقريب, پاڪستان نيشنل سينٽر حيدرآباد ۾ 9- نومبر 1980ع تي ٿي هئي. ان موقعي تي راشدي صاحب مرحوم هي تقرير ڪئي, جا تازو رسالي "مهراڻ" جي 2-3/ 1991ع واري پرچي ۾ ڇپي آهي.]

آغا صاحب, دادا گرداس واڌواڻي ۽ دوستو!

اسان ٻڌو هو دادا ليکراج, اڄ ٻڌوسين ته واڌواڻي به دادا آهي. خواتين, نوجوان دوستو منهنجا! منهنجي ڪيفيت ذهني ۽ جسماني, توهان کي منهنجي صورت ۽ چهري منجهئون معلوم هوندي ڪلهه صبح جو ڪراچيءَ کنئون نڪتو آهيان ۽ مسلسل هن وقت تائين هلندو رهيو آهيان ۽ بيحد ٿڪل آهيان. اها شايد توهان سڀني کي خبر آهي ته مان بيمار رهان ٿو پيو اڪثر, تنهنڪري زيادهه مان توهان جي خدمت ۾ پنهنجا خيال عرض نه ڪري سگهندس. منهنجي نوجوان دوستن بي انتها نفيس ۽ مؤثر مضمون پڙهيا آهن. جن کنئون ايمانداريءَ جي ڳالهه اها آهي ته مان متاثر ٿيو آهيان. بيحد اميد افزا ڳالهه آ, اها ته انسان تسلسل ۾ ذهن جي حاضريءَ ساڻ مضمون لکي سگهي ٿو. تنقيد ۽ تبصرا ڪري سگهي ٿو پيو. اها خود اميد افزا ڳالهه آ. مسٽر واڌواڻيءَ جي ڪتاب تي مفصل ڪلاڪ ڏيڍ تائين مان تقرير ڪراچيءَ ۾ ڪري چڪو آهيان. انهن ساڳين خيالن کي وري دهرائڻ جي ڪا هتي ضرورت ڪانهي ڪا.

توهان کي مان عرض فقط هڪڙو ڪندس. جيئن اسان جي هڪڙي نوجوان دوست توهان کي ٻڌايو ته: سنڌ جي تاريخ, سنڌ جا تاريخي آثار, سنڌ جي تهذيب, سنڌ جو تمدن, سڀ خدشي ۾ آ. برباد ٿي رهيو آ, سنڀال ڪانهي ڪا, تنهنڪري انهيءَ شيءِ کي نظر ۾ رکندي, هن وقت اسان جي

---

* ترتيب: شاهنواز بابر سومرو.

لاءِ بيحد ضروري آهي ته، پل اسان افسانه لکون، چاڪاڻ ته اهي پي ڪنهن مقصد جي تحت لکيا وڃن ٿا. نظمون پي پل لکون، چاڪاڻ ته ڪاٻ نظم سنڌ ۾ بي مطلب، بي معنيٰ ۽ بي مقصد نه ٿي لکي وڃي. اهي ٻئي صنفون بي حد ضروري آهن. ليڪن ساڳئي وقت مان توهان کي عرض ڪندس ته هڪ زمانو گذري چڪو آ. ٻيو زمانو جيستائين پڪو ٿئي، ۽ اچي تيستائين جو وچون دور جيڪو آهي، جنهن ۾ هن وقت توهان هلي رهيا آهيو ۽ اسان موجود آهيون. اهو اهڙو آ جڏهن توهان جا عمر رسيده ماڻهو جن هيءَ سڄي صدي ڏٺي آ، اهي پنهنجيون يادگيريون، ايندڙ دنيا جيڪا تيار ٿي رهي آهي، انهيءَ جي لاءِ لکي ڇڏي وڃن.

توهان سيريس ڪتاب خبر ناهي پڙهو ٿا يا نه. ليڪن انهيءَ ڏس ۾ جنهن ۾، اسان جي دوست واڌواڻيءَ لکيو آ ڪتاب. انهيءَ ۾ سڀ ڪنئون پهرين جي.ايم.سيد ٻن جلدن ۾ ”جنب گذاريم جن سين“ لکيو آهي. تنهن ۾ انهيءَ سڄي زماني ۽ انهن سيني ماڻهن جو هن ذڪر ڪيو آهي، جن سان اهو اٿيو ويٺو گڏ گهميو يا رهيو آ. بيحد مفيد، بيحد قيمتي ۽ آئنده نسلن جي تاريخ جي لاءِ مستند دستاويز آهي. اهڙي نموني ساڻ پير علي محمد راشديءَ پي ٻن جلدن ۾ ”اهي ڏينهن اهي شينهن“ جي نالي سان ڪتاب لکيو آهي. ٽيون جلد ڇپجي رهيو آهي. اهو ڪتاب پي انهيءَ سلسلي يعني يادگيرين واري سلسلي جو بهترين ڪتاب آهي. اهڙي نموني ساڻ منهنجو پي هڪڙو ڪتاب ”هو ڏوتي هو ڏينهن“ جي نالي ساڻ ڇپيو آهي. انهيءَ ۾ پي ڪنهن هڪڙي خاص عرصي جون يادگيريون لکيل آهن. هن ڪتاب جو عنوان ”جيڪي ڏٺو مون“ سو حقيقت ۾ مان انهيءَ پنهنجي ڪتاب جي لاءِ جنهن جو پوءِ نالو ”هو ڏوتي هو ڏينهن“ ٿيو 1960ع ۾ رٿيو هئم ۽ تقريباً منهنجي سرڪل ۾ مشهور به ٿي ويو هو. ليڪن جي. ايم. سيد انهيءَ ساڳئي نالي ساڻ هڪڙو ڪتاب ڇپرايو تنهن ڪان پوءِ وري مان مناسب نه سمجهيو ته انهيءَ ساڳئي نالي ساڻ منهنجيون يادگيرون ڇپجن. هاڻ چڱو ٿيو جو گرداس جو ڪتاب ڇپيو آهي. هي ڪتاب پنجون ڪتاب آهي، انهيءَ سلسلي جو ”يادگيرين“ جو. توهان کي مان عرض ڪيو ته يادگيريون، مثلاً خواجه

صاحب ويٺو آ، جنهن کي خوجو چون ٿا پيا. هن جي زندگي پوري تاريخ رهي آهي. هن هڪڙي دنيا ڏٺي آهي. توهان جي تعليم جو جنهن نئون نسل تيار ڪيو آهي. انهيءَ سموري جا داستان ۽ واقعا، نواب شاهه جي تاريخ، اهي سڀ جيڪڏهن هي پنهنجيون ويهي يادگيريون لکي ته اها هن جي لاءِ ته تاريخ نه هوندي، ليڪن پڙهندڙن جي لاءِ ۽ ايندڙ نسل جي لاءِ اها تاريخ جو ڪم ڏيندي.

تاريخ جو مطلب ئي اهو آهي ته انسان واقعات جيڪي ڏسي ٿو يا جيڪي هن کي معلوم آهن، سي قلمبند ڪري، پڙهندڙ انهيءَ منجهئون ڪهڙو فائدو وٺن ٿا پيا، ڇا لاڀ پرائين ٿا پيا، اهو انهن تي ڇڏيل آهي. پندرهن ويهن ڏينهن ٿيا جڏهن گرداس جي ڪتاب جو مهورت ٿيو ڪراچيءَ ۾، تڏهن مان افسوس پي ڪيو ته خانبهادر کهڙي ڪجهه ڪونه لکيو. ڪجهه لکي وڃي ها ته بهتر هو. فلاڻي نه لکيو شيخ صاحب نه لکيو. پنجن ڏهن ڏينهن کان پوءِ خانبهادر کهڙو پي هليو ويو. اها پي تاريخ اسان جي ختم ٿي وئي!

توهان کي مان حالتن کي نظر ۾ رکندي ۽ ضرورت کي محسوس ڪندي، هيءَ پرزور ۽ دست بدست گذارش ٿو ڪيان ته اوهان مهرباني ڪري هٿ جيئن آغا صاحب توهان کي چيو ته انگريزيءَ ۽ يورپ جي زبانن ۾ ايڏو علم آهي، جنهن جو ڪو سرور نظر ئي نه ٿو اچي پيو. اسان ته هڪڙي تمام محدود تاريڪ ۽ ردي دنيا ۾ رهون ٿا پيا، جا ٿي جيڪو ساهه کڻون ٿا پيا سو تعفن ۽ بدبودار آب و هوا ۾ کڻون ٿا پيا. دنيا ۾ انسان ائين زندگي گذارين ٿا گندگيءَ ساڻ، جيئن هتي اسان جي سرزمين تي ڪيليون، ماڪوڙا يا ڪينئان زندگي گذارين ٿا!

اسان هن دنيا جي ڀيٽ ۾ حالتن جي لحاظ ساڻ، پنهنجي رهڻي ڪهڻيءَ جي لحاظ ساڻ، علم ۽ دانش جي لحاظ ساڻ، انهن جيتن جي برابر آهيون. انهيءَ دنيا جي مقابلي ۾، هيءَ اها صدي آهي، جنهن ۾ دنيا جا وڏي ۾ وڏا ايجاد ٿيا آهن.ٻه جنگيون هن ۾ لڳيون. بادشاهيون هن صديءَ ۾ ويون. هوائي جهاز، ٽرانسسٽر، ٽيوبون، حتيٰ ڪ آغا صاحب

راڪيٽ جو نالو پي ڪٽي تو.[1] مانکي پئو تو تئي. ڇاڪاڻ تہ راڪيٽ جي سلسلي ۾ دنيا ۾ خبرناهي تہ الا ئي ڇا ڇا ٿي رهيو آهي. مطلب هي آهي تہ هيءَ صدي ايڏي وڏي فن ۽ علم ۽ دانش ۽ سائنس جي لحاظ سان ثروت مند آهي، ۽ علم جي انهن شاخن ۾ ماڻهن لکيا آهن ڪتاب، جو مان کهڙو توهان کي بيان ڪيان. تنهنڪري توهان کي جيئن آغا صاحب فرمايو آغا صاحب هڪ ڳالهہ وساري ويو تہ. سندس تعلق چورن ۽ ڌاڙيلن سان پي رهيو آهي، اها ڳالهہ ڪانئس وسري وئي. مطلب منهنجو هيءَ آهي تہ اوهان کي پڙهڻ کپي، حاصل ڪرڻ کپي، علم ڄاڻڻ کپي ۽ انهيءَ ڄاڻ کي توهان ٻين تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪيو.

منهنجا دوستو! اها حقيقت آهي تہ اڄ بهترين تقريرون نوجوانن ڪيون آهن. دل خوش ٿي آهي. هڪڙي دوست انهيءَ تي افسوس جو اظهار ڪيو تہ، اسان جون سڀ تاريخي شيون برباد ٿي ويون آهن. انهيءَ جي تحفظ جي لاءِ سوسائٽي ٺاهيو يا ڪو ٻيو صلاح مشورو ڪيو. اها حقيقت اٿوَ تہ اسان هن وقت درياهہ جي ڪپ تي ويٺا آهيون ۽ درياهہ پائينداڙ آهي. ڪنهن بہ وقت درياهہ جو بندجيڪڏهن پاٽيءَ پاتو تہ اسان وڃي پاٽيءَ پونداسين. اهڙي صورت حال ۾ هن وقت اوهان ويٺا آهيو تنهن جي تحفظ ۽ انهيءَ جي بقاءَ جي ڪوشش ڪرڻ کپي. مان ڪلهہ ڊاڪٽر الانا جي تحريڪ ۽ پنهنجي دوست عبدالله ورياهہ ۽ آخوند حميد جي تحريڪ سان ويو هوس شاهپور چاڪر ٽالپرن جا مقبرا ڏسڻ ۽ اتون هاڻ سڌو اچان ٿو نهايت ڏکويل دل سان. سچو قبرستان جيڪو تاريخي آهي، اهو برباد ٿي چڪو آهي. انهيءَ جا پٿر ماڻهو ڪٽي ويا آهن. ڪابہ قبر سلامت ڪانهي ڪا. تاريخي ڪتبا ڪرن ٿا پيا. اها ساڳي حالت هالن جي پڪ سان ٽالپورن جي مقبرن جي آهي. حيدرآباد جي حالت توهان پاڻ ٻڌي. انهيءَ کنئون زياده ابتر حالت مڪليءَ جي تاريخي قبرستان جي آهي. جنهن جي تاريخي قبرن جا ڪتبا ڪراچيءَ جا واپاري اينڊي وينڊي پٽيون کنيون وڃن ٿا ۽ پنهنجن بنگلن ۾ وڃي محض ڊيڪوريشن آرائش جي

[1] آغا امداد علي صاحب. ان وقت سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جو چيئرمين هو.

واسطي هئڻ ڪري, اتان جي تاريخ تباهه ٿي ٿي. هنن جي بنگلن جي ديوارن جي هڪڙي زينت ٿي ٿي, جنهن کي هو نه پڙهي سگهن ٿا, نه سمجهي سگهن ٿا, نه عربي ڄاڻن جو اهي ڪلام مجيد جون آيتون, انهن تي جيڪي اڪريل آهن سي پڙهي سگهن. نه فارسي منجهئون ڀرپور آهن, جو هنن کي خبر پئي ته هن تي ڪهڙو شعر لکيل آهي.

بهرحال مطلب اهو آهي ته نقصان ضرور ٿئي. اها جيڪا تخريبڪاريءَ جي اسان جي عادت آهي, جو ايندي ويندي ڪنهن جي موٽر بيٺي هوندي, تڏهن پڻ ان کي نقصان ٿئي, ته اها تخريب جي عادت جيڪا آهي, انهيءَ کي پوري ڪرڻ لاءِ ضرور پٿر پاڻ سان کنيون ايندا. تنهنڪري مڪليءَ جو قبرستان توهان جو برباد ٿو ٿئي ۽ اهو ته فقط اسان کي تاريخ جي لحاظ سان عزيز آهي. ليڪن تازيءَ تاريخ جي سلسلي ۾ هن ڪري پڻ عزيز آهي, جو شيخ عبدالمجيد سنڌي هتي دفن آهي. ۽ مان کي يقين آهي ته اسان جي سنڌ جي نئين تاريخ مڪليءَ جي قبرستان ٿئون نهندي, تنهنڪري توهان کي انهيءَ طرف توجه ڏيڻ کپي.

هتي ڪيترا منهنجا فاضل دوست ويٺا آهن. مسٽر پنهور آهي, جيڪو سنڌ جي تاريخ تي ڪم ڪري ٿو پيو. ڊاڪٽر الانا آهي. هي نوجوان اسان جو عبدالله ورياهه, جيڪو آهي زميندار جنهنڪي زندگي پنهنجي زميندارن جا جيڪي گندا شغل ٿيندا آهن وڏيرن جا, انهيءَ ۾ گذارڻ کپندي هئي. ليڪن انهيءَ جي مقابلي ۾ هن سنڌ جي تاريخ سان دلچسپي ورتي آهي, ۽ توهان کي حيرت ٿيندي ته ويهه هزار سڪا سنڌ جا جيڪي پنجاهه ورهيه اسان تاريخ لکي آهي. ليڪن انهن منجهئون هڪڙو نه ڏنو اٿئون, سي هن عبدالله ورياهه اهي گڏ ڪيا آهن. انهن تي تحقيق ڪري ٿو پيو. مطلب اهو ته اسان وٽ مواد آهي. اسان وٽ ماڻهو آهن. اسان وٽ جذبو آهي ۽ اهو جذبو الله ڪارڻ آهي. وطن دوستيءَ ۾ آبروءَ جي خدمت جي لاءِ اسان کي اهو جذبو آهي. تنهنڪري مان توهان نوجوانن کي عرض ڪندس ته توهان منجهئون هر هڪ ماڻهو سنڌ جي تاريخ جو محافظ بڻجڻ کپي. سنڌ جي زبان جو محافظ هجڻ کپي. سنڌ جي ادب ۽ ثقافت جو محافظ هجڻ کپي. جيسين توهان منجهئون هر هڪ ماڻهو

انهيءَ شئي جي حفاظت جو عزم نہ ڪندو تيسين مان سمجهان ٿو تہ اهي شيون گهڻي عرصي تائين قائم رهي نہ سگهنديون.

منهنجا دوستو! منهنجي ڪيترن نوجوان دوستن، واڌواڻي صاحب جي ڪتاب متعلق توهان کي ٻڌايو آهي. مان سمجهان ٿو پيو تہ بهترين ڪتاب، بهترين زبان ۾، ۽ بهترين دور جيڪو اسان جو سونهري دور آهي. انهيءَ جي سلسلي ۾ اهو دستاويز اٿو. ممڪن آهي تہ انهيءَ شئي جو احساس ۽ اهميت هاڻ اسان کي نہ ٿئي، ڇاڪاڻ تہ واڌواڻي ۽ اسان جو زمانو قريب آهي. تنهنڪري جيڪا شئي قريبي هوندي آهي، انهيءَ جي اهميت جو احساس نہ ٿيندو آهي.

ليڪن مان توهان کي يقين ٿو ڏيان تہ زبان جي لحاظ سان، لکڻ جي انداز جي لحاظ سان، جڏهن هي پنهنجي وطن جو بيان ٿو ڪري تہ ايڏي محبت سان ۽ هڪڙي جذبي سان ڪري ٿو جو، معلوم ٿئي ٿو تہ پنهنجي دل بہ ٻاهر ڪڍي هٿ تي کنيو ٿو وتي پيو. تنهن کنئون پوءِ ڪرامت، واڌواڻيءَ جي هيءَ آهي تہ هن سڄي زندگي انگريزيءَ ۾ لکيو. ڪڏهن پي سنڌيءَ ۾ هن هڪ سٽ نہ لکي. ليڪن اها اسان جي زبان جي ڪرامت آهي تہ، جڏهن هن انهيءَ ۾ لکڻ شروع ڪيو، تڏهن بهترين ڪتاب، بهترين زبان ۾ لکي هن تيار ڪيو. واڌواڻيءَ کي مان ڪراچيءَ ۾ عرض ڪيو هو تہ، پاڻي! هن وقت اسان جي زبان ٻين سيني ڳالهين سان گڏ وڏي خدشي ۾ آهي. نہ فقط اسان جي پنهنجي زبان خراب ٿي رهي آهي. هتي اخبارن جي ذريعي، ريڊئي ۽ ٽي. وي‌ءَ جي ذريعي ۽ هي جيڪو بي شعور نوجوان جنهن کي ڪابہ بيڪ گرائونڊ، پسمنظر ڪونهي ڪو، نہ تهذيب، نہ علم. انهيءَ جي گاڏڙ زبان يا اسان جا بعض ڪامورا ٻاهر سنڌي ڳالهائين ۽ گهر ۾ اردو ٿا ڳالهائين ۽ اردو پي ڪا فضيلت واري اردو هجي تہ اسان کي ڪوبہ اعتراض ڪونهي ڪو. ليڪن گورکن واري اردو ڳالهائين ٿا. جيڪا جيڪڏهن اردوءَ وارا ٻڌن تہ مار ڪڍن هنن کي. تہ اهڙي صورت حال ۾ منهنجا دوستو توهان کي، مان واڌواڻيءَ کي عرض ڪيو هو تہ هندو اسان وٽئون هليا ويا. هاڻي اسان سيني تي فرض آهي تہ ان زبان کي محفوظ رکون.

ڊاڪٽر نواز علي شوق توهان کي عرض ڪيو تہ ڪيترا لفظ هن جي پٽن کي يا اولاد کي نہ ٿا اچن. ڇاڪاڻ تہ هو ٻاهرازيءَ منجهئون اٿي ۽ اچي شهرن ۾ آيا آهن. انهن لفظن ساڻ واهپو ڪونهي ڪو. مان واڌواڻيءَ کي چيو تہ ڀائي هندو اسان وٽئون هليا ويا آهن ۽ هندو سنڌ جو هڪ جزو آهي، ۽ تاريخ آهي ۽ هنن جو احساس آ! جنهن کي هاڻ اسان پنهنجي زبان چئون ٿا. حقيقت ۾ مشترڪ زبان هئي، اسان جي ۽ هنن جي. ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جو پنهنجي زبان تي احسان هو. ليڪن بهرحال اهو اسان سمجهون ٿا اسان تي احسان آهي. مان عرض ڪيو هن کي تہ اها وڏي ۾ وڏي خدمت ٿيندي. هي وقت آهي، جو تون ڀي جيئرو آهين. ممڪن آهي تہ سڀاڻي تون ڀي نہ هجين. بهشت تہ ڪونہ چوندس. ڇاڪاڻ تہ مسلمان مڃيندا ڪونہ ڪو تہ جنت نصيب توکي ٿيندي. ڇاڪاڻ تہ اسان جو اعتقاد آهي تہ فقط مسلمان، پوءِ کهڙا ڀي هجن اهي جنت ۾ ويندا. باقي ٻيو ڪوبہ دنيا جو بني بشر ڪونہ ويندو. تنهنڪري ممڪن آهي تہ تنهنجو ڀي جلد پراڻ تياڳي. تنهن ڪري ڀائي منهنجا اها زبان، اهي اکر، مثلاً مان پنهنجي والده مرحومہ تي مضمون ۾ لکيا، مانکي پنهنجي ڳوٺ جو نقشو انهيءَ ۾ ڏيڻو هو. مانکي "رسويو" نہ آيو. ڀائي، جيڪو ماني پچائيندو آهي. ليڪن رڌڻي جو هندو اکر بہ مانکي نہ آيو. مان ڪيترا ڏينهن بلڪ اڄ ڏينهن تائين سرگردان آهيان. شڪارپور...... مان واڌواڻيءَ کي عرض ڪيو تہ اسان جي تهذيب ۽ تمدن جو خاص مرڪز هيو. انهيءَ ۾ بهترين تمدن رکندڙ هندو هيا. جن جو تعلق سينٽرل ايشيا ساڻ هيو. انهن جون پڳڙيون جيڪي هيون ڪيئي نمونا تہ. شڪارپور جي پڳڙين جا هئا. اهي هندو ويا، اهي پڳڙيون ويون، اهي رنگ روپ ويا، اهي ڪاڌا خوراڪون ويون، اها زبان وئي. مان ڪيس عرض ڪيو تہ مهرباني ڪري، هاڻ گهٽو ئي ڪجهہ تو اسان جو خانو خراب ڪيو آهي. اسان جا اعمال لکي انهيءَ ڪتاب ۾، انهيءَ ڪنئون مٿي لکڻ جي ڀي ضرورت آهي. پر مهرباني ڪري تون ڪوشش ڪر تہ اهي لفظ جيڪي متروڪ ٿي ويا آهن. ترڪ ٿي ويا آهن. هندن جي وڃڻ جي ڪري ترڪ ٿي ويا آهن. انهن کي تون پنهنجن مضمونن ۾ ڪنهن نہ ڪنهن صورت ۾ آڻ تہ ڪي اهي اسان جي لاءِ محفوظ رهجي وڃن. انهن پڳڙين جا نالا، اهي ڪريا ڪرم جا نالا، اهي ڪاڌن خوراڪن جا نمونا ۽ نالا. اهي سڀيون شيون اهي آهن جيڪي نہ فقط هتي

اسان وٽئون عدم پيدا ٿي ويون آهن. ليڪن مان سمجهان ٿو پيو تہ سنڌي هندن ساڻ هندوستان ۾ اها ئي عقوبت آهي. جيڪا هتي اسان ساڻ آهي. انهنجي آل اولاد کان پيي اها تهذيب ۽ اهو تمدن ۽ اهي زبان جا اکر انهن کان پيي وسري ويا هوندا! تون هتي آهين اجا سلامت آن. توڙي جو توکي گهر کونهي کو ۽ اسان جي دوستن کي افسوس ٿيو تہ توکي گهر ڪونهي. ليڪن مانکي افسوس اهو ٿيو گهر تہ ڪونهي ڪو ليڪن جنهن ڪوٺيءَ ۾ تون رهين ٿو تنهن ۾ بہ ٻڌو اٿم تہ هڪڙي مسلمان تون سان ڪهند ٻڌي آهي. جيڪا ڳالهہ اخبار ۾ پڙ آئي آهي. تنهنڪري گهر تہ توکي هي وٺي نہ تا ڏئي سگهن. انهيءَ کهند کان توکي بچائين تہ ياءَ منهنجا! تون مهرباني ڪر اسان تي، جيئن مان توکي ڪراچيءَ ۾ اڳي عرض ڪيو هو. مان هنن سيني نوجوانن کي بہ عرض ڪندس تہ توکي التجا ڪن تہ اسان جا وسريل اکر ۽ متروڪ ٿيل جملا ۽ تهذيبي نشانيون. اهي تون ڪوشش ڪر پنهنجن مختلف مضمونن ۾ آڻڻ جي.

رڌٽي جو هندو اکر اجا تائين مانکي نہ آيو جو مان گهڻي ڪوشش ڪئي آهي. ڊاڪٽر الانا بہ هندو نسل جو آهي. ممڪن آهي تہ هن کي خبر هجي تہ رڌٽي کي ڇا چئجي. بهرحال مطلب اهو آهي تہ معمولي شئي آهي. رسويو جو لفظ اڇي ٿو مانکي. ليڪن جاتي رسوئي پچائجي تي انهيءَ جو ڇاهي هندو اکر؟ نتيجو اهو نڪتو جو هڪڙي جاءِ تي اچي مان اٽڪي بيهي رهيس ۽ اتي جو قلم مان ڇڏيو آهي تہ اجا تائين....... مطلب اهو آهي تہ ڪيڏيون مشڪلاتون اچن ٿيون نئين زماني ۾ رهڻ جي ڪري.

مان توهان کي ٻڌايو هو تہ مان ٿڪل آهيان ۽ حالت منهنجي خراب آهي. ليڪن باوجود انهيءَ جي پيي، ڇاڪاڻ تہ توهان جي خدمت ۾ بيهندي' مانکي هڪڙي سعادت ۽ خوشي ٿئي ٿي. تنهنڪري مان بي اختيار ڳالهائيندو ويو آهيان. ۽ انهيءَ ۾ وقت ظاهر آهي تہ زيادهہ ٿي ويو آهي. توهان ڪنئون معافي وٺان ٿو پيو ۽ توهان کي اهو عرض ڪندس تہ واڌواڻي صاحب کي پنهنجي خانگي نشست برخواست ۾. انهيءَ ڳالهہ تي ضرور آمادهہ ڪيو تہ اجا پيي لکي. گهڻو لکي ۽ انهن شين تي خاص طرح لکي، جيڪي هاڻ ختم ٿي چڪيون آهن يا ختم ٿيڻ تي آهن. مهرباني.

-------

# سچل ڪان پوءِ

[پير حسام الدين راشدي مرحوم 17 جولاءِ 1981ع
تي، سچل سرمست جي عرس تي منعقد ٿيل ادبي
ڪانفرنس ۾، صدر جي حيثيت ۾ هي تاريخي
تقرير ڪئي، جا "سرمست" 2/ 1982ع، ۽ ماهنامه
"پارس" مئي1983ع ۾ ڇپي آهي]

جناب غلام محمد صاحب،[1] منهنجا دوست تنوير صاحب ۽ عزيز دوستو،

اردو ۽ فارسي ۽ سنڌي ۽ بين زبانن ۾ منهنجي قابليت جي تشهير ڏئي، مان ڪي به هفت زبان ثابت ڪرڻ گهري ٿو پيو تنوير صاحب، مان ڏسان ٿو ته هتي توهان وٽ هفت زبان ڪنهن کي چوڻ، يعني هن جي انتهائي قابليت جو دليل شمار ڪيو وڃي ٿو پيو.

بهرحال توهان به اڄ تقريرون ٻڌيون. مان کي هيو دفعو آهي، ۽ اها سعادت آهي منهنجي لاءِ، جو هن درگاه تي آيو آهيان، ۽ سيني توهان هيءَ ضرورت محسوس ڪئي ته سچل تي ڪم ڪو نه ٿيو آهي، ۽ اها حقيقت آهي. مان اڳئين دفعي به توهان کي عرض ڪيو هو ته ڪم ڪو نه ٿيو آهي. جنهن نموني رسالا ڇپيا آهن، تن مان ڪن جي اسان کي ذاتي طرح خبر آ، ۽ بهرحال جو ڪجهه ڇپيو آ، سو نور اعليٰ نور آ. ليڪن سچل تي تحقيق ڪرڻ جي از حد ضرورت آ. ۽ انهيءَ جي سيني مقالن ۾ مانهنجن دوستن شدت محسوس ڪئي آهي. مان سمجهان ٿو ته توهان جي خيرپور جو علم دوست ڊي. سي صاحب انهيءَ شئي جو احساس ڪندو ۽ اڳي مان به توهان جي خدمت ۾ ۽ سندن خدمت ۾ عرض ڪيو هو ته لوئر سنڌ ۾ ڪم تمام گهڻو ٿيو آهي. اتي مختلف ادارا آهن. اتي ماڻهن جي نشونما ٿي آهي، اتي اديب پيدا ٿيا آهن. اديبن کي آئوٽ

---

[1] ان وقت جو ڊي. سي. خيرپور.

ليٽ مليو آهي ۽ جيسين اسان جي اديبن کي رستو ڪونهي ڪو ۽ پنهنجي جذبات جي اظهار ڪرڻ جو ڪو ابلاغ ڪونهي ڪو. تيسين ڪابہ شئي نسري ڪونہ ٿي سگهي.

تنهنڪري، هتي هي ميلائون ملاڪڙا سون آهن. اهي اڄ کان ويهہ پنجويهہ سال اڳ ۾ هرسال ٿيا. بلڪ سچل جي درگاهہ تي روزانو ميلو هوندو هو ۽ ويهن سالن جي خاموشيءَ ۽ سڪتي کان پوءِ غلام محمد صاحب (ڊي. سي) ۽ ٻين دوستن انهيءَ کي ٽوڙي وري نئين سر ڪيو آهي، پر بهرحال اهو ٺيڪ آ، ميلا ٺيڪ آهن. پر جيڪو دور توهان جي سامهون اچي رهيو آ. اهو فقط ميلن ملاڪڙن جو ناهي، هڪڙو نهايت سنجيدي ذهن وارو دور اچي رهيو آ.

توهان کي ياد رکڻ کپي تہ اسان جو نوجوان جيڪو اسان پيدا ڪيو آ. جيتوڻيڪ اسان ڳائي گيهہ جي ايج (دور) جي پيداوار آهيون. پر اجوڪو نوجوان ايٽمڪ ايج جي دور جي پيداوار آهي. اهو وڏو ذهين آهي، وڏو سمجهدار آهي، اسان کئون ڪيئي ڪوهہ اڳتي آهي، هن جو فهم هن جي فراست، هن جي سوچ.

جيئن مانهنجي محبوب دوست مولانا قاسمي، وري چوندو تہ حملو تو ڪري مان تي، جيئن اڄڪلهہ پيشو اختيار ڪيو اٿن تہ ٻہ ڪلام مجيد جا ورق ڇپائي. ڪنهن ڊپٽي ڪمشنر کي سڏي، اهو ڏيکاري، وري ڇهہ مهينا ڪڍي ٿا وڃن سيرت نمبر ڇپي. ٽوڙي چار سال رسالو (مهراڻ) نہ نڪري، پر سيرت نمبر ڇپي، ڪنهن وزير کي سڏي، اهو ڏيکاري، وري ٻارهن مهينا آرام ڪن. انهيءَ قسم جو زمانو قطعاً نہ آهي. ماڻهو پڇن نہ ٿا چون نہ ٿا، اها ٻيءِ شئي آهي، ليڪن ماڻهو سڀ سمجهن ٿا.

توهان جا هي مرڪز، ياد رکي ڇڏيو تہ قومون نہ حڪومتن تي مدار رکنديون آهن، ۽ نہ جاين، عمارتن ۽ ٻين عظيم الشان تعميرن تي آبرو ۽ عزتمند ٿينديون آهن. قومون هميشه فنڪارن، سائنسدانن، مفڪرن ۽ شاعرن جي آڏار تي دنيا ۾ عزت پائينديون آهن. مان کي ياد آهي، جنگ جي زماني ۾ جيڪا ٻي جنگ ٿي تڏهن هڪڙي ملڪ جڏهن ان ۾ جنگ شروع ڪئي، تڏهن پنهنجا سچا فنڪار، پنهنجا سچا شاعر ۽

سائنسدان ملڪ جي هڪ اهڙيءَ ڪنڊ ڪڻي وڃي محفوظ ڪيا. جاتي جڏهن صفا ملڪ تباهه ٿي وڃي. تڏهن اوستائين دشمن پهچي سگهي. هنن چيو ته پيئي هي اسان ساڻ ڇاهي؟ هنن چيو ته بابا ماڻهو هر وقت ماءُ جڻي سگهي ٿي پيئي. فنڪار ۽ اهل فن ۽ هنر ۽ شاعر ۽ فلاسافر اهي روز روز پيدا ڪو نه ٿيندا. توهان وٽ شاهه ڪنئون پوءِ ڪو ٻيو شاهه آيو آهي؟ سچل ڪان پوءِ ڪو ٻيو سچل پهتو آهه؟ صدين ۾ ڪو هڪڙو ماڻهوُ پيدا ٿيندو آهي، جيڪو پيغام آڻيندو آهي ۽ قوم کي بيداري ڏيندو آهي، ۽ قوم کي هڪڙي دولت بخشي ڇڏيندو آهي، دائمي ۽ ابدي.

زمانو بيحد ڏکيو ٿو اچي. توهان کي ياد رکڻ کپي ته حڪومتن جي ذريعي انتظام ته امڪان آهي ته هلي سگهي ٿو ليڪن مذهب قائم رهي نه ٿو سگهي، نه مذهب ڦهلجي سگهي ٿو. جيڪڏهن مذهب حڪومت جي ڏنڊي سان ڦهلجي سگهي ها ته اڄ (اج) دهليءَ ۾ يا هندوستان ۾ هندن جي ميجارٽي قطعاً نه هجي ها. اٺ سؤ ورهيه هتي مسلمانن حڪومت ڪئي آ. مذهب يا انسانيت يا اوچو اخلاق ۽ انساني وحدت هنن صوفين ۽ بزرگن جي ذريعي آئي آهي ۽ انهن جي پيغام تي توهان قائم رهو.

صوفي سچل سرمست هو يا مست الست هو. ڪو انهيءَ سان واسطو ڪونهي. زمانو اهڙو ڏکيو اچڻ وارو آهي جو انهيءَ شئي کي ڪو ڪونه ليکيندو. تنهنڪري هن جو جيڪو پيغام آهي، هن جيڪا دولت توهان کي ڏني آهي، جنهن بناءَ تي توهان اڄ اچي هت ڪٺا ٿيا آهيو انهيءَ جي سلسلي ۾ توهان کي پورو پورو قدم اڳتي وڌائڻ کپي.

مان اڳي به توهان کي عرض ڪيو هو ته انهيءَ شئي جي لاءِ توهان وٽ اڪيڊمي جو هجڻ بيحد ضروري آهي. چاڪاڻ ته اهو بيحد مشڪل آهي. اسان وٽ به ادارا آهن، ادبي بورڊ ۽ سنڌالاجي. بيحد مشڪل آ. ايڏو وڏو اسڪوپ آ، ايڏو وڏو ڪم آ. جو امڪان ڪونهي. مان ڪنئون هڪڙي دفعي هڪڙي وڏي بزرگ ۽ شفيق دوست خدابخشيندس. هائي مرحوم ٿي ويو آهي. پڇيو ته سنڌ تي اجا. حسام الدين. گهڻو ڪم آهي؟ مان چيو. سائين. جيڪڏهن سؤ ماڻهو هجن ۽ سؤ ورهيه ڪم ڪندا رهن ته سورس مٽيريل فقط ڇپجي، سنڌ جو. انهيءَ جي لاءِ ناڪافي آهي! تنهنڪري

انهيءَ منجهائون اندازو ڪيو تہ ڪيڏو ڪم آهي. منهنجو عرض اهو آهي تہ ايڏو وڏو اسڪوپ آهي، توهان وٽ بہ ادارا يا ٽي ادارا ڪنهن بہ حالت ۾ ڪافي ٿي نہ ٿا سگهن پيا. توهان کي هتي "سچل اڪيڊمي" ۾ خدا جي واسطي انهيءَ سان "سرمست" جو لقب نہ ڏجو ڇاڪاڻ تہ سرمست جي بہ معنيٰ جي نڪا توهان کي خبر آهي ۽ نہ انهيءَ جا جيڪي مفهوم آهن اهي توهان سمجهي سگهو ٿا. توهان سمجهو ٿا تہ سرمستي هڪڙو خدا وٽ پهچڻ جو ذريعو آهي. قطعاً غلط آهي. سچل سرمست جو قائم رکڻ ۽ شاهہ لطيف کي قائم رکڻ ۽ شاهہ عنايت کي سنڀالڻ ايهو توهان جو جيڪڏهن غير تمند قوم آهيو ۽ زندهہ آهيو ۽ جيئرا رهڻ ٿا چاهيو تہ انهن کي قائم رکو. ڇاڪاڻ تہ اهي مرڪز آهن توهان جي زندگيءَ جا، توهان جي وحدت جا، توهان جي تاريخ جا. توهان فقط انهن ساڻ زندهہ رهي سگهندؤ. انهن کان علاوهہ توهان ڪا شئي ڪونهيو.

تنهنڪري، منهنجا دوستو مان اڳي بہ عرض ڪيو آهي تہ اہر سنڌ صفا خالي آهي ۽ ڪم ڪرڻ جو ميدان تمام وسيع آهي. مان کي افسوس آهي، ڇوڻ جي لاءِ گهڻو مواد آهي، پر هاڻي اسان پوڙها ماڻهو، بئٽري ڊسچارج ٿي چڪي آهي چار ڪلاڪ ويهاري، توهان بہ ٿڪا آهيو تنهنڪري مختصراً عرض ڪندو ٿو وڃان، سرسري عرض ڪندو ٿو وڃان. توهان کي انهن شين تي سوچڻ گهرجي، جڏهن توهان کي فرصت ملي.

سچل پنهنجي سر هڪڙو ماڻهو ڪونهي ڪو. سچل هڪڙو پيغام آ. جيڪو هتي سون شاعرن انهيءَ تي عمل ڪيو آ ۽ پنهنجو ڪلام چيو انهن سڀني تي توهان کي تحقيق ڪرڻ گهرجي. خود سچل جي سوانح تي اڃا تائين تحقيق ٿيل ڪانهي ڪا. مان کي ياد آهي چڱي طرح تہ مرحوم گربخشاڻي جڏهن شاهہ جو رسالو شايع ڪيو، جڏهن پهريون دفعو آرائش ۽ تزئين جي لحاظ سان آغا صوفي مرحوم، جيڪو هتان جي درگاهہ جو ايترو ئي عقيدتمند، ايترو ئي عاشق ۽ ايترو ئي وارفتہ ۽ جان فدا هيو جيئن اسان جو اڄ علي اڪبر درازي ڏسو ٿا پيا. انهيءَ ويچاري تمام سٺي نموني رسالو شايع ڪري ۽ هيءَ تسڪين ڏيڻ دل کي گهري تہ گويا گربخشاڻيءَ جي مقابلي تي هن شايع ڪيو هو، سچل جو رسالو.

از اين قسم. جڏهن اسان شايع ڪيو هو مرحوم انصاريءَ جو رسالو تڏهن مان کي ياد آهي تہ هن مرزا قليچ بيگ جو يا ڪنهن جو رسالو بهترين ڪاتب ڪئون نقل ڪرائي، سهڻو جلد ٻڌرائي، سنڌي ادبي بورڊ ۾ پاڻ پي ميمبر هيو ۽ ظاهر آهي، جيئن ميمبر ميمبر جي پرده پوشي ڪري ٿو پيو اهو عيناً نقل آهي. جيئن اسان جي پهرين دوست نهايت خوبصورت ۽ نهايت فڪر انگيز ۽ مان کي واقعي خوشي ٿي آهي تہ خاموشيءَ سان ڪيترو ڪم ٿي رهيو آهي. اهو اسان ڪن مجبورين جي هيٺ انصاريءَ جو شايع ڪيو هو جيڪو اڄ تائين هليو اچي ٿو پيو. اهو ڪو تحقيقي ڪونهي ڪو نہ انهيءَ کي مستند نسخو چئي سگهجي ٿو.

اها شئي بلڪل غلط آ تہ سچل جا نسخا نہ ٿا ملن. توهان ڳوليا ڪاٿي آهن؟ هن تر ۾ جيڪڏهن توهان قديم لئبررين ڏسندو تہ قطعاً توهان کي نسخا ملندا. جڏهن اسان جي گربخشاڻيءَ ڪم شروع ڪيو تڏهن بہ ٽي نسخا معلوم ٿي سگهيا هئس. ڊاڪٽر دائود پوٽي مرحوم جڏهن ڪم شروع ڪيو. جيڪو افسوس آهي مڪمل نہ ٿي سگهيو تہ ڇٽيهہ نسخا هن کي شاهہ جا مليا هئا. تہ توهان وٽ جڏهن ڪو ادارو نهي ٿو توهان وٽ اهو مستقل آهي ۽ انهيءَ ۾ جان آهي ۽ انهيءَ ۾ ماڻهو فداڪار يعني ڪم ڪندڙ آهن، تہ توهان کي ڪيترا نسخا هن تر منجهئون ملندا، ۽ انهن تي توهان ڪم ڪري سگهو ٿا. جان الله شاهہ رضويءَ تي ڪم ڪونهي ٿيل. بيدل بيڪس تي ڪونهي. ٻيڙڙي فقير تي ڪونهي. ٻيڙڙي جي درگاهہ مان وچي ڏٺي آهي. سندس سجادهہ نشين نهايت نازڪ نفيس، جيئن سنڌي ۾ چوندا آهن ڊيل وانگر، سڀ صحيح، ليڪن ٻيڙڙي فقير جي درگاهہ جيڪا آهي، سا ويران ۽ بيحد ضرورت آهي تہ ان جو ديوان ۽ ان جي سوانح شايع ٿئي. يعني تعجب آهي تہ ٻيڙڙي فقير ۽ سندس والد جو نالو ملي ٿو پيو پوٽو ۽ پڙپوٽو يا سندس ڏهٽا موجود آهن. ليڪن ڏاڏي جو ناهي. هائي اهي سڀيون شيون آهن.

شڪارپور جو شهر توهان وٽ بيحد تاريخي ۽ هن وقت مان کي معلوم آهي تہ هن ۾ قيمتي ذخيرو ۽ نسخا ۽ فرامين تاريخ جا موجود آهن. روهڙيءَ جي شهر جو هرهڪ گهر پريل آهي تاريخي نسخن سان، ۽ تاريخي آثارن سان.

اهي سڀيون شيون توهان جي ملڪيت آهن ۽ توهان جي عزت ۽ توهان جي ملڪ جو بقا ۽ قيام جيڪو آهي، اهو انهن شين تي آهي.

هن ڪان اڳتي دنيا اها نہ ڏسندي تہ سچل پنج وقت نماز پڙهندو هو يا ڏهہ وقت يا مورڳو پڙهندو ئي ڪونہ هو. يا ڀنگ پيئندو هو يا چرس ڇڪيندو هو. يا عابد زاهد هو. انهيءَ شئي کي قطعاً تسليم نہ ڪندي. زمانو اهڙو ڏکيو ۽ تيزيءَ ساڻ اڳتي رهيو آ. ايڏيءَ تيزيءَ سان اڳتي رهيو آ. جو توهان تصور بہ نہ ٿا ڪري سگهو. انهيءَ ايٽمڪ ايج ۾، انهيءَ ۾ جيڪڏهن ڪابہ شئي توهان کي قائم رکي سگهندي ۽ آبرومند بڻائيندي تہ اها فقط اها شئي آ. جيڪا بزرگ اوهان جا يا بحيثيت انهن جي جانشين جي پيدا ڪري ويا ۽ جا ڏيو ٿا اوهين ايندڙ نسل کي. ائين نہ ٿئي جو ايندڙ نسل جيڪو اسان جو ٿئي. توهان ڪان نهايت واضح ذهن آ ان جو ۽ ان کي هڪڙو نصب العين آهي اڳتئون اهو پڇاڙيءَ ۾ اسان تي لعنتون وجهي ۽ اسان تي چار قل بہ نہ پڙهي! زندگي بيحد معمولي ۽ حقير آ. انهيءَ جي ڪابہ قيمت ڪانهي ڪا. انهي کي قائم ۽ آبروءَ جهڙي رذيل شئي قائم رکڻ جي لاءِ ماڻهو در در جا جانا ڪري. وقت ضايع ڪري. قومي خزانو اڪارت ڪري. ۽ انهيءَ ڌوڪيبازيءَ ڪان ڪم وني. مان سمجهان ٿو انهيءَ ڪئون. جيئن اڳي منهن ڪارو ڪري گڏهہ تي چاڙهي شهر ۾ ڦيرائيندا هئا. پنهنجو پاڻ کي ماڻهو سمجهي ۽ پنهنجي گناهن جي دامن پريور ڏسي پاڻ کي ائين ڪري اهو ڌوڪو اهو فريب. ممڪن آ تہ ڪجهہ وقت تائين مهلت ڪنهن کي ڏئي بہ سگهي. ليڪن وقت ايڏو گذرندو ٿو وڃي پيو. جو وقت تہ توهان موٽائي ڪونہ سگهندو نہ؟ ۽ آخر توهان کي مرڻو آ. آبرو ڇا ٿيندي آ. پئسو ڇا ٿيندو آ. انهيءَ کي ٽڪ بہ ڪونہ هٽي انهيءَ جي لاءِ ماڻهوءَ کي خدا ڪونہ خلقيو آ. ڪنهن ڪم ۽ مقصد جي لاءِ خدا خلقيو آ.

تنهنڪري، منهنجا دوستو، هاڻ ڏسان ٿو تہ ڪو ڪتاب جو جهلڪو ٿو وينو هئي، ڪو پکو ٿو پاڻ کي وينو هئي پگهر ۽ پسينو. بک بہ لڳي هوندي. جيڪي روزائت نہ هوندا. خدا ڪري سيني کي روزو هجي. پر. بهرحال مان هاڻي توهان سيني کان اجازت ٿو وٺان پيو. ڳالهيون جڏهن يار

گڏجن ٿا. جڏهن دوست گڏجن ٿا تہ گهٽيون ڪرڻ جون آهن. ليڪن هاڻي نہ وقت آهي ۽ نہ مان سمجهان ٿو مناسب آهي. مان چند معروضات اوهان جي آڏو رکيا آهن. يونيورسٽي توهان وٽ فعال هجڻ کپي. يونيورسٽيءَ ۾ مان نہ ٿو ڏسان تہ ڪوبہ ڪم هتي ٿئي ٿو پيو. توهان انهيءَ کي فعال ڪيو. سچل اڪيڊمي ناهيو. يونيورسٽيءَ ۾ سچل جي چيئر رکو. جتي خود تحقيق ۽ تخليق ٿئي، انهيءَ سچي پراجيڪٽ تي. بيو توهان کي مان صرف عرض هي ٿو ڪري ڇڏيان، خبر ناهي تہ هيءَ درگاهہ اوقاف جي حوالي آهي يا مالڪن جي حوالي آهي؟ حافظ شيرازي جو هڪڙو شعر آهي:

فقيه مدرسه وي مست بود و فتوي داد،

مي حرام ولي بہ ز مالِ اوقاف ست

(شراب حرام آهي پر اوقاف جي مال کئون وري بہ چڱي شيءِ آهي).

اوقاف جيڪا عقوبت اسان جي مڪليءَ جي تاريخ سان ڪئي آهي، خدا شاهد آهي تہ انهيءَ تي جيڪڏهن ڪو ملڪ ۾، اهو داد فرياد، ڪو حاڪم هجي تہ انهيءَ تي، انهن ماڻهن، اوقاف جي تجاوز ۽ ڏاڍ تي دانهن جي!

يعني جن قبرن تي ڪتبا هئا، انهن جي ريپئر ۽ انهن کي اسلامي رنگ ڏيڻ لاءِ ان جي اصلي، ۽ اهو ياد رکي ڇڏيو تہ تاريخي جاين جي حقيقت مٽائڻ، اوريجنلٽي (اصلي) کي تباهہ ڪرڻ، اهو تاريخي هاڃو آهي. هنن ان کي رنگ سائو ڏنو آهي، ڇاڪاڻ تہ حضور ﷺ جن جي روضي جو رنگ سائو آهي، تنهنڪري هر وليءَ جي قبر سائي هجڻ کپي. بابا، هرون پرون توهان ڇو.

هڪڙي ڪنهن دوست چيو تہ ڏندو پيو آ يار محمد جي مقبري تي. پائي ڏندو تہ اجا ڪنهن بهادريءَ جي نشاني آ، پيو آ. قلندر لعل شهباز جي سيوهڻ تي، هر عورت ۽ مرد وڃي ٿو ان کي چمي ڏي. اهو ڇاهي؟ ۽ انهيءَ نموني سان، اها سچي غلط ڳالهہ آهي. سڀيون تاريخان مٽائي ڇڏيون ٿئون. رنگ ڏئي ۽ انهن جي چوڌاري ڪٽهڙا ڪڍيا ٿئون. جيڪي اڳي نہ ها. شاهجهاني مسجد حالانڪ شاهجهاني نہ آ، پر بهرحال شاهجهاني آهي. انهيءَ جي ريپئر ڪرائڻ ۽ ان تي پنهنجي حسن خدمتي ڏيکارڻ لاءِ

صفا قطعاً تباھ ڪري ڇڏيو اٿئون. ھاڻي در بہ ڏسندؤ، ونگان بہ ڏسندؤ، ليڪن ڪا شئي ڪانهي.

تنهنڪري، توهان کي مان هڪ عرض ڪري ٿو ڇڏيان تہ مانهنجو تجربو اوقاف جيڪو حافظ جو شعر مان ڏسيو مانوَ تہ شراب بيشڪ پيئو ليڪن اوقاف جو مال نہ کائو! اهو توهان اوقاف وارن کي ٻڌائي ڇڏيو.

سچل سرمست جي روضي تي ساخت مان پيي سچي دنيا ڏٺي آهي، اسلامي ۽ انهيءَ جي آرڪيٽيڪٽ جو مطالعو ڪيو اٿم. مانهنجو سبجيڪٽ پيي آهي. اهڙي يعني خصوصي حيثيت رکي ٿي پئي تعمير ۾، ۽ هندن جي وچڻ ڪئون پوءِ اها ڍهي خراب ٿيندي ۽ زبون ٿيندي پئي وڃي، انهيءَ جي رپيئر نہ ٿي ٿئي. مان توهان کي عرض ڪندس تہ توهان اڪيڊمي ٺاهيو جڏهن وٽيو ٺاهيو توهان مالڪ آهيو مگر روضي جي نہ نهڻ ڪري جيڪو نقصان پهچندو انهيءَ جو اندازو آئندھ نسل اچي ڪري سگهي ٿو پيو. ممڪن آهي اسان کي نہ ٿئي، ليڪن اوقاف جي ذريعي هن جي رپيئر ڪنهن حالت ۾ نہ ٿيڻ کپي! چاڪاڻ جو اهو رهيل کهيل نور بہ هن جو وڃائي ڇڏيندو. تنهنڪري، آرڪالاجيءَ جي ذريعي يا ڪم از ڪم انهن جي سپرويزن ۾ . هي روضو تعمير جي لحاظ کان، توهان سچي سنڌ گهمو پنهنجو مثال پاڻ آهي.

سچيءَ شئي غلط آهي تہ ڪوٽ ڏجي ميرن نهرايو يا رني ڪوٽ ميرن نهرايو. بابا، ميرن جنگ ڪهڙي ڪئي، جنهن جي لاءِ انهن اڏاوتن جي ضرورت هنن کي هئي؟ پائي، خيرپور ۾ فيض محل کان سواءِ مير سچيءَ پنهنجيءَ حڪومت ۾ ڪا عمارت نہ نهرائي سگهيا. حيدرآباد ۾ غلام شاھ ڪلهوڙي جي ڪوٽ ۾ اچي وينا. پائي رني ڪوٽ کي، ڏجي ڪوٽ کي نهرائڻ جي هنن کي ڪهڙي ضرورت هئي؟

تنهنڪري، اهي سطحي مسئلا آهن تہ سچل، سرمست هو يا الست هو. يا نماز پڙهي ٿئين يا نہ اهي سطحي شيون هن. اهي مولانا غلام مصطفيٰ قسميءَ تي ڇڏي ڏيڻ کپن. ليڪن، بهرحال، هن جي رپيئر ۽ هن روضي جو تحفظ. اهو توهان کي سڀ کان اول ڪرائڻ کپي، چاڪاڻ تہ مان ڏسان ٿو پيو ڪرندو پيو وڃي.

باقي رهيو سوال اهو تہ مولانا غلام مصطفيٰ، توهان کي معلوم آهي، تہ هي اسان جو وڏو معتبر ۽ معزز، محترم اسان سڀني جي لاءِ آهي. مذهبن جي ۽ تاريخ جي لحاظ کان بہ اسان وٽ سند آهي. سندس قول اهو آهي، يا راءِ اها آهي، تہ سچل جو انتقال هن مهيني ۾ ۽ هنن ڏينهن ۾ ڪونہ ٿيو هو. تحقيق طلب اها ڳالهہ آهي، تنهنڪري مان انهيءَ شئي کي اسان جي علي اڪبر درازيءَ تي ڇڏيان ٿو. يعني مولانا جو چوڻ اهو آهي تہ سياري جي موسم هئي اها ممڪن آهي! يعني گرمي هجي يا سردي هجي، اسان جيسين غلام محمد صاحب يا تنوير صاحب آهن، تيسين حاضر پيا ٿينداسي. صحت جو ڪهڙو حال بہ هجي، پر اهي شيون، سڀ نقطا، سوچڻ ۽ تحقيق جي قابل آهن. انهن تي تحقيق ڪيو. ۽ ڇمڻ جي سلسلي ۾ بہ چون ٿا تہ 25 ڊسمبر سچل جي آهي. پر اهي مسئلا اهڙا آهن، جن تي توهان کي توجهہ ڏيڻ کپي، سوچڻ کپي. خدا شاهد آهي، مون کي مان سڄيءَ سنڌ ۾ ۽ ٻاهر قران ٿو ۽ ڏسان ٿو پيو. توهان وٽ ماڻهو سوچيندڙ لکندڙ تحقيق ڪندڙ ڪلهہ تنوير مان کي ببليو گرافي ڏيکاري آهي، جيڪا هتان جي توهان جي هڪڙي ماڻهو، ماستر ويچاري اڪيلي سر ويهي سچل تي ٺاهي آهي[1]. مان سمجهان ٿو تہ توهان جي ڪنهن اداري اهو ڪم نہ ڪيو هوندو جيڪو تنها واحد ماڻهو هتي ٻهراڙيءَ ۾ ويهي اهو ڪيو آهي. ساڳيءَ طرح، توهان ڏٺو تہ جنهن پهريون اهو مقالو پڙهيو هتي سائين، اوهان تہ افضل آهيو. عرض ٻڌو قاضي صاحب (علي اڪبر درازيءَ) توهان کان بغير هنن جو ڪم هلي نہ سگهندو. قاضي صاحب، اهو تہ هنن کي شامل ڪرڻو پوندو توهان کي. توهان جو عشق ۽ توهان جي جيڪا تحقيق ۽ توهان جي جيڪا خدمت ٿيل آهي، تنهنڪري توهان کي وسارڻ هنن جو جرم آهي، تنهن ڪري توهان مطمئن رهو، توهان کان سواءِ ڪوبہ ڪم نہ هلي سگهندو.

---

[1] هي ببليو گرافي محمد علي حداد مرتب ڪئي، ۽ سال 1982ع ۾ ڇپجي چڪي آهي.

منهنجي گذارش اها هئي تہ توهان وٽ خام مواد جنهن کي را مٽيريل چئجي ٿو اهو گهڻو آ. انهيءَ کي فقط ڊيولپ ڪرڻو انهيءَ کي آئوٽ ليٽ ۽ انهيءَ منجهون ڪم وٺڻ جي ڪا سوچ ۽ ترڪيب ڪريو.

باقي مان توهان جي مهمان نوازي ۽ توهان جي محنت ۽ توهان جو هتي گڏ ٿيڻ ۽ هن اجتماع، انهن سڀني جي لاءِ توهان جا لکين احسان ۽ ٿورا آهن. لفظن ۾ جن جي ڪابہ گنجائش ڪانهي. خدا توهان سڀني کي سلامت رکي!

-------

# چار خط

[انساني زندگي توڙي علمي، ادبي ۽ سياسي تاريخ جي مطالعي ۾ خط وڏي مدد ڪن ٿا. ليڪن اسان وٽ سنڌ ۾ هن موضوع تي اڃا توجهه نہ ڏنو ويو آهي. هت راشدي صاحب مرحوم جا اهي چار خط ڏجن ٿا، جي پاڻ عمر جي آخري حصي ۾، هن ڪتاب جي مرتب (غلام محمد لاکو) ڏانهن لکيا هئائون. انهن خطن ۾ همعصر سنڌي ساهت بابت، اسان جي هن عالم جي سوچ سامهون اچي ٿي، ۽ پڻ سندن زندگيءَ جي آخري لمحن متعلق بہ مواد مهيا ٿئي ٿو]

## خط نمبر 1

23 ڊسمبر 1980ع

عزيزم غلام محمد صاحب

بعد سلامن جي عرض تہ اوهان جو محبت نامون ۽ بہ ڪتاب پهتا. وڏي مهرباني، خدا اوهان کي سلامت رکي ۽ تاريخي ذوق اوهان جو ڏينهون ڏينهن ترقي ڪندو رهي. سنڌ کي اوهان جهڙن باذوق نوجوانن جي اشد ضرورت آهي. جن کي پنهنجي وطن ۽ وطن جي تاريخ سان اُنس ۽ لڳاءُ هجي.

آءٌ ڪيتري وقت کان ناخوش رهان ٿو. صحت اطمينان بخش نہ آهي. لکڻ پڙهڻ بند آهي. دعا ڪريو رب ڪريم توفيق عطا فرمائي. جيئن چند ڪم ذهن ۾ آهن، اهي پورا ڪريان.

"سنڌ صدين کان" سرسري ڏٺو اٿم. اندازو آهي تہ ڪتاب بيحد مفيد ۽ منجهس استدلال جو انداز بلڪل صحيح آهي. يقين آهي تہ هي ڪتاب بيحد مفيد ثابت ٿيندو. پڙهي وڌيڪ پوءِ لکندس!

تصوير آءٌ جلدي موڪلي ڏيندس. ڪو ڪم ڪار هجي تہ بلا حجاب لکندا. والسلام.

خير انديش

حسام الدين

## خط نمبر2

7 فيبروري 1981ع

عزيزم

آءٌ چند ڏينهن ٻاهر يعني ڳوٺ ويل هيس. توهان جو خط پهتو. ڪتاب بہ مليو. ذخيرت الخوانين لاءِ هاڻي خط لکيو اٿم. جيئن ڪتاب پهتو خدمت ۾ موڪلي ڏيندس. تسلي فرمائيندا.

آريسر صاحب جو ڪتاب بہ موڪليو مهرباني. آريسر جي جذبات ڏسڻ ڪپي. جيڪي ماڻهو ملڪ ۽ قوم لاءِ سختيون سهن ٿا، انهن ڪي حق پهچي ٿو تہ اسان جهڙن سهل پسندن جي غلطين تي تنبيهہ ڪن.

اوهان ميدان ۾ هاڻي پير وڌو آهي. نوان آهيو ڪنهن جي غصي ۽ ڪاوڙ تي دلگير نہ ٿيندا. اجا تہ اڳتي الائي ڇا رکيو آهي. رستو اڙهانگو سفر طويل ۽ دشوار، ڪم ڪندا هلو. ڪاڏنهن توجهہ نہ ڏيو. هڪ ڪن ڪان جيڪڏهن ٻڌو تہ ٻئي ڪان ڪڍي ڇڏيو.

والسلام

حسام الدين

## خط نمبر 3

2 اپريل 1981ع

عزيزم

السلام عليڪم. بہ ڪتاب ۽ مضمون پهتو. مضمون "اردو" ڏانهن تاڪيدن موڪلي ڇڏيو اٿم. اميد آهي تہ شايع ٿي ويندو.

شاهہ عنايت پڙهان ٿو. دلچسپ ڪتاب آهي. خاص طرح نقطہ نگاهہ قابل ستايش ۽ صحيح آهي. جنهن لاءِ لکندڙ ڪيرون لهڻيون. ميرو ـ ڊاڙيل پڙهي ڇڏيم. طارق اشرف جو پهريون ڪتاب پڙهيو اٿم. ختم ڪرڻ بعد ارمان ٿيو تہ اسان جا رهبر جيڪڏهن ميرو ڊاڙيل جي ڪردار ۽ اصولن جا هجن ها تہ. هن حالت تي اسان نہ پهچون ها.

اصول، ڪردار، وفا، نباهه ۽ سانجاهه جا مثالي نمونا هن ڪتاب ۾ موجود آهن. طارق اشرف وڏي خدمت ڪئي آهي، اهو ڪتاب ڇپي.

سر ۾ سانجهي وير پڙهي ڇڏيم. لکندڙ نهايت ئي ذهانت ۽ ديانت سان تاريخ مان نڪتا ڳولي مرتب ڪيا آهن.

آءُ سنڌ جي لکندڙن مان نا اميد نه آهيان. ذهني ڦيرو جنهن جا اسان متلاشي ۽ آرزومند هياسين سو اچي ويو آهي. اهو زنده رهڻ جو نشان آهي.

ڊاڪٽر رياض الاسلام ڪي مضمون لاءِ چيو اٿم. عنقريب ڳولي ڏيندو ۽ آءُ اوهان ڏانهن موڪلي ڏيندس. اطميان رکندا.

خدا اوهان کي خوش رکي ۽ علمي خدمت ۽ ڪم ڪرڻ جي توفيق ڏئي.

حسام الدين راشدي

## خط نمبر 4

9 جولاءِ 1981ع

عزيزم غلام محمد صاحب

خط پهتو. اهو ڪتاب پاڪستان جي پهرين يا ٻي حڪومت جي چورڻ تي لکيو ويو هيو. سرسري ۽ نامڪمل آهي. ازان سواءِ جديد دور جنهن صورت ۾ شروع نه ٿيو هيو تنهنڪري اهو نظرانداز ٿيل آهي. تاهم ڪتاب مقبول ٿيو يورپ ۾ ان مان استفادو ڪيو ويو ۽ روس ۾ ان جو ترجمو شايع ٿيو. ارادو هيو ته انهيءَ ۾ اضافا ڪري جديد دور به شامل ڪري نئين سر ترتيب ڏيان. ليڪن اڄ تائين اها آس پوري ٿي نه سگهي ۽ نه اميد آهي. توهان پلي انهيءَ جو ترجمو ڪيو ۽ شايع ڪيو. بهرحال ڪتاب مفيد آهي. اميد ته اوهان بخيريت هوندا.

والسلام

حسام الدين راشدي

# پیش لفظ، مهاگ....

# تعارف

[سيد اظهر گيلاني جي شاعريءَ جي ڪتاب
"سخن بي نظير" تي لکيل تعارف. هي ڪتاب
سال 1947ع ۾ ڇپيو]

"سخن بي نظير" جي عنوان سان منهنجي عزيز دوست سيد اظهر گيلاني جي شعر و شاعري جو هي مختصر مجموعو سنڌي ادبيات ۾ هڪ گرانقدر اضافو آهي. غزل ۽ غزل جي دنيا جا جيڪي بہ لوازم آهن سي سيئي گيلاني صاحب جي ڪلام ۾ نهايت حسن ۽ خوبي سان موجود آهن. عشق عاشقي، هجر فراق، گل و بلبل، ساقي مينا، الغرض هر اها شيءِ جنهن سان غزل جي دنيا آباد آهي، سا نهايت دلنشين پيرايہ ۾ غزل اندر مهيا ڪئي وئي آهي. جذبات جي لحاظ سان سندس ڪلام نهايت زوردار آهي، مثلاً "عاشقي جي زمانہ" جا چند شعر جذبات ۽ واقعات بلڪ واردات جي لحاظ سان ملاحظہ تين.

يـــاد آ دل جـــي لڳـــي دل جـــو لڳـــائڻ يـــاد آ
ڪنهـن جـي پـويان پـاڻ کـي مجـنون بنـائڻ يـاد آ
يــاد آ ئــي دســت بســتہ وصــل لئــہ منهنجــو چــوڻ
ڏئــي بهــانو هــڪ نــہ بيــو تنهنجــو نتــائڻ يـــاد آ
ڪلنـدي ڪلنـدي ڳـالهہ ٿـوري تـي رسـي هڪـدم اُٿـڻ
منهنجــو دامــن مــان جــهلڻ تنهنجــو ڇــڏائڻ يــاد آ
ڪيـن هـڪ ٻـي کـي ڇڏيندا سون ڇئـي فـرقان تـي
تنهنجو مون کان، منهنجو توکان، هـٿ رکـائڻ يـاد آ
تـون رنـين تــي مـون تـي پـرچايو ٻئـي ٻـانهون ٻـڌي
وقــت تــي منهنجــو رســڻ تنهنجــو منــائڻ يـــاد آ

اهڙيءَ طرح "تصوير ماضي" ۾ بہ جذبات ۽ واقعات جا دل ڪولي درياهہ وهايا ويا آهن. مثلاً:-

"يـاد آهـن ڏينهـن" لـب تـي هـو تبسـم موجـزن
خـار و خس ايـنـدو نظـر ۾ هـو مثـال لالـه زار
"ياد آهـن ڏينهـن" دل هئي رنـج و غـم کـان بـي خبـر
وقـت گـذريو تـي خوشـي ۾ هـو نـه کـو ئـي انتظـار

الفاظن جي بندش ۽ چستيءَ جا به ڪٿي ڪٿي بهترين مثال پيش ڪيا ويا آهن. مثلاً:-

منهنجي غم ۾ تا مرن "ساعت ۾ صد ها" چا ڪريان
ڪنهنجي غمخواري ڪريان غمخوار ڪنهنجو ٿي رهان

"ساعت ۾ صدها" جي بندش نهايت بهترين آهي، اهڙيءَ طرح ڪٿي ڪٿي ته هڪ لفظ جي آڌر سبب سموري مصرع ۾ جان پئجي وئي آهي:-

بعـد مـردن خـاڪ کـي يثـرب رسـائيندي ضـرور
اهـڙو "خاطـر خـواه" آ مـون کـي صـبا جـو آسـرو

"خاطر خواه" جي لفظ آڌر سبب سموري مصرع ۾ جان پئجي وئي آهي. شاعرانه خصوصيتن جي جيڪڏهن هر هڪ پهلوءَ تي ويهي ويچار ڪبو ته هي مختصر تعارف طويل ٿي ويندو. تنهنڪري آءُ انهيءَ معامله کي پڙهندڙن جي ذوق سليم ۽ خوش نظريءَ جي حوالي ڪندي فقط چند شعر اندازه ڪرڻ لاءِ پيش ڪريان ٿو:-

دل لڳـائڻ سـان مصـيبت تـي اچـي
هـڪ نـه پـي هـر روز آفـت تـي اچـي

-----

وري ڪنهـن سـان نظـرون لـڙائڻ گهـران ٿـو
وري چـوٽ نئـين دل تـي کـائڻ گهـران ٿـو

-----

وري ڪنهـن جـي آمـد بـڌي پـاڻ وٽ مـان
اکيـون راه تـي پئـي، وڇـائڻ گهـران ٿـو

-----

رهـي رهنـدا رهـائڻ سـان گهڻـو آخـر وڃـڻ وارا
رهـڻ تـي دل نـہ آ تـن جـي، نـہ ڪـي آهـن رهـڻ وارا

------

جـدائي يـار تنهنجي منهنجي، لئہ جنسـي قيامت آ
غضـــب آ، قهـــر آ، شـــامت آ، آفــت آ، مصـــيبت آ

------

اڳڻ منهنجي تي خود آيو سندس ٿو پال پايان مان
ڪـــرم آ، مهـــرباني آ، نـــوازش آ، عنـــايت آ

------

دل نـہ ڏيـان هـا تـہ ڇـو هونـد ٿيـان هـا بـدنام
سـڏ نـہ هئـي ٿينـدو خـوش آغـاز جـو برتـر انجـام

مون کي يقين آهي تہ سيد صاحب جو هي مجموعہ سنڌي جديد ادب جي ترقيءَ لاءِ مشعل راهہ ثابت ٿيندو ۽ آءٌ ذاتي طرح هن ڪتاب کي سنڌي جديد ادب لاءِ مبارڪ فال سمجهان ٿو. اميد آهي تہ سنڌ جا شاعر گيلاني صاحب وانگر فارسي ۽ اُردو ادب جي موجودہ رجحان کان متاثر ٿي ضرور پنهنجي ڪلام ۾ تبديليون آڻيندا. مثلاً هن ڪتاب ۾ ”گيت“ بہ شامل ڪيا ويا آهن، جيڪي سنڌي ادب ۾ نقش اول جي حيثيت رکن ٿا. غلطين کان هن ناتمام دنيا جي ڪابہ شيءِ خالي نہ آهي: ممڪن آهي تہ هن ڪتاب ۾ بہ ڪي شاعرانہ غلطيون رهجي ويون هجن. ليڪن هڪ تہ سرسري مطالع سبب مون کي موقعو نہ مليو جو آءٌ انهيءَ تي بہ نگاهہ ڪريان ۽ ٻيو بحيثيت دوست جي مون کي پنهنجي دوست جي ڪلام ۾ فقط خوبين وارو پهلو ئي ڏسڻو پيو. تنهنڪري آءٌ نقد ۽ حرج، تنقيد ۽ تبصرہ، داد ۽ دهش لاءِ ٻين سخن فهم بزرگن لاءِ ميدان خالي ڇڏيان ٿو.

27 جولاءِ 1947ع — سيد حسام الدين راشدي

ڪراچي.

# گذارش

[سنڌي ادبي بورڊ "تاريخ سنڌ- ڪلهوڙا دور" اردو ۾
1958ع ۾ شايع ڪئي. هي علمي ۽ تحقيقي
ڪتاب مولانا غلام رسول مهر لکيو هو. هي 'گذارش'
ان ڪتاب لاءِ لکي وئي. بعد ۾ بورڊ ان ڪتاب جو
سنڌي ترجمو 1963ع ۾ ڇاپيو]

سنڌ جي تاريخ گهڻو آڳاٽي زماني کان شروع ٿئي ٿي، جا حد کان وڌيڪ دلچسپ به آهي ۽ نهايت اهم به، مگر اها اڄ تائين ڇڙوڇڙ ۽ بنا ڪنهن ترتيب جي پيل آهي. سنڌيءَ يا ڪنهن ٻيءَ زبان ۾ ڪو به اهڙو ڪتاب نه لکيو ويو آهي، جنهن ڪي سنڌ جي تاريخ جو شروعاتي خاڪو ڪوئي سگهجي. يعني جنهن مان هن ملڪ جا تاريخي ۽ تمدني حالات، زماني وار، هڪ هنڌ معلوم ٿي سگهن. انقلابي طوفان غالباً هن خطي کان زياده، پاڪ ۽ هند جي ڪنهن به ٻئي خطي تي ڪين گذريا آهن.

قومن ۾ زندگيءَ جي جذبن ۽ ولولن کي تازي رکڻ، ۽ منجهن عملي جوش لاءِ نئين خون پيدا ڪرڻ جو سڀ کان اهم ذريعو قومي تاريخ آهي. قومي تاريخ جي ئي صفحن تي پنهنجن بزرگن جا اعليٰ ڪارناما، آئينده نسلن لاءِ هميشه واسطي زندگيءَ جو سبق بنجن ٿا. انهيءَ ئي آئيني ۾ هر قوم پنهنجي ماضيءَ کي بي نقاب ڏسي سگهي ٿي ۽ پنهنجي عروج ۽ زوال جي اسباب ۽ عوامل تي ٿڌي سيني سان غور ڪري، آئينده جا خدوخال درست ڪري سگهي ٿي. جنهن قوم وٽ پنهنجي ماضيءَ جي تاريخ اکين آڏو نه هجي، ان لاءِ سمجهڻ گهرجي ته اها زندگيءَ جي ميدان ۾ عملي محرڪات جي هڪ نهايت ئي اهم وسيلي کان محروم آهي.

اها ئي اهم ضرورت هئي، جنهن کي سامهون رکندي سنڌي ادبي بورڊ، پنهنجي شروعاتي دور ۾ هڪ مفصل ۽ مستند تاريخ لکرائڻ جي رٿا تيار ڪرائي، ۽ هيءُ فيصلو ڪيو ويو هو ته هن خطي جي سموري تاريخ ائن جلدن ۾ مرتب ڪرائي وڃي، يعني-

| | |
|---|---|
| جلد پهريون | جاگرافيائي تاريخ |
| جلد ٻيو | اسلام کان اڳ وارو دور |
| جلد ٽيون | عربن جو دور |
| جلد چوٿون | سومرن ۽ سمن جو دور |
| جلد پنجون | ارغونن، ترخانن ۽ مغلن جو دور |
| جلد ڇهون | ڪلهوڙن جو دور |
| جلد ستون | ٽالپرن جو دور ۽ |
| جلد اٺون | انگريزن جو دور |

سنڌي ادبي بورڊ، چند اهل قلم حضرات منتخب ڪيا هئا، جي هن اهم ڪم کي بهتر کان بهتر طريقي سان سرانجام ڪري سگهيا ٿي، ۽ اهڙيءَ ريت مختلف دورن جي انهن ۾ ورهاست ڪئي وئي. جيئن ته هيءَ تاريخ ٽن زبانن ۾ شايع ڪرڻ جو فيصلو هو يعني سنڌي، اردو ۽ انگريزيءَ ۾، ته جيئن زيادهه کان زيادهه اصحاب تاريخ جي مطالعي مان مستفيد ٿي سگهن، انهيءَ لاءِ اهل قلم کي اختيار ڏنو ويو هو ته جنهن به زبان ۾ سندن مرضي هجي، ڪتاب مرتب ڪن ۽ باقي ٻن زبانن ۾ انهن جو ترجمو ڪرايو ويندو.

پهريون ۽ ٻيو جلد، مسٽر ايچ. ٽي. لئمبرڪ [1] کي ڏنا ويا هئا. هن صاحب، آڪسفورڊ ۾ رهندي، انهيءَ ڪم جو پورائو ڪيو. هي ٻئي جلد مستقبل قريب ۾ انگريزي زبان ۾ شايع ٿيڻ وارا آهن، ۽ جلد ئي انهن جو سنڌي ۽ اردو ۾ ترجمو به شايع ڪرايو ويندو.

عربن جو دور مولانا سيد سليمان ندوي مرحوم جي حوالي ڪيو ويو هو. اڃا ابتدائي مرحلا طئه نه ٿيا هئا ته سيد صاحب موصوف عالم بقا ڏانهن اُسهيو. اهڙيءَ ريت هيءُ حصو اڃا تائين ڪنهن ٻئي بزرگ کي نه ڏنو ويو آهي. سومرن ۽ سمن جي دور متعلق ضروري معلوماتي سرمايو ڪٺو ٿي نه سگهيو آهي، ان ڪري طئه ڪيو ويو آهي ته ان کي سپني کان آخر ۾ يڪسوئيءَ سان مرتب ڪيو وڃي.

---

[1] H.T. Lambrick.

پنجين، ڇهين ۽ ستين جلدن مان پهريون منهنجي ۽ ٻيو ۽ ٽيون جلد مولانا غلام رسول مهر جي حوالي ڪيا ويا هئا. ارغونن ۽ ترخانن جو دور مڪمل ٿي چڪو آهي ۽ جلد شايع ڪرڻ لاءِ ڏنو ويندو. مغلن جو دور بہ مڪمل ٿيڻ جي ويجهو آهي.

مولانا مهر سيني کان اڳ ڪلهوڙن جي دور تي قلم کنيو. شروعات ۾ خيال هو تہ هن دور جي باري ۾ بہ معلومات تمام گهٽ آهي، ان ڪري بورڊ هن دور متعلق چئن سون صفحن جو ڪتاب ڪافي سمجهيو هو. مگر جڏهن مولانا مختلف حالات جون ڪڙيون ملائي، وڏيڪ تحقيق ۽ ڇنڊ ڇاڻ شروع ڪئي، تڏهن ايترو مصالحو ڪٺو ٿي ويو جو ڪتاب هڪ هزار صفحن کان بہ وڌي ويو ۽ انهيءَ ڪري ان کي ٻن جلدن ۾ ورهائڻو پيو.

هن وقت مولانا ٽالپورن جي دور تي لکي رهيو آهي. ۽ اندازو آهي تہ هيءُ دور بہ ٻن جلدن تي ڦهلجي ويندو. انگريزي دور متعلق ڊاڪٽر ڊوآرٽي هڪ جلد تيار ڪيو آهي، جو انگريزن جي شروعاتي دور کان سنڌ جي فتح ٿيڻ تائين، سموري حالات تي مشتمل آهي. باقي حصي کي بعد ۾ ترتيب ڏيندو.

هن مجمل بيان مان سنڌي ادبي بورڊ جي هن رٿا جي ڪيفيت چڱيءَ ريت واضح ٿي سگهي ٿي. شروع ۾ اٺ جلد تجويز ڪيا ويا هئا، مگر هن وقت اندازو آهي تہ سموري تاريخ غالباً تيرهن يا چوڏهن جلدن ۾ مڪمل ٿي ويندي.

جيڪي جلد ڇپجي رهيا آهن، انهن جو ترجمو بہ گڏوگڏ شروع ڪرايو ويو آهي. انهيءَ رٿا موجب "تاريخ ڪلهوڙا" جو هيءُ سنڌي ترجمو ٻن جلدن جي صورت ۾ قارئين حضرات جي خدمت ۾ پيش ٿي رهيو آهي.

مولانا مهر وڏيءَ ڪوشش ۽ ڪاوش سان ڪلهوڙا دور جي سرگذشت مرتب ڪئي آهي، ۽ سراسر غير يقيني ذريعن مان ڇڙوڇڙ مواد کي ڪٺو ڪري، مختلف واقعات کي هڪ ڌاڳي ۾ پوئي، هڪ اهڙو سلسلي وار داستان تيار ڪيو آهي، جو سچي تصوير اکين اڳيان اچي وڃي ٿي. ڪلهوڙن جو دور، سنڌي قوم جي پُر عظمت جدوجهد، منتشر

ٽيل ملڪي اَجزا جي نئين سر ترتيب، ۽ همه گير تعميري ڪارنامن جو اهڙو دستاويز آهي، جنهن جي اڪيلي هجڻ تي خراج تحسين ادا ڪرڻ ۾ ڪنهن کي به شڪ شبهو نه هوندو.

خدا جو شڪر آهي جو هن دور جي سموري سرگذشت پنهنجي سمورين خصوصيتن سان مڪمل ٿي وئي، جنهن لاءِ سنڌ جا رهواسي جيترو به فخر ڪن، بلڪل بجا ڄاتو ويندو. ڪالهه تائين اسين جن پنهنجن بزرگن جي فقط نالي ڪان واقف هئاسون، انهن جي ڪيل ڪارنامن جي عظمت جو اسان کي ڪو به احساس ڪونه هو اهي اڄ پهريون دفعو پنهنجي ملڪي ۽ قومي روشن خدمتن سان گڏ اسان جي سامهان جلوه گر ٿي رهيا آهن.

هن سلسلي ۾ مولانا کي ضروري حالات جي فراهميءَ ۽ تاريخ جي مختلف ڪڙين کي هڪ ٻئي سان ملائڻ ۾ جيڪي تڪليفون سامهون آيون، تن جو مون کي ۽ بورڊ کي پورو پورو احساس آهي. ٿي سگهي ٿو ته ڪتاب ملاحظه ڪندڙ حضرات انهيءَ جو احساس نه ڪري سگهن ۽ اسين به اهڙو احساس ڏيارڻ نه ٿا گهرون. اسان جي خواهش فقط هيءَ آهي ته قوم پنهنجي هن عظيم الشان ماضيءَ جي تاريخ مان همت ۽ عملي جوش جا نوان ولولا حاصل ڪري، زندگيءَ جي نئين ڪروٽ حاصل ڪري ۽ عزت ۽ عظمت جي جنهن تاج سان ان جي بزرگن جون پيشانيون مزين هيون، ان کي پنهنجو نصب العين بنائي، جدوجهد ۾ مصروف ٿي وڃي. ائين ٿيو ته اسين سمجهنداسين ته اسان جي زندگيءَ جو مقصد پورو ٿي چڪو. بورڊ جنهن ڪم جو بوجهه پنهنجي سر تي کنيو هو اهو خداي برتر جي فضل ۽ ڪرم سان پنهنجي انجام تي پهچي ويو. اسان جي هن ناچيز ڪوشش جو اهو ئي صلو آهي، جنهن کي اسين پنهنجي زندگيءَ جو مقصد سمجهون ٿا.

اسان هن ڪتاب کي جنهن پيماني تي ڪامل ۽ مڪمل بنائڻ جا خواهشمند هئاسون، افسوس جو ان ۾ پنهنجي آرزوئن مطابق ڪامياب ٿي نه سگهياسون- مثلاً تاريخي نقشا مرتب ڪرائي نه سگهياسون،

تاريخي مقامات تائين سفر ڪرڻ لاءِ مؤلف کي سهوليتون ڏئي نہ سگهياسون، ۽ انهيءَ ڪري هن تاريخي عمارت جو باب هڪ حد تائين تشنہ رهجي ويو. انهيءَ کان سواءِ تاريخي مقامات تي جيڪو سير حاصل تعميري ۽ جاگرافيائي بحث هجڻ گهربو هو اهو تي ڪين سگهيو. اسان وڏين ڪوششن سان تصويرن جو چڱو خاصو مجموعو فراهم ڪيو آهي. انهن تصويرن ۾ بيش بها تصوير ميان نور محمد ۽ ميان مراداياب جي آهي، جا حسن اتفاق سان راقم کي اُچ جي نادر "گيلاني" ڪتبخاني مان ملي وئي ۽ راقم محڪمہ آثار قديمہ جي مدد سان هن تصوير جو عڪس حاصل ڪيو. هيءَ تصوير دراصل رنگين هئي، پر افسوس آهي جو ڪن فني مجبورين سبب اسان ان کي رنگن ۾ ڇاپي نہ سگهيا آهيون. ڪن تاريخي جاين جا فوٽا ان ڪري نہ ڇپجي سگهيا جو وقت اندر نہ مليا.

مون تي پنهنجي احباب و ڪرام جو شڪريو ادا ڪرڻ واجب آهي، جن مواد جي فراهميءَ ۾، منهنجي ۽ مولانا مهر جي مدد ڪرڻ فرمائي. محڪمہ آثار قديمہ پاڪستان جو پڻ احسان مند آهيان، جنهن منهنجي ذاتي گذارش تي تصويرون مهيا ڪري ڏنيون.

آخر ۾، مولانا مهر جو دل جي خلوص سان شڪريو ادا ڪريان ٿو. هو سنڌي نہ هو مگر هڪ محقق ۽ مؤرخ جي حيثيت سان هن ڪتابن جي انبار کي ڦلهوري، هزارين صفحا هيٺ مٿي ڪري، ڪتان هڪ سٽ، ڪتان ٻہ سٽون، ڪتان اڌ صفحو ۽ ڪتان هڪ صفحو فراهم ڪيو. اهڙيءَ ريت هن ملڪ جي جنهن کي پوريءَ طرح ڏسڻ جو بہ هن کي موقعو ملي نہ سگهيو. تنهن جي تاريخ جي هڪ لازوال عمارت کڙي ڪئي. هن جي تحرير دلي همدرديءَ سان ٽمٽار آهي، ۽ ساڳئي وقت هن ڪنهن بہ موقعي تي حق ۽ انصاف جي تقاضائن کي نظرانداز نہ ڪيو آهي، جنهن جي بغير ڪا بہ تاريخ، حقيقت ۾ تاريخ چوائڻ جي حقدار نہ ٿي هجي. جيڪڏهن هو سنڌ ۾ ويهي هن ڪتاب کي مرتب ڪري ها، ۽ سمورا تاريخي مقامات نظر مان ڪڍي ها تہ يقيناً هن ڪتاب جي زيب ۽ زينت جو انداز ڪنهن ٻئي نموني جو هجي ها.

بهرحال، هن جيڪا محنت ڪئي آهي ۽ جنهن محبت ۽ انتهائي ڪوشش سان اسان جي ملڪ جي تاريخ جو هيءُ حصو مرتب ڪيو آهي، ان لاءِ اسين سڀ ان جا شڪر گذار آهيون. آءٌ ته خاص ڪري ان جو احسان مند آهيان، جو هن هي سڀ ڪجهه مون سان ذاتي محبت ۽ شفقت جي ڪري ڪيو جا ويهن ٻاويهن سالن کان مون تي فرمائي رهيا آهن. منهنجي دعا آهي ته الله تعاليٰ کين صحت ۽ عافيت سان هميشه سلامت رکي! آمين.

ڪراچي — حسام الدين راشدي

23 جولاءِ 1958ع

# شاهہ جو پيغام

[حافظ محمد احسن چنا جي ڪتاب "شاهہ
جو پيغام" لاءِ لکيل ہہ اکر هي ڪتاب سال 1958ع
۾ شايع ٿيو]

سنڌ جا اديب ۽ سخنور پنهنجي پنهنجي وت ۽ وس آهر ڀٽائي گهوٽ کي، مدتن کان عقيدت جا نذرانہ پيش ڪندا رهيا آهن، پر شاهہ هڪ اهڙو بحر بي پايان آهي، جنهن ۾ جيتري غواصي ڪجي اها ٿوري. جنهن مان جيترا ماڻڪ موتي ڪڍجن اهي ڪم آهن. حياتيون گهرجن جو انهيءَ بستان جي چمن بندي ڪجي. زندگيون کپن جو انهيءَ باغ جا گل ۽ ٻوٽا ٻيا سينگارجن ۽ سنوارجن. ڀٽ جي ڀوتار پنهنجي لافاني بيتن، بي مثل ڪافين ۽ قيامت تائين زندهہ رهندڙ واين کي سنڌ جي عوامي قصن ۽ ڪهاڻين، داستانن ۽ روايتن جي بنيادن تي ٺاهيو آهي. انهن داستانن ۽ انهن ڪهاڻين، انهن روايتن ۽ انهن قصن کي ڪيترن اديبن پنهنجي پنهنجي زور قلم سان وقت بوقت ٻي ساراهيو ۽ بيان ڪيو آهي. ڪن انهن جي تشريح ڪئي آهي، تہ ڪن انهن جون معنوي خوبيون ۽ خصوصيتون ويهي شمار ڪيون آهن ۽ ڪن انهن جي رمزن ۽ نڪتن جي ويهي واکاڻ ۽ اپٽار ڪئي آهي.

اهڙيءَ طرح هر قلم ڪار ۽ هر اديب، پنهنجي سمجهہ ۽ خيال آهر ڪسر ڪا نہ ڇڏي آهي.

منهنجي محترم محسن، حافظ محمد احسن، جنهن جي ادبي صلاحيتن جو آءُ هڪ مدت کان معترف، ۽ جنهن جي نعت گوئيءَ ۽ سخن سنجيءَ تي آءُ هڪ زماني کان مفتون آهيان، هڪ نئين ڍنگ ۽ انوکي رنگ سان شاهہ سڳوري جي قصن ۽ ڪهاڻين کي، پنهنجي هن ڪتاب ۾ پيش ڪيو آهي. هن صاحب، شاهہ جي بيتن جون ڪڙيون ملائي، منتشر موتين کي هڪ لڙهيءَ ۾ پوئي، سنڌ جي انهن مقبول عام

داستانن جا اهي پهلو پيش ڪيا آهن، جن ۾ پريت جون پچارون، عشق ۽ محبت جون پڪارون ۽ سوز ۽ سڪ جون نازڪ رمزون رکيل آهن.

بيان ۽ اسلوب جي ندرت، زبان ۽ لفظن جي ڪيڏ ۽ قدرت، شاهه جي بيتن جي روشنيءَ ۾، انهن گوشن کي ڪٿان جو ڪٿي وڃي ڪٿي پهچايو آهي!

مقفيٰ عبارت، حسين پيرايہ بيان ۽ تجنيس حرفي سان سينگارجي سنوارجي، اهي داستان، سنڌي ادب جا اُهي شاهڪار بنجي پيا آهن، جن کي پڙهڻ سان ۽ اندر ۾ اورڻ سان دل کي راحت رسي ٿي ۽ روح، انهن جي اهڙين گهراين تي پهچڻ لاءِ وڌيڪ واجهائي ٿو ۽ زيادهہ واجهہ وجهي ٿو. هن تي خود شاهہ سائين، روح کي پهچائڻ ۽ رسائڻ گهري ٿو.

سنڌ جي مارئي، حب الوطنيءَ جو هڪ پاڪ مجسمو آهي. ساٽيهہ جي سڪ، مارن سان بي پناهہ محبت، وطن سان والهانہ وابستگي، ملير، ملير جي مارن وٽ موٽي وڃڻ جي آرزو ۽ اميد، اهي مارئي جي امنگن جا سرچشما آهن.

حب الوطنيءَ جي انهن سيني پاڪيزهہ سرچشمن کي گڏي هڪ ئي هنڌ اهڙي انداز سان بيهارڻ، جو دل مان محب وطن مارئيءَ لاءِ محبت ۽ همدردي ۽ سنڌ جي هن عظيم ترين شاعر جي لاءِ اڪٿ عقيدتمندي اٿلون کائڻ لڳي، هڪ اديب جو نہ فقط قابل قدر بلڪ انتهائي ڪمال آهي.

دريا جا ڊيڄاريندڙ ۽ من ڏاريندڙ دهڪا ۽ ڌڌڪا انهن سيني کي هڪ ئي لڙهيءَ ۾ پوئي، محبت ۾ نينهن سان ڇلڪندڙ بيتن سان ڳنڍيندي احسن صاحب، سچ پچ نثر ۾ شاعري ڪئي آهي ۽ عبارت ۾ اهڙو آهنگ پيدا ڪيو آهي، جو سوين ساز ۽ سرود، ان تان قربان آهن.

سسئيءَ جي سورن جا حال، نوريءَ جي نماڻائي ۽ نياز جا حال، سورٺ ۽ سرمنگتي جا دل سوز مڪالما ۽ راءِ ڏياچ جي سر جو دان، اهي اهڙيون شيون آهن، جي هڪ ئي هار جا مختلف ماڻڪ ۽ هڪ ئي سلسلي جا جدا جدا موتي آهن.

شاهہ جا اهي مڙئي عنوان ۽ بيان، پنهنجي مخصوص طرز نگارش سان نثر ۾ جوڙي انهن جي رونق ۽ تابناڪيءَ کي سنڌ جي هن ڪهنہ

مشق اديب ۽ اهل دل صاحب قلم، پڙهندڙن جي اڳيان اهڙيءَ طرح روشن ڪيو آهي، جو بي اختيار زبان مان تحسين ۽ آفرين نڪريو وڃي ٿي.

جهڙا آهن شاهه جا شاهڪار تهڙائي آهن احسن صاحب جي لفظن جا درشاهوار! جهڙو آهي شاهه جو نظم، اهڙو آهي احسن صاحب جو نثر! گويا، جهڙا آهن گل گلاب جا، اهڙا ٿي ڪين ويس ڏنا ويا آهن.

سنڌ جي نثري ادب ۾، انهيءَ قسم جي مقفي عبارت آرائي جا مثال تمام گهٽ آهن.

جنهن ڪاميابيءَ ڪامرانيءَ سان احسن صاحب انهيءَ سخت ۽ مشڪل طرزِ نگارش کي نباهي پار پيو آهي، ان لاءِ هو صاحب يقيناً مبارڪن جو مستحق آهي.

احسن صاحب جي قلم مان ڪئين دلپسند چيزون نڪتيون هونديون. پر سندس هيءَ ڪوشش جتي سنڌ جي بين اديبن کي انهيءَ قسم جي نثر نويسي، صلائي عام جو سبب ٿي آهي، اتي احسن صاحب لاءِ بہ سنڌي ادب ۾ هڪ خاص ۽ منفرد مقام پيدا ڪرڻ جو ڪارڻ بڻي آهي.

سيد حسام الدين راشدي

# ٻہ اکر

[حڪيم محمد احسن جي ڪتاب "پرين جي پار"
مطبوعہ سال 1961ع لاءِ لکيل ٻہ اکر]

حضرت حڪيم فتح محمد سيوهاڻي، سنڌي زبان ۽ ادب جو عظيم محسن هو. سندس قلم سنڌيءَ جي جهوليءَ کي ايترن ماڻڪن ۽ موتين سان، اهڙن جوهرن ۽ جواهرن سان پرپور ڪري ڇڏيو جو سندس بخشيل اَملهہ ماڻڪ اڄ بہ پنهنجي آب تاب، چمڪ ۽ چانڊوڪيءَ سان سنڌي زبان ۽ سنڌي ادب جي محفل ۾ جهرمر لايون ۽ رنگ رچايون بيٺا آهن. منهنجو محب دوست، حڪيم محمد احسن سنڌي ثقافت جي انهيءَ ئي مُربيءَ ۽ محسن جو فرزند رشيد آهي. فرزند رشيد هنَ ڪري نہ تہ هُنَ پنهنجي والد جي طبي سجادي کي سينگاريو آهي، بلڪ رشيد ترين فرزند ارجمند هن ڪري تہ هو سنڌي ادب جي خدمت گذاريءَ ۾ پڻ پنهنجي والد مرحوم ۽ مغفور جو صحيح جاءِ نشين ثابت ٿي رهيو آهي.

ايندڙ صفحن ۾ جيڪو ڪتاب پيش ڪيو وڃي ٿو سو بقول شاعر درحقيقت:-

افسانہ آن شبي که با يار گذشت

آهي، يعني مستعار زندگيءَ جي انهن چند راتين ۽ ڏينهن جي سرگذشت آهي، جيڪي حڪيم محمد احسن حج جي دوران ۾ مٺي مير مدنيءَ جي ملڪ ۾ گذاريا، جنهن پياري پيغمبر جي سيرت پاڪ تي حڪيم محمد احسن جي والد "حيات النبي" جهڙو دل وٺندڙ ڪتاب لکيو، جنهن جي سٽ سٽ، جملي جملي، بلڪ حقيقت هيءَ آهي تہ اکر اکر مان محبت سَندو وَاس پيو اچي ۽ عشق وارو چَسُ ۽ رَسُ پيو حاصل ٿئي.

پرين جي پار جي هيءَ ڪهاڻي هونءَ ئي پنهنجي ليکي لَکُ لهي، ليڪن لکندڙ جي لکڻيءَ، جملن جي جوڙجڪ، زبان جي سادگيءَ ۽ سهڻائيءَ، لفظن جي چونڊ ۽ بيهڪ ويتر منجهس جوڙ ۽ جنسار رکي

ڇڏيو آهي. سفر جي تصوير لکندڙ اهڙيءَ ئي ريت ڇِتي آهي جو پڙهندڙ ائين پيو سمجهي، ڄڻ هو پاڻ بہ انهيءَ سونهاري سفر ۾ ساٿس هم سفر هو. سچل چوي ٿو:-

هــوءَ جــا ڪيــچ وٽــن مــؤن، تــي هيــر اچــي هــاٽي،
تنهــن، آريــاٽي آٽــي، ڄــڻ مــون ســان اچ ملائيــو.

اهو ئي حال هن ڪتاب جي پڙهڻ سان ٿئي ٿو. گويا پڙهندڙ پاڻ پرين جو پار گهمي اچي ٿو. لکڻ جي قدرت ۽ لکڻ جو ڪمال اهو ئي آهي، جو لکندڙ پڙهندڙن کي بہ پاڻ سان گڏ ڪنيون هلي. اها وڏي ۾ وڏي ڪاميابي آهي، جيڪا حڪيم محمد احسن هن ڪتاب ۾ حاصل ڪئي آهي.

ڪراچي
30 مارچ 1961ع

حسام الدين راشدي

# پيش لفظ

[شاهه لطيف جي فن ۽ فڪر تي پير حسام الدين راشدي تمام گهٽ لکيو ليڪن جو ڪجهه لکيائين ان کي علمي حلقن ۾ وڏي وقعت حاصل ٿي. پير صاحب جي هي لکت مولانا دين محمد وفائي مرحوم جي ڪتاب "شاهه جي رسالي جو مطالعو" مطبع 1962ع ۾ پيش لفظ طور آيل آهي. ورندي سال 1963ع ۾ بمبئي جي رسالي "ڪونج" سنڌ نمبر ڪڍيو ۽ ساڳي تحرير "شاه جي حڪمت" عنوان سان ان ۾ به شايع ٿي. هن لکت مان ڪجهه ٽڪرا اي. جي. اتم پنهنجي ترتيب ڏنل ڪتاب "شاهه سچل سامي" 1982ع ۾ پڻ شامل ڪيا آهن. ياد رهي ته اتم هي ڪتاب، راشدي صاحب جي نالي منسوب ڪيو آهي]

سوارهه دي بگذشتي و ماهنوز از شوق
نهادهه روءِ بخاک سم سمند توايم
نهال عمر، زباد اجل، فتادهه ازپائي
هنوز ما بهواي، قد بلند توايم

1949ع جا پويان پساهه هئا ۽ 1950ع جي اچڻ ۾ پانيان ڪا پهر پاڇي جي دير هئي. مولانا دين محمد وفائي مرحوم، سنڌ جي عظيم شاعر شاهه لطيف تي هڪ ڪتاب پورو ڪري، بيو هٿ ۾ ڪٽي چڪو هو. ڳالهيون ته پيون هلنديون هيون پر اهو ترڻ تيل لائٽ نه ڏيندو هو ته ڪهڙو ڪتاب لکي چڪو آهي ۽ ڪهڙو رٿا هيٺ اٿس. جڏهن ملي تڏهن چڙو ايترو چوي، سو به هميشه جي عادت مطابق مخصوص انداز ۾ وڏو ٽهڪ ڏيئي:

'ترس! پاڻهي هڪ ڏينهن ڏسندين.'

اهو ئي زمانو هو جو مولانا، نئين ڇاپي لاءِ 'الهام الباري' جي تصحيح شروع ڪري ڏني هئي ۽ سنڌ جي قديم مشاهيرن تي پڻ هڪ جامع تذڪرو تيار ڪري رهيو هو. گويا اهي هئا چار علمي ڪم، جن مان ٻه معلوم ۽ ٻه نامعلوم.

لطف اللطيف- جنهن جو نالو پوءِ معلوم ٿيو پريس ۾ هو. پهرين جز جو پروف مولانا پاڻ پڙهي چڪو هو[1]. سنڌي مشاهيرن جي تذڪري جي تڪميل عنقريب ٿيڻ تي هئي. 'الهام الباري' وفات کان اڳئين ڏينهن جي شام تي نظر ثاني ڪندي سندس هٿ ۾ ڏٺم. باقي رهيو شاهه لطيف تي سندس ٻيو ڪتاب، انهيءَ جو هڪ نامڪمل فقرو سندس ڪَٽُ مان نڪتو ئي هو جو قضا جي قلم جو وهڻ وهي ويو. يعني اجل جا چوبدار پرين سنڌي پار جو پروانو کڻي اچي مٿانئس بيٺا. مولانا سيئي ڪم ڇڏي، بوڇڻ ڪلهي تي رکي، الله تو آهر ڇئي رب ڏانهن راهي ٿيو:

لــــڏي ويـــا ڇـــڏي، ڪـــاهي ڏڻ ڏراڙ
نڪـا ڪـوڪ ڪنـڏين ۾، نڪـا تـڙ تنـوار
ويچـــارا پـــنهوار ڪِلنـــدي رات کڻـــي ويـــا.

اتي پلا ڪنهن جي مجال هئي! ڪنهن دوست يار جي هلندي پڇندي هجي ها، ڪنهن جو هٿ پير هلي سگهي ها، ڇَئُ اک جو ڪو چارو چلي ها ته هوند سندس دامن جا چار ئي پَلو جهلي بيهون ها ليڪن:

دل شـــد مجـــاور آنجـــا ڪـــ جـــامي
هـــذا فـــراقُ، بينـــي و بينـــڪ

شاهه عبداللطيف رحه متعلق اهو پويون ڪتاب 'شاهه جو مطالعو' جيڪو اڄ پورن يارهن سالن بعد مرحوم جو جوان سال جوان همت فرزند علي نواز وفائي، ايندڙ صفحن ۾ پڙهندڙن اڳيان پيش ڪري رهيو آهي. مون کي يقين آهي ته هر سنڌي ۽ لعل لطيف سان دلچسپي رکندڙ هر محب وطن، سنڌ جي انهيءَ پختہ ڪار اهل قلم ۽ دانشمند مؤرخ جي هن آخري سوکڙيءَ ۽ پوئينءَ پيشڪش کي ساهه سان سانڍيندو.

---

[1] انهيءَ ڪتاب جو ديباچو وفات کان ڇهه ڏينهن اڳ يعني 5 اپريل 1950ع جو لکي پورو ڪيو هئائين.

لڏي ويا جي لوءِ، مون کي اُن جي پٽين وچڻ پيو
ڪو ڪو ڳرُڻ قريب جو من انگين اڙيو هوءِ،
هل تہ پسون هوءِ، جي آهن ڏنگر ڏهيل پرين جا.

جيئن هڪ مؤرخ جي تصنيف پنهنجي دور جي تصوير ٿئي ٿي، تيئن هڪ سچي ۽ صحيح شاعر جو ڪلام پڻ پنهنجي عهد جو آئينو ٿئي ٿو. فرق فقط هيترو آهي تہ مؤرخ سوچي سمجهي، نهي نڪي، رتي ڀهي ۽ گهٽو ڪري مصنوعي ۽ خارجي محرڪات جي تحت پنهنجي تاريخ کي تيار ڪري ٿو ۽ شاعر سواءِ ڪنهن نسبت ۽ سبب خاص جي، سواءِ ڪنهن زور بار يا خارجي اثر ۽ اقتدار جي، پنهنجي ماحول جي سچيءَ پچيءَ هليءَ چليءَ کان، اٿي ويٺيءَ کان، ٿيندڙ حق يا ناحق کان، هلندڙ طور طريقي، دستور خواهہ ريت رسم کان، محض پنهجي دل جي گهُر تي ۽ محض پنهنجي ذاتي مشاهدي تي فطري طرح متاثر ٿي، ڪلام ۾ اُهي اُهي واقعات شعوري يا غير شعوري طرح آڻي ڇڏي ٿو جو سندس سچي عهد جي گويا سچي پچي تصوير ڇٽي وڃي ٿي. اهو ئي سنبب آهي جو مؤرخ جي لکٽيءَ تي ڏهہ دفعا سوچ ڪرڻ لازمي ٿيو پوي ۽ شاعر جي ڪلام مان جيڪي تاريخي ۽ تمدني نڪتا هٿ اچن ٿا اهي گهٽو ڪري قابل قبول ٿيندا آهن. تنهن ڪري ئي جڏهن ڪنهن بہ خاص دور جي صحيح صورتحال لاءِ مواد ڏسٽو پوي ٿو ان وقت نثري مجموعن سان گڏ نظم جو ذخيرو پڻ نظر مان ڪيڻ لازمي، بلڪ از حد ضروري ٿيو پوي ٿو.

سونهاريءَ سنڌ جي سدا بهار شاعر، شاهہ لطيف جي ڪلام ۾ ٻارهينءَ صدي هجريءَ واريءَ سنڌ متعلق، تاريخي، تمدني ۽ جغرافيائي مواد ايترو گهٽو ملي ٿو جو جيڪڏهن ان کي منجهانئس ويهي سوئجي تہ هوند سنڌ جي انهن سَوَ ورهن جي تصوير گهٽيءَ حد تائين پنهنجي سچيءَ پچيءَ صورت ۾ اسان جي اڳيان اچي وڃي. ليڪن افسوس آهي جو انهيءَ قسم جي مواد کي شاهہ جي رسالي سان گڏ ڪرڻ يا خصوصاً انهيءَ نقطہ نگاهہ سان رسالي کي ڏسي، ان مان مسالي ڪيڻ جي

ڪوشش، اجا تائين ڪنهن بہ سنڌيءَ ڪانہ ڪئي آهي[1]؛ بلڪ شاهہ جي زماني جو پس منظر پهريون دفعو جنهن ماڻهوءَ ڏنو اهو مغربي عالم سورلي هو، جنهن بہ پنهنجي مواد ۾ خود شاهہ جي ڪلام ڪي نہ، بلڪ خارجي ذريعن کي اختيار ۾ استعمال ڪيو.

شاهہ جي هم وطنن مان مرحوم مولانا دين محمد وفائي پهريون بزرگ آهي، جنهن خالص تاريخي ۽ تمدني نقطہ نگاهہ سان رسالي جو مطالعو ڪري، هڪ مستقل ڪتاب جو بنياد وڌو جنهن جو نالو مرحوم پاڻ ئي "شاهہ جي رسالي جو مطالعو" رکي ويو. اهو خيال بہ، خدا بخشي، مرحوم کي غالباً انهيءَ ڪري آيو جو سندس ذهن ۾ فڪر، هڪ تاريخي سانچي ۾ نهي تيار ٿيا هئا.

ڪتاب ۾ جيئن پڙهندڙ پاڻ ڏسندا، مولانا سڀ کان پهريان مختصر طرح 'شاهہ جي سنڌ' جو سياسي پس منظر آڻي ان ۾ شاهہ جو جيڪي حصو آهي، ان کي ان جي ئي ڪلام مان ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. انهيءَ سلسلي ۾ بہ مُکُ ڳالهيون هي آهن:

1- ٻارهين صديءَ ۾ سياسي طرح سنڌ وڏي ڪوپ ۽ ڏاڍيءَ ڪشمڪش ۾ مبتلا هئي، مغلن جي غلاميءَ جو ڳچيءَ مان ڳٽ نڪتو ئي مس، هتان جي مقامي خاندان سنڌ جي سربراهي ڪندي آزادي ورتي ئي هئي جو مٿان اچي نادر نمودار ٿيو. ان کان اجل آجو ڪيو تہ قنڌارن اچي مٿان ڪڙڪو ڪيو. هڪ دفعو نہ بلڪل بار بار گهران رسن تہ سڏو سنڌ ۾ انهيءَ ڪري تہ وڏن چيو:

جڏهن تڏهن سنڌڙي، توکي قنڌارئون جوکو!

بهرحال، غيرن جي غلاميءَ ۾ ڏارين پي دربي ڏکوئيندڙ ڏاڍاين، شاهہ جي ذهن کي اذيت پهچائي ۾ هن. انهيءَ هاجي کان متاثر ٿي پنهنجي ڪلام ۾ مختلف پيراين ۽ پهلوئن سان 'ڌيرن جي ڏاڍ' خلاف جهاد جوٽيو ۽ مسلسل 'غلاميءَ ۾ رهڻ سبب، وطن سان محبت ۽ پنهنجي گرد و پيش

---

[1] ممڪن آهي، انهيءَ ڏس ۾ ڪن صاحبن ڪي مختصر مقالا لکيا هجن. ڪن هندو صاحبن پڻ ڪنهن زماني ۾ ننڍا رسالا لکيا هئا پر انهن سيني ۾ تحقيق جي بجاءِ تصور جو دخل زيادهہ آهي.

سان وفادار رهڻ جو احساس، جيڪو صدين کان ستل هو ان کي جهنجهوڙي جاڳايو ۽ ڪوشش ڪيائين، جيئن سنڌين کي پنهنجي سماجي روايتن، ريتن ۽ رسمن سان پريت پيدا ٿئي ۽ غلاميءَ سبب سنڌي سماج ۽ رهڻي ڪهڻيءَ تي جيڪي ڌاريا ۽ مصنوعي اثر پيا هئا، انهن جا داغ ڌوئي اسان جي پوتيءَ ۽ پيراهن کي پاڪ ۽ صاف ڪري.

2_ سنڌ جي هندن ۽ مسلمانن ۾ مذهبي ڪشمڪش ۽ تعصب ڏاڍو گهڻو پيدا ٿي پيو هو. حضرت مخدوم محمد هاشم عليہ رحمہ جي سخت گير پاليسيءَ، سنڌ اندر عالم سڳورن جو هڪ اهڙو طبقو تيار ڪري ڇڏيو هو. جنهن تبليغ اسلام لاءِ گهڻي حد تائين تشدد آميز بلڪ غير اسلامي انداز اختيار ڪيا هئا. جيڪڏهن ڪنهن غير مسلم جي واتان الله، محمد ۽ رسول جو لفظ نڪرندو هو تہ ورُ ڏئي ان کي حلقئہ اسلام ۾ داخل فرمائي، يعني مروجہ مخصوص محاوري مطابق 'مشرف بہ اسلام' ڪري، پنهنجا 'تبليغي' فرائض بجا آڻيندا هئا. انهيءَ جو لازمي نتيجو اهو نڪتو جو سندن طور ۽ طريقي ۽ انهيءَ لفظي ڦند ۽ ڦير غير مسلمانن کي ڏاڍو هول ۽ حراس ۾ وجهي ڇڏيو. اهي پاڪ نالا ونڻ تہ درڪنار ۽ بجاءِ خود رهيا، هنن پنهنجي چوٽيءَ ۽ ڌوتي جو خير ۽ تحفظ ان ۾ سمجهيو تہ مرڳو اُهي اکر اچارڻ ئي ڇڏي ڏين جن مان خطري جو امڪان هجي. چنانچہ ٻين لفظن سان گڏ رسو چوڻ هنن انهيءَ ڪري ڇڏي ڏنو هو جيئن ڏين جا مبلغ ان ۾ 'ل' پنهنجي طرفان وجهي 'رسول' بڻائي ڪو ممڻ نہ مچائي وجهن. لسان الغيب حضرت حافظ جي چوائيءَ ظاهري اکين کي اها خبر ڪانہ هئي تہ:

همہ کس طالب يار ند، چہ هشيار وچہ مست
همہ جا خانہ عشق است، چہ مسجد چہ گشت
نا اميدم مکن از سابقہ لطف ازل
توچہ داني کہ پس پردہ، کہ خوبست و کہ زشت

اهو سڀ ڪجهہ انهيءَ ڪري هو جو ادائي سون سالن[1] جي مسلسل تسلط سبب ذهني طرح سنڌ ۾ تنزل ۽ پستي اچي چڪي هئي. آزاد

---

[1] ارغونن کان وٺي مغلن تائين.

ماحول ۾ دلين اندر جيڪا وسعت، قلب ۾ جيڪا ويڪرائي ۽ ڪشادگي ٿيندي آهي، فڪر ۽ نظر، علم خواهه عمل جا بلندي ۽ جز رسي، گهرائي ۽ گنڀيرتائي، حقيقت پسندي يا دور رسي ٿيندي آهي، سا سڀ ختم ٿي وئي هئي. تنهن ڪري رواداريءَ، برادريءَ پاڙيسرائيءَ يا همواڻيءَ جا جيڪي انساني ننگ خواهه اسلامي انگ، هڪ آزاد قوم ۾ ٿيڻ کپن، اهي سڀ هتان نڪري چڪا هئا، ۽ اهو سڄو خلم هو انهيءَ احساس ڪمتريءَ جو ٻاريل، جيڪا غلاميءَ جي ذلت ۽ پستيءَ جي پيداوار ٿيندي آهي، جنهن جي ڪري غلام قوم جا افراد پنهنجي انهيءَ احساس کي مٽائڻ خاطر، هڪ غير فطري برتريءَ حاصل ڪرڻ لاءِ ڪي مصنوعي ريتون ۽ رستا پيدا ڪندا آهن. جن مان هڪ طريقو اهو پڻ آهي ته مذهبي فروعات تي خواهه مخواهه زور ڏجي، مناظري بازي ڪري هڪ ٻئي مٿان سبقت ۽ برتري حاصل ڪجي، دين ۾ غير ضروري نمائش ڪري مذهب کان زيادهه پنهنجي ذاتي پاڪائي ۽ بزرگي جتائجي ۽ قطعي غير اسلامي طريقن جي وسيلي انسانن کي هڪ مذهب جي دائري مان زوريءَ ڪڍي ٻئي مذهب ۾ داخل ڪري ان تي بگل باجا وڄائي، پنهنجي پندار کي آسودگي پهچائجي.

ملڪ اندر انهيءَ ڏٿيڙ وجهندڙ ۽ دلين جهڙي مني ۽ پياري دنيا ۾ ايتري ويڇي وجهندڙ پاليسيءَ، شاهه جهڙي صاف باطن صوفيءَ ۽ درد پري دل رکندڙ انسان کي سخت متاثر ڪيو. شاهه گهريو ٿي ته:

کفـر کافـر را و ديـن دينـدار را
ذرهـــــــ دردِ دل عطـــــار را

سو هن پنهنجي ڪلام اندر مکڻ، ماکيءَ ۽ مصريءَ جي انهيءَ حد تائين پالوت ڪري ڇڏي جو ترشيءَ، تلخيءَ، تنديءَ، ۽ تيزيءَ جو جيڪو ڏوز غير مسلمان پنهنجي هم وطن ڀائرن هتان چکي چڪا هئا، اهو يڪلخت مٺ ۽ ميناج ۾ بدلجي ويو. ان جي شيرينيءَ سيني کي ايتري قدر ڪنڊون ۽ کير پياري ڇڏيا. جو مولانا جي قول مطابق:

"هندن کي، جو ڪن اڪرن اڇارڻ ڪري مسلمان ٿيڻ تي مجبور ڪيو ويندو هو سي به شاهه صاحب جي ڪلام کي پنهنجو سمجهي سنڌ ۽

سنڌ وارن کي پنهنجو سمجهڻ لڳا. ويدانت جي رنگ ۾ هندن واتان اسلام جون ڳالهيون چورايون ويون. جو هوند مذهبي ماٺهو سموري چمار مٿو کپائين ته به هڪ هندوءَ کان ان جو اقرار ڪرائي نه سگهن..... الله جي هيڪڙائي ۽ رسول جي رسالت جي قبوليت ۽ قرآن شريف جون آيتون شاهه صاحب. هندن جي واتان ان ريت چورائي ٿو جيئن هڪ مسلمان چوي يا ان جو اقرار ڪري. هوڏانهن اهي اقرار جيڪڏهن شاهه جي زماني ۾ ڪڏهن مذهبي ماٺهوءَ جي اڳيان ڪو غير مسلمان ڪري ها ته جهٽ مٿس، مسلمان هجڻ جي فتوي ڏئي، کيس مجبور ڪيو وڃي ها ته اتي اسان جي پَر ۾ گڏجي رهه...... صوفيانه رنگ ۾ سنڌ جي هندن کي ان حد تائين پنهنجي ويجهو آندو جو هو شاهه صاحب جي ٻوليءَ ۾ اهو سيڪجهه چوڻ لڳا جو هڪ پڪو موحد مسلمان ڪليءَ دل سان چئي سگهي"[1].

انهيءَ مذهبي منافرت ۽ سختيءَ واريءَ پاليسيءَ مان شاهه کي سنڌي وحدت جي ٽٽڻ ۽ ملڪي آزاديءَ جي سلب ٿيڻ جو پڻ وڏي ۾ وڏو امڪان، بلڪ جائز خطرو نظر آيو ٿي. کيس اهو ئي خيال هو ته انهيءَ قوت ۽ مذهب جي مصنوعي ڏڦيڙ مان افغاني حملہ آورن، جن مغلن جي پڄاڻيءَ بعد ۽ نادر جي خونخواريءَ کان پوءِ هڪ نئينءَ بلا جي مهندارن اچي منهن ڪڍيو هو تن جا پير پختا ٿيندا.

انهيءَ مذهبي ڇيڙ ڇاڙ جا وڏا مرڪز، انهيءَ زماني ۾، هونءَ ته گهٽا ئي هئا، ليڪن سيني ۾ برک هو ٺٽو. جنهن تي صدين کان وٺي ڌارين جون هڪ ٻئي کان ڌار ڪندڙ پاليسيون اثرانداز هيون. ۽ ان کان پوءِ هئا مٽياري، هالا ۽ ملاڪاتيار جا شهر. اهي سيئي مرڪز شاهه جي آس پاس هئا. اتي ٿيندڙ ڪارروايون رات ڏينهن وينو ڏسندو ۽ پسندو هو. ازان سواءِ

[1] ڏسو ڪتاب جو صفحو 70_72 (شاهه ڄي رسالي جو مطالعو). شاهه سائين جي انهيءَ دلڪش ادا ته سين جي دلين کي موهي رکيو ۽ اهو ئي سبب ٿيو جو مسلمانن کان وڌ. شاهه جي ڪلام جا پارکو هندن منجهه پيدا ٿيا ۽ پيدا ٿيندا رهن ٿا. سرڳواسي ليلارام، ڇيتمل پرسرام، ڊاڪٽر گربخشاڻي، لالچند امر ڏنو مل، ڀيرو مل مهر چند، ڪلياڻ آڏواڻي، رام پنجواڻي، فتح چند واسواڻي، پروفيسر جهمٽ مل ۽ ٻين سمورن هندو مشاهيرن جون خدمتون انهيءَ ڏس ۾ ڪير آهي جو وساري سگهي ٿو؟

ٺٽي ۾ جتي مخدوم محمد هاشم عليه الرحمه جو اسڪول قائم هو جنهن مهراڻ جي اڻ کٽ موجن ۾ اڻ ڳاٽو لهرن هوندي بہ سنڌ کي عربي صحرا سمجهي، خدا ڄاڻي ڪهڙي خيال خاطر ’هاشمي ڪوزا‘ ايجاد ڪيا هئا. اتي پڻ، شاهہ جو گهڻو اچڻ وڃڻ هو. سندس ڪيترا دل گهريا دوست اتي موجود هئا، جن جون دليون نہ فقط وسيع ۽ ويڪريون هيون، بلڪ آئيني وانگر اجريون ۽ ڪير جهڙيون صاف ۽ شفاف هيون، جن تي نڪو هو داغ ۽ نڪو هو ڏبو. انهن جا قلب،ايڏا ڪشادا هئا جيڏو ڪشادو آهي اسان جي مني محمد جو مذهب. انهيءَ شهر ۾ غيرن سان جيڪو سلوڪ هو سو تہ هو ئي، پر خود اتي جي عالمن سڳورن جو مذهبي فروعات تي پنهنجو پاڻ ۾ جيڪو جنگ و جدل ۽ مذهب جي آڙ ۾ ذاتي بغض ۽ عناد جو ٻارڻ ٻريل هو. جنهن اتان تڙي پکڙي سڄيءَ سنڌ جي فضا کي متعفن ڪري ڇڏيو هو. تنهن پڻ شاهہ کي نہ فقط وڏيڪ متاثر ڪيو بلڪ مجبور ڪيو تہ انهيءَ سموري زهر لاءِ مٺ محبت، ساز سلوڪ جو ڪو موثر ترياق تيار ڪري.

هن ڪتاب جو مڪمل خاڪو مولانا جي ذهن ۾ هو. ڇا لکي ها، ڇا منجهس آڻي ها، ڪهڙا ڪهڙا نڪتا بيان ڪري ها. مڪمل ڪرڻ تائين ڪهڙن عنوانن جو اضافو ڪري ها. ازان سواءِ نظرثاني ڪرڻ وقت ڪهڙيون گهٽ وڌايون ڪري ها؟ ان جي خبر هڪ تہ رهي خود انهيءَ مرحوم کي، ٻي ڄاڻ رهي ڄاڻٽهار کي. پر جيتري قدر ۽ جيڪي ڪجهہ لکي ڇڏي ويو آهي، اهو نہ فقط پنهنجو مٽ پاڻ ۽ سنڌي ادب لاءِ هڪ غيبي نعمت آهي، ليڪن ان کان وڌ هيءُ تہ! انهيءَ ڪتاب لکڻ سان موجوده ۽ آئندهہ لکندڙن لاءِ مولانا هڪ نئون رستو کولي ويو آهي ۽ هڪ نرالي شاهراهہ ڏيکاري ويو آهي.

هن نامڪمل ڪتاب اندر، سياسي پس منظر کان پوءِ سنڌ جي رهڻي ڪهڻي، اقتصادي حالت، معيشت، واپار وڙي ۽ مال متاع، کيتي واڙي، اميري غريبي، سماجي زندگي، رسم ۽ رواج، قبيلا ۽ وٿاڻ، پکي پرنپ، سپ بلائون، جهنگلي خواهہ گهريلو جانور، مطلب تہ، شاهہ جي ڪلام مان هر اها شيءِ

مولانا پهرين پنجن فصلن منجهه آندي آهي. جنهن جو تعلق سنڌ ۾ سنڌ جي تاريخ ۾ تمدن سان هو. ڇهون فصل رسالي جي تدوين ۾ ان جي مختلف نسخن وغيره متعلق آهي. ستون فصل جيڪو نامڪمل رهجي ويو سو آهي انهيءَ ڏارئي ڪلام تي جيڪو رسالي اندر گڏجي ويو آهي. انهيءَ ئي فصل ۾ ڪجهه اڳتي هلي هڪ فقرو اڃا لکي مس پورو ڪيو هئائين جو اوچتو اچي موت متانئس بيٺو! پوءِ! نه ڇڙو ڪتاب ختم تي ويو پر! خود مصنف جي پنهنجي زندگيءَ جو صحيفو به پڇاڙيءَ تي اچي پهتو! يعني!

همين سو گئي، داستان کهتي کهتي.

ڪراچي

5 آگسٽ 1961ع — حسام الدين راشدي

# حقيقت حال

[محمد جمن هالي جي شعري مجموعي ”سوز عشق“
تي لکيل حقيقت حال. هي ڪتاب 1963ع ۾
ڇپيو]

بت جو پريل، قد جو نہ منڌرو نہ ڊگھو وچ ترو ڏاڍو ناهوڪو. رنگ جو پڪو پر دل جو بيحد نرم، سُنهاري ندارد. شهپرن جي چڙي ريک، جيڪا چپن مٿان لئي لاتيون بيٺي آهي. عمر جوانيءَ مان پار پَئي، اڇي انهيءَ منزل تي پهتي آهي جتي، وارن ۾ پَريا پري کان پيا نظر اَچن.

ترڪي ٽوپي سڄي ملڪ منجهان تَرڪُ ٿي وئي، ليڪن سندس مٿي تي اڃا بہ موجود. احمد موسيٰ جي مٽي در واري دڪان تان خريد ٿيل يا خدا ڇاڻي بابا مير محمد بلوچ جي ڇاپ مان ورتل، پر ڊبل شير گولي واري قيمتي ۽ ڪاري ٿندڻ سان. رنگ جي رتائين اهڙي لال، جڻ عاشقن جي رتو ڇاڻ مان ڪنهن ويهي ڏاڍيءَ دلجمعيءَ سان رڱيو اٿس. بت تي صاف استري ٿيل پوشاڪ. پاپلن يا ٽوئل جي سفيد ڪالردار قميص، جنهن مٿان هلڪي رنگ جو شارٽ ڪوٽ. شلوار جهوڙيدار چُڻن سان بنهہ ناهوڪي ۽ پيرن ۾ انگريزي گرگابي.

پري کان لمندو لڏندو ائين پيو ايندو جڻ هاٿي پيالا پيون، پُر ٿيو ميخاني منجهان پيو اَچي. منهن تي مشڪ ۽ مرڪ اهڙي مزيدار جو ڏمندي ئي، هيانءُ ٺري پوندو ۽ دل شاهدي پئي ڏيندي تہ دولهہ مڙس سان منهن ميل پئي ٿئي.

شادين مرادين تي سهرن ڳائيندي مايون چونديون آهن:-

ڏنـــد ادل جـــا، مـــاڻڪ مـــوتي
اوا اڪـــــڙن جـــــوڙ بنـــــايو!

سو سندس ڏند بہ جي ماڻڪ موتي نہ تڏهن بہ، سپ جهڙا سفيد ۽ اهڙا هڪ ڪرا، جو ڪنهن محبوب جا هجن ها تہ هوند، انهن جي واکاڻ مان

شاعر ڏاڍي ئي ڪونہ ها. جڏهن تهڪ ڏئي کلندو تہ ڄڻ گويا بادلن منجهان کوڙ تجلو ڏئي ورتو. اکيون چيرويون، جن مان نيڪيءَ ۽ شرافت جو آب ۽ حجاب، صاف پيو بکي.

اهو آهي سروپا ميان محمد جمن هالي جو! جيڪو رهي تہ ڪراچيءَ جي ڪنهن جهوني پراڻي محلي ۾ ٿو پر وسي رسي ٿو سڄيءَ سنڌ جي دل ۾. ڏنڊا بہ ڪندو آهي هڪ پنهنجي قوت گذر لاءِ ۽ ٻيو اهل دل جي روحاني غذا لاءِ. يعني گچ ۽ گاري جون ماڙيون ۽ محلات اميرن ڪي اڏي ڏيندو آهي ۽ شعر و سخن جي ڪاڪ محل جوڙيندو آهي، انهن آوارهہ گرد انساني روحن لاءِ، جيڪي تائي تتيءَ جي تاب ۽ تپش کان درماندا ٿي، امن ۽ راحت خاطر وتندا آهن دلن جا وٿاڻ ۽ ڇانوهرا ڳوليندا.

ڪراچيءَ جي سنڌي شعر و سخن جي سڀا- اڄ جهڙي سخت.سمي ۾- جن چند پاڪ روحن جي سبٻان آباد ۽ شاد آهي، انهن منجهان هڪ محمد جمن هالو بہ آهي. جيڪو شريفاڻي گذر بسر جيتري رقم اوٽ رکي، باقي سڄي ڪمائي، سنڌي ادب ۽ سنڌي زبان جي ڀلائيءَ ۽ بهبوديءَ خاطر وتندو آهي "چانهہ پاڻيءَ" ۾ خرچ ڪندو.

تنهن ڏينهن پنهنجي خاص لکيٽيءَ لوڏ سان، مرڪندو ۽ مشڪندو اچي مون وٽ پهتو. پنهنجي ڪلام جو مجموعو "سوزِ عشق" هٿ ۾ ڏئي حڪم ڪيائين تہ: ان لاءِ آءٌ پنهنجي راءِ لکي ڏيان. حڪم نادري هو! جيتوڻيڪ مٿي ڪنهڻ جي واند ڪان هئي ليڪن جواب جي مجال ڪٿي؟ سندس مرڪ اڳيان نہ فقط پاڻ هٿيار ٽيڪي وينس بلڪ، منهنجي مصروفيتن بہ ائين ڪٽي آڻ مڃي جهڙيءَ ريت محبوبن جي مهن مقابل عاشقن جا ڇهہ ڇڄي پوندا آهن.

ڪتاب وٺي رکيم. اڄ صبح جو بيٺيراڪي وير اٿڻ سان ئي من تي مونجهہ ۽ دل تي اداسي محسوس ٿي. سامهن مولانا جاميءَ جو ديوان رکيو هو چاهيم تہ روح ٻيءَ وجهان، ڪٿي جو کوليان تہ مرڳوئي جيءُ جهوريءَ پئجي ويو. شعر هو:-

رفتي و من، ملازمِ اين منزلم هنوز
ز آبِ مزه بکوي تو پا در گلم هنوز

پيو شعر هو:۔

اي گشتہ. دل ز تيغ جفائي تو ام دونيم!
بامن دو دل مباش، کہ من يک دلم هنوز

دلن جا معاملا ۽ مسئلا اور تين تا. اِها دنيا ئي الڳ آهي، جتان جي هلي چلي الڳ تہ جتان جا رسم ۽ رواج جدا. سو دل کي جيڪا تيڪ ملي سا تہ گهوري اُلٽو متان چڙ تڪر ڻتي پيو. جامي چڏي جمن کنيم. خيال هو تہ ان جو ديباچو لکي دوست جو انگل بہ پورو ڪريان ۽ پنهنجو روح بہ بيءَ وجهان. ليڪن واءِ ناڪامي.

بهر کجا کہ رسيديم، آسمان پيدا ست

ان ۾ بہ ساڳي ڳالهہ سامهون پئي:۔

اسين اُداسي آهيون جنهن جا
مُحِبُ اُهو ڪينءَ مَتيئسون يار!

..... ..... ..... ....

ڪينَ وچن سي دليون ٻي در
جانب جيڪي جهتيون يار!

جلدي پنون اتلايم. وري بہ ڳالهہ اها ئي:۔

محبت مون کي سيکاري يار!
محبت کان تو منهن آهي موڙيو
دلبر دل کي ڏُتاري يار!
محبت کان تو منهن آهي موڙيو

..... ..... ..... .....

دل کي دلاسا، يار ڏنا تو
غير کان ناتا، منهنجا ڇنا تو!
هر هنڌ آهي يار ثنا تو
پر ۾ مون کي بيهاري يار!
محبت کان تو منهن آهي موڙيو

..... ..... ..... .....

اوڪيـــون اڪيـــون، يـــار اَڙائـــي
ســـوليءَ تـــي، منصـــور چـــڙهائي!
بـــاب بـــرهَ جـــا، ڀَـــلَ ۾ پـــڙهائي
ماٺـــن مَـــان مُڪـــي مـــاري يـــار!

محبت کان تو منهن آهي موڙيو

اڄ ڪو صبح ٿي اهڙو هو نہ ڄاڻ سندس پنهنجي فطرت جو بہ لڙيءَ رات کان وٺي ڪو احوال دگرگون هو. وڏيڪ ورقن اٿلائڻ جي پڇر ڪٽي ڇڏيم. سچي ڳالهہ هيءَ آهي تہ اڳتي ست ساري ڪونہ سگهيس. اها 'حقيقت حال' پڙهي اٿم تہ منهنجو دوست، مون کي معذور سمجهي معافي ڏيندو.

آزردہ دل، آزردہ کند انجمني را!

ڪراچي

21 مئي 1963ع

حسام الدين راشدي

# ديباچو

[جناب غلام علي الانہ "عاجز" جي شعري مجموعي
"ڪي پڙاڏا ڪي سڏ" تي لکيل ديباچو. هي ڪتاب
سال 1981ع ۾ ڇپيو]

جناب جي. الانا جي شخصيت ۽ وجود حيرت ۾ وجهندڙ آهي. آءٌ سندس انساني خوبين جو انهيءَ دور کان معترف آهيان جڏهن پاڻ 1930ع ۾ انگريزي ۾ هفتيوار اخبار ڪڍي "سنڌ جدائي" واري يڌ ۾ سنڌ جي ماٿهن سان همدوش ٿي بيٺو. پاڻ انهيءَ زماني ۾ ڪراچيءَ جي مسلمانن ۾ ۽ هتان جي انگريزي دان حلقہ ۾ بحيثيت ليکڪ ۽ انگريزي نثر نويس جي نهايت مقبول ۽ هڪ خاص مقام جو مالڪ هو.

جيئن زمانو گذرندو ويو تيئن تيئن سندس ذهانت، قومي احساس، ۽ طبيعت جي گوناگون وصفن تان پردو هٽندو ويو ۽ معاصرن لاءِ سندس ذات حيرت ۽ اچرج جو باعث بڻجي وئي. الانا صاحب هڪ ئي وقت، صحافي، سياسي رهنما، پارليامينٽري زندگيءَ جو ڄاڻو ڪراچي ڪارپوريشن جو ميئر، آغا خان جو وزير، الغرض سنڌ اندر خواهہ پوءِ پاڪستان ۾ ڪابہ حيثيت ۽ عزت اهڙي ڪانہ هئي جيڪا هن صاحب نہ ماڻي. هن فضا مان جڏهن ٻاهر جو رخ ڪيائين، تڏهن وري ڏسندي ڏسندي بين الاقوامي ادارن ۽ ايوانن ۾ ڇانئجي ويو. دنيا جي امن و امان ۽ انساني حقن لاءِ ڪيل جدوجهد ۽ ڪوشش، انهيءَ دور واريءَ سندس زندگيءَ جو درخشان ۽ يادگار باب آهي ۽ دنيا جي حلقن ۾ تسليم شدهہ امر آهي.

انگريزي ادب سان سروڪار تہ جوانيءَ کان ئي هيس ليڪن اسان کي تڏهن حيرت ٿي جڏهن مغرب ۽ دور مشرق جي ادبي حلقن، علمي ادارن ۽ موقر دانشگاهن سندس انگريزي نظم ۽ نثر جي قوت ۽ قلم جي زور کي تسليم ڪيو ساراهيو ۽ کيس اعزاز ڏنا. اهو سڀ ڪجهہ ڪو

معمولي ڪارنامون نہ آهي! اسان سنڌ جي رهاڪن ۽ پاڪستاني باشندن لاءِ سندس وجود ۽ سندس شخصيت واقعي افتخار جو سبب بڻجي پئي آهي.

مصنف جي حيثيت ۾ الانا صاحب جا ڪيئي ڪتاب ڇپجي چڪا آهن، جيڪي ادبي حيثيت سان نهايت ئي ممتاز مقام جا حامل آهن. ليڪن اهو سمورو ادبي ۽ علمي سرمايو انگريزي زبان ۾ آهي جنهن مان ممڪن آهي تہ پنهنجي وطن جي ماڻهن پورو فائدو نہ ورتو هجي. هن وقت الانا صاحب پنهنجي اباڻي زبان سنڌيءَ ڏانهن توجهہ ڪندي پهريون ئي ڪتاب نظم ۾ مڪمل ڪيو آهي جيڪو آئندهہ صفحن ۾ پڙهندڙن وٽ پيش ٿي رهيو آهي. مادري زبان هجڻ ڪري ان جو نثر شايد لکڻ سولو هجي، پر نظم سو بہ ڪلاسيڪي اصنافن ۾ چوڻ بيحد مشڪل ۽ تمام اوکو مسئلو آهي، ڪتاب کي ڏسي تسليم ڪرڻو پوي ٿو تہ ذهانت ۽ ذات خداداد ٿئي ٿي. جنهن کي نصيب ٿئي، جنهن کي ملي! هر ڪنهن جي وس ۾ اختيار جي شيءِ نہ آهي. قدرت ضروري نہ آهي تہ سڀ سان فياض هجي.

ڪي پڙاڏا ڪي سڏ، الانا صاحب جي سنڌي ادب ۾ سندس دسترس جو مظهر اسان جي سامهون آهي. هي ڪتاب ٽن حصن ۾ وراهيل آهي، پهرين حصي ۾ بيت، ٻئي ۾ ڪافيون ۽ آخري حصو آزاد نظم تي مشتمل آهي. پهريان بہ حصا ظاهر آهي تہ اسان جي ڪلاسيڪي صنفن ۾ آهن، جن جو مدار خاص ماحول، روايتن، سنڌي تهذيب ۽ تمدن تي ٿئي ٿو ۽ جنهن ۾ خصوصي استعارا، تشبيهون، ۽ محاڪات ڪتب اچن ٿا؛ ازان سواءِ تصوف جي چاشني بہ انهن صنفن جو لازمي جزو ٿئي ٿي. اِهو سڀ ڪجهہ اُهو ماڻهو ڪاميابيءَ سان پنهنجي ڪلام ۾ آڻي سگهندو جيڪو انهيءَ خاص عرفاني ماحول ۽ زندگيءَ سان واسطو رکندڙ هوندو. الانا صاحب شهرن ۾ زندگي بسر ڪئي آهي. مغربي زبان ۽ ادب سان سندس سروڪار رهيو آهي. سندس ادبي مطالعو بہ بظاهر يورپي لٽريچر جو رهيو آهي. ليڪن حيرت ٿئي ٿي تہ هن صاحب بيتن ۽ ڪافين ۾ انهن صنفن جي سچي ساز و سامان کي ايڏيءَ قابليت ۽

ڪاميابيءَ سان ملحوظ رکيو آهي جو يقين ٿئي ٿو تہ هي اڪتسابي نہ بلڪ وهبي ڪرشمو آهي. يعني:

اين سعادت بزور بازو نيست
تانہ بخشند خداءِ بخشندها!

الانا صاحب جي بيتن خواهہ ڪافين ۾ اسلامي تعليمات، تصوف ۽ عرفاني رازن ۽ رمزن جا تمام گهرا اهڃاڻ ڏسڻ ۾ اچن ٿا، جيڪي سندس فڪر جي سلامتي، اسلاميات جي اونهي مطالعي ۽ مشاهدي جو پتو ڏئي رهيا آهن. سموري ڪتاب ۾ ڪو بہ عامي خيال ۽ بزاري تصور ڪونہ آيل آهي، جيڪو سندس فڪر جي پختگيءَ ۽ طبيعت جي سلامت رويءَ جو دليل آهي.

ڪلام ۾ بنيادي طرح حضرت شاهہ لطيف ۽ حضرت سچل سرمست جا روح ڪارفرما نظر اچن ٿا. شاعر انهن ٻنهي بزرگن جي رنگ ۾ رتل آهي. ست ست جي رڳ ۽ ريشي ۾ انهن جو عرفان محسوس ٿئي ٿو. مثلاً شروع واري بيت ۾:

سرور تون ستار اجها عالم آسرا
دائم قائم تون سدا، ڏيهن جا ڏاتار
مالڪ، خالق، خلق جا، مڙني جا مختيار
پرور پالڻهار، مهر ڪر مسڪين تي!

حضرت شاهہ جو روح ٻولي رهيو آهي. اهڙيءَ طرح هيٺين بيتن ۾ بہ واضح طرح شاهہ جو رنگ موجود آهي:

تو ۾ اٿم آس ٻانهيءَ تي ڪا ٻاجهہ ڪر
تن من آهہ اداس سرهو ڪر سچا ڌڻي

-----

آدم اعلى تون ڪرين رڪ بنائين سون
مون ڪي کهڙي اون ڳٺي ڳٺيان ڳڻ ڪيترا

-----

آيتون الهامي آهين — بيت ٻانهيءَ جو ٻولي
هو امر الاهي آکين — وايون وٽندڙ هي تيون

-----

تون پڙاڏو تون سڏ — تون ڏيو تون روشني
لاثاني! لا فاني! — والي! واحد تون وڏو!

-----

ويهه مَ وِک وڌاءِ — رک آسَ الله ۾
تنهان پوءِ ملنداءِ — واڌائي وصال جي

-----

ڏکيو ٿيو سفر سُجهي — حيات جي هُن پار
ساٿي نہ جت سنگتي — نہ ڪو مددگار
ات جهليندو ڏاتار — ٻانهيءَ جو هٿ ٻاجهہ سين

-----

نانءُ نينهن ڳنهن جي — تن سوريءَ سر رکيو
سبق پڙهن نہ پيو — آيا عشق ارن ۾

-----

پنڌ پري منزل ڏور — نبري ڪا نہ نينهن ريءَ
اندر نور ئي نور — جي دلبر سارين دِل سان

-----

جهوليءَ ۾ جهليمُ — جيڪي ڏنو ڏاتار
آئون تہ مڱڻهار — ڪوڙين ڪرم ڪريم جا

-----

جوڳيئڙا جاڳن — پيا الله! اُچارين
خوديءَ کي ڪائين — سرجون صدائون هٽن

-----

آديسين آڏيءَ اتي اندر اوريائون
سڪ سين ساريائون پرين پرور پانهنجو

-----

گيڙو سندن لباس ڳلي ڏاڳن هار
سي جوڳي پيا پار جن روح ۾ رب ريجهائيو

-----

مٿين چند بيتن مان اندازو ڪري سگهجي ٿو ته شاهه جو ڪيتري قدر نه شاعر جي ذهن ۽ فڪر تي قبضو آهي. اهڙيءَ طرح ٻيو اثر آهي مٿس سچل سرمست جو جنهن جا اهڃاڻ به ڪلام ۾ گهڻي حد تائين موجود آهن.

چوي ٿو:

ڇامسجد؟ ڇا مندر؟ گرجا تڪائن ۾!
الڪ وسي اندر هر هنڌ حاضر حق ٿيو!

-----

پاڻ کي پاڻ سڃاڻ ورق سڀ وسار
آئون ڪڻ نه ساڻ اڃا پنڌ پري ٿيو

-----

آئون انسان! آئون امر! آئون جوت! آئون دانا
آئون قطرو منجهه درياه عابد، ساجد آهيان

-----

دلبر ديرو دل ۾ ٿيو اندر اجالو
پرينءَ پيالو پياريو عشق عميق مان

-----

نسل رنگ ترڪ ڪري مسجد مندر ڇڏ
عشق جو چرخو اڏ ته پرين پسين پاڻ وٽ!

-----

ڇــا ذات ڇــا ڪُــذات آدم مـــــڙيو ئـــــي آدم
جـــن وســـايو وهـــم ســي ئــي پــهچي پــار پــيا

-----

پـــڙهيئي نمـــازون ســـدا روزا رکيئـــــــي يـــــار
انـــــدر تـــــون اُجـــــار تــ رڙهـــي رســين رام کـــي!

الانا صاحب جي هن ڪتاب جو اول تا آخر اهو ئي رنگ آهي. ساڳي مستي ۽ موج ڪافين ۾ بہ آهي. بهرحال سندس هيءَ سوکڙي سنڌي ادب لاءِ املهہ تحفو آهي ۽ جهڙيءَ طرح هُن صاحب انگريزي ادب ۾ پنهنجو مقام پيدا ڪيو آهي، تهڙيءَ طرح سنڌي ادب جي تاريخ ۾ بہ هي ڪتاب پيش ڪري هن پنهنجي جاءِ ثاهي ورتي آهي. جنهن لاءِ ڪيس جَسُ ۽ مبارڪون هجن!

ڪتاب جي ترتيب، تصحيح ۽ پروف ريڊنگ، اسان جي نوجوان اديب ۽ شاعر جناب عنايت بلوچ صاحب نهايت سليقي ۽ خوش ذوقيءَ سان ڪئي آهي جنهن ڪتاب جي معنوي ۽ صوري حيثيت جو حسن دوبالا ڪري ڇڏيو آهي. جزاڪ الله.

ڪراچي — حسام الدين راشدي

1981-1-13

# مهاڳ

عنايت بلوچ جي ڪتاب "تند ڪتارو ڪنڌ" تي
لکيل مهاڳ. ڪتاب سال 1981 ۾ شايع ٿيو

1947ع ۾ برصغير جو ورهاڱو ٿيو سنڌ پاڪستان ۾ آئي، ۽ لکن جي تعداد ۾ غير مسلم آبادي هتان لڏي هندوستان هلي وئي. انگريزن جي راڄ ۾ هندن کي هتي نه رڳو اقتصادي برتري حاصل هئي پر ادب، ڇپائي، صحافت ۽ ادبي توڙي سماجي تحريڪن ۾ به هو مسلمانن کان اڳتي هئا. جڏهن ملڪ نئون ٺهيو ته نئين مخلوق به اچي پهتي. هتي جا اصلوڪا رهاڪو انهيءَ انقلاب ۽ آباديءَ جي اُٿل پٿل مان پيدا ٿيندڙ صورتحال، نتيجن جي اندازي ۽ اثرات کان نه آگاهه هئا ۽ نه تيار. سماج جو هرطبقو ۽ زندگيءَ جو هر شعبو متاثر ٿيو ۽ ڪيترن سالن تائين متحير رهيو. جتي لڏي ايندڙ آباديءَ کي مسئلن سان سابقو پيو اتي اصلوڪن رهاڪن کي به اڪيچار مشڪلاتن سان منهان منهن ٿيڻو پيو. جيڪو انقلاب يا وڏي ڦيرڦار جو قدرتي نتيجو ٿئي ٿو. انهيءَ سموري عمل جو رد عمل اسان جي زبان، ادب ۽ اديبن تي به پيو جيڪو انهيءَ اوچتي آپدا لاءِ اڳواٽ تيار نه هئا تنهنڪري فوري طرح پاڻ سنڀالي نه سگهيا. مٿن اچرج، نااميدي ۽ نراسائيءَ جي ڪيفيت طاري ٿي وئي.

........

ڪنهن انقلاب مان جتي نقصان پهچي سگهن ٿا اتي فائدن جي اميد به رکڻ کپي. انقلاب فقط نااميدي، مايوسي ۽ تباهيءَ جو نالو نه آهي بلڪ بيداري، جدوجهد ۽ سجاڳيءَ جو سنيهو به ٿي سگهي ٿو يا ڪٿي ڇئجي ته هڪ جوڻ بدلائي الهوٽ تند مان اتي ڪڙي ٽيڻ ۽ نواڻ اچڻ جو پيغام به ٿئي ٿو ۽ سنڌي ادب جي سلسلي ۾ ٿيو به ائين. نا اميدي ۽ بيوسيءَ جي سمنڊ مان آسري ۽ سجاڳيءَ جي هڪ اهڙي لهر اُڀري جنهن سنڌ جي ادبي دنيا کي سيراب ڪري ڇڏيو. ادب، فنونِ لطيفه ۽ آرٽ جي سڀني صنفن ۾ سجاڳي ۽ نواڻ جو دور (Renaissance) اچي ويو.

........

سنڌ ۾ شاھ عبداللطيف عليه رحمة جي روايتن جو تسلسل ٽوڙي جو ڪڏهن به ٿئو نه هو ليڪن ٽالپورن جي صاحبيءَ ۾ شهرن اندر "غزل" جي شڪل ۾ هڪ ادبي شوشو شروع ٿيو جيڪو ڪنهن به صورت ۾ سنڌ جي ذهن، فڪر، زندگيءَ ۽ روايتن جو حاصل ۽ حامل نه هو. غزل جي سڄي جوڙجڪ، ان جون سموريون تشبيهون، استعارا ۽ مال مواد فرضي ۽ اهڙيون هيون جيڪي سنڌ جي اکين نه ڪڏهن ڏٺيون ۽ نه ڪنن ڪڏهن ٻڌيون هيون. شهري شاعرن غزل چئي نه ڇڙو پنهنجو وقت ضايع ڪيو بلڪ سنڌ جي نازڪ ۽ صاف زبان ۾ گندگيءَ ۽ عفونت جا انبار ڪٺا ڪري ڇڏيا. اصل ۾ شهر جا شاعر پنهنجي تهذيب، تمدن، روايتن ۽ فڪري نزاڪتن کان يڪسر بيگانا ۽ هڪ اهڙي دنيا ۾ هرويرو جاکوڙ ڪندا رهيا جنهن جو حاصل ڪجهه به نه هو يعني سندن "فرموادات" ۽ "ارشادات عاليه" سنڌ ۾ نه مقبول ٿي سگهيا ۽ نه اهي اسان جي ادب ۽ اُدبي تاريخ جو جزو بڻجي سگهيا. اهو هڪ نامعقول دور هو جيڪو ٽالپورن جي حڪومت کان شروع ٿيو ۽ انگريزن جي زوال واري زماني کان ٿورو اڳ پنهنجو موت مري ويو. افسوس فقط اهو آهي جو ڪاغذ ڪارا ٿيا ۽ وقت زيان ويو. اڄ نه انهن شاعرن جو ذخيرو قابلِ قدر آهي ۽ نه اهي شاعر ڪنهن کي ياد ٿي آهن.

.........

سنڌ کي پنهنجي تهذيب، پنهنجو تمدن ۽ پنهنجو فڪر آهي جنهن جي اظهار جا ادبي ذريعا به وٽس پنهنجا ۽ مخصوص آهن جن کي ڪافي ۽ ڏوهيڙو چئجي ٿو. انهن جا استعارا، تشبيهون ۽ تلميحون پنهنجون ۽ نج ملڪي آهن. اهي، جيڪي هتان جو ماڻهو اکين سان ڏسي ٿو جن سان صدين کان سندس سروڪار آهي ۽ پيڙهين کان سندس پيچ پيل آهي. مسلسل نظم جو به سنڌ کي پنهنجو نمونو آهي جنهن ۾ داستان ۽ پنهنجي تاريخ جا ڪارناما بيان ٿيل آهن. تنهن کان سواءِ سر ۽ ساز به پنهنجا ته تند ۽ تنوار به پنهنجي آهي. باوجود هن جي جو سنڌ تي صدين تائين ڌارين جي قبضي جي پيڙا رهي، غيرن جو تسلط ۽ تمدن قابض رهيو، ٻاهرين جون رسمون ۽ رواج حاڪماڻي ڏاڍَ ۽ ڏَڍَ تي نافذ رهيا، ليڪن سنڌ ۽ سنڌين جي پنهنجي فطرت ۽ فڪر تي نه اثر انداز ٿي سگهيا ۽ نه

انهيءَ کي زائل ڪري سگهيا. سنڌ جي حُسن جي پرک پنهنجي، عشق جو معيار جدا. محبوب جو تصور مخصوص ۽ انهيءَ سلسلي ۾ جذبن ۽ احساسن جو اظهار انتهائي نازڪ ۽ بازاري خواهه اوباش طرز کان پاڪ ۽ صاف ٿئي ٿو. سنڌي شعر ۾ ڪڏهن به عاميانه ۽ اخلاق کان ڪريل نه خيال هوندو ۽ نه تصور. ڳالهه توڙي جو مجاز کان شروع ٿيندي ليڪن انت وڃي حقيقي عشق سان ٿيندس.

........

شهرن جي غلبي ۽ پنهنجي ادبي ورثي کان بيگانگيءَ سنڌي ادب تي جيڪو سڪتو طاري ڪيو هو هندن ۽ مسلمانن جي ڪجهه روشن خيال نوجوانن جي اک پٽڻ ۽ ڪوشش سان پاڪستان کان چند سال اڳ ٽٽڻ شروع ٿيو هو. انهن اديبن پنهنجي وڃايل روايت کي، جنهن جا مهندار شاهه سائين، سچل سرمست ۽ بيا ڪيترا ڪلاسيڪل شاعر هئا، وري نه فقط زنده ڪرڻ جي ابتدا ڪئي بلڪ نئين زماني ۽ ايندڙ حالتن جو جائزو وٺي سنڌي شعر ۾ نواڻ پيدا ڪري، ان ۾ زندگي خواهه ملڪي ۽ سماجي ضرورتن سان مطابقت پيدا ڪئي ۽ ان کي جاندار ۽ هڪ حقيقت جو روپ ونرايو. ليڪن اجا انهيءَ سجاڳيءَ جي ابتدا ئي هئي ته 1947ع وارو انقلاب آيو جنهن ۾ لڏپلاڻ هڪ دفعو وري ملڪ جي سڄي صورتحال سان گڏ ادبي ماحول تي به اثر ڪيو. نا اميدي ۽ مايوسيءَ جو دور پيهر شروع ٿيو جيڪو هليو ته چند سال پر انهيءَ کان پوءِ هڪ غير معمولي ذهني ۽ فڪري انقلاب پيدا ٿيو. حقيقت ۾ اهو هڪ معجزو هو. ڪنهن کي به اميد نه هئي ته سنڌي شعر ۽ ادب انهيءَ بي سرو سامانيءَ جي حالت ۾ اُسري سگهندو ليڪن آفرين آهي اسان جي نئين نسل جي جوان سال شاعرن ۽ اديبن کي جن نه فقط ڇڳل تندون وري ڳنڍي ورتيون پر پنهنجي سڄي ادب ۽ ثقافت کي نئين سر جوڙي حيرت ناڪ انقلاب آندو ۽ انهيءَ ورثي کي آسمان تائين پچائي دنيا جي آبرومند زبانن جي بهترين ادب جي صف ۾ آڻي بيهاريو.

........

اهو سمورو انقلاب 30-32 سالن جي قليل مدت ۾ آندو ويو. هڪ فرد جو ارادو ۽ عزم به پنهنجي جاءِ تي اٽل ٿئي ٿو. پر جڏهن پوري قوم ڪو فيصلو

ڪري ٿي تہ ڀهاڙن کي بہ پنهنجي جاءِ تان هٽڻو پوي ٿو. اسان جي نئين نسل جي اٽل فيصلي بہ نا اميديءَ واريون حالتون ختم ڪري هڪ اهڙي دنيا پيدا ڪري ڇڏي جنهن تي زوال نہ اچي سگهندو. هميشه هميشه لاءِ. انشاالله.

........

هن وقت سنڌي ادب جي ڪا بہ اهڙي صنف نہ آهي جنهن ۾ ترقي نہ ٿي هجي يا نواڻ نہ آئي هجي. انهيءَ سلسلي ۾ نہ فقط پنهنجي پراڻين روايتن کي جياريو ۽ سنواريو ويو آهي پر سنڌي ادب ۾ خارجي اثرات ۽ رجحان بہ اهڙي انداز ۾ آندا ويا آهن جو اهي پنهنجا ٿا لڳن. جنهن لاءِ نوجوان نسل اسان سڀني جي مبارڪن جو مستحق آهي. هنن ٻن محاذن تي لڙائي لڙي ڪاميابي ۽ ڪامراني حاصل ڪئي آهي: هڪ تہ غزل جي لا يعني صنف جي پوئلڳن کي، جيڪي لڪير جا فقير بڻيا "مهانڊا ۽ مهندار" شاعر ٿيا ٿي وتيا، ادبي ميدان مان هڪالي ٻاهر ڪيو ڇڏيو ۽ ٻي ڳُڌ ادبي صنفن جي تاريخي روايت کي نئين سر زنده ڪري ان کي اهڙي آبرومند مقام تي آندو جو اسان سڀني جو ڳاٽ اڄ اوچو ٿي يو آهي. اها جدوجهد ۽ اها فتح، ڪامراني ۽ ڪاميابي هڪ لازوال تاريخي واقعو آهي جيڪو آئيندي جو مؤرخ نهايت فخر سان لکندو.

........

اڄ اسان جو ادب، اسان جو شعر، اسان جو افسانو اسان جي تاريخ سڀ واقعاتي ۽ زندگيءَ جي روزاني روئداد سان وابسته ۽ پيوست آهن. حادثن، نا اميدين، زنده رهڻ جي ڪشمڪش ۽ مسئلن سان تصادم سڀني کي سجاڳ ڪري ڇڏيو ۽ اڄ نہ فقط شهر ۽ ڳوٺ، وستيون ۽ واهڻ سڀ ادبي تحريڪ جا مرڪز ٿي ويا آهن. هر هنڌ هڪ ئي تند ۽ تار هڪ ئي سر ۽ ساز آهي.

انهيءَ تحريڪ جي سلسلي ۾ جنهن کي، اسان سنڌي ادب جو Renaissance چئي سگهون ٿا، سوين ناميارا نالا اڀرن ٿا جن جو هتي ذڪر ڪرڻ هن ڪري ضروري نہ آهي جو هر ادب دوست انهن کي سڃاڻي ٿو اهي هن وقت سج چنڊ وانگر سنڌ جي ادبي آسمان تي چمڪي رهيا آهن. مثلاً اسان جو نوجوان دوست ۽ نئين ٽهيءَ جو شاعر، عنايت بلوچ، جيڪو اڪتسابي نہ بلڪ فطرتاً شاعر پيدا ٿيو آهي ۽ جنهن جي ڪلام

جو مجموعو "تند ڪتارو ڪنڌ" پڙهندڙن جي هٿن ۾ اچي رهيو آهي، انهيءَ سلسلي ۾ مثالي حيثيت جو حامل آهي. سندس ڪلام مان پڙهندڙ اندازو ڪري سگهندا تہ سنڌ جي جوان سال شاعرن ڪيتري جاندار شاعري ڪري سنڌ ۽ سنڌي ادب جي اوجهل ٿيل آبروءَ کي اوج تي پهچائي ڇڏيو آهي.

........

عنايت بلوچ وٽندڙ ۽ سڀاجهي سياءُ جو نهايت مهذب نوجوان آهي. ادب سان دلچسپي ۽ شاعري کيس پنهنجي گهراڻي مان ورثي طور ملي آهي. هن انهيءَ خانداني روايت کي قائم رکندي جيڪا شاعري ڪئي آهي، اها دنيا جي ڪلاسيڪي توڙي جديد ادب سان هم دوش ڏسي سگهجي ٿي.

........

سندس شاعريءَ ۾ الهام ۽ روح شاهہ لطيف سائينءَ مان ورتل آهي ليڪن هن قديم ۽ جديد جو نهايت لطيف امتزاج پيدا ڪري پنهنجي ذهانت ۽ فطري شاعر هجڻ جو ثبوت ڏنو آهي.

عنايت بلوچ جي مزاج ۾ جيڪا ملائمت ۽ فطرت اندر جيڪا سڀاجهائي آهي، انهيءَ جو عڪس سندس شعر جي هر سٽ مان ظاهر ٿي رهيو آهي. جنهن کي پڙهندڙ پهرين نظر ۾ ئي ڏسي سگهي ٿو. عنايت کي پنهنجي ملڪ جي ماڻهن سان، ملڪ جي هر هڪ شيءِ سان بيپناهہ محبّت آهي. استعارا، تشبيهون ۽ تلميحون هن پنهنجي اوسي پاسي جون استعمال ڪري پنهنجي شعر کي. مقامي ۽ ملڪي رنگ ۾ رچي ڇڏيو آهي، جيڪو هڪ تہ فرضي ۽ غير فطري معلوم نہ ٿو ٿئي، ٻيو تہ انهيءَ سرمايي سندس شعر کي ملڪ جي لازوال ملڪيت بڻائي ڇڏيو آهي.

عنايت جو سمورو ڪلام ڪنهن نہ ڪنهن تاثر جو نتيجو آهي. اهو "شعر براءِ شعر" نہ پر ڪن حقيقتن، ڪن قلبي جذبن ۽ ڪن اکين ڏٺي ۽ فڪري محسوسات جو مظهر آهي. اهو ئي مکيہ سبب آهي جو سندس شاعري لاءِ يعني لفظن جو انبار ۽ ٻي مقصد جملن جو ڍير نہ بلڪ هڪ حقيقت ۽ زندگيءَ سان مطابقت رکندڙ ادبي گفت و شنيد آهي.

حسن ۽ عشق انسان جي فطرت جو هڪ اڻ ڇڇنڊڙ انگ آهي. جڏهن انهيءَ جو اظهار عنايت بلوچ ڪري ٿو تہ ان ۾ بہ سنڌ جي تهذيب، معاشري جي قاعدن ۽ انهن خاص لفظن ۽ جملن کي آڻي ٿو جيڪي اسان جي پنهنجي ملڪيت آهن. سنڌ سندس وطن آهي جنهن سان محبت سندس ايمان جو جزو آهي. انهيءَ جذبي کي ”ويڙها وسن“ ۽ ”وطن ڏي سلام ۽ پيغام“ ۾ محسوس ڪري سگهجي ٿو. ساڳئي وقت سڄي دنيا جي انسانن سان جيڪو ابدي ناتو ۽ رشتو آهي. جيڪو اسان سنڌين جو نصب العين آهي. اهو بہ برابر سندس روح ۾ رچيل آهي جنهن جو اظهار هن ”مان انسان آهيان“ ۾ ڪيو آهي.

عنايت جي شاعري زندگي، واقعن ۽ سفر کان متاثر آهي. هي حساس شاعر جتي جتي ويو آهي ۽ جن واقعن سندس احساسن کي جهنجهوڙيو آهي انهن جو هن بي اختيار نظم ۾ اظهار ڪيو آهي. جيئن هڪ مصور ڪو منظر چٽي، اهڙيءَ طرح هن انهيءَ احساس کي نظم ۾ مجسم ڪيو آهي. ليڪن بنيادي طرح سندس شاعريءَ جو ماحصل مختلف صورتن ۾ مجموعي طرح اهو آهي جيڪو هن هيٺ نظم ۾ ڏنو آهي:

اڄ آديسي اچڻا آهن
ڏيئا روشن رکڻا آهن

هوشو هيمون، دُولهہ دودا
مانجهي مور نہ مرڻا آهن

راتِ گهٽي ٿي، باکَ ڦُٽي ٿي
ياڳِ اسان جا ورڻا آهن

سانڊا هاڻي سوگهو آهين
توسان ليکا ڪرڻا آهن

ڪنهن جو ڏوهہ نہ آهي پيارا
پنهنجا ڪرڻا پرڻا آهن

ڇپر نيٺ تہ ڇيتيون ٿيندا
ٽڪر آخر ٽرٽا آهن

شاهہ جي ڌرتي، منهنجا توسان
لڪيل مرٽا، پرٽا آهن

پايان ٿو تہ اسان جي هن نوجوان شاعر جي ذهن ۾ انهيءَ وقت شاهہ جو هي شعر تري آيو هو:

"جهونا ڳڙهہ جُهرندو پوندي جهانءِ جهروڪ ۾"

........

آءٌ هن شاعر لاءِ ڀيو ڇا چئي سگهان ٿو سواءِ هن دعا جي تہ رب ڪريم سندس دل جون مرادون پوريون ڪري ۽ زندگيءَ جون ڪامرانيون ڪيس نصيب ٿين. سندس وجود سنڌ، سنڌي ادب ۽ سچي انسان ذات لاءِ هڪ قميتي وَٿ آهي. سنڌ جي ادبي تاريخ کيس جيءَ ۾ جايون ڏيندي.

60 علي رضا هائوس،
الحمرا سوسائٽي
ڪراچي
15 جولاءِ 1981ع

حسام الدين راشدي

# انترويوز

# خصوصي ملاقات

[هي انٽرويو جناب عابد لغاري "رهبر ڊائجسٽ" سلسلي جي ڪتاب نمبر 9، "مورتي ۽ لڙڪ" ۾ شايد 1967ع ۾ ڇاپيو. هي مواد آزاد قاضي صاحب فراهم ڪيو]

ائڊريس معلوم هجڻ جي باوجود به اسان کي پير صاحب جي بنگلي ڳولڻ ۾ ڪافي دقت پيش آئي. آئون ته واقعي ڪراچي جو ايترو واقف نه هئس پر منهنجي ساٿي کي به بنگلو هٿ نه پيو اچي، جو پاڻ کي ڪراچي جو رهاڪو سڏائيندو آهي. جڏهن ڪافي ٽڪجي پياسين تڏهن منزل به اوچتو ئي اسان جي سامهون اچي ويئي. ائين پيو محسوس ٿئي ته قدرت رحم کائي اسان لاءِ فاصلو گهٽائي ڇڏيو آهي. نوڪر کي سجاٽپ جو ڪارڊ ڏنم، هو اندر ويو ۽ ٿوري دير بعد واپس آيو. اسان کي پاڻ سان وٺي اچي هڪ ڪمري ۾ وهاريائين. ڪمرو ڇا هو هڪ ڪتاب گهر هو زمين کان ڇت تائين ڪتابن سان ڀريل هو صرف دريون دروازا ئي رهيل هئا. سرسري طور تي معلوم ٿي ويو ته ڪافي کان زياده ناياب ڪتاب هت موجود آهن. وري پير صاحب جو خيال آيم ته اهي سڀ ڪتاب سندن ننڍڙي دماغ ۾ ڪيئن محفوظ هوندا. اڃا سوچي ئي رهيو هئس ته اوچتو پاسي وارو در کليو ۽ هڪ پورو پنو مگر بت ۾ ڀريل ماڻهو اسان جي سامهون اچي بيٺو. اچڻ وارن ۽ مهانڊي جي خد و خال مان سندن عمر واقعي 50 سالن کان مٿي پي لڳي، مگر تندرست جان و جسم ڪري جوان پي لڳو.

رسمي غليڪ سليڪ ۽ تعارف بعد مقصد تي آيس. جڏهن پير صاحب منهنجي واتان انٽرويو جا لفظ ٻڌا تڏهن سفيد چشمي مان به سنهڙيون ۽ ننڍڙيون مگر اونهيءَ نظر رکندڙ ۽ گهرو سوچيندڙ اکيون هاٿي منهنجو جائزو وٺڻ لاءِ جهات جهات ڪري رهيون هيون. راشدي صاحب ڇا اندازو لڳايو ان جي ته خبر خدا کي مگر ٻئي ڏينهن ڏهين بجي صبح

جو ٽائيم ڏنائون تہ پاڻ منهنجي هر آرزو پوري ڪندا. اتندي هي شڪايت بہ ڪرڻ کان نہ رهيس، جا سچي وات منهنجو ذهن چٽي رهي هئي، "آئون ضرور هي پڇندس تہ اوهان کي مون هڪ سوال نامو موڪليو هو مگر اوهان ان جو مون کي ڪوبہ جواب نہ ڏنو." جڏهن سبب معلوم ٿيم تہ پنهنجي ئي پاٽي ۾ پنهنجو چهرو ڏسي رهيو هوس، جنهن تي ڪئين عيبن جا نشان عيان هيا- "سوال اردو تان ڪاپي ڪيا هئم".

ڪافي ڪوشش جي باوجود راشدي صاحب منهنجي گوڏي وٽ سلوار تي اهي رت جا نشان ڏسي ورتا جي سندن ئي ملاقات جي شوق ۾ ڪراچي جي ڊوڙندڙ زندگي جي بس تي چڙهندي گوڏو زخمي ٿيو هئم. هاڻي آئون ڪجهہ شرم ۽ ڪجهہ حجاب ۾ ڪنڌ نمائي ٻاهر نڪري آيس، جتي معلوم ٿيم تہ سعيد يونس بہ منهنجي پويان هلندو منهنجي بيڪسي تي ڪجهہ عجب ڪجهہ رحم کائي پهچي ويو آهي.

ٻئي ڏينهن اڪيلو هن بحر مان ماڻڪ چونڊڻ لاءِ روانو ٿيس، مگر مليل ٽائيم کان اڌ ڪلاڪ ڪن ليٽ پهتس. راشدي صاحب جن بہ انهيءَ لاءِ باز پرس نہ ڪئي، شايد انهيءَ ڪري جو ڪين ٽائيم جي پوري خبر نہ پئجي سگهي يا جي.ايم. سيد جن جي موجودگيءَ ۾ ڪين اهو احساس ئي نہ رهيو هو. مقصد ٻنهي لاءِ واضح هو. اجازت ملي ۽ مون اتندي ئي هي سوال ڪيو تہ-

"راشدري صاحب! سنڌي ادب جي ترقي ۾ اها ڪهڙي شيءَ رڪاوٽ بنيل آهي جنهن ڪري ان جي رفتار نهايت ئي سست آهي؟"

"رڪاوٽ؟ رڪاوٽ تہ ڪابہ نہ آهي، ادب پنهنجي پوري رفتار سان ترقي ڪري رهيو آهي. هڪ ڳالهہ کي ذهن نشين رکڻ گهرجي تہ ٻوليءَ جي اصليت، جاذبيت، رواني ۽ روح البت ختم ٿيندو پيو وڃي. ان جو سبب زيادهہ تر اخباري زبان آهي، جا سڌو سنئون اردو تان ترجمو ڪئي وڃي ٿي. لفظ، محاورا ۽ چوٽيون ڊاريون، ٻي جوڙ ۽ اڻ نهندڙ ۽ نهڪندڙ استعمال ڪيون وڃن ٿيون. حالانڪ اسان وٽ انهن کان بہ افضل موجود آهن. اسان جا اديب ۽ شاعر پنهنجي مضمونن ۽ شعرن ۾ نيٺ سنڌي استعمال ڪن ٿا. مگر اخباري ٻوليءَ جو اثر وڌندو ٿو وڃي. ڇاڪاڻ تہ

اخبارون گهڻي انداز ۾ پڙهيون وڃن ٿيون. اها صورت حال ادب ۽ زبان لاءِ گهاتڪ آهي ۽ انهيءَ ڪري سخت نقصان پهچي رهيو آهي. زبان کي ايترو خراب ڪيو ٿو وڃي جو بعد ۾ ان جو درست ڪرڻ مشڪل ٿي پوندو. ڪاش اخبار نويس ڪاپي ڪرڻ جي بجاءِ پنهنجي دماغي صلاحيتن کان ڪم وٺن. جيتري تائين خبرن جو تعلق آهي اهي انگريزيءَ ۾ مهيا ٿين ٿيون. پوءِ انهن کي سنڌي ۽ اردو اخبارن جي سانچي ۾ ڍالڻ سخت هاڃيڪار آهي". راشدي صاحب جي چشمي اندر ٻن چشمن ۾ دورانديشي، پيشاني تي لهرن جو لهڻ ۽ ڍهڻ ائين پيو ٿئي ته پاڻ هاڻي به ان منجهيل سُٽ کي سلجهائڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن.

"اڪثر ائين چيو وڃي ٿو ته اوهان پهريائين اردو يا فارسي ۾ لکيو آهي، تنهن بعد ان کي سنڌي ۾ ترجمو ڪيو ٿو وڃي. اهو ڪيتري قدر صحيح آهي؟"

"اهو بلڪل غلط آهي لغاري صاحب، مون جيڪي لکيو آهي سو سنڌيءَ ۾ ئي لکيو اٿم. ويهه ورهيه اخبار نويسي سنڌيءَ ۾ ڪئي اٿم. هزارين اخباري مضمون ۽ سوين مقالا سنڌي ۾ لکي چڪو آهيان. اگر ڪي چند ڪتاب اردو ۾ لکيا يا فارسي ۾ مرتب ڪيا اٿم ته انهيءَ ۾ به مقصديت شامل آهي. مقصد هو سنڌ ملڪ ۽ سنڌي ادب کي ٻين سان روشناس ڪرائڻ".

"اوهان کي ڪهڙي شيءِ متاثر ڪيو جنهن ڪري اوهان ٻين طرفن کان منهن موڙي هن ادبي سلسلي کي اختيار ڪيو؟"

"ڪو به ڏنڌو ڪونه هو. جنهن ڪري سواءِ ان جي ٻيو ڪجهه ڪري به نه ٿي سگهيس." هن ٺوياب تي ڪمري ۾ ڪجهه ٿهڪن جو آواز اڀريو. سيئي زور زور سان کلي رهيا هئاسين. آءُ سوچڻ لڳس ته نڪمي ماڻهو لاءِ اهو به بهتر. جڏهن مون کان به ڪو ڏنڌو نه پئو تڏهن ئي هن طرف رخ رکيو اٿم. "ٻيو سڀ کان وڏو سبب علي محمد شاهه (سنڌن وڏو ڀاءُ) جي صحبت تي جنهن انهيءَ طرف مائل ڪيو".

جي.ايم.سيد، راشدي صاحب جن کي ٽوڪ جي انداز ۾ چيو- "ميرن لاءِ مشهور آهي ته جنهن به ماڻهو کي ڪو ڪم ڪندي ڏسندا هئا

تہ پاڻ بہ اهو ڪرڻ شروع ڪري ڏيندا هئا. سو اوهان سان بہ ساڳيو ئي معاملو آهي."

"اوهان جي تعليم تعليمي ادارن ۾ ڪيتري رهي؟" مون وقت جو خيال ڪندي جلدي سوال ڪيو.

"بلڪل نہ" راشدي صاحب فخريہ انداز ۾ چيو ۽ آءُ سوچڻ لڳس تہ ڇا سندن اهو مقصد آهي تہ اگر تعليم اسڪولن ۾ پرائين ها تہ خوام خواهہ زندگيءَ جو ٽيون حصو ضايع ٿي وڃي ها. وري چوڻ لڳا "منهنجي تعليم صرف مدرسن ۾ رهي، سا بہ ابتدائي. تنهن زماني ۾ تعليم لاءِ بہ دستور هئا، هڪ تہ نوڪرين لاءِ تعليم ڏني ويندي هئي ۽ ٻي زميندار يا مٿيون طبقو فقط ديني. (ٻي دستوري) تعليم پنهنجي ڳوٺ جي ڪنهن ملان وٽ يا ڪنهن مدرسي ۾ ڏياريندا هئا. مون کي بہ اها ئي نصيب ٿي. باقي ڪجهہ پنهنجي محنت ۽ مطالعي مان پرايو اٿم."

مطالعي جو لفظ ٻڌي مون وري بہ هڪ دفعو ڪمري ۾ غور سان مطالعو ڪرڻ شروع ڪيو ۽ اهو سوچڻ تي مجبور ٿيس تہ اگر واقعي راشدي صاحب جن تعليمي ادارن تي پاڙي ويهن ها تہ پوءِ شايد ئي ايترو ڪجهہ پرائي سگهن ها جيترو هن وقت سرمايو موجود اٿن. اوچتو هڪ عجيب سوال ذهن تي اڀريو پڇيم- "اوهان کي پنهنجن تصنيفن مان ڪهڙي پسند آهي ۽ ڇو؟"

"آءُ جڏهن بہ ڪا تاليف ختم ڪندو آهيان تہ ختم ڪرڻ بعد مون کي ان کان هڪ قسم جي نفرت ٿي ويندي آهي. پيو تہ اهي منهنجا ڪتاب عام مطالعي جا نہ هوندا آهن. ضرورت پوندي اٿم تہ لازماً کولي ڏسندو آهيان. ڪتاب سيئي گهٽو ڪري جواني جا لکيل آهن."

هت هي ڳالهہ قابل ذڪر آهي تہ هر سوال جي جواب بعد جي.ايم.سيد بہ پنهنجي خيال آرائي ڪئي ٿي ۽ ڪنهن ڪنهن هنڌ تہ هڪ چڱو موچارو مباحثو شروع ٿي ٿي ويو ۽ مون بہ هڪ پياسي وانگر پورن ٻارنهن طاقن سان متوجه ٿي مائڪ هٿ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ٿي. مگر افسوس هي ننڍڙو ذهن ايترو برداشت ڪرڻ کان قاصر ٿي رهيو. ان جو احساس ان وقت ٿي ٿيم جڏهن ٻاهر روڊ تي ٽرئفڪ جي زوزاٽ سان منهنجو ذهن بہ گاڏين کي پوئتي

ڇڏيندو نامعلوم منزل ڏانهن ڊوڙندو تي ويو. وري جڏهن اهو محسوس ٿي ڪيم تہ آءٌ هڪ ڪمري ۾ ٻن مدبرن جي سامهون ويٺل آهيان، تڏهن ان نامعلوم منزل تان هڪ بريڪ ۾ ذهن ڪي واپس اصلي حالت ۾ آندم ٿي. هاڻي بہ جي.ايم.سيد صاحب چئي رهيو هو.

"مرزا قليچ بيگ ۽ اوهان ۾ وڏو فرق آهي هن زيادہ تر ترجمو بلڪ هر قسم جي ڪتابن جو ترجمو ڪيو آهي. مگر اوهان خاص طرح سنڌ تي لکيو آهي، ۽ تاريخ جا بنيادي ڪتاب ڇاپيا اٿو. بهرحال شروعات ۾ پايو قليچ بيگ ئي پيدا ڪيو..." "ترجمو ڪرڻ بہ تہ ڪو آسان ڪم نہ آهي سيد صاحب۔" راشدي صاحب مون ڏانهن نهاريندي چيو. جي.ايم.سيد جن ڪي وري مخاطب ٿيندي چيائين:

"منهنجي لکيل تاريخن مان هڪ راهہ ۽ هڪ نظريو ملي ٿو تنهن ڪري لکندڙن اڳيان رستو صاف ٿيو پوي ٿو تہ سنڌ جي تاريخ تي ڪهڙي ريت ۽ ڪهڙي نقط نگاهہ سان لکڻ گهرجي سو سندن اڳيان واضح ڪيو ويو آهي. هن وقت تائين سنڌ اندر جيڪي تاريخون لکيون ويون آهن، تن ۾ ڪو نقط نگاهہ ڪونہ آهي. هر ڌارئي ڪي، جنهن بہ اچي قبضو ڪيو آهي ان ڪي اسان جي لکندڙن اڪين تي رکيو آهي. درحقيقت تاريخ ۾ چور ڪي چور ۽ ساڌ ڪي ساڌ ڪرڻ گهرجي. تاريخ تڏهن سمجهہ ۾ ايندي جڏهن هر هڪ جي عملن ۽ رويہ جي تڪ تور ٿيل هوندي. مثلاً آءٌ ارغونن ۽ ترخانن جو سنڌ تي قبضو غاصبانہ سمجهان ٿو. اسان جي مؤرخن انهن ڪي بہ مسلمان سمجهي پنهنجي اکين تي رکيو آهي. حالانڪ اهي ڪانئن زيادہ سچا مسلمان هئا جن جي هٿان هنن سنڌ کسي."

"راشدي صاحب۔ ادب ڇا آهي؟ ادب ۽ سياست جو پاڻ ۾ ڪيترو تعلق آهي؟ ڇا هڪ اديب سياست کي اپنائي نہ ٿو سگهي؟" هاڻي آءٌ راشدي صاحب کان هڪ اهم سوال پڇي ويٺس پاڻ ٿورو خاموش رهيا، ڪمري جو سرسري جائزو ورتائون، ڇت ڏانهن نهاريائون. هاڻي آءٌ اهو محسوس ڪرڻ لڳس تہ لئبريري جا سڀ ڪتاب سندن ذهن تي ايندا ۽ ويندا رهن ٿا. هڪ هنڌ نظر ڄمائيندي چيائون، شايد اتي ئي ڪو پيل ڪتاب سندن رهنمائي ڪرڻ لڳو هو.

”هر اها شيءِ جا قلم مان نڪري ۽ دل و دماغ کي پسند اچي ان کي ادب چئجي ٿو.“

هن جواب تي علامہ آءِ.آءِ.قاضي جي ادب متعلق وضاحت منهنجي ذهن تي تري آئي. هن چيو هو: ”ادب معنيٰ آهي ريڙهيون پائڻ.“ پنهي جو پاڻ ۾ ڪيترو تعلق آهي في الحال تہ راشدي صاحب جي سلسلہ ڪلام اهو سوچڻ جو موقعو ئي نہ ڏنو.

”تقريرون بہ ادب جو قسم آهن. سياست خود ادب آهي. هڪ ماڻهو جو هڪ ئي وقت پنهي ٽنهي شين سان وابستہ رهڻ ئي مڪمل اديب هجڻ جو ثبوت آهي. جنهن لاءِ اسان وٽ مولانا ظفرالله (ظفر علي خان؟)، ڪاڪو چيتمل پرسرام، عطاءالله شاهہ بخاري، ۽ ڊاڪٽر چوٿرام جن اديب ۽ ساڳئي وقت سياسي رهنما پڻ هئا. اديب جو ڪم ئي آهي سياست جي رهنمائي ڪرڻ، ور نہ اهو اديب نہ آهي جو سياست کان ڪنارهہ ڪش رهڻ جي ڪوشش ٿو ڪري.“ راشدي صاحب جي هن وضاحتي بيان ٻڌڻ شرط منهنجي ذهن تي اهو گذريل مهيني جو ڪراچي ۾ ٿيل مباحثي وارو نقشو تري آيو جنهن ۾ مباحثي جو اختتام صدر صاحب جن هينئين لفظن سان ڪيو هو: ”اديب سياست ۾ بهرو نہ وٺي.“ مون کي وري سوچڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو.

”انقلاب فرانس روسي ۽ والٽير آندو“ جي.ايم. سيد، راشدي صاحب جي مدد ڪندي چيو. منهنجي ذهن تي انقلاب فرانس جي پوري تاريخ ترڻ لڳي. پير صاحب جو بيان اڃا ختم نہ ٿيو هو چيائين:

”مولانا محمد علي، شيخ عبدالمجيد سنڌي، علي محمد شاهہ (سنڌن وڏو ڀاءُ) جن پڻ اديب آهن. هن دور جو عظيم سياستدان چرچل پڻ وڏي ۾ وڏو اديب هو.“ ڪمري جي هڪ ڪنڊ ڏانهن نهاريندي شايد وري ڪو ٻيو ڪتاب ذهن تي اچي ويو هئن. چيائون:

”اقبال کي ڪنهن چيو تہ سياست ۾ اوهين بيڪار رهيا آهيو. مگر اقبال جواب ڏنو- اگر ائين نہ هجي ها تہ مان جيڪر پيغمبر هجان ها.“ سو اهو ڪڏهن بہ ٿي نہ ٿو سگهي تہ اديب سياست کي پاسي تي رکي ڪا ادب جي خدمت ڪري. اگر ائين ڪندو تہ ادب ۾ هڪ وڏو خال رهجي

ويندو." هن پوئين جواب مون کي خود راشدي صاحب تي سوچڻ جو موقعو ڏنو. ڇاڪاڻ تہ پاڻ خود سياست کان ڪنارھ ڪش رهيا آهن. مگر عين موقعي تي منهنجي لاءِ گلاس ۾ ڪوڪا ڪولا ڪجي آئي. هڪ هڪ سرڪ پرڻ سان منهنجي ذهن مان سوڊا جي باٽل کلڻ سان جي بوڙيا نڪرندا آهن تن وانگر خيالات بہ منتشر ٿيندا ويا. ذهن خالي ٿيندو محسوس ڪيم. شايد راشدي صاحب جن جو پڻ اهو مقصد هو تہ جيئن زيادھ قيمتي وقت ضايع ڪرڻ کان پرهيز ڪري. پر آءٌ تہ هي پهريون دفعو هڪ انٽرويو وٺڻ لاءِ نڪتو هوس تنهنڪري ايترا تہ سوال جمع ڪري آيو هئس جو ياڻيان تہ راشدي صاحب پنهنجي پوري عمر جي ڊائري منهنجي آڏو بيان ڪري ۽ نتيجا پڌائي جيئن، نئين نسل لاءِ اهي مشعل بنجي سگهن. ڪوڪا ڪولا ختم ڪيم ۽ منتشر خيالن کي جمع ڪرڻ لاءِ هڪ ننڍڙو سوال پڇيم.

"اوهان ڪا تصنيف ڪري رهيا آهيو يا نہ؟"

"سنڌي ادب جي تاريخ لکي رهيو آهيان. مڪلي نامو ڇپيو اٿم. حديقة الاوليا، پڻ هن سال جو آهي. پنهنجي زندگيءَ جي تجربات تي هڪ ڪتاب لکيو اٿم جو پڻ عنقريب پريس ۾ ڏيندس." خيالات موٽي پنهنجي ماڳ تي پهچي چڪا هئا. هاڻي هڪ اهم سوال ڏانهن راشدي صاحب جو توجهہ ڇڪائيندي پڇيم.

"موجودھ وقت ۾ سنڌي ادب ۾ جيڪو انتشار آهي ان جا اسباب ڪهڙا آهن ۽ اهي ڪيئن دور ڪري سگهجن ٿا؟"

"ادب جا بہ قسم آهن، هڪ ساڪت ۽ جامد جيڪو تفريحي آهي. ٻيو متحرڪ ۽ زندگي بخش جيڪو واقعات کي بيان ڪري ٿو ۽ ماحول جي چڱاين ۽ براين کي آشڪار ڪري ٿو. 1930ع تائين زيادھ تر ادب فقط تفريحي آهي. ان جو ماحول ۽ عمل سان ڪوبہ تعلق نہ هو. هو تہ فقط دماغي عياشي هو. پر 1931ع کان پوءِ جيڪو ادب پيش ٿيو آهي ان ۾ هڪ پيغام آهي، ان ۾ مقصد بہ آهي تہ منزل ڏانهن ڪشش پڻ. ۽ زندہ ادب اهو ئي رهندو آهي جو ماڻهن جي هر عمل و فعل ۽ مقصد سان واسطو رکندڙ هوندو...." اڃا پير صاحب جو ڪلام پورو نہ ٿيو هو تہ جي.ايم.سيد

۽ سندن وچ ۾ هڪ چڱو موچارو مباحثو شروع ٿي ويو ۽ آءٌ فقط اهو سوچيندو رهجي ويس تہ اگر هر سوال تي هي حال رهيو تہ پوءِ عابد جو خدا حافظ. اڄ ٿي حيدرآباد پنجين بجي شام جو پهچڻو اٿم.... اڃا سوچي ٿي رهيو هوس تہ ٻئي فريق شايد دم پٽڻ لاءِ خاموش ٿيا ٿي مس تہ مون ان مان فائدو وٺندي چيو:

"اڄ جي دور ۾ لاديني، فحش ۽ عريان ادب جا رحجان وڌندا وڃن ٿا، جيڪي (اوهان جي چوڻ موجب) تفريحي ادب جي دور ۾ نہ هئا. اهي مقصد ۽ منزل ڏانهن ڪيترو وٺي وڃي رهيا آهن؟"

"راشدي صاحب ڪجھہ وقت تہ خاموش فقط جي.ايم.سيد کي تڪيندو رهيو. پوءِ مون ڏانهن حيرت مان نهاريندي چيائين.

"لغاري صاحب! خبر نہ آهي تہ توهان فحش ۽ عريان ادب ڇا کي ٿا چئو! ڊاڪٽريءَ ۾ ٻئي جنسون مخالف جنسن جا آپريشن ڪن ٿيون، پريڪٽيڪل ڪن ٿيون، انهن تي ڪنهن بہ قسم جي پائبندي ڪانهي. ٻئي طرف اگر معاشري جي ڪمزورين ۽ اوڻاين کي بي نقاب ڪجي ٿو تہ توهان ان کي عريان ۽ فحش سڏيو ٿا. ڇا اها حقيقت نہ هوندي آهي؟ حقيقت کي حقيقت ڪري لکڻ عريانيت ڪٿي آهي؟" ٿورو ترسي وري چيائون: "صوفين مجاز ۽ محبت جو دم ڀريو آهي، ڇا ان کي بہ فحاشت ۾ آندو ويندو؟ منهنجي خيال مطابق ادب ۾ ڪابہ عريانت ۽ فحاشت نہ ٿيندي آهي".

"انگاري ۽ منٽو تي انهيءَ ڪري ٿي ڪيس هلايا ويا هئا مگر اڄ تائين انهن جي تصنيفن کي معاشري مان خارج نہ ڪيو ويو آهي." جي.ايم. سيد صاحب جن راشدي صاحب جي راءِ سان اتفاق ڪندي چيو:

"بلڪل- اهڙيءَ طرح عربي ادب جا شهپارا ۽ فارسي ادب جا ڪلاسيڪل ڪتاب پڻ اهڙين شين کان خالي نہ آهن ڪيترا اهڙا ڪتاب درس ۾ داخل رهيا آهن جيڪي موجودھ اصطلاح موجب فحاشت ۾ داخل ٿي سگهن ٿا." راشدي صاحب چيو.

"آزاد نظم متعلق اوهان جو ڪهڙو خيال آهي؟"

”مون کي تہ بلڪل ناپسند آهي، آزاد نظم نتيجو آهي ذهني افلاس ۽ دماغي سچائيءَ جو. جڏهن بہ نثر يا نظم تي پورو پورو قبضو نہ هوندو آهي تڏهن ئي آزاد نظم ۽ ادب لطيف تصنيف ٿيندو آهي.“

”آزاد نظم ۽ ادب لطيف اصل ۾ تصورات جي ڪنفيوزن جو نتيجو آهي. جهڙي طرح تجريدي آرٽ. جڏهن بہ خيالن ۾ انتشار هوندو آهي ۽ زبان ۽ لفظن جو فقدان هوندو آهي تڏهن ئي اهڙي شيءِ ايجاد ٿيندي آهي.“ جي. ايم. سيد جن لقمو ڏيندي چيو ”بلڪل ائين“، پير صاحب اتفاق ڪندي چيو.

”سنڌيءَ ۾ هن وقت تائين جيڪي تاريخون لکيون ويون آهن اهي ڪيتري قدر وقت جون ضرورتون پوريون ڪري سگهيون آهن؟“ هاڻي مون تاريخ متعلق سوال ڪيو. ڇاڪاڻ تہ تاريخ ئي راشدي صاحب جو پسنديده موضوع رهيو آهي. پاڻ ان تي ڪافي مطالعو ڪيو اٿن ۽ ڪافي لکيو بہ اٿن.

”سنڌ اندر هن وقت تائين جيڪي تاريخون لکيون ويون آهن سي درحقيقت پراڻي ڍنگ جون آهن. جن کي نہ تاريخ چئي سگهجي ٿو ۽ نہ اهي ضرورتن کي پورو منهن ڏئي سگهيون آهن“.

”سنڌي اردو گڏيل مشاعرن متعلق اوهان جي ڪهڙي راءِ آهي؟“

”گڏيل مشاعري جي عياشي تڏهن ئي ڪارآمد ٿي سگهي ٿي جڏهن ٻئي ڌريون هڪ ٻئي جي زبان ۽ ڪلام جون خوبيون سمجهي سگهن.“

”راشدي صاحب! اوهان مشاعري کي ادب لاءِ ڪيتري قدر فائديمند سمجهو ٿا؟“

”مشاعرن جي مون وٽ اصل ۾ ڪابہ اهميت ڪونہ آهي. ان مان کو بہ علمي فائدو ڪونہ ٿو پهچي. هندوستان اندر زوال واري دور ۾ مشاعرا پيدا ٿيا. هي تہ وقت گذاري ۽ عياشي جو ذريعو آهن. مشاعرن سبب پاڻ شاعرن جي خودداريءَ، مقام ۽ حيثيت کي ڪاري ڌڪ لڳو آهي.“

وقت ڪافي گذري چڪو هو تنهن ڪري ٻين سوالن کي درگذر ڪري آخري سوال پڇيم.

"اردو زبان جي نزديڪ پوڻ ڪري سنڌي زبان کي ڪهڙو خطرو لاحق ٿي پيو آهي ۽ اهو ڪيئن دور ٿي سگهي ٿو؟"

"اردو زبان جي ويجهو اچڻ ڪري سنڌي ٻوليءَ جو مفهوم ئي بدلجي ويو آهي. اصليت ان مان ختم ٿيندي وڃي ۽ ان جو وڏو ڪارڻ وري اسان جون اخبارون آهن. جن لاءِ مٿي ٻڌائي چڪو آهيان. واحد علاج ڪو ٿي سگهي ٿو ته فقط ٻولي تي ڪنٽرول ڪيو وڃي. ور نه ٿوري عرصي بعد سنڌي سنڌي نه رهندي بلڪ اردو سنڌي ڪا نئين ٻولي ٿي پوندي."

هاٿي جي. ايم. سيد ۽ راشدي صاحب جن فرش کي ٻوٽن سان رهڙڻ شروع ڪيو، جيئن اسين ڪاليج ۾ ڪو پيرڊ اٽينڊ نه ڪرڻ چاهيندا هئاسين ته ليڪچرر جي ايندي ئي ائين ڪرڻ شروع ڪندا هئاسين ۽ هو اشراف ٿوري مان گهٽو سمجهي فقط حاضري وٺي هليو ويندو هو. تنهن ڪري آءُ به جلد موڪلائي ٻاهر نڪري آيس ۽ پنهنجو رستو ورتم.

# پير حسام الدين راشديءَ کان انٽرويو

[هي انٽرويو محترم خان محمد پنهور "سنڌي پبليڪيشن" ڄام شورو لاءِ ورتو ۽ ان ڪي اپريل 1973ع واري پرچي ۾ شايع ڪيو. هي پرچو "پير حسام الدين راشدي نمبر" ڪري ڪڍيو ويو هو. هي انٽرويو متعدد ڀيرا ڇپجي چڪو آهي.]

سنڌ هڪ مردم خيز سرزمين آهي. هن وڏا وڏا سياستدان، عالم، شاعر، اديب، دانشور ۽ تاريخ نويس پيدا ڪيا آهن. پير حسام الدين راشدي تاريخ ۾ جيڪا مهارت ۽ حيثيت رکي ٿو پاڪستان ۾ ان جي مقابلي جو ڪو ورلي هوندو ۽ سنڌ کي اهڙن سپوتن تي فخر آهي.

سنڌي پبليڪيشن جو ڇوٿون ڪتاب "پير حسام الدين راشدي نمبر" ڪڍڻ جو سوچي اسان پير صاحب سان ان جو اظهار ڪيوسين ۽ 8 مارچ تي شام جو ساڍي پنجين بجي وقت وٺي مقرر وقت تي پير مظفر ۽ مان، پير خليل کي ڪئميرا سميت ساڻ ڪري ڪراچيءَ ۾ جمشيد روڊ تي پير صاحب جي بنگلي تي اچي سهڙياسون. راشدي صاحب ٻاهر دروازي تي اسان جو آدر ڀاءُ ڪيو ۽ وٺي وڃي پنهنجي لائبريريءَ ۾ وهاريو. جنهن ۾ ڪئين الماڙيون ڪتابن سان سٽيل پيون هيون، جا سنڌس لکڻ پڙهڻ جي آفيس پڻ آهي. سنڌس سمهڻ وارو ڪمرو پڻ پرسان آهي، جيڪو پڻ ڪتابن سان ڀريو پيو هو درين تي خواهه ڪٽن جي ڇوڏاري ۽ وهاڻي سان گڏ ڪتاب ئي ڪتاب پيا هئا. لائبريريءَ ۾ ڪتاب الماڙين ۾ ترتيب سان پيا هئا. ليڪن ڪيٽالاگ نه هئڻ ڪري راشدي صاحب ٻڌايو ته ضرورت وقت ڪتاب موجود هوندي به نه لڀندو آهي ۽ پوءِ خريد ڪرڻو پوندو آهي. پير صاحب جي لائبريري ۾، گهر ۾، خواهه ڳوٺ ۾ اٽڪل 40000 کن ڪتاب آهن. جن ۾ به سؤ کن قلمي نسخا پڻ آهن. اسان انٽرويو جو باقاعده سلسلو شروع ڪندي، سندن ابتدائي تعليم بابت پڇيو ته پاڻ چوڻ لڳو ته: ابتدائي تعليم ڳوٺ ۾ خانگي نموني مولوي

صاحب وٽ ئي فارسي، عربي ۽ سنڌي پڙهياسون جا بہ اڌوري رهجي وئي، دستاربندي نہ ٿي سگهي. اسان جي ڏاڏي پير شاهہ خاص اسان ٻن ڀائرن علي محمد شاهہ ۽ مون لاءِ ڳوٺ جي مسجد ۾ اهو مڪتب کولايو هو. ڏاڏو اسان جو وڏو عالم هو ۽ پنهنجو نصاب شروع ڪرايائين، جنهن ۾ انگريزي الف، ب ۽ فارسي جو سڌو طريقو شامل هئا. ۽ ان وقت علم دانش ۽ ڄاڻ حاصل ڪرڻ لاءِ هو. نوڪريءَ جو خيال بہ نہ هوندو هو ۽ نوڪريءَ کي عيب سمجهيو ويندو هو. شهرن ۾ رهڻ جي بجاءِ ٻهراڙين ۾ رهڻ ۽ زمينداري ڪرڻ کي عزت وارو مهمان نواز ۽ معزز سمجهيو ويندو هو. تاريخ ۽ ادب جي ڄاڻ حاصل ڪرڻ علم جو مقصد هو. علم روزگار جو ذريعو نہ پر ذهن ۽ فڪر جي پرورش ۽ بلنديءَ لاءِ هو. ان کان علاوهہ اسان جو خاندان بہ علمي ۽ ادبي هو. اسان جو سلسلو پير پاڳاري صبغت الله شاهہ سان آهي. جنهن کي بہ پٽ علي محمد شاهہ ۽ علي گوهر شاهہ هئا. وڏو علي محمد شاه هو. جنهن جو پٽ اسان جو ڏاڏو پير شاه هو. علي محمد شاه وڏي هئڻ جي با وجود پڳ نہ ورتي ۽ ان جو توجه علم، ادب، طب ۽ حڪمت طرف هو ۽ ڏاڏو ۽ ٻيا سندس ڀائر ان طرف توجه رکندڙ هئا. ۽ طب، علم، حڪمت تي ڪافي ڪتاب لکيا اٿن. علمي ادبي لکيل پڙهيل ماحول هئڻ ڪري انگريزي، اردو خواهہ سنڌي سڀ اخبارون ايندڙيون هيون. زميندار هئڻ ڪري عزت آبرو ٻڻ هئي ۽ والد صاحب وارا ڪجهہ انگريز پرست هئا. پرسان نصرت اسٽيشن تي مان ۽ علي محمد شاهہ اسٽيشن ماستر وٽ انگريزي پڙهڻ ويندا هئاسون. عربي فارسي اڳ ۾ ختم ڪئي هئيسون، چو تہ مائٽ وڌيڪ ٻاهر نہ موڪليندا هئا جو اڳتي پڙهي وڃ ۾ وڃ مختيارڪار ٿيو هو. ليڪن نوڪري ڪرڻ کي عيب سمجهيو ويندو هو. اسان جي ان وقت رهڻي ڪهڻي سني هوندي هئي ۽ نصرت اسٽيشن تان ٽن پئسن جو ڪارڊ لکي ولايت مان وي. پي ذريعي گهرو ضرورت جو سامان گهرائيندا هئاسون. ايمانداري هئي ذرو بہ ضايع نہ ٿيندو هو.

صحافتي زندگيءَ جي شروعات ڪرڻ بابت پير صاحب چوڻ لڳو: ڀهرين علي محمد شاهہ 23، 1922ع ڌاري ڪراچيءَ مان انگريزي اخبار سنڌ ٽائيمس ۾ لکڻ شروع ڪيو ۽ 1925ع ۾ مولانا آزاد جي اخبار جي

نموني تي "الراشد" اخبار ٻهمڻ مان ڪيڊندا هئاسون. مان ساڻس مدد ۾ هوندو هوس. منهنجي صحافتي زندگيءَ جو آغاز 1928ع کان ٿئي ٿو. هفتي وار سنڌ زميندار سکر مان نڪرندي هئي، جا خانبهادر محمد ايوب کهڙي جي هئي. هن هڪ پيري سکر ويندي مون کي نصرت اسٽيشن تي ملڻ لاءِ چيو جتي مان مليو مانس ته پوسٽ جي لفافي جي ڪاغذ جي ٽڪر تي مئنيجر ڏانهن لکي ڏنائين ته، حسام الدين کي 30 روپيا ماهوار پگهار سان سنڌ زميندار جو ايڊيٽر مقرر ڪيو وڃي. مون ڪانئس سوال ڪيو ته توهان خوشحال گهراڻي سان تعلق رکو ٿا پوءِ به توهان جي زندگي ڪسمپرسيءَ ۾ ڇو گذري آهي؟ پاڻ چوڻ لڳو ته، اسان جا مائٽ انگريز پرست هئا ۽ اسان انگريزن ۽ هنن جي پاليسيءَ خلاف لکندا هئاسون ۽ پوءِ اسان ٻئي ڀائر باغي ٿي گهران نڪتاسون ۽ گهران ڪا به مدد نه ملندي هئي. اسان جڏهن ڪراچيءَ شروع ۾ آياسون ته وفائي پريس وٽ فٽ پاٿ تي سمهندا هئاسون. ڪراچيءَ مان "صبح سنڌ" اخبار ڪيڊندا هئاسون، اخبار لاءِ سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي ۽ سر حاجي عبدالله هارون جو تعاون ۽ مدد هوندي هئي ۽ اخبار تي ان وقت ڪو به خرچ نه هوندو هو. 14 آنه ڪاغذ جو ريم ملندو هو ۽ 400 روپين ۾ اسان سڄي پريس "ستاره سنڌ" ناهي هئي. پوءِ "الحزب" اخبار ڪيڍي هئسين.

توهان جو سياست سان به ڪو تعلق رهيو؟ چوڻ لڳو ته منهنجو گهڻو لاڙو لکڻ پڙهڻ ڏانهن هو. ليڪن پس پرده سياست سان به علي محمد شاه سان گڏ رهندو هوس. جناح صاحب هڪ دفعي مسلم ليگ ڪائونسل تي مون کي به ميمبر ڪري رکيو هو ۽ علي محمد شاه جو منهنجو وڏو ڀاءُ آهي، ان سان باوجود نظرياتي اختلافن جي جو مان ترقي پسند ۽ قوم پرست آهيان ۽ هو رجعت پسند. ليڪن مان هن سان سياست ۾ ٻانهن ٻيلي ٿي رهيو آهيان. ون يونٽ نهڻ وقت به علي محمد راشدي صاحب سان توهان ساٿ ڏنو؟ حسام الدين شاه چوڻ لڳو، بلڪل نه. مون ان جي سخت مخالفت ڪئي ۽ ان لاءِ هن کي چيم به. بهرحال باوجود متضاد طبيعتن هئڻ جي به اسان گڏجي ڪم ڪيو آهي ۽ وڏيڪ پنهنجي ذاڏي کان متاثر آهيان. جيڪو علم دوست هو يورپي

لباس پائيندو هو انگريزي، عربي ۽ فارسيءَ جو ڄاڻو هو. سائين راشدي صاحب سان اسان جي ڪچهري مچي چڪي هئي ۽ اسان سنڌس زندگيءَ جي فلم ڏسي رهيا هئاسون ۽ ائين پيا محسوس ڪيون ته اسان به ساڻس گڏ هئاسون. پير خليل فوتا وڃي رهيو هو ته چوڪرو چانهه کڻي آيو. بهرحال چانهه به اسان جي رهاڻ ۾ رڪاوٽ نه وڌي ۽ پير صاحب سلسلو ڪلام جاري رکندي چيو ته 1937ع ۾ اسان جو والد صاحب فوت ٿي ويو جنهن ڪري مون وري زميندارِي سنڀالي ۽ علي محمد شاهه سياست، ليڪن ادب سان دلچسپي ۽ مطالع ۾ فرق نه آيو ٻاڻ وڌيو. ان زماني ۾ اسان کي سر غلام حسين وزارت ڏاڍو تنگ ڪيو 10، 15 ڪيس هوندا ئي هوندا هئا. پوءِ هڪ دفعي جي. ايم. سيد ۽ پير الاهي بخش چڪائي چڪ ۾ هڪ ڪانفرنس مان ٿي اچي رهيا هئا. واٽ تي اسان جي اسٽيشن تي والد صاحب جي تعزيت لاءِ لٿا. رات جو ڪچهري بعد پير الاهي بخش سمهي پيو ۽ جي. ايم. سيد، علي محمد شاهه ۽ مون بخاريءَ هيٺان ويهي ان لاءِ سوچيو. فيصلو ٿيو ته مارچ سيشن ۾ ڪٽ موشن آڻجي. پوءِ علي محمد شاهه ڪراچي هليو آيو ۽ ان نموني وزارت ڊاٺي وئي ۽ الهه بخش وزارت اقتدار ۾ آئي، جيڪا انقلابي هئي. پير الاهي بخس جي وزير ٿيڻ بعد علي محمد شاهه ان سان سنڌ جو گشت ڪيو ۽ پهريون پيرو ماڻهن عملدارن ۽ ڪامورن کي گاريون ڏيڻ شروع ڪيون.

بهرحال اسان سياسي موضوع ڇڏي وري ڪجهه سنڌس ادبي زندگي طرف آياسون. لکڻ طرف دلچسپي ڪيئن ٿي؟ مون اٽڪل 30، 35 ڪتاب لکيا آهن ۽ منهنجي لکڻ جي شروعات اخبار نويسيءَ سان ٿي، ۽ هن وقت به مان ڪتابن جو مسودو اخبار وانگر سلپن تي لکندو آهيان. پير صاحب ميز تي رکيل لکيل سلپون ڏيکاريندي چيو.. فارسي سان وڌيڪ دلچسپي اٿم ۽ ان ۾ وڌيڪ لکيو اٿم. جو بنيادي ادب فارسيءَ ۾ آهي. اسان جي سنڌ جي تاريخ جا Source Books فارسي ۾ آهن ۽ منهنجا اردو، فارسي ۽ سنڌيءَ ۾ هن وقت تائين اٽڪل 30، 35 ڪتاب شايع ٿي چڪا آهن. ان کان علاوهه پنهنجي 50 ورهيه زندگيءَ جو مشاهدو پڻ لکيو

اٿم. جنهن جو نالو "جيئڻ ڏنو آهي مون" هو [1]. پر جي. ايم. سيد جي ان نالي سان شايع ٿيل ڪتاب بعد ان جو نالو بدلائي رکندس ۽ وقت اچڻ تي شايع ڪيو ويندو. جو ان ۾ ڪي تلخ حقيقتون پڻ بيان ڪيل آهن جي ڪن کي ناگوار به لڳن.

توهان ڪڏهن شعر به چيو؟ ها. ڪنهن زماني ۾ شعر به چوندو هوس ۽ هڪ طويل نظم سهڻي ميهار تي لکي هئم. جا سنڌ زميندار ۾ ڇپي هئي، جنهن کي مرحوم "مخلص" پڻ داد ڏنو هو. پنهنجي استاد غلام سرور فقير (پروفيسر اياز قادريءَ جو پيءُ) جي فوت ٿيڻ تي پڻ هڪ مرثيو لکيو هئم. جو به تمام سٺو هو. هاڻي شعر پڙهندو آهيان ۽ ان سان دلچسپي آهي پر لکندو نه آهيان. سخن گو نه آهيان پر سخن شناس آهيان. ان کان علاوه افسانه ۽ ناول لکڻ سان پڻ شوق هوندو هوم ۽ ڪجهه شايع به ٿيا هئا.

موجوده سنڌي ادب بابت توهان جو ڇا رايو آهي؟

موجوده سنڌي ادب بلڪل اميد افزا آهي، اڳي ادب ۾ ڪو مقصد نه هو تقليدي ۽ روايتي هو. اڄ ڪلهه تفريحي، تعليمي ۽ مقصد سان آهي، بي مقصد نه آهي. اڳ بادشاهن جي رڳو ثنا خواني ٿيندي هئي، پر هاڻ ماڊرن نموني لکيو وڃي ٿو. افسانه، تاريخ خواهه شعر مقصديت سان ڀرپور آهي. سنڌي ادب سرڪاري سرپرستي نه هجڻ جي باوجود وڏي همت سان ترقي ڪئي آهي، ضرورت ان جي آهي ته سنڌي ادب ۽ اديبن جي همت افزائي ڪرڻ گهرجي. تاريخ لکڻ لاءِ انهن کي همٿائڻ گهرجي ۽ سڀ کان اول تاريخ لاءِ Source Books هٿڻ گهرجن. مغلن کان وٺي ميرن تائين خط شايع ٿيڻ گهرجن. جن جي ڪافي تاريخي اهميت آهي. ليڪن هتي تصو ئي الٽو آهي. سنڌي ادبي بورڊ لاءِ پير صاحب چوڻ لڳو ته. ان تي اڻ پڙهيلن وڏيرن جو راڄ آهي، جن کي ڄاڻ بلڪل نه آهي. ان جو مثال ڏيندي هن چيو ته مون 20 ورهن کان محنت سان نئين تي تحقيقات ڪري مقالو لکيو آهي، جنهن تي حڪومت ماسٽر پلان ٺاهيو آهي، جنهن ۾

[1] هي ڪتاب "هوڏو ٿي هو ڏينهن" جي نالي سان 1977ع ۾ ڇپيو آهي.

تاريخي حدون ڇاٽايل آهن. ۽ اهو مقالو "مهراڻ" ۾ شايع ٿيو آهي. جنهن لاءِ بورڊ جي صاحبن ڇپيو تہ اهو اڃايو آهي. ان ڪري مان هاڻي ايران جي ادارن ۽ سينٽرل ايشيا لاءِ لکان ٿو. ان کان علاوه "مشائخ سيوستان" آثار قديمہ وارن طرفان ڇپجي رهيو آهي ۽ لکڻ کان سواءِ بچيل وقت ۾ مطالعو ڪندو آهيان ۽ شام جو ڪراچي جي بڪ اسٽالن تي ڪتاب جاچيندو آهيان. جن جو گھڻو ڪري قرضي هوندو آهيان ۽ هاڻ تہ ڪتاب سنڀالڻ مون لاءِ مشڪل ٿي پيو آهي. هڪ تہ 20000- 25000 هزار ڪتابن لاءِ جڳھہ نہ آهي. ٻيو تہ مون وٽ ڪو عملو نہ آهي. ان ڪري هاڻ لائبريري وڪڻڻ جي تاڙ ۾ آهيان.

سنڌ يونيورسٽي کي نہ ٿا ڏيو؟

چوڻ لڳو تہ آءٌ پئسن تي ڏيڻ لاءِ تيار آهيان. ڇو تہ مون وڏي محنت ۽ جدوجهد سان ڪتاب گڏ ڪيا آهن ۽ هاڻ انهن جي وڻڻ لاءِ ڪو تيار ٿئي. يونيورسٽي جيڪڏهن وٺندي تہ ان کي اوليت ڏني ويندي ۽ اهڙي طرح جي.ايم. سيد ۽ سنڌ جي ٻين بزرگن جي ڪتابن جي حفاظت پڻ ڪئي وڃي تہ بهتر. پنهنجي لائبريري لاءِ ٻڌايائين تہ گذريل هنگامن ۾ ان تي پٿراءُ وغيره جي ڪوشش ڪئي وئي هئي. ليڪن حفاظتي انتظام چڱي هئڻ ڪري بچاءُ ٿي ويو. پير صاحب ٻڌايو تہ، منهنجن ڪتابن جو هن وقت ڪيٽالاگ بہ نہ آهي، ٻہ ٽي ڏينهن هڪ ٻہ همراه رکيم ليڪن اهي ڀڄي ويا. پر ڪجھہ ڪتاب بہ ڪٽي وڃي رديءَ وارن گاڏن تي وڪيائون. هڪ ڪتاب پنجاب جي وزير خزانہ حنيف رامي مون کي سوکڙي ڏنو هو. سو هن کي هڪ دوست فوٽ پاٿ وارن اسٽالن تان وٺي موڪليو هو.

سنڌ جي نوجوان نسل لاءِ توهان جو ڇا رايو آهي.

راشدي صاحب جواب ڏنو تہ مان اڄڪلھہ جي سنڌي نواجوانن مان بلڪل مطمئن ۽ پراميد آهيان. جي. ايم. سيد جي فڪر جيڪا جاڳرتا پيدا ڪئي آهي۽ نوجوانن جي تحريڪ جنهن جو بنياد 4 مارچ کان پيو ان نوجوانن ۾ انقلاب آندو آهي. ۽ اسان جا نوجوان دنيا جي ترقي يافتہ ملڪن کان ڪنهن بہ ڳالھہ ۾ گھٽ نہ آهن ۽ تمام ذهين آهن.

پاڪستان ۾ ٻين صوبن جي مقابلي ۾ افسانہ، ناول، مضمون خواهہ شعر وڏيڪ فڪر انگيز صرف سنڌين جو ئي آهي، ۽ مان پڙهندو آهيان تہ منهنجو ايمان تازو ٿي ويندو آهي. مان يقين سان چوان ٿو تہ پاڪستان ۾ بامقصد ادب صرف سنڌين جو آهي. بهرحال تڏهن بہ ترقي يافتہ ملڪن جي ادب جي لحاظ کان گهٽ آهي، اجا محنت ۽ جدوجهد جي ضرورت آهي. ان لاءِ پاڻ ۾ ٻڌي هجي چو تہ اسان مصيبت ۾ آهيون ذهني طرح آزاد نہ آهيون، اڳ هندوستان اسان جا حق کسيا هئا ۽ هاڻ انهن جي جاءِ نشين ماڻهن. وڏن خواهہ ننڍن، سرڪاري خواهہ نيم سرڪاري ادارن ۾ سنڌين کي نوڪرين کان محروم ڪيو ويو آهي ۽ اسان جا نوجوان در بدر روزگار لاءِ پريشان آهن. ۽ مجبوراً مسعود نوراني ۽ لالا قادر جهڙا نوجوان حڪومت وٽ وڪامجن ٿا. پر جيڪڏهن آزاد شهرين وانگر باعزت روزگار ملي تہ ائين نہ ٿئي. سائين حسام الدين شاهہ چوڻ لڳو تہ. اسان وٽ تمام وڏين صلاحيتن وارا ماڻهو هر ميدان تي موجود آهن ۽ هر فن ۾ سنڌي اڳتي آهن. اسان وٽ اي.ڪي.بروهي ۽ ذوالفقار علي ڀٽي صاحب دنيا جو بهترين ذهن رکندڙن مان آهن. علامہ آءِ.آءِ. قاضي عالمن ۾، اردو لکندڙن ۾ علي محمد شاهہ ۽ تاريخ ۾ مون جيتري ڪوجنا ڪنهن نہ ڪئي آهي. سياستدانن ۾ جي. ايم. سيد آهي، جو ڪڏهن بہ وڪامي نہ ٿو سگهي، ۽ هاڻي سجاڳيءَ جو دور آهي. سيڪو پنهنجي لاءِ سوچي پيو. پنجاب ۾ هاڻي سرائڪي وارا بہ پنهنجي ٻوليءَ لاءِ جدوجهد ۾ آهن. چو تہ بهاول پور- ملتان جو سرائڪي ڳالهائيندڙ حصو سرحد صوبي کان وڏو آهي. ان ڪري. سنڌ جي نوجوانن کي بہ پنهنجي جدوجهد وڏيڪ تيز ڪرڻ گهرجي، جو حڪومت تي آسرو رکڻو نہ آهي. پر نوجوانن تي اهو بار آهي، جيڪڏهن نوجوانن سستي ڪئي تہ. سنڌ قيامت تائين ڪنڌ نہ کڻندي، ۽ ڪڏهن بہ ڪين بخش نہ ڪندي.

تاريخ سان توهان جي دلچسپي ڪيئن ٿي؟

ننڍي هوندي مذهبي تعليم هئڻ ڪري، اسلامي تاريخ پڙهڻ ڪري، تاريخ نويسيءَ سان دلچسپي ٿي ۽ 1930ع ۾ راجا ڏاهر خلاف مضمون لکيم، پاڻ چوڻ لڳو تہ مسلمانن جي تاريخ خون سان پريل آهي. عوام تہ

ڪا شيءِ نہ رهيو آهي، صرف اسلام جي نالي ڪي استعمال ڪيو ويو آهي. احمد شاهہ ابدالي، محمود غزنوي، بابر، شاهجهان، جهانگير، عالمگير، اسلام جي نالي ۾ ظلم ڪيا ۽ دهلي ملڪ جو تخت گاهہ رهي. پر اتي هاڻي بہ هندو گهڻا رهن ٿا. پير صاحب ان موقعي تي مڙئي ڪاوڙ ۾ اچي ويو ۽ چوڻ لڳو تہ اسلام جو ڪوبہ ٺيڪيدار نہ آهي. اسان بہ خدا ڪي مڃون ٿا ۽ ان جي رسول ﷺ سان محبت آهي، پر هاڻ قصوئي نرالو آهي. ۽ اهو "منصور" وارو آهي. راشدي صاحب موجودهہ تاريخ لکڻ بابت چوڻ لڳو تہ، اڄ ڪلهہ تاريخ بلڪل غلط لکي وڃي ٿي ۽ حقيقتن کي مسخ ڪيو وڃي ٿو. حاليہ تاريخ تہ آهي ئي ڪانہ ۽ هن وقت تاريخ اسلام جو نظريو رکي پوءِ لکن ٿا، حالانڪ تاريخ مسلمان نہ ٽيندي آهي پر تاريخ، تاريخ ٽيندي آهي، ۽ تاريخ هن وقت سائنسي ۽ جديد طريقي موجب نہ لکي وئي تہ پوءِ سمجهہ ۾ ئي نہ ايندي.

پير صاحب جو اسان ڪافي وقت وٺي چڪا هئاسون. اٿڻ مهل پنهنجي سمهڻ واري ڪمري ۾ وٺي هليو جتي لائبريري واري نموني ڪتاب درين تي سٿيا پيا هئا، وهاڻي جي ڀرسان ۾ پاسي ڪتاب پيا هئا. خصوصاً شاهہ جو رسالو ۽ مثنوي مولانا روم، جن کي پير صاحب دلچسپي سان پڙهندو آهي، اهي پيا هئا. ڪمري جا ڪجهہ فوٽو وٺڻ بعد اسان سندس ٿورو مڃي ٻاهر نڪتاسين ۽ راشدي "برادران" جي پاڻ ۾ اتحاد ۽ هڪ ٻئي سان مدد ڪرڻ واري ڳالهہ پير مظفر تي اهڙو اثر ڪيو جو چوڻ لڳو تہ "يار مان بہ اهڙي نموني وڏي ڀاءُ پير مظهر جي مدد ڪندس ۽ ٻانهہ ٻيلي ٿي رهندس."

# اروڙ جي مٿيءَ جي سڳنڌ

[هي انٽرويو محترم ناصر موراڻي ورتو ۽ ان کي رسالي
"برسات" ڪراچي، ڊسمبر 1974ع ۾ شايع ڪيو]

سنڌ جي ڌرتي سدا جوان ڌرتي آهي. زرخيزيءَ ۾ ان جو مٽ دنيا جو ڪو مشڪل خطو هوندو. هن ڌرتيءَ پنهنجي ان خوبصورتيءَ، حسن ۽ زرخيزيءَ جي ڪري جيترو ڌارين بگهڙن جا حملا سٺا آهن، اوترو دنيا جي ڪنهن ٻئي ملڪ نہ سٺا آهن. دراوڙ ڪال کان وٺندي هن دور تائين هن ڌرتيءَ جي حسن کي لٽڻ لاءِ ڪئين جارح حملي آور ٿيندا رهيا آهن. هن ڌرتيءَ جنهن جي عظمت جا نشان موهن جو دڙو ۽ رني ڪوٽ آهن، پنهنجي سيني ۾ سوين سورمن، هزارين ڪوپن ۽ ڪونڌرن جي ڪوس جا داستان دٻالت ڪري رکيا آهن ۽ پنهنجي عظمت ۽ اعلان کي برقرار رکڻ لاءِ اڄ ڏينهن تائين اهڙا ڪونڌر ڄڻيندي ٿي رهي.

سنڌ جي موجوده ٻڪر ٻوساٽ واري دور ۾ سائين جي. ايم. سيد سان گڏ پير حسام الدين راشدي ئي واحد شخص آهي، جيڪو سنڌين جي تهذيب، ثقافت ۽ سنڌي ٻوليءَ کي تباه ڪرڻ لاءِ ڌارين کان ٿيندڙ حملن جو مقابلو ڪري رهيو آهي.

اروڙ جي فرياد جيئڻ خاموش ۽ اروڙ جي مٿيءَ جي سڳنڌ سان واسيل پير حسام الدين راشديءَ وٽ بنا وقت مقرر ڪرڻ جي، چند سوال پني تي لکي ۽ هزارين سوال سيني ۾ سانڍي ٽيپ رڪارڊر ڪلهي ۾ لڙڪائي وڃي پهتس تہ "برسات" جي پڙهندڙن سان پير صاحب جي ملاقات ڪرايان. باريابي حاصل ڪرڻ جي ابتدائي مرحلن مان گذرڻ کان پوءِ ڪمري ۾ پير ڏريم تہ پير صاحب هڪ وڏي ميز جي پٺيان ڪرسيءَ تي ويٺو هو. فرش کان ڇت تائين ڪاٺ جي طاقن تي ڪتاب سٿيا پيا هئا. چو طرف سانت ڇانيل هئي. سلام ورڻ کان پوءِ هڪ ٻئي جي خيريت معلوم ڪئي سون. مان پير صاحب جي شخصيت ۽ ڪمري جي وايو منڊل ۾ مبهوت هئس تہ پير صاحب پڇيو: "ابا، ڪر خبر ڪيئن آيو

آهين؟" ان وقت مون محسوس ڪيو تہ ڇڻ اروڙ جي صدين ڪان خاموش ماٽريءَ مان پڙاڏو اڀري رهيو آهي. مقصد بيان ڪيم تہ ساڳئي وقت حجت بہ رکيم. ڇاڪاڻ جو پير صاحب بي انتها مصروف هو. متان ڪو انڪار ڪري وجهي. مون ڪي پنهنجي ارادي تي پختو محسوس ڪري پير صاحب ڪي ٻيو چارو ئي نظر نہ آيو. ان ڪان اڳ لکڻ ۾ مصروف هو سو ڪاغذ پٽ سنڀالي، پاسيرا رکي، مون ڏانهن متوجهہ ٿي فرمايائين: "ها, چئہ, ڇا ٿو پڇڻ چاهين؟" مون ان وچ ۾ ٽيپ رڪارڊر ڪي تيار ڪري رکيو هو. سوال ڪيم تہ: "پير صاحب توهان سنڌ جيَ قديم تاريخ ڪي سهيڙڻ ۾ وڏي جاکوڙ ڪئي آهي، سنڌين تي توهان جو اهو وڏو احسان آهي، ڇاڪاڻ جو اهل سنڌ کي اها شڪايت پي رهي آهي تہ سنڌ جي قديم تاريخ جو تسلسل نہ ٿو ملي ۽ جيڪي ڪجهہ تاريخ ۾ موجود آهي اهو بگڙيل صورت ۾ آهي. توهان ان مسئلي تي روشني وجهندا؟" پير صاحب جواب ۾ ٻڌايو تہ:

هن وقت تائين جيڪي بہ تاريخون لکيون ويون آهن, انهن ۾ ڪو بہ خيال يا ڪو موڙ ڏنل ڪونهي. ان ڪان سواءِ انهن مان عام حالتن جي ڪا بہ خبر نہ ٿي پوي. اهي فقط وڏن ماڻهن، عالمن، بزرگن ۽ شاعرن جون تاريخون آهن. عام ماڻهن جي ڪهڙي حالت هئي، انتظام ڪهڙو هو اٿي وڃي ڪهڙي هئي، مالي ۽ سماجي حالت ڇا هئي، نہ فقط ان ڳالهہ جي خبر نہ ٿي پوي پر اها بہ ڄاڻ نہ ٿي پوي تہ سنڌ تي آيل ڌارين حڪومتن هتي ماڻهن سان ڪهڙا ڪلور ڪيا، يا فاتح مفتوح سان ڪهڙي نموني هليو. مرحوم مرزا قليچ بيگ توڙي محمد صديق ميمڻ جي دور تائين سنڌيءَ ۾ جيڪي تاريخون لکيون ويون، انهن ۾ ان شيءِ جو ڪوبہ ذڪر نہ ڪيو ويو آهي. مون ماڻهن جي عام زندگي ۽ فاتحن جي مفتوح سنڌين سان سلوڪ کي ظاهر ڪرڻ جي ڪوشش ۾ مطالع آيل مختلف ڪتابن مان ٽڪرا ڪڍي هڪ هنڌ گڏ ڪيا آهن. مثال طور لسان ڪي اها خبر نہ هئي تہ ارغونن ۽ ترخانن سنڌين تي ڪهڙا ظلم ڪيا! هاڻي اهي بلڪل واڪا آهن. انهن جي ظلمن ۽ ڏاڍ جا جيڪي بہ واقعا هئا اُهي مون سمورا گڏ ڪري تاريخ ۾ ڏنا آهن. پڌرو آهي تہ جيئن تہ اهي فارسيءَ ۾ آهن, ان ڪري انهن جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڏيڻ لازمي آهي. جيستائين سنڌ جي

تاريخ جو سنڌيءَ ۾ ترجمو نہ ٿيندو تيستائين عام ماڻهو ان کي سمجهي نہ سگهندا. دهليءَ وارن مغلن جو دور هميشه ساراهيو ويو آهي. پر انهن جي زماني ۾ اتفاق سان "مظهر شاهجهاني" نالي فارسيءَ ۾ هڪ اهڙي تاريخ لکي وئي آهي، جنهن ۾ مغلن جي گورنرن ۽ خود مغل بادشاهن جيڪي سنڌين سان ظلم، ڏاڍايون ۽ بي انصافيون ڪيون آهن ۽ سنڌين جيڪي اذيتون سٺيون آهن، انهن جو نهايت اندوهناڪ ۽ دردناڪ نقشو چٽيو ويو آهي. اها تاريخ مغلن جي هڪ ڪاردار لکي آهي، جنهن ۾ هن سنڌ ۾ مغلن جي ٿيل ڪوتاهين کي ظاهر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. اها مظهر شاهجهاني تاريخ جيڪڏهن سنڌيءَ ۾ ترجمو ٿي ماڻهن جي آڏو اچي تہ مون کي يقين آهي تہ ان تاريخ پڙهڻ کان پوءِ ڪو بہ ماڻهو مغل حڪومتن جي ساراهہ نہ ڪندو. تاريخ ڪو مذهبي ڪتاب نہ آهي، تاريخي واقعا الهامي نہ آهن، مذهبي فريضو نہ آهن. انهن کي سائنسي انداز سان پڙهڻ ۽ پرکڻ گهرجي. تاريخ هميشه پڙهڻ لاءِ آهي، تلاوت ڪرڻ لاءِ نہ آهي. سنڌ جي تاريخ تي سڀ کان پهريون ڪتاب "چچ نامو" آهي، جيڪو فارسي ۾ لکيل آهي. اسلام کان اڳ جا جيڪي بہ سنڌ ۾ ڪتاب هئا سي سڀ مسلمانن جي انهن حملن ۾ تباهہ ٿي ويا، جهڙي ريت مسلمانن بين هنڌن تي مفتوح ملڪن جا ڪتبخانہ تباهہ ڪيا آهن. سنڌ ۾ عربن جي اچڻ کان اڳ ڪتابن جو تمام وڏو ذخيرو هو جيڪو عربن جي حملن ۾ تباهہ ٿي ويو ۽ پوءِ اها "چچ نامو" تاريخ لکي وئي آهي، جنهن ۾ ڪيترا غلط ۽ هٿ گهڙيل واقعا ڏنا ويا آهن، جيڪي پوءِ ٻاهر لکيل تاريخن سان ڀيٽڻ کان پوءِ غلط ثابت ٿيا آهن. مثال طور اهو چيو ويو آهي تہ ڪراچيءَ جي ديبل بندر تي مسلمانن کي ڦريو ويو زائفون لٽيون ويون ۽ قيد ڪيون ويون. اتان ڀڄي نڪتل ماڻهن وڃي حجاج بن يوسف کي ٻڌايو تہ سنڌ جي ماڻهن مسافرن کي ڦريو آهي ۽ انهن توکي "اغثني يا حجاج" چئي مدد لاءِ پڪاريو آهي. تنهن تي حجاج، محمد بن قاسم کي سنڌ تي حملي لاءِ موڪليو. اهي ۽ ان قسم جا ماڻهو علامتون (Symbol) تي اچن ٿا. اها مسلمان مسافرن جي ڦرواري روايت بلڪل غلط آهي. سنڌ تي حملو مسلمانن جي ڦر جي داد رسيءَ ۽ ڦر جو مال واپس موٽائڻ لاءِ نہ ڪيو ويو هو. ان روايت کي ٿوري دير لاءِ ڪٽي مڃجي تہ اهو

ڪيئن روا ٿي سگهي ٿو ته رستي وينديءَ ڪي چوڙ ڪنهن ڪي ڦرين ته ان ملڪ تي حملو ڪيو وڃي! پئي پاسي ان ڪان اڳ عربن سنڌ تي ڏهه ٻارهن حملا ڪيا، انهن جو ڪهڙو جواز هو؟

ظاهر آهي ته عربن جو ٻين ملڪن وانگي سنڌ تي قبضي ڪرڻ جو باقاعدي پروگرام هو. تاريخ ۾ ان حملي کي جائز ڪرڻ ۽ ملڪ گيري کي قاعدي اندر ڄاڻائڻ لاءِ اهو هڪ هٿ گهڙيو واقعو ڏنو ويو، جيڪو منطق ۾ بلڪل نه ٿو اچي. اهڙيءَ ريت "چچ نامو" تاريخ نه آهي، محض ڏند ڪٿائون آهن. جيڪا به حاڪم قوم ايندي آهي، اها پنهنجي غلط قدمن ۽ عملن جي جواز لاءِ تاريخون لکرائيندي آهي، جنهن ۾ هٿ گهڙيا واقعا درج ڪرائيندي آهي. اهڙي نموني سان اسان جي هر دور جي تاريخ کي بگاڙيو ويو آهي.

ٽيپ رڪارڊر پير صاحب جو آواز محفوظ ڪري رهيو هو ۽ مان سندس زبان مان نڪتل تاريخ جي شفاف جهرڻي جيان وهندڙ ڌارا جي لئه ۾ گم هوس. پير صاحب جيئن بيان پورو ڪري مون ڏانهن سوال ڪرڻ لاءِ نهاريو ته چرڪ ڀري پاڻ کي سنڀاليم ۽ آڏو رکيل ڪاڳر تي نظر ڏري ٻيو سوال ڪيم: "سائين، سنڌ جي قديم تاريخ کي بگاڙڻ جا بنيادي ڪارڻ ڪهڙا آهن؟" پير صاحب وراڻيو:

قديم دور کي ايندڙ دور يا حال ماضيءَ کي بگاڙي، اهو ته سدائين رهيو آهي. ڪنهن به ملڪ جي ڪا به تاريخ صحيح ڪانه لکي وئي آهي. جنهن بادشاهه يا حاڪم تاريخ لکرائي آهي، يا جنهن دور ۾ لکي وئي آهي، انهيءَ بادشاهه کي جائز ثابت ڪرڻ يا ان حاڪم جي حڪومت کي جائز ثابت ڪرڻ يا حاڪم جي حڪومت کي صحيح ثابت ڪرڻ لاءِ گذريل بادشاهن يا حاڪمن جا گناهه لکيا ويندا آهن ته جيئن پڙهندڙ ائين سمجهن ته هيءُ بادشاهه يا حاڪم رحمت جو فرشتو آهي، باقي اڳين بادشاهن يا حاڪمن مصيبتون پي پيدا ڪيون آهن.

هندوستان ۾ جيڪي به تاريخون لکيون ويون آهن، اهي ٻن نوعيتن جون آهن. هڪڙيون تاريخون اهي آهن، جيڪي مغلن ۽ ٻين بادشاهن سرڪاري طور لکرايون، جيڪي ظاهر آهي ته يڪ طرفيون آهن.

ان کان پوءِ جڏهن انگريزن جي حڪومت آئي ته هتي گروهه پيدا ٿيا. هڪ هندن جو ته ٻيو مسلمانن جو. انهن گروهن پيدا ڪرڻ ۾ انگريزن جو پنهنجو مقصد به هو. ان دور ۾ جيڪي به تاريخون لکيون ويون، انهن ۾ ڪي بت اهڙا بنايا ويا، جن جو مسلمان احترم ڪن ته ڪي بت اهڙا ڪڙا ڪيا ويا، جن کان هندو نفرت ڪن. انهن ۾ محمود غزنوي ۽ اورنگزيب عالمگير ۽ ڪي ٻيا بادشاهه سر فهرست آهن. اهي تاريخون تاريخي لحاظ کان نه جواب در جواب طور لکيل تاريخون آهن. مثال طور هندن کي چيڙائڻ لاءِ محمود غزنوي کي مسلمانن جو وڏو سورمو غازي، هندن جو وڏو ڪٽر دشمن ۽ اسلام جي علامت ڪري لکيو ويو آهي. حالانڪ محمود غزنوي هندوستان تي جيڪي به ڪاهون ڪيون، اهي سڀ هن ذاتي ۽ دولت لٽڻ لاءِ ڪيون. اهي اسلام جي سربلندي يا مسلمانن جي ترقي ۽ فائدي لاءِ نه هيون. هن هندوستان تي حملا ڪري رڳو لٽ مار ۽ قتل غارتگري ڪئي ۽ سمورو لٽيل خزانو غزنيءَ ڪٽي ويو.

منصوره جي حڪومت ظاهر آهي ته اسلامي علامت سمجهي ٿي وئي. اهو شهر اتان جا ماڻهو انهن جي اٿڻي ويهڻي مطلب ته سڀ ڪجهه اسلامي نمونو هو. جنهن کي محمود غزنوي تباهه ڪيو. ڪنهن هندو راجا يا مڪاني بادشاه نه ڪيو هو. هن ملتان سان به ساڳي ڪار ڪئي، تنهن ڪري اهڙي شخص کي اسلامي علامت يا اسلام جو علمبردار ڪيئن ٿو چئي سگهجي؟

حقيقت ۾ هو هڪ عام غاصب ۽ ظالم بادشاهه هو جنهن جو اسلام سان ڪوبه واسطو نه هو. جيڪي به مسلمان بادشاهه ٿي گذريا آهن، تاريخ مان ويهي انهن جي ڪردار جو جيڪڏهن ايمانداريءَ سان تجزيو ڪبو ته انهن مان ڪوبه بادشاهه مسلمانيءَ جي نقطي تي يا اسلامي علامت بنجڻ تي، پورو ڏسڻ ۾ نه ايندو. هي بادشاهه به ٻين قومن جي بادشاهن ۽ فاتحن جهڙا هئا.

مغل بادشاهن ۾ اڪبر جون ڪمزوريون معلوم آهن. جهانگير جون اخلاقي ڪمزوريون بيحد گهٽيون آهن. حالانڪ تاريخ ۾ هن کي عادل ڪري پيش ڪيو ويو آهي. پر سندس پنهنجي پيئرن يا اولاد سان جيڪا

روش هئي، ان جي تہ سڀ ڪنهن کي خبر آهي. پيءُ سان بغاوت ڪيائين. هڪ ايراني عورت تي عاشق ٿيو تہ ان جي مڙس کي مارائي هن کي هٿ ڪيائين. شراب بي انتها پيئندو هو. آفيم بہ کائيندو هو. گهڻي شراب پيئڻ ۽ آفيم کائڻ ڪري سندس پويان ڏينهن مايوسي ۽ بي چيني ۾ گذريا ۽ Nerves Breakdown ڪري موت ٿيس. ان کان پوءِ شاهجهان تخت تي ويٺو تنهن بہ پنهنجا پائر مارايا. هاڻي اها ڪهڙي اسلامي خدمت هئي يا هندوستان ۾ شاهجهان جي انهن خوني ڪارروائين کان پوءِ اسلام جو ڪهڙو واڌارو ٿيو؟ ان کان سواءِ هو اخلاقي طور تي بہ تمام ڪمزرو هو. اهو سڀ ڪجهہ تاريخن ۾ موجود آهي. هاڻي جي تاريخ کي عقيدي سان پڙهبو ۽ لازمي طور اهو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪبي تہ مغل بادشاهہ فرشتہ سيرت هئا تہ پوءِ ان جو ڪو علاج ڪونهي!

اورنگزيب تخت حاصل ڪرڻ لاءِ پنهنجي وڏن پائرن سان وڙهيو. داراشڪوهہ ۽ ٻين ٻن پائرن کي مارايائين. پيءُ کي ڪاٺ ۾ وڌائين. وچئين پاءُ جون اکيون ڪيرايائين، وڏي پاءُ کي قتل ڪرائي ان جو سر پيءُ ڏانهن بندي خاني ۾ موڪليائين. مطلب تہ اورنگزيب تخت حاصل ڪرڻ لاءِ وڏيون خونريزيون ڪيون. ڪيترا دفعا سنڌ ۾ اچي وڙهيا. اها انگريزن جي ڪوشش هئي تہ اورنگزيب کي اسلام جو علمبردار ڪري پيش ڪن تہ جيئن هندو اورنگزيب کان چڙڪن ۽ نفرت ڪن ۽ مسلمان هن کي سورمو ۽ اسلام جي علامت سمجهن. اورنگزيب جي ڪردار کي ڏسجي تہ اخلاقي طور بيحد ڪمزور هو. شڪي ۽ بدمزاج هو. هن دکن جي چئن مسلمان رياستن کي ناس ڪرڻ لاءِ پنهنجي حياتيءَ جا پنجويهہ سال خرچ ڪيا. هاڻي سوال ٿو اٿي تہ اورنگزيب جنهن کي اسلام جو علمبردار سڏيو ٿو وڃي، دکن جي انهن چئن ئي رياستن کي ڇو ختم ڪيو؟ ڪيس گهرجي ها تہ انهن مسلمان رياستن کي مستحڪم ڪري ها! پر ائين نہ ڪيائين انهن مسلم رياستن سان ساندهہ پنجويهہ سال جنگيون جوٽيو ويٺو رهيو ۽ مئو بہ اتي ئي.

شاهجهان توڙي اورنگزيب جي زماني ۾ سنڌ ۾ شورشون هيون. سنڌي بهرحال ڌارين جي حڪومتن کان آزادي حاصل ڪرڻ لاءِ وڙهندا

رهيا آهن. ارغونن سان مقابلا ڪيائون. پر سنڌين ۾ جيڪي ذاتي نفاق ۽ عداوتون هيون ان ڪري ڪڏهن ڪڏهن ناڪام به ٿيا آهن ۽ گهڻو ڪري سنڌين کي جيڪا شڪست آئي آهي اها سڌي سنئين وڙهڻ جي ڪري نه آئي آهي پر ڏارين جي سازش ڪري آئي آهي. مثلاً ڄامن جو پاڻ ۾ وڙهڻ ۽ فيروز شاهه تغلق جو موقعي مان فائدو وٺي سنڌ تي حملو ڪرڻ. جنهن ۾ هن ڄامن کي شڪست ڪانه ڏني پر سازش ڪئي. جهانيان جهان گشت بخاريءَ کي دوکو ڏئي وچ ۾ آڻي ڄام کي صلح تي راضي ڪري پوءِ کيس گرفتار ڪيو ويو. مغل، شاهه عنايت سان ويڙهه ۾ پڄي نه سگهيا. مغل گورنر وچ ۾ قرآن مجيد آڻي صلح ڪيو. پوءِ کيس ٺٽي ۾ آندو ويو ۽ قتل ڪيو ويو. هاڻي ڏسڻ ۾ ايندو ته سنڌين جڏهن به شڪست کاڌي آهي يا حڪومت وڃائي آهي ته هميشه سازشن ۽ دوکن سان وڃائي آهي. باقي لڙائي جي ميدان ۾ سنڌين کي ڪڏهن به زير نه ڪيو ويو آهي.

ارغونن ڄام فيروز ۽ صلاح الدين کي ويڙهائي سنڌ جي حڪومت هٿ ڪئي. ارغونن سان درياهه خان وڙهندي شهيد ٿيو ته پوءِ به درياهه خان جا پٽ ۽ راجپوت ارغونن سان هر قدم، هرجاءِ تي مقابلا ڪندا رهيا. هاڻي اهي تاريخي حقيقتون هڪ پاسي آهن ته ٻئي پاسي تاريخن تي جيڪي ڪتاب، اسان ننڍي هوندي کان پڙهيا آهن، انهن ۾ ٻئي قسم جا تذڪرا ڪيل آهن. اهڙي ريت تاريخ کي بگاڙيو ويو آهي. اهو سڀ ان ڪري جو هندن ۽ مسلمانن کي هڪ ٻئي سان ويڙهائڻ لاءِ انگريزن اهڙيون تاريخون تيار ڪرايون. سنڌ ۾ جيڪي ابتدائي تاريخون لکرايون ويون، انهن ۾ ڪو به علم، قوميت، يا وطن سان محبت جو ڪو احوال نه ڏنو ويو آهي. اهي سڀ تاريخون انگريزن پنهنجي سياسي مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ لکرايون آهن ۽ انهن ۾ انتهائي غلط مواد ڀريو ويو آهي ۽ افسوس آهي جو اسان جي ئي مؤرخن انهن تاريخن کي لکيو آهي. انهن م يا ته هو ابوجهه هئا يا لکڻ لاءِ مجبور هئا. هنن هر ٻاهرئين حاڪم کي "ظل الله" يعني خدا جو پاڇو لکيو آهي. پوءِ ڪٿي ان ٻاهرئين بادشاهه. سنڌ جي مسلمان بادشاهه کي قتل ڪيو هجي، جنهن لاءِ کيس ڪو به اسلامي جواز نه ئي ڪو حق هو ته به انهن حاڪمن جي ساراهه ڪئي اٿن. انهن

کي ڏوئي ڇڏڻ گهرجي. انهن تاريخن سان ذهن صاف نہ ٿيندو ۽ اسان جي تاريخ نئين زماني سان هلي نہ سگهندي. ان ڪري ضروري آهي تہ تاريخن کي نئين سر پڙهڻ گهرجي، نئين سر تدوين ڪرڻ گهرجي ۽ جتي جتي تسلسل ٽٽي پيو آهي، ان کي ڳنڍڻ گهرجي. جنهن لاءِ اسان وٽ تمام گهڻو مواد موجود آهي. فقط اسان کي ڪوشش وٺڻ گهرجي. پيسو گهرجي ۽ پنهنجي ادارن کي فعال ڪرڻ گهرجي.

پير صاحب سوال جو جواب ڏئي پورو ڪيو ۽ مان سوچي رهيو هوس تہ: "سنڌين کي ڪمتريءَ جي احساس ۾ مبتلا ڪندڙ انهن تاريخن کي بلڪل ڌوئي ڇڏڻ گهرجي، جنهن لاءِ سنڌ جي موجوده نسل کي وڏي جاکوڙ ڪرڻي آهي......" مون سوال ڪيو تہ: سائين، سنڌ جي موجوده تاريخ کي اصلي صورت ۾ رکڻ لاءِ تہ جيئن آئيندي جا مؤرخ سنڌ جي هلندڙ دور جي تاريخ کي سهيڙڻ ۾ ڪا ڏکيائي محسوس نہ ڪن، ڪهڙيون ڪوششون وٺڻ گهرجن؟" پير صاحب ورائيو تہ:

انگريزن جي وڃڻ کان پوءِ، اسان جي هن وقت جيڪا تاريخ آهي، انهيءَ لاءِ هر ماڻهوءَ کي اخبارن جي ڪٽنگس، يا اڙدو اخبار ۾ سنڌين تي جيڪي حملا ٿي رهيا آهن، انهن جون ڪٽنگس گڏ ڪرڻ گهرجن. مون کي حيرت آهي تہ اردو اخبارون اهي مطالبا ڪري رهيون آهن تہ: "نصابي ڪتابن مان دودي چنيسر جو احوال ڪڍي باباءِ اڙدو مولوي عبدالحق جو احوال ڏيڻ گهرجي." ڇا اسان جي سورمن، اسان جي مشاهيرن کي حق نہ آهي تہ اسان جي تاريخ ۾ لکيا وڃن؟ ڪراچيءَ جو مثال وٺو جيڪا سنڌ پرڳڻي جو گادي هوندي ہ. ڪنهن ہ سورمي جو نالو رستن تي نہ لکيو ويو آهي. سڀ ٻاهرين جا نالا لکيا ويا آهن. هڪڙو شاعر هو. جائو ہ هندوستان ۾ تہ مئو ہ هندوستان ۾، سندس وفاداريون ہ هندوستان سان هيون تہ ہ سائين ان جو نالو هڪ تمام وڏي ۽ مکيہ رستي تي رکيو ويو آهي: "جگر مراد آبادي روڊ!" تہ منهنجو چوڻ آهي تہ هن وقت جي تاريخ تمام آسان آهي ڇاڪاڻ جو اها اسان جي اکيان هلي رهي آهي. اسان تي جيڪي ناجائز حملا ڪيا تا وڃن ۽ جيڪي اسان جا حق ڦٻايا ويا آهن، انهن جا انگ اکر گڏ ڪرڻ گهرجن. روزمره جي واقعن جي باري ۾

جيڪي اخبارن ۾ ڇپجندو رهي ٿو اهو محفوظ ڪرڻ گهرجي. اهو هر سنڌيءَ جو فرض آهي ۽ وقت ايندو جو انهن اخبارن جون ڪٽنگس ۽ ٽڪرا اسان جي تاريخ بنجندي. ان کان وڌيڪ ٻي تاريخ ٿي نہ سگهندي. ڇاڪاڻ جو اسان جي انهن روزمرهہ جي واقعن ۾ عجيب غريب شيون ڏسڻ ۾ اچن ٿيون. نوڪرين، واپار زمين، قرضن ۽ شهرن ۾ سنڌين جي دخل هئڻ جي سلسلي ۾ اسان سنڌين تي جيڪي ملڪ دشمنيءَ جا الزام ڏريا ٿا وڃن، ايتري قدر جو هڪ مسلمان ڪنهن ڪافر تي جيڪي الزام هڻي، اهڙا الزام اسان تي هنيا ٿا وڃن. ان سلسلي ۾ جيڪي ڪجهہ مواد هٿ اچي اهو سڀ محفوظ ڪيو وڃي. جنهن مان اسان جي تاريخ جڙندي. سنڌين سان ناحق ٿي رهيو آهي، ڏاڍ ٿي رهيو آهي ڇاڪاڻ جو قوت هنن جي هٿ ۾ آهي. اخبارون هنن جون رهيون آهن ۽ اسان سنڌين کي پٺتي رکيو پيو وڃي. اسان موجودہ تاريخ کي پنهنجي اکين سان ڏسي رهيا آهيون ۽ ان جي روشنيءَ ۾ اسان ماضيءَ جي تاريخ کي پرکي سگهون ٿا تہ جيڏو هن وقت اسان تي ٻاهرين طرفان ڏاڍ ٿي رهيو آهي، ايڏو ئي ماضيءَ ۾ ٻاهرين حاڪمن طرفان سنڌين تي ظلم ۽ ڏاڍ ٿيو هوندو. ان ڪري ماضي ۽ حال سنڌ جي تاريخ لاءِ بلڪل ڳنڍيل آهي. نا انصافين ۽ ڏاڍائين جو هڪ اڻ کٽ سلسلو آهي. اڄ جيڪي ڪجهہ سنڌين سان وهي واپري رهيو آهي، ان کي گڏ ڪري جيڪڏهن ڪو تاريخ لکي تہ ان کي گذريل دورن ۾ ٻاهرين حڪمرانن جي سنڌين سان ڪيل هلت سان پيٽي سگهجي ٿو. ان ڪري اسان کي اخبارون پڙهي اڇلائڻ نہ گهرجن. اخبارن ۾ درج ٿيل اهي سموريون ڳالهيون ۽ واقعا، ڪوري ڪاغذ تي رکڻ گهرجن. مثال طور سنڌي ٻوليءَ کي تسليم ڪرائڻ لاءِ جيڪا پندرهن سالن کان هلچل ڪئي وئي آهي، اها ڪنهن کي بہ ياد نہ هوندي. پر مون وٽ اخبارن جون ڪٽنگس آهن ۽ مان سمجهان ٿو تہ فقط اهو مواد سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ لاءِ ڪافي آهي.

مون پير صاحب کان سوال ڪيو:

سائين سنڌ جي سرزمين تي صوفين جي پرچار جو گهڻو اثر آهي، ان تصوف مان سنڌي قوم جي مجموعي سرت ۾ واڌارو ٿيو آهي يا نہ۔ توهان ان بابت ڇا ٿا چوڻ چاهيو؟ پير صاحب ورائيو:

سنڌ تي صوفين جو وڏو اثر آهي جيڪو نہ فقط مسلمانن تي پر هندن تي بہ يڪسان آهي. توهان کي معلوم هوندو تہ هندو مسلمان بزرگن ۽ صوفين جا مريد هئا. شاهہ عنايت، شاهہ لطيف، سچل، ٻيڙي فقير، بيدل بيڪس، ڪنڊڙي وارن توڙي اڏيري لال جا هندو بہ مسلمانن وانگي مريد هئا. مطلب تہ تصوف جي سلسلي سنڌ جي مسلمانن ۽ هندن مان مذهبي ويڇوڻي کي هڪ طرف تہ مذهبي ڪٽرپڻي کي ٻئي طرف ختم ڪري ڇڏيو آهي. هندن ۽ مسلمانن ۾ اقتصادي فرق برابر هو جيڪو بہ سنڌي مسلمانن جي عملن جي ڪري هو. اسان ۾ جيڪا انساني همدردي آهي، انساني قدر آهن، دلين ۾ نرمائي، اکين ۾ حياءُ شرم، پاڙي وارن سان مهر محبت جو سلوڪ آهي، اهو سڀ ڪجهہ اسان کي تصوف جي ڪري حاصل آهي. پر هاڻي جيئن حلوو وڌيڪ کائي وڃجي ۽ پوءِ بدهضمي پيدا ٿئي، تيئن جيڪڏهن اسان سؤ سيڪڙو تصوف تي هلنداسين تہ ظاهر آهي تہ اسان کي تڪليفون پهچنديون. تصوف ۽ صوفين جي تعليم اسان سنڌين لاءِ ترياق ۽ اڪسير آهي. باقي جيڪو چيو وڃي ٿو تہ اسان جي قوم جي سستي ۽ ڪاهلي صوفين جي اثر ڪري آهي، بلڪل غلط آهي. ان سستي ۽ ڪاهليءَ جا ٻيا ڪارڻ آهن. ان جو هڪ ڪارڻ سنڌ ۾ جاگيرداري ۽ زميندارو سرشتو آهي. جنهن هيٺ زميندار سنڌ ۾ وچولو طبقو پيدا ڪرڻ نہ ٿو ڏئي تہ جيئن اهو وچولو طبقو ڪرسين تي ويهي سندن مقابلو نہ ڪري. ان ۾ پاڪستان کان اڳ هندوءَ ۽ پاڪستان کان پوءِ ٻاهرئين ڪاموري ملي، سنڌ جي زميندار جو ساٿ ڏنو آهي ۽ سرپرستي پڻ ڪئي آهي. ٻيو ڪارڻ اهو آهي تہ هر دور ۾ سنڌ تي ڪا نہ ڪا ڌارين طاقت رهندي آئي آهي، جنهن سنڌين کي اڳتي وڌڻ ۽ خوشحالي ماڻڻ کان محروم پئي رکيو آهي. جيئن هلنڊڙ دور ۾ اسان کي چيو پيو وڃي تہ توهان تي هندن جو قبضو هو ۽ انهن توهان کي غلام بنائي رکيو هو ۽ هاڻي توهان آزاد آهيو. اسين چئون ٿا تہ اقتصادي طرح اسان اڃا بہ بدحال آهيون، جيئن هندن جي زماني ۾ هئاسين. تہ جواب ۾ چيو پيو وڃي تہ توهان ۾ اهليت ئي نہ آهي. توهان سست ۽ ڪاهل آهيو اڳتي وڌڻ جي ڪا بہ ڪوشش نہ ٿا ڪريو. مان ٿو پڇان تہ انهن هندوستان

مان لاڏي آيل مسلمانن تي به ساڳي طرح هندوءَ جي بالادستي هئي ۽ هتي اچي هو پاڻ کي اهل ۽ لياقت وارو پيا سڏائين ته پوءِ انهن هندوستان ۾ ڇو نه ٿي پنهنجي اهليت ۽ لياقت جا جوهر ڏيکاريا؟ ڳالهه پڌري آهي. اهي هندوستان مان لاڏي آيل مسلمان اتي اسان وانگر اقتصادي بدحالي ۾ مبتلا هئا ۽ هتي اچي جوهر ڏيکاريا اٿن. اهڙي ريت سنڌين جي پوئتي پوڻ جو مکيه ڪارڻ اهو آهي ته پاڪستان ٺهڻ وقت سواءِ هڪ ڇٽي جي، ٻي پوري حڪومت ٻاهران ٺهي آئي هئي. ان ڪري هتي سنڌ ۾ هندن جون ڇڏيل نوڪريون، واپار ۽ ٻيون ملڪيتون هنن جي هٿ اچي ويون. اسان ساڳي بدحالي ۾ رهجي وياسين. اهڙي ريت سنڌين جي ترقيءَ جا پورا وسيلا ۽ رستا هنن روڪي ڇڏيا آهن ته پوءِ اسان موڳا ۽ سست نه ٿينداسين ته ٻيو ڇا ٿينداسين! ان ۾ تصوف جو ڪوبه ڏوهه نه آهي. هيءُ هندوستاني مسلمان هتي لکين ايڪڙ زمين، هر اداري ۾ نوڪرين ۽ هر هنڌ تي بنگلن جا ڏٽي ٿي ويٺا آهن. اسان کي خبر آهي ته هندوستان ۾ انهن وٽ ڪجهه به ڪونه هو. اهو سڀ ڪجهه ڪوڙن ڪليمن جو ڪرشمو آهي. حڪومت سندن ٿي هئي پوءِ ناني رڏڻ واري ڏوهتا ڪاٺڻ وارا وارو حساب هو. حسام الدين کي هتي ڪراچيءَ ۾ رهڻ لاءِ جاءِ ڪانهي ۽ هيءُ جيڪي هتي خالي هئا، هتي خالي آيا هئا، اهي پنج پنج ڇهه ڇهه بنگلن جا مالڪ آهن. مطلب ته بئنڪن ۾، ميونسپالٽين ۾ سندن ماڻهو آهن. ريهبليٽيشن (آبادڪاري) کاتو سندن هٿ ۾ هو سو وٺي ڪٽي پنهنجن مٽن مائٽن، دوستن يارن يا گوٺ وارن کي ورسايو اٿن. جيڪي آساميون نڪرن ٿيون، اهي پاڻ ۾ ورهايو ويٺا آهن. سنڌين کي نه ڪا نوڪري ٿي ملي، نه قرض تو ملي ۽ نه ئي ڪو پلاٽ تو ملي جو جاءِ ٺهرائي سگهن. اخبارون هنن جون آهن ٿوري گهٽي ڳالهه تي وٺي ٿيون واءِ ويلا مچائين، ان ڪري هنن اسان کي منجهائي رکيو آهي. اسان سست نه آهيون. اسان جسماني توڙي دماغي لحاظ کان فقط پاڪستان ۾ نه پر هندوستان ۾ برڪ آهيون. توهان ڏسندؤ ته زندگيءَ جي هر شعبي ۾ اسان جا ذهين ماڻهو موجود آهن. لکندڙن ۾ به اسان هنن کان تمام مٿي آهيون. هنن وٽ لکندڙ به نه آهن. جيڪي سٺا لکندڙ آهن سي به پنجاب سان

تعلق رکن ٿا. هنن ۾ ڪا به لياقت نه آهي. پوءِ اسان اقتصادي طور تي بدحال آهيون ته اهو سنئون سڌو حساب جو معاملو آهي ۽ اهو هرڪو سمجهي سگهي ٿو ته اسان کي اڳتي وڌڻ نه ٿو ڏنو وڃي.

مون سوال ڪيو: "پاڪستاني ثقافت بابت ڪراچي ٽيليويزن تي ٽيل مذاڪري ۾ توهان جيڪي ڪجهه چيو ان جي خلاف اردو اخبارون باقاعدي لکي رهيون آهن. توهان مهرباني ڪري ان تي تفصيلي روشني وجهندا؟" پير صاحب وراڻيو:

ادا ڳالهه هيءَ آهي ته انهن جو دماغ خراب ٿيو آهي. انهن جو نه مطالعو آهي نه سمجهه اٿن. هندوستان مان جيڪي اهي اسان جا پاڻ آيا آهن، اهي گهرن ٿا پيا ته جيڪي ڪجهه-هنن وٽ هندوستان ۾ هو اهو هتي ٿئي، ۽ ان جو نالو اسلام. ان جو نالو پاڪستان ۽ ان جو نالو پاڪستاني ثقافت ٿئي. جيڪڏهن اسان کي اها صورت هتي اختيار ڪرڻي هئي ته پوءِ هندوستان کان جدا ٿيڻ جي ضرورت ڪهڙي هئي! ظاهر آهي ته هتان جي تهذيب، تمدن ۽ ثقافت، هندوستان جي تهذيب، تمدن ۽ ثقافت کان بلڪل جدا آهي. پنجاب، سنڌ، سرحد ۽ بلوچستان، انهن سمورن پرڳڻن کي پنهنجون مخصوص ثقافتون، تاريخون ۽ روايتون آهن. پاڪستان کي وجود ۾ آئي مس چويهه ورهيه گذريا آهن، جيڪي سياسي خلفشار ۾ گذريا آهن ۽ هاڻي ويهي پاڪستاني ثقافت بابت مذاڪرا ڪرائڻ، منهنجي خيال ۾ وقت کان اڳي ۽ اجايو آهي. ڪابه ثقافت، تهذيب ۽ تمدن ويهن پنجويهن سالن اندر پيدا نه ٿيندي آهي. ثقافت ٺاهي نه ويندي آهي پر خود نسلن گذرڻ کان پوءِ غيرشعوري طور پنهنجي صورت اختيار ڪندي آهي. مثال طور مون انگريزي لباس اوڍيو ته انگريز ڪونه ٿي پوندس! مان سمجهان ٿو ته هتي ڪنهن نئين ثقافت ٺاهڻ جو ڪو ضرور ناهي. هتي جي چئن ئي پرڳڻن جو مجموعو پاڪستان آهي ته پوءِ اسان جي سنڌي ثقافت به پاڪستاني ثقافت شمار ڪري سگهجي ٿي. هاڻي پاڪستاني ثقافت جو نعرو بلند ڪرڻ ۾ سواءِ ان جي ته هندوستاني ثقافت جي اسان جي چئن ئي پرڳڻن جي ثقافتن تي بالادستي قائم ٿئي، ٻيو ڪو مقصد نه آهي. فطرت جو قانون آهي ته

جيڪڏهن ڪي پاهريان ماڻهو ايندا آهن ته انهن کي زماني جي رفتار سان هتي جي اصلوڪي ثقافت ۾ جذب ٿي وڃڻو پوندو آهي. مون کي تعجب لڳو ته هي ماڻهو ان شيءِ تي مذاڪرا ڪرائي قومي پيسي ۽ وقت جو زيان ڪرائي رهيا آهن. جنهن جو نه ئي ڪو وجود آهي، نه ئي وجود ۾ اچڻ جو ڪو امڪان آهي. هتي پنجين ثقافت پيدا ڪرڻ جو ڪو سوال ئي پيدا نه ٿو ٿئي. باقي جيڪو مغل ثقافت جو راڳ ڳايو پيو وڃي، اها ثقافت مون کي ته نظر ئي نه ٿي اچي. مغل ثقافت ڪي، اسلامي ثقافت ته درڪنار انساني ثقافت به چئي نه ٿو سگهجي ۽ اهڙي مغل ثقافت جو اسان جي حالتن ۽ ڪيفيتن سان ڪوبه نهراءُ ٿي نه ٿو سگهي. مغل فقط بادشاهه هئا، فرد هئا ۽ جيئن ته ڏاڍا بادشاهه هئا، ان ڪري انهن جو عوام سان ڪوبه لاڳاپو نه هو. سنڌن اٿڻي ويهڻي فقط سنڌن تائين يعني، بادشاهن، شهزادن ۽ اميرن تائين محدود هئي. هاڻي اسان جڏهن عوام جو نالو پيا ٿا وٺون ۽ مٿئين طبقي کي گڏي آڻي عوام سان شامل پيا ڪريون ۽ طبقاتي فرق مٽايون ٿا پيا ته پوءِ ان زبون ٿيل بادشاهي ثقافت جو راڳ ڇو! ان بادشاهي ثقافت ۾ ڪيتريون ئي بيهودگيون هيون. مثال طور واجد علي شاهه لکنو جي ثقافت! واجد علي شاهه جو هڪ بادشاهه هو، بيحد ڪمزور، هن ۾ گهٽيون ئي اوڻايون ۽ عيب هئا. هن جي اها حالت هوندي هئي جو به مهينا پاڻ کي ڪمري ۾ بند ڪري ڇڏيندو هو ڇي: بادشاهه کي حمل ٿيو آهي، سو هاڻي اسقاط ٿيندو. يا محمد شاهه رنگيلي جيڪي دربار ۾ ميراثي گڏ ڪيا هئا ۽ هڪ نئين ثقافت جو مظاهرو ڪيو هئائين. هاڻي واجد علي شاهه جي لکنوءَ جي ثقافت، محمد شاهه رنگيلي جي ميراثن جي ثقافت ۽ مغلن جي راجپوت راڻين جي ثقافت، پاڪستاني ثقافت آهي؟ ڇا اسان اها پاڻ تي مڙهي سگهنداسين!

اها مغل ثقافت هڪ قسم جي مجهول، غير اسلامي ۽ غير انساني آهي ۽ منهنجي خيال ۾ موجوده حالتن ۾ اسان لاءِ زهر آهي. مغل انتهائي عياش، ظالم ۽ عوام جي دولتن مان عيش عشرت ڪندڙ هئا. انهن جو عوام سان ڪوبه واسطو نه هو. پوءِ اهڙي ثقافت جو راڳ آلاپڻ، اسلام ۽ پاڪستان جي نالي ۾ هندوستاني ثقافت مڙهڻ جي ڪوشش

ڪان سواءِ ٻيو ڪجهہ نہ آهي. باقي رهيو اڙدو اخبارون، سي گهڻو ڪري ٻي سروپا ڳالهيون لکنديون آهن. انهن ڪي پنهنجو وڪرو وڌائڻ ۾ اردو دانن جي رت کي گرم رکڻ لاءِ ڪو نہ ڪو شوشو ڇڏڻو پوندو آهي. سنسني خيزي تہ انهن اخبارن جو ڌنڌو آهي. منهنجي خلاف تہ اهي اخبارون زبان جي مسئلي ڪان وٺي لکنديون رهيون آهن ۽ مان انهن ڏي ڌيان نہ ڏيندو آهيان. مان جيئن مٿي ذڪر ڪري آيو آهيان تہ تاريخ کي هڪ الهامي يا مذهبي ڪتاب جي حيثيت سان پڙهڻ نہ گهرجي، ان کي هڪ تاريخ جي حيثيت سان پڙهڻ گهرجي. مون مغل ثقافت لاءِ "حرامي" جو لفظ ڪتب نہ آندو آهي. ان مذاڪري ۾ جڏهن اهو ذڪر نڪتو تہ مغل تهذيب پاڪستان جي ثقافت ٿيڻ گهرجي تہ مون کي سخت تعجب لڳو تہ ڪاڏي مغل ڪاڏي اسان! مغلن جو پاڪستان سان ڪهڙو واسطو؟ مغلن جو واسطو هندوستان سان هو. ڇيو ويو تہ مغل اسلام جا اڳواڻ هئا. مون ڇيو تہ بابر کي ڪهڙو ٿي حق پهتو جو ابراهيم لوڌيءَ تي حملو ڪري. بابر تہ شرابي هو، خود لکيو اٿن تہ هن هتي اچي شراب جا دنگ پچارايا. ابراهيم لوڌي ڪانئس وڌيڪ پڪو مسلمان هو. شريف النفس هو. مسلمان بادشاهن ڪان ملڪ کسڻ ۽ انهن کي قتل ڪرڻ تہ پري رهيو پر مغلن جيڪي هڪ ٻئي جون، پائرن ۽ اولاد جون خونريزيون ڪيون، ان سان اسلام جي ڪهڙي خدمت ٿي؟

تاج محل کي حرامي چوڻ تہ منهنجو ڪم نہ آهي. ڇاڪاڻ جو اها هڪ بهترين عمارت آهي ۽ بحيثيت عمارت جي فنون لطيفہ ۾ ان کي وڏو درجو حاصل آهي. پر مسئلو هو تہ آيا اهڙي عمارت، هڪ عورت جي قبر تي اڏڻ جو اسان جي هتي پاڪستان ۾ حق پهچي ٿو يا نہ؟ اهو پيسو قومي ڀلائي جي ڪمن تي خرچ ٿيڻ گهرجي. مون کي يقين آهي تہ اسان جي قوم انهن عمارتن کي پنهنجي ثقافتي علامت ڪري ڪڏهن بہ قبول نہ ڪندي. باقي مون اتي اهو چيو هو تہ مغلن جيڪي هندو راڻيون پنهنجي حرمن ۾ شامل ڪيون هيون، انهن مان پيدا ٿيل اولاد کي توهان ڪهڙي شرعي حيثيت ڏيندا؟ ڇاڪاڻ جو هندو اهل ڪتاب نہ آهن، انهن اسلام بہ نہ قبوليو هو انهن سان نڪاح جائز نہ هو تہ اهڙي حالت ۾ جيڪي مغل شهزادا ۽ بادشاهہ هندو راڻين جي پيٽ مان پيدا ٿيا، انهن کي ڇا سڏيو ويندو؟

مان سمجهان ٿو تہ هندو راڻين کي زوريءَ حرمن ۾ داخل ڪرڻ ڪري، مغلن ۾ جيڪي اسلام جا جزا هئڻ گهربا هئا، اهي منجهائن نڪري ويا. اڪبر بادشاهہ تي ان جو وڏو اثر هو. جنهن اسلام ڇڏي نئون مذهب "دين الاهي" ناهيو. جهانگير جي ماءُ هندو هئي، ان ڪري جهانگير تي اثر ٿيو. هندو راڻين جي ڪري مغلن ۾ گڏيل سڏيل مذهبي جذبو پيدا ٿيو. جيڪو اسلامي جذبو بلڪل نہ هو. درشن يا جڳهن ۾ جهروڪا نهرائڻ، سج ۽ پاڻيءَ جي پوڄا ڪرڻ مغلن جي اٺٽي وهٽي ۾ شامل آهي. جيڪو اسلام ۾ بلڪل ناجائز ۽ غير شرعي آهي. ان ڪان سواءِ انهن مغل بادشاهن جي اعمالن ۽ ڪردارن جي ڪري، باوجود چار سؤ ورهيہ هندوستان تي حڪومت هئڻ جي بہ مسلمان اقليت ۾ رهيا ۽ اڄا تائين اقليت ۾ آهن. هاڻي جن بادشاهن جي ڪردارن سان نہ تہ اسلام کي تقويت پهتي، نہ ئي مسلمان وڌي سگهيا تہ پوءِ انهن بادشاهن کي اسان ڪهڙي نموني سان اسلام جو علمبردار سڏي سگهون ٿا! انهن جا اعمال توڙي ڪردار ڪنهن بہ صورت ۾ تقليد جي قابل نہ آهن. منهنجو خيال آهي تہ اسان جي مهاجر دوستن کي "فسانہ آزاد" ۽ "طلسم هوشربا" جي ماحول مان نڪرڻ گهرجي. تاريخ ۽ تاريخي واقعن کي توڙڻ گهرجي. تاريخ کي مذهب نہ بنائڻ گهرجي. هر شيءِ جي تور تڪ ڪري پوءِ لکڻ گهرجي. جيڪي مسئلا آهن، اهي مون کي گاريون ڏيڻ سان، يا سنڌين کي گاريون ڏيڻ سان، يا اردو جي برتري ۽ سنڌي ٻولي جي اهميت گهٽائڻ سان، يا سنڌي ثقافت کي تسليم نہ ڪرڻ سان نبيرجي نہ سگهندا. اهو سڀ ڪجهہ ان ڪري آهي، جو اسان جا مهاجر دوست حقيقتن کي مڃڻ کان پڙ ڪيو بيٺا آهن. پيو تہ هنن ۾ هن وقت نہ ڪو مؤرخ آهي نہ ڪو اديب ۽ عالم آهي. نہ ڪو ڪتاب ٿو پڙهي نہ ڪو ڪتاب خريد ٿو ڪري. هنن ۾ مطالعي جو شوق بنهہ نہ آهي. هو مست ٿيا پيا آهن. دولت ۽ ثروت ۾. هو فقط گاريون ڏئي ڄاڻن. مغل گڏيل هندوستان جا حاڪم هئا، سنڌن مٽ مائٽ، ڀڦات، ماسات تہ ڪونہ هئا، پوءِ انهن بابت ڪنهن ڳالهہ تي مون کي چڙ نہ تي وني ڪين چڙ چو تي وني؟ مان سمجهان ٿو هو تہ پنهنجي محدود علم ۽ ڄاڻ جي ڪري بلڪل معذور آهن.

الزام آهن اسان تي! هيءَ ٿيا محب وطن! ان تي ويهي بحث ڪرڻ بيڪار آهي. انهن تي توجه ئي نہ ڏيو.

پير صاحب کي هاٽي وڏيڪ ڪاوڙ پي آئي. پر مون جو سندس دل پسند موضوع تاريخ تي سوال ڪيو تہ ڏٺم تہ پير صاحب جي ڪاوڙ ڪافور ٿي وئي، ائين جيئن ڪو محبوب جو ذڪر ٻڌي خوش ٿئي. مون پڇيو تہ: "سائين، توهان جيئن مٿي ذڪر ڪيو آهي تہ تاريخ تي جيڪي توهان ڪتاب ڇپيا آهن. اهي فارسيءَ ۾ آهن ۽ انهن کي سنڌي ترجمي ۾ آڻڻ جي سخت ضرورت آهي، ان ڏس ۾ توهان ڪهڙيون ڪوششون وٺي رهيا آهيو؟" پير صاحب جواب ڏنو تہ:

ادا منهنجي ڄمار هن وقت چوهٺ ورهيہ آهي. جيڪي فارسي ماخذ آهن، انهن جي جيڪڏهن ڇپائڻ جي ڪوشش ڪريان تہ منهنجي زندگي جا چند سال تہ ڇڏيو (مون وچ ۾ چيو تہ الله توهان کي وڏي حياتي ڏي) اجا پنجاهہ سال گهرجن. منهنجوڪم متن شايع ڪرڻ آهي. ان ۾ مون ٽي چار ڪتاب سنڌي ۾ لکيا آهن. مون تاريخ کي نئون موڙ ڏنو آهي. مون کان اهو ٿي نہ سگهندو تہ انهن ڪتابن جا ويهي سنڌي ۾ ترجما ڪريان. ان لاءِ ڪو ٻيو شخص تيار ٿئي. سنڌي ادبي بورڊ ۽ سنڌالاجي کي انهن ڪتابن جا ترجما ڪرائڻ گهرجن. اهي ٻئي ادارا ڪم ڪونہ ٿا ڪن، سست ٿي ويا آهن. سنڌ جي تاريخ تي ماخذ شايع ڪرڻ ڪم نہ آهي، اهو تہ ٿيو بنياد وجهڻ. ڪم اجا ٻيو شيءِ آهي. اسان جو فرض آهي تہ سنڌ يونيورسٽي ۾ سنڌ جي تاريخ تي الڳ شعبو قائم ڪرايون. سنڌ جي قديم تهذيب، جيڪا پنج هزار ورهيہ پراڻي آهي ۽ جيئن هر ملڪ کي پنهنجي تهذيبن تي فخر هوندو آهي، تيئن اسان کي بہ پنهنجي تهذيب تي فخر ڪرڻ گهرجي، ان ڪري بلڪل ابتدائي تعليم جي نصابي ڪتابن ۾ سنڌ جي قديم تهذيب، تاريخ ۽ ناليرين شخصيتن جا ذڪر اذڪار آڻڻ گهرجن تہ جيئن سنڌي ٻار کي ننڍي هوندي کان پنهنجي تهذيب ۽ تاريخ جي ڄاڻ حاصل ٿئي. پر ادا، اسين آهيون پرائي وس! سنڌيءَ جي نصابي ڪتابن ۾ سنڌ جي چند نامور هستين جو ذڪر آيو آهي تہ اردوءَ جي اخبارن ۽ لکندڙن محشر مچائي ڏنو آهي ۽ اسان جا صاحب قدرت ماٺهو معاملي جي تہ ۾ ڪو نہ

ٿا وڃن، فقط اخبارن کي ڏسي متاثر ٿا ٿين. هاڻي جي چند ماڻهن جي لکڻ تي اسان ڏاهيءَ جا سزاوار آهيون تہ پاڻ هرتو ڪم ڪيئن ڪري سگهنداسين. اهو تہ سرڪار ۽ سنڌين کي فيصلو ڪرڻو آهي.

باقي سنڌ جي تاريخ جا ترجما، سنڌ جي سلسلي وار تاريخ لکرائڻ، تاريخ، ثقافت ۽ علم جي ٻين ڪيترن ئي شاخن تي تحقيق ٿيل نہ آهي، اها تحقيق ڪرائڻ، سنڌ جي قديم تاريخي جڳهن ۽ آثارن کي محفوظ ڪرڻ اسان جو قومي فرض آهي. ٻيو تہ جيڪڏهن تاريخ کي سنڌيءَ ۾ نہ آندو ويو تہ ان جي ماڻهن کي پنهنجي تاريخ جي ڪيئن خبر پوندي، ڪيئن سرت ۽ جاڳرتا پيدا ٿيندي ۽ ڌارين جا سنڌي قوم تي ٿيل ظلم هن جي نگاهہ ۾ ڪيئن ايندا. پنهنجي ۽ پرائي ۾ جيڪو شرافت ۽ همدرديءَ جو فرض آهي، ان جو هن کي ڪيئن احساس ٿيندو؟ ان ڪري تاريخ کي سنڌي ٻولي ۾ آندو وڃي، جيڪو اسان جي قومي زندگيءَ جو ثبوت ٿيندو. اسان کي هٿ وٺي پوئتي رکيو ويو آهي. گذريل ويهن سالن ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ سنڌي ڊاڪٽوريٽ جي ڊگري ڪانہ ڏني ويندي هئي. هاڻي اسان ڪوشش وٺي اهو ڪم ڪرايو آهي، جنهن ڪري غلام علي الانا ۽ ٻين ٻن ٽن کي سنڌي ۾ ڊگريون مليون آهن. ٻئي پاسي ساڳي سنڌ يونيورسٽي مان ڊاڪٽر غلام مصطفي خان ٽيهن کان وڌيڪ شخصن کي اڙدو ۾ ڊاڪٽوريٽ جون ڊگريون ڏياريون آهن. ان ۾ جيڪي هنن ٿيسس Thesis پيش ڪيون آهن، اهي هتي ڪراچي ۾ پيسن تي لکرايون ويون آهن. اڄ بہ اهي جيڪڏهن منهنجي سامهون اينديون تہ مان نہ ٿو سمجهان تہ اهي ڪو تاريخي ۽ علمي ترازو تي پوريون لهي سگهنديون. مطلب تہ اهو سڀ ڪجهہ پنهنجن کي ورسائڻ آهي. اسان ورسائڻ تہ ڪو نہ ٿا گهرون، اسان تہ حق ٿا گهرون تہ جڏهن تہ سنڌي زبان ۾ لکندڙ موجود آهن تہ پوءِ ڇو نہ تحقيق ڪرائي وڃي، اسان جي حڪومت کي انصاف کان ڪم وٺڻ گهرجي. هڪ قوم کي ائين قربان ڪرڻ ڪو نهي ٿو!" پير صاحب خاموش ٿي مون ڏي نهارڻ لڳو.

اروڙ جو اهو خاموش فرياد آهي. مون کي يقين آهي تہ سنڌ جو نئون نسل ان فرياد کان خاموشي ڦري وٺندو ۽ سنڌي قوم کي قربان ٿيڻ نہ ڏيندو.

---

# پير حسام الدين راشديءَ سان

## هڪ ڀرپور انٽرويو

[هي انٽرويو خان محمد پنهور، شمشير الحيدري، نفيس احمد شيخ، ڊاڪٽر نواز علي شوق، طارق عالم ابڙي ۽ محمد قاسم ماڪا ورتو ۽ ماهوار "نئون نياپو" نومبر- ڊسمبر 1980ع ۾ شايع ٿيو. پير صاحب جو ڏنل هي طويل ترين انٽرويو متعدد ڀيرا ڇپيو آهي]

س: خانداني حالات کان واقف ڪريو.

ج: لکياري سادات خاندان ٺٽي پرڳڻي ڪنگري ۾ هتو. اتان ٻائرن کان جدا ٿي منهنجو ڏاڏو سيد پير شاهہ لڏي، ڳوٺ ٻهمڻ ضلع لاڙڪاڻي ۾ آيو. آءٌ ۽ منهنجو وڏو ڀاءُ علي محمد شاهہ ٻئي ٻهمڻ ۾ پيدا ٿياسون. ننڍپڻ ٻهمڻ ۾ ئي گذريو پر ذهني پرورش تي حقيقت ۾ مختلف اثر هئا: ٻاهر جا، گهر جا، وڏن جا، ڪتابن جا، اٺي ويٺي جا، وغيرهہ. ڪتابن يا درس مان ماڻهو ايترو نہ ٿو پرائي، جيترو ڪتابن سان گڏ مجلس ۽ سٺي صحبت وغيرهہ مان. انساني اصل سکيا تاريخ جي تشڪيل ڏيندڙ ماڻهن سان اٺي ويٺيءَ مان ئي ٿئي ٿي. ڪتابن مان علم ملي ٿو پر ان سان پختگي نہ ٿي پيدا ٿئي. جيئن اسان وٽ چوڻي آهي تہ "پڙهيو پر ڪڙهيو ڪين." منهنجي سڄي پرورش چڱن ماڻهن سان اٺي ويٺيءَ مان ٿي آهي.

س: توهان جو خاندان اڃا تائين پير ڪري ٿو چورائي، پيري مريديءَ جي ان ماحول مان ڪيئن نڪتا؟

ج: اسان جو خاندان اصل ۾ تہ پير آهي. اوائلي ڏنڌو تہ "نذر نياز" وٺڻ هو. پير علي محمد شاهہ وڏو هو. وڏي ڀاءُ جي حيثيت ۾ خانداني روايتن موجب گاديءَ تي سندس حق هو پر هن ننڍي ڀاءُ کي گاديءَ

تي ويهاريو ۽ پاڻ پڙهڻ وغيره ۾ مصروف رهيو. پاڻ پيريءَ جي ڌنڌي کي ڇڏي ڏنائين. علي محمد شاهه جي فرزند يعني اسان جي ڏاڏي پير شاهه به زميندارِي ڪئي. ان جو فرزند حامد شاهه ٿيو. هن پڻ زميندارِي ڪئي. ان جا پٽ اسان آهيون ۽ اسان به ڌنڌو زميندارِي اختيار ڪيو. اهڙيءَ طرح اسان جي شاخ مان پير مريديءَ واري ڌنڌي جي پاڙ پٽجي وئي.

س: پير صاحبن ۽ زميندارن، ٻنهي جو سنڌ جي باري ۾ ڪردار ساڳيو رهيو آهي. ان سلسلي ۾ اوهان جا ڇا خيال آهن، ته اسان جو نسل ان چڪر مان ڪيئن نڪرندو؟

ج: مان انهن ٻنهي کي مردود ٿو سمجهان. هڪ خاص سازش جي ماتحت سنڌ جي ذهن کي منجهائي مصيبت ۾ آندو ويو آهي. ڇاڪاڻ ته جيڪڏهن ذهن آزاد هجي ها ته پوءِ انهن کي ڪوبه ڪونه ليکي ها. پير يا زميندار جي بقا تڏهن ئي ٿي سگهي ٿي جڏهن سنڌ جو ماڻهو منجهيل رهي ۽ معذور هجي ۽ سندس هٿ هر وقت تنگيل هجي، تنهنڪري هنن هميشه ڪوشش ڪري سنڌ جي ذهن کي مفلوج رکيو جنهن جو نتيجو اهو نڪتو جو اسان اڄ ڏينهن تائين پيا لوڙيون ۽ سنڌ به ڏوجهرن ۾ آهي. سنڌ ۾ سڄي ذلت هنن جي پيدا ڪيل آهي.

س: اوهان هڪ سٺي علمي خاندان جي پس منظر سان، اڳتي باقاعده تعليم ڇو نه پرائي سگهيا؟

ج: اسان ٻئي پائر اسڪولي تعليم پرايون ها، ته اڄ بس "سگا" جا ميمبر هجون ها (ٽهڪڙو)! اسڪولي ۽ غير اسڪولي تعليم جو مقصد اهو نه ٿيندو آهي. تعليم اها شيءِ آهي، جنهن سان رچي ماڻهو تيار ٿئي.

س: ته به اها توهان جي بزرگن کان ڪيئن سهو ٿي، جو زماني جو علم توهان کي نه ملي سگهيو؟

ج: اڳي تعليم ٻن قسمن جي هئي، هڪ محفلي مجلسي ۽ ڪتابي، جيڪا بزرگ ويهي پاڻ حافظ ۽ مثنوي جا شعر وغيره پڙهي ۽

ڪچهريون ڪندا هئا. ٻي تعليم هئي نوڪريءَ جي سلسلي ۾. نوڪريءَ جي سلسلي واري تعليم لاءِ مشهور اهو ٿيو ته "بابا. ٻارن کي اسڪولن ۾ پڙهايو ته نوڪري ملي." اسان کي ڇاڪاڻ ته نوڪريءَ جي ضرورت ڪا نه هئي، تنهنڪري به اسڪول ۾ ڪونه وياسين ۽ اسڪول ۾ ان ڪري به نه وياسين، جو ڳوٺ جي پسگردائيءَ ۾ ڪو اسڪول نه هو. اسان لاءِ ڏاڏي مرحوم مسجد ۾ مدرسو تيار ڪرايو هو جنهن ۾ باقاعدهه تحصيل وارو مولوي صاحب هو. اسان ان مدرسي ۾ ئي پڙهياسين پر پڳ ٻڌڻ جي نوبت نه آئي. اسان ٻنهي ڀائرن جي رسمي تعليم ان ڳوٺاڻي مدرسي تائين محدود آهي. اڳتي جيڪي علم حاصل ڪيوسين سو پنهنجي شوق ۽ جفاڪشيءَ سان.

س: توهان کي خاص طور تي فارسي زبان ۾ درڪ آهي. ته ائين ڪونهي ڪو ته "فارسي گهوڙي چاڙهسي" واري نقطئہ نظر سان توهان کي ان طرف ڏانهن رغبت ٿي وئي هجي؟

ج: اسان جي ان وقت ۾ جيڪا ثقافت هئي، تنهن ۾ فارسي، عربي ۽ حڪمت اهي ٽي شيون لازمي هيون. حڪمت هن ڪري ضروري هئي ته جيئن وڏن گهراڻن ۾ پردو هجڻ ڪري ماڻهو پنهنجي گهر وارن، نياڻين سياڻين جو علاج پاڻ ڪري سگهي يا عام خلق کي دوا درمل ڏئي سگهي. اهو به هڪ وڏي ۾ وڏو جذبو هوندو هو. باقي فارسي تهذيبي طور ۽ عربي مذهبي زبان طور سکي ويندي هئي.

س: حڪمت به اسلامي ڪري چوندا هئا. تنهن ڪري خاص طور تي ان جو حصو لازمي هو؟

ج: نه. ان کي مان اسلامي نه ٿو سمجهان. حڪمت هڪ فن هو جنهن وسيلي ماڻهو پنهنجي گهر وارن جي، پاڙي پنبي جي، ڳوٺ وارن جي مدد ڪري سگهيو پي.

س: عام طرح اهو ڏٺو ويو آهي ته جيڪو به عالم هوندو هو گهڻو ڪري اهي نسخا گڏ ڪري، حڪمت سان رغبت ضرور رکندو هو

ج: حڪمت نصاب جو لازمي جزو هئي ۽ ان جو سبب فقط پردو ۽ عام خلق جي خدمت هئي. اسلامي حڪمت ڪڏهن بہ نہ هئي، بلڪل نہ. ڪڏهن بہ يوناني طب کي "اسلامي طب" ڪونہ چيو ويو آهي، هميشه "يوناني طب" چيو ويو آهي.

س: يوناني طب ۾ سنڌ جو ڪيترو ڪردار آهي؟

ج: تمام گهڻو. سنڌ جو يوناني طب ۾ وڏو ۽ اهم حصو رهيو آهي. منهنجو هڪڙو مضمون "سنڌ ۾ طب" جي موضوع تي لکيل آهي. ان موضوع تي ٻين بہ گهڻن ئي لکيو آهي، تازو هڪ مضمون پڙهيو اٿم. اهو هڪ بهترين مضمون آهي. جيڪڏهن مان پنهنجي زندگيءَ ۾ طب تي ڪو وڻندڙ مضمون پڙهيو آهي، تہ اهو آهي، محمد خان "مخمور" جو لکيل مضمون، جو ايل. ايم. سي جي تازهہ "لطيف" ميگزين ۾ ڇپيو آهي.

س: سائين، عام طرح چون ٿا تہ طب هتان سنڌ کان وئي آهي، مشرقي ملڪن ڏي، خاص طور تي.....

ج: اصل ۾ سنڌ ۽ هند تهذيب جا بہ قديم مرڪز هئا، جتي طب، فلسفو ۽ ٻيا گهڻا قديم علم هئا. طب بہ هتي ئي هئي. بغداد جي عباسي خليفن ۽ دمشق ۾ بني اميہ خليفن کي جڏهن بہ ضرورت پي پئي آهي تہ هتان سنڌ مان طبيب گهرايا اٿن، جن اتي وڃي سندن علاج ڪيو آهي.

س: اوهان عملي زندگيءَ جي ابتدا ڪهڙي نموني سان ڪئي، ۽ ان ۾ ڇا ڇا ڪيو؟

ج: اوهان کي ٻڌايو اٿم تہ اسان جي زمينداري هئي، ان ڪري جيئن هڪ وڏيري جو بيڪار پٽ هڪ ڪٽ کان ٻيءَ ڪٽ تائين سڄو وقت فضول ضايع ڪندو آهي، منهنجي پهرين زندگي بہ انهيءَ نموني سان گذري. پر ڇاڪاڻ تہ اسان جي گهرن منجهہ علم، شعر و شاعري، حافظ، مثنوي، شاهہ نامه وغيرهہ جو چرچو هو ۽ هر شام جو ڏاڏي مرحوم جي علمي محفل لڳندي هئي. مون تي انهيءَ جو اثر

پوندو رهيو. پيو تہ پير علي محمد شاهہ اخبار ڪڍي "الراشد" ۽ هن جو اخبار سان گهڻو مشغلو رهندو هو. اصل ۾ مون تي گهڻي ۾ گهڻو اثر علي محمد شاهہ جو پيو. هن جي صحبت سبب اخبار نويسيءَ طرف بهمڻ ۾ ئي لاڙو پيدا ٿيو. اخبار "الراشد" اُتائئون ڪڍندا هئا سون. پوءِ مان پانيان ٿو تہ 28، 1929ع ڌاري مان سکر ويس. علي محمد شاهہ سان ئي گڏجي سنڌ زميندار اخبار ۾ ۽ پوءِ سکر ۾ اخبار نويسي شروع ڪئي سين. توهان پارن اديبن ساڻ اٿي ويٺي شروع ٿي. ڳوٺاڻي زندگيءَ مان نڪري شهري ماحول ۾ رهائش ٿي.

س: "الراشد" ڪڏهن جاري ڪيو؟

ج: مان پانيان ٿو تہ 1925ع ڌاري يا 1926ع ڌاري جاري ٿي.

س: ان زماني ۾ جمعيت الشعرا جو گهڻو زور هو ۽ مشاعرا وغيرهہ ٿيندا هئا ۽ شايد توهان بہ ڪنهن زماني ۾ شعر چوندا هئا؟

ج: جمعيت الشعرا جو نالو ان زماني ۾ نہ هو. اهو بعد ۾ جڏهن حيدرآبادي اثر پيو تڏهن نروار ٿيو. اسان واري زماني ۾، لاڙڪاڻي ۾ مشاعرو فقط ميان علي محمد قادري مرحوم وٽ ٿيندو هو. "الحقيقت" سندس اخبار هئي ۽ سندس اوطاق علم ادب جو مرڪز هئي. قادري هڪ سني علمي فئملي لاڙڪاڻي جي اديبن جي هوندي هئي، جن وٽان اخبار بہ نڪرندي هئي، مشاعرو بہ ٿيندو هو.

س: توهان انهن مشاعرن کان هٽي ڪري، ڪيئن ان نوس سبجيڪٽ (تاريخ ۽ تحقيق) طرف متوجه ٿيا؟

ج: مون شاعري پيشي طور اختيار ڪونہ ڪئي هئي. مان شعر بہ چيا ۽ اخبار نويسي بہ ڪئي پر ڇاڪاڻ تہ ذوق هوندو هو تاريخي ڪتابن پڑهڻ جو تنهنڪري لامحالہ تاريخ ڏي بہ توجهہ رهيو. بنيادي طرح سان مان افسانہ نويس هئس. سنڌ زميندار اخبار ۽ ٻين اخبارن يا رسالن ۾ منهنجا افسانہ شايع ٿيندا هئا.

س: پلا ان سلسي ۾ هڪ ضمني سوال، تہ توهان شاعري وغيرهہ ڪئي. اها "لوٹي ڦير لپاٽ" واري ڳالهہ تہ ڪانہ هئي، جا بعد ۾ ڇڏي ڏنو؟

سڌي سنئين سياست هئي. زميناري هئي. پيري مريدي هئي. ڪي چڱا مڙس هئا، جي هلائيندا هئا سارو ڪاروبار سياست جو. اخبارن ۾ ڪابه وڏي شيءِ ڪانه هوندي هئي، جيئن اڄڪلهه آهي. فقط "ڏيان طلب ڪليڪٽر صاحب" ۽ "ڏيان طلب ايس. پي صاحب" هوندو هو. اسان ڪي جڏهن پيسي جي ضرورت پوندي هئي، ته ڪنهن نه ڪنهن صوبيدار جي خلاف پنهنجي اخبار ۾ ليک ڏئي ڇڏيندا هئاسين. اهو پيسا آڻي ڏيندو هو. ٻئي پرچي ۾ لکندا هئاسين ته جاچ ڪئي سين. ۽ ڳالهه صحيح ثابت نه ٿي، تنهن ڪري اسان کي نهايت افسوس آهي، جو اها خبر ڇپجي وئي. مطلب فقط اهو هوندو هو ته پيسا ملن. تقريب قريب ان قسم جي صحافت هئي ان زماني ۾.

س: سکر ۾ توهين ڪيترو وقت رهيو؟

ج: سکر ۾ 1928ع کان وٺي ويندي 1937ع تائين.

س: هن وقت سنڌ جي تاريخ تي ٿيل ڪم کان توهين مطمئن آهيو؟

ج: مطمئن ڪوبه ماڻهو نه ٿي سگهندو آهي، ڇاڪاڻ ته انتها ڪنهن شيءِ جي به ڪانهي. تنهن ڪري منهنجو ائين چوڻ ته مان مطمئن آهيان ان ڪم بابت، سو ائين ناهي. اڃا ته فقط ابتدا ئي ٿي آهي. سنڌ جي تاريخ جي تحقيق جي سلسلي ۾ ٿيندڙ ڪوشش کي شروعات يا آغاز چئي سگهون ٿا!

س: ٻين صوبن جي ڀيٽ ۾ سنڌ تي ڪيتري قدر ڪم ٿيو آهي؟

ج: ٻين صوبن جي ڀيٽ ۾ اسان گهڻو خوش بخت آهيون. اسان وٽ تاريخ تمام گهڻي آهي. اسان وٽ شرافت آهي، اسان وٽ فضيلت آهي، اسان وٽ روايتون آهن، اسان وٽ ڪتاب گهڻا لکيا ويا آهن. اسان کي هڪڙي قسم جو فڪر آهي، تنهن ڪري ٻين جو ته اسان سان مقابلو ڪرڻ ئي غلط آهي.

س: ان وقت ۽ اڄوڪي صحافت ۾ ڪهڙو فرق آهي. ان وقت صحافت هڪ مشن يا تحريڪ هئي؟

ج: اخبارون تحريڪ طور تہ هلايون ويندريون هيون. تحريڪ جي لحاظ سان تہ برابر هئي تہ ڪي ايڊيٽر خلافت تحريڪ سان هئا. تہ ڪي ڪانگريس سان ۽ اخبارون بهرحال تحريڪن سان وابستہ هونديون هيون. اڄ مثلاً جنگ آهي يا ٻيون ڪي اخبارون آهن، تہ اهي ذاتي يا واپاري نقطئہ نظر جون اخبارون آهن. اڳي ائين نہ هو. مثلاً زميندار اخبار لاهور جي، قومي اخبار هئي. مولانا ظفر علي خان جي اخبار ذاتي لکٽي چئجي تہ هن ڪڍي، پر مقصد سچو قومي هو ۽ ان منجهان هن خدا جي بندي ذاتي طرح ڪوبہ فائدو يا منفعت حاصل نہ ڪئي ۽ نہ وري ملڪيت يا بلڊنگون ئي ٺاهيائين. هاڻي صحافت شخصي ۽ ذاتي آهي. مثلاً ڪيترين اخبارون ڪن خاص ماڻهن جون آهن، اهي ملڪيتون شخصي ۽ ذاتي آهن ۽ انهن کي اهڙي نموني هلايو ٿو وڃي، جنهن مان قومي مقصد جي حاصلات گهٽ ۽ مالي منافعو مالڪن کي زيادہ ملي. اڳي اها شيءِ نہ هئي. "الوحيد" جو هميشه سچ تي سندرو رهيو. چڙو قومي درد ۾. "زميندار" لاهور لکين ربيا ڏنڊ ۾ ڏنا ۽ جڏهن مولانا فوت ٿيو تہ ڪابہ شيءِ سندس گهر منجهان ڪا نہ نڪتي. ساڳيو حال ٻين اخبار وارن جو هو.

س: ان وقت جي صحافين جا نالا ٻڌائيندا؟ ڪهڙيون اخبارون نڪرنديون هيون؟

ج: صحافين مان گهڻا نالا تہ ياد ناهن پر اثر هڪڙو تہ "زميندار" اخبار جو هوندو هو مولانا ظفر علي خان جو اثر هو. ٻي سنجيدہ ۽ فڪر انگيز اخبار هئي "انقلاب" مولانا غلام رسول مهر جي، جنهن حقيقت ۾ فڪري مواد پيدا ڪيو. ان وقت هندوستان جي سياست تي لاهور جي انهن اخبارن جو هولڊ هوندو هو. هتي الوحيد هوندي هئي، سکر مان سنڌ زميندار نڪرندي هئي. مخلص جي اخبار "مسلمان" هوندي هئي ۽ "مسلمان" يا "الحق" جي مقامي حيثيت هوندي هئي. الحق قديمي اخبار هئي، اها شايد 1900ع ۾ نڪتي هئي.

س: انگريزن جي حڪومت جو رڪارڊ تہ اهڙي هنڌ محفوظ آ جو اسان کي بهرحال ڪڏهن بہ ملي سگهي ٿو پر مسلمان جڏهن هتي آيا، تڏهن ان وقت اسان جي پهرين تاريخ آهي چچ نامو ان کان سواءِ عربي زبان ۾ عربن جو ڪو ڪم ڪيل آهي يا نہ؟

ج: عربن جو آهي: فتوح البلدان. جيهانيءَ جو ڪتاب گم آهي. پر بهرحال هڪ بہ ڪتاب آهن، ٻيا مختلف ڪتاب آهن، جن ۾ سنڌ جا حوالا ملن ٿا.

س: سنڌ زميندار اخبار جي سلسلي ۾ توهين 1937ع تائين سکر ۾ رهيا....

ج: 1936ع ۾ جڏهن بابو مرحوم فوت ٿيو تہ اسان "ستارهءِ سنڌ" بند ڪئي ۽ مان بهمڻ ۾ اچي زميندار شروع ڪئي. اهڙيءَ طرح سکر مان پنهنجي مڏي پٽي اچي ڳوٺ رهيا سين.

س: اهو 1936ع جو زمانو آهي، سنڌ جي بمبئي کان جدائي جو ۽ پاڪستان جو خيال ان وقت هليو پي. ان سلسلي ۾ - هان ٻڌائيندا تہ پاڪستان تحريڪ ۾ اخبار جي ذريعي يا عملي ڪارڪن جي حيثيت ۾ ڪو ڪم ڪار ڪيو هجيو؟

ج: عملي ڪارڪن جي حيثيت ۾ بہ گهڻو ڪجهہ ٿي سگهيو.

س: جهنڊا ٻنڊا بہ ڪنيو؟

ج: ها، جهنڊا ٻنڊا تمام گهڻا کنيا سي. سکر ۾ مسجد منزل گاهہ وارو فساد، هتي عيدگاهہ ڪراچيءَ ۾ مسلم ليگ وارو جلسو هندو مسلم فساد، انهن سڀني ۾ حصو ورتم. اهو فيصلو تہ اڳتي هلي تاريخ کي ڪرڻو آهي تہ اهو صحيح هيو يا غلط. هن وقت ڪا بہ ڳالهہ يقين سان نہ ٿي چئي سگهجي. بهرحال انهن واقعن جا ٻہ اهم ڪردار جي.ايم.سيد ۽ علي محمد شاهہ بہ رهيا آهن. هر مسئلي جي جٽنگ انهن ٻنهي ئي دڪائي.

ٻئي پير صاحب، ٻئي سادات گهراڻو.

ج: بس، پوءِ ڇا عرض ڪجي!.......

س: سنڌ جي جدائيءَ جي تحريڪ جو نتيجو سٺو نڪتو يا خراب نڪتو؟

ج: انهيءَ زماني ۾ انهيءَ لحاظ کان، جيئن هاڻي ٿا اسين سوچيون، ڪونہ سوچيو هو تہ ملڪ جو ڪيستائين فائدو ٿيندو. ان وقت سوچ فقط شخصن ۽ طبقن جي مفاد تائين محدود هئي. سنڌ کي بمبئي کان جدا ڪرڻ لاءِ جيڪا ڪوشش ٿي، سا اصل ۾ وڏيرن ڪئي هئي. ڇاڪاڻ تہ عوام ۽ غريب ماڻهو تہ ڪنهن قطار ۾ شمار هيا ئي ڪين. تنهنڪري انهن جي لاءِ هو ڇو سوچين ها؟؟ توهان جيڪڏهن ان زماني جي بمبئي ليجسليٽو جي ميمبرن جي لسٽ ڏسندؤ تہ پنجهتر فيصد سيد هئا. انهيءَ جا ميمبر ۽ باقي وڏيرا هئا. انهن ڏٺو تہ بمبئي ۾ تہ سياسي طرح ٿاٻا ٿا کائين. انهن کي ڪو ليکي بہ نہ ٿو. پوءِ هنن ڪوشش ڪئي تہ بمبئيءَ کان سنڌ کي جدا ڪجي تہ هتي پنهنجو ڪو بلو ٿئي. ٻيو تہ ذهني طرح سان ان زماني ۾ ماڻهن جو پنهنجو احساس هو تہ اهوئي هيو. باقي رهيو سوال تہ ان مان سنڌ کي فائدو پهتو تہ اهو قدرتي امر هو. جو عمل ۾ آيو.

س: سائين! توهان ٻاهرين ملڪن ۾ ڪافي رهيا آهيو. تہ اسان جي هاڻوڪي ادب جي سلسلي ۾ ڪو امپريشن آهي؟ اسان جا ڪتاب، رسالا وغيرهہ اُتي پهچن ٿا وغيرهہ.

ج: سنڌ جي موجودهہ ادب جو (جنهن کي توهان تخليقي ادب جو نالو ڏنو آهي) منهنجي راءِ ۾ بي مثال آهي. بهرحال، جيڪو بہ تخليقي ادب توهان گذريل 20 ورهين دوران پيدا ڪيو آهي. خدا شاهد آهي تہ دنيا جي بهترين ۾ بهترين ادبن جي صف ۾ اُچي سگهي ٿو. ان جو سبب بہ اهو آهي تہ توهان اڄا پيڙا ۾ آهيو. تنهنڪري اها ڪيفيت توهان جي ذهن ۾ هلي ٿي، تنهنڪري تخليقي ادب پيدا ٿين ٿا. اردو جو روايتي ادب ان ڪري بيجان آهي تہ ان ۾ ڪو مقصد ڪونهي، تنهنڪري هنن ۾ ڪا شيءِ ئي ڪونهي. حقيقت

۾ تہ توهان جي ادب کي جو توهان جي آڪاڻين جو، افسانن جو، شعرن جو مختلف زبانن ۾ يورپ ۾، ترجمو ٿي رهيو آهي، هاڻي بہ مان وٽ ڊاڪٽر شمل جو ڪتاب آيو آهي، جنهن ۾ سنڌي آڪاڻين جو ترجمو ڪيو ائين، جرمن زبان ۾. زبان تہ مان سمجهي نہ ٿو سگهان پر مطلب اهو آهي تہ توهان کي پنهنجي ادب جي متعلق، پنهنجي محنتن جي سلسلي ۾ ڳاٺ اوچو ڪري هلڻ کپي. اها جدا ڳالهہ آهي تہ توهان وٽ وسيلا ڪونہ آهن، تنهنڪري ٻاهر ولايت وڃي نہ ٿا سگهو جو خبر پئيو تہ توهن جي آبرو ۽ عزت ڪيتري آهي. ٻيو اسان لاءِ وڏي مصيبت شمشيرا هيءَ آهي، تہ ذريعا جيڪي آهن ادب جي پکيڙ جا، اُهي ڪينهن ڪي. توهان وٽ رسالو ڪونهي، سڀ رسالا بند ٿي ويا آهن. ٻاهر ترجما ڪين ٿا ٿين پيا. مثلاً طلوع رسالي جو نمبر ڪڍيئون، تہ ان ۾ سڀ اردو وارن جا مضمون ۽ شعر وغيرهہ هئا. حالانڪ مون کي خبر آهي تہ لينن تي ۽ اهڙن ٻين موضوعن تي سنڌي اديبن تمام گهڻو لکيو آهي، پر چاڪاڻ تہ انهن ويچارن جي رسائي ڪانهي، انهن جا ذريعا ڪينهن، ۽ ڪجهہ هو محجوب بہ آهن (خبر ناهي ڇاهي؟). اڳتي اچي زوري زبردستي پنهنجي جاءِ بڻائين، اها ڳالهہ هنن ۾ ڪانهي ڪا. اها اسان لاءِ وڏي تڪليف آهي، جنهن ڪري نقصان ۾ آهيون.

س: اسان وٽ ڪي ادارا تمام مشهور آهن، جي ڪم ڪن ٿا. ان سلسلي ۾ سنڌي ادبي بورڊ آهي. توهان پاڻ ان جا ڪافي وقت رڪن رهيا آهيو ۽ توهان جو تمام وڏو ڪردار آهي. ان جي باري ۾ ڪجهہ......

ج: سنڌي ادبي بورڊ جي باري ۾ مان جڏهن بہ گفتگو ڪندو آهيان تہ منهنجا دوست ڪاوڙبا آهن. شايد خيال ٿيندو اٿن تہ مان هن ڪري ٿو غصي جو اظهار ڪريان، ڇاڪاڻ تہ مان پاڻ ميمبر ناهيان. هڪڙي اسٽيج اها بہ ايندي آهي، جڏهن ميمبر ٿيڻ جي ضرورت ئي ڪا نہ هوندي آهي. مان کي ميمبريءَ جي ضرورت ڪانهي ڪا پر

چاڪاڻ تہ ادبي بورڊ اسان پاڻ ناهيون ان کي اسان پاڻ پاليو ۽ ان کي انهيءَ درجي تي آندوسي، جو مان سمجهان ٿو تہ دنيا جا جيڪي وڏي ۾ وڏا ۽ آبرومند علمي ادارا آهن، انهن ۾ هن جو شمار ٿئي ٿو. ۽ هن جيڪي ڪم ڪيو آهي، سو پاڪستان تہ ٺهيو پر هندوستان ۾ بہ ڪنهن اداري نہ ڪيو آهي. بيحد نوس ۽ وڏو بافضيلت ڪم ٿيل آهي پر هاڻي ڏسون ٿا پيا تہ ان ڪيل سڄيءَ محنت کي لوڙهيو پيو وڃي، تنهن ڪري مان کي اعتراض ڪرڻ جو يا ان تي جوش ۾ اچڻ جو يا غصي ٿيڻ جو حق آهي، چاڪاڻ تہ ان کي مان پنهنجو ادارو ٿو سمجهان. مان ان کي پاليو آهي. حقيقت ۾ سنڌي ادبي بورڊ کي ٽن ڄڻن نپائي وڏو ڪيو آهي. هڪ محمد ابراهيم جويو، ٻيو ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ۽ ٽيون مان. ادبي بورڊ جي معنيٰ اهي، ٽي ماڻهو آهن. ۽ جيڪي بہ ڪم توهان ڏسندؤ هيل تائين، اهو سڄو هنن ٽن ماڻهن جو ڪيل آهي. هاڻي مان جڏهن بہ ڪٿي، ڪنهن جلسي ۾، يا گفتگو ۾ ڪجهہ ٿو چوان تہ منهنجا دوست چون ٿا هي اجايو ٿو چوي، چاڪاڻ تہ پاڻ ميمبر ناهي. بابا! مان کي ميمبريءَ جي ضرورت ئي ڪانهي ڪا، تنهن ڪري مان کي فقط افسوس ٿو ٿئي تہ اسان محنت سان جڏهن هڪ شيءِ تيار ڪري راس ڪئي، تہ ان جو زوال شروع ٿي ويو.

س: نہ سڌرڻ جا سبب ڪهڙا آهن؟

ج: نہ سڌرڻ جا سبب هي آهن: بامقصد ماڻهو جيڪي هئا، سي مري ويا، ڪي هٽي ويا.

س: اهڙا ادارا اسان وٽ ٻيا بہ آهن، مثلاً سنڌالاجي آهي، ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز ڪميٽي آهي، مهراڻ آرٽس ڪائونسل وغيرهہ. جيڪي سرڪاري سرپرستيءَ کان سواءِ هلن پيا. مثلاً سنڌي اديبن جي ڪوآپريٽو سوسائٽي اهڙا ڪافي ادار آهن.

ج: سنڌي اديبن جي ڪوآپريٽو سوسائٽي تمام سٺو ڪم ڪري ٿي پئي. ٻيو ڪجهہ نہ تہ گهٽ ۾ گهٽ هڪڙو مقصد تہ اٿس.

سنڌالاجيءَ لاءِ منهنجي راءِ آهي تہ ان ۾ ڪو بہ تحقيق جو ڪم ڪونہ ٿو ٿئي پيو. پر سنڌالاجيءَ کي مان ان ڪري اهميت ڏيان ٿو پيو جو هوءَ هن وقت هر شيءِ کي گڏ ڪندي رهي ٿي پئي. اها هن وقت بذات خود هڪ وڏي ۾ وڏي مهم ۽ وڏي ۾ وڏي خدمت آهي. اهو بنيادي ڪم آهي. سياڻي هڪڙو نسل پيدا ٿيندو جيڪو انهيءَ مان فائدو وٺندو. الانا, منهنجو دوست آهي، عزيز آهي، مان کي ڏاڍو پيارو آهي، پر مان ان کي چوندو آهيان تہ "مجاور" آهي. ۽ بهترين "مجاور" آهي. "بيحد" ايماندار مجاور. مجاور جو ايماندار هجڻ، ۽ محنتي هجڻ خود هڪڙي قسم جي وڏي فضيلت ۽ سند آهي. جيڪا الانا ۾ آهي. اهو ئي سبب آهي جو الانا تي اعتبار ڪندي، مان بنا لسٽ ٺاهڻ جي سون جي تعداد ۾ پنهنجا ڪتاب ڏانهس موڪليندو رهان ٿو تہ جيئن سنڌالاجي جي لئبرريءَ ۾ سانڍي. الانا تمام گهڻو ڪم ڪري رهيو آهي.

س: توهان سنڌالاجيءَ جي باني منجهان آهيو. الانا صاحب ٻڌايو تہ اهو نالو ئي توهان تجويز ڪيو هو. تہ توهان جي ذهن ۾ ان وقت ڪهڙي ڳالهہ هئي، جڏهن اهو ادارو قائم ڪري رهيا هئا.

ج: سنڌالاجيءَ جي مفهوم جو دائرو تمام وسيع آهي. جيئن ايجپٽالاجي، انڊالاجي، وغيرهہ. اهي سرزمينون جيڪي قديم تهذيب جون مالڪ آهن، انهن جون اڪيڊميون انهن جي نالن سان منسوب ٿين ٿيون. اُهي خود پنهنجي جاءِ تي جدا علم ٿين ٿا. جيئن ايجپٽالاجي يا مصريات پنهنجي جاءِ تي هڪ مڪمل علم جي حيثيت رکي ٿو تيئن سنڌ جو بہ علم آهي. سنڌ يونيورسٽيءَ جي وائيس چانسلر ڊاڪٽر رضي الدين صديقي جڏهن اهو ادارو قائم ڪيو تڏهن ان جو نالو رکيائون "سنڌي اڪيڊمي" مون چيو تہ اهو نالو تہ رسمي آهي. منهنجي ذهن ۾ ان اداري جو هڪ جامع تصور هو. ۽ مان ان جو نالو "سنڌالاجي" تجويز ڪيو. پر ان زماني ۾ اسان ون يونٽ ۾ وڪوڙيل هئاسين. سنڌ تي هڪ قسم جو

خوف ۽ ڊپ هو. ڪاموراشاهي کي "سنڌالاجي" نالي تي حيرت ٿيڻ لڳي! مون چيو تہ بابا "سنڌالاجي" نالو رکڻ سان ڪهڙو اُپ ڏري پوندو حسن علي عبدالرحمان، وائيس چانسلر چيو تہ اهو نالو متان خوفناڪ سمجهيو وڃي. مان چيو تہ "ڪونہ ٿيندو دلجاءِ ڪيو." ان مجلس ۾ ممتاز حسين مرحوم بہ موجود هو. ڇاڪاڻ تہ هو پنجاب جو هو. مون سوچيو تہ هن کان بہ پڇي وٺان. هو تہ عالم ماڻهو هو. هن کي خبر هئي. هن چيو تہ "ٺيڪ آهي، بلڪل ٺيڪ آهي، هن ۾ ڪهڙي قباحت آهي؟" تنهن کان پوءِ ٿي حسن علي جو پؤ لٿو ۽ اهو نالو "سنڌالاجي" ٿيو.

سنڌالاجيءَ مان منهنجو مطلب اهو هو تہ اهو حاوي هجي سنڌ جي هر موضوع تي. ان ۾ تاريخ هجي، ادب بہ هجي، لٽريچر بہ هجي، تهذيب بہ هجي، يعني هر شيءِ ان جي دائري ۾ هجي "سنڌ صدين کان" (Sindh throng Centuries) هڪ خالص علمي اجلاس نيڪ نيتي سان سڏايل هو جنهن ۾ دنيا جا عالم ۽ محقق آيا ۽ نهايت نوس علمي مقالا پڙهيائون ۽ ان تي بہ جيڪا ٽيڪا ٽپڻي ٿي سامعين کي معلوم آهي، اسان اڄا تائين ان ڪئي جا ڪيتا وڻا ڏيون. يعني ماڻهو هتي پنهنجي تاريخ جي متعلق پاڪستان کان ٻاهران ڪي ماڻهو گهرائي ڪجهہ ڪري نہ ٿو سگهي! اهو ڪٿي جو انصاف آهي؟ تنهن ڪري اڄ توهان شين گڏ ڪندا وڃو ممڪن آ تہ سچائي ڪي چڱا ڏينهن اچن. جيڪي ڪجهہ دستياب آهي، ممڪن آهي تہ سچائي حاصل نہ ٿئي، تنهنڪري انهن کي هن وقت هٿ ڪري محفوظ ڪرڻ تمام ضروري آهي.

س: سائين اها صحيح ڳالهہ توهان ٻڌائي. ان موقعي تي آئون بہ هڪڙي ڳالهہ ڪري، جڏيان تہ جيئن توهان ڳالهہ ڪئي تہ جڏهن "سنڌ ٿرو سينچريز" جو جلسو ٿيو تہ ان ۾ جيڪي تقريرون ٿيون، اُهي سڀ، مون ۽ خان محمد (جڏهن اسان نئين زندگي رسالي ۾ هئاسون) ترجمو ڪري هڪ هڪ نئين زندگيءَ ۾ شايع ڪرڻ جو پروگرام ٺاهيو. بہ ٿي

تقريرون اسان شايع ڪيون، پر پوءِ اسان کي منع ڪري ڇڏيائون تہ آئنده ان کي نہ ڏيو ان جي ضرورت ڪانهي. حالانڪ ماهرن ڪيون هيون اسٽيج تي، کلي عام، پاڪستان سرڪار جي سرپرستيءَ ۾.

ج: بابا، مون کي معلوم آهي تہ ڪيڏو عذاب ٿيو هو ان اجلاس جي سلسلي ۾.

س: سنڌ ٿرو سينچريز جي سلسلي ۾ پڙهيل پيپرس اجا شايع نہ ٿي سگهيا آهن، اُهي اڄ ڪلهہ ڪٿي آهن؟

ج: مان کي خبر ڪانهي تہ ڪاٿي آهي.

س: ڪهڙي قسم جون اسان کي ننڍيون جماعتون يا ادارا ٺاهڻ کپن، ڪهڙي نموني ڪم ڪرڻ کپي، سنڌي لغت، سنڌي ادب تي، تاريخ تي. انهيءَ لاءِ اسان کي ڪي تجويزون ڏيو.

ج: تجويزون نہ ٿينديون آهن. ماڻهوءَ جي ذهن ۾ هرشيءِ پاڻ پيدا ٿيندي آهي. اسان جڏهن اهي ڪم شروع ڪيا، تڏهن ڪي بہ تجويزان ڪين هيون. بس پنهنجي ذهن ۾ جيڪي ايندي ويون، بسم الله ڪندا ڪم ڪندا وياسين. تجويزان نہ ٿينديون آهن، تجويزون خود ذهن پيدا ڪندو آهي ۽ شوق ۽ ارادو پيدا ڪندو آهي، ۽ تجويز پنهنجو پاڻهي ٿي ويندي آهي.

منهنجو پنهنجو تجربو آهي تہ سنڌ جو ماڻهو بي انتها ذهين ۽ فڪر وارو آهي. هو ڪڏهن بہ مري نہ سگهندو. سنڌ کي پنهنجو هڪڙي قسم جو فلسفو آهي، پنهنجو تصوف اٿس، پنهنجو ادب اٿس، تنهنڪري هن کي تہ هڪڙي افاديت آهي، جيڪا ڪيس ٻين جي ڀيٽ ۾ ممتاز ڪيو بيٺي آهي. سنڌ جو ماڻهو هڪڙي ڏينهن بيدار ٿيندو ۽ اڳتي هلي سنڌ جو ماڻهو پاڪستان کي ليڊ ڪندو سنڌ جو ماڻهو غير معمولي آهي. سنڌ جو ماڻهو ڇاهي، اهو هڪڙي قسم جو راز آهي، جيڪو اڃا تائين لڪل آهي.

س: "تخليقي ادب جي سلسلي ۾ جيئن توهان ڪتاب "هو ڏوٿي هو ڏينهن" لکيو آهي، ان قسم جو ڪو ٻيو ڪتاب توهان جي زير

ويچار آهي، جنهن ۾ وڏيڪ ڪشادگيءَ ۽ ڪليءَ دل سان ڪي ڳالهيون ٻولهيون هجن؟

ج: حقيقت اها آهي تہ اسان وارو "تخليقي" ڏنڌو ائين آهي، جيئن اوستن جو ڪم. حققت ۾ تہ تخليقي ڪم توهان وارو آهي. مان قبول ٿو ڪريان تہ 1960ع ۾ جڏهن مون اهو ڪتاب لکڻ شروع ڪيو تڏهن مان 1958ع کان هارٽ اٽيڪ جو شڪار هوس ۽ زندگيءَ جو بہ يقين نہ رهيو هو. ان وقت ايوب خان مرحوم جو مارشلا لڳو هو. مارشلا جو نئون دور هو ۽ ان جو بہ اثر هو. هارٽ اٽيڪ جي تڪليف تنهن کان سواءِ، خانبهادر کهڙو جيل ۾، فلاٽو جيل ۾، فلاٽو جيل ۾، هڪڙي قسم جو تڏا ويڙهہ جو منظر هيو. هتي مون تي نروس بريڪ ڊائون ٿي. ڊاڪٽرن مون کي مشورو ڏنو تہ ماحول بدلائڻ لاءِ ٻاهر هليو وڃان. ادا علي محمد ان وقت فلپين ۾ پاڪستان جو سفير هو. تنهن ڪري ٻاهر وڃي رهڻ ۽ علاج ڪرائڻ جي سهولت هئي. اتي ٽي سال کن مان رهيس. منهنجي نروسنيس جو سڄو زمانو اتي گذريو. ان وقت نہ پڙهي سگهندو هوس ۽ نہ ڪا ڳالهہ سمجهہ ۾ ايندي هئي. لکندو هوس تہ هٿ ڏڪندا هئا ۽ اهو يقين نہ هو تہ ڪو آءٌ وطن واپس ٿيندس. جتي انسان جي ابتدائي زندگي گذري ٿي، اتي جون يادون تمام پياريون ٿين ٿيون. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جو خط پهتو تہ نواز علي نياز لاڙڪاڻي وارو گذاري ويو. مهراڻ جي ايڊيٽر سردار علي شاهہ جا بہ خط پي پهتا تہ اخبار جي سالنامہ لاءِ مضمون موڪليان. نياز مرحوم تي مضمون لکڻ جي ابتدا ڪيم. ان وقت ڪتاب جو خيال ڪونہ هو، فقط مضمون جي رٿا هئي. هڪ تنهائي ۽ ٻيو وطن کان دوريءَ وطن جي ڳالهين جي بيان ڪرڻ لاءِ اُڀاريو. ماڻهو جنهن شيءِ جو گهڻو ذڪر ڪري ٿو تہ پوءِ ان سان عشق ٿي پوي ٿو. پراڻيون يادون ايندڀون رهيون. مضمون شروع ڪيم، لکڻ جاري رهيو. تان جو ڪتاب لکجي ويو. جي نہ اڃان ها هيڏي، تہ ٻيو جلد بہ لکجي وڃي ها. اهو

ڪتاب تہ مون اڄ ۾ ختم ڪيو آهي، جو بہ عشق جي هڪڙي بي انتها جذبي جي پيداوار آهي.

س: ان ڪري مون عرض ڪيو تہ هن ڪان پوءِ بہ ان سلسلي ۾ ڪا وڏيڪ رٿابندي آهي توهان جي ذهن ۾؟

ج: نہ، هاڻي ڪانهي ڪا. هاڻي مان لکي بہ نہ ٿو سگهان. اڄ ڪلھ مون تي وري بہ هڪڙي قسم جي پريشانيءَ جو وقت آهي. ٽي چار مون آپريشن ڪرايا ڳلي جا. انهن منهنجي اعصابن تي سخت اثر ڪيو. هاڻي هٿ بہ ڏڪن ٿا. لکي نہ ٿو سگهان. ڪم تمام گهڻو ڪرڻو آهي.

س: تحقيق لاءِ ڪي بنيادي هدايتون، توهان، تحقيق جي هڪ ماهر ۽ استاد جي حيثيت ۾ ڏيو جيڪي پيش نظر رکجن.

ج: پنجاھ ورهين تائين، پنجاھ ڄڻا چوويھ ڪلاڪ ڪم ڪن تہ بہ پورو نہ ٿيندو. سنڌ تي ايترو گهڻو ڪم آهي ۽ اسان جيڪي ڪم ڪيو آهي، سو فقط تمهيد آهي. بنيادي ڪم تہ اڃا اڳتي آهي، اڃا تہ اسان جي تاريخ ڪانہ لکي وئي آهي، جيڪو بنيادي ڪم آهي. اسان تہ فقط ڪجھ سورس ڪ (ماخذ) شايع ڪيا آهن. تاريخ لکيل ڪانهي، لغت لکيل ڪانهي، وڏي ڳالھ تہ اسان جي ادب جي تاريخ لکيل ڪانهي. منهنجي اها نيت هئي تہ سنڌ جي ادبي تاريخ لکجي، ادبي تاريخ اڃا تائين ڪانہ لکي وئي آهي، تذڪرا بيشڪ لکيا ويا آهن. ۽ ادبي تاريخ جيئن برائون لکي آهي. اسان وٽ ڪونہ آهي. اها تاريخ، جنهن مان توهان کي خبر پوي تہ شمشيرالحيدري جي پيدا ٿيڻ ۾ سندس ذهن نهڻ جا اسباب ڪهڙا آهن؟ اسان وٽ آهي ئي ڪانہ. ادبي تاريخ ڪانهي، تمدني تاريخ ڪانهي، پوليٽيڪل تاريخ ڪانهي. اڃا تہ خود سورس مٽيريل بہ ڪيترو رهيو پيو آهي. هڪڙو ڪتاب هاڻي اوچتو هٿ آيو جيڪو مان ڇپارايان پيو. تاريخ معصوميءَ ۾ جن واقعن جا اشارا آهن، ان جا هن ۾ تفصيل بيان ڪيل آهن. ڪتاب جو نالو آهي "نصرت نامه ترخان". جيڪو ٺٽي جي هڪ پراڻي سادات جو لکيل آهي. اهو ڪتاب

منهنجو هڪ دوست ايڊٽ ڪري رهيو آهي ۽ انشاءَ الله جلد شايع ڪنداسين. مطلب اهو آهي تہ اجا تائين بنيادي ڪتابن جي اشاعت بہ رهيل آهي.

س: پنهنجي جاءِ تي اهو صحيح آهي تہ تاريخ اجا تائين ڪانہ لکي وئي آهي. آءٌ وري بہ پنهنجو اهو عرض ورجائيندس تہ اسان جي محققن لاءِ هڪ استاد جي حيثيت ۾ ابتدائي ليڪچر توهان ڪهڙو ڏيندؤ؟

ج: طريقئہ ڪار اهو آهي تہ پهريون تہ ذهن صاف هئڻ گهرجي. توهان جي ذهن ۾ جا غفونت پريل آهي، سا نڪرڻ کپي. مذهب جائز آهي پر هڪ حد تائين. چاڪاڻ تہ هڪڙو نظام انسان جي زندگيءَ لاءِ ضروري آهي ۽ اهو مذهب آهي. مطلب اهو آهي تہ پهريون تہ توهان جو ذهن صاف هجڻ کپي تہ توهان آهيو ڇا؟ يعني شمشير الحيدريءَ جي وابستگي ڇا سان آهي. ڪنهن سان هو لائل آهي؟ پهريون تہ لائلٽي گهرجي، هڪڙو عقيدو گهرجي، پهريون توهان جو عقيدو صاف هئڻ گهرجي.

س: اوهان جي خيال ۾ اسان کي سنڌ جي تاريخ سهيڙڻ ۾ ڪهڙي شيءِ سان وفاداري ڏيکارڻ کپي. جيڪا بنيادي طور صحيح هجي؟

ج: وطن سان، ملڪ سان ۽ هن ملڪ جي ماڻهن سان.

س: سائين، آءٌ هڪڙو گستاخي جهڙو سوال ڪريان ٿو. خدا توهان جي عمر وڏي ڪري، پر سوال ڪرڻ خاطر هڪڙي شيءِ، جيڪڏهن توهان جي دل ۾ اهو خيال اچي تہ آءٌ فقط اچوڪو ڏينهن هيءَ گهڙي جيئرو آهيان، ۽ سڀاڻي آءٌ ڪونہ هوندس، تہ اهڙي آخري موقعي تي توهان ڇا چوندءُ سنڌ جي ماڻهن کي.

ج: سنڌ! سنڌ!! تاريخ! تاريخ!!

سنڌ جي نوجوان تي سچي مستقبل جو مدار آهي. جيڪڏهن گهرن تہ سنڌ سنڌ رهي ۽ سنڌي رهن، تہ ان جو سنڌ جي نوجوانن تي مدار آهي ان لاءِ سوچڻ کپي، ڪوشش ڪرڻ کپي ۽ تيار رکڻ کپي. نوجوان سنڌ لاءِ وڏي شيءِ آهي. سچو مستقبل ئي انهن جو آهي ۽ ڪين ئي ڪم ڪرڻو آهي، اسان تہ ختم ٿيڻ ڇڪا آهيون.

س: توهان سنڌ جي موجوده شاعرن ۽ اديبن جي تمام گهڻي تعريف ڪئي آهي. هن وقت جي شاعرن ۽ ڪهاڻيڪارن مان توهان جي پنهنجيءَ پسند جا ڪهڙا آهن؟

ج: مان تعريف نہ ڪئي آهي پر حقيقت بيان ڪئي آهي. اسان جا شاعر ۽ ڪهاڻيڪار پنهنجي پنهنجي طريقي سان پنهنجي پنهنجي رنگ ۾ نهايت بهترين ڪم ڪري رهيا آهن. مون کي ذاتي طرح ڪنهن جي زبان پسند ايندي آهي تہ ڪنهن جو انداز پر اها هڪ جدا شيءِ آهي. مثلاً مان آهيان ڪڇي جو ماڻهو، تنهن ڪري مان کي نسيم احمد کرل جا محاورا ۽ لکڻ جو اسٽائل وغيره تمام گهڻو پسند آهي. اسان جي ماهتاب محبوب، هڪ خاص انداز سان معاشري جي خرابين جو بيان ڪري ٿي، يا نورالهدي شاه آهي، اها هڪ خاص معاشري جي خرابين جو بيان ڪري ٿي، اسان جي معاشري جي ناسورن جي جڏهن جراحت ٿئي ٿي تہ دل کي وڻي ٿي، ڇو تہ اسان جي سڄي زندگيءَ جو مقصد اهو ئي رهيو آهي.

س: شاعرن ۾ سائين؟

ج: شاعرن ۾ چوندس تہ مان کي شمشير الحيدري پسند آهي.....

(سائين آءُ تہ وينو آهيان، توهان جي سامهون)

شاعريءَ ۾ توهين سڀ لک لهو. سڀ شاعر هڪ ٻئي کان وڌ آهيو. ڪنهن کي مان گهٽ چوان؟ هنن ويهن ورهين ۾ جيڪي شاعر پيدا ٿيا آهن، انهن جي شعر کي دوام حاصل آهي.

س: سائين، توهان گذريل پنجاه سالن کان مسلسل لکندا رهو ٿا توهان جي لکڻ جو طريقہ ڪار يا ٽائيم ٽيبل، وقت مقرر آهي ۽ ڪهڙي نموني توهان لکندا رهيا آهيو؟

ج: منهنجي حالت تہ هيءَ رهي آهي جو جڏهن لکڻ ويهندو هوس تہ چوويهہ ئي ڪلاڪ لکندو هوس. پورو ياد ناهي، شايد 1928ع کان جڏهن شروع ڪيو اٿم. لاڳيتو لکندو رهيو آهيان. منهنجو پهريون ڪتاب آهي "مير معصوم بکري". جيڪو سال ڀر اڳ شايع ٿيو

آهي. ان سڄي عرصي دوران، مان سمجهان ٿو ته اهو ڏينهن خالي نه هو، جڏهن 15_20_25 صفحا نه لکندو هوس.

ٻيو توهان کي ٻڌائي ڇڏيان ته منهنجو ڪو به ڪتاب مڪمل طور لکجڻ کان پوءِ ڇپيو ناهي. مان ڇاڪاڻ ته بنيادي طرح اخبار نويس آهيان، تنهن ڪري لکڻ جي سڄي ڪم لاءِ سلپن جو استعمال رهي ٿو. روازنه مواد سلپن تي لکجي، ۽ اهو پريس ۾ وڃي، شام جو لازمي طور ان جا پروف اچن، تنهن کان پوءِ ٿي وڌيڪ مواد مان لکان. ته انهيءَ نموني مون سمورا ڪتاب لکيا آهن.

س: هن وقت توهان وٽ ڪي تصنيف تاليف هيٺ ڪتاب آهن؟

ج: عرض ڪيم ته ٽن چئن سالن کان ڇَني منهنجي ذهن ۾ ٽي ڪم آهن: خدا موقعو ڏنو ته انهن کي پورو ڪندس. هڪڙو ڪتاب آهي "تاريخ رشيدي" منهنجي هڪڙي مرحوم دوست جي فرمائش آهي ته اهو ڪتاب مان ايڊٽ ڪري شايع ڪيان. خدا توفيق ڏئي، منهنجو اهو هڪڙو فرض آهي، جيڪو ادا ڪرڻو آهي.

س: ان ڪتاب تي ڪيترو ڪم ٿيو آهي ۽ ڪڏهن شايع ٿيڻ کپي؟

ج: ڪم اڃا شروع ڪونه ٿيو آهي. هن ڪتاب جا 5_10 نسخا، جيڪي دنيا جي مختلف هنڌن تي هئا، سي سڀ گڏ ڪري رکيا اٿم، ۽ انهيءَ کي نقط تصحيح ڪري متن تيار ڪرڻو آهي. ۽ اهو ڪم اڃا تائين ان ڪري شروع ڪري نه سگهيو آهيان، جو محنت تمام گهڻي آهي ۽ اها طاقت مان پاڻ ۾ نه ٿو سمجهان. مون نه ڪيو ته انشاءَ الله ڪو ٻيو ڪندو ۽ بهرحال اهو ڪم منهنجي ذهن ۾ آهي.

ٻيو ڪم آهي "پوراني سادات". ٺٽي جا پوراني سيد سنڌ جو تمام وڏو علمي خاندان هو. نصرت نامه ترخان، ان خاندان جي هڪ فرد لکيو آهي. ان سڄي خاندان جو تفصيلي احوال مون گڏ ڪيو آهي. ارادو اٿم ته اهو ڪتاب، جيئن مير معصوم جو لکيو اٿم، لکي پورو ڪيان، ڇاڪاڻ ته اهو منتشر آهي ۽ تمام قيمتي مواد آهي، جو جيڪڏهن گڏ ٿي وڃي ته سنڌ جي تاريخ جو هڪ اهم باب

مڪمل ٿي وڃي. ان خاندان جي علمي اهميت اها آهي، جو ان جو واسطو سينٽرل ايشيا، خراسان ۽ هرات سان آهي. تنهن ڪتاب لاءِ ارادو آهي تہ "سنڌ جي ادبي تاريخ" لکان.

س: توهان سچل جي ميلي تي تازو اها ڳالهہ ڪئي هئي تہ اڪبر جي "دين الاهيءَ" جو تصور خيرپور مان پيدا ٿيو هو.

ج: دين الاهي خيرپور منجهان ڪونہ پيدا ٿيو هو. دين الاهيءَ جي پيٽرن (نهج) تي مولوي محمد صادق راڻيپور واري مير علي نواز کي خوش ڪرڻ ۽ اڪبر جي ڪڙي تي ڪري ڊيڪارڻ لاءِ دين الاهي شروع ڪيو هو ۽ ان جو لٽريچر ۽ ڪتاب وغيرهہ ڇپيا. مير صاحب کي بہ اڪبر بڻايو هئائون. اتي مندر بہ ٺهرايائون. مسجد بہ. هاڻي تازو وڃي ڏٺم تہ اهو سڀ ڪجهہ تباهہ ٿي ويو آهي. باليءَ وارو بنگلو بہ پڇي پري ويو آهي. پر بهرحال دين الاهيءَ جو پيٽرن خيرپور ۾ سوچيو ويو هو.

س: توهان فرمايو تہ اڄ ڪلهہ جا راڳيندڙ ساڳيون ساڳيون ڪافيون ڳائين ٿا ۽ اسان کي ٻڌڻ ۾ آيو آهي تہ توهان وٽ ڪافي جي شاعرن جو تمام وڏو ذخيرو آهي، توهان انهن جو ڪو انتخاب ڇپرايو.

ج: ڪيترا ڪم آءٌ اڪيلي سر ڪري سگهان ٿو؟ ان ۾ ڪو شڪ ڪونهي تہ مان وٽ وڏو ذخيرو آهي، هن لحاظ سان تہ منهنجو ڏاڏو بہ ڳائيندو هو (ڳائيندو هن لحاظ کان نہ هو تہ ڪو پيشہ ور ڳائڻو هو. پر مطلب شوقيہ ڳائيندو هو). بابو مرحوم بهترين ڳائيندڙ هو. منهنجو چاچو پير نورالحق شاهہ سٺو ڳائيندو هو. ڪافيون ۽ بياض وغيرهہ جو ذخيرو ان زماني کان اسان جي گهر ۾ تمام گهڻو هو ۽ اڃا تائين آهي. ڪيترا بياض گم ٿي ويا آهن، ۽ بهرحال ڪجهہ آهن. اسان جي خاندان ۾ گهڻا شاعر ٿي گذريا آهن. جتي اهڙي ثقافتي فضا هوندي آهي، اُتي اهڙا علمي بياض بہ هوندا آهن.

اسان جي خاندان، يعني پيرپاڳاري جي خاندان جي ڪافين جا جيڪي سر آهن، سي منفرد آهن. اُهي لوور سنڌ جي سرن کان مختلف آهن. مثلاً اپر سنڌ جا جيڪي سر آهن، سي جدا آهن، پر

انهن ۾ بہ اسان جي خاندان جا سر البت مختلف بہ ۽ منفرد بہ آهن. تنهن ڪري ڪافين جو تصور، ڪافين جا سر وغيره اهي بہ هر هڪ درگاه يا سلسلي جي لحاظ کان علحده علحده آهن. مثلاً ڪنڊڙيءَ وارن جو فڪر ئي الڳ آهي. رکيل شاه جي سلسلي جي ڳائڻ جو انداز بہ الڳ آهي. سچل جي ميلي تي تازو مون چيو هو تہ شاه لطيف پنهنجي فن ۽ فڪر جي لحاظ سان هڪ مخصوص شخصيت آهي، پر سچل جو باقاعده سلسلو آهي. يعني سچل کان شروع ڪندا تہ ويندي فتح پور تائين پهچندا. پر شاه جو سلسلو ائين ناهي. سچل جو پيغام، سلسلو وغيره طويل ۽ سڄي سنڌ ۾ پکڙيل آهي.

س: هينئر سنڌي راڳ انگريزي طريقي واري جي باري ۾ راءِ ڇا آهي؟

ج: آءٌ خلاف آهيان. انگريزي راڳ جي ڪري ايراني ۽ افغاني راڳ بہ خراب ٿيو آهي. سينيمائن جي ڪري بہ راڳ خراب ٿيو آهي. تڏهن بہ سنڌي ۽ هندي راڳ شاندار آهي.

س: ان جو مطلب اهو نہ آهي تہ جديديت جي خلاف آهيو؟

ج: قومن جون ڪي روايتون ۽ مخصوص عادتون ٿينديون آهن. ان ۾ هر قسم جي اصليت ٿيندي آهي، جنهن ۾ جديديت شامل ڪندو تہ اصليت بہ ويندي هلي. جيئن امدا حسينيءَ چيو تہ هائڪو جپاني آهي، ان جو نالو مون ٽيڙو رکيو آهي. ليڪن جپاني معاشرو جدا آهي. جپان جي تهذيب جدا آهي. مارئي جپان ۾ نہ ٿي اچي سگهي. آزاد نظم بلڪل غلط آهي. جن ايجاد ڪئي جهڙوڪ ن. م راشد وارن، اهي ختم ٿي ويا. اها هميشه لاءِ نہ آهي. پر اها ذهني انتشار جو نشان آهي. ساڳئي نموني تجريدي آرٽ ( Abstract Art) آهي. اهي بئي شيون سمجهہ لائق نہ آهن.

س: پکٽ جي باري ۾ توهان جو ڪهڙو خيال آهي؟

ج: پکٽ جو علمبرادر پکٽ ڪنور رام هو. جيڪو خود وڏو انسان دوست بہ هو. ان کان پوءِ پکٽ ختم ٿي. فن جي لحاظ کان ان جو موت وڏو حادثو هو.

س: پراڻي زماني ۾ ناٽڪ منڊليون هيون. انهن جي باري ۾ ڪجهه ٻڌايو.

ج: ان وقت شهرن ۾ ناٽڪ ٿيندا هئا. ٻهراڙيءَ ۾ گهٽ ٿيندا هئا. شڪارپور ان جو مرڪز هو. آغا صوفيءَ وارا ناٽڪ رچائيندا هئا. پر انهن جو ٻهراڙين ۾ گهٽ اثر هوندو هو. مون پهريون ناٽڪ 1925ع ۾ ڏٺو. ڪراچيءَ واري ڪيپيٽل سينيما ۾، جتي ان وقت ٿيٽر هو.

س: توهان ڪڏهن باقاعده ڪنهن سياسي پارٽيءَ ۾ رهيا؟

ج: بلڪل، ڪانگريس ۾ رهيس ۽ مسلم ليگ ۾ ب. 1940ع ۾ قائداعظم خود مون کي مرڪزي ڪائونسل جو ميمبر، سنڌ جي چئن سيٽن ۾ نامزد ڪيو.

س: توهان سڀ کان اول ڪهڙي مقبري تي تحقيق ڪئي؟

ج: باوجود مسڪين هئڻ جي قدرت ايتري مهرباني ڪئي آهي، جو مشرق جي سيني مشاهيرن جون قبرون ۽ مقبرا ڏٺا اٿم.

س: سير سفر جي لحاظ کان ڪٿي ويا آهيو؟

ج: مشرقي ملڪن کي ڪافي ڏٺو اٿم.

س: ادب ۾ فحاشيءَ جي باري ۾ راءِ؟

ج: اهو رڳو سنڌي ادب جو نه پر سڄي دنيا جو مسئلو آهي. جنسيات منهنجي راءِ ۾ طبي مسئلو آهي. ٻاهرين دنيا ۾ جيڪي ڪجهه ٿي رهيو آهي، ان جو ته اسان تصور به نه ٿا ڪري سگهون. هاڻي ته ٻاهرين ملڪن ۾ اسڪولي سطح کان ٻارن کي جنسيات جي تعليم ڏني پئي وڃي.

س: سنڌي سماج ۾ ڪيتري حد مقرر ڪرڻ کپي؟

ج: هر قوم کي بنيادي حدون ٿين ٿيون. هڪ دائرو وڏيرن ۽ پيرن جو آهي. جنهن ۾ ٻاهران پر ديداري آهي، پر جڏهن اها هتي ٿي ته ان تي اعتراض ٿئي ٿو جنهن کي فحش سڏين ٿا. حقيقت ۾ اها فحاشي نه آهي، پر حقيقت آهي، جنهن کي ظاهر ڪرڻ، سٺو اثر ڪري ٿو. جيئن نورالهدي شاه لکي ٿي. اهي حقيقتون آهن. پر ڪجهه احتياط ڪرڻ کپي. هڪ اهڙي شيءِ جنهن مان اثر وٺي عمل

ڪجي. ٻيو اهو آهي، جنهن ۾ بغاوت ٿئي، ساڳي ڳالهہ ٿوري ڏيمي نموني ڪرڻ سان ڪري سگهجي ٿي. اهو رد عمل آهي.

س: سنڌي ٻوليءَ جو ڪراچيءَ ۾ آئيندي جي باري ۾ ڪهڙو رايو آهي؟

ج: تمام سٺو آهي. جيڪڏهن سنڌي نالو آهي: سنڌ جي تاريخ جو لباس جو ٻوليءَ جو تہ پوءِ اهو ڪم هتي بهتر آهي. ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ سنڌي شعبي ۾، سنڌ يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي کان وڌيڪ شاگرد آهن.

س: ٻوليءَ سان جيڪو معاشي مسئلو منسلڪ آهي، ان لاءِ راءِ.

ج: اردو مان ڏپ نہ ڪرڻ گهرجي. سربراهي سنڌي ٻوليءَ جي رهندي، سنڌي ڪلچر کي ڪو بہ خطرو نہ آهي. اقتصادي طور تي ڪجهہ ٿي سگهي ٿو پر هاڻي مهاجرن تي اثر پيو آهي. هو خود سنڌيءَ ۾ دلچسپي وٺي رهيا آهن. توهان رڳو نعرن ۾ رهجي ويندؤ، ان ڪري نوجوانن کي گڏجي پنهنجي پنهنجي مسئلن تي سوچ ويچار ڪرڻ کپي. باقي خان محمد رڳو پيو علاج ڪرائيندو اهو خيال توهان کي دماغ مان ڪڍي ڇڏڻ کپي تہ سنڌ فقط توهان جي آهي، اهو غلط آهي. ان ڪري اردو وارن کي بہ پنهنجو ڪيو. انهن مان فائدو وٺڻ گهرجي. ويندي رئيس امروهوي کان بہ سنڌ لاءِ ڪم ڪرايو.

س: شاعري وقت توهان جو تصور؟

ج: ڪو بہ نہ صرف خيالي تصور.

س: توهان جي شاعري محفوظ آهي؟

ج: نہ افسانہ اخبارن ۾ ڪجهہ هجن. مضمون البتہ ڪجهہ گڏ ٿيا آهن. جي سنڌ ثقافت ڪاتي طرفان ڇپجن پيا.

س: تنقيد جي باري ۾ راءِ؟

ج: تنقيد، انگريزي، جرمن وغيرهہ مان سڌي طرح فائدو ڪونہ ورتو ويو آهي البتہ سنڌي ادبي سنگت جا ڪلاس بہ هڪ سٺي شيءِ آهي. جڏهن سنڌ يونيورسٽي سنڊيڪيٽ تي آءٌ ڊاڪٽر رضي الدين صديقيءَ جي زماني ۾ هوس، اسان فيصلو ڪيو تہ دنيا جي بهترين

استادن کي سنڌ يونيورسٽي ۾ گهرائي نوجوان تيار ڪجن. انجنيئر گهرائي پليون ٺهرائي سگهجن ٿيون تہ ٻاهرين استادن کان قوم جو ذهن ڇو نہ تيار ڪرائجي؟ پر ان تي اعتراض ٿيو تہ اسان جي نوڪرين تي اهي "ٻاهريان" قبضو ڪندا. پوءِ اهو خيال لاٿو ويو. حالانڪ هاڻي بہ آمريڪا توڙي ايران جهڙن ملڪن ۾ ٻاهرين ملڪن مان استاد گهرايا وڃن ٿا.

س: سنڌي شاعريءَ ۾ ڪهڙي صنف پسند آهي؟

ج: ڪافي ۽ ڏوهيڙو.

س: پسنديده شعرن جو ڪو بياض تيار ڪيو.

ج: ها. انهن مان پسنديده شعر هي آهن.

(1) انهن وهن وٽان لڏ، جنهن جو ناه منهن ملير ڏي
اها ڇانگ ئي ڇڏ، جيڪا ڏڻ کان ڏار هلي.

(2) ڦينهن وسندي سومرا اڄ پڻ پور پيا
پڪا پنهوارن جا سي مون ياد ڪيا
ڏني گهٽا ڏينهڙا مون ٽريچن ٿيا
وسري تا نہ ويا، ڪا ساعت منهنجي ساه کان.

س: ايران ۾ توهان جي ياد ۾ يادگار پٿر لڳايل آهن. اتان جي يونيورسٽين ڊاڪٽوريٽ جي ڊگري بہ ڏني، اتي سنڌي ادب تي ڪم ٿيو آهي؟

ج: انهن جيڪو خود شناسي جو مظاهرو ڪيو تہ ڪين نقصان پهتو. پنهنجي پسگردائي جي ملڪن مان فائدو نہ ورتو. بلڪ يورپ جي اثر قبول ڪيو. نتيجي ۾ تهذيب کي نقصان پهتو.

س: تهذيب، فڪر ۽ علم لاءِ راءِ.

ج: علم، تهذيب ۽ فڪر محدود دائرن ۾ رهي حاصل نہ ڪبو آهي. هر تهذيب ۾ خاميون ۽ خوبيون آهن. اسان جا ڏاڏهو ناني وڏڙهو ناهي رهن ٿا. ان ڪري انهن جو ماحول بہ محدود رهي ٿو. چڱيون شيون حاصل نہ ٿا ڪن. ان ڪري سين سان ملڻ ۽ سکڻ کپي. مون سير ۽ سفر ۾ هر قوم جي اٿڻ وهڻ ۽ گفتگو مان پرايو آهي.

س: اهي شيون تباهه نه ٿينديون، سنڌالاجي کي ڇو نه ٿا ڏيو؟

ج: نه، اهي محفوظ آهن. مرڻ کان پوءِ هونئن ئي سنڌالاجي کي ملنديون.

س: توهان اهڙي وصيت ڪئي آهي؟

ج: ها، مون حسين شاهه راشديءَ کي چٺي ڇڏيو آهي.

س: هيءَ وصيت سمجهڻ کپي؟

ج: ها، اها حسين شاهه کي خبر آهي. ڏاڏا پير شاهه جي نالي ڪارنر اتي نهرائي اٿئون. هينئر به جيڪي ڪم مان ڪتاب نڪرندا آهن، اهي سنڌالاجي کي موڪليندا آهيون. منهنجي دلچسپي سنڌالاجي سان آهي، ڇو ته اها سنڌ يونيورسٽيءَ سان شامل آهي. نيٺ ته درست ٿيندي، اهي ادارا نيٺ ته ٺهندا.

س: ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز لاءِ راءِ.

ج: گهڻي خبر نه آهي پر چڱو ادارو آهي.

س: سنڌ گريجوئيٽس ايسوسئيشن، سنڌي ادبي سنگت!

ج: سگا کي ڪلارڪي ذهنيت جي بجاءِ آزاد ذهن جي ترتيب ڪرڻ گهرجي. هونئن سٺو ادارو آهي. چڱو ڪم ڪري ٿي. البته ڪامورڪي ذهنيت کان ٿورو خوف آهي. سنگت تمام سٺو ڪيو آهي. ان کي زور وٺرايو.

س: سنڌ يونيورسٽي ۽ ڪراچي يونيورسٽيءَ، تاريخ تي ڪو ڪم ڪيو آهي. ان کي زور وٺرايو؟

ج: ڪراچي يونيورسٽي ۾ تمام گهڻو ڪم ٿيو آهي. هڪ پروفيسر رئوف سنڌ جي ساهوارن، ناگن، بلائن تي سڄي پگهار خرچ ڪري وڏي ۾ وڏو ڪم ڪيو آهي.

سنڌ يونيورسٽيءَ جي شاگردن ۽ استادن کي سوچڻ کپي ته گذريل دور ۾ يونيورسٽي بند هئڻ ڪري ڪيترو هنن نقصان سٺو آهي. ان جو ازالو نه ٿو ٿي سگهي. اهو قومي سانحو آهي. ان ڪري

هاڻي سنجيده تي پڙهڻ پروڙڻ، تحقيق، تخليق لاءِ ڪم ڪري، ان جو ازالو ڪرڻ گهرجي.

س: ڪاڌي ۾ پسنديده شيون؟

ج: ڪاڌي ۾ شوررو ۽ ماني وڻندي آهي. پر گوشت ۽ ڪباب به وڻندو آهي.

س: پوشاڪ؟

ج: انگريزي پوشاڪ. جڏهن به انگريزي پوشاڪ ۾ ڏسو ته سمجهو ته تندرست آهيان. جڏهن سلوار قميص پائيندو آهيان ته سستي محسوس ڪندو آهيان. لکڻ وقت به انگريزي لباس پائيندو آهيان.

# سنڌ جي مٽيءَ جي خوشبو

[هي انٽرويو محترم امير بخش حمايتي ڪراچيءَ جي ماهنامه "اديون" لاءِ ورتو ۽ ان ڪي آگسٽ- سپٽمبر، 1981ع واري پرچي ۾ ڇاپيو. غالباً پير صاحب مرحوم جو هي ڪنهن رسالي لاءِ ڏنل آخري انٽرويو آهي]

س: اڄڪلهه جي تعليمي سرشتي مان توهان مطمئن آهيو؟

ج: نه نه، مطمئن ڇا مان سمجهان ٿو ته زندگي ضايع ڪرڻ آهي.

س: اسان جو نوجوان نسل چوي ٿو ته اسان کي وڏن جي ورثي کان اهو تعليمي سرشتو مليو آهي، ان ۾ اسان جو ڏوهه نه آهي.

ج: تعليم جيڪا اسان جي آهي، انهي جي تشڪيل ڪندڙن مان هڪڙو الزام انگريزن تي به آهي ڇا؟ پر انگريزن جي زماني جي پيداوار اسان آهيون. توهان ته انگريزن کان پوءِ ئي پيدا ٿيا. تنهن ڪري تعليم جو موجوده سرشتو ان ۾ ڪو شڪ ڪونهي ته انگريزن، پنهنجي مقصدن خاطر تعليم ڏيارڻ شروع ڪئي، پر ان دور جا استاد، تعليمي ماحول، گهرو ماحول ۽ آبهوا، موجوده دور کان گهڻو بهتر هئا، ۽ ماڻهو فقط استاد وٽ نه پر گهر ۾ به تعليم وٺندو آهي. بزار ۾ وٺندو آهي، شهر ۾ وٺندو آهي، ڳوٺ ۾ وٺندو آهي، اتي وڻيءَ ۾ تعليم آهي، معنيٰ سڄي زندگي حقيقت ۾ تعليم آهي. تنهن ڪري اڳي جنهن زماني ۾ اسان پيدا ٿياسين، مان سمجهان ٿو ته سنڌ جا جيڪي ليڊر هئا، تن ڪو امتحان ته پاس ڪونه ڪيو هو.

س: سائين تاريخ جي وصف جي اسان کي صحيح خبر ڪانهي، پر تاريخ ۾ بادشاهه، امراءَ ۽ وزيرن جو ذڪر آهي، عوام جو ڪونهي!

ج: بلڪل صحيح آهي، ان جو سبب اهو آهي ته اڄ تائين هن صديءَ ۾ يا ان کان اڳ جي عوام کي ڪابه اهميت حاصل نه هئي، مغرب جي اثر جو نتيجو آهي، جو عوام، Masses جنهن کي چيو وڃي ٿو،

ان ۾ بيداري آئي آهي، نہ تہ عوام جي سلسلي ۾ نہ تصور ڪندا هئا نہ گفتگو ڪندا هئا. حقيقت ۾ عوام ڪا شيءِ ئي نہ هو ان ڪري عوام جو ذڪر ئي نہ ڪيو ويو. اهڙين حالتن ۾ جن کي اسان سخت حالتون چئون ٿا، پراڻي هڪڙي ڊارڪ ايجز Dark ages چئون ٿا. ظاهر آهي تہ ان زماني ۾ ڪوبہ ماڻهو لکي نہ پي سگهيو يا چئي نہ پي سگهيو يا ان قسم جي ڪا تحريڪ ٿي نہ پي سگهي. مثلاً جيڪي بہ تحريڪون اسان وٽ پيدا ٿيون آهن، ۽ هر دور ۾ ماڻهو آيا آهن. انهن جدوجهدون ڪيون آهن. پر انهن جو ذڪر تاريخ ۾ ڪونهي. اهڙن ماڻهن کي سخت اذيتون ڏئي ماريو ويو آهي، جڻئن دادوءَ جو بلاول، جنهن لاءِ مشهور آهي تہ کيس گهاڻي ۾ پيڙهايو ويو هو يا دولهہ درياخان وغيرهہ. حقيقت ۾ اهي هئا آزادي جي تحريڪن جا علمبردار. انهي قسم جا ڪيترا ئي ماڻهو رهيا آهن، جن کي تاريخ جاءِ ڪانہ ڏني آهي.

س: سنڌ ۾ ماڻهن ڪيتريون ئي تحريڪون هلايون آهن، پر انهن تحريڪن کي غلط رنگ ڏنو ويو آهي، ڪٿي کين ڦورو تہ ڪٿي ڌاڙيل ڪوٺيو ويو آهي.

ج: مان توهان کي ٻڌايو تہ تاريخ حاڪمن پنهنجي مقصدن ۽ نظرين مطابق لکرائي. ان ۾ هو هنن ماڻهن کي ڪيئن جاءِ ڏيندا يا انهن جي عمل کي صاف ۽ واضح ڪوٺيندا.

س: ڇا، هاڻي ان جي تصحيح يا درستي ٿي آهي؟

ج: توهان کي خبر هئڻ گهرجي تہ سنڌ جي تاريخ جي سلسلي ۾ اڃا ڪابہ شيءِ نہ ٿي آهي. اهو توهان غلط فهميءَ ۾ آهيو تہ سنڌ جي تاريخ تي ڪو ڪم ٿيو آهي. اسان هن وقت جيڪي Source Books آهن انهن مان ڪجهہ ڇپائي سگهيا آهيون. ۽ هاڻي Sources فقط اهي ئي آهن. ۽ انهن تي کوجنا ڪرڻ لاءِ اسان کي گهڻو ڪجهہ ڪرڻو آهي. تہ هاڻي اسان جي سنڌ جي تاريخ يا پاڪستان جي ٻين صوبن جي تاريخ نہ لکي وئي آهي جيئن يورپ

۾ ڪم ٿئي ٿو. مان فقط Source Books کي پنهنجي Notes سان شايع ڪري سگهيو آهيان ۽ انهن سيني ڳالهين ڏانهن اشارا ڪيا اٿم، جن تي لکڻ گهرجي يا جيڪي ظلم ٿيا آهن. انهن ڏانهن مان فقط اشارا ڏنا آهن، تاريخ ڪانہ لکي اٿم.

س: اسان وٽ Source Books (پير صاحب وچ ۾ ڪٽيندي جواب ڏنو).

ج: Source Books توهان وٽ تمام چڱا آهن ۽ اجا بہ ڪيترا ٿي آهن، جن کي شايع ڪري سگهجي ٿو. انهن Source Books جي ڇپجڻ کان پوءِ، نوجوان لکندڙن جي هڪ جماعت هئڻ گهرجي، جن جا ذهن صاف ۽ واضح هجن، جن کي تاريخ لکڻ جي جديد طريقن جي ڄاڻ هجي ۽ ڪين يورپ مان تعليم مليل هجي. حقيقت ۾ اسان وٽ سنڌ ۾ ڪجهہ ڪونهي، ڪو ڏٽي سائين ڪونهي، ڪو رهنما ڪونهي، ڪو صحيح سياسي ليڊر ڪونہ رهيو آهي. جنهن جي دل سڙي ۽ قوم لاءِ ڪم ڪري، اسان کي رهنما گهرجن. هاڻي توهان هندوستان جي قوم کي ڏسو جتي سيد (سر سيد احمد خان) پيدا ٿيو انهيءَ هڪ يونيورسٽي قائم ڪئي ۽ پنهنجي سڄي زندگي ان لاءِ وقف ڪئي. هاڻي توهان ڏسو اهي سڀ عليگڙهہ جا پڙهيل آهن، جيڪي پاڪستان ۾ آيا، سي سڀ اتان جي پيداوار آهن. حالانڪ مولوين چيو تہ ديوبند ۾ مدرسو قائم ڪجي ۽ انگريزن سان ڪو تعلق نہ رکجي. پر سر سيد اينڊڙ وقت جو سوچي انگريزن سان ناهہ ڪيو ۽ يونيورسٽي قائم ڪئي، جيتوڻيڪ ان ۾ سندس تمام گهڻي بدنامي بہ ٿي. پر هن دور انديشي کان ڪم ورتو ۽ جيڪڏهن سرسيد يونيورسٽي نہ ناهي ۽ مسلمانن کي تعليم نہ ڏياري ها تہ جيڪر اڄ هندوستان جا مسلمان Red Indians وانگر هجن ها. جڏهن تہ سنڌ ۾ فقط حسن علي آفندي اهڙو ليڊر پيدا ٿيو. جنهن مدرسو (سنڌ مدرسہ) قائم ڪيو ۽ سنڌين ۾ ڪجهہ تعليم آئي ۽ توهان جيڪي بہ ڪامورا ڏسو ٿا سي سڀ سنڌ مدرسي جي پيداوار آهن. هندن بہ جيڪا ترقي ڪئي. سا تعليم جي ڪري، ۽

هنن تعليمي ادارا قائم ڪيا. جتي يونيورسٽيءَ ۾ توهان پڙهو ٿا سا به هنن ئي قائم ڪئي. اسان جا سنڌي نهايت ئي محنتي ۽ ذهين آهن. اڄڪلهه جي دور ۾ به جيڪي جتي آهن، سي پنهنجي ميدان ۾ ماهر آهن. ذهن اسان وٽ بهترين آهن ۽ ٿي سگهي ٿو ته ٻين کان سٺا آهن، پر ان ذهن کي استعمال ڪرڻ يا رستي تي لڳائڻ به ضروري آهي.

س: توهان جي ڳالهين ۽ خيالن مان معلوم ٿئي ٿو ته سنڌ جي تاريخ جي باري ۾ اوهان جي دل ۾ درد آهي! ته ڇا اهو نه ٿو ٿي سگهي ته اوهان تاريخ بابت ڪا اڪيڊمي قائم ڪيو. جتي يورپ کان تعليم حاصل ڪري نوجوان اچي تحقيق ڪن ۽ انهن Source Books ۽ واضح اشارن تي ڪم ڪري، تاريخ مرتب ڪن.

ج: اڪيڊميون توهان وٽ موجود آهن. مثلاً سنڌي ادبي بورڊ، سنڌالاجي وغيره. نئين اڪيڊمي ناهڻ ڪا سوکي ڳالهه ڪانهي.

س: جيڪڏهن ڪو شاگرد يا اميدوار Line of Action متعين ڪري ٿو ته ان جي گهر وارن پاران Resistance ضرور ڪئي ٿي وڃي. مثال اسان جو ڪو ڇوڪرو فوج ۾ ٿو وڃي ته گهر وارا وڃڻ نه ٿا ڏين، يا ٻاهر وڃڻ چاهي ٿو ته گهر جا ڀاتي روج ۽ راڙو شروع ٿا ڪن، ته ان صورت ۾ نوجوان ڇا ڪري؟

ج: مان توهان کي عرض ڪيو ته ان سلسلي ۾ گهر جو ماحول بيحد ضروري آهي. پر گهر جو ماحول به جيڪڏهن نيڪ ڪونهي ته جن نوجوانن تي اثر پوي ٿو اهو ماحول نيڪ ڪرڻ به انهن نوجوانن جو ڪم آهي.

س: بنا ڪنهن سرپرستيءَ جي يا بنا ڪنهن ڳالهه جي دماغ ۾ ويهڻ کان سواءِ ماڻهو ڪوبه ڪم نه ٿو ڪري سگهي. جيستر ڪنهن کي اهو ٻڌايو نه وڃي ته توهان غلط ڪم ٿا ڪريو. ان وقت تائين هو پنهنجو پاڻ کي درست سمجهندو ۽ غلطيءَ جي نشاندهي ڪرڻ وڏن جو فرض آهي نه ڪي اسان جو؟

ج: مان سمجهان ٿو تہ اڄ جو نوجوان وڌيڪ ذهين آهي ۽ هو پنهنجو نفعو يا نقصان پين جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ بهتر سمجهي سگهي ٿو.

س: سنڌي شاگرد ٻين شاگردن جي ڀيٽ ۾ ايترو آزاد ڪونهي، ٻين دوستن کي فقط پڙهائي ڪرڻي پوي ٿي. ڪين گهر جو ماحول بہ اهڙو ملي ٿو ۽ ڪين ٻيون سهولتون بہ حاصل آهن. پر سنڌي شاگرد کي هڪ تہ پنهنجي طور تي پڙهائي ڪرڻي پوي ٿي، ٻيو تہ ڪيس پنهنجي پڙهائي سان گڏ پنهنجي حقن لاءِ بہ وڙهڻو پوي ٿو. ڇاڪاڻ تہ ٻين شاگردن لاءِ سنڌن اڳواڻ ۽ سنڌن تنظيمون ڪم ڪن ٿيون، پر سنڌي شاگرد پنهنجي قومي حقن لاءِ پاڻ وڙهندو رهي ٿو. ڪيس سنڌن اڳواڻن بجاءِ هٿي ڏيڻ جي نقصان پهچايو آهي.

ج: ان ۾ ڪو شڪ ڪونهي ۽ توهان کي اهي ڏکيائيون آهن. توهان کي تعجب ٿيندو تہ اسان بنا پڙهئي ۽ بنا امتحان ڏني، انهيءَ حد تائين لکڻ پڙهڻ ڪيئن سکيو. ان لاءِ مان عرض ڪيان ٿو تہ اسان کي حالتون ساز گار مليون، ان دور جا بزرگ حالتن کي سمجهي پنهنجي اولاد يا نوجوانن سان هلندا هئا. جنهن ماحول ۽ معاشري ۾ اسان پيدا ٿياسون، ان جون ضرورتون بلڪل مختلف هيون. ان زماني ۾ مثلاً اسان کي ڪا بہ نوڪري جي ضرورت ڪانہ هئي، آمدني جي ضرورت ڪانہ هئي ۽ جيڪي معاشي مسئلا اڄڪلهہ آهن، سي ان دور ۾ ڪونہ هئا. اڳي گوشت ڇئين آني سير ملندو هو ۽ هاڻي چوويهين روپئي بہ نہ ٿو ملي. اڳي اسان سير گوشت لاءِ چار آنا ۽ هاڻي توهان کي چوويهہ روپيہ ڪرڻا پون ٿا. پر هاڻي انهن مشڪلاتن کي آڏو ڏسي ڇڏي نہ ڏبو. سو اڄ يونيورسٽيءَ سطح تي بہ نوجوانن جي ذهني معيار کي رهنمائي ڏيڻ گهرجي. ڀيٽ ڪراچي يونيورسٽي ۽ سنڌ يونيورسٽيءَ جي ڪانهي. ڀيٽ ذهن جي معيار جي آهي. سنڌي نوجوانن جو ذهني معيار اهڙو ناهي. ڪراچي يونيورسٽي جي شاگرد کي اهو فڪر ئي ڪونهي تہ ڪيس نوڪري نہ ملندي يا ڪوٽا سسٽم ڪري پڙهيو ويندو. ڪيس ڪو بہ مسئلو

ڪونهي. سنڌن استاد, وائيس چانسيلر ۽ ٻيو اسٽاف بہ ڀرپور مدد ڪري ٿو. ان ڪري سنڌن يونين جي چونڊن دوران نعرن کي سطحي چئي سگهون ٿا, جيڪي ووٽ وٺڻ لاءِ ڪن ٿا. منهنجي شڪايت اها آهي تہ نوجوان نعرن ۾ ايترو غرق ٿي وڃي ٿو جو تعليم کان منهن موڙي ڇڏي ٿو.

س: وچ ۾ واقعي هڪڙو عرصو اهڙو آيو هو جو سنڌي نوجوان پنهنجي راهہ تان ڀٽڪي ويو هو پر هن هاڻ موٽ کاڌي آهي, پڙهائي ۾ بہ اڳتي وڌيو آهي. توهان ان لاءِ ڇا چوندا؟

ج: بهرحال, هاڻي توهان کي توجه ڏيڻ گهرجي, پنهنجو پاڻ کي ٺاهڻ تي. جيڪڏهن توهان ٺهو ٿا تہ سنڌ ٺهي پوندي. هر ماڻهو اهو سمجهي تہ ڪل جو جز آهي, جڏهن ڪو ڪا شيءِ يا Contribution ڪري ٿو تہ اها ملڪ لاءِ فائدي واري آهي. تنهنڪري هر ماڻهو کي پنهنجي پنهنجي جاءِ تي ڪم ڪرڻ گهرجي. توهان کي مان ٻڌايان تہ مان ايڏو پشيمان ٿيندو آهيان تہ اسان جي نوجواني ائين گذري وئي, سستي ۽ بيڪاري ۾ جيڪو وقت گذري ويو اهو ائين هٿ نہ ٿو اچي ۽ افسوس ٿئي ٿو تہ ڪجهہ نہ ڪيوسين. توهان جو هيءُ وقت نهايت ئي غنيمت ۽ قيمتي آهي. هي دور نهايت ئي خراب آهي, تنهن ڪري توهان کي هڪ اونداهي مستقبل ۾ مقابلو ڪري پنهنجي راهہ پيدا ڪرڻي آهي. پنهنجي لاءِ رستو ۽ آسانيون پيدا ڪرڻيون آهن. توهان ڏسو ٿا تہ سرپرست بہ توهان جي مدد نہ ٿا ڪن, حالتون بہ سازگار ڪونهن, وسيلا بہ توهان جا محدود آهن, تنهنڪري توهان کي پنهنجو رستو پيدا ڪرڻو آهي, توهان کي فيصلو ڪرڻو آهي ۽ پنهنجي واٽ ڳولي لهڻي آهي, دل هاري وهڻو ناهي.

س: توهان مهرباني ڪري اسان کي ڪجهہ نقطا اهڙا ٻڌايو جن کي هن اونداهي دور ۾ لائين آف ايڪشن وٺي اسان اڳتي وڌون.

ج: اها ڪا اهڙي ڳالهہ ڪونهي, جنهن تي هينئر ڪجهہ چئجي. پر مان اهو چوندس تہ توهان کي پنهنجو پاڻ کي مضبوط ڪرڻ ۽ ٺاهڻ ڏي

ڏيان ڏيڻ گهرجي. ٻيو تہ وسيع مطالعو ڪرڻ گهرجي. مختلف زبانون سکو ۽ وقت ضايع نہ ڪيو ۽ تعليم جا جيڪي ڏهہ پندرهن سال آهن، انهن تي توهان جي باقي زندگي جو دارومدار آهي. روز رات جو پنهنجي سڄي ڏينهن جي ڪارڪردگي جو جائزو وٺو تہ اڄ ڪهڙو ڪم اسان ڪيو جيڪو ملڪ ۽ پنهنجي ذات لاءِ ضروري آهي. وقت جي قدر ڪرڻ جي بيحد ضرورت آهي، خاص طور تي سنڌين جو هڪ هڪ منٽ نهايت قيمتي آهي. اسان کي ايڏي فراغت ناهي تہ اڄ ڪم نہ ڪيو تہ پرواهہ نہ آهي يا اسان جا ٻيا چار وڻا آهن، جيڪي اسان کي ڪمائي آڻي ڏيندا، يا پنج پٽ پڙهيل آهن، هڪ نہ پڙهيو تہ پرواهہ نہ آهي. پر اسان جو هڪ هڪ منٽ اهم آهي، توهان جا ذهن صاف، اوچا ۽ سٺا آهن ۽ مطالعو توهان کي وڏيڪ قابل بنائي سگهي ٿو. ذهانت ايندي ۽ فائدو ٿيندو. جن حالتن ۾ اوهان آهيو انهن حالتن ۾ اوهان کي فيصلو ڪرڻو آهي تہ اوهان کي ڇا ٿيڻو آهي؟ جن حالتن ۾ توهان آهيو انهن ۾ توهان جو اولاد ايندو. هاڻي انهن جو مستقبل بہ اوهان کي ناهڻو آهي. ڇاڪاڻ تہ اسان جو وقت ختم ٿي ويو آهي، جنهن مشڪلات ۾ توهان آهيو هاڻي اڳيون وقت ان کان بہ وڌيڪ ڏکيو ايندو ۽ ڪين وڌيڪ مشڪلاتون درپيش اينديون، تنهن ڪري انهن سڀني ڳالهين کي ذهن ۾ رکندي توهان کي هلڻو آهي.

س: توهان فرمايو تہ ڪو اهڙو ادارو هجي،جيڪو سنڌين جي رهنمائي ڪري، پر اسين ٿا سمجهون تہ اهڙي ڪنهن اداري کي مشڪل سان هلڻ ڏنو وڃي!

ج: ڪنهن بہ اداري ناهڻ جي گهرج ڪانهي، پر جيڪڏهن ادارو فلاح ۽ بهبود لاءِ آهي، ۽ ان کي سياسي نعري بازي ۾ آندو نہ وڃي تہ ڪو سبب ناهي، جو ان اداري کي هلڻ نہ ڏنو وڃي. پر اهو هلائيندو ڪير، ان لاءِ روپيہ ڪٿان ايندا، ادارو هلائڻ ڪا معمولي ڳالهہ تہ نہ آهي. مان توهان کي عرض ڪيو تہ اوهان جتي بہ پنج سنڌي آهيو اهو

هڪ ادارو آهي. غيررسمي طرح هت ويٺا آهيون اهو هڪ ادارو آهي. هاڻي هر ماڻهو ادارو آهي، ٻه ماڻهو ادارا آهن. تنهنڪري جتي ٻه ٻه ٽي جڻا گڏجي وهن، اهي فضول گفتگو بدران ڪم جون ۽ عملي ڳالهيون ڪن.

س: شاهه لطيف جي باري ۾ چيو وڃي ٿو ته هو دنيا جو عظيم شاعر آهي. ان ۾ ڪيتري قدر حقيقت ۽ ڪيتري قدر جذباتيت موجود آهي؟

ج: جيتري قدر سنڌي ٻولي جو تعلق آهي ته شاهه کان بهتر شاعر اسان وٽ پيدا نه ٿيو آهي ۽ جيڪي سندس خيال يا فلسفو سندس شعر ۾ بيان ڪيل آهي، سو عالمي آهي ۽ انسان ذات لاءِ آهي. باقي رهيو ته اهو وڏيڪ آهي يا گهٽ اهو مقابلو نه ٿيندو آهي. باقي ڏٺو ويندو آهي ته جنهن ماحول ۽ حالتن ۾ شاهه رهيو انهن کي هن ڪيئن نڀايو ته شاهه واقعي وڏو شاعر آهي. پر سچو ڏيان شاهه تي ڏيڻ، اهي شيون بي وقتيون آهن.

س: محبت يا عشق انسان جي شخصيت جي تعبير ڪن ٿا، ان باري ۾ اوهان جو ڇا خيال آهي؟

ج: عشق لاءِ ضروري ناهي ته عورت سان هئڻ گهرجي، يا جنسي هئڻ گهرجي، پر عشق جو مفهوم آهي، ڪنهن به شيءِ يا عمل سان لڳاءُ. مطلب عشق جو اهو آهي ته ماڻهو ڪنهن نه ڪنهن شيءِ سان دل وندرائيندو آهي، ڪو پڙهڻ سان ڪو گل سان، يا پاڻ کي تعمير ڪرڻ سان.

س: ائين نه ٿا چئي سگهون ته انسان سان عشق يا جنسي عشق هڪ وڏي مقام لاءِ بنياد آهي؟

ج: نه مان ائين نه ٿو سمجهان.

س: معنيٰ ليليٰ مجنون يا سسئي پنهون جا داستان عشق نه ٿيا.

ج: عشق نه ٿيا، پر انهن دنيا لاءِ ڇا ڪيو. مثلاً مجنون زندگي تباهه ڪئي ليليٰ پٺيان يا رانجهي هير لاءِ. پر هنن انسان ذات لاءِ ڇا ڪيو ۽ مان چوان ٿو ته عشق اهو هجي جنهن سان ڪنهن کي فائدو رسي.

س: موجوده دور ۾ توهان ڪهڙي ٻاهرين ليکڪ کان متاثر آهيو جنهن پنهنجي سنڌي ٻوليءَ جي خدمت ڪئي آهي؟

ج: موجوده دور ۾ سنڌي ٻوليءَ جا جيڪي اسان جا هندو ڀارت ۾ آهن، تن وڏيڪ ڪم ڪيو آهي. سچل جو رسالو شاهه جي رسالي جا ٻه ايڊيشن، قاضي قاضن جو ڪلام يا اهڙو ٻيو ڪلاسيڪل ڪم جيڪو سنڌ ۾ به نه ٿيو آهي، سو هو ويچارا ڪري رهيا آهن. غير سنڌين ۾ ڊاڪٽر اينمري شمل آهي، جنهن جرمن، ترڪي، انگريزي ۽ ٻين ٻولين ۾ تمام گهڻو شاهه تي لکيو آهي ۽ افسانن (سنڌي) جي هڪ مجموعي کي جرمنيءَ ۾ ترجمو ڪيو آهي.

س: چيو وڃي ٿو ته هندوستان ۾ سنڌي ٻولي 25 سالن ۽ سنڌ ۾ 100 سالن ۾ ختم ٿي ويندي، ان جي باري ۾ اوهان جو ڇا خيال آهي؟

ج: اهو اڻين چوڻ غلط آهي، ان ۾ ڪو شڪ ڪونهي ته ڀارت ۾ سنڌي ٻوليءَ جو مستقبل خطري ۾ آهي ۽ جيڪو نئون نسل آهي، تنهن جا ڇا لاڙا آهن. في الحال جيڪي هينئر هندوستان ۾ سنڌي ادب لاءِ ڪم ڪري رهيا آهن، تن جون عمريون به پنجاهه سالن جي لڳ ڀڳ آهن ۽ 15 يا 20 سالن ۾ اهي ختم ٿي ويندا. ساڳي ريت سنڌ ۾ به هن وقت جيڪو خراب وقت سنڌي ٻولي تي آيو آهي، اهڙو برو وقت ان کان اڳ ڪڏهن نه آيو آهي، حالانڪ عربي، فارسي ۽ انگريزي سنڌ جون سرڪاري زبانون رهيون آهن ۽ ان دور ۾ سنڌي ٻولي ۽ ادب ترقي ڪئي آهي. هن وقت جيڪي حالتون آهن، سي ان خيال کان وڏيڪ خطرناڪ آهن، جو جنهن دور ۾ عربي يا فارسي سنڌ جون سرڪاري زبانون هيون، ان وقت نه ريڊيو هو نه اخبار هئي نه ٽيليويزن هئي، ذريعو فقط لکڻ پڙهڻ جو هو ۽ ان جو اثر فقط هڪ محدود طبقي تي ٿي پي سگهيو سڄي عوام تي نه. اڄ ٻي.ٻي. سي جي نشريات توهان کي ڏينهن ۾ ٽي ڀيرا ٻڌائجن ٿيون ۽ هڪڙو ڳوڻاٺو ٻڪرار به ان کي اردو ۾ ٻڌي ٿو. هتي ريڊيو ٽي. وي، اخبارون مطلب ته سڀ اردو ۾ آهن، ۽ ماڻهو مجبور ٿي اهو پڙهن ٿا، ۽ ڏسن ٿا

۽ اوهان جي گهرن ۾ بہ هرويرو اردو ڳالهائي وڃي ٿي، ۽ اوهان جا ڪامورا پنهنجي گهرن ۾ اردو ڳالهائين ٿا. پنهنجي ٻارن کي اردو پڙهائين ٿا. اهو ذهن ۾ رکندي تہ شايد ان سان سندن معيشت جا مسئلا حل ٿي ويندا يا فيشن طور تي بہ ڳالهائين ٿا. اهي سڀ اهڃاڻ ٻوليءَ لاءِ نقصان ڪار آهن. هندوستان ۾ جيڪڏهن سنڌي ٻولي کي خطرو آهي تہ اهو ٿيڻو آهي، پر هتي سنڌ ۾ بہ جيڪڏهن اهي حالتون آهن تہ سنڌي جو برقرار رهڻ ڏاڍو ڏکيو آهي. ان کان علاوه توهان جي سنڌي اخبارن جي ٻولي بہ بگڙجندي وڃي ٿي، ڇاڪاڻ تہ اسان جا اخبار نويس اردو اخبارن يا ريڊئي تان خبرون وٺن ٿا. ۽ اردو جا لفظ ۽ فقرا سنڌي اخبارن ۾ خبر لکندي وقت استعمال ڪن ٿا. ۽ ريڊيو تان جيڪا سنڌي نشر ٿئي ٿي، سا بہ ذري گهٽ اردو آهي. هاڻي اها توهان جي ذميداري آهي تہ ريڊئي ۽ ٽيليويزن تي ڪم ڪندڙ عملي جي سستي ۽ ڪم علمي خلاف آواز اٿاريو توهان هلال پاڪستان يا عبرت پڙهو تہ ڏسندا تہ ان ۾ اردو جا تمام گهڻا لفظ استعمال ٿيل نظر ايندا. توهان جو نوجوان افسانہ نگار افسانن جي ڪردارن جا جيڪي نالا لکي ٿو، سي سڀ ڌاريا آهن. توهان انهن تي زور رکو ۽ کين شرم ڏياريو تہ هو ائين ڪرڻ کان پاسو ڪن. اهو انهن جو ذاتي فعل آهي. انهن تي ڪا زبردستي زوري ڪانهي تہ هو ائين ڪن ۽ اديب اها شيءِ شعوري طرح ڪونہ ٿو ڪري، بلڪ اها غير شعوري ٿئي ٿي. توهان کي حقيقت ۾ تمام گهڻو ڪم ڪرڻو آهي. ريڊيو ٽي.وي ۽ اخبارن جي سڌاري لاءِ توجه، پنهنجي تعليم، ملڪي ۽ قومي مسئلا، انهن سڀني ڳالهين ڏانهن توهان کي ڌيان ڏيڻ گهرجي.

س: تاريخ جي حوالي سان مهرباني ڪري اهو ٻڌايو تہ جڏهن بہ ڌارين سنڌ تي ڪاه ڪئي تہ هو محڪوم ٿي ويا، ڪڏهن ائين ڪونہ ٿيو تہ هنن اڳرائي ڪندڙ کي پڇاڙي ڪڍيو هجي. عرب آيا، مغل آيا يا انگريز آيا. تن حڪومت ڪئي، پر عوام پاران ڪڏهن بہ Resistance نہ ٿيو.

ج: عوام پاران هميشه Resistance ٿيو آهي، جڏهن فيروز تغلق حملو ڪيو تہ عوام ۽ حڪومت ڪيس پچائي ڪڍيو ۽ هو دهلي ويو بيو لشڪر وٺڻ. جڏهن هن موٽ ڪاڏي تہ ڪيس ڪڇ جي رڻ جي رستي جي خبر ڪانہ هئي، واٽ تي ڪيس هڪڙو واٽهڙو مليو جنهن ڪان رستي جي پڇا ڪيائون، جنهن ڪيس اهڙو رستو پڌايو جو رڻ ۾ سڄو لشڪر تباه ٿي ويو. فيروز تغلق جڏهن ڪانئس پڇيو تہ تو اهو ائين ڇو ڪيو تہ هن ورائيو تہ "مان هونئن تہ دشمن جو لشڪر تباهہ نہ ڪري پي سگهيس، پر منهنجو قومي فرض آهي تہ توهان جي لشڪر کي تباه ڪريان، هاڻي توهان ڀلي مون کي ماري ڇڏيو." اهو تاريخ جو فقط هڪڙو حوالو آهي. هاڻي اهو ذهن هڪ ماڻهو جو ڪونہ هو بلڪ سڄي قوم جو هو جنهن جي هن نمائندگي ڪئي. ان ڪان علاوهہ جڏهن مغل افغانستان ڪان آيا، تڏهن هنن کي سبي وٽ سنڌين شڪست ڏني. دولهہ درياخان جي قبر تي جيڪڏهن توهان ڏسندا تہ ان تي لکيل آهي "قنڌار ۽ هرات جي مغلن کي شڪست ڏيندڙ". تاريخ لکي ٿي تہ ان جنگ ۾ قنڌار ۽ هرات جي هر گهر ۾ ماتم هو پر جڏهن مغلن ٻيهر حملو ڪيو آهي، تڏهن دولهہ درياخان شهيد ٿيو آهي. دولهہ درياخان جي پٽن، مخدوم بلال، سيد حيدر سنائي ۽ ٻين گهڻن ئي Resist ڪيو آهي. مطلب تہ ان وقت جيءَ حالتن ۽ وسيلن مطابق Resist ڪيو اٿن، ڪاميابي ۽ ناڪامي اها ٻي شيءِ آهي. باقي ٻاهرين خلاف نفرت هميشه رهي آهي، ڪڏهن خاموش طرح تہ ڪڏهن ٻيءَ طرح. هر فاتح جيڪو ٻاهران آيو آهي، سو آخر موٽي ويو آهي. ڪو 100 سال ڪان پوءِ تہ ڪو 50 سال ڪان پوءِ. تنهن ڪان پوءِ بہ جڏهن اسين پاڻ ۾ وڙهيا آهيون، تڏهن ٻئي ڪنهن ڌارئي کي همت يا جرئت ٿي آهي تہ هو ڪاه ڪري. افغانستان جي مغلن بہ اسان جي نااتفاقي جو فائدو ورتو آهي. توڙي هي نئين سياست جو قصو آهي. تنهن ۾ بہ اسان پاڻ ۾ وڙهي هرويرو پاڻ تي مصيبتون آنديون، ۽ قوم هميشه گهرو

فساد سبب تباهه ٿيندي آهي يا ٻاهرين کي تڏهن ئي جرئت ٿيندي آهي، جڏهن گهر ۾ نا اتفاقي هوندي آهي.

س: سنڌ جي اصلوڪي قوم ڪهڙي آهي؟

ج: گهڻن مڪاني ماڻهن فيشن طور ڌارين جا نالا يا ذاتيون رکيون. مثلاً بخاري يا فاروقي وغيره. ڪي ٿورا وڃي رهيا، جن اها ضرورت محسوس نہ ڪئي يا ڪين پنهنجي قوم يا ملڪ سان محبت آهي. اهي سڀ سنڌي آهن، ۽ سيد بابت اوهان کي ٻڌايان تہ سيد سڀ سيد ڪونهن، پر لڏپلاڻ هميشہ ٿيندي رهي آهي.

س: سنڌي نوجوانن مان ڪي پاڻ کي راجا ڏاهر جو اولاد ۽ ڪي محمد بن قاسم جو اولاد سڏين ٿا. ان سلسلي ۾ توهان جي ڪهڙي راءِ آهي؟

ج: اهي ٻئي ڳالهيون بوگس آهن. فضول آهن. محمد بن قاسم سان نسبت ڏيڻ بي وقوفي آهي ۽ راجا ڏاهر جو اولاد ڪوٺائڻ بہ ڪا دانشمندي ڪانهي، ان جي ڪا گهرج ڪانهي.

س: توهان جي لائبريري ۾ اٽڪل ڪيترا ڪتاب هوندا؟

ج: منهنجا 23 هزار ڪتابن جا جلد. جيڪي مان اسلام آباد يونيورسٽيءَ کي وڪرو ڪري ڏنا، جن جي سارسنڀال ڏکيو ڪم هو. انهن کي محفوظ رکڻ لاءِ سنڌ ۽ ڪراچي يونيورسٽي کي ڏيڻ جي ڪوشش ڪيم انهن نہ ورتا. اسلام آباد جي يونيورسٽي، نئين پي ڳُلي، هنن منهنجو سڄو ڪتب خانو خريد ڪيو پر جن ڪتابن جي مون کي گهرج آهي، سي اڄ بہ منهنجي ڪتبخاني ۾ موجود آهن.

س: اوهان اڄڪلهہ ڇا تي تحقيق ڪري رهيا آهيو؟

ج: مان ٻن سالن کان بيماريءَ سبب ڪو ڪم نہ ڪيو آهي. ميرمعصوم بکري منهنجو پويون ڪتاب آهي، هينئر بہ منهنجي ذهن ۾ ٽي چار شيون آهن، جن تي ٿورو ٿورو ڪم ڪري رهيو آهيان. ان کي مڪمل ڪري سگهان يا نہ، ڇئي نہ ٿو سگهان ۽ نہ

وري منهنجي گهر ۾ ڪو اهڙو فرد بہ آهي، جنهن کي ان سان دلچسپي هجي، اهو ئي سبب آهي، جو مون پنهنجا ڪتاب وڪڻي ڇڏيا.

س: سنڌي ادب بابت اوهان جي ڇا راءِ آهي؟

ج: منهنجي آڏو دنيا جا سڀ ادب تہ ڪونهن، پر جيتري قدر پڙهون ٿا تہ مان سمجهان ٿو تہ سنڌ جو اديب جيڪڏهن ڏهہ ويهہ سال ساڳئي روش تي رهيو تہ عجيب ذخيرو پيدا ٿي پوندو ۽ اسان وٽ هاڻي جيڪي افساني جي صورت ۾، نظم جي صورت ۾ شيون آهن، سي تمام قيمتي آهن.

س: سنڌي نوجوان، پراڻي سنڌي موسيقي بدران پاپ ميوزڪ ڏانهن وڌيڪ راغب آهي، توهان جي ان باري ۾ ڇا راءِ آهي؟

ج: بنيادي طرح سان هر قوم، هر ذهن کي پنهنجون روايتون ۽ پنهنجون گهرجون هونديون آهن. پاپ ميوزڪ مان نہ ہڌو آهي. پر پاپ ميوزڪ جنهن ملڪ ۾ ايجاد ٿيو آهي، سو ان ملڪ جي ذهني انتشار جي هڪ نشاني آهي. پاپ ميوزڪ ڪا ڪلاسيڪل ميوزڪ ڪانهي. ائين جيئن تجريدي آرٽ پيدا ڪيو ويو جيڪو پڻ ذهني انتشار جو نمونو آهي. ساڳي ريت ميوزڪ ۾ اهي جيڪي تجربا ڪيا ويا آهن، سي باقي رهندڙ يا دائمي ڪونهن. پاپ ميوزڪ جو [illegible] اينڌو پر ڪو بامقصد ڪونهي ۽ هر غير فطري شيءِ هاڃيڪار ثابت ٿيندي آهي ۽ صدين کان جيڪا ثقافت يا شيءِ هلندي ٿي اچي سو تہ پنهنجو ورثو آهي، ان کي ڇڏڻ تہ ٺيڪ نہ آهي.

س: اوهان جي هن وقت وڏي ۾ وڏي خواهش ڪهڙي آهي؟

ج: ايمانداريءَ سان جي پڇو تہ وڏي ۾ وڏي خواهش اها آهي تہ سنڌ جي نوجوان کي فرحت ۾، ۽ مطمئن ڏسڻ چاهيان ٿو.

س: سنڌ اندر جيڪي ادارا هن وقت ڪم ڪري رهيا آهن. مثلاً سنڌي ادبي بورڊ، سنڌالاجي وغيرهہ. انهن مان اوهان ڪنهن کان متاثر آهيو؟

ج: مان متاثر ڪنهن مان نہ آهيان، متاثر ماڻهو ٿيندو آهي ڪم ڪان، ڪم ڪنهن جو اڇي ٿي ڪونہ ٿو متاثر ڪيئن ٿبو.

س: سائين آخر ۾ سنڌ جي نوجوانن لاءِ ڪو پيغام؟

ج: سنڌ جي نوجوانن لاءِ توهان مون ڪان وڌيڪ سمجهو ٿا، اوهان سان جيڪا گفتگو ٿي آهي، تنهن مان پروڙ پوي ٿي تہ اوهان کي پنهنجي نفعي ۽ نقصان جي خبر آهي، حالتن مطابق اوهان کي فيصلي ڪرڻ جي خبر آهي، تہ ڇا ڪرڻ گهرجي ۽ ڪيئن ڪرڻ گهرجي. پر بنيادي طرح وقت جي پائيندي، مطالعي ۽ مقصد سان، پنهنجي زمين سان محبت، پاڻ کي ناهڻ ڌانهن ڌيان ڏيڻ ۽ پاڻ کي اڪيلو سمجهڻ بنا هڪ وڏي شيءِ جو جزو سمجهڻ ۽ اهو خيال ڪرڻ تہ توهان جي عمل جو نتيجو توهان تائين محدود نہ رهندو بلڪ ان جو سڄي سماج تي اثر پوندو تنهن ڪري توهان کي ڪيئن هلڻ گهرجي، توهان تي ملڪ، زمين، قوم، قبيلي جا ڪهڙا فرض آهن، ان مطابق هلڻ گهرجي. نوجوان لاءِ بيحد ضروري آهي تہ پڙهي ۽ مختلف زبانون سکي، اڄڪلهہ عالمي برادري ايڏي وڏي وئي آهي، جو هڪ زبان سان ڪم ڪو نہ ٿو هلي، تنهن ڪري عالمي زبانن ڌانهن ڌيان ڏيڻ ضروري آهي. انگريزي، فرينچ، جرمن، عربي ۽ فارسي ضرور سکڻ گهرجي. فارسي زبان لاءِ ان ڪري وڌيڪ زور ڏيندس تہ فارسيءَ ۾ ذهني مواد يا سنڌ بابت اوهان کي گهڻو مواد فارسيءَ ۾ ملندو. جيڪڏهن اوهان کي فارسي نہ ايندي تہ ذهني طرح سان اوهان جنهن عشق جي تلاش ۾ آهيو ان لاءِ توهان کي مواد نہ ملندو. اهو سڀ فارسيءَ ۾ آهي. انساني خيال جي نزاڪت اوهان کي فارسي ۾ ملندي. اوهان کي شوق جي لحاظ کان بہ ڪا زبان سکڻ گهرجي. اها نهايت ضروري آهي ۽ ڪتاب پڙهو.

❊

# پڙهندڙ نسُل . پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪَ ”لُڙهندڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندڙُ، ياڙي، ڪاڻُو، ياچوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوُٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌَڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پَڙهندڙ نَسل (پَـنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪـو بـہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهـڙي دعويٰ ڪري ٿـو تـہ پَـڪَ ڄاڻو تـہ اُهـو ڪُـوڙو آهـي. نـہ ئي وري پَـنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪـڏهن ڪـو اهـڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بِہ ڪُوڙو آهي.

جَهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پَڙهندڙ نَسُل وارا پَـنَ بہ مختَلِف آهـن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهنـدڙ، سُست ۽ پڙهنـدڙ يا وِڙهنـدڙ ۽ پڙهنـدڙ بـہ ٿـي سگهن ٿـا. بيـن لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصيِ ۽ ٽالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نـہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تـہ پَـنَ جا سڀ ڪَـم ڪـار سَـهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پـر ممڪـن آهـي تـہ ڪـي ڪـم اُجرتـي بنيـادن تـي بـہ ٿِيـن. اهـڙي حالت ۾ پَـنَ پاڻ هِـڪَـبِئي جي مـدد ڪَـرڻ جـي اُصـولَ هيـٺ ڏي وَٺُ ڪنـدا ۽ غيرتجـارتي non-commercial رهنـدا. پَـنَ پـاران ڪتـابن ڪـي ڊِجيٽـائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪـو بـہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪـرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پـو ٻيـو اهـم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مـان جيڪـڏهن ڪـو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَـنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکَڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن ڄاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اٽڪلاٽائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اٽڪاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بڻائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پَڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، چالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوٺ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽتر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

> وڻ وڻ کي مون ياڪِي پائي چيو تہ ”منهنجا ياءُ
> پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
> ـ اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)